اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُوَفِّيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ وَ

ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا تن پورو ڏيندو انهن کي سندن اجورا ۽

يَزِيْدُهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ۚ وَاَمَّا الَّذِيْنَ اسْتَنْكَفُوْا وَ

وڌائي ڏيندو انهن کي پنهنجي مهرباني مان ۽ جن نفرت ڪئي ۽

اسْتَكْبَرُوْا فَيُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ ﴿۱۷۳﴾ وَّلَا يَجِدُوْنَ

آڪڙ ڪئي پوءِ عذاب ڏيندو انهن کي عذاب دردناڪ. ۽ نه لهندا

لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿۱۷۴﴾ يٰۤاَيُّهَا

پاڻ لاءِ الله کان سواءِ ڪوئي مددگار ۽ نه پنيرائي ڪندڙ. اي

وقف لازم

ع ۲۳/۹/۲

النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمْ بُرْهَانٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَاَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ
اي ماڻهو! پهچي ويو توهان وٽ دليل توهان جي رب کان ۽ لاٿي سي توهان تي

نُوْرًا مُّبِيْنًا ﴿١٧٥﴾ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَاعْتَصَمُوْا بِهٖ
روشني پڌري. پوءِ جن ايمان آندو الله تي ۽ چنبڙيا ان کي

فَسَيُدْخِلُهُمْ فِيْ رَحْمَةٍ مِّنْهُ وَفَضْلٍ وَّيَهْدِيْهِمْ
ته جلد داخل ڪندو انهن کي رحمت پنهنجي ۾ مهرباني ۾ ۽ ڏيکاريندو انهن کي

اِلَيْهِ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ﴿١٧٦﴾ يَسْتَفْتُوْنَكَ ۭ قُلِ اللّٰهُ
پاڻ ڏانهن رستو سڌو. فتويٰ پڇن ٿا توکان، چئو الله

يُفْتِيْكُمْ فِي الْكَلٰلَةِ ۭ اِنِ امْرُؤٌا هَلَكَ لَيْسَ لَهٗ
حڪم ڏئي ٿو توهان کي نيٺي آڌر ۾، ته جيڪڏهن ڪو مرد مري پوي جو ناهي ان کي

وَلَدٌ وَّلَهٗٓ اُخْتٌ فَلَهَا نِصْفُ مَا تَرَكَ ۚ وَهُوَ
اولاد ۽ ان کي ڀيڻ آهي ته ان لاءِ آهي اڌ ڇڏيل مال جو، ۽ اهو

يَرِثُهَآ اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّهَا وَلَدٌ ۭ فَاِنْ كَانَتَا اثْنَتَيْنِ
وارث ٿيندو ڀيڻ جو جي نه آهي ان کي اولاد، پر جيڪڏهن هجن ٻه ڀينر

فَلَهُمَا الثُّلُثٰنِ مِمَّا تَرَكَ ۭ وَاِنْ كَانُوْٓا اِخْوَةً رِّجَالًا
ته انهن لاءِ آهي ٻه ٽهايون ان مان جو ڇڏيائين، ۽ جيڪڏهن ان جي برادر مرد

وَّنِسَاۗءً فَلِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ الْاُنْثَيَيْنِ ۭ يُبَيِّنُ
۽ عورتون آهن ته مرد لاءِ آهي جيترو پاڱو ٻن عورتن جو، بيان ڪري ٿو

اللّٰهُ لَكُمْ اَنْ تَضِلُّوْاؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِیْمٌ ﴿۱۷۶﴾

الله توهان لاءِ متان گمراهه ٿيو، ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

سُوْرَةُ الْمَآئِدَةِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مِائَةٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً وَّسِتَّ عَشَرَ رُكُوْعًا

سورت مائده مدني آهي ۽ ان ۾ هڪ سؤ ويهه آيتون ۽ سورهن رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِؕ اُحِلَّتْ

اي ايمان وارو! پورو ڪريو وعدن کي، حلال ڪيو ويو

لَكُمْ بَهِيْمَةُ الْاَنْعَامِ اِلَّا مَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ غَيْرَ

توهان لاءِ چوپايو مال مگر اهي جيڪي پڙهيا ويندا توهان کي نه

مُحِلِّى الصَّيْدِ وَاَنْتُمْ حُرُمٌؕ اِنَّ اللّٰهَ يَحْكُمُ مَا

حلال سمجهو شڪار کي جو توهان هجو احرام ۾، بيشڪ الله حڪم ڪري ٿو جيڪي

يُرِيْدُ ﴿۱﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحِلُّوْا شَعَآئِرَ اللّٰهِ

گهري ٿو. اي ايمان وارو! نه بي حرمتي ڪريو الله جي نشانين جي

وَلَا الشَّهْرَ الْحَرَامَ وَلَا الْهَدْیَ وَلَا الْقَلَآئِدَ

۽ نه مهيني عزت واري جي ۽ نه خيرات واري جانورن جي ۽ نه حرم لاءِ ڳانين پٽل جانورن جي

وَلَاۤ آٰمِّيْنَ الْبَيْتَ الْحَرَامَ يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنْ

۽ نه انهن کي قصد ڪري ايندڙن جي عزت واري گهر ڏانهن جيڪي گهرن ٿا فضل کي

رَبِّهِمْ وَرِضْوَانًا ۚ وَإِذَا حَلَلْتُمْ فَاصْطَادُوا ۚ وَلَا
پنهنجي رب کان ۽ رضامنديءَ جي ۽ جڏهن لاهيو احرام ته پوءِ شڪار ڪريو. ۽ نه

يَجْرِمَنَّكُمْ شَنَآنُ قَوْمٍ أَنْ صَدُّوكُمْ عَنِ الْمَسْجِدِ
اُڀاري اوهان کي دشمني ماڻهن جي جو روڪيو هئائون توهان کي مسجد

الْحَرَامِ أَنْ تَعْتَدُوا ۘ وَتَعَاوَنُوا عَلَى الْبِرِّ وَالتَّقْوَىٰ ۖ
الحرام کان ته ظلم ڪريو. ۽ مدد ڪريو هڪ ٻئي جي چڱائي ۽ پرهيزگاري تي

وقف لازم

وَلَا تَعَاوَنُوا عَلَى الْإِثْمِ وَالْعُدْوَانِ ۚ وَاتَّقُوا اللَّهَ ۖ
۽ نه مدد ڪريو گناه ۽ ظلم تي ۽ ڊڄو الله کان،

إِنَّ اللَّهَ شَدِيدُ الْعِقَابِ ﴿٢﴾ حُرِّمَتْ عَلَيْكُمُ
بيشڪ الله سخت عذاب ڏيندڙ آهي. حرام ڪيو ويو توهان تي

الربع

الْمَيْتَةُ وَالدَّمُ وَلَحْمُ الْخِنْزِيرِ وَمَا أُهِلَّ لِغَيْرِ
مُئل ۽ رتُ ۽ گوشت سوئر جو ۽ اهو جو پُڪاريو ويو غيرُ

اللَّهِ بِهِ وَالْمُنْخَنِقَةُ وَالْمَوْقُوذَةُ وَالْمُتَرَدِّيَةُ وَ
الله لاءِ اُن تي ۽ گُهٽجي پوندڙ ۽ ڌڪ لڳل ۽ مٿان ڪري پوندڙ ۽

النَّطِيحَةُ وَمَا أَكَلَ السَّبُعُ إِلَّا مَا ذَكَّيْتُمْ وَمَا
سڱ لڳل ۽ اهو جنهن کي کاڌو ڦاڙيندڙ مگر جنهن کي ڪُهي وڃو، ۽ جو

ذُبِحَ عَلَى النُّصُبِ وَأَنْ تَسْتَقْسِمُوا بِالْأَزْلَامِ ۚ
ڪُٺو ويو ٿانن آستانن تي ۽ هي جو ڀاڱا ورهايو وڃو توهان تيرن سان،

ذٰلِكُمْ فِسْقٌ ؕ اَلْيَوْمَ يَئِسَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ
اهو اٿوَ گناهه، اڄ آسرو لاٿو ڪافرن
دِيْنِكُمْ فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَاخْشَوْنِ ؕ اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ
توهان جي دين کان، پوءِ نه ڊڄو انهن کان ۽ ڊڄو مون کان، اڄ ڪامل ڪيم
لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ
توهان لاءِ دين توهان جو ۽ پوري ڪيم توهان تي پنهنجي مهرباني ۽ پسند ڪيم
لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا ؕ فَمَنِ اضْطُرَّ فِيْ مَخْمَصَةٍ
توهان لاءِ اسلام کي دين ڪري، پوءِ جيڪو لاچار ٿيو بک ۾
غَيْرَ مُتَجَانِفٍ لِّاِثْمٍ ۙ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۳﴾
تاهي لاڙو ڪندڙ گناهه لاءِ پوءِ الله بخشڻهار مهربان آهي.
يَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَاۤ اُحِلَّ لَهُمْ ؕ قُلْ اُحِلَّ لَكُمُ
پڇيا ٿا ڪن توکان ته ڪهڙي شيءِ حلال آهي انهن لاءِ. چؤ حلال ڪيون ويون توهان لاءِ
الطَّيِّبٰتُ ۙ وَمَا عَلَّمْتُمْ مِّنَ الْجَوَارِحِ مُكَلِّبِيْنَ
سُٺيون شيون ۽ جيڪي سيکاريا اٿوَ شڪاري جانور شڪار پٺيان لائڻ لاءِ
تُعَلِّمُوْنَهُنَّ مِمَّا عَلَّمَكُمُ اللّٰهُ ؗ فَكُلُوْا مِمَّاۤ اَمْسَكْنَ
توهان سکيا ڏني آهي انهن کي ان مان جيڪي سيکاريو توهان کي الله پوءِ کائو ان مان جيڪي وٺي جهلن
عَلَيْكُمْ وَاذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهِ ۪ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ
توهان لاءِ ۽ پڙهو نالو الله جو ان تي ۽ ڊڄو الله کان،

إِنَّ اللّٰهَ سَرِيعُ الْحِسَابِ ﴿۴﴾ اَلْيَوْمَ اُحِلَّ لَكُمُ

بيشڪ الله جلدو ڳڻندڙ آهي حساب . اڄ حلال ٿيون توهان لاءِ

الطَّيِّبٰتُ ؕ وَطَعَامُ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ حِلٌّ لَّكُمْ ۪

سٺيون شيون ، ۽ کاڌي اهل ڪتاب جي حلال آهي توهان لاءِ

وَطَعَامُكُمْ حِلٌّ لَّهُمْ ۫ وَالْمُحْصَنٰتُ مِنَ الْمُؤْمِنٰتِ

۽ کاڌي اوهان جي حلال آهي انهن لاءِ ۽ پڻ پاڪدامن مسلمان عورتون

وَالْمُحْصَنٰتُ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ

۽ پاڪدامن عورتون انهن جون جن کي ڏنو ويو ڪتاب توهان کان اڳ

اِذَاۤ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ مُحْصِنِيْنَ غَيْرَ مُسٰفِحِيْنَ

جڏهن ڏيو توهان انهن کي سندن مهر شادي ڪندڙ ٿي نه زنا ڪندڙ ٿي

وَلَا مُتَّخِذِيْۤ اَخْدَانٍ ؕ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِالْاِيْمَانِ

۽ نه وٺندڙ لڪل يار ، ۽ جيڪو ڪفر ڪندو شريعت جو

ع ۱ ۵ ۵ فَقَدْ حَبِطَ عَمَلُهٗ ۫ وَهُوَ فِى الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۵﴾

ته ضايع ٿيندو عمل انهي جو ۽ اهو آخرت ۾ ٿيندو نقصان وارن مان .

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا قُمْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ

اي ايمان وارو! جڏهن اٿو نماز تي

فَاغْسِلُوْا وُجُوْهَكُمْ وَاَيْدِيَكُمْ اِلَى الْمَرَافِقِ وَ

ته ڌوئو پنهن جا منهن ۽ پنهنجا هٿ ٺوٺين تائين ۽

امْسَحُوْا بِرُءُوْسِكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ اِلَى الْكَعْبَيْنِ ؕ وَاِنْ

مَسَحُ ڪريو پنهنجي مٿن جي ۽ ڏڪو پنهنجا پير پيڏين تائين ، ۽ جيڪڏهن

كُنْتُمْ جُنُبًا فَاطَّهَّرُوْا ؕ وَاِنْ كُنْتُمْ مَّرْضٰۤى اَوْ عَلٰى

هجو توهان تڙسان ته غسل ڪريو ، ۽ جيڪڏهن آهيو بيمار يا (آهيو)

سَفَرٍ اَوْ جَآءَ اَحَدٌ مِّنْكُمْ مِّنَ الْغَآئِطِ اَوْ لٰمَسْتُمُ

سفر تي يا آيو ڪوئي توهان مان پائخاني کان يا ميلاپ ڪيو اٿو

النِّسَآءَ فَلَمْ تَجِدُوْا مَآءً فَتَيَمَّمُوْا صَعِيْدًا طَيِّبًا

عورتن سان پوءِ نه تا لهو پاڻي ته ارادو ڪيو مٽيءَ پاڪ جو

فَامْسَحُوْا بِوُجُوْهِكُمْ وَاَيْدِيْكُمْ مِّنْهُ ؕ مَا يُرِيْدُ

پوءِ مسح ڪريو پنهنجن منهن کي ۽ پنهنجن هٿن کي انهيءَ مان ، نه تو گهري

اللّٰهُ لِيَجْعَلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ حَرَجٍ وَّلٰكِنْ يُّرِيْدُ

الله ته ڪري توهان تي ڪا تنگي ۽ پر چاهي ٿو

لِيُطَهِّرَكُمْ وَلِيُتِمَّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكُمْ لَعَلَّكُمْ

ته پاڪ ڪري توهان کي ۽ پوري ڪري نعمت پنهنجي توهان تي من توهان

تَشْكُرُوْنَ ﴿٦﴾ وَاذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَمِيْثَاقَهُ

شڪر ڪريو . ۽ ياد ڪريو نعمت الله جي پاڻ تي ۽ سندس انجام

الَّذِيْ وَاثَقَكُمْ بِهٖۤ ۙ اِذْ قُلْتُمْ سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا ؗ وَ

جو ٻڌائين توهان سان ان کي جڏهن چيو توهان ٻڌوسون ۽ مڃيوسون ۽

Al - Qura'n Al-Kareen By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

اتَّقُوا اللّٰهَ ۗ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٧﴾
ڊڄو الله کان، بيشڪ الله ڄاڻندڙ آهي سان دلين جي ڪي.
يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْا قَوّٰمِيْنَ لِلّٰهِ شُهَدَآءَ
اي ايمان وارو! هجو بيهندڙ الله خاطر شاهدي ڏيندڙ
بِالْقِسْطِ ۡ وَلَا يَجْرِمَنَّكُمْ شَنَاٰنُ قَوْمٍ عَلٰۤى اَلَّا
انصاف سان، ۽ نه اُڀاري توهان کي دشمني ماڻهن جي هن تي جو نه
تَعْدِلُوْا ۗ اِعْدِلُوْا ۫ هُوَ اَقْرَبُ لِلتَّقْوٰى ۡ وَاتَّقُوا
عدل ڪريو، انصاف ڪريو، اهوئي وڌيڪ ويجهو آهي پرهيزگاري کي ۽ ڊڄو
اللّٰهَ ۗ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿٨﴾ وَعَدَ اللّٰهُ
الله کان، بيشڪ الله خبر رکندڙ آهي جيڪي توهان ڪريو ٿا. وعدو ڪيو آهي الله
الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ
انهن سان جن ايمان آندو ۽ ڪيا ڪم چڱا ته انهن لاءِ بخشش ۽
اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿٩﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَاۤ
ثواب وڏو آهي. ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ ڪوڙ ڪيو اسان جي آيتن کي
اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿١٠﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا
اُهي دوزخي آهن. اي ايمان وارو!
اذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ هَمَّ قَوْمٌ اَنْ يَّبْسُطُوْۤا
ياد ڪريو مهرباني الله جي پاڻ تي جڏهن خيال ڪيو ڪن ماڻهن ته ڊگها ڪن

إِلَيْكُمْ أَيْدِيَهُمْ فَكَفَّ أَيْدِيَهُمْ عَنكُمْ ۖ وَاتَّقُوا

توهان ڏانهن هٿ پنهنجا ته هن روڪيائين هٿ انهن جا توهان کان ۽ ڊڄو

اللَّهَ ۚ وَعَلَى اللَّهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُونَ ﴿١١﴾ وَلَقَدْ ع ٢ ٦

الله کان، ۽ الله تي ڀل ته ڀروسو ڪن ايمان وارا. ۽ بيشڪ

أَخَذَ اللَّهُ مِيثَاقَ بَنِي إِسْرَائِيلَ وَبَعَثْنَا مِنْهُمُ

ورتو الله وعدو بني اسرائيل کان، ۽ اُٿاريا سون انهن مان

اثْنَيْ عَشَرَ نَقِيبًا ۖ وَقَالَ اللَّهُ إِنِّي مَعَكُمْ ۖ لَئِنْ

ٻارهن اڳواڻ، ۽ فرمايو الله آءٌ توهان سان گڏ آهيان جيڪڏهن

أَقَمْتُمُ الصَّلَاةَ وَآتَيْتُمُ الزَّكَاةَ وَآمَنتُم بِرُسُلِي

توهان سنئين پڙهندؤ نماز ۽ ادا ڪندؤ زڪوات ۽ يقين ڪندؤ منهنجي رسولن تي

وَعَزَّرْتُمُوهُمْ وَأَقْرَضْتُمُ اللَّهَ قَرْضًا حَسَنًا

۽ مدد ڪندؤ انهن جي ۽ قرض ڏيندؤ الله کي قرض سهڻو

لَّأُكَفِّرَنَّ عَنكُمْ سَيِّئَاتِكُمْ وَلَأُدْخِلَنَّكُمْ جَنَّاتٍ

ته ضرور ميٽيندس توهان کان مدايون توهان جون ۽ ضرور داخل ڪندس توهان کي باغن ۾

تَجْرِي مِن تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ ۚ فَمَن كَفَرَ بَعْدَ ذَٰلِكَ

وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون، جنهن ڪفر ڪيو ان کان پوءِ

مِنكُمْ فَقَدْ ضَلَّ سَوَاءَ السَّبِيلِ ﴿١٢﴾ فَبِمَا نَقْضِهِم

توهان مان ته بيشڪ گمراهه ٿيو سڌي رستي کان. پوءِ هن ڪري جو ڀڳو انهن

مِّيْثَاقَهُمْ لَعَنّٰهُمْ وَجَعَلْنَا قُلُوْبَهُمْ قٰسِيَةً ۚ

وعدو ڀڃڻ سببان لعنت ڪئي سون انهن تي ۽ اسان ڪيون دليون انهن جون سخت،

يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ عَنْ مَّوَاضِعِهٖ ۙ وَنَسُوْا حَظًّا مِّمَّا

ڦيرائين ٿا لفظ پنهنجي جاين کان ۽ وساريائون ڀاڱو انهي مان

ذُكِّرُوْا بِهٖ ۚ وَلَا تَزَالُ تَطَّلِعُ عَلٰى خَآئِنَةٍ مِّنْهُمْ

جنهن سان نصيحت ڪيا ويا ۽ هميشه تون واقف ٿيندو رهندين خيانت انهن جي تي

اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ فَاعْفُ عَنْهُمْ وَاصْفَحْ ۗ اِنَّ

مگر ٿورا انهن مان پوءِ معاف ڪر انهن کي ۽ مُنهن ورچ، بيشڪ

اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٣﴾ وَمِنَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا

الله پسند ڪري ٿو چڱائي ڪندڙن کي. ۽ انهن مان جن چيو

اِنَّا نَصٰرٰٓى اَخَذْنَا مِيْثَاقَهُمْ فَنَسُوْا حَظًّا مِّمَّا

اسان نصارا آهيون ورتوسون انجام انهن کان پوءِ وساريائون ڀاڱو انهيءَ مان

ذُكِّرُوْا بِهٖ ۠ فَاَغْرَيْنَا بَيْنَهُمُ الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَآءَ

نصيحت ڪيا ويا جنهن سان پوءِ وڌي سون انهن جي وچ ۾ دشمني ۽ نفرت

اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۗ وَسَوْفَ يُنَبِّئُهُمُ اللّٰهُ بِمَا كَانُوْا

ڏينهن قيامت تائين، ۽ جلد ٻڌائيندو انهن کي الله جيڪي هئا

يَصْنَعُوْنَ ﴿١٤﴾ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ قَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلُنَا

ڪندا. اي اهل ڪتاب يقين آيو توهان وٽ اسان جو رسول

يُبَيِّنُ لَكُمْ كَثِيْرًا مِّمَّا كُنْتُمْ تُخْفُوْنَ مِنَ الْكِتٰبِ

جو ظاهر ڪري ٿو توهان لاءِ ڪيترين شين انهن مان جي توهان لڪائيندا هئا ڪتاب مان

وَيَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ ۬ قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّ

۽ ڇڏي ٿو ڪيترين کي، بيشڪ آئي توهان وٽ الله کان روشني ۽

كِتٰبٌ مُّبِيْنٌ ۙ ﴿١٥﴾ يَّهْدِيْ بِهِ اللّٰهُ مَنِ اتَّبَعَ رِضْوَانَهٗ

ڪتاب پڌرو. ڏيکاري ٿو انهيءَ سان الله انهن کي جيڪي هليا سندس رضا تي

سُبُلَ السَّلٰمِ وَيُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ

رستا سلامتيءَ جا ۽ ڪڍي ٿو انهن کي اونداهين مان روشني ڏانهن

بِاِذْنِهٖ وَيَهْدِيْهِمْ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٦﴾ لَقَدْ

پنهنجي ارادي سان ۽ هلائي ٿو انهن کي راهه سڌيءَ تي. يقينن

كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ ؕ

آهي ڪافر ٿيا جن چيو ته الله آهوئي مسيح بن مريم آهي،

قُلْ فَمَنْ يَّمْلِكُ مِنَ اللّٰهِ شَيْئًا اِنْ اَرَادَ اَنْ

تون چئو ته پوءِ ڪير ٿو رکي الله جي طرفان ڪا شيءِ جيڪڏهن اهو گهري ته

يُّهْلِكَ الْمَسِيْحَ ابْنَ مَرْيَمَ وَاُمَّهٗ وَمَنْ فِى الْاَرْضِ

هلاڪ ڪري مسيح بن مريم کي ۽ ان جي ماءُ کي ۽ جيڪي به آهن زمين ۾

جَمِيْعًا ؕ وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا

سمورا، ۽ الله جي لاءِ آهي بادشاهي آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي

Al - Qura'n Al-Kareen By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

بَيْنَهُمَا ؕ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ
انهن جي وچ ۾ آهي، پيدا ڪري ٿو جيڪي چاهي، ۽ الله هر شيء تي
قَدِيْرٌ ﴿١٧﴾ وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ وَالنَّصٰرٰى نَحْنُ اَبْنٰٓؤُا
قادر آهي. ۽ چيو يهودين ۽ نصارن ته اسين آهيون پٽ
اللّٰهِ وَاَحِبَّآؤُهٗ ؕ قُلْ فَلِمَ يُعَذِّبُكُمْ بِذُنُوْبِكُمْ ؕ
الله جا ۽ پيارا آهيون ان جا، چئو ته پوءِ ڇو ٿو عذاب ڪري توهان کي اوهان جي ڏوهن ڪري،
بَلْ اَنْتُمْ بَشَرٌ مِّمَّنْ خَلَقَ ؕ يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ
نه پر اوهين ماڻهو آهيو انهن مان جيڪي پيدا ڪيائين، بخشي ٿو جنهن کي چاهي ۽
يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ
عذاب ڪري ٿو جنهن کي چاهي، ۽ الله لاءِ بادشاهي آهي آسمانن ۽
الْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۡ وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ﴿١٨﴾ يٰۤاَهْلَ
زمين جي ۽ جيڪي انهن ۾ آهي ۽ انهيءَ ڏانهن ئي موٽڻو آهي. اي اهل
الْكِتٰبِ قَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلُنَا يُبَيِّنُ لَكُمْ عَلٰى فَتْرَةٍ
ڪتاب بيشڪ آيو اوهان وٽ اسان جو رسول جو هدايت ڪري ٿو توهان کي بند ٿيڻ
مِّنَ الرُّسُلِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا جَآءَنَا مِنْۢ بَشِيْرٍ وَّ
رسولن جي وقت متان چئو ته نه آيو اسان ڏانهن ڪوئي خوشخبري ڏيندڙ ۽
لَا نَذِيْرٍ ؗ فَقَدْ جَآءَكُمْ بَشِيْرٌ وَّنَذِيْرٌ ؕ وَاللّٰهُ
نه ڊيڄاريندڙ، پوءِ اچي ويو آهي توهان وٽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ، ۽ الله

عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٩﴾ وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ ع ٣ ٨ ٧
هر شيءِ تي قادر آهي. ۽ جڏهن چيو موسىٰ پنهنجي قوم کي
يٰقَوْمِ اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ جَعَلَ فِيْكُمْ
اي منهنجي قوم! ياد ڪريو مهرباني الله جي پاڻ تي جڏهن پيدا ڪيائين توهان ۾
اَنْۢبِيَآءَ وَجَعَلَكُمْ مُّلُوْكًا ۖۗ وَّاٰتٰىكُمْ مَّا لَمْ يُؤْتِ اَحَدًا
انبياءَ ۽ ڪيائين توهان کي بادشاهه ۽ ڏنائين توهان کي اهو جو نه ڏنائين ڪنهين کي
مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٠﴾ يٰقَوْمِ ادْخُلُوا الْاَرْضَ الْمُقَدَّسَةَ
جهانن مان. اي منهنجي قوم داخل ٿيو زمين پاڪ ۾
الَّتِيْ كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ وَلَا تَرْتَدُّوْا عَلٰٓى اَدْبَارِكُمْ
جا لکي آهي الله توهان جي لاءِ ۽ نه ڦري وڃو پنهنجين پٺين تي
فَتَنْقَلِبُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿٢١﴾ قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِنَّ فِيْهَا
پوءِ ٿي پوندؤ نقصان وارا. چيائون اي موسىٰ! بيشڪ اُتي
قَوْمًا جَبَّارِيْنَ ۖ وَاِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَا حَتّٰى يَخْرُجُوْا
قوم آهي زبردست، ۽ اسان اصل نه گهڙنداسون اُتي تان جو اهي نڪري وڃن
مِنْهَا ۚ فَاِنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَا فَاِنَّا دٰخِلُوْنَ ﴿٢٢﴾ قَالَ
ان مان، پوءِ جيڪڏهن نڪرندا اُتان پوءِ اسان داخل ٿينداسون. چيو
رَجُلٰنِ مِنَ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمَا
ٻن جڻن انهن مان جيڪي ڊڄڻ پيا جو مهرباني ڪئي هئي الله انهن متان

ادْخُلُوا عَلَيْهِمُ الْبَابَ ۚ فَإِذَا دَخَلْتُمُوهُ فَإِنَّكُمْ

ته توهان گھڙي پئو انهن تي دروازي کان، پوءِ جڏهن داخل ٿيندؤ ان ۾ ته يقينن توهان

غٰلِبُوْنَ ۚ ۵ وَعَلَى اللّٰهِ فَتَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ

غالب ٿيندؤ، ۽ الله تي ڀروسو ڪريو جيڪڏهن آهيو اوهين

مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٢٣﴾ قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَآ اَبَدًا

مؤمن. چيائون اي موسىٰ اسان هرگز نه وينداسون اتي ڪڏهن به

مَّا دَامُوْا فِيْهَا فَاذْهَبْ اَنْتَ وَرَبُّكَ فَقَاتِلَآ اِنَّا

جيستائين اهي هوندا ان ۾ پوءِ وڃ تون ۽ تنهنجو رب پوءِ ٻئي وڃي لڙو اسان

هٰهُنَا قٰعِدُوْنَ ﴿٢٤﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّيْ لَآ اَمْلِكُ اِلَّا

هتي ئي ويٺا آهيون. چيو موسىٰ اي منهنجا رب آءٌ نه ٿو اختيار رکان مگر

نَفْسِيْ وَاَخِيْ فَافْرُقْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ الْقَوْمِ

پاڻ تي ۽ پنهنجي ڀاءُ تي پوءِ جدائي وجهه اسان جي وچ ۾ قوم

الْفٰسِقِيْنَ ﴿٢٥﴾ قَالَ فَاِنَّهَا مُحَرَّمَةٌ عَلَيْهِمْ اَرْبَعِيْنَ

بي فرمانن جي وچ ۾. فرمايائين ته پوءِ اها حرام آهي انهن تي چاليهه

سَنَةً ۚ يَتِيْهُوْنَ فِي الْاَرْضِ ۭ فَلَا تَاْسَ عَلَى

سال، پريشان هلندا رهندا ملڪ ۾، پوءِ تون نه افسوس ڪر

ع ۷ / ۸ الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٢٦﴾ ع وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ ابْنَيْ

ماڻهن بي فرمانن تي. پڙهي ٻڌاءِ انهن کي خبر ٻن پٽن

النصف

وقف لازم

اٰدَمَ بِالْحَقِّ ۘ اِذْ قَرَّبَا قُرْبَانًا فَتُقُبِّلَ مِنْ اَحَدِهِمَا

آدم جي سچي، جڏهن وقت ڪياٿون ٻنهي خيرات پوءِ قبول ٿي ويئي هن مان هڪڙي جي

وَلَمْ يُتَقَبَّلْ مِنَ الْاٰخَرِ ؕ قَالَ لَاَقْتُلَنَّكَ ؕ قَالَ

۽ نه قبول پيئي ٻئي جي، چيائين ضرور قتل ڪندس توکي، ان چيو

اِنَّمَا يَتَقَبَّلُ اللّٰهُ مِنَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٢٧﴾ لَئِنْ بَسَطْتَّ

النصف

ته اگر قبول ڪندو آهي الله پرهيزگارن کان. جيڪڏهن تو ڊگهو ڪيو

اِلَيَّ يَدَكَ لِتَقْتُلَنِيْ مَا اَنَا بِبَاسِطٍ يَّدِيَ اِلَيْكَ

مون ڏانهن هٿ پنهنجو منهنجي مارڻ لاءِ ته آءٌ ڪونه وڌائيندس پنهنجو هٿ تو ڏانهن

لِاَقْتُلَكَ ۚ اِنِّيْۤ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٨﴾ اِنِّيْۤ

تنهنجي مارڻ لاءِ، مون ڊڄان ٿو الله کان جو پالينڌڙ جهانن جو آهي. بلاشڪ

اُرِيْدُ اَنْ تَبُوْٓاَ بِاِثْمِيْ وَاِثْمِكَ فَتَكُوْنَ مِنْ

آءٌ گهران ٿو ته کڻي وڃين تون منهنجو ڏوهه ۽ پنهنجو ڏوهه پوءِ ٿئين تون

اَصْحٰبِ النَّارِ ۚ وَذٰلِكَ جَزٰٓؤُا الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٩﴾ ۚ

باهه وارن مان، ۽ اهو بدلو آهي ظالمن جو.

فَطَوَّعَتْ لَهٗ نَفْسُهٗ قَتْلَ اَخِيْهِ فَقَتَلَهٗ فَاَصْبَحَ

پوءِ سجايو ان کي سندس نفس خون ڪرڻ پنهنجي ڀاءُ جو پوءِ ماريائين انکي ۽ ٿيو

مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٣٠﴾ فَبَعَثَ اللّٰهُ غُرَابًا يَّبْحَثُ فِي

نقصان وارن مان. پوءِ موڪليو الله هڪ ڪانگ جو کوٽي پيو

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

الْاَرْضِ لِيُرِيَهٗ كَيْفَ يُوَارِيْ سَوْاَةَ اَخِيْهِ ؕ قَالَ

ڌرتي کي جئن ڏيکاري انکي ته ڪهڙي طرح پوري لاش پنهنجي ڀاءُ جو، چيائين

يٰوَيْلَتٰٓى اَعَجَزْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِثْلَ هٰذَا الْغُرَابِ

افسوس! ڇا آءٌ هُن ڪان به وِيس جو ٿيان برابر هن ڪانءَ جي

فَاُوَارِيَ سَوْاَةَ اَخِيْ ۚ فَاَصْبَحَ مِنَ النّٰدِمِيْنَ ۝٣١ ج کلا

پوءِ لڪايان لاش پنهنجي ڀاءُ جو، پوءِ ٿي پيو پڇتائيندڙن مان.

مِنْ اَجْلِ ذٰلِكَ ۛ كَتَبْنَا عَلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اَنَّهٗ

انهيءَ جي ڪري، حڪم لکيوسون بني اسرائيل تي بيشڪ

مَنْ قَتَلَ نَفْسًا بِغَيْرِ نَفْسٍ اَوْ فَسَادٍ فِى

جيڪو قتل ڪندو ڪنهن ماڻهوءَ کي بنا عوض جان يا بنا فساد ڪرڻ تي

الْاَرْضِ فَكَاَنَّمَا قَتَلَ النَّاسَ جَمِيْعًا ؕ وَمَنْ

ملڪ ۾ ته ڄڻ ماريو انهيءَ ماڻهن سڀني کي، ۽ جنهن

اَحْيَاهَا فَكَاَنَّمَآ اَحْيَا النَّاسَ جَمِيْعًا ؕ وَلَقَدْ

جيئرو ڪيو ان کي ته ڄڻ جياريائين ماڻهن سڀني کي، ۽ تحقيق

جَآءَتْهُمْ رُسُلُنَا بِالْبَيِّنٰتِ ثُمَّ اِنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ

آندو انهن وٽ اسان جي رسولن صاف حڪمن کي پوءِ ڪيترائي انهن مان

بَعْدَ ذٰلِكَ فِى الْاَرْضِ لَمُسْرِفُوْنَ ۝٣٢ اِنَّمَا جَزٰٓؤُا

ان کان پوءِ . ملڪ ۾ حد کان لنگهندڙ آهن. جيڪو ٿي سزا آهي

مع عند المتاخرين ١٢ وقف النبي ﷺ

اَلَّذِيۡنَ يُحَارِبُوۡنَ اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ وَيَسۡعَوۡنَ فِى
انهن جي جيڪي لڙائي ڪن ٿا الله سان ۽ ان جي رسول سان ۽ ڪوشش ڪن ٿا
الۡاَرۡضِ فَسَادًا اَنۡ يُّقَتَّلُوۡۤا اَوۡ يُصَلَّبُوۡۤا اَوۡ تُقَطَّعَ
ملڪ ۾ فساد ڪرڻ جي ته انهن کي قتل ڪجي يا ڦاهي ڏجين يا ڪاٽجن
اَيۡدِيۡهِمۡ وَاَرۡجُلُهُمۡ مِّنۡ خِلَافٍ اَوۡ يُنۡفَوۡا مِنَ
هٿ انهن جا ۽ پير انهن جا ابتڙ يا نيڪالي ڏجين
الۡاَرۡضِ‌ؕ ذٰ لِكَ لَهُمۡ خِزۡىٌ فِى الدُّنۡيَا‌ وَلَهُمۡ فِى
ملڪ مان، اها انهن لاءِ خواري آهي دنيا ۾ ۽ انهن لاءِ
الۡاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ ۙ‏ ﴿۳۳﴾ اِلَّا الَّذِيۡنَ تَابُوۡا مِنۡ
آخرت ۾ عذاب وڏو آهي. مگر جن توبه ڪئي
قَبۡلِ اَنۡ تَقۡدِرُوۡا عَلَيۡهِمۡ‌ ۚ فَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ
اڳ ۾ توهان جي پڪڙڻ کان، پوءِ يقين ڪريو ته الله
غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ‏﴿۳۴﴾ يٰۤـاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ ع ٥ ٨ ٩
بخشڻهار مهربان آهي. اي ايمان وارو! ڊڄو الله کان
وَابۡتَغُوۡۤا اِلَيۡهِ الۡوَسِيۡلَةَ وَجَاهِدُوۡا فِىۡ سَبِيۡلِهٖ
۽ ڳولهيو انهيءَ ڏانهن ويجهڙائي ۽ جهاد ڪريو سندس راهه ۾
لَعَلَّكُمۡ تُفۡلِحُوۡنَ‏ ﴿۳۵﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَوۡ اَنَّ لَهُمۡ
جيئن توهان ڪامياب ٿيو. بيشڪ جن ڪفر ڪيو جي هجي وٽن

Al - Qura'n Al-Kareen By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

مَّا فِي الْأَرْضِ جَمِيعًا وَمِثْلَهُ مَعَهُ لِيَفْتَدُوا

جيڪي زمين ۾ آهي سارو ۽ اوترو ٻيو انهيءَ سان گڏ جيئن عوض ۾ ڏين

بِهِ مِنْ عَذَابِ يَوْمِ الْقِيَامَةِ مَا تُقُبِّلَ مِنْهُمْ ۖ وَ

ان کي عذاب ڏينهن قيامت جي کان ته اهو نه قبول ڪيو ويندو انهن کان ۽

لَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٣٦﴾ يُرِيدُونَ أَنْ يَخْرُجُوا مِنَ

انهن لاءِ عذاب آهي دردناڪ . گهرندا ته نڪرن

النَّارِ وَمَا هُمْ بِخَارِجِينَ مِنْهَا ۖ وَلَهُمْ عَذَابٌ

باهه کان ۽ نه ٿيندا اهي نڪرندڙ ان کان ۽ انهن لاءِ عذاب

مُّقِيمٌ ﴿٣٧﴾ وَالسَّارِقُ وَالسَّارِقَةُ فَاقْطَعُوا أَيْدِيَهُمَا

دائمي آهي . چور مرد هجي يا چور عورت . پوءِ وڍيو هٿ انهن جا

جَزَاءً بِمَا كَسَبَا نَكَالًا مِّنَ اللَّهِ ۗ وَاللَّهُ عَزِيزٌ

سزا لاءِ سندن ڪئي سبب اهو عذاب آهي الله جي طرفان ۽ الله زبردست

حَكِيمٌ ﴿٣٨﴾ فَمَنْ تَابَ مِنْ بَعْدِ ظُلْمِهِ وَأَصْلَحَ

حڪمت وارو آهي . پوءِ جنهن توبه ڪئي ڏوهه ڪرڻ کان پوءِ ۽ سڌاري وڌائين

فَإِنَّ اللَّهَ يَتُوبُ عَلَيْهِ ۗ إِنَّ اللَّهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٣٩﴾

ته الله معاف ڪندو ان کي. بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي.

أَلَمْ تَعْلَمْ أَنَّ اللَّهَ لَهُ مُلْكُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۗ

ڇا تو نه ڄاتو ته الله جي بادشاهي آهي آسمانن ۽ زمين ۾،

يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ وَيَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ ۗ وَاللّٰهُ عَلٰى

عذاب ڪري جنهن کي گهري ۽ بخشي جنهن کي گهري ۽ الله

كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٤٠﴾ يٰٓاَيُّهَا الرَّسُوْلُ لَا يَحْزُنْكَ

هر شيء تي سگهه رکندڙ آهي. اي رسول! نه ڏکارو ڪن توکي

الَّذِيْنَ يُسَارِعُوْنَ فِي الْكُفْرِ مِنَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا

اهي جيڪي تکڙا پڄن ٿا ڪفر ۾ اهي جن چيو

اٰمَنَّا بِاَفْوَاهِهِمْ وَلَمْ تُؤْمِنْ قُلُوْبُهُمْ ۛ وَمِنَ

اسان مؤمن آهيون پنهنجي وات سان حالانڪ نه ايمان آندو هو انهن جي دلين، ۽ ڪي

الَّذِيْنَ هَادُوْا ۛ سَمّٰعُوْنَ لِلْكَذِبِ سَمّٰعُوْنَ لِقَوْمٍ

يهودن مان اهڙا آهن، جو ڪن ڏين ٿا ڪوڙ هڻڻ لاءِ جاسوسي ڪندڙ ماڻهن

اٰخَرِيْنَ ۙ لَمْ يَاْتُوْكَ ۭ يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ مِنْۢ بَعْدِ

ٻين لاءِ جيڪي نه آيا آهن تو وٽ، ڦيرائن ٿا لفظن کي پنهنجي مقرر

مَوَاضِعِهٖ ۚ يَقُوْلُوْنَ اِنْ اُوْتِيْتُمْ هٰذَا فَخُذُوْهُ وَ

ٿيل معنائن بعد، چون ٿا جيڪڏهن ملي توهان کي اها معنيٰ ته وٺو انکي ۽

اِنْ لَّمْ تُؤْتَوْهُ فَاحْذَرُوْا ۭ وَمَنْ يُّرِدِ اللّٰهُ

جيڪڏهن نه ملي اها ته ان کان پاڻ بچايو ۽ جنهن کي گهري الله

فِتْنَتَهٗ فَلَنْ تَمْلِكَ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ۭ اُولٰٓئِكَ

فتني ۾ وجهڻ پوءِ نه مالڪ ٿيندين ان لاءِ الله وٽان ڪنهن شيءِ جو، اِهي

الَّذِينَ لَمْ يُرِدِ اللَّهُ أَن يُطَهِّرَ قُلُوبَهُمْ ۚ لَهُمْ فِي

اُهي ئي آهن جو نه گهُريو الله ته پاڪ ڪري دلين انهن جي ڪي. انهن لاءِ

الدُّنْيَا خِزْيٌ ۖ وَلَهُمْ فِي الْآخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴿٤١﴾

دنيا ۾ خواري آهي ۽ انهن لاءِ آخرت ۾ عذاب وڏو آهي.

سَمَّاعُونَ لِلْكَذِبِ أَكَّالُونَ لِلسُّحْتِ ۚ فَإِن جَاءُوكَ

گهڻو ٻڌندڙ آهن ڪوڙ کي گهڻو کائيندڙ آهن حرام کي، پوءِ جيڪڏهن اچن تو وٽ

فَاحْكُم بَيْنَهُمْ أَوْ أَعْرِضْ عَنْهُمْ ۖ وَإِن تُعْرِضْ

ته فيصلو ڪر انهن جي وچ ۾ يا منهن موڙ انهن کان، ۽ جيڪڏهن منهن موڙيندين

عَنْهُمْ فَلَن يَضُرُّوكَ شَيْئًا ۖ وَإِنْ حَكَمْتَ فَاحْكُم

انهن کان ته اهي هرگز نه نقصان ڪندا تنهنجو ڪجهه به، ۽ جي فيصلو ڪرين ته فيصلو ڪر

بَيْنَهُم بِالْقِسْطِ ۚ إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِينَ ﴿٤٢﴾

انهن جي وچ ۾ انصاف سان، بيشڪ الله دوست رکي ٿو انصاف ڪندڙن کي.

وَكَيْفَ يُحَكِّمُونَكَ وَعِندَهُمُ التَّوْرَاةُ فِيهَا

۽ ڪيئن ٿا فيصلو ڪرائن تو کان هوڏانهن انهن وٽ آهي تورات جنهن ۾

حُكْمُ اللَّهِ ثُمَّ يَتَوَلَّوْنَ مِن بَعْدِ ذَٰلِكَ ۚ وَمَا أُولَٰئِكَ

آهي حڪم الله جو وري ڦري وڃن ٿا ان کان پوءِ، ۽ نه آهن اهي

بِالْمُؤْمِنِينَ ﴿٤٣﴾ ع إِنَّا أَنزَلْنَا التَّوْرَاةَ فِيهَا هُدًى وَ ع ٦ ٩ ١٠

مومن وارا. اسان ئي نازل ڪيو هو تورات جنهن ۾ آهي هدايت ۽

نُورٌ ۚ يَحْكُمُ بِهَا النَّبِيُّونَ الَّذِينَ أَسْلَمُوا لِلَّذِينَ

روشني، جنهن سان فيصلو ڪندا هئا پيغمبر جيڪي فرمانبردار هئا انهن

هَادُوا وَالرَّبَّانِيُّونَ وَالْأَحْبَارُ بِمَا اسْتُحْفِظُوا

يهودين جو ۽ انهن جا بزرگ ۽ عالم به هن ڪري جو اهي محافظ ڪيا ويا هئا

مِن كِتَابِ اللَّهِ وَكَانُوا عَلَيْهِ شُهَدَاءَ ۚ فَلَا تَخْشَوُا

الله جي ڪتاب جا ۽ هئا انهيءَ تي مقرر، پوءِ نه ڊڄو

النَّاسَ وَاخْشَوْنِ وَلَا تَشْتَرُوا بِآيَاتِي ثَمَنًا

ماڻهن کان ۽ ڊڄو مون کان ۽ نه وٺو منهنجي آيتن سان بها

قَلِيلًا ۚ وَمَن لَّمْ يَحْكُم بِمَا أَنزَلَ اللَّهُ فَأُولَٰئِكَ

ٿوري، ۽ جيڪي نه فيصلو ڪن ان موجب جو نازل ڪيو الله ته اهي

هُمُ الْكَافِرُونَ ﴿٤٤﴾ وَكَتَبْنَا عَلَيْهِمْ فِيهَا أَنَّ النَّفْسَ

ئي ڪافر آهن. ۽ لکيو سون انهن تي انهيءَ ۾ ته جان جو

بِالنَّفْسِ وَالْعَيْنَ بِالْعَيْنِ وَالْأَنفَ بِالْأَنفِ

بدلو جان آهي ۽ اک جو بدلو اک آهي ۽ نڪ جو بدلو نڪ آهي

وَالْأُذُنَ بِالْأُذُنِ وَالسِّنَّ بِالسِّنِّ وَالْجُرُوحَ

۽ ڪن جو بدلو ڪن آهي ۽ ڏند جو بدلو ڏند آهي ۽ زخمن جو

قِصَاصٌ ۚ فَمَن تَصَدَّقَ بِهِ فَهُوَ كَفَّارَةٌ لَّهُ ۚ

بدلو برابر، پوءِ جنهن قرباني ڪئي ان سان پوءِ اها پاڪائي آهي انهيءَ لاءِ،

وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٤٥﴾

۽ جيڪي نه فيصلو ڪيو ان سان جنهن کي نازل ڪيو الله پوءِ اهي ئي آهن بي انصاف.

وَقَفَّيْنَا عَلٰٓى اٰثَارِهِمْ بِعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ مُصَدِّقًا

۽ پٺيان موڪليوسون انهن جي نموني تي عيسىٰ بن مريم کي سچو چوندڙ

لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ التَّوْرٰىةِ ۠ وَاٰتَيْنٰهُ الْاِنْجِيْلَ

ان کي جيڪي ان کان اڳ هئو يعني توريت ، ۽ ڏنوسون ان کي انجيل

فِيْهِ هُدًى وَّنُوْرٌ ۙ وَّمُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ

جنهن ۾ راهه ۽ روشني هئي ۽ سچو چوندڙ ان کي جو ان کان اڳ هئو يعني

التَّوْرٰىةِ وَهُدًى وَّمَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٤٦﴾ وَ

توريت ۽ هدايت ۽ نصيحت ڊڄندڙن لاءِ ۽

لْيَحْكُمْ اَهْلُ الْاِنْجِيْلِ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فِيْهِ ؕ وَ

فيصلو ڪرڻ گهرجي انجيل وارن کي ان سان جيڪي نازل ڪيو آهي الله انهيءَ ۾ ، ۽

مَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ

جن نه فيصلو ڪيو ان سان جو نازل ڪيو الله پوءِ اهي ئي

الْفٰسِقُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَاَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ

بي فرمان آهن. ۽ نازل ڪيوسون توڏانهن قرآن حق جو

مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ الْكِتٰبِ وَمُهَيْمِنًا

سچو چوندڙ ان کي جو ان کان اڳ آهي ڪتاب ۽ نگهباني ڪندڙ

عَلَيْهِ فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعْ

ان تي پوءِ تون فيصلو ڪر انهن ۾ ان موجب جو نازل ڪيو الله ۽ نه هل

اَهْوَآءَهُمْ عَمَّا جَآءَكَ مِنَ الْحَقِّ ؕ لِكُلٍّ جَعَلْنَا مِنْكُمْ

انهن جي سڌن تي ڇڏي انکي جو آيو تو وٽ حق ، هر ڪنهن لاءِ ڪئي سون توهان مان

شِرْعَةً وَّمِنْهَاجًا ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَكُمْ اُمَّةً

شريعت ۽ طريقت، ۽ جيڪڏهن گهري الله ته ڪري ها توهان کي جماعت

وَّاحِدَةً وَّلٰكِنْ لِّيَبْلُوَكُمْ فِيْ مَآ اٰتٰىكُمْ فَاسْتَبِقُوا

هڪڙي پر آزمائي تو توهان کي ان ۾ جيڪي ڏنائين توهانکي پوءِ اڳڀرائي ڪريو

الْخَيْرٰتِ ؕ اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا

چڱاين ۾، الله ڏانهن ئي آهي موٽڻ توهان سڀني جو پوءِ خبر ڏيندو توهانکي ان جي

كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَاَنِ احْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَآ

جنهن ۾ توهان اختلاف ڪندا هئا. ۽ هي ته فيصلو ڪر انهن ۾ ان سان

اَنْزَلَ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ وَاحْذَرْهُمْ اَنْ

جيڪي نازل ڪيو الله ۽ نه هل انهن جي سڌن تي ۽ هوشيار ٿي انهن کان متان

يَّفْتِنُوْكَ عَنْ بَعْضِ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ اِلَيْكَ ؕ فَاِنْ تَوَلَّوْا

ڀُلائين تو کي ڪنهن اهڙي حڪم کان جو لاٿو الله تو ڏانهن، پوءِ جي ڦري وڃن

فَاعْلَمْ اَنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّصِيْبَهُمْ بِبَعْضِ ذُنُوْبِهِمْ

پوءِ سمجهه ته رڳو گهري ٿو الله ته ڏئي انهنکي سزا سندن ڪن گناهن جي ڪري.

وَإِنَّ كَثِيرًا مِّنَ النَّاسِ لَفَاسِقُونَ ﴿٤٩﴾ أَفَحُكْمَ

۽ بيشڪ ڪيترائي ماڻهو بي فرمان آهن. ڇا پوءِ فيصلو

الْجَاهِلِيَّةِ يَبْغُونَ ۚ وَمَنْ أَحْسَنُ مِنَ اللَّهِ حُكْمًا

ڪفر واري گهرن ٿا؟ ۽ ڪير ڀلو آهي الله کان فيصلي ڪرڻ ۾

لِّقَوْمٍ يُوقِنُونَ ﴿٥٠﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تَتَّخِذُوا

انهن ماڻهن لاءِ جي يقين رکن ٿا ؟ اي جن ايمان آندو نه بڻايو

الْيَهُودَ وَالنَّصَارَىٰ أَوْلِيَاءَ ۘ بَعْضُهُمْ أَوْلِيَاءُ بَعْضٍ ۚ

يهودين ۽ نصارن کي دوست. انهن مان هڪڙا آهن ساٿي ٻين جا.

وَمَن يَتَوَلَّهُم مِّنكُمْ فَإِنَّهُ مِنْهُمْ ۗ إِنَّ اللَّهَ لَا

۽ جيڪو دوستي رکندو انهن سان توهان مان پوءِ اهو انهن جو آهي، بيشڪ الله نه

يَهْدِي الْقَوْمَ الظَّالِمِينَ ﴿٥١﴾ فَتَرَى الَّذِينَ فِي

تو هدايت ڪري قوم بي انصاف کي. پوءِ ڏسندين انهن کي

قُلُوبِهِم مَّرَضٌ يُسَارِعُونَ فِيهِمْ يَقُولُونَ نَخْشَىٰ

جن جي دلين ۾ روڳ آهي ڊوڙي وڃن ٿا انهن ۾ چون ٿا ڊڄون ٿا

أَن تُصِيبَنَا دَائِرَةٌ ۚ فَعَسَى اللَّهُ أَن يَأْتِيَ بِالْفَتْحِ

ته متان پهچي اسان کي ڪا مصيبت، پوءِ شايد جلدئي الله آڻي فتح

أَوْ أَمْرٍ مِّنْ عِندِهِ فَيُصْبِحُوا عَلَىٰ مَا أَسَرُّوا فِي

يا ڪوئي حڪم پنهنجي طرفان پوءِ ٿي پون ان تي جيڪي لڪايائون.

أَنْفُسِهِمْ نٰدِمِيْنَ ۝٥٢ وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَهٰٓؤُلَاۤءِ

پنهنجي دلين ۾ پشيماني ڪندڙ - ۽ چوندا جن ايمان آندو ڇا هي اُهي آهن

الَّذِيْنَ اَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ ۙ اِنَّهُمْ لَمَعَكُمْ ۭ

جيڪي قسم کڻندا هئا الله جو سخت ڪندي پنهنجن قسمن کي ته ”اسان توهان سان گڏ آهيون“

حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فَاَصْبَحُوْا خٰسِرِيْنَ ۝٥٣ يٰٓاَيُّهَا

ضايع ٿيا عمل انهن جا پوءِ ٿي پيا نقصان وارا. اي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَنْ يَّرْتَدَّ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَسَوْفَ

ايمان وارو! جيڪو ڦرندو توهان مان پنهنجي دين کان پوءِ جلدئي

يَاْتِي اللّٰهُ بِقَوْمٍ يُّحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗٓ ۙ اَذِلَّةٍ عَلَى

آڻيندو الله اهي ماڻهو جن سان اهو حب رکي ٿو ۽ اهي حب رکن ٿا ان سان نرمي ڪندڙ هوندا

الْمُؤْمِنِيْنَ اَعِزَّةٍ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ۡ يُجَاهِدُوْنَ فِيْ

مسلمانن تي سختي ڪندڙ ڪافرن تي جهاد ڪندا

سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا يَخَافُوْنَ لَوْمَةَ لَاۗىِٕمٍ ۭ ذٰلِكَ فَضْلُ

الله جي راهه ۾ ۽ نه ڊڄندا ملامت ڪندڙن جي ملامت کان، اهو فضل

اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَاۗءُ ۭ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ۝٥٤ اِنَّمَا

الله جو آهي ڏئي ٿو جنهنکي گهري، ۽ الله گهڻو مهربان ڄاڻندڙ آهي. رڳو

وَلِيُّكُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ

دوست اوهانجو آهي الله ۽ ان جو رسول ۽ اهي ايمان وارا جيڪي

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

سورة محمد 5.54 47.38

توهان جو ولي ① الله ② رسول ③ مومن

يُقِيمُونَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُونَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ رٰكِعُونَ ﴿٥٥﴾

قائم ڪن ٿا نماز ۽ ڏين ٿا زڪوات ۽ اهي رڪوع ڪندڙ آهن.

وَمَنْ يَّتَوَلَّ اللّٰهَ وَرَسُولَهٗ وَالَّذِينَ اٰمَنُوا فَاِنَّ حِزْبَ

۽ جيڪو دوستي رکندو الله سان ۽ ان جي رسول سان ۽ ايمان وارن سان ته بيشڪ جماعت

اللّٰهِ هُمُ الْغٰلِبُونَ ﴿٥٦﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِينَ اٰمَنُوا لَا تَتَّخِذُوا

ع ٨ ١٢ الله جي اها سڀني تي غالب آهي. اي ايمان وارو! نه ٺاهيو (دوست)

الَّذِينَ اتَّخَذُوا دِينَكُمْ هُزُوًا وَّلَعِبًا مِّنَ الَّذِينَ

انهن کي جن ورتو توهان جي دين کي مسخري ۽ راند ڪري انهن ماڻهن مان

اُوتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَالْكُفَّارَ اَوْلِيَآءَ ۚ وَاتَّقُوا

جن کي مليو ڪتاب توهان کان اڳ ۾، ۽ ڪافرن کي دوست، ۽ ڊڄو

اللّٰهَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِينَ ﴿٥٧﴾ وَاِذَا نَادَيْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ

الله کان جيڪڏهن توهان ايمان وارا آهيو. ۽ جڏهن سڏيو ٿا توهان نماز لاءِ

اتَّخَذُوهَا هُزُوًا وَّلَعِبًا ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا

ته ڪن ٿا انهيءَ تي مسخري ۽ راند، اهو هن ڪري جو اهي ماڻهو بي

يَعْقِلُونَ ﴿٥٨﴾ قُلْ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ هَلْ تَنْقِمُونَ مِنَّآ

عقل آهن. چئو اي اهل ڪتاب ڇا رڳو نفرت ٿا ڪريو اسان کان

اِلَّآ اَنْ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْنَا وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ

جو ايمان آندو اٿئون الله تي ۽ ان تي جيڪي نازل ٿيو اسان ڏانهن ۽ جيڪي نازل ٿيو

قَبْلُ وَاَنَّ اَكْثَرَكُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٥٩﴾ قُلْ هَلْ اُنَبِّئُكُمْ

اڳي ۽ بيشڪ گهڻا توهان مان بي فرمان آهن. چئو ڇا، ٻڌايان اوهانکي

بِشَرٍّ مِّنْ ذٰلِكَ مَثُوْبَةً عِنْدَ اللّٰهِ ؕ مَنْ لَّعَنَهُ اللّٰهُ

ذوريڇرو ان کان سزا ۾ الله وٽ. اهو جنهن تي ڦٽڪار ڪئي الله

وَغَضِبَ عَلَيْهِ وَجَعَلَ مِنْهُمُ الْقِرَدَةَ وَالْخَنَازِيْرَ

۽ ڪاوڙيو ان تي ۽ ڪيائين انهن مان ڪن کي ڀولڙا ۽ سوئر

وَعَبَدَ الطَّاغُوْتَ ؕ اُولٰٓئِكَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّاَضَلُّ عَنْ

۽ جنهن پوڄا ڪئي شيطان جي، اهي ئي ماڻهو تمام ڀڇڙي جاءِ وارا آهن ۽ سخت گمراهه

سَوَآءِ السَّبِيْلِ ﴿٦٠﴾ وَاِذَا جَآءُوْكُمْ قَالُوْٓا اٰمَنَّا وَقَدْ

سڌي رستي کان. ۽ جڏهن اچن ٿا توهان وٽ چون ٿا ته اسان ايمان آندو آهي حالانڪ انهن

دَّخَلُوْا بِالْكُفْرِ وَهُمْ قَدْ خَرَجُوْا بِهٖ ؕ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا

آيا ڪفر سان ۽ اهي نڪري ويا ان سان، ۽ الله خوب ڄاڻي ٿو جيڪي

كَانُوْا يَكْتُمُوْنَ ﴿٦١﴾ وَتَرٰى كَثِيْرًا مِّنْهُمْ يُسَارِعُوْنَ

رکايو ھٿائون. ۽ تون ڏسندين گهڻائي انهن مان تکڙ ٿا ڪن

فِى الْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ وَاَكْلِهِمُ السُّحْتَ ؕ لَبِئْسَ

گناهه ۽ ظلم ۾ ۽ حرام کائڻ ۾، تمام بڇڙو آهي

مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٢﴾ لَوْلَا يَنْهٰهُمُ الرَّبّٰنِيُّوْنَ وَ

جيڪي اهي ڪن پيا. ڇو نه جهليو انهن کي بزرگن ۽

Al - Qura'n Al-Kareen By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

الْاَحْبَارُ عَنْ قَوْلِهِمُ الْاِثْمَ وَاَكْلِهِمُ السُّحْتَ ؕ
عالمن سندن گناهه جي ڳالهه چوڻ کان ۽ سندن حرام کائڻ کان،
لَبِئْسَ مَا كَانُوْا يَصْنَعُوْنَ ﴿٦٣﴾ وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ يَدُ
تمام بُرو آهي جيڪي ڪندا هئا. ۽ چيو يهودين هٿ
اللّٰهِ مَغْلُوْلَةٌ ؕ غُلَّتْ اَيْدِيْهِمْ وَلُعِنُوْا بِمَا قَالُوْا ۘ بَلْ
الله جو بند ٿيل آهي، ٻڌل ٿي وڃن هٿ انهن جا ۽ لعنت پوين انهن تي چوڻ تي، بلڪ
يَدٰهُ مَبْسُوْطَتٰنِ ۙ يُنْفِقُ كَيْفَ يَشَآءُ ؕ وَلَيَزِيْدَنَّ
هٿ انهيءَ جا ڪشادا آهن، خرچ ڪندو آهي جيئن گهري، ۽ البت وڌائيندو
كَثِيْرًا مِّنْهُمْ مَّآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ طُغْيَانًا وَّ
گهڻن کي انهن مان اهو جيڪي لاٿو ويو تو ڏانهن تنهنجي رب طرفان ڏاڍ ۽
كُفْرًا ؕ وَاَلْقَيْنَا بَيْنَهُمُ الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَآءَ اِلٰى
ڪفر ۾، ۽ اسان وڌي آهي انهن جي وچ ۾ دشمني ۽ ڪاوڙ تائين
يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ؕ كُلَّمَآ اَوْقَدُوْا نَارًا لِّلْحَرْبِ اَطْفَاَهَا
ڏينهن قيامت، جڏهن به باهه ٻارن ٿا جنگ جي ته وسائي ڇڏي ٿو ان کي
اللّٰهُ ۙ وَيَسْعَوْنَ فِى الْاَرْضِ فَسَادًا ؕ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ
الله ۽ اهي ڪوشش ڪن ٿا ملڪ ۾ فساد جي ۽ الله نه ٿو چاهي
الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٦٤﴾ وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْكِتٰبِ اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا
فساد ڪندڙن کي ۽ جيڪڏهن اهل ڪتاب جا ايمان آڻن ها ۽ پرهيزگاري ڪن ها

يعني ليهود يدالله ... (margin note: وقف لازم)

القرآن الكريم ترجمو حضرت مولانا عبدالكريم قريشي (بير شريف)

لَكَفَّرْنَا عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَلَاَدْخَلْنٰهُمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٦٥﴾

ته معاف ڪريون ها انهن کان سندن بڇڙايون ۽ داخل ڪريون ها انهن کي نعمت جي باغن ۾.

وَلَوْ اَنَّهُمْ اَقَامُوا التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ وَمَآ اُنْزِلَ

۽ جي اهي قائم ڪن ها توريت کي ۽ انجيل کي ۽ جيڪي نازل ڪيو ويو

اِلَيْهِمْ مِّنْ رَّبِّهِمْ لَاَكَلُوْا مِنْ فَوْقِهِمْ وَمِنْ تَحْتِ

انهن ڏانهن سندن رب کان ته رزق کائن ها پنهنجي مٿان کان ۽ هيٺان

اَرْجُلِهِمْ ۭ مِنْهُمْ اُمَّةٌ مُّقْتَصِدَةٌ ۭ وَكَثِيْرٌ مِّنْهُمْ

پيرن پنهنجن کان، انهن مان ڪي ماڻهو وچٿرا آهن، ۽ گهڻا انهن مان

سَاۗءَ مَا يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٦﴾ يٰٓاَيُّهَا الرَّسُوْلُ بَلِّغْ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ

بڇڙا ڪم ڪندا آهن. اي رسول! پهچاءِ جيڪي لاٿو ويو توتي

مِنْ رَّبِّكَ ۭ وَاِنْ لَّمْ تَفْعَلْ فَمَا بَلَّغْتَ رِسٰلَتَهٗ ۭ وَاللّٰهُ

تنهنجي رب کان، ۽ جيڪڏهن ائين نه ڪيو تو ته نه پهچايو تو پيغام انهيءَ جو، ۽ الله

يَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ

بچائيندو توکي ماڻهن کان، بيشڪ الله نه تو راهه ڏيکاري قوم

الْكٰفِرِيْنَ ﴿٦٧﴾ قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لَسْتُمْ عَلٰي شَيْءٍ

ڪافرن کي. چؤ اي اهل ڪتاب! نه آهيو توهان ڪنهن به ڳالهه تي

حَتّٰي تُقِيْمُوا التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ

جيستائين قائم رکو توريت کي ۽ انجيل کي ۽ جيڪو لاٿو ويو توهان ڏانهن

مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ وَلَيَزِيْدَنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ مَّآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ

توهان جي رب کان ۽ ضرور وڌائيندو گهڻن کي انهن مان اهو جيڪي لاٿو ويو توڏانهن

مِنْ رَّبِّكَ طُغْيَانًا وَّكُفْرًا ۚ فَلَا تَاْسَ عَلَى الْقَوْمِ

تنهنجي رب طرفان ڏاڍ ۽ ڪفر ۾ پوءِ نه افسوس ڪرتون قوم

الْكٰفِرِيْنَ ﴿٦٨﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَادُوْا وَ

ڪافرن تي. بيشڪ جيڪي ماڻهو مسلمان ٿيا ۽ جيڪي يهودي آهن ۽

الصّٰبِئُوْنَ وَالنَّصٰرٰى مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ

ستارن جا پوڄاري ۽ عيسائي جن به ايمان آندو الله تي ۽ قيامت تي

وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ

۽ ڪم ڪيائون چڱا تن نه ڪو ڀؤ انهن تي ۽ نڪي اهي

يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٩﴾ لَقَدْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ

ڏکارا ٿيندا. برابر ورتو سون انجام بني اسرائيل کان

وَاَرْسَلْنَآ اِلَيْهِمْ رُسُلًا ؕ كُلَّمَا جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ بِمَا

۽ موڪليا سون انهن ڏانهن ڪيئي رسول. جڏهن آئيندو هئو انهن وٽ رسول اهڙو حڪم جو

لَا تَهْوٰٓى اَنْفُسُهُمْ ۙ فَرِيْقًا كَذَّبُوْا وَفَرِيْقًا يَّقْتُلُوْنَ ﴿٧٠﴾

نه چاهيندا هئا سندن نفس ترڪن کي ڪوڙو ڪيائون ۽ ڪن کي قتل پيا ڪن.

وَحَسِبُوْٓا اَلَّا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ فَعَمُوْا وَصَمُّوْا ثُمَّ

۽ ڀانيائون ته نه ٿيندو ڪو عذاب پوءِ انڌا ٿيا ۽ ٻوڙا ٿيا پوءِ

cf 2.62 5.69 22.17

تَابَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ثُمَّ عَمُوْا وَصَمُّوْا كَثِيْرٌ مِّنْهُمْ ۗ وَ

توبه قبول ڪئي الله انهن جي پوءِ وري انڌا ٿيا ۽ ٻوڙا ٿيا گهڻا انهن مان، ۽

اللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿٧١﴾ لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا

الله ڏسندڙ آهي جيڪي عمل ڪن ٿا. بالڪل ڪفر ڪيو انهن جن چيو

اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ ۗ وَقَالَ الْمَسِيْحُ يٰبَنِيْٓ

ته الله اهوئي عيسىٰ بن مريم آهي ۽ چيو هو عيسىٰ اي بني

اِسْرَآءِيْلَ اعْبُدُوا اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبَّكُمْ ۗ اِنَّهٗ مَنْ يُّشْرِكْ

اسرائيل! بانهپ ڪريو الله منهنجي پالڻهار ۽ پنهنجي پالڻهار جي. بيشڪ جو به شريڪ ڪندو

بِاللّٰهِ فَقَدْ حَرَّمَ اللّٰهُ عَلَيْهِ الْجَنَّةَ وَمَاْوٰىهُ النَّارُ ۗ

الله سان ته حرام ڪئي الله ان تي جنت ۽ جاءِ انهيءَ جي باهه آهي.

وَمَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ اَنْصَارٍ ﴿٧٢﴾ لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ

۽ ناهي ظالمن لاءِ ڪوئي مددگار. بيشڪ ڪافر ٿيا اهي جن

قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ ثَالِثُ ثَلٰثَةٍ ۘ وَمَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّآ اِلٰهٌ

چيو ته الله آهي ٽيون ٽن مان، هوڏانهن ناهي ڪوئي عبادت جي لائق مگر معبود

وَّاحِدٌ ۗ وَاِنْ لَّمْ يَنْتَهُوْا عَمَّا يَقُوْلُوْنَ لَيَمَسَّنَّ

هڪڙو، ۽ جيڪڏهن نه مڙيا انهيءَ چوڻ کان ته ضرور پهچندو

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٧٣﴾ اَفَلَا يَتُوْبُوْنَ

انهن مان ڪفر وارن کي عذاب دردناڪ. ڇا پوءِ نه ٿا موٽن

اِلَى اللّٰهِ وَ يَسْتَغْفِرُوْنَهٗ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٧٤﴾ مَا الْمَسِيْحُ

الله ڏانهن ۽ گناهه بخشائين انهيءَ کان، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. ناهي عيسىٰ

ابْنُ مَرْيَمَ اِلَّا رَسُوْلٌ ۚ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِ الرُّسُلُ ۭ

بن مريم مگر هڪ رسول، گذريا آهن انهيءَ کان اڳ ۾ به ڪيترائي رسول،

وَاُمُّهٗ صِدِّيْقَةٌ ۭ كَانَا يَاْكُلٰنِ الطَّعَامَ ۭ اُنْظُرْ كَيْفَ

۽ ماءُ انهيءَ جي سچار آهي، ٻئي کائيندا هئا کاڌو، ڏسُ ته ڪيئن

نُبَيِّنُ لَهُمُ الْاٰيٰتِ ثُمَّ انْظُرْ اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿٧٥﴾ قُلْ اَتَعْبُدُوْنَ

ٻڌايون ٿا انهن کي آيتون پوءِ ڏسُ ته ڪيئن اُبتا ٿا ڦرن. چؤ ڇا ٻانهپ ڪريو ٿا

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَمْلِكُ لَكُمْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا ۭ وَاللّٰهُ هُوَ

الله کي ڇڏي انهيءَ جي جيڪو نٿو اختيار رکي توهان جي نقصان جو ۽ نڪي نفعي جو، ۽ الله ئي

السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٧٦﴾ قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لَا تَغْلُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ غَيْرَ

ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. چؤ اي اهل ڪتاب نه وڌاءُ ڪريو پنهنجي دين ۾ نا

الْحَقِّ وَلَا تَتَّبِعُوْٓا اَهْوَاۗءَ قَوْمٍ قَدْ ضَلُّوْا مِنْ قَبْلُ وَاَضَلُّوْا

حق جو ۽ نه پٺيان لڳو خواهشن قوم جي ۾ جيڪي گمراهه ٿيا اڳي ئي ۽ گمراهه ڪيائون

كَثِيْرًا وَّضَلُّوْا عَنْ سَوَاۗءِ السَّبِيْلِ ﴿٧٧﴾ لُعِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

گهڻن کي ۽ ڀلجي ويا سڌي رستي کان. لعنت ڪيا ويا اهي جن ڪفر ڪيو

ع ١١ ١٤

مِنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ عَلٰي لِسَانِ دَاوٗدَ وَعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ ۭ

بني اسرائيل مان زبان داؤد ۽ عيسىٰ بن مريم جي سان،

القرآن الكريم ترجمو حضرت مولانا عبدالكريم قريشي (بير شريف)

ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ﴿٧٨﴾ كَانُوْا لَا يَتَنَاهَوْنَ

اهو هن ڪري جو بي فرمان ٿيا ۽ اهي حد کان لنگهندا هئا. نه جهليندا هئا هڪ ٻئي کي

عَنْ مُّنْكَرٍ فَعَلُوْهُ ؕ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿٧٩﴾ تَرٰى كَثِيْرًا

بڇڙائي کان جا ڪندا هئا، اهو برو هو جو ڪندا هئا. اي نبي تون ڏسين ٿو گهڻا

مِّنْهُمْ يَتَوَلَّوْنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ لَبِئْسَ مَا قَدَّمَتْ لَهُمْ

انهن مان دوستي رکن ٿا ڪافرن سان، برو آهي اهو جو موڪليو اٿن پنهنجي لاءِ

اَنْفُسُهُمْ اَنْ سَخِطَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَفِى الْعَذَابِ هُمْ خٰلِدُوْنَ ﴿٨٠﴾

پاڻ هي ته ڪاوڙيو آهي الله انهن تي ۽ عذاب ۾ آهي هميشه رهندا.

وَلَوْ كَانُوْا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالنَّبِىِّ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مَا

۽ جيڪڏهن ايمان آڻن ها الله ۽ نبي ۽ ان تي جيڪي نازل ڪيو ويو ان ڏانهن ته نه

اتَّخَذُوْهُمْ اَوْلِيَآءَ وَلٰكِنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٨١﴾ لَتَجِدَنَّ اَشَدَّ

وٺن ها انهن کي دوست ڪري پر گهڻا انهن مان بي فرمان آهن. ضرور لهندين تون ته وڌيڪ سخت

النَّاسِ عَدَاوَةً لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا الْيَهُوْدَ وَالَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا ۚ وَ

ماڻهن کان دشمني ڪرڻ ۾ مسلمانن لاءِ يهودين کي ۽ مشرڪن کي ۽

لَتَجِدَنَّ اَقْرَبَهُمْ مَّوَدَّةً لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّا نَصٰرٰى ؕ

لهندين انهن مان زياده محبت ۾ مسلمانن لاءِ انهن کي جن چيو اسين نصارا آهيون

ذٰلِكَ بِاَنَّ مِنْهُمْ قِسِّيْسِيْنَ وَرُهْبَانًا وَّاَنَّهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٨٢﴾

اهو هن ڪري ته انهن مان ڪي عالم آهن ۽ ڪي درويش ۽ هنڪري جو وڏائي نه ڪندا آهن.

وَاِذَا سَمِعُوْا مَآ اُنْزِلَ اِلَى الرَّسُوْلِ

۽ جڏهن ٻڌن ٿا جيڪو نازل ڪيو ويو رسول تي

تَرٰٓى اَعْيُنَهُمْ تَفِيْضُ مِنَ الدَّمْعِ

ڏسندين اکيون انهن جون وهائينديون ڳوڙها

مِمَّا عَرَفُوْا مِنَ الْحَقِّ ۚ يَقُوْلُوْنَ

هن ڪري جو سڃاتائون ڪجهه حق ۽ چون ٿا

رَبَّنَآ اٰمَنَّا فَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٨٣﴾

اي رب اسانجا ايمان آندوسون پوءِ لک اسان کي گڏ شاهدن سان.

وَمَا لَنَا لَا نُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَمَا

۽ ڇا ٿيو آهي اسانکي جو نه مڃون هڪ الله کي ۽ انکي جيڪو

جَآءَنَا مِنَ الْحَقِّ ۙ وَنَطْمَعُ اَنْ يُّدْخِلَنَا

پهتو اسان وٽ حق ۽ اميد ڪريون ٿا ته داخل ڪندو اسانکي

رَبُّنَا مَعَ الْقَوْمِ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٨٤﴾ فَاَثَابَهُمُ

اسانجو پالڻهار گڏ قوم صالحن جي سان. پوءِ بدلي ۾ ڏنا انهنکي

اللّٰهُ بِمَا قَالُوْا جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ

الله سندن انچوڻ تي باغ وهن ٿيون

تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ

جن جي هيٺان واهيون هميشه اتي رهندا،

وَذٰلِكَ جَزَآءُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٨٥﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا

۽ اهو بدلو آهي چڱائي ڪندڙن جو. ۽ جن ڪفر ڪيو

وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿٨٦﴾ ع ١١/٩/١

۽ ڪوڙو ڪيائون اسان جي آيتن کي اهي ئي آهين دوزخي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحَرِّمُوْا طَيِّبٰتِ

اي ايمان وارو! نه حرام ڪريو اهي سٺيون شيون

مَآ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكُمْ وَلَا تَعْتَدُوْا اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ

جيڪي حلال ڪيون الله توهان لاءِ ۽ نه حد کان لنگهو، بيشڪ الله نٿو پسند ڪري

الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٨٧﴾ وَكُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا

حد کان لنگهندڙن کي. ۽ کائو انهي مان جيڪي ڏنو توهان کي الله حلال پاڪ

وَّاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿٨٨﴾ لَا

۽ ڊڄو الله کان جنهن تي اوهين ايمان رکندڙ آهيو. نه

يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِيْٓ اَيْمَانِكُمْ وَلٰكِنْ

وٺ ڪندو توهان کي الله توهان جي اجاين قسمن ڪڻ ۾ ۽ پر

يُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا عَقَّدْتُّمُ الْاَيْمَانَ فَكَفَّارَتُهٗٓ اِطْعَامُ

پڪڙيندو توهان کي انهن قسمن تي جن تي ڳنڍ ٻڌي اٿو. پوءِ ان جو ڏنڊ آهي کاڌو کارائڻ

عَشَرَةِ مَسٰكِيْنَ مِنْ اَوْسَطِ مَا تُطْعِمُوْنَ

ڏهن غريبن کي وچٿرو جيڪو کارائيندا آهيو

أَهْلِيكُمْ أَوْ كِسْوَتُهُمْ أَوْ تَحْرِيرُ رَقَبَةٍ ۖ فَمَنْ لَمْ

پنھنجن پاڻين کي يا ڪپڙو ڏيڻ انھن کي يا آجو ڪرڻ ٻانھو، پوءِ جيڪو نہ

يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلَاثَةِ أَيَّامٍ ۚ ذَٰلِكَ كَفَّارَةُ أَيْمَانِكُمْ

لھي پوءِ روزا ٽن ڏينھن جا، اھو ڪفارو آھي توھانجي قسمن جو

إِذَا حَلَفْتُمْ ۚ وَاحْفَظُوا أَيْمَانَكُمْ ۚ كَذَٰلِكَ يُبَيِّنُ

جڏھن کڻي ويھو ۽ سنڀالي رکجو پنھنجا قسم، اھڙي طرح ٻڌائي ٿو

اللَّهُ لَكُمْ آيَاتِهِ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُونَ ﴿٨٩﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ

الله توھان کي پنھنجا احڪام جيئن توھان شڪر ڪريو. اي اھي جن

آمَنُوا إِنَّمَا الْخَمْرُ وَالْمَيْسِرُ وَالْأَنْصَابُ وَالْأَزْلَامُ

ايمان آندو اھو شراب ۽ جوا ۽ پوڄا جا آستانا ۽ ڏاڻا

رِجْسٌ مِنْ عَمَلِ الشَّيْطَانِ فَاجْتَنِبُوهُ لَعَلَّكُمْ

سڀ پليد آھن ڪم شيطان جا پوءِ پاسيرا ٿيو انھيءَ کان تہ جيئن

تُفْلِحُونَ ﴿٩٠﴾ إِنَّمَا يُرِيدُ الشَّيْطَانُ أَنْ يُوقِعَ بَيْنَكُمُ

ڇٽي وڃو. رڳو چاھي ٿو شيطان تہ وجھي توھان ۾

الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَاءَ فِي الْخَمْرِ وَالْمَيْسِرِ وَيَصُدَّكُمْ

دشمني ۽ وير شراب ۽ جوا جي ڪري ۽ سيڙائي توھان کي

عَنْ ذِكْرِ اللَّهِ وَعَنِ الصَّلَاةِ ۖ فَهَلْ أَنْتُمْ مُنْتَهُونَ ﴿٩١﴾

الله جي ذڪر کان ۽ نماز کان، ڇا پوءِ توھان رڪجي ويندؤ.

وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَاحْذَرُوْا ۚ فَاِنْ

۽ حڪم مڃيو الله جو ۽ حڪم مڃيو رسول جو ۽ ڊڄندا رهو، پوءِ جي

تَوَلَّيْتُمْ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَا عَلٰى رَسُوْلِنَا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿۹۲﴾

ڦرندؤ ته يقين ڪريو ته اسان جي رسول تي آهي پيغام ڏيڻ پڌرو.

لَيْسَ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جُنَاحٌ

نه آهي انهن تي جن ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيا ڪو گناهه

فِيْمَا طَعِمُوْٓا اِذَا مَا اتَّقَوْا وَّاٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

ان ۾ جو کائي چڪا جڏهن اڳتي خوف ڪن ۽ ايمان آڻن ۽ ڪم چڱا ڪن

ثُمَّ اتَّقَوْا وَّاٰمَنُوْا ثُمَّ اتَّقَوْا وَّاَحْسَنُوْا ۭ وَاللّٰهُ يُحِبُّ

وري خوف ڪن ۽ ايمان آڻين پوءِ ڊڄندا رهن ۽ چڱائي ڪن، ۽ الله دوست رکي ٿو

الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۹۳﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَيَبْلُوَنَّكُمُ اللّٰهُ ع ٢ ٧ ٢

چڱائي ڪندڙن کي. اي ايمان وارؤ! ضرور آزمائيندو توهان کي الله

بِشَيْءٍ مِّنَ الصَّيْدِ تَنَالُهٗٓ اَيْدِيْكُمْ وَرِمَاحُكُمْ

شڪار جي معاملي ۾ جنهن تي پهچن ٿا توهان جا هٿ ۽ توهان جا نيزا

لِيَعْلَمَ اللّٰهُ مَنْ يَّخَافُهٗ بِالْغَيْبِ ۚ فَمَنِ اعْتَدٰى

جيئن ڄاڻي الله ته ڪير ٿو ڊڄي ان کان پرپٺ، پوءِ جنهن زيادتي ڪئي

بَعْدَ ذٰلِكَ فَلَهٗ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۹۴﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ

ان کان پوءِ ته انهيءَ لاءِ عذاب دردناڪ آهي. اي اُهي

اٰمَنُوْا لَا تَقْتُلُوا الصَّيْدَ وَاَنْتُمْ حُرُمٌ ؕ وَمَنْ

جن ايمان آندو نه ماريو شڪار کي ۽ توهان هجو احرام ۾، ۽ جنهن

قَتَلَهٗ مِنْكُمْ مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآءٌ مِّثْلُ مَا قَتَلَ مِنَ

ماريو ان کي توهان مان ڄاڻي واڻي پوءِ بدلو ڏيڻو آهي جيڪو ماريائين اوترو

النَّعَمِ يَحْكُمُ بِهٖ ذَوَا عَدْلٍ مِّنْكُمْ هَدْيًا بٰلِغَ

چوپايو جانور فيصلو ڪندا ان جو ٻه انصاف وارا توهان جا اهو سوڪڙي ڪري پهچائجي

الْكَعْبَةِ اَوْ كَفَّارَةٌ طَعَامُ مَسٰكِيْنَ اَوْ عَدْلُ

ڪعبي ڏانهن يا ڏنڊ ۾ ڏيڻي خوراڪ غريبن جي يا برابر

ذٰلِكَ صِيَامًا لِّيَذُوْقَ وَبَالَ اَمْرِهٖ ؕ عَفَا اللّٰهُ عَمَّا

ان جي روزا جيئن چکي سزا پنهنجي ڪئي جي معاف ڪيو الله جيڪي

سَلَفَ ؕ وَمَنْ عَادَ فَيَنْتَقِمُ اللّٰهُ مِنْهُ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ

ٿي گذريو، ۽ جيڪو وري ڪندو ته بدلو وٺندو الله انهيءَ کان، ۽ الله زبردست آهي

ذُو انْتِقَامٍ ﴿٩٥﴾ اُحِلَّ لَكُمْ صَيْدُ الْبَحْرِ وَطَعَامُهٗ

بدلي وٺڻ وارو آهي۔ حلال ڪيو ويو توهان لاءِ شڪار درياءَ جو ۽ کاڌڻ ان جو

مَتَاعًا لَّكُمْ وَلِلسَّيَّارَةِ ۚ وَحُرِّمَ عَلَيْكُمْ صَيْدُ

نفعي توهان جي لاءِ ۽ قافلي وارن لاءِ، ۽ حرام ڪيو ويو توهان تي شڪار

الْبَرِّ مَا دُمْتُمْ حُرُمًا ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اِلَيْهِ

خشڪي جو جيستائين احرام ۾ آهيو، ۽ ڊڄو الله کان جو انهيءَ ڏانهن

تُحْشَرُوْنَ ﴿٩٦﴾ جَعَلَ اللّٰهُ الْكَعْبَةَ الْبَيْتَ الْحَرَامَ

گڏ ڪيا ويندؤ ۔ بڻايو الله ڪعبي عزت واري گهر کي

قِيٰمًا لِّلنَّاسِ وَالشَّهْرَ الْحَرَامَ وَالْهَدْيَ وَ

ماڻهن جي بقاءَ لاءِ ۽ مهيني عزت واري کي پڻ ۽ قرباني کي ۽

الْقَلَآئِدَ ؕ ذٰلِكَ لِتَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِي

پٽي ٻڌل جانورن کي، اهو انهيءَ ڪري جيئن توهان سمجهو ته بيشڪ الله ڄاڻي ٿو جا شيءِ

السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ وَاَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ

آسمانن ۾ آهي ۽ جا شيءِ زمين ۾ آهي ۽ بيشڪ الله هر شيءِ کي

عَلِيْمٌ ﴿٩٧﴾ اِعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ وَاَنَّ

ڄاڻندڙ آهي ۔ يقين ڪريو ته الله سخت عذاب ڪندڙ آهي ۽ بيشڪ

اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٩٨﴾ ؕ مَا عَلَى الرَّسُوْلِ اِلَّا الْبَلٰغُ ؕ

الله بخشڻهار مهربان آهي ۔ ناهي رسول تي مگر پيغام پهچائڻ

وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَمَا تَكْتُمُوْنَ ﴿٩٩﴾ قُلْ لَّا

۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪي ظاهر ڪريو ٿا ۽ جيڪي لڪايو ٿا ۔ چئو ناهي

يَسْتَوِي الْخَبِيْثُ وَالطَّيِّبُ وَلَوْ اَعْجَبَكَ كَثْرَةُ

برابر پليد ۽ پاڪ جيتوڻيڪ وڻي توکي گهڻائي

الْخَبِيْثِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ يٰٓاُولِي الْاَلْبَابِ لَعَلَّكُمْ

پليد جي، پوءِ ڊڄو الله کان اي مغز وارو جيئن

كعبة
5.97
3.96-97
2.127-151

تُفْلِحُونَ ﴿١٠٠﴾ ع يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تَسْأَلُوا عَنْ أَشْيَاءَ ع ١٣ ٧ ٣
كامياب ٿيو. اي ايمان وارؤ! نه پڇو گهڻين ڳالهين
إِنْ تُبْدَ لَكُمْ تَسُؤْكُمْ ج وَإِنْ تَسْأَلُوا عَنْهَا حِينَ
جي اهي ظاهر ڪجن توهان لاءِ ته بُريون لڳنديون ۽ جي پڇندؤ انهن بابت جنهن وقت
يُنَزَّلُ الْقُرْآنُ تُبْدَ لَكُمْ ط عَفَا اللَّهُ عَنْهَا ط وَ
نازل ٿي رهيو آهي قرآن ته اهي ظاهر ڪيون توهان ٿي، معاف ڪيو الله اهو گناهه ۽
اللَّهُ غَفُورٌ حَلِيمٌ ﴿١٠١﴾ قَدْ سَأَلَهَا قَوْمٌ مِنْ قَبْلِكُمْ
الله بخشيندڙ برد بار آهي. بيشڪ سوال ڪيا هئا هڪ قوم جا اڳي هئي توهان کان
ثُمَّ أَصْبَحُوا بِهَا كَافِرِينَ ﴿١٠٢﴾ مَا جَعَلَ اللَّهُ مِنْ
پوءِ اهي ٿي پيا انجا انڪاري. نه بڻائي آهي الله ڪا
بَحِيرَةٍ وَلَا سَائِبَةٍ وَلَا وَصِيلَةٍ وَلَا حَامٍ لا وَ
بحيرة ۽ نه سائبه ۽ نه وصيله ۽ نڪو حام
لَٰكِنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا يَفْتَرُونَ عَلَى اللَّهِ الْكَذِبَ ط
پر جن ڪفر ڪيو اهي گهڙين ٿا الله تي ڪوڙ،
وَأَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُونَ ﴿١٠٣﴾ وَإِذَا قِيلَ لَهُمْ تَعَالَوْا
۽ گهڻا انهن مان نه ٿا سمجهن. ۽ جڏهن کين چئجي ٿو ته اچو
إِلَىٰ مَا أَنْزَلَ اللَّهُ وَإِلَى الرَّسُولِ قَالُوا حَسْبُنَا مَا
ان ڏانهن جيڪي نازل ڪيو الله ۽ اچو رسول ڏانهن چون ٿا ڪافي آهي اسان کي اهو

القرآن الكريم ترجمو حضرت مولانا عبدالكريم قريشي (بير شريف)

وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ؕ اَوَلَوْ كَانَ اٰبَآؤُهُمْ لَا

جنھن تي لڌوسون پنھنجن ابن ڏاڏن کي، ڇا توڻي جو انھن جا ابا ڏاڏا نه

يَعْلَمُوْنَ شَيْـًٔا وَّلَا يَهْتَدُوْنَ ﴿١٠٤﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ

ڄاڻندا ھجن ڪجھ به ۽ نه ڪي سڌي راه تي ھجن. اي اُھي

اٰمَنُوْا عَلَيْكُمْ اَنْفُسَكُمْ ۚ لَا يَضُرُّكُمْ مَّنْ ضَلَّ

جن ايمان آندو توھان بچايو سِرَ پنھنجا، نه نقصان ڏيندو توھان کي جيڪو به گمراه ٿيو

اِذَا اهْتَدَيْتُمْ ؕ اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُكُمْ

جڏھن توھان ھدايت وارا آھيو. الله ڏانھن موٽڻ آھي توھان سڀني جو پوءِ اھو خبر ڏيندو توھان کي

بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٠٥﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا شَهَادَةُ

جيڪي توھان ڪندا ھئا. اي ايمان وارو! شاھدي

بَيْنِكُمْ اِذَا حَضَرَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ حِيْنَ الْوَصِيَّةِ

توھان جي وچ ۾ جڏھن اچي تو توھان مان ڪنھن تي موت وصيت جي وقت

اثْنٰنِ ذَوَا عَدْلٍ مِّنْكُمْ اَوْ اٰخَرٰنِ مِنْ غَيْرِكُمْ

ٻه ماڻھو ھجن سچا توھان مان يا ٻه ٻيا توھان جي غيرن مان

اِنْ اَنْتُمْ ضَرَبْتُمْ فِى الْاَرْضِ فَاَصَابَتْكُمْ

جيڪڏھن توھان سفر ڪيو ملڪ ۾ پوءِ پھچي توھان کي

مُّصِيْبَةُ الْمَوْتِ ؕ تَحْبِسُوْنَهُمَا مِنْ بَعْدِ الصَّلٰوةِ

تڪليف موت جي، جھليو انھن ٻنھي کي نماز کان بعد

Al - Qura'n Al-Kareen By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

فَيُقْسِمٰنِ بِاللّٰهِ اِنِ ارْتَبْتُمْ لَا نَشْتَرِيْ بِهٖ ثَمَنًا

پوءِ اهي ٻئي قسم کڻن الله جو جي توهان کي شڪ پوي ته نه وٺنداسين ان جي ڪا قيمت

وَّلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ۙ وَلَا نَكْتُمُ شَهَادَةَ اللّٰهِ اِنَّآ اِذًا

توڻي هجي مائٽ ۽ نه لڪائينداسون شاهدي الله جي بيشڪ اسين ان وقت

لَّمِنَ الْاٰثِمِيْنَ ۝۱۰۶ فَاِنْ عُثِرَ عَلٰٓى اَنَّهُمَا اسْتَحَقَّآ

ڏوهارين مان آهيون. پوءِ جيڪڏهن خبر پئجي ته اهي ٻئي ٿيا آهن

اِثْمًا فَاٰخَرٰنِ يَقُوْمٰنِ مَقَامَهُمَا مِنَ الَّذِيْنَ

ڏوهي پوءِ ٻه ٻيا شاهد بيهن انهن جي عوض انهن مان

اسْتَحَقَّ عَلَيْهِمُ الْاَوْلَيٰنِ فَيُقْسِمٰنِ بِاللّٰهِ

جن جو حق ضايع ٿيو ٻه ويجها مائٽ پوءِ اهي قسم کڻندا الله جو

لَشَهَادَتُنَآ اَحَقُّ مِنْ شَهَادَتِهِمَا وَمَا اعْتَدَيْنَآ ۖ

ته اسانجي شاهدي وڌيڪ سچي آهي انهن ٻنهي جي شاهدي کان ۽ اسين حدکان نه لنگهيا آهيون

اِنَّآ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ۝۱۰۷ ذٰلِكَ اَدْنٰٓى اَنْ يَّاْتُوْا

ان وقت اسين ظالمن مان ٿيون ها. اهو ويجهو آهي ته ڏين

بِالشَّهَادَةِ عَلٰى وَجْهِهَآ اَوْ يَخَافُوْٓا اَنْ تُرَدَّ اَيْمَانٌۢ

شاهدي جنهن جو آهي يا ڊڄن ته متان موٽايا وڃن قسم

بَعْدَ اَيْمَانِهِمْ ۭ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاسْمَعُوْا ۭ وَاللّٰهُ لَا

هنن جي قسمن کانپوءِ ۽ ڊڄو الله کان ۽ حڪم ٻڌو ۽ الله نه

القرآن الكريم ترجمو حضرت مولانا عبدالكريم قريشي (بير شريف)

يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿١٠٨﴾ يَوْمَ يَجْمَعُ اللّٰهُ الرُّسُلَ ع ١٤ ٨ ٤

توهدايت ڪري بي دينن ڪي. جنهن ڏينهن گڏ ڪندو الله رسولن کي

فَيَقُوْلُ مَاذَآ اُجِبْتُمْ ۭ قَالُوْا لَا عِلْمَ لَنَا ۭ اِنَّكَ

پوءِ چوندو ڇا جواب مليو هو توهان کي؟ چوندا ناهي خبر اسان کي، تون

اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿١٠٩﴾ اِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسَى ابْنَ

ئي ڄاڻندڙ آهين ڳجهن جو. جڏهن چوندو الله عيسىٰ ابن

مَرْيَمَ اذْكُرْ نِعْمَتِيْ عَلَيْكَ وَعَلٰي وَالِدَتِكَ ۘ اِذْ وقف لازم

مريم کي ياد ڪر منهنجي نعمت پاڻ تي ۽ پنهنجي ماءُ تي، جنهن وقت

اسان جي زالن تي، ۽ جيڪڏهن اهو هوندو مئل ٻوٽو آهي سڀ ان ۾ شريڪ آهن،

سَيَجْزِيْهِمْ وَصْفَهُمْ ؕ اِنَّهٗ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿١٤٠﴾ قَدْ خَسِرَ

جو سزا ڏيندو انهن کي سندن بيان تي، اهو ئي حڪمت وارو علم وارو آهي. ناڪام ٿيا

الَّذِيْنَ قَتَلُوْۤا اَوْلَادَهُمْ سَفَهًا بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّحَرَّمُوْا

اهي جن ڪُٺو پنهنجن ٻچن کي بيوقوفيءَ ڪري بنا ڄاڻ جي ۽ حرام ڪيائون

مَا رَزَقَهُمُ اللّٰهُ افْتِرَآءً عَلَى اللّٰهِ ؕ قَدْ ضَلُّوْا وَمَا

ان روزيءَ کي جا ڏني الله انهن کي ناهڻا هيندي الله تي، بيشڪ گمراه ٿيا ۽ نه

كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿١٤١﴾ وَهُوَ الَّذِيْۤ اَنْشَاَ جَنّٰتٍ

هئا هدايت وارا. ۽ اهو ئي آهي جنهن پيدا ڪيا باغ

مَّعْرُوْشٰتٍ وَّغَيْرَ مَعْرُوْشٰتٍ وَّالنَّخْلَ وَالزَّرْعَ

پيهن وارا ۽ بنا پيهن جي ۽ ڪجيون ۽ پوکون

مُخْتَلِفًا اُكُلُهٗ وَالزَّيْتُوْنَ وَالرُّمَّانَ مُتَشَابِهًا وَّ

جدا جدا ميوا انهن جا ۽ زيتون ۽ ڏاڙهون هڪ ٻئي سان لڳ ڀڳ ۽

غَيْرَ مُتَشَابِهٍ ۚ كُلُوا مِن ثَمَرِهِ إِذَا أَثْمَرَ وَآتُوا حَقَّهُ

صفا جُدا، کائو ان جو ڦر جڏهن ڦرجي ۽ ڏيو حق ان جو

يَوْمَ حَصَادِهِ ۖ وَلَا تُسْرِفُوا ۚ إِنَّهُ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِينَ ﴿١٤١﴾

لاباري ڏينهن، ۽ اجايو نه وڃايو، بيشڪ اهو نه ٿو پسند ڪري اجائي خرچ ڪندڙن کي.

وَمِنَ الْأَنْعَامِ حَمُولَةً وَفَرْشًا ۚ كُلُوا مِمَّا رَزَقَكُمُ

۽ پيدا ڪيائين ڪي جانور بار کڻندڙ ۽ ڪي زمين سان لڳل کائو ان مان جو رزق ڏنو توهان کي

اللَّهُ وَلَا تَتَّبِعُوا خُطُوَاتِ الشَّيْطَانِ ۚ إِنَّهُ لَكُمْ عَدُوٌّ

الله ۽ نه هلو شيطان جي وِکن تي، اهو توهان جو دشمن

مُّبِينٌ ﴿١٤٢﴾ ثَمَانِيَةَ أَزْوَاجٍ ۖ مِّنَ الضَّأْنِ اثْنَيْنِ وَ

پڌرو آهي- پيدا ڪيائين اٺ نر ماد رڍن مان ٻه ۽

مِنَ الْمَعْزِ اثْنَيْنِ ۗ قُلْ آلذَّكَرَيْنِ حَرَّمَ أَمِ الْأُنثَيَيْنِ

ٻڪرين مان ٻه، چئو ڇا ٻئي نر حرام ڪيائين يا ٻئي ماديون

أَمَّا اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ أَرْحَامُ الْأُنثَيَيْنِ ۖ نَبِّئُونِي بِعِلْمٍ

يا اهو ڦر جنهن تي شامل آهي گهيرڙ ٻنهي مادين جي، ٻڌايو مون کي دليل سان

إِن كُنتُمْ صَادِقِينَ ﴿١٤٣﴾ وَمِنَ الْإِبِلِ اثْنَيْنِ وَمِنَ

جيڪڏهن سچا آهيو. ۽ اُٺن مان ٻه ۽

الْبَقَرِ اثْنَيْنِ ۗ قُلْ آلذَّكَرَيْنِ حَرَّمَ أَمِ الْأُنثَيَيْنِ

ڳائين مان ٻه، چئو ڇا ٻئي نر حرام ڪيائين يا ٻئي ماديون

أَمَّا اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ أَرْحَامُ الْأُنثَيَيْنِ ۖ أَمْ كُنتُمْ

يا اهو ڦر جنهن تي ويڙهيل آهي ڳيڀڻ ٻنهي مادين جي، ڇا توهان

شُهَدَاءَ إِذْ وَصَّاكُمُ اللَّهُ بِهَٰذَا ۚ فَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنِ

حاضر هئا جڏهن حڪم ڏنو الله اهو، پوءِ ڪير وڌيڪ ظالم آهي ان کان

افْتَرَىٰ عَلَى اللَّهِ كَذِبًا لِّيُضِلَّ النَّاسَ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۗ

جو ناهي الله تي ڪوڙ جيئن گمراهه ڪري ماڻهن کي بنا دليل،

ع ١٧ ٤ إِنَّ اللَّهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظَّالِمِينَ ﴿١٤٥﴾ قُل لَّا أَجِدُ

بيشڪ الله نه ٿو هدايت ڪري ماڻهن ظالمن کي. چؤ آءُ نٿو لهان

فِي مَا أُوحِيَ إِلَيَّ مُحَرَّمًا عَلَىٰ طَاعِمٍ يَطْعَمُهُ إِلَّا

ان ۾ جو نازل ڪيل آهي مون ڏانهن ڪوئي حرام ڪنهن کائڻ واري تي جو کائي ان کي مگر

أَن يَكُونَ مَيْتَةً أَوْ دَمًا مَّسْفُوحًا أَوْ لَحْمَ خِنزِيرٍ

اهو هجي مُئل يا رت وهيل يا گوشت سوئر جو

فَإِنَّهُ رِجْسٌ أَوْ فِسْقًا أُهِلَّ لِغَيْرِ اللَّهِ بِهِ ۚ فَمَنِ

پوءِ اهو سو پليت آهي يا ناجائز اها شيءِ جنهن تي پُڪاريل هجي الله کان سواءِ ٻيءَ جو نالو پر جيڪو

اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَلَا عَادٍ فَإِنَّ رَبَّكَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿١٤٦﴾

لاچار ٿيو نه بي فرماني ڪندڙ ۽ نه زيادتي ڪندڙ ته بيشڪ تنهنجو پالڻهار بخشيندڙ مهربان آهي.

وَعَلَى الَّذِينَ هَادُوا حَرَّمْنَا كُلَّ ذِي ظُفُرٍ ۖ وَمِنَ

۽ يهودين تي حرام ڪيوسون هر ننهن وارو جانور، ۽

الْبَقَرِ وَالْغَنَمِ حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ شُحُومَهُمَا إِلَّا مَا حَمَلَتْ

ڳائي مال ۽ ٻڪرين مان اسان حرام ڪيون انهن تي ڇرٻيون انهن جون مگر اها جيڪا چاڙهي

ظُهُورُهُمَا أَوِ الْحَوَايَا أَوْ مَا اخْتَلَطَ بِعَظْمٍ ۚ ذَٰلِكَ

انهن جي پٺين ۽ آنڊن يا اها جيڪا گڏجي وئي هڏن سان، اها

جَزَيْنَاهُمْ بِبَغْيِهِمْ ۖ وَإِنَّا لَصَادِقُونَ ﴿١٤٧﴾ فَإِنْ كَذَّبُوكَ

سزا ڏني سون کين سندن بي فرمانيءَ جي ۽ اسان سچا آهيون. پوءِ جيڪڏهن اهي ڪوڙو چون توکي

فَقُلْ رَبُّكُمْ ذُو رَحْمَةٍ وَاسِعَةٍ وَلَا يُرَدُّ بَأْسُهُ عَنِ

پوءِ چئو توهان جو رب رحمت ڪشادي وارو آهي. ۽ نه هٽايو ويندو ان جو عذاب

الْقَوْمِ الْمُجْرِمِينَ ﴿١٤٨﴾ سَيَقُولُ الَّذِينَ أَشْرَكُوا لَوْ شَاءَ

قوم ڏوهارين جي کان. هينئر چوندا اهي جن شرڪ ڪيو جيڪڏهن گهري ها

اللَّهُ مَا أَشْرَكْنَا وَلَا آبَاؤُنَا وَلَا حَرَّمْنَا مِنْ شَيْءٍ ۚ

الله ته نه شرڪ ڪيون ها اسان ۽ نڪي اسانجا ابا ڏاڏا ۽ نڪي حرام ڪيون ها ڪائي شيءِ،

كَذَٰلِكَ كَذَّبَ الَّذِينَ مِنْ قَبْلِهِمْ حَتَّىٰ ذَاقُوا

اهڙي طرح ڪوڙو ڪيو هو انهن کان اڳين به نيٺ چکيا ٿون

بَأْسَنَا ۗ قُلْ هَلْ عِنْدَكُمْ مِنْ عِلْمٍ فَتُخْرِجُوهُ لَنَا ۖ

عذاب اسانجو. چئو ڇا توهان وٽ آهي ڪوئي علم ته ظاهر ڪريو ان کي اسان لاءِ،

إِنْ تَتَّبِعُونَ إِلَّا الظَّنَّ وَإِنْ أَنْتُمْ إِلَّا تَخْرُصُونَ ﴿١٤٩﴾

رڳو توهان هلو ٿا گمان تي ۽ توهان رڳو انڪلون ٿا ڪريو.

ولا يرد بأسه عن القوم المجرمين

قُلْ فَلِلّٰهِ الْحُجَّةُ الْبَالِغَةُ ۚ فَلَوْ شَآءَ لَهَدٰىكُمْ

تون چؤ ته الله جوئي آهي دليل پُختو، پوءِ جيڪڏهن اهو چاهي ها ته هدايت ڪري ها توهان

أَجْمَعِيْنَ ﴿١٥٠﴾ قُلْ هَلُمَّ شُهَدَآءَكُمُ الَّذِيْنَ يَشْهَدُوْنَ

سڀني کي. چئو آڻيو پنهنجا شاهد جيڪي شاهدي ڏين

أَنَّ اللّٰهَ حَرَّمَ هٰذَا ۚ فَإِنْ شَهِدُوْا فَلَا تَشْهَدْ مَعَهُمْ ۚ

ته الله حرام ڪئي آهي هيءَ شيءِ، پوءِ جي اهي چون به ته تون نه چئو انهن سان گڏ،

وَلَا تَتَّبِعْ أَهْوَآءَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَالَّذِيْنَ

۽ نه هل انهن جي خواهش تي جن ڪوڙ ڪري ڪوٺيو اسان جي آيتن کي ۽ جيڪي

ع ١٨ ٦ ٥ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ وَهُمْ بِرَبِّهِمْ يَعْدِلُوْنَ ﴿١٥١﴾

نه ٿا مڃين آخرت کي ۽ اهي پنهنجي رب سان ٻين کي برابر ٿا ڪن.

قُلْ تَعَالَوْا أَتْلُ مَا حَرَّمَ رَبُّكُمْ عَلَيْكُمْ أَلَّا تُشْرِكُوْا

چئو اچو ته آءٌ پڙهان توهان جيڪي حرام ڪيو توهان جي رب توهان تي ته نه شريڪ ڪريو

بِهٖ شَيْـًٔا وَّبِالْوَالِدَيْنِ إِحْسَانًا ۚ وَلَا تَقْتُلُوْا

انهيءَ سان ڪنهن شيءِ کي ۽ ماءُ پيءُ سان چڱائي ڪريو، ۽ نه ڪُهو

أَوْلَادَكُمْ مِّنْ إِمْلَاقٍ ۖ نَحْنُ نَرْزُقُكُمْ وَإِيَّاهُمْ ۚ وَلَا

پنهنجن ٻچن کي سڃائي کان، اسان روزي ڏيندا آهيون توهان کي ۽ انهن کي ۽ نه

تَقْرَبُوا الْفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ ۚ وَلَا تَقْتُلُوا

ويجها ٿيو بي حيائي کي جا ظاهر هجي ان مان ۽ لڪل هجي، ۽ نه قتل ڪريو

النَّفْسَ الَّتِيْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ ؕ ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ

ماڻهو کي جنهن کان روڪيو الله مگر حق سان، اهو توحڪم ڪيائين توهانکي جنهن جو

لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿١٥٢﴾ وَلَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا

تہ من توهان عقل ڪريو. ۽ نہ ويجهائيو يتيم جي مال کي مگر

بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ ۚ وَاَوْفُوا الْكَيْلَ

اهڙي طرح جو جائز هجي تان جو پهچي پنهنجي جواني کي، ۽ پورو ڪريو ماڻ

وَالْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ ۚ لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ۚ

۽ تور کي انصاف سان، اسان نہ ٿا تڪليف ڏيون ڪنهين کي مگران جي طاقت آهر،

وَاِذَا قُلْتُمْ فَاعْدِلُوْا وَلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ۚ وَبِعَهْدِ اللّٰهِ

۽ جڏهن ڳالهايو تہ حق چئو جيتوڻيڪ هجي مائٽ، ۽ الله سان ڪيل وعدو

اَوْفُوْا ؕ ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿١٥٣﴾ وَ

پاڙيو، اهو توحڪم ڪيائين توهان کي جنهن جو مَنَ توهان نصيحت وٺو. ۽

اَنَّ هٰذَا صِرَاطِيْ مُسْتَقِيْمًا فَاتَّبِعُوْهُ ۚ وَلَا تَتَّبِعُوا

بيشڪ اها منهنجي راه آهي سڌي پوءِ انهيءَ تي هلو، ۽ نہ هلو

السُّبُلَ فَتَفَرَّقَ بِكُمْ عَنْ سَبِيْلِهٖ ؕ ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ

ٻين رستن تي پوءِ اهي ڌار ڪندا توهان کي ان جي راه کان، اهو توحڪم ڪيائين توهان کي جنهن جو

لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٥٤﴾ ثُمَّ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ تَمَامًا

من پرهيزگار ٿيو. پوءِ ڏنوسون موسىٰ کي ڪتاب نعمت پوري ڪرڻ لاءِ

عَلَى الَّذِيْٓ اَحْسَنَ وَتَفْصِيْلًا لِّكُلِّ شَيْءٍ وَّهُدًى

انهيءَ تي جيڪو چڱو ڪم ڪري ۽ بيان ڪرڻ لاءِ هر شيءِ کي ۽ هدايت لاءِ

وَّرَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ بِلِقَآءِ رَبِّهِمْ يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٥٥﴾ وَهٰذَا ع ١٩ ٤ ٦

۽ رحمت لاءِ ته جيئن اهي ملاقات پنهنجي رب جيءَ کي مڃين. ۽ هيءُ قرآن

كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ فَاتَّبِعُوْهُ وَاتَّقُوْا لَعَلَّكُمْ

ڪتاب آهي جنهن کي لاٿو سون برڪت وارو آهي پوءِ هلو ان تي ۽ ڊڄو مَنَ توهان

تُرْحَمُوْنَ ﴿١٥٦﴾ اَنْ تَقُوْلُوْٓا اِنَّمَآ اُنْزِلَ الْكِتٰبُ عَلٰى

رحم ڪيا وڃو. متان چئو ته رڳو نازل ڪيو ويو ڪتاب

طَآئِفَتَيْنِ مِنْ قَبْلِنَا وَاِنْ كُنَّا عَنْ دِرَاسَتِهِمْ

ٻن جماعتن تي اسان کان اڳي ۽ اسان هئاسون ان جي تعليم کان

لَغٰفِلِيْنَ ﴿١٥٧﴾ اَوْ تَقُوْلُوْا لَوْ اَنَّآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا الْكِتٰبُ لَكُنَّآ

بي خبر. يا چئو ته جيڪر نازل ٿئي ها اسان تي به ڪتاب ته اسان ٿيون ها

اَهْدٰى مِنْهُمْ فَقَدْ جَآءَكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ

وڌيڪ هدايت وارا انهن کان، سو بيشڪ اچي ويو توهان وٽ رهبر توهان جي رب کان ۽

هُدًى وَّرَحْمَةٌ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ

هدايت ۽ رحمت، پوءِ ڪير وڌو ظالم آهي انهيءَ کان جو ڪوڙو ڪري الله جي آيتن کي

وَصَدَفَ عَنْهَا سَنَجْزِي الَّذِيْنَ يَصْدِفُوْنَ عَنْ

۽ منهن موڙي انهن کان، جلد سزا ڏينداسون انهن کي جيڪي منهن موڙين ٿا

اٰيٰتِنَا سُوْٓءَ الْعَذَابِ بِمَا كَانُوْا يَصْدِفُوْنَ ﴿١٥٨﴾
اسان جي آيتن کان بڇڙي عذاب جي هن ڪري جو اهي منهن موڙيندا هئا.

هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ يَاْتِيَ
نه تاڙين مگر هي ته اچن انهن وٽ ملائڪ يا اچي

رَبُّكَ اَوْ يَاْتِيَ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ ؕ يَوْمَ يَاْتِيْ بَعْضُ
تنهنجو رب يا اچن ڪي نشانيون تنهنجي رب جون. جنهن ڏينهن اينديون ڪي

اٰيٰتِ رَبِّكَ لَا يَنْفَعُ نَفْسًا اِيْمَانُهَا لَمْ تَكُنْ اٰمَنَتْ
نشانيون تنهنجي رب جون نفعو نه ڏيندو ڪنهن کي ايمان آڻڻ جو جنهن نه ايمان آندو هو

مِنْ قَبْلُ اَوْ كَسَبَتْ فِيْٓ اِيْمَانِهَا خَيْرًا ؕ قُلِ انْتَظِرُوْٓا
اڳ ۾ يا نه ڪمائي هئي پنهنجي ايمان ۾ ڪا ڀلائي، چئو انتظار ڪريو

اِنَّا مُنْتَظِرُوْنَ ﴿١٥٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ وَكَانُوْا
اسان به منتظر آهيون. بيشڪ جن ٽڪرا ڪيو پنهنجي دين کي ۽ ٿي ويا

شِيَعًا لَّسْتَ مِنْهُمْ فِيْ شَيْءٍ ؕ اِنَّمَآ اَمْرُهُمْ اِلَى اللّٰهِ
ٽوليون نه آهين تون انهن سان ڪنهن ڳالهه ۾، رڳو ڪم انهن جو الله جي حوالي آهي

ثُمَّ يُنَبِّئُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿١٦٠﴾ مَنْ جَآءَ
پوءِ خبر ڏيندو انهن کي ان جي جو ڪجھ ڪندا هئا. جيڪو آڻيندو

بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ عَشْرُ اَمْثَالِهَا ۚ وَمَنْ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ
چڱائي پوءِ ان لاءِ آهي ڏهوڻ انهي جي، ۽ جيڪو آڻيندو بڇڙائي

Al - Qura'n Al-Kareen By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

فَلَا يُجْزٰٓى اِلَّا مِثْلَهَا وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿١٦١﴾ قُلْ
پوءِ ان کي بدلو ڏنو ويندو اوترو ئي جيترو اهي ۽ نه ظلم ڪيا ويندا. چؤ
اِنَّنِيْ هَدٰىنِيْ رَبِّيْٓ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ۚ دِيْنًا قِيَمًا
مون کي هلايو آهي منهنجي رب رستي سڌي تي، دين صحيح تي
مِّلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ۚ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٦٢﴾
طريقي ابراهيم تي جو هڪ طرف هئو ۽ نه هئو مشرڪن مان.
قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ
تون چؤ بيشڪ منهنجي نماز ۽ منهنجي خيرات ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ الله
رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦٣﴾ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ۚ وَبِذٰلِكَ اُمِرْتُ
پروردگار جهانن جي لاءِ آهي. ناهي ڪو شريڪ ان جو ۽ اهوئي حڪم ڏنو اٿم
وَاَنَا اَوَّلُ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٦٤﴾ قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْغِيْ رَبًّا وَّ
۽ آءٌ ئي پهريون فرمانبردار آهيان. چؤ ڇا الله کان سواءِ ڳوليان ڪو رب ۽
هُوَ رَبُّ كُلِّ شَيْءٍ ۭ وَلَا تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ اِلَّا
اهو پالڻهار هر شيءِ جو آهي، ۽ نه ٿو گناه ڪري هر ڪو ماڻهو مگر
عَلَيْهَا ۚ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ۚ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ
پاڻ تي، ۽ نه کڻندو ڪوئي بار کڻندڙ بار ٻئي جو، پوءِ پنهنجي رب ڏانهن آهي
مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٦٥﴾
موٽڻ اوهان جو پوءِ ٻڌائيندو توهان کي اها ڳالهه جنهن ۾ توهان جهڳڙو ڪندا هئا.

وَهُوَ الَّذِیْ جَعَلَكُمْ خَلٰٓئِفَ الْاَرْضِ وَرَفَعَ

۽ انهيءَ ئي ڪيو توهان کي سنڀاليندڙ زمين جو ۽ مٿي ڪيائين

بَعْضَكُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ لِّیَبْلُوَكُمْ فِیْ مَآ اٰتٰىكُمْ ۭ

توهان مان هڪڙن کي ٻين کان درجن ۾ جئن آزمائي توهانکي ان ۾ جيڪي توهانکي ڏنائين،

اِنَّ رَبَّكَ سَرِیْعُ الْعِقَابِ ۖ وَاِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ ﴿۱۶۶﴾ ع

بيشڪ تنهنجو رب جلد عذاب ڪندڙ آهي، ۽ بيشڪ اهو ئي بخشڻهار مهربان آهي.

سُوْرَةُ الْاَعْرَافِ مَكِّیَّةٌ وَّهِیَ مِائَتَانِ وَّسِتُّ اٰیٰتٍ وَّاَرْبَعٌ وَّعِشْرُوْنَ رُكُوْعًا

سورت اعراف مڪي آهي ۽ ان ۾ ٻه سؤ ڇهه آيتون ۽ چوويهه رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان

الٓمّٓصٓ ﴿۱﴾ كِتٰبٌ اُنْزِلَ اِلَیْكَ فَلَا یَكُنْ فِیْ صَدْرِكَ

المّص. هي ڪتاب لاٿو ويو توڏانهن پوءِ نه هجي تنهنجي دل ۾

حَرَجٌ مِّنْهُ لِتُنْذِرَ بِهٖ وَذِكْرٰى لِلْمُؤْمِنِیْنَ ﴿۲﴾

ڪا پريشاني هن کان جئن ڊيڄارين انهيءَ سان ۽ نصيحت ڪرين مؤمنن کي.

اِتَّبِعُوْا مَآ اُنْزِلَ اِلَیْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَلَا تَتَّبِعُوْا

هلو ان تي جيڪي نازل ٿيو توهان ڏانهن توهان جي رب کان ۽ نه تابع ٿيو

مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِیَآءَ ۭ قَلِیْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۳﴾ وَ

انهيءَ کان سواءِ ٻين دوستن جا، تمام گهٽ ٿا سمجهو توهان. ۽

كَمْ مِّنْ قَرْيَةٍ أَهْلَكْنٰهَا فَجَآءَهَا بَأْسُنَا بَيَاتًا أَوْ هُمْ

ڪيئي ڳوٺ هلاڪ ڪيا سون جو پهتو انهن تي عذاب اسان جو راتو واهه يا هئا

قَآئِلُوْنَ ﴿٤﴾ فَمَا كَانَ دَعْوٰىهُمْ إِذْ جَآءَهُمْ بَأْسُنَآ إِلَّآ

منجهند جو آرامي. پوءِ نه هو آواز انهن جو جڏهن آيو وٽن عذاب مگر

أَنْ قَالُوْٓا إِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿٥﴾ فَلَنَسْـَٔلَنَّ الَّذِيْنَ

چون پيا ته برابر اسان هئاسين ظالم. پوءِ ضرور پڇنداسون انهن کان

أُرْسِلَ إِلَيْهِمْ وَلَنَسْـَٔلَنَّ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٦﴾ فَلَنَقُصَّنَّ

موڪليا ويا رسول جن ڏانهن ۽ ضرور پڇنداسون رسولن کان. پوءِ بيان ڪنداسون

عَلَيْهِمْ بِعِلْمٍ وَّمَا كُنَّا غَآئِبِيْنَ ﴿٧﴾ وَالْوَزْنُ يَوْمَئِذِ

انهن تي ثابتي سان ۽ نه هئاسون غير حاضر. ۽ تور تنهن ڏينهن

ِالْحَقُّ ج فَمَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ فَأُولٰٓئِكَ هُمُ

پوري ٿيندي، پوءِ جنهن جا ڳرا ٿيا تور، ته اهي ئي

الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٨﴾ وَمَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ فَأُولٰٓئِكَ

ڪامياب آهن. ۽ جنهن جا هلڪا ٿيا تور، پوءِ اهي ئي آهن

الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا أَنْفُسَهُمْ بِمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَظْلِمُوْنَ ﴿٩﴾

جن زيان ڪيو پنهنجو ان ڪري جو اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا.

وَلَقَدْ مَكَّنّٰكُمْ فِي الْأَرْضِ وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيْهَا

۽ اسان ئي توهان کي قرار ڏنو سون زمين ۾ ۽ ڪئي سون توهان لاءِ انهي ۾

مَعَايِشَ ۭ قَلِيْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ ﴿١٠﴾ وَلَقَدْ خَلَقْنٰكُمْ ثُمَّ

معاشيات، تمام گهٽ تاشکر کريو. ۽ اسان پيدا ڪيو توهان کي پوءِ

صَوَّرْنٰكُمْ ثُمَّ قُلْنَا لِلْمَلٰۗىِٕكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ ڰ فَسَجَدُوْٓا

شڪليون ڏنيون سي اوهانکي پوءِ چيوسون ملائڪن کي ته سجدو ڪريو آدم کي، پوءِ سجدو ڪيائون

اِلَّآ اِبْلِيْسَ ۭ لَمْ يَكُنْ مِّنَ السّٰجِدِيْنَ ﴿١١﴾ قَالَ مَا

مگر ابليس، نه هئو سجدي ڪندڙن مان. چيائين ڪهڙي

مَنَعَكَ اَلَّا تَسْجُدَ اِذْ اَمَرْتُكَ ۭ قَالَ اَنَا خَيْرٌ مِّنْهُ ۚ

رڪاوٽ هئي توکي جو نه سجدو ڪيو تو جڏهن حڪم ڪيم توکي، چيائين آءٌ ڀلو آهيان ان کان،

خَلَقْتَنِيْ مِنْ نَّارٍ وَّخَلَقْتَهٗ مِنْ طِيْنٍ ﴿١٢﴾ قَالَ

تو پيدا ڪيو مونکي باهه مان ۽ پيدا ڪيو تو ان کي مٽي مان. فرمايائين

فَاهْبِطْ مِنْهَا فَمَا يَكُوْنُ لَكَ اَنْ تَتَكَبَّرَ فِيْهَا

تون لهي وڃ هتان پوءِ ناهي توکي ڪو حق جو آڪڙ ڪرين تو هتي

فَاخْرُجْ اِنَّكَ مِنَ الصّٰغِرِيْنَ ﴿١٣﴾ قَالَ اَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى

پوءِ نڪري وڃ بيشڪ تون ذليلن مان آهين. چيائين ڍر ڏي مون کي

يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿١٤﴾ قَالَ اِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ ﴿١٥﴾ قَالَ

ڏينهن قيامت تائين. فرمايائين بلاشڪ تون مهلت ڏنلن مان آهين. چيائين

فَبِمَآ اَغْوَيْتَنِيْ لَاَقْعُدَنَّ لَهُمْ صِرَاطَكَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿١٦﴾ۙ

جنهن گمراهه ڪيو تو مونکي ته مون به ضرور ويهندس انهن لاءِ تنهنجي سڌي رستي تي.

ثُمَّ لَاٰتِيَنَّهُمْ مِّنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ وَمِنْ خَلْفِهِمْ

پوءِ ضرور ايندس انهن وٽ انهن جي اڳيان ۽ انهن جي پٺيان

وَعَنْ اَيْمَانِهِمْ وَعَنْ شَمَآئِلِهِمْ ۭ وَلَا تَجِدُ اَكْثَرَهُمْ

۽ انهن جي ساڄي کان ۽ انهن جي کابي کان، ۽ نه لهندين تون گهڻا انهن مان

شٰكِرِيْنَ ﴿١٧﴾ قَالَ اخْرُجْ مِنْهَا مَذْءُوْمًا مَّدْحُوْرًا ۭ

شڪر گذار. فرمايائين نڪر هتان بڇڙو ٿي تڙيل ٿي،

لَمَنْ تَبِعَكَ مِنْهُمْ لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنْكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٨﴾

جيڪو به تابع ٿيو تنهنجو انهن مان ضرور ڀريندس دوزخ کي توهان سڀني مان.

وَيٰٓاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَزَوْجُكَ الْجَنَّةَ فَكُلَا مِنْ

۽ اي آدم! رهه تون ۽ تنهنجي زال جنت ۾ پوءِ ٻئي کائو

حَيْثُ شِئْتُمَا وَلَا تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُوْنَا مِنَ

جتان چاهيو ۽ نه ويجها ٿيو هن وڻ کي پوءِ ٿي پوندؤ

الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٩﴾ فَوَسْوَسَ لَهُمَا الشَّيْطٰنُ لِيُبْدِيَ

گنهگار. پوءِ خيال وڌو انهنکي شيطان جيئن کولي

لَهُمَا مَا وٗرِيَ عَنْهُمَا مِنْ سَوْاٰتِهِمَا وَقَالَ مَا

انهن لاءِ اها شيءِ جا ڍڪيل هئي انهن کان يعني سندن اگهڙ ۽ چيائين نه

نَهٰىكُمَا رَبُّكُمَا عَنْ هٰذِهِ الشَّجَرَةِ اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَا

روڪيو توهانکي توهان جي رب هن وڻ کان مگر هن لاءِ ته ٿيندؤ

مَلَكَيْنِ اَوْ تَكُوْنَا مِنَ الْخٰلِدِيْنَ ﴿٢٠﴾ وَقَاسَمَهُمَآ

ملڪ يا ٿيندؤ هميشه هوندڙن مان. ۽ قسم کنيائين ٻنهي سان

اِنِّيْ لَكُمَا لَمِنَ النّٰصِحِيْنَ ﴿٢١﴾ فَدَلّٰىهُمَا بِغُرُوْرٍ

ته آءٌ توهان جو خيرخواهه آهيان. پوءِ لاڙيائين انهن کي ڌوکي سان،

فَلَمَّا ذَاقَا الشَّجَرَةَ بَدَتْ لَهُمَا سَوْاٰتُهُمَا وَطَفِقَا

پوءِ جڏهن چکيائون وڻ ته ظاهر ٿي انهن لاءِ سندن اگهڙ ۽ شروع ٿيا

يَخْصِفٰنِ عَلَيْهِمَا مِنْ وَّرَقِ الْجَنَّةِ ؕ وَنَادٰىهُمَا

ويڙهڻ پاڻ تي پن بهشت جا، ۽ سڏيو انهن کي

رَبُّهُمَآ اَلَمْ اَنْهَكُمَا عَنْ تِلْكُمَا الشَّجَرَةِ وَاَقُلْ

سندن رب ڇا نه روڪيو هيم توهان کي انهيءَ وڻ کان ۽ نه چيو هيم

لَّكُمَآ اِنَّ الشَّيْطٰنَ لَكُمَا عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٢٢﴾ قَالَا

توهان کي ته شيطان توهان جو دشمن پڌرو آهي. چيائون

رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا ۫ وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَتَرْحَمْنَا

اي رب اسان جا ظلم ڪيو سون پاڻ تي، ۽ جيڪڏهن نه بخشيندين اسان کي ۽ نه رحم ڪندين

لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٢٣﴾ قَالَ اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ

ته ضرور ٿينداسون نقصان وارا. فرمايائين لهي وڃو توهان هڪ

لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ وَلَكُمْ فِي الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّمَتَاعٌ

ٻئي جا دشمن آهيو، ۽ توهان لاءِ ڌرتي ۾ ٽڪاڻو آهي ۽ سامان

إِلَىٰ حِينٍ ﴿٢٤﴾ قَالَ فِيهَا تَحْيَوْنَ وَفِيهَا تَمُوتُونَ وَ

ڪجهه وقت تائين. فرمايائين انهيءَ ۾ جيئندؤ ۽ اتي ئي مرندؤ ۽

مِنْهَا تُخْرَجُونَ ﴿٢٥﴾ يَا بَنِي آدَمَ قَدْ أَنزَلْنَا عَلَيْكُمْ لِبَاسًا

انهيءَ مان ئي اُٿاريا ويندؤ. اي اولاد - آدم! اسان لاٿي توهان تي پوشاڪ

يُوَارِي سَوْآتِكُمْ وَرِيشًا ۖ وَلِبَاسُ التَّقْوَىٰ ذَٰلِكَ

جا ڍڪي ٿي توهان جون اگهڙون ۽ لاٿوسون سينگار، ۽ لباس پرهيز جو اهو ئي

خَيْرٌ ۚ ذَٰلِكَ مِنْ آيَاتِ اللَّهِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُونَ ﴿٢٦﴾

ڀلو آهي، اِهي الله جون نشانيون آهن جيئن اُهي سمجهن.

يَا بَنِي آدَمَ لَا يَفْتِنَنَّكُمُ الشَّيْطَانُ كَمَا أَخْرَجَ أَبَوَيْكُم

اي اولاد - آدم! نه گمراهه ڪري توهان کي شيطان جيئن ڪڍيائين توهان جي پيءُ ماءُ کي

مِّنَ الْجَنَّةِ يَنزِعُ عَنْهُمَا لِبَاسَهُمَا لِيُرِيَهُمَا سَوْآتِهِمَا ۗ

جنت مان لاٿائين انهن جا ڪپڙا جيئن ڏيکاري انهن کي اگهڙ هڪ ٻئي جي،

إِنَّهُ يَرَاكُمْ هُوَ وَقَبِيلُهُ مِنْ حَيْثُ لَا تَرَوْنَهُمْ ۗ

بيشڪ ڏسي ٿو توهان کي اهو ۽ ان جي قوم اُتان ڪان جتان نٿا ڏسو توهان انهن کي؛

إِنَّا جَعَلْنَا الشَّيَاطِينَ أَوْلِيَاءَ لِلَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ ﴿٢٧﴾

اسان ئي ڪيو آهي شيطانن کي سنگتي انهن جو جيڪي ايمان نٿا آڻين.

وَإِذَا فَعَلُوا فَاحِشَةً قَالُوا وَجَدْنَا عَلَيْهَا آبَاءَنَا وَ

۽ جڏهن ڪن ٿا بڇڙائي چون ٿا لڌوسون ان تي پنهنجن ابن ڏاڏن کي ۽

اللّٰهُ اَمَرَنَا بِهَا ؕ قُلْ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَاْمُرُ بِالْفَحْشَآءِ ؕ
الله حڪم ڪيو آهي اسان کي ان جو، چئو يقينًا الله نٿو حڪم ڪري بڇڙي ڪم جو،
اَتَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٨﴾ قُلْ اَمَرَ رَبِّيْ
ڇا چئو ٿا توهان الله تي اهو جيڪي نه ٿا ڄاڻو؟ چئو حڪم ڪيو آهي منهنجي رب
بِالْقِسْطِ ۟ وَاَقِيْمُوْا وُجُوْهَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ
انصاف جو، ۽ سڌا ڪريو پنهنجا منهن هر نماز وقت
وَّادْعُوْهُ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۬ؕ كَمَا بَدَاَكُمْ
۽ پڪاريو انهي کي خالص ڪندڙ انجي ٻانهپ کي؛ جيئن پيدا ڪيائين توهان کي
تَعُوْدُوْنَ ﴿٢٩﴾ؕ فَرِيْقًا هَدٰى وَفَرِيْقًا حَقَّ عَلَيْهِمُ
تيئن ٻيهر موٽندؤ. هڪ ٽولي کي هدايت ڪيائين ۽ ٻيو ٽولو ثابت ٿي انهن تي
الضَّلٰلَةُ ؕ اِنَّهُمُ اتَّخَذُوا الشَّيٰطِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ
گمراهي، انهن بڻايو هو شيطان کي دوست
دُوْنِ اللّٰهِ وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿٣٠﴾ يٰبَنِيْۤ
الله کي ڇڏي ۽ ڀائين ٿا ته اهي هدايت وارا آهن. اي اولاد
اٰدَمَ خُذُوْا زِيْنَتَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ وَّكُلُوْا وَاشْرَبُوْا
آدم! وٺو صاف لباس هر نماز وقت ۽ کائو ۽ پيئو
وَلَا تُسْرِفُوْا ۚ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣١﴾ؑ قُلْ مَنْ
۽ اجايو خرچ نه ڪريو بيشڪ اهو نه ٿو پسند ڪري اجائي خرچ ڪندڙن کي. چئو ڪنهن

مسجد كل مسجد نماز

قل هل ننبئكم بالاخسرين اعمالا الذين ضل سعيهم في الحيوة الدنيا وهم يحسبون انهم يحسنون صنعا 15./02-/03

مسجد كل مسجد نماز

ع ٣ ٦ ١٠

Al - Qura'n Al-Kareen By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

حَرَّمَ زِيْنَةَ اللّٰهِ الَّتِيْٓ اَخْرَجَ لِعِبَادِهٖ وَالطَّيِّبٰتِ

حرام ڪيو الله جي پوشاڪ کي جا پيدا ڪيائين پنهنجن ٻانهن لاءِ ۽ سٺيون شيون

مِنَ الرِّزْقِ ؕ قُلْ هِيَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا

کاڌي جون؟ چؤ اهي آهن ايمان وارن جي لاءِ دنيا جي زندگي ۾

خَالِصَةً يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ

خصوصًا آخرت ۾، اهڙي طرح بيان ڪيون ٿا آيتن کي ان قوم لاءِ

يَّعْلَمُوْنَ ﴿٣٢﴾ قُلْ اِنَّمَا حَرَّمَ رَبِّيَ الْفَوَاحِشَ مَا

جيڪي سمجهن. چؤ رڳو حرام ڪيو منهنجي رب بي حيائي جي ڪمن کي جيڪي

ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ وَالْاِثْمَ وَالْبَغْيَ بِغَيْرِ الْحَقِّ

پڌرا هجن يا جيڪي لڪل ۽ گناهه کي ۽ سرڪشي اجائي کي

وَاَنْ تُشْرِكُوْا بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا وَّاَنْ

۽ هنڪي ته شريڪ ڪريو الله سان اهو جو نه لاٿائين ان جو ڪو دليل ۽ هنڪي ته

تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَلِكُلِّ اُمَّةٍ

چئو الله تي اهو جو نه ٿا ڄاڻو. ۽ هر هڪ ٽولي لاءِ آهي

اَجَلٌ ۚ فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّ

وقت مقرر، پوءِ جڏهن ايندو سندن وقت نه پوئتي ٿيندا گهڙي ۽

لَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٣٤﴾ يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ اِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ رُسُلٌ

نه اڳتي ٿيندا. اي اولاد آدم! جيڪڏهن اچن توهان وٽ رسول

مِّنكُمْ يَقُصُّونَ عَلَيْكُمْ ءَايَٰتِى ۙ فَمَنِ ٱتَّقَىٰ وَأَصْلَحَ
توهان مان اچي پڌائن توهان کي منهنجون آيتون، پوءِ جيڪو ڊڄي ۽ چڱا ڪم ڪري

فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ ﴿٣٥﴾ وَٱلَّذِينَ
تہ ناهي ڪو خوف انهن تي ۽ نڪي اهي ڏکارا ٿيندا. ۽ جن

كَذَّبُوا۟ بِـَٔايَٰتِنَا وَٱسْتَكْبَرُوا۟ عَنْهَآ أُو۟لَٰٓئِكَ أَصْحَٰبُ
ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي ۽ وڏائي ڪيائون انهن کان اُهي ئي آهن رهاڪو

ٱلنَّارِ ۖ هُمْ فِيهَا خَٰلِدُونَ ﴿٣٦﴾ فَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنِ
باهہ جا، اهي ئي ان ۾ هميشہ رهندا. پوءِ ڪير ڏاڍو ظالم آهي انهيءَ کان جو

ٱفْتَرَىٰ عَلَى ٱللَّهِ كَذِبًا أَوْ كَذَّبَ بِـَٔايَٰتِهِۦٓ ۚ أُو۟لَٰٓئِكَ
ناهي الله تي ڪوڙ يا ڪوڙو ڪري ان جي آيتن کي، اهي آهن

يَنَالُهُمْ نَصِيبُهُم مِّنَ ٱلْكِتَٰبِ ۖ حَتَّىٰٓ إِذَا جَآءَتْهُمْ
جو پهچي ٿو انهن کي نصيب انهن جو لکئي مان، نيث جڏهن ايندا انهن وٽ

رُسُلُنَا يَتَوَفَّوْنَهُمْ قَالُوٓا۟ أَيْنَ مَا كُنتُمْ تَدْعُونَ
اسان جا قاصد ساهہ ڪيندا انهن جو چوندا ڪٿي آهن جن کي توهان سڏيندا هئا

مِن دُونِ ٱللَّهِ ۖ قَالُوا۟ ضَلُّوا۟ عَنَّا وَشَهِدُوا۟ عَلَىٰٓ
الله کان سواءِ، چوندا گم ٿي ويا اسان کان ۽ شاهدي ڏيندا

أَنفُسِهِمْ أَنَّهُمْ كَانُوا۟ كَٰفِرِينَ ﴿٣٧﴾ قَالَ ٱدْخُلُوا۟ فِىٓ
پاڻ تي تہ اهي پاڻ ڪافر هئا. فرمائيندو داخل ٿيو

أُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِكُمْ مِّنَ الْجِنِّ وَالْإِنْسِ

انھن ٽولين سان جيڪي ھئا توھان کان اڳ ۾ جن ۽ ماڻھو

فِي النَّارِ ۖ كُلَّمَا دَخَلَتْ أُمَّةٌ لَّعَنَتْ أُخْتَهَا ۖ حَتَّىٰ

باھ ۾، جڏھن بہ داخل ٿيندي ڪا ٽولي لعنت ڪندي ٻيءَ ٽوليءَ تي، نيٺ

إِذَا ادَّارَكُوا فِيهَا جَمِيعًا قَالَتْ أُخْرَاهُمْ لِأُولَاهُمْ

جڏھن لھي پوندا ان ۾ سمورا چوندا پويان انھن جا پھرين اڳين لاءِ

رَبَّنَا هَٰؤُلَاءِ أَضَلُّونَا فَآتِهِمْ عَذَابًا ضِعْفًا مِّنَ

اي رب اسان جا ھنن گمراھ ڪيو ھو اسان کي پوءِ ڏي انھن کي عذاب ٻيڻو

النَّارِ ۖ قَالَ لِكُلٍّ ضِعْفٌ وَلَٰكِن لَّا تَعْلَمُونَ ﴿٣٨﴾ وَ

باھ جو، فرمائيندو سڀني لاءِ ٻيڻو عذاب آھي پر توھان نہ ٿا ڄاڻو. ۽

قَالَتْ أُولَاهُمْ لِأُخْرَاهُمْ فَمَا كَانَ لَكُمْ عَلَيْنَا مِنْ

چوندا پھريان پوين کي تہ نہ آھي توھان کي اسان تي ڪا

فَضْلٍ فَذُوقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنتُمْ تَكْسِبُونَ ﴿٣٩﴾ إِنَّ

ڀلائي پوءِ چکو عذاب پنھنجي ڪئي جو. بيشڪ

الَّذِينَ كَذَّبُوا بِآيَاتِنَا وَاسْتَكْبَرُوا عَنْهَا لَا تُفَتَّحُ

جن ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي ۽ آڪڙ ڪيائون انھن کان تہ نہ کوليا ويندا

لَهُمْ أَبْوَابُ السَّمَاءِ وَلَا يَدْخُلُونَ الْجَنَّةَ حَتَّىٰ يَلِجَ

انھن لاءِ در آسمان جا ۽ نہ داخل ٿيندا جنت ۾ جيستائين گھڙي

الْجَمَلُ فِيْ سَمِّ الْخِيَاطِ ۭ وَكَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٤٠﴾

اُٺ پاڪي سُئيءَ جي ڄَر ۾، ۽ اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون ڏوهارين کي.

لَهُمْ مِّنْ جَهَنَّمَ مِهَادٌ وَّمِنْ فَوْقِهِمْ غَوَاشٍ ۭ وَ

انهن لاءِ دوزخ ۾ وڇاڻو آهي ۽ مٿان انهن جي ڍڪ ڍڪڻ، ۽

كَذٰلِكَ نَجْزِي الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤١﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

اهڙي ئي بدلو ڏينداسون ظالمن کي. ۽ جن ايمان آندو ۽ عمل ڪيائون

الصّٰلِحٰتِ لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَآ اُولٰۗىِٕكَ

چڱا اسان تڪليف نه ڏيندا آهيون ڪنهن کي مگر سندس طاقت آهر، اهي ئي

اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٤٢﴾ وَنَزَعْنَا مَا

بهشتي آهن، اهي ان ۾ هميشه رهندا. ۽ ڪڍنداسون جيڪو

فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنْ غِلٍّ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهٰرُ ۚ

انهن جي دلين ۾ آهي ناراضپو وهنديون انهن وٽ نهرون،

وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ هَدٰىنَا لِھٰذَا ۣ وَمَا كُنَّا

۽ چوندا الله جو شڪر جنهن رستو ڏيکاريو اسان کي هن جو، ۽ نه هئاسون

لِنَهْتَدِيَ لَوْلَآ اَنْ هَدٰىنَا اللّٰهُ ۚ لَقَدْ جَاۗءَتْ رُسُلُ

پهچڻ جهڙا جيڪڏهن نه هدايت ڪري ها اسان کي الله، بيشڪ آيا رسول

رَبِّنَا بِالْحَقِّ ۭ وَنُوْدُوْٓا اَنْ تِلْكُمُ الْجَنَّةُ اُوْرِثْتُمُوْهَا بِمَا

اسان جي رب جا سچ سان، ۽ آواز ايندو ته هي جنت اٿو جا ورثي ۾ ملي توهان کي ھن ڪري

كُنْتُمْ تَعْمَلُونَ ﴿٤٣﴾ وَنَادَىٰ أَصْحَابُ الْجَنَّةِ أَصْحَابَ

جو توهان عمل ڪندا هئا. ۽ سڏيندا بهشتي دوزخ

النَّارِ أَنْ قَدْ وَجَدْنَا مَا وَعَدَنَا رَبُّنَا حَقًّا فَهَلْ

وارن کي ته لڌو سون ان کي جيڪو انجام ڏنو اسان کي اسان جي رب سچو پوءِ ڇا

وَجَدْتُمْ مَا وَعَدَ رَبُّكُمْ حَقًّا ۖ قَالُوا نَعَمْ ۚ فَأَذَّنَ

توهان لڌو ان کي جيڪي وعدو ڪيو توهان جي رب سچو، چوندا هائو پوءِ پڙهو ڏيندو

مُؤَذِّنٌ بَيْنَهُمْ أَنْ لَعْنَةُ اللَّهِ عَلَى الظَّالِمِينَ ﴿٤٤﴾

اعلان ڪندڙ انهن جي وچ ۾ ته لعنت آهي الله جي ظالمن تي.

الَّذِينَ يَصُدُّونَ عَنْ سَبِيلِ اللَّهِ وَيَبْغُونَهَا عِوَجًا

جيڪي روڪيندا هئا الله جي راهه کان ۽ گوليندا هئا ان ۾ ڏنگائي،

وَهُمْ بِالْآخِرَةِ كَافِرُونَ ﴿٤٥﴾ وَبَيْنَهُمَا حِجَابٌ ۚ وَعَلَى

۽ اهي آخرت جا انڪاري هئا. ۽ انهن جي وچ ۾ پردو هوندو ۽

الْأَعْرَافِ رِجَالٌ يَعْرِفُونَ كُلًّا بِسِيمَاهُمْ ۚ وَنَادَوْا

اعراف تي ڪي ماڻهو هوندا جيڪي سڃاڻندا سڀني کي سندن نشانين سان، ۽ سڏيندا

أَصْحَابَ الْجَنَّةِ أَنْ سَلَامٌ عَلَيْكُمْ ۚ لَمْ يَدْخُلُوهَا وَ

جنت وارن کي ته سلام آهي توهان تي، اهي اڃا تائين نه پهتا هوندا ۽

هُمْ يَطْمَعُونَ ﴿٤٦﴾ وَإِذَا صُرِفَتْ أَبْصَارُهُمْ تِلْقَاءَ

اهي اميدوار هوندا. ۽ جڏهن ڦيرايون وينديون انهن جون نگاهون طرف

أَصْحٰبِ النَّارِ ۙ قَالُوْا رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا مَعَ الْقَوْمِ

دوزخ وارن جي، چوندا اي رب اسان جا نه ڪجان ۾ اسان کي گڏ انهيءَ قوم

الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٧﴾ ع وَنَادٰى أَصْحٰبُ الْأَعْرَافِ رِجَالًا

ظالم سان. ۽ سڏيندا اعراف وارا انهن ماڻهن کي

يَّعْرِفُوْنَهُمْ بِسِيْمٰهُمْ قَالُوْا مَا أَغْنٰى عَنْكُمْ جَمْعُكُمْ

جنکي سڃاڻندا سندن مهاندن تي، چوندا نه ڪم آئي توهانکي توهان جي ميڙي

وَمَا كُنْتُمْ تَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٤٨﴾ أَهٰؤُلَاءِ الَّذِيْنَ أَقْسَمْتُمْ

۽ جيڪا توهان وڏائي ڪندا هئا. ڇا هي اهي آهن جو توهان قسم کڻندا هئا

لَا يَنَالُهُمُ اللّٰهُ بِرَحْمَةٍ ۭ اُدْخُلُوا الْجَنَّةَ لَا خَوْفٌ

ته نه پهچندي انهنکي الله جي مهرباني، (ا) هليا وڃو جنت ۾ نا هي ڪو ڀؤ

عَلَيْكُمْ وَلَا أَنْتُمْ تَحْزَنُوْنَ ﴿٤٩﴾ وَنَادٰى أَصْحٰبُ

توهان تي ۽ نه توهان ڏکارا ٿيندا. ۽ سڏيندا دوزخ

النَّارِ أَصْحٰبَ الْجَنَّةِ أَنْ أَفِيْضُوْا عَلَيْنَا مِنَ

وارا بهشت وارن کي ته پرتيو اسان تي ڪجهه

الْمَاءِ أَوْ مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ ۭ قَالُوْا إِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَهُمَا

پاڻي يا ڪجهه اهو جيڪو رزق ڏنو توهان کي الله، چوندا الله حرام ڪيا آهي پئي

عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٥٠﴾ ۙ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَهُمْ لَهْوًا وَّ

ڪافرن تي. انهن جن بنايو پنهنجي دين کي تماشو ۽

لَعِبًا وَّ غَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۚ فَالْيَوْمَ نَنْسٰهُمْ كَمَا

راند ۽ ڏوکو ڏنو انهنکي حياتي دنياجي، پوءِ اڄ وساريون ٿا انهنکي جيئن

نَسُوْا لِقَآءَ يَوْمِهِمْ هٰذَا ۙ وَ مَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَجْحَدُوْنَ ﴿۵۱﴾

وساريائون ملاقات ڏينهن پنهنجي، هن جي ۽ جيئن جو اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا.

وَ لَقَدْ جِئْنٰهُمْ بِكِتٰبٍ فَصَّلْنٰهُ عَلٰى عِلْمٍ هُدًى

۽ يقينن آندوسون انهن ڏانهن ڪتاب جنهنکي کولي بيان ڪيوسون علم سان هدايت ڪندڙ

وَّ رَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۵۲﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا

۽ رحمت وارو انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان آڻين. نه ٿا انتظار ڪن مگر

تَاْوِيْلَهٗ ۭ يَوْمَ يَاْتِيْ تَاْوِيْلُهٗ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ نَسُوْهُ

انجي نتيجي جو، جنهن ڏينهن ايندو نتيجو ان جو چوندا اهي جن وساريو هئو انکي

مِنْ قَبْلُ قَدْ جَآءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ ۚ فَهَلْ

اڳيئي بيشڪ آيا هئا رسول اسان جي رب جا سچ سان، ڇا پوءِ آهن

لَّنَا مِنْ شُفَعَآءَ فَيَشْفَعُوْا لَنَآ اَوْ نُرَدُّ فَنَعْمَلَ غَيْرَ

اسان لاءِ ڪي وسيلا پوءِ وآهر ڪن اسان جي يا موٽايو وڃون پوءِ ڪريون عمل نه

الَّذِيْ كُنَّا نَعْمَلُ ۭ قَدْ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَضَلَّ

اهي جي ڪندا هئاسون، بيشڪ تباهه ڪيائون پنهنجو پاڻ کي ۽ گم ٿيو

عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿۵۳﴾ اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ

انهن کان جيڪو ناهه ٺاهيندا هئا. بيشڪ توهان جو رب الله آهي جنهن

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى

پيدا ڪيا آسمان ۽ زمين ڇهن ڏينهن ۾ پوءِ عڪس وڌائين

عَلَى الْعَرْشِ يُغْشِي الَّيْلَ النَّهَارَ يَطْلُبُهٗ حَثِيْثًا وَّ

عرش تي، ڍڪائي ٿو رات کي ڏينهن ۾ اهو طلبي ٿو ان کي تڪڙو ۽

الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ وَالنُّجُوْمَ مُسَخَّرٰتٍۢ بِاَمْرِهٖ اَلَا لَهُ

پيدا ڪيائين سج ۽ چنڊ ۽ تارن کي تابعدار ڪري پنهنجي حڪم جو، خبردار ان جي ئي

الْخَلْقُ وَالْاَمْرُ تَبٰرَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٥٤﴾ اُدْعُوْا

خالقيت آهي ۽ بادشاهت، برڪت وارو آهي الله پاليندڙ جهانن جو. پڪاريو

رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَّخُفْيَةً اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٥٥﴾

پنهنجي رب کي زاري ڪري ۽ ڳجهي طرح، بيشڪ اهو نه ٿو پسند ڪري حد کان لنگهندڙن کي.

وَلَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا وَادْعُوْهُ

۽ نه وگوڙ ڪريو ڌرتي ۾ ان جي سڌاري کان پوءِ ۽ سڏيو ان کي

خَوْفًا وَّطَمَعًا اِنَّ رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٥٦﴾

ڊڄندي ۽ اميدوار ٿي، بيشڪ رحمت الله جي ويجهڙي آهي چڱائي ڪندڙن کي.

وَهُوَ الَّذِيْ يُرْسِلُ الرِّيٰحَ بُشْرًاۢ بَيْنَ يَدَيْ رَحْمَتِهٖ

۽ هوا هوئي آهي جيڪو موڪلي ٿو هوائون خوشخبري ڏيندڙ اڳي پنهنجي رحمت کان،

حَتّٰى اِذَا اَقَلَّتْ سَحَابًا ثِقَالًا سُقْنٰهُ لِبَلَدٍ

نيٺ جڏهن کڻن ٿيون اهي ڪڪر ڳري کي ته هڪليندا آهيون ان کي علائقي

مَّيِّتٍ فَأَنْزَلْنَا بِهِ الْمَآءَ فَأَخْرَجْنَا بِهٖ مِنْ كُلِّ

غير آباد لاءِ پوءِ وسائيندا آهيون ان سان پاڻي پوءِ ڪڍندا آهيون انهيءَ سان هر قسم جا

الثَّمَرٰتِ ۭ كَذٰلِكَ نُخْرِجُ الْمَوْتٰى لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ۝٥٧

ميوا، اهڙي طرح اٿاريندا آسون مئلن کي مَن توهان غور ڪريو.

وَالْبَلَدُ الطَّيِّبُ يَخْرُجُ نَبَاتُهٗ بِإِذْنِ رَبِّهٖ ۚ وَالَّذِيْ

۽ علائقو ڀلو نڪرندا آهن سلا ان جا ان جي رب جي حڪم سان، ۽ جيڪو

خَبُثَ لَا يَخْرُجُ إِلَّا نَكِدًا ۭ كَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ

خراب آهي نه نڪرندا مگر ٿانگ ٿونگ، اهڙي طرح ڦيرايون ٿا آيتون

لِقَوْمٍ يَّشْكُرُوْنَ ۝٥٨ ع لَقَدْ أَرْسَلْنَا نُوْحًا إِلٰى قَوْمِهٖ

قوم شڪرگذار لاءِ. بيشڪ موڪليو سون نوح کي سندس قوم ڏانهن

فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ إِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ

پوءِ چيائين اي منهنجي قوم عبادت ڪريو الله جي ناهي توهان لاءِ ڪو مالڪ انهي کان سواءِ.

إِنِّيْٓ أَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ۝٥٩ قَالَ

آءٌ ڊڄان ٿو توهان تي عذاب وڏي ڏينهن جي کان. چيو

الْمَلَأُ مِنْ قَوْمِهٖٓ إِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ۝٦٠

سردارن سندس قوم مان اسان ڏسون ٿا توکي گمراهيءَ پڌري ۾.

قَالَ يٰقَوْمِ لَيْسَ بِيْ ضَلٰلَةٌ وَّلٰكِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ

چيائين اي منهنجي قوم ناهي مون ۾ گمراهي پر آءٌ رسول آهيان

رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦١﴾ اُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَاَنْصَحُ

رب العالمين جو. پهچايان ٿو توهانکي تيا پا پنهنجي رب جا نصيحت ڪريان ٿو

لَكُمْ وَاَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٢﴾ اَوَعَجِبْتُمْ

توهانکي ۽ ڄاڻان ٿو الله جي طرفان اهو جيڪي توهان نه ٿا ڄاڻو. ڇا توهان عجب ٿا ڪريو

اَنْ جَآءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ مِّنْكُمْ

جو آيو توهان وٽ بيان توهان جي رب کان توهان جي هڪ مرد جي زبان تي

لِيُنْذِرَكُمْ وَلِتَتَّقُوْا وَلَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٦٣﴾ فَكَذَّبُوْهُ

جئن اهو ڊيڄاري توهانکي ۽ جئن ته بچي وڃو ۽ جئن توهان تي رحم ٿئي. پوءِ ڪوڙو ڪيائون نس

فَاَنْجَيْنٰهُ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ فِي الْفُلْكِ وَاَغْرَقْنَا

پوءِ آجو ڪيوسون ان کي ۽ جيڪي ساڻس هئا ٻيڙي ۾ ۽ ٻوڙيا اسان

الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۭ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا عَمِيْنَ ﴿٦٤﴾ ع

اهي جن ڪوڙيون ڪيون اسانجون آيتون، بيشڪ اهي هئا ماڻهو انڌا.

وَاِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا ۭ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ

۽ عاد ڏانهن انهن جي ڀاءُ هود کي، چيائين اي منهنجي قوم عبادت ڪريو الله جي

مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٦٥﴾ قَالَ

ناهي توهان لاءِ ٻيو مالڪ انهيءَ کان سواءِ، ڇا پوءِ نه ٿا ڊڄو. چيو

الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖٓ اِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْ

سردارن جن ڪفر ڪيو هئو سندس قوم مان اسان ڏسون ٿا توکي

سَفَاهَةٍ وَّاِنَّا لَنَظُنُّكَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٦٦﴾ قَالَ يٰقَوْمِ

بي عقليءَ ۾ ۽ بيشڪ ڀانيون ٿا توکي ڪوڙن ھڻندڙن مان. چيائين اي منھنجي قوم

لَيْسَ بِيْ سَفَاهَةٌ وَّلٰكِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦٧﴾

نه ھي مون کي بي عقلي پر مان رسول آھيان رب العالمين جو.

اُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَاَنَا لَكُمْ نَاصِحٌ اَمِيْنٌ ﴿٦٨﴾

پھچايان ٿو توھانکي پيغام پنھنجي رب جا ۽ آءٌ توھان لاءِ خيرخواه آھيان امانت وارو.

اَوَعَجِبْتُمْ اَنْ جَآءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ

ڇا توھانکي عجب ٿو لڳي جو آيو توھان ڏانھن بيان توھان جي رب کان ھڪ ماڻھوءَ

مِّنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ وَاذْكُرُوْٓا اِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ مِنْۢ

توھان جي تي جيئن اھو ڊيڄاري توھانکي ۽ ياد ڪريو جڏھن ڪيائين توھان کي نائب

بَعْدِ قَوْمِ نُوْحٍ وَّزَادَكُمْ فِي الْخَلْقِ بَصْۜطَةً

نوح جي قوم کان بعد ۽ وڌايائين توھانکي بدن جي صحت ۾

فَاذْكُرُوْٓا اٰلَآءَ اللّٰهِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٦٩﴾ قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا

پوءِ ياد ڪريو مھربانيون الله جون ته توھان جو ڀلو ٿئي. چيائون ڇا تون آيو آھين اسان وٽ

لِنَعْبُدَ اللّٰهَ وَحْدَهٗ وَنَذَرَ مَا كَانَ يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا

ته عبادت ڪريون الله ھڪڙي جي ۽ ڇڏي ڏيون انھن کي جن کي پوڄيندا ھئا اسان جا ابا ڏاڏا

فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٧٠﴾

پوءِ تون آڻ اھو جنھن سان ڊيڄارين ٿو اسان کي جي آھين تون سچن مان

قَالَ قَدْ وَقَعَ عَلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ رِجْسٌ وَّغَضَبٌ

چيائين پئجي ويو توهان تي توهان جي رب جو عذاب ۽ غضب،

اَتُجَادِلُوْنَنِيْ فِيْٓ اَسْمَآءٍ سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ

ڇا توهان مون سان جهڳڙو ٿا ڪيو انهن نالن ۾ جيڪي پاڻ رکيا اٿو توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن

مَّا نَزَّلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ۭ فَانْتَظِرُوْٓا اِنِّيْ

نه لاٿو آهي الله انهن جو ڪوئي ثبوت، پوءِ انتظار ڪريو آءٌ به

مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ﴿٧١﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَالَّذِيْنَ

توهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان. پوءِ آجو ڪيو سون انکي ۽ جيڪي

مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَقَطَعْنَا دَابِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا

انهيءَ سان گڏ هئا پنهنجي رحم سان ۽ ڪاٽي سون پاڙ انهن جي جن ڪوڙو ڪيو

بِاٰيٰتِنَا وَمَا كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٧٢﴾ ع وَاِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ

اسان جي آيتن کي ۽ نه هئا مڃيندڙ. ۽ قوم ثمود ڏانهن موڪليو سون انهن جي ڀاءُ

صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ

صالح کي، چيائين اي منهنجي قوم عبادت ڪريو الله جي نا هي توهان لاءِ ڪو مالڪ

غَيْرُهٗ ۭ قَدْ جَآءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۭ هٰذِهٖ نَاقَةُ

انهيءَ کان سواءِ، پهتو آهي توهان وٽ دليل توهان جي رب جو، هي ۽ ڏاچي

اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِيْٓ اَرْضِ اللّٰهِ وَلَا

الله جي توهان لاءِ نشاني آهي پوءِ ڇڏيوس چرندي رهي الله جي زمين ۾ ۽ نه

تَمَسُّوهَا بِسُوٓءٍ فَيَأْخُذَكُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٧٣﴾ وَ
هٿ لائجوس براءِ سان پوءِ وٺندو توهانکي عذاب دردناڪ. ۽

اذْكُرُوٓا إِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ مِنۢ بَعْدِ عَادٍ
ياد ڪريو جڏهن ڪيائين توهان کي نائب عاد کان پوءِ

وَبَوَّأَكُمْ فِى الْأَرْضِ تَتَّخِذُونَ مِن سُهُولِهَا
۽ رهايائين توهان کي ملڪ ۾ جو ٺاهيو پيا ان جي ميدانن تي

قُصُورًا وَتَنْحِتُونَ الْجِبَالَ بُيُوتًا ۚ فَاذْكُرُوٓا ءَالَآءَ
ماڙيون ۽ ٽڪيو پيا جبل گهرن لاءِ، پوءِ ياد ڪريو مهربانيون

اللَّهِ وَلَا تَعْثَوْا فِى الْأَرْضِ مُفْسِدِينَ ﴿٧٤﴾
الله جون ۽ نه مچايو ملڪ ۾ فساد.

قَالَ الْمَلَأُ الَّذِينَ اسْتَكْبَرُوا مِن قَوْمِهِۦ لِلَّذِينَ
چيو سردارن جن تڪبر ڪيو سندس قوم مان انهن

اسْتُضْعِفُوا لِمَنْ ءَامَنَ مِنْهُمْ أَتَعْلَمُونَ
غريب ماڻهن کي جن ايمان آندو هو انهن مان ڇا توهان ڄاڻو ٿا

أَنَّ صَٰلِحًا مُّرْسَلٌ مِّن رَّبِّهِۦ ۚ قَالُوٓا إِنَّا بِمَآ
ته صالح موڪليل آهي پنهنجي رب کان ؟ چيائون بيشڪ اسان ان تي

أُرْسِلَ بِهِۦ مُؤْمِنُونَ ﴿٧٥﴾ قَالَ الَّذِينَ اسْتَكْبَرُوٓا
جنهن سان موڪليو ويو يقين ڪندڙ آهيون. چيو انهن مغرورن

إِنَّا بِالَّذِيٓ ءَامَنتُم بِهِۦ كَٰفِرُونَ ﴿٧٦﴾ فَعَقَرُوا۟ ٱلنَّاقَةَ

اسان ان جو جيكي مڃيو ٿا انڪار ڪندڙ آهيون. پوءِ ٻيرو وڍيائون ڏاچي جا

وَعَتَوْا۟ عَنْ أَمْرِ رَبِّهِمْ وَقَالُوا۟ يَٰصَٰلِحُ ٱئْتِنَا بِمَا

۽ ڦري ويا حڪم پنهنجي رب جي کان ۽ چيائون اي صالح آڻ اسان تي اهو جنهن سان

تَعِدُنَآ إِن كُنتَ مِنَ ٱلْمُرْسَلِينَ ﴿٧٧﴾ فَأَخَذَتْهُمُ

ڌيڄارين ٿو جيڪڏهن آهين رسولن مان. پوءِ ورتو انهن کي

ٱلرَّجْفَةُ فَأَصْبَحُوا۟ فِى دَارِهِمْ جَٰثِمِينَ ﴿٧٨﴾ فَتَوَلَّىٰ

ڌوڏي پوءِ صبح جو پيا هئا پنهنجن گهرن ۾ اونڌا گوڏن ڀر. پوءِ موٽيو

عَنْهُمْ وَقَالَ يَٰقَوْمِ لَقَدْ أَبْلَغْتُكُمْ رِسَالَةَ رَبِّى

انهن کان ۽ چيائين اي منهنجي قوم! مون پهچايو توهان کي پيغام پنهنجي رب جو

وَنَصَحْتُ لَكُمْ وَلَٰكِن لَّا تُحِبُّونَ ٱلنَّٰصِحِينَ ﴿٧٩﴾

۽ گهڻو ڀلو گهريم اوهان لاءِ پر اوهين نه پيا چاهيو گهڻگهرن کي.

وَلُوطًا إِذْ قَالَ لِقَوْمِهِۦٓ أَتَأْتُونَ ٱلْفَٰحِشَةَ مَا

۽ لوط کي جڏهن چيائين پنهنجي قوم کي ڇا ڪيو ٿا توهان بڇڙائي جا نه

سَبَقَكُم بِهَا مِنْ أَحَدٍ مِّنَ ٱلْعَٰلَمِينَ ﴿٨٠﴾ إِنَّكُمْ

ڪئي اڳي توهان کان اها ڪنهن به جهان وارن مان. توهان

لَتَأْتُونَ ٱلرِّجَالَ شَهْوَةً مِّن دُونِ ٱلنِّسَآءِ ۚ بَلْ

اچو ٿا مرد ن تي شهوت سان زالون ڇڏي ڪري پر

اَنۡتُمۡ قَوۡمٌ مُّسۡرِفُوۡنَ ﴿٨١﴾ وَمَا كَانَ جَوَابَ قَوۡمِهٖۤ
توهان ماڻهو واهيات آهيو. ۽ نه هئو جواب سندس قوم جو
اِلَّاۤ اَنۡ قَالُوۡۤا اَخۡرِجُوۡهُمۡ مِّنۡ قَرۡيَتِكُمۡ‌ ۚ اِنَّهُمۡ
مگر هي جو چيائون ته تڙي ڪڍو انهن کي پنهنجي ڳوٺ مان، اهي
اُنَاسٌ يَّتَطَهَّرُوۡنَ ﴿٨٢﴾ فَاَنۡجَيۡنٰهُ وَاَهۡلَهٗۤ اِلَّا
ماڻهو پاڻ کي پاڪ ٿا رکن. پوءِ بچايوسين اُن کي ۽ سندس عيال کي مگر
امۡرَاَتَهٗ ۖ كَانَتۡ مِنَ الۡغٰبِرِيۡنَ ﴿٨٣﴾ وَاَمۡطَرۡنَا عَلَيۡهِمۡ
سندس ترال، اها هجي وئي پوئتي رهندڙن ۾. ۽ وسايوسون انهن تي
مَّطَرًا‌ ؕ فَانۡظُرۡ كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الۡمُجۡرِمِيۡنَ ﴿٨٤﴾
مينهن پٿرن جو، پوءِ ڏس ته ڪيئن ٿيو انجام ڏوهارين جو.
وَاِلٰى مَدۡيَنَ اَخَاهُمۡ شُعَيۡبًا‌ ؕ قَالَ يٰقَوۡمِ اعۡبُدُوا
۽ موڪليوسون مدين ڏانهن انهن جي ڀاءُ شعيب کي، چيائين اي منهنجي قوم عبادت ڪريو
اللّٰهَ مَا لَـكُمۡ مِّنۡ اِلٰهٍ غَيۡرُهٗ‌ ؕ قَدۡ جَآءَتۡكُمۡ بَيِّنَةٌ
الله جي نا هي توهان جو ڪو مالڪ الهيٰ ڪان سواءِ، بيشڪ آيو توهان وٽ چٽو حڪم
مِّنۡ رَّبِّكُمۡ‌ فَاَوۡفُوا الۡـكَيۡلَ وَالۡمِيۡزَانَ وَلَا تَبۡخَسُوا
توهان جي رب کان پوءِ پورو رکو ماپ ۽ تور کي ۽ نه گهٽائي ڏيو
النَّاسَ اَشۡيَآءَهُمۡ وَلَا تُفۡسِدُوۡا فِى الۡاَرۡضِ
ماڻهن کي انهن جون شيون ۽ نه فساد ڪريو زمين ۾

بَعْدَ اِصْلَاحِهَا ۚ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ 7:85 7:56

ان جي سڌاري کان پوءِ، اهو ڀلو آهي توهان لاءِ جيڪڏهن

كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٨٥﴾ وَلَا تَقْعُدُوْا بِكُلِّ صِرَاطٍ

ايمان وارا آهيو. ۽ نه ويهو هر دڳ تي

تُوْعِدُوْنَ وَتَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

جو ڏيجاريو ٿا ۽ روڪيو ٿا الله جي راهه کان

مَنْ اٰمَنَ بِهٖ وَتَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۚ وَاذْكُرُوْٓا

انکي جنهن ايمان آندو ان تي ۽ تلاش ٿا ڪريو ان ۾ ڏنگائي کي، ۽ ياد ڪريو

اِذْ كُنْتُمْ قَلِيْلًا فَكَثَّرَكُمْ ۖ وَانْظُرُوْا كَيْفَ

جڏهن هئا اوهين ٿورا پوءِ گهڻو ڪيائين توهان کي ۽ نظر ڪريو ڪيئن

كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٨٦﴾ وَاِنْ كَانَ

ٿيو انجام فساد ڪندڙن جو. ۽ جيڪڏهن آهي

طَآئِفَةٌ مِّنْكُمْ اٰمَنُوْا بِالَّذِيْٓ اُرْسِلْتُ

هڪڙي ٽولي توهان مان جن ايمان آندو ان تي جو آءٌ موڪليو ويو آهيان

بِهٖ وَطَآئِفَةٌ لَّمْ يُؤْمِنُوْا فَاصْبِرُوْا حَتّٰى

ان سان ۽ ٻئي ٽولي نه ايمان آندو ته صبر ڪريو جيستائين

يَحْكُمَ اللّٰهُ بَيْنَنَا ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿٨٧﴾

فيصلو ڪري الله اسان جي وچ ۾، ۽ اهو ڀلو آهي فيصلو ڪندڙن ۾.

قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ
چيو سردارن جن وڏائي ڪئي ان جي قوم مان
لَنُخْرِجَنَّكَ يٰشُعَيْبُ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَكَ مِنْ
ته ضرور تڙينداسون توکي اي شعيب ۽ انهن کي جن ايمان آندو توسان گڏ
قَرْيَتِنَآ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِيْ مِلَّتِنَا ؕ قَالَ اَوَلَوْ كُنَّا
پنهنجي ڳوٺ مان يا موٽي اچو اسان جي طريقي تي، چيائين جيتوٽيڪ هجون
كٰرِهِيْنَ ﴿٨٨﴾ قَدِ افْتَرَيْنَا عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اِنْ عُدْنَا
اسان بيزار. بيشڪ مڙهيوسون الله تي ڪوڙ جيڪڏهن موٽياسون
فِيْ مِلَّتِكُمْ بَعْدَ اِذْ نَجّٰىنَا اللّٰهُ مِنْهَا ؕ وَمَا
توهان جي دين ۾ ان ڪان پوءِ جو ڇڏايو اسان کي الله انهيءَ کان، ۽ ناهي
يَكُوْنُ لَنَآ اَنْ نَّعُوْدَ فِيْهَآ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ رَبُّنَا ؕ
لائق اسان کي جو موٽي اچون ان ۾ مگر جي گهري الله رب اسانجو،
وَسِعَ رَبُّنَا كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ؕ عَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْنَا ؕ
سمايو آهي اسانجي رب هر شيء کي علم ۾، الله تي ئي ڀروسو ڪيو اٿئون،
رَبَّنَا افْتَحْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ قَوْمِنَا بِالْحَقِّ وَاَنْتَ
اي رب اسانجا نبيرو ڪر اسان ۾ اسان جي قوم جي وچ ۾ انصاف سان ۽ تون ئي
خَيْرُ الْفٰتِحِيْنَ ﴿٨٩﴾ وَقَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
ڀلو نبيرو ڪندڙ آهين. ۽ چيو سردارن جن ڪفر ڪيو

مِنْ قَوْمِهٖ لَىِٕنِ اتَّبَعْتُمْ شُعَيْبًا اِنَّكُمْ اِذًا

ان جي قوم مان جيڪڏهن پٺيان لڳندؤ شعيب جي ته بيشڪ اوهان ان وقت

لَّخٰسِرُوْنَ ﴿۹۰﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ

نقصان وارا ٿيندا. پوءِ ورتو انهن کي زلزلي پوءِ صبح جو پيا هئا

دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿۹۱﴾ اَلَّذِيْنَ كَذَّبُوْا شُعَيْبًا كَاَنْ

پنهنجن گهرن ۾ اونڌا ڪوڏن پر. اهي جن ڪوڙو ڪيو شعيب کي جڻ ته

لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ۚۛ اَلَّذِيْنَ كَذَّبُوْا شُعَيْبًا كَانُوْا هُمُ

رهيا ئي ڪو نه هئا اتي. اهي جن ڪوڙو ڪيو شعيب کي ٿيا اهي ئي

الْخٰسِرِيْنَ ﴿۹۲﴾ فَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰقَوْمِ لَقَدْ

نقصان وارا. پوءِ موٽيو انهن کان ۽ چيائين اي منهنجي قوم بيشڪ

اَبْلَغْتُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَنَصَحْتُ لَكُمْ ۚ فَكَيْفَ

مان پهچايا توهان کي پيغام پنهنجي رب جا ۽ نصيحت ڪيم توهان کي. پوءِ ڪيئن

اٰسٰى عَلٰى قَوْمٍ كٰفِرِيْنَ ﴿۹۳﴾ وَمَآ اَرْسَلْنَا فِيْ قَرْيَةٍ مِّنْ

افسوس ڪريان ڪافر قوم تي. ۽ نه موڪليوسون ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو

نَّبِيٍّ اِلَّآ اَخَذْنَآ اَهْلَهَا بِالْبَاْسَاۗءِ وَالضَّرَّاۗءِ لَعَلَّهُمْ

نبي مگر ورتوسون اتان وارن کي سختي ۽ سان ۽ تڪليف سان من اهي

يَضَّرَّعُوْنَ ﴿۹۴﴾ ثُمَّ بَدَّلْنَا مَكَانَ السَّيِّئَةِ الْحَسَنَةَ

نيزاري ڪن. پوءِ بدلايوسون ڏک جي جاءِ تي سک

حَتّٰى عَفَوْا وَّ قَالُوْا قَدْ مَسَّ اٰبَآءَنَا الضَّرَّآءُ وَ

نيٺ وڌي ويا ۽ چيائون ته پهتو هئو اسانجي ابن ڏاڏن کي اهڙو ڏک ۽

السَّرَّآءُ فَاَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٩٥﴾ وَ

سُک ، پوءِ ورتوسون انهنکي اوچتو ۽ انهن کي خبرئي نه پيئي . ۽

لَوْ اَنَّ اَهْلَ الْقُرٰٓى اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَفَتَحْنَا عَلَيْهِمْ

جيڪڏهن انهن ڳوٺن وارا ايمان آڻين ها ۽ پرهيزگار ٿين ها ته کولي ڇڏيون ها انهن تي

بَرَكٰتٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ وَلٰكِنْ كَذَّبُوْا

برڪتون آسمان جون ۽ زمين جون پر انهن ڪوڙو ڪيو

فَاَخَذْنٰهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٩٦﴾ اَفَاَمِنَ اَهْلُ

پوءِ پڪڙيوسون انهنکي سندن عملن جي ڪري . ڇا پوءِ بي ڊپا ٿيا آهن

الْقُرٰٓى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا بَيَاتًا وَّهُمْ نَآئِمُوْنَ ﴿٩٧﴾

ڳوٺن وارا جو اچي انهن تي اسان جو عذاب راتوواهه ۽ اهي سُتل هجن .

اَوَ اَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰٓى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا ضُحًى

ڇا بي ڊپا ٿيا آهن ڳوٺن وارا جو اچي انهن وٽ اسانجو عذاب ڏينهن جو

وَّهُمْ يَلْعَبُوْنَ ﴿٩٨﴾ اَفَاَمِنُوْا مَكْرَ اللّٰهِ ۚ فَلَا يَاْمَنُ

۽ اهي راند پيا ڪن . ڇا بي ڊپا ٿيا آهن الله جي پڪڙ کان ، پوءِ بي خوف نه ٿا ٿين

مَكْرَ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٩٩﴾ اَوَلَمْ يَهْدِ

الله جي پڪڙ کان مگر ماڻهو نقصان وارا . ڇا نه سمجهائي ڏني

لِلَّذِيْنَ يَرِثُوْنَ الْاَرْضَ مِنْۢ بَعْدِ اَهْلِهَآ اَنْ لَّوْ

انھن کي جي وارث بڻيا ملڪ جا ان جي مالڪن کانپوءِ ھن ڳالھ تہ جيڪڏھن

نَشَآءُ اَصَبْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ ۚ وَنَطْبَعُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ

گھرون ھا تہ ڏُک ڪريون ھا انھن کي سندن گناھن سبب، ۽ اسين مُھر ھڻون ٿا انھن جي دلين تي

فَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿١٠٠﴾ تِلْكَ الْقُرٰى نَقُصُّ عَلَيْكَ

پوءِ اھي نہ ٿا ٻُڌن. اھي آباديون ھيون جو ٻڌايون ٿا توکي

مِنْ اَنْۢبَآئِهَا ۚ وَلَقَدْ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ۚ

انھن جون خبرون، ۽ آيا ھئا انھن وٽ رسول معجزن سان،

فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا مِنْ قَبْلُ ؕ كَذٰلِكَ

پوءِ نہ پيا مڃين ان کي جنھن کي ڪوڙو ڪيو ھئائون اڳ ۾، اھڙي طرح

يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٠١﴾ وَمَا وَجَدْنَا

مُھر ھڻي ٿو الله ڪافرن جي دلين تي. ۽ نہ لڌاسون

لِاَكْثَرِهِمْ مِّنْ عَهْدٍ ۚ وَاِنْ وَّجَدْنَآ اَكْثَرَهُمْ

گھڻا انھن جا وعدي تي، ۽ لڌاسون ڪيترائي انھن جا

لَفٰسِقِيْنَ ﴿١٠٢﴾ ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ

بي فرمان. وري موڪليوسون انھن کانپوءِ موسىٰ کي معجزا ڏئي

اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ فَظَلَمُوْا بِهَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ

فرعون ۽ ان جي سردارن ڏانھن پوءِ ڪفر ڪيائون انھن جو، پوءِ نظر ڪر ڪيئن

كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿١٠٣﴾ وَقَالَ مُوْسٰى

ٿيو انجام فسادين جو ۔ ۽ چيو موسىٰ

يٰفِرْعَوْنُ اِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٤﴾

او فرعون يقينًا آءٌ رسول آهيان رب العالمين جو ۔

حَقِيْقٌ عَلٰٓى اَنْ لَّآ اَقُوْلَ عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ قَدْ

پڪو آهيان هن تي ته نه ڳالهائيندس الله تي مگر سچ، اجهو

جِئْتُكُمْ بِبَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَرْسِلْ مَعِيَ بَنِيْٓ

آندي اٿم توهان وٽ نشاني توهان جي رب کان پوءِ وڃڻ ڏي مون سان گڏ ٻني

اِسْرَآءِيْلَ ﴿١٠٥﴾ قَالَ اِنْ كُنْتَ جِئْتَ بِاٰيَةٍ فَاْتِ بِهَآ

اسرائيل کي ۔ چيائين جيڪڏهن آندي اٿيئي ڪا نشاني ته پيش ڪر انکي

اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿١٠٦﴾ فَاَلْقٰى عَصَاهُ فَاِذَا

جيڪڏهن تون آهين سچن مان پوءِ اُڇليائين لٺ پنهنجي ته اها

هِيَ ثُعْبَانٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٠٧﴾ وَّنَزَعَ يَدَهٗ فَاِذَا هِيَ بَيْضَآءُ

ٿي پئي نانگ چٽو ۔ ۽ ڪڍيائين هٿ پنهنجو ته اهو ٿي پيو صاف اڇو

لِلنّٰظِرِيْنَ ﴿١٠٨﴾ قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اِنَّ

ڏسڻ وارن لاءِ ۔ چيو سردارن قوم فرعون جي ته

هٰذَا لَسٰحِرٌ عَلِيْمٌ ﴿١٠٩﴾ يُّرِيْدُ اَنْ يُّخْرِجَكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ

هي جادوگر آهي هوشيار ۔ چاهي ٿو ته ڪڍي توهان کي توهان جي مُلڪ مان

فَمَاذَا تَأْمُرُونَ ﴿١١٠﴾ قَالُوٓا أَرْجِهْ وَأَخَاهُ وَأَرْسِلْ

پوءِ ڇا ٿا صلاح ڏيو. چيائون ته ڍِرَ ڏي ان کي ۽ سندس ڀاءُ کي ۽ موڪل

فِي الْمَدَآئِنِ حٰشِرِينَ ﴿١١١﴾ يَأْتُوكَ بِكُلِّ سٰحِرٍ

ڳوٺن ۾ گڏ ڪندڙن کي. آڻن تو وٽ هر جادوگر

عَلِيمٍ ﴿١١٢﴾ وَجَآءَ السَّحَرَةُ فِرْعَوْنَ قَالُوٓا إِنَّ لَنَا

هوشيار کي. ۽ آيا جادوگر فرعون وٽ چيائون اسان کي ملندي

لَأَجْرًا إِن كُنَّا نَحْنُ الْغٰلِبِينَ ﴿١١٣﴾ قَالَ نَعَمْ وَإِنَّكُمْ

ڪجهه مزدوري جيڪڏهن اسان زورآور ٿي وڃون. چيائين هائو ۽ توهان

لَمِنَ الْمُقَرَّبِينَ ﴿١١٤﴾ قَالُوا يٰمُوسَىٰٓ إِمَّآ أَن تُلْقِيَ

خاص ماڻهو ٿيندا. چيائون اي موسىٰ يا تون داءُ وجهه

وَإِمَّآ أَن نَّكُونَ نَحْنُ الْمُلْقِينَ ﴿١١٥﴾ قَالَ أَلْقُوا فَلَمَّآ

يا هجون اسين داءُ وجهندڙ. چيائين توهان وجهو پوءِ جڏهن

أَلْقَوْا سَحَرُوٓا أَعْيُنَ النَّاسِ وَاسْتَرْهَبُوهُمْ وَ

داءُ وڌائون ته جادو ڪيائون ماڻهن جي اکين تي ۽ ڊيڄاريائون انهن کي ۽

جَآءُو بِسِحْرٍ عَظِيمٍ ﴿١١٦﴾ وَأَوْحَيْنَآ إِلَىٰ مُوسَىٰٓ

پيش ڪيائون جادو وڏو. ۽ حڪم ڪيوسون موسىٰ کي

أَنْ أَلْقِ عَصَاكَ ۚ فَإِذَا هِيَ تَلْقَفُ مَا يَأْفِكُونَ ﴿١١٧﴾

ته اُڇل پنهنجي لٺ، پوءِ اوچتو اها ڳهي ويئي ان کي جيڪي انهن ٺاهيو هو.

فَوَقَعَ الْحَقُّ وَبَطَلَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۱۸﴾ فَغُلِبُوْا

پوءِ ثابت ٿيو حق ۽ رد ٿيو جيڪو اهي ڪن پيا. پوءِ هارايائون

هُنَالِكَ وَانْقَلَبُوْا صٰغِرِيْنَ ﴿۱۱۹﴾ وَاُلْقِيَ السَّحَرَةُ سٰجِدِيْنَ ﴿۱۲۰﴾

اتي ئي ۽ موٽيا خوار ٿي. ۽ ڪري پيا جادوگر سجدي ۾.

قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۲۱﴾ رَبِّ مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ﴿۱۲۲﴾

چيائون ايمان آندوسون رب العالمين تي. جو رب آهي موسىٰ ۽ هارون جو.

قَالَ فِرْعَوْنُ اٰمَنْتُمْ بِهٖ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ اِنَّ هٰذَا

چيو فرعون مڃيو ٿا توهان ان کي اڳي جو آءٌ اجازت ڏيان اوهان کي، بيشڪ هي

لَمَكْرٌ مَّكَرْتُمُوْهُ فِي الْمَدِيْنَةِ لِتُخْرِجُوْا مِنْهَآ اَهْلَهَا

ڏوکو آهي جو ڏنو اٿو شهر ۾ جئن ڪيدو ان مان شهروارن کي،

فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۲۳﴾ لَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ

سو اجهو جا ٿندؤ. مان ضرور وڍيندم توهان جا هٿ ۽ توهان جا پير

مِّنْ خِلَافٍ ثُمَّ لَاُصَلِّبَنَّكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿۱۲۴﴾ قَالُوْٓا

ابتڙ پوءِ ڦاهي ڏيندم توهان سڀني کي. چيائون

اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا مُنْقَلِبُوْنَ ﴿۱۲۵﴾ وَمَا تَنْقِمُ مِنَّآ اِلَّآ اَنْ

اسان پنهنجي رب ڏانهن وڃڻا آهيون. ۽ تون ڏکوير ٿو وٺين اسان کان جو

اٰمَنَّا بِاٰيٰتِ رَبِّنَا لَمَّا جَآءَتْنَا رَبَّنَآ اَفْرِغْ عَلَيْنَا صَبْرًا

ايمان آندوسون پنهنجي رب جي نشانين تي جڏهن آيون اسان وٽ. اي رب اسان جا پرٿ اسان تي صبر

ع ١٤ ١٨ ٤ وَّتَوَفَّنَا مُسْلِمِيْنَ ﴿١٢٦﴾ وَقَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ
۽ مارا اسان کي مسلمان ڪري. ۽ چيو سردارن قوم فرعون جي
اَتَذَرُ مُوْسٰى وَقَوْمَهٗ لِيُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ وَ
ڇا تون ڇڏين تو موسىٰ کي ۽ سندس ماڻهن کي ته ڦيل وگوڙ وجهن ملڪ ۾ ۽
يَذَرَكَ وَاٰلِهَتَكَ ؕ قَالَ سَنُقَتِّلُ اَبْنَآءَهُمْ وَنَسْتَحْيٖ
ڦٽو ڪن توکي ۽ تنهجي بتن کي. چيائين هينئر قتل ڪنداسون انهن جا پٽ ۽ جيئريون ڇڏينداسون
نِسَآءَهُمْ ۚ وَاِنَّا فَوْقَهُمْ قٰهِرُوْنَ ﴿١٢٧﴾ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهِ
انهن جون ڌيئون، ۽ اسين انهن تي آڪرا آهيون. چيو موسىٰ پنهنجي قوم کي
اسْتَعِيْنُوْا بِاللّٰهِ وَاصْبِرُوْا ۚ اِنَّ الْاَرْضَ لِلّٰهِ ۙ يُوْرِثُهَا
مدد گهرو الله کان ۽ صبر ڪريو، بيشڪ ڌرتي الله جي آهي وارث ڪري ان جو
مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿١٢٨﴾
جنهن کي گهري پنهنجي ٻانهن مان، ۽ پڇاڙي آهي پرهيزگارن جي.
قَالُوْآ اُوْذِيْنَا مِنْ قَبْلِ اَنْ تَاْتِيَنَا وَمِنْ بَعْدِ مَا
چيائون آزارسنا سون هن کان اڳ جو آئين تون اسان وٽ ۽ هن کان پوءِ به
جِئْتَنَا ؕ قَالَ عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يُّهْلِكَ عَدُوَّكُمْ وَ
جو آئين اسان وٽ، چيائين سگهوئي رب توهان جو تباهه ڪندو توهان جي دشمن کي ۽
يَسْتَخْلِفَكُمْ فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٢٩﴾ ع ١٥ ٣ ٥
مالڪ بنائيندو توهان کي ملڪ جو پوءِ ڏسندو ته ڪيئن ٿا ڪم ڪريو.

وَلَقَدْ اَخَذْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ بِالسِّنِيْنَ وَ نَقْصٍ
۽ برابر پڪڙيوسون فرعون وارن کي ڏڪار سان ۽ نقصان سان
مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿١٣٠﴾ فَاِذَا جَآءَتْهُمُ
ميون ۾ ته من اهي نصيحت وٺن . پوءِ جڏهن آئي انهن وٽ
الْحَسَنَةُ قَالُوْا لَنَا هٰذِهٖ ۚ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ
چڱائي چيائون هي اسان جو ڀاڱو آهي، ۽ جيڪڏهن پهتي انهن کي بُرائي
يَّطَّيَّرُوْا بِمُوْسٰى وَمَنْ مَّعَهٗ ۗ اَلَآ اِنَّمَا طٰٓئِرُهُمْ
ته نياڳ چوَن پيا موسىٰ ۽ انجي سنگت جو، خبردار سڳو نياڳ انهن جو ئي آهي
عِنْدَ اللّٰهِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٣١﴾ وَقَالُوْا
الله وٽ پر گهڻا انهن جا نه ٿا سمجهن . ۽ چيائون
مَهْمَا تَاْتِنَا بِهٖ مِنْ اٰيَةٍ لِّتَسْحَرَنَا بِهَا ۙ فَمَا نَحْنُ
جيڪا به آڻيندين اسان وٽ ڪا نشاني جيئن جادو ڪرين اسان تي ان سان پوءِ به اسان
لَكَ بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٢﴾ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ الطُّوْفَانَ وَالْجَرَادَ
توکي نه مڃيندا سون. پوءِ لاٿوسون انهن تي طوفان ۽ ماڪڙ
وَالْقُمَّلَ وَالضَّفَادِعَ وَالدَّمَ اٰيٰتٍ مُّفَصَّلٰتٍ ۫ قف
۽ جوئون ۽ ڏيڏر ۽ رت، نشانيون جُدا جُدا.
فَاسْتَكْبَرُوْا وَكَانُوْا قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿١٣٣﴾ وَلَمَّا وَقَعَ
پوءِ به وڏائي ڪندا رهيا ۽ هئا ماڻهو ڏوهاري . ۽ جڏهن پيو پيو

عَلَيْهِمُ الرِّجْزُ قَالُوْا يٰمُوْسَى ادْعُ لَنَا رَبَّكَ بِمَا عَهِدَ
انهن تي عذاب تڏهن پيا اي موسىٰ دعا گهُر اسان لاءِ پنهنجي رب کان جيئن بولي اٿس

عِنْدَكَ ۚ لَئِنْ كَشَفْتَ عَنَّا الرِّجْزَ لَنُؤْمِنَنَّ لَكَ
توسان، جيڪڏهن تون لاهي وٺين اسان کان عذاب ته ضرور ايمان آڻينداسون توتي

وَلَنُرْسِلَنَّ مَعَكَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿۱۳۴﴾ فَلَمَّا كَشَفْنَا
۽ ضرور ڇڏينداسون توسان گڏ بني اسرائيل کي. پوءِ جڏهن لاٿوسون

عَنْهُمُ الرِّجْزَ اِلٰٓى اَجَلٍ هُمْ بٰلِغُوْهُ اِذَا هُمْ
انهن کان عذاب ڪجهه وقت تائين جو اهي ان کي پهچندڙ هئا ته پوءِ انهن

يَنْكُثُوْنَ ﴿۱۳۵﴾ فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَاَغْرَقْنٰهُمْ فِى الْيَمِّ
انجام پنهنجي ڇڏيو. پوءِ بدلو ورتوسون انهن کان، ۽ ٻوڙيوسون کين پاڻيءَ ۾

بِاَنَّهُمْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا عَنْهَا غٰفِلِيْنَ ﴿۱۳۶﴾ وَ
جو اهي ڪوڙ ڪندا هئا اسان جي آيتن کي ۽ هئا انهن کان غفلت ڪندڙ. ۽

اَوْرَثْنَا الْقَوْمَ الَّذِيْنَ كَانُوْا يُسْتَضْعَفُوْنَ مَشَارِقَ
مالڪ بڻايوسون انهيءَ قوم کي جي ڪمزور ڪيا ويا هئا اوڀرندن

الْاَرْضِ وَمَغَارِبَهَا الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا ۭ وَتَمَّتْ كَلِمَتُ
ان ملڪ جي ۽ الهندن ۾ جن ۾ اسان برڪت رکي هئي، ۽ پورو ٿيو وعدو

رَبِّكَ الْحُسْنٰى عَلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ڏ بِمَا صَبَرُوْا
تنهنجي رب جو سهڻو بني اسرائيل تي، جو صبر ڪيائون،

Al - Qura'n Al-Kareen By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

وَدَمَّرْنَا مَا كَانَ يَصْنَعُ فِرْعَوْنُ وَقَوْمُهُ وَمَا كَانُوا

۽ اسان ويران ڪيوانڪي جيڪي ناهيندو هو فرعون ۽ ان جي قوم ۽ جيڪي

يَعْرِشُونَ ﴿١٣٧﴾ وَجَاوَزْنَا بِبَنِي إِسْرَآءِيلَ الْبَحْرَ

ڇتيون ناهيندا هئا. ۽ اُڪاريوسون بني اسرائيل کي درياءَ کان

فَأَتَوْا عَلَى قَوْمٍ يَعْكُفُونَ عَلَى أَصْنَامٍ لَهُمْ قَالُوا

پوءِ آيا اهڙي قوم تي جو اهي پوڄين پيا ٻُتن پنهنجن کي، چيائون

يٰمُوسَى اجْعَلْ لَنَا إِلٰهًا كَمَا لَهُمْ آلِهَةٌ قَالَ إِنَّكُمْ

او موسىٰ ناهه اسان لاءِ به خدا جئن انهن جا آهن خدا، چيائين توهان

قَوْمٌ تَجْهَلُونَ ﴿١٣٨﴾ إِنَّ هٰؤُلَآءِ مُتَبَّرٌ مَا هُمْ فِيهِ

ماڻهو بي عقل آهيو. بيشڪ اهي ماڻهو برباد ٿيڻ واري طريقي تي آهن

وَبٰطِلٌ مَا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿١٣٩﴾ قَالَ أَغَيْرَ اللّٰهِ أَبْغِيكُمْ

۽ ڪوڙو آهي جيڪو عمل ٿا ڪن. چيائين ڇا الله کان سواءِ ګوليان توهان لاءِ

إِلٰهًا وَهُوَ فَضَّلَكُمْ عَلَى الْعٰلَمِينَ ﴿١٤٠﴾ وَإِذْ أَنْجَيْنٰكُمْ

ٻيو خدا حالانڪ انهيءَ توهان کي ڀلارو ڪيو جهان وارن تي. ۽ جڏهن ڇڏايوسون توهان کي

مِنْ آلِ فِرْعَوْنَ يَسُومُونَكُمْ سُوٓءَ الْعَذَابِ

فرعون وارن کان جو اهي ڏيندا هئا توهان کي بُڇڙو عذاب،

يُقَتِّلُونَ أَبْنَآءَكُمْ وَيَسْتَحْيُونَ نِسَآءَكُمْ وَفِي

ڪُهندا هئا توهان جي پُٽن کي ۽ جيئرو ڪندا هئا توهان جي ڌيئن کي ۽ انهي

ع ١٦ ١٢ ٦

ذٰلِكُمْ بَلَاۗءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ﴿١٤١﴾ وَوٰعَدْنَا

ڇڏائڻ ۾ احسان اٿو توهان جي رب جو وڏو. ۽ وعدو ڪيوسون

مُوْسٰى ثَلٰثِيْنَ لَيْلَةً وَّاَتْمَمْنٰهَا بِعَشْرٍ فَتَمَّ

موسیٰ سان ٽيهن راتين جو ۽ پورو ڪيوسون انهن کي ڏهن سان پوءِ پورو ٿيو

مِيْقَاتُ رَبِّهٖۤ اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً ۚ وَقَالَ مُوْسٰى

وعدي جو وقت سندس رب جو چاليهه راتيون، ۽ چيو موسیٰ

لِاَخِيْهِ هٰرُوْنَ اخْلُفْنِيْ فِيْ قَوْمِيْ وَاَصْلِحْ وَلَا

پنهنجي ڀاءُ هارون کي پٺيان سنڀال منهنجي قوم کي ۽ سڌارو آڻ ۽ نه

تَتَّبِعْ سَبِيْلَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿١٤٢﴾ وَلَمَّا جَاۗءَ مُوْسٰى

وٺجانءِ رستو فساد ڪندڙن جو. ۽ جڏهن آيو موسیٰ

لِمِيْقَاتِنَا وَكَلَّمَهٗ رَبُّهٗ ۙ قَالَ رَبِّ اَرِنِيْۤ اَنْظُرْ اِلَيْكَ ؕ

اسان جي وعدي تي ۽ ڳالهايو ان سان سندس رب چيائين منهنجا رب! ڏيکار پنهنجو پاڻ تہ ڏسان توڏانهن،

قَالَ لَنْ تَرٰىنِيْ وَلٰكِنِ انْظُرْ اِلَى الْجَبَلِ فَاِنِ

فرمايائين هرگز نہ ڏسي سگهندين مونکي پر نظر ڪر جبل ڏانهن پوءِ جيڪڏهن

اسْتَقَرَّ مَكَانَهٗ فَسَوْفَ تَرٰىنِيْ ۚ فَلَمَّا تَجَلّٰى رَبُّهٗ

اهو بيٺو پنهنجي جاءِ تي تہ تون به ڏسندين مونکي، پوءِ جڏهن ڏيکاري ڏني انجي رب

لِلْجَبَلِ جَعَلَهٗ دَكًّا وَّخَرَّ مُوْسٰى صَعِقًا ۚ فَلَمَّاۤ

جبل کي تہ ڪيائين انکي پورا پورا ۽ ڪري پيو موسیٰ بيهوش ٿي، پوءِ جڏهن

اَفَاقَ قَالَ سُبْحٰنَكَ تُبْتُ اِلَيْكَ وَ اَنَا اَوَّلُ

هوشيار ٿيو چيائين تون پاڪ آهين آءٌ رجوع ٿيس تو ڏانهن ۽ آءٌ پهريون

الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٤٣﴾ قَالَ يٰمُوْسٰۤى اِنِّى اصْطَفَيْتُكَ عَلَى

مڃيندڙ آهيان. چيائين اي موسىٰ مون چونڊيو آهي توکي

النَّاسِ بِرِسٰلٰتِىْ وَ بِكَلَامِىْ ۖ فَخُذْ مَاۤ اٰتَيْتُكَ وَ كُنْ

ماڻهن تي پنهنجي پيغامن سان ۽ پنهنجي ڳالهائڻ سان، پوءِ وٺ جيڪي ڏنم توکي ۽ ٿيءُ

مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿١٤٤﴾ وَ كَتَبْنَا لَهٗ فِى الْاَلْوَاحِ مِنْ

شڪر گذارن مان. ۽ لکي سون انهي لاءِ ڦرهين ۾

كُلِّ شَىْءٍ مَّوْعِظَةً وَّ تَفْصِيْلًا لِّكُلِّ شَىْءٍ ۚ فَخُذْهَا

هر قسم جي نصيحت ۽ کليل بيان هر شيءِ جو، پوءِ وٺ انهن کي

بِقُوَّةٍ وَّ اْمُرْ قَوْمَكَ يَاْخُذُوْا بِاَحْسَنِهَا ۗ سَاُورِيْكُمْ

مضبوطي سان ۽ حڪم ڪر پنهنجي قوم کي ته وٺن انهن جي سُهڻين ڳالهين کي، جلد ڏيکاريندم توهانکي

دَارَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿١٤٥﴾ سَاَصْرِفُ عَنْ اٰيٰتِىَ الَّذِيْنَ

گهر ڏوهارين جو. آءٌ ڦيري ڇڏيندس پنهنجين آيتن کان انهن کي جيڪي

يَتَكَبَّرُوْنَ فِى الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ۗ وَ اِنْ يَّرَوْا

وڏائي ڪن ڌرتي تي ناحق، ۽ جيڪڏهن ڏسندا

كُلَّ اٰيَةٍ لَّا يُؤْمِنُوْا بِهَا ۚ وَ اِنْ يَّرَوْا سَبِيْلَ

هر نشاني تڏهن ايمان آڻيندا ان تي، ۽ جيڪڏهن ڏسندا رستو

الرُّشْدِ لَا يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ۚ وَاِنْ يَّرَوْا سَبِيْلَ الْغَيِّ
هدايت جي ته نه وٺندا ان کي رستو ڪري، ۽ جيڪڏهن ڏسندا رستو گمراهيءَ جو

يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا
بڻائيندا ان کي رستو، اهو هن ڪري جو ڪوڙ ڪيو اٿن اسان جي آيتن کي ۽ هئا

عَنْهَا غٰفِلِيْنَ ﴿١٤٦﴾ وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَلِقَاۗءِ
انهن کان بي خبر. ۽ جن ڪوڙ ڪيو اسان جي آيتن کي ۽ ملاقات

الْاٰخِرَةِ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ ۭ هَلْ يُجْزَوْنَ اِلَّا مَا
آخرت جي کي اڪارت ٿيا عمل انهن جا، رڳو بدلو ڏنا ويندا جيڪي

ع ١٧ ٦ ٧ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٧﴾ وَاتَّخَذَ قَوْمُ مُوْسٰى مِنْ بَعْدِهٖ
عمل ڪيائون. ۽ ناهيو موسىٰ جي قوم انهيءَ کان پوءِ

مِنْ حُلِيِّهِمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ خُوَارٌ ۭ اَلَمْ يَرَوْا اَنَّهٗ
پنهنجن ڳهڻ مان گابو بوتو جنهن کي هئي رنڀ، ڇا نه ڏٺائون ته اهو

لَا يُكَلِّمُهُمْ وَلَا يَهْدِيْهِمْ سَبِيْلًا ۘ اِتَّخَذُوْهُ وَكَانُوْا
ڪونه ٿيو ڳالهائي انهن سان ۽ نه ٿي ڪي هدايت ٿيو ڪري ين رستي جي، بڻايائون ان کي (خدا) ۽ هئا

ظٰلِمِيْنَ ﴿١٤٨﴾ وَلَمَّا سُقِطَ فِيْٓ اَيْدِيْهِمْ وَرَاَوْا اَنَّهُمْ
ظالم. ۽ جڏهن ويئي انهن جي هٿن کان ۽ ڏٺائون پاڻ کي

قَدْ ضَلُّوْا ۙ قَالُوْا لَىِٕنْ لَّمْ يَرْحَمْنَا رَبُّنَا وَيَغْفِرْلَنَا
گمراهه، چيائون جيڪڏهن نه رحم ڪيو اسان تي اسان جي رب ۽ نه بخشيائين

Al- Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿١٤٩﴾ وَلَمَّا رَجَعَ مُوْسٰٓى اِلٰى

تہ ضرور ٿينداسون نقصان وارن مان. ۽ جڏهن موٽيو موسىٰ پنهنجي

قَوْمِهٖ غَضْبَانَ اَسِفًا ۙ قَالَ بِئْسَمَا خَلَفْتُمُوْنِىْ

قوم ڏانهن ڪاوڙيل افسوس ڪندڙ، چيائين تمام بڇڙي ڪئي اٿو پوئواري منهنجي

مِنْۢ بَعْدِىْ ۚ اَعَجِلْتُمْ اَمْرَ رَبِّكُمْ ۚ وَاَلْقَى الْاَلْوَاحَ

مون کان پوءِ، ڇا اڳرائي ڪئي توهان پنهنجي رب جي حڪم کان، ۽ اُڇلايائين ڦرهيون

اُڇلايائين الواح

وَاَخَذَ بِرَاْسِ اَخِيْهِ يَجُرُّهٗۤ اِلَيْهِ ؕ قَالَ ابْنَ اُمَّ

۽ ورتائين وارن کان پنهنجي ڀاءُ کي، ڇڪيس پيو پاڻ ڏانهن، چيو هارون امڙ جا پٽ

اِنَّ الْقَوْمَ اسْتَضْعَفُوْنِىْ وَكَادُوْا يَقْتُلُوْنَنِىْ ۖ فَلَا

بيشڪ ماڻهن ڪمزور ڄاتو مون کي ۽ مارڻ تي هئا مون کي، سو نہ

تُشْمِتْ بِىَ الْاَعْدَآءَ وَلَا تَجْعَلْنِىْ مَعَ الْقَوْمِ

کِلاءِ مون تي دشمن ۽ نہ ڳڻ مون کي ماڻهن

الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٥٠﴾ قَالَ رَبِّ اغْفِرْ لِىْ وَلِاَخِىْ وَاَدْخِلْنَا

مشرڪن سان. چيو موسىٰ رب منهنجا بخش مونکي ۽ منهنجي ڀاءُ کي ۽ داخل ڪر اسان کي

ع ١٨/٤ ٨

فِىْ رَحْمَتِكَ ۖ وَاَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿١٥١﴾ اِنَّ

پنهنجي رحمت ۾ ۽ تون ئي سڀ کان وڌيڪ ٻاجهارو آهين. بيشڪ

الَّذِيْنَ اتَّخَذُوا الْعِجْلَ سَيَنَالُهُمْ غَضَبٌ

جن ماڻهن ٺاهيو هو ڳابي کي پهچندو انهن کي غضب

مِّنْ رَّبِّهِمْ وَ ذِلَّةٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ؕ وَ كَذٰلِكَ

سندن رب جو ۽ ذلت دنيا جي حياتيءَ ۾ ۽ اهڙي طرح

نَجْزِي الْمُفْتَرِيْنَ ﴿۱۵۲﴾ وَ الَّذِيْنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ ثُمَّ

سزا ڏيندا آهيون ڪوڙ ٺاهيندڙن کي. ۽ جن ڪم ڪيا بُڇڙا پوءِ

تَابُوْا مِنْ بَعْدِهَا وَ اٰمَنُوْۤا ؗ اِنَّ رَبَّكَ مِنْ بَعْدِهَا

توبه ڪيائون ان کان بعد ۽ ايمان آندائون ته رب تنهنجو ان کان پوءِ

لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۵۳﴾ وَ لَمَّا سَكَتَ عَنْ مُّوْسَى

بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ جڏهن لٿو موسىٰ کان

الْغَضَبُ اَخَذَ الْاَلْوَاحَ ۚۖ وَ فِي نُسْخَتِهَا هُدًى

غُصو ته کنيائين ڦرهيون، ۽ انهن جي لکيٽ ۾ هدايت

وَّ رَحْمَةٌ لِّلَّذِيْنَ هُمْ لِرَبِّهِمْ يَرْهَبُوْنَ ﴿۱۵۴﴾ وَ

۽ رحمت انهن لاءِ جيڪي پنهنجي رب کان ڏجن پيا. ۽

اخْتَارَ مُوْسٰى قَوْمَهٗ سَبْعِيْنَ رَجُلًا لِّمِيْقَاتِنَا ۚ

چونڊيا موسىٰ پنهنجي قوم جا سَتر ماڻهو اسان جي وعدي لاءِ

فَلَمَّاۤ اَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ قَالَ رَبِّ لَوْ شِئْتَ

پوءِ جڏهن ورتو انهن کي زلزلي چيائين منهنجا رب جيڪڏهن گهرين ها

اَهْلَكْتَهُمْ مِّنْ قَبْلُ وَ اِيَّايَ ؕ اَتُهْلِكُنَا بِمَا

ته مارين ها انهن کي هن کان اڳ ۽ مون کي به، ڇا تون مارين ٿو اسان کي ان ڪري

فَعَلَ السُّفَهَآءُ مِنَّا ۚ اِنْ هِىَ اِلَّا فِتْنَتُكَ ۗ تُضِلُّ
جو ڪيو بيوقوفن اسان جي، اهو ڪو امتحان آهي تنهنجو، گمراهه ڪرين

بِهَا مَنْ تَشَآءُ وَتَهْدِىْ مَنْ تَشَآءُ ۗ اَنْتَ وَلِيُّنَا
انهي سان جنهنکي چاهين ۽ هدايت ڪرين جنهنکي گهرين، تون آهين اسانجو مالڪ

فَاغْفِرْ لَنَا وَارْحَمْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الْغٰفِرِيْنَ ﴿١٥٥﴾ وَ
پوءِ بخش اسانکي ۽ ٻاجهه ڪر اسان تي ۽ تون ڀلو بخشيندڙ آهين. ۽

اكْتُبْ لَنَا فِىْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِى الْاٰخِرَةِ
لک اسان لاءِ هن دنيا ۾ ڀلائي ۽ آخرت ۾

اِنَّا هُدْنَآ اِلَيْكَ ۗ قَالَ عَذَابِىْٓ اُصِيْبُ بِهٖ مَنْ
بيشڪ اسان موٽيا آهيون تو ڏانهن، چيائين عذاب پنهنجو وجهندو آهيان جنهن تي

اَشَآءُ ۚ وَرَحْمَتِىْ وَسِعَتْ كُلَّ شَىْءٍ ۗ فَسَاَكْتُبُهَا
گهران، ۽ رحمت منهنجي شامل آهي هر شيءِ تي، پوءِ اها لکندس

لِلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَالَّذِيْنَ هُمْ
انهن لاءِ جيڪي ڊڄندا ۽ ڏيندا زڪوات ۽ جيڪي اهي

بِاٰيٰتِنَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٥٦﴾ ۚ اَلَّذِيْنَ يَتَّبِعُوْنَ الرَّسُوْلَ
اسانجي آيتن تي ايمان آڻيندا. اُهي جيڪي پيروي ڪندا انهي رسول

النَّبِىَّ الْاُمِّىَّ الَّذِىْ يَجِدُوْنَهٗ مَكْتُوْبًا عِنْدَهُمْ
نبيءَ، مڪي واري جي جنهن کي لهن ٿا لکيل پاڻ وٽ

القرآن الكريم ترجمو حضرت مولانا عبدالكريم قريشي (بير شريف)

فِي التَّوْرٰىةِ وَالْاِنْجِيْلِ يَاْمُرُهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ

توريت ۽ انجيل ۾ اهو حڪم ڪندو انهن کي چڱن ڪمن جو

وَيَنْهٰىهُمْ عَنِ الْمُنْكَرِ وَيُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَ

۽ جهليندو انهن کي بڇڙاين کان ۽ حلال ڪندو انهن لاءِ پاڪ شيون ۽

يُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبٰٓئِثَ وَيَضَعُ عَنْهُمْ اِصْرَهُمْ

حرام ڪندو انهن لاءِ پليت شيون ۽ لاهيندو انهن کان بار انهن جا

وَالْاَغْلٰلَ الَّتِيْ كَانَتْ عَلَيْهِمْ ۭ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ

۽ اهي ڳٽ جيڪي انهن تي آهن، پوءِ جن ايمان آندو ان تي

وَعَزَّرُوْهُ وَنَصَرُوْهُ وَاتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ

۽ سات ڏنائون ان جو ۽ مدد ڪيائون ان جي ۽ تابع ٿيا ان نور جا جيڪو لاٿو ويو 157

مَعَهٗٓ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۱۵۷﴾ قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ

انهيءَ سان گڏ اهي ئي ڪامياب آهن. چؤ اي انسانو!

اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعَا ۨ الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ

بيشڪ آءٌ رسول آهيان الله جو توهان سڀني ڏانهن جنهن جي حڪومت آهي

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ

آسمانن ۽ زمين ۾، ڪانهي بندگي انهيءَ کانسواءِ اهو جياري ٿو ۽ ماري ٿو

فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الَّذِيْ يُؤْمِنُ

پوءِ ايمان آڻيو الله تي ۽ ان جي موڪليل نبيءَ اُمي تي جو اهو ايمان رکي ٿو

بِاللّٰهِ وَكَلِمٰتِهٖ وَاتَّبِعُوْهُ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٥٨﴾ وَ

الله ۽ ان جي حُڪمن تي ۽ اوهين تابع ٿيو انھيءَ جا جيئن هدايت وٺو. ۽

مِنْ قَوْمِ مُوْسٰٓى اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَبِهٖ

موسىٰ جي قوم مان ڪي ماڻهو هدايت ڪن ٿا حق جي ۽ ان موجب

يَعْدِلُوْنَ ﴿١٥٩﴾ وَقَطَّعْنٰهُمُ اثْنَتَيْ عَشْرَةَ اَسْبَاطًا

عدالت ڪن ٿا ۽ جدا ڪيوسون انھن کي ٻارهن قبيلن ۾

اُمَمًا ؕ وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اِذِ اسْتَسْقٰىهُ قَوْمُهٗٓ

جماعتون ڪري، ۽ حڪم ڪيوسون موسىٰ کي جڏهن گهريو پاڻي ان کان سندس قوم

اَنِ اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْحَجَرَ ۚ فَانْۢبَجَسَتْ مِنْهُ

ته ڏک هڻ لٺ پنهنجي سان پاهڻ کي، پوءِ ڦٽي نڪتا ان مان

اثْنَتَا عَشْرَةَ عَيْنًا ؕ قَدْ عَلِمَ كُلُّ اُنَاسٍ مَّشْرَبَهُمْ ؕ

ٻارهن چشما، سڃاڻي ورتو هر قبيلي پنهنجي پيچ کي

وَظَلَّلْنَا عَلَيْهِمُ الْغَمَامَ وَاَنْزَلْنَا عَلَيْهِمُ الْمَنَّ

۽ ڇانو ڪئي سون انهن تي ڪڪر جي ۽ اسان لاٿو انهن تي مَنّ

وَالسَّلْوٰى ؕ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ ؕ وَمَا ظَلَمُوْنَا

۽ سلوىٰ، کائو پاڪ شيون جيڪا روزي ڏني سون توهانکي، ۽ نه ڪَسُ لاتائون اسانکي

وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿١٦٠﴾ وَاِذْ قِيْلَ لَهُمُ

پر پنهنجو پاڻ کي ڪَسُ لاتائون. ۽ جڏهن حُڪم ٿيو انھنکي

اسْكُنُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ وَكُلُوْا مِنْهَا حَيْثُ شِئْتُمْ
ته رهو هن شهر ۾ ۽ کائو ان مان جتان وڻيو

وَقُوْلُوْا حِطَّةٌ وَّادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا نَّغْفِرْ لَكُمْ
۽ چئو بخش اسان کي ۽ داخل ٿيو دروازي کان سجدو ڪندي ته بخشينداسون توهانکي

خَطِيْٓـٰٔتِكُمْ ؕ سَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۶۱﴾ فَبَدَّلَ الَّذِيْنَ
گناه توهان جا، اجهو وڌائينداسون چڱائي ڪندڙن کي. پوءِ بدلايو انهن

ظَلَمُوْا مِنْهُمْ قَوْلًا غَيْرَ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ فَاَرْسَلْنَا
جن ظلم ڪيو انهن مان لفظ ٻيو ان کان سواءِ جو کين چيو ويو پوءِ موڪليوسون

عَلَيْهِمْ رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا يَظْلِمُوْنَ ﴿۱۶۲﴾ ع
انهن تي عذاب آسمان کان انهيءَ ڪري جو ظلم ڪندا هئا.

وَسْـَٔلْهُمْ عَنِ الْقَرْيَةِ الَّتِيْ كَانَتْ حَاضِرَةَ الْبَحْرِ ۘ
۽ پڇ انهن کان ان ڳوٺ جي خبر جو هئو ڪناري درياءَ جي تي،

اِذْ يَعْدُوْنَ فِي السَّبْتِ اِذْ تَاْتِيْهِمْ حِيْتَانُهُمْ
جڏهن زيادتي پيا ڪن ڇنڇر ۾ جڏهن اچن پيون انهن وٽ مڇيون انهن جون

يَوْمَ سَبْتِهِمْ شُرَّعًا وَّيَوْمَ لَا يَسْبِتُوْنَ ۙ لَا تَاْتِيْهِمْ ۛ ج
ڏينهن ڇنڇر تي ترنديون ۽ جي ڏينهن ڇنڇر نه هجين ته ڪونه پيون اچن انهن وٽ

كَذٰلِكَ ۛ ج نَبْلُوْهُمْ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿۱۶۳﴾ وَاِذْ
اهڙي طرح، آزمايون پيا انهن کي جو اهي بي فرماني ڪندا هئا. ۽ جنهن وقت

ع ۵ / ۱۰

النصف ع عند المتأخرين ۱۲

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

قَالَتْ اُمَّةٌ مِّنْهُمْ لِمَ تَعِظُوْنَ قَوْمَا ۙ اللّٰهُ مُهْلِكُهُمْ

چيو هڪ جماعت انهن مان ڇو ٿا سمجهايو اهڙن ماڻهن کي جن کي الله هلاڪ ڪندو

اَوْ مُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ؕ قَالُوْا مَعْذِرَةً اِلٰى

يا ڏيندڙ عذاب سخت، چيائون ٻاهر لاهڻ لاءِ

رَبِّكُمْ وَ لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿١٦٤﴾ فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا

توهان جي رب وٽ ۽ متان اهي ڊڄن. پوءِ جڏهن وساريائون اهو جو سمجهايو ويو

بِهٖۤ اَنْجَيْنَا الَّذِيْنَ يَنْهَوْنَ عَنِ السُّوْٓءِ وَ اَخَذْنَا

انهن کي ته اسان بچايو انهن کي جيڪي روڪين پيا بڇڙائيءَ کان ۽ پڪڙيوسون

الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا بِعَذَابٍۭ بَـِٔيْسٍۭ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿١٦٥﴾

انهن کي جن ظلم ڪيو، عذاب خوفناڪ سان جو نافرماني ڪندا هئا.

فَلَمَّا عَتَوْا عَنْ مَّا نُهُوْا عَنْهُ قُلْنَا لَهُمْ كُوْنُوْا

پوءِ جڏهن وڌي ويا ان ڪم ۾ جنهن کان جهليا ويا چيوسون انهن کي ته ٿيو

قِرَدَةً خٰسِـِٕيْنَ ﴿١٦٦﴾ وَ اِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكَ لَيَبْعَثَنَّ

بولا خوار. ۽ ياد ڪر جڏهن اطلاع ڪيو تنهنجي رب ته ضرور موڪليندو

عَلَيْهِمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَنْ يَّسُوْمُهُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ ؕ

انهن تي ڏيهن قيامت تائين اهڙو ماڻهو جو ڏيندو انهن کي بڇڙو عذاب.

اِنَّ رَبَّكَ لَسَرِيْعُ الْعِقَابِ ۚۖ وَ اِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٦٧﴾

بيشڪ تنهنجو رب جلد عذاب ڏيندڙ آهي، ۽ بيشڪ اهو غفور رحيم آهي.

وَقَطَّعْنٰهُمْ فِى الْاَرْضِ اُمَمًا ۚ مِنْهُمُ الصّٰلِحُوْنَ

۽ جدا ڪيوسون انهن کي ملڪ ۾ ٽولا ٽولا ڪري، ڪي انهن مان چڱا هئا

وَمِنْهُمْ دُوْنَ ذٰلِكَ ۫ وَبَلَوْنٰهُمْ بِالْحَسَنٰتِ وَالسَّيِّاٰتِ

۽ ڪي انهن مان ٻيءَ طرح ۽ آزمايوسون انهن کي سُکن ۽ ڏکن سان

لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿١٦٨﴾ فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ

مَنَ اهي موٽي پون. پوءِ آيا انهن کان بعد برا پونير

وَّرِثُوا الْكِتٰبَ يَاْخُذُوْنَ عَرَضَ هٰذَا الْاَدْنٰى وَ

جي وارث ٿيا ڪتاب جا وٺن پيا سروگ هن دنيا جو ۽

يَقُوْلُوْنَ سَيُغْفَرُ لَنَا ۚ وَاِنْ يَّاْتِهِمْ عَرَضٌ مِّثْلُهٗ

چون پيا ته اسان کي بخشيو ويندو، ۽ جيڪڏهن ايندو هو انهن وٽ مال ان جهڙو

يَاْخُذُوْهُ ۗ اَلَمْ يُؤْخَذْ عَلَيْهِمْ مِّيْثَاقُ الْكِتٰبِ اَنْ

ته وٺندا هئا انهن کي، ڇا نه ورتو ويو انهن کان وعدو ڪتاب جو ته

لَّا يَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ وَدَرَسُوْا مَا فِيْهِ ۗ وَ

نه ڳالهائين الله تي ڪجهه به سچ کان سواءِ ۽ پڙهيائون جيڪي ان ۾ هئو، ۽

الدَّارُ الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ ۗ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٦٩﴾

گهر آخرت جو بهتر آهي پرهيزگارن لاءِ، ڇا پوءِ توهان نٿا سمجهو؟

وَالَّذِيْنَ يُمَسِّكُوْنَ بِالْكِتٰبِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ۗ اِنَّا

۽ جيڪي مضبوط وٺن ٿا ڪتاب کي ۽ قائم ڪيائون نماز، ته اسان

لَا نُضِيعُ أَجْرَ الْمُصْلِحِينَ ﴿١٧٠﴾ وَإِذْ نَتَقْنَا الْجَبَلَ

نہ وڃائينداسون اجورو چڱائي آڻيندڙن جو. ۽ جنهن وقت کنيوسون جبل

فَوْقَهُمْ كَأَنَّهُ ظُلَّةٌ وَظَنُّوا أَنَّهُ وَاقِعٌ بِهِمْ ج

انهن جي مٿان ڄڻ ته اهو ڇٽي هو ۽ سمجهيائون ته اهو ڪرندڙ آهي مٿان انهن،

خُذُوا مَا آتَيْنَاكُمْ بِقُوَّةٍ وَاذْكُرُوا مَا فِيهِ لَعَلَّكُمْ

جهليو وٺو جيڪو ڏنوسون توهان کي مضبوطي سان ۽ ياد ڪريو جيڪي ان ۾ آهي جيئن اوهين

تَتَّقُونَ ﴿١٧١﴾ ع وَإِذْ أَخَذَ رَبُّكَ مِنْ بَنِي آدَمَ مِنْ

پرهيزگار ٿيو. ۽ جڏهن ورتو تنهنجي رب بني آدم کان سندن

ظُهُورِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَأَشْهَدَهُمْ عَلَىٰ أَنْفُسِهِمْ ج

پٺين مان انهن جي اولاد کي ۽ اقرار ورتائين انهن کان سندن سرن تي،

أَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ ط قَالُوا بَلَىٰ ج شَهِدْنَا ج أَنْ تَقُولُوا

ته ڇا نه آهيان مان توهان جو رب، چيائون هائو، اسان اقرار ڪيوسون، متان چئو

يَوْمَ الْقِيَامَةِ إِنَّا كُنَّا عَنْ هَٰذَا غَافِلِينَ ﴿١٧٢﴾ لا أَوْ

قيامت ڏينهن ته اسان هئاسون ان کان بي خبر. يا

تَقُولُوا إِنَّمَا أَشْرَكَ آبَاؤُنَا مِنْ قَبْلُ وَكُنَّا ذُرِّيَّةً

چئو ته رڳو شرڪ ڪيو هئو اسان جي ابن ڏاڏن اڳي کان ۽ اسين آهيون اولاد

مِنْ بَعْدِهِمْ ج أَفَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ الْمُبْطِلُونَ ﴿١٧٣﴾

انهن کان پوءِ جي، ڇا پوءِ تون تباهه ڪندين اسان کي انهي جو ڪيو گمراهن.

وَكَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ وَلَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿١٧٤﴾
۽ اهڙي طرح صاف پڌايون ٿا آيتون ته جيئن اهي موٽي پون.

وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ الَّذِيْٓ اٰتَيْنٰهُ اٰيٰتِنَا فَانْسَلَخَ مِنْهَا
۽ پڙهه انهن تي خبر ان شخص جي ڏنيون سي جنهن کي پنهنجون آيتون پوءِ سرڪي ويو انهن کان

فَاَتْبَعَهُ الشَّيْطٰنُ فَكَانَ مِنَ الْغٰوِيْنَ ﴿١٧٥﴾ وَلَوْ
پوءِ پٺيان پيس شيطان نيٺ ٿيو گمراهن مان. ۽ جيڪڏهن

بلعم باعوره

ابن باعوره

شِئْنَا لَرَفَعْنٰهُ بِهَا وَلٰكِنَّهٗٓ اَخْلَدَ اِلَى الْاَرْضِ
گهرون ها ته مٿي ڪريون ها ان کي انهن آيتن سان پر اهو جهڪي پيو زمين ڏانهن

وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ ۚ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ الْكَلْبِ ۚ اِنْ تَحْمِلْ
۽ پٺيان لڳو پنهنجي خواهش جي، پوءِ ان جو مثال ٿيو ڪتي جهڙو جيڪڏهن بار رکندين

عَلَيْهِ يَلْهَثْ اَوْ تَتْرُكْهُ يَلْهَثْ ۭ ذٰلِكَ مَثَلُ الْقَوْمِ
ان تي ته سهڪندو يا ڇڏي ڏيندينس ته به سهڪندو اهو آهي مثال ان قوم جو

الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَاقْصُصِ الْقَصَصَ
جن ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي، پوءِ بڌاءِ اهي احوال

لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿١٧٦﴾ سَاۗءَ مَثَلَا ۨ الْقَوْمُ الَّذِيْنَ
ته جيئن اهي ڌيان ڪن. بڇڙو مثال آهي ان قوم جو جن

كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَاَنْفُسَهُمْ كَانُوْا يَظْلِمُوْنَ ﴿١٧٧﴾ مَنْ
ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي ۽ اهي پاڻ تي ظلم ڪندا هئا. جنهن کي

يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِيْ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلْ فَاُولٰٓئِكَ
هدايت ڪري الله پوءِ اهو هدايت وارو آهي، ۽ جنهنکي گمراه ڪري پوءِ اهي
هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۱۷۸﴾ وَلَقَدْ ذَرَاْنَا لِجَهَنَّمَ كَثِيْرًا مِّنَ
ئي نقصان وارا آهن. ۽ اسان پيدا ڪيا آهن دوزخ لاءِ گهڻيئي
الْجِنِّ وَالْاِنْسِ ۖ لَهُمْ قُلُوْبٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ بِهَا ۫ وَ
جن ۽ ماڻهو انهنکي دليون آهن نه ته سمجهن انهن سان ۽
لَهُمْ اَعْيُنٌ لَّا يُبْصِرُوْنَ بِهَا ۫ وَلَهُمْ اٰذَانٌ لَّا
انهنکي اکيون آهن نه ته ڏسن انهن سان، ۽ انهنکي ڪن آهن نه
يَسْمَعُوْنَ بِهَا ۭ اُولٰٓئِكَ كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ ۭ
ته ٻڌن انهن سان، اهي جانورن جهڙا آهن پر اهي وڌيڪ گمراه ۰
اُولٰٓئِكَ هُمُ الْغٰفِلُوْنَ ﴿۱۷۹﴾ وَلِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى
اهي ئي بي خبر آهن. ۽ الله جا آهن سڀ نالا سهڻا
فَادْعُوْهُ بِهَا ۪ وَذَرُوا الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ اَسْمَآئِهٖ ۭ
پوءِ پڪاريو ان کي انهن سان ۽ ڇڏيو انهنکي جيڪي ڦيرائين ٿا سندس نالن کي،
سَيُجْزَوْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۸۰﴾ وَمِمَّنْ خَلَقْنَآ
هي سزا ڏنا ويندا پنهنجي ڪئي جي. ۽ انهن مان جن کي پيدا ڪيو سون
ع ۲۲ ۱۰ ۱۲ اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ ﴿۱۸۱﴾ وَالَّذِيْنَ
هڪ جماعت آهي جيڪي رستو ڏيکارين ٿا حق جو ۽ ان پٽاندر عدالت ڪن ٿا. ۽ جن

كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۲﴾

ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي هري هري وٺنداسون انهن کي اتان جو اهي پروڙ ئي نه پائي سگهن.

وَاُمْلِيْ لَهُمْ ۭ اِنَّ كَيْدِيْ مَتِيْنٌ ﴿۱۸۳﴾ اَوَلَمْ يَتَفَكَّرُوْا

۽ آءٌ ڍر ڏيان ٿو انهن کي، بيشڪ منهنجي سِٽا سخت آهي. ڇا نه ڌيان ڪيائون

مَا بِصَاحِبِهِمْ مِّنْ جِنَّةٍ ۭ اِنْ هُوَ اِلَّا نَذِيْرٌ

ته ناهي انهن جي صاحب کي ڪا چريائي، ٻيو اهو ڊيڄاريندڙ آهي

مُّبِيْنٌ ﴿۱۸۴﴾ اَوَلَمْ يَنْظُرُوْا فِيْ مَلَكُوْتِ السَّمٰوٰتِ وَ

پڌرو. ۽ ڇا نه ڏٺائون بادشاهي آسمانن ۽

الْاَرْضِ وَمَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ ۙ وَّاَنْ عَسٰٓى

زمين جي کي ۽ ان کي جا پيدا ڪئي الله هر شيءِ ۽ هيءُ ته شايد

اَنْ يَّكُوْنَ قَدِ اقْتَرَبَ اَجَلُهُمْ ۚ فَبِاَيِّ حَدِيْثٍ

ٿيو هجي ويجهو موت انهن جو، پوءِ ڪهڙي ڳالهه تي

بَعْدَهٗ يُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۸۵﴾ مَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَا هَادِيَ

قرآن کانپوءِ ايمان آڻيندا. جنهن کي منجهائي الله ته ناهي ڪوئي راهه ڏيکاريندڙ

لَهٗ ۭ وَيَذَرُهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿۱۸۶﴾ يَسْــَٔـلُوْنَكَ

ان کي ۽ ڇڏي ڏئي ٿو انهن کي سندن شرارت ۾ پيا آوارا ڦرن. پڇن ٿا توکان

عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرْسٰىهَا ۭ قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ

قيامت بابت ته ڪڏهن ايندو وقت ان جو، تون چؤ ته گو جاڻ ان جي منهنجي

Al - Qura'n Al-Kareen By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

رَبِّيْ ۚ لَا يُجَلِّيْهَا لِوَقْتِهَآ اِلَّا هُوَ ۚ ثَقُلَتْ فِي السَّمٰوٰتِ

رب وٽ آهي، ڪوئي نه کوليندو انکي سندس وقت تي مگر اهو، اها ڳري آهي
آسمانن

وَالْاَرْضِ ۚ لَا تَاْتِيْكُمْ اِلَّا بَغْتَةً ۚ يَسْـَٔلُوْنَكَ كَاَنَّكَ

۽ زمين ۾، نه ايندي توهان وٽ مگر اوچتوئي، اهي پڇن ٿا توکان ڄڻ تون

حَفِيٌّ عَنْهَا ۚ قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ اللّٰهِ وَلٰكِنَّ

تلاش ۾ آهين انجي، چؤ ته رڳو ڄاڻ انجي الله وٽ آهي
پر

اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۷﴾ قُلْ لَّآ اَمْلِكُ

گهڻا ماڻهو نه ٿا سمجهن. چؤته نه آهيان مالڪ

لِنَفْسِيْ نَفْعًا وَّلَا ضَرًّا اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ۚ وَلَوْ

پنهنجي نفعي جو ۽ نکي نقصان جو مگر جو گهري الله، ۽ جيڪڏهن

كُنْتُ اَعْلَمُ الْغَيْبَ لَاسْتَكْثَرْتُ مِنَ الْخَيْرِ ۚ وَمَا

مون ڄاڻان ها ڳجهه ته گهڻوئي گڏ ڪريان ها ڀلائي کي، ۽ نه

مَسَّنِيَ السُّوْٓءُ ۚ اِنْ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ وَّبَشِيْرٌ لِّقَوْمٍ

پهچي ها مونکي ڪا تڪليف، رڳو آءٌ آهيان خوف ڏيڏائيندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ ماڻهن کي

يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۱۸۸﴾ هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ

جيڪي مڃوتي ڪن. اهوئي آهي جنهن پيدا ڪيو توهان کي شخص هڪڙي مان

وَّجَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا لِيَسْكُنَ اِلَيْهَا ۚ فَلَمَّا تَغَشّٰىهَا

۽ بڻايائين انهيءَ مان سندس زال جيئن آرام وٺي ان وٽ، پوءِ جڏهن ميلاپ ڪيائينس

وقف منزل
وقف لازم

ع ۲۳
۱۳

حَمَلَتْ حَمْلًا خَفِيْفًا فَمَرَّتْ بِهٖ ۚ فَلَمَّآ اَثْقَلَتْ دَّعَوَا

تہ کنیائين حمل هلڪو پوءِ هلندي رهي انهيءَ سان، پوءِ جڏهن ڳوري ٿي تہ ٻنهي سڏيو

اللّٰهَ رَبَّهُمَا لَئِنْ اٰتَيْتَنَا صَالِحًا لَّنَكُوْنَنَّ مِنَ

الله پنهنجي رب کي تہ جي ڏيندين اسان کي سالم ٻار تہ هونداسين تہ ٿينداسون

الشّٰكِرِيْنَ (١٨٩) فَلَمَّآ اٰتٰهُمَا صَالِحًا جَعَلَا لَهٗ شُرَكَآءَ

شڪر ڪندڙن مان. پوءِ جڏهن ڏنائين انهن کي سالم ٻار تہ بڻايائون ان لاءِ ڀائيوار

فِيْمَآ اٰتٰهُمَا ۚ فَتَعٰلَى اللّٰهُ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ (١٩٠) اَيُشْرِكُوْنَ

ان ۾ جو بخشيائين انهن کي پوءِ مٿاهون آهي الله ان کان جنهن کي شريڪ ٿا ڪن. ڇا شريڪ ٿا ڪن

مَا لَا يَخْلُقُ شَيْئًا وَّهُمْ يُخْلَقُوْنَ (١٩١) ۚ وَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ

انهن کي جي نٿا پيدا ڪن ڪا شيءِ ۽ اهي پاڻ پيدا ڪيل آهن. ۽ نہ ٿا ڪري سگهن

لَهُمْ نَصْرًا وَّلَآ اَنْفُسَهُمْ يَنْصُرُوْنَ (١٩٢) وَاِنْ تَدْعُوْهُمْ

انهن جي مدد ۽ نڪي پنهنجي ئي مدد ٿا ڪن. ۽ جيڪڏهن تون سڏيندين انهن کي

اِلَى الْهُدٰى لَا يَتَّبِعُوْكُمْ ؕ سَوَآءٌ عَلَيْكُمْ اَدَعَوْتُمُوْهُمْ

سڌي رستي ڏانهن نہ ايندا توهان جي پويان، برابر آهي توهان تي سڏيو انهن کي

اَمْ اَنْتُمْ صَامِتُوْنَ (١٩٣) اِنَّ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ

يا توهان چُپ رهو. بيشڪ جن کي سڏيو ٿا

دُوْنِ اللّٰهِ عِبَادٌ اَمْثَالُكُمْ فَادْعُوْهُمْ فَلْيَسْتَجِيْبُوْا

الله کان سواءِ ٻانها آهن توهان جهڙا پوءِ سڏيو انهن کي پل تہ ٻُڌن سڏ

لَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۱۹۴﴾ اَلَهُمْ اَرْجُلٌ يَّمْشُوْنَ

توهان جو جيڪڏهن آهيو سچا. ڇا انهن کي پير آهن جو گهمن ٿا

بِهَآ ۡ اَمْ لَهُمْ اَيْدٍ يَّبْطِشُوْنَ بِهَآ ۡ اَمْ لَهُمْ اَعْيُنٌ

انهن سان يا انهن کي هٿ آهن جو پڪڙن ٿا انهن سان يا انهن کي اکيون آهن

يُّبْصِرُوْنَ بِهَآ ۡ اَمْ لَهُمْ اٰذَانٌ يَّسْمَعُوْنَ بِهَا ؕ قُلِ

جو ڏسن ٿا انهن سان يا انهن کي ڪن آهن جو اهي ٻڌندا آهن انهن سان تون چئو

ادْعُوْا شُرَكَآءَكُمْ ثُمَّ كِيْدُوْنِ فَلَا تُنْظِرُوْنِ ﴿۱۹۵﴾

سڏيو پنهنجن شريڪن کي پوءِ رٿيو مڪر مون لاءِ پوءِ نه ڍر ڏيو مون کي.

اِنَّ وَلِيِّ َۧ اللّٰهُ الَّذِيْ نَزَّلَ الْكِتٰبَ ۖ وَهُوَ يَتَوَلَّى

بيشڪ منهنجو مددگار آهي الله جنهن نازل ڪيو ڪتاب کي ۽ اهو ئي مددگار آهي

الصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۹۶﴾ وَالَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ

چڱن ماڻهن جو. ۽ اهي جن کي سڏيو ٿا انهي کان سواءِ

لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَكُمْ وَلَآ اَنْفُسَهُمْ يَنْصُرُوْنَ ﴿۱۹۷﴾

نه ٿا ڪري سگهن مدد توهان جي ۽ نڪي پنهنجي ئي مدد ڪندا آهن.

وَاِنْ تَدْعُوْهُمْ اِلَى الْهُدٰى لَا يَسْمَعُوْا ؕ وَتَرٰىهُمْ

۽ جيڪڏهن سڏيندين انهن کي هدايت ڏانهن نڪين ٻڌندا ۽ ڏسين ٿو انهن کي

يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ وَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ ﴿۱۹۸﴾ خُذِ الْعَفْوَ

ته نهارين ٿا تو ڏانهن ۽ اهي ڏسندا ئي نه آهن. وٺ معاف ڪرڻ کي

وَأْمُرْ بِالْعُرْفِ وَأَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِينَ ﴿١٩٩﴾

۽ حڪم ڪر چڱي ڪم جو ۽ منهن موڙ مورکن کان.

وَإِمَّا يَنْزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيْطٰنِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ

۽ جيڪڏهن ڪنهن ڪي توکي شيطان کان ڪو ڪتڪو ته وٺ پناهه

بِاللّٰهِ إِنَّهُ سَمِيعٌ عَلِيمٌ ﴿٢٠٠﴾ إِنَّ الَّذِينَ اتَّقَوْا إِذَا

الله جي، بيشڪ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي بيشڪ جيڪي پرهيزگار ٿيا جڏهن

مَسَّهُمْ طٰٓئِفٌ مِّنَ الشَّيْطٰنِ تَذَكَّرُوا فَإِذَا هُمْ

پهچي ٿو انهن کي چڪر شيطان جو ته هوشيار ٿين ٿا پوءِ ان وقت ۾ سنڌن

مُّبْصِرُونَ ﴿٢٠١﴾ وَإِخْوٰنُهُمْ يَمُدُّونَهُمْ فِي الْغَيِّ ثُمَّ

اکيون کلي وينديون آهن ۽ انهن جا يار ڇڪن ٿا انهن کي گمراهي ڏانهن پوءِ

لَا يُقْصِرُونَ ﴿٢٠٢﴾ وَإِذَا لَمْ تَأْتِهِمْ بِاٰيَةٍ قَالُوا لَوْلَا

اهي ڪين ٿا گهٽائين. ۽ جڏهن تون آندي انهن وٽ ڪا آيت چون ٿا ڇو نه

اجْتَبَيْتَهَا قُلْ إِنَّمَا أَتَّبِعُ مَا يُوحٰىٓ إِلَيَّ مِنْ

ٺاهي آڻين اها، چؤ آءٌ ته رڳو هلان پيو ان تي جو حڪم اچي ٿو مون ڏانهن

رَّبِّي هٰذَا بَصَآئِرُ مِنْ رَّبِّكُمْ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ

منهنجي رب کان، هي آهن سمجهاڻيون توهان جي رب جون ۽ هدايت ۽ رحمت

لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُونَ ﴿٢٠٣﴾ وَإِذَا قُرِئَ الْقُرْاٰنُ فَاسْتَمِعُوا

انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان آڻين. ۽ جڏهن پڙهبو وڃي قرآن ته ڪن لائي ٻڌو

لَهٗ وَ اَنۡصِتُوۡا لَعَلَّكُمۡ تُرۡحَمُوۡنَ ﴿۲۰۴﴾ وَ اذۡكُرۡ رَّبَّكَ

ان کي ۽ ماٺ ڪريو ته مَنَ مرهڃي وڃو ۔ ۽ ياد ڪر پنهنجي رب کي

فِیۡ نَفۡسِكَ تَضَرُّعًا وَّ خِیۡفَةً وَّ دُوۡنَ الۡجَهۡرِ

دل پنهنجي ۾ عاجزي ۽ خوف سان ۽ نه وڏي

مِنَ الۡقَوۡلِ بِالۡغُدُوِّ وَ الۡاٰصَالِ وَ لَا تَكُنۡ مِّنَ

واڪي صبح جو ۽ شام جو ۽ نه ٿيءُ

الۡغٰفِلِیۡنَ ﴿۲۰۵﴾ اِنَّ الَّذِیۡنَ عِنۡدَ رَبِّكَ لَا یَسۡتَكۡبِرُوۡنَ

غفلت وارن مان، بيشڪ جيڪي تنهنجي رب وٽ آهن اهي ذرا وڏائي ڪن

عَنۡ عِبَادَتِهٖ وَ یُسَبِّحُوۡنَهٗ وَ لَهٗ یَسۡجُدُوۡنَ ﴿۲۰۶﴾

سندس عبادت کان ۽ پاڪائي چون ٿا انهيءَ جي ۽ انهيءَ کي ئي سجدو ڪن ٿا.

٢٤ ع ١٨ ١٤

سُوۡرَةُ الۡاَنۡفَالِ مَدَنِیَّةٌ وَّ هِیَ خَمۡسٌ وَّ سَبۡعُوۡنَ اٰیَةً وَّ عَشۡرُ رُكُوۡعَاتٍ

سورة انفال مدني آهي ۽ اها پنجهتر آيتون ۽ ڏهه رڪوع آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ۝

شروع الله جي نالي سان جو ٻاجهارو مهربان آهي.

یَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنِ الۡاَنۡفَالِ ؕ قُلِ الۡاَنۡفَالُ لِلّٰهِ وَ الرَّسُوۡلِ ۚ

پڇن ٿا توکان مال غنيمت لاءِ، چؤ غنيمت جا مال الله ۽ رسول جا آهن

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَصۡلِحُوۡا ذَاتَ بَیۡنِكُمۡ ۪ وَ اَطِیۡعُوا اللّٰهَ

پوءِ ڊڄو الله کان ۽ سڌارو آڻيو پنهنجي وچ ۾ ۽ تابعداري ڪريو الله جا

وَرَسُوْلَهٗٓ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ① اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ

۽ سندس رسول جا جيڪڏهن آهيو اوهان مؤمن . سڀڪو ايمان وارا

الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ وَاِذَا تُلِيَتْ

اهي آهن جو جڏهن ياد ڪجي ٿو الله کي ته ڏهلجي وڃن ٿيون دليون انهن جون ۽ جڏهن پڙهجن ٿيون

عَلَيْهِمْ اٰيٰتُهٗ زَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّعَلٰى رَبِّهِمْ

انهن تي سندس آيتون ته وڌائن ٿيون انهن جي ايمان کي ۽ اهي پنهنجي رب تي

يَتَوَكَّلُوْنَ ② الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ

ڀروسو ڪن . اهي قائم ڪن ٿا نماز کي ۽ اسان جي ڏني مان

يُنْفِقُوْنَ ③ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا ؕ لَهُمْ

ڪجهه خرچ ڪن ٿا . اهي ئي مؤمن آهن سچا انهن لاءِ

دَرَجٰتٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَمَغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ④

مرتبا آهن سندن پروردگار وٽ ۽ بخشش ۽ روزي آبروءَ واري .

كَمَآ اَخْرَجَكَ رَبُّكَ مِنْۢ بَيْتِكَ بِالْحَقِّ ۠ وَاِنَّ

جئن ڪڍيو توکي تنهنجي پالڻهار تنهنجي گهر مان حق خاطر ۽ يقينن

فَرِيْقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ لَكٰرِهُوْنَ ⑤ يُجَادِلُوْنَكَ فِى

هڪ جماعت مؤمنن مان راضي نه هئي . اهي بحث پيا ڪن توسان

الْحَقِّ بَعْدَ مَا تَبَيَّنَ كَاَنَّمَا يُسَاقُوْنَ اِلَى الْمَوْتِ وَ

ان حق ۾ پڌرائي کان بعد جڻ ته هڪلجن پيا موت ڏانهن ۽

هُمْ يَنْظُرُوْنَ ۭ ﴿٦﴾ وَاِذْ يَعِدُكُمُ اللّٰهُ اِحْدَى الطَّآئِفَتَيْنِ

آهي ڏسن پيا ۽ ياد ڪر جڏهن وعدو ڪيو توهان سان الله ٻن ٽولين مان هڪڙي ۽ جو

اَنَّهَا لَكُمْ وَتَوَدُّوْنَ اَنَّ غَيْرَ ذَاتِ الشَّوْكَةِ تَكُوْنُ

تہ اها توهان لاءِ آهي ۽ اوهين چاهيو پيا تہ بنا هٿيارن واري ٽولي هجي

لَكُمْ وَيُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّحِقَّ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَيَقْطَعَ

توهان لاءِ ۽ گهري پيو الله تہ مٽي ڪري حق کي پنهنجي قولن سان ۽ ڪپي

دَابِرَ الْكٰفِرِيْنَ ۙ ﴿٧﴾ لِيُحِقَّ الْحَقَّ وَيُبْطِلَ الْبَاطِلَ

پاڙ ڪافرن جي. جيئن ثابت رکي حق کي ۽ ناس ڪري باطل کي

وَلَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ ۚ ﴿٨﴾ اِذْ تَسْتَغِيْثُوْنَ رَبَّكُمْ

توڙي جو ناپسند ڪن ڏوهاري. ياد ڪريو جڏهن مدد گهرو پيا پنهنجي رب کان

فَاسْتَجَابَ لَكُمْ اَنِّيْ مُمِدُّكُمْ بِاَلْفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ

پوءِ ورنايائين توهان کي تہ آءٌ مدد ڪندڙ آهيان توهان جي هزار ملائڪن سان

مُرْدِفِيْنَ ﴿٩﴾ وَمَا جَعَلَهُ اللّٰهُ اِلَّا بُشْرٰى وَلِتَطْمَئِنَّ

هڪ ٻئي پٺيان ايندڙ. ۽ نہ بڻايو انهيءَ کي الله مگر خوشخبري ۽ جيئن قرار وٺن

بِهٖ قُلُوْبُكُمْ ۚ وَمَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۭ اِنَّ

انهيءَ سان دليون توهان جون، ۽ نہ ايندي مدد مگر الله جي طرفان. بيشڪ

اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿١٠﴾ اِذْ يُغَشِّيْكُمُ النُّعَاسَ اَمَنَةً

الله زبردست آهي حڪمت وارو آهي. جنهن وقت وڌائين توهان تي اوجهرا ڪي قرار لاءِ

مِّنۡهُ وَ يُنَزِّلُ عَلَيۡكُمۡ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً لِّيُطَهِّرَكُمۡ

پنهنجي طرفان ۽ لاٿائين توهان جي مٿان آسمان کان پاڻي جيئن پاڪ ڪري اوهان کي

بِهٖ وَ يُذۡهِبَ عَنۡكُمۡ رِجۡزَ الشَّيۡطٰنِ وَ لِيَرۡبِطَ عَلٰى

ان سان ۽ دفع ڪري اوهان کان وسوسو شيطان جو ۽ جيئن ڍاڍو ڪري

قُلُوۡبِكُمۡ وَ يُثَبِّتَ بِهِ الۡاَقۡدَامَؕ ﴿۱۱﴾ اِذۡ يُوۡحِىۡ

اوهان جي دلين کي ۽ ڄمائي رکي انهيءَ سان توهان جا پير. جنهن وقت وحي ڪيو

رَبُّكَ اِلَى الۡمَلٰۤـئِكَةِ اَنِّىۡ مَعَكُمۡ فَثَبِّتُوا الَّذِيۡنَ

تنهنجي رب ملائڪن ڏانهن ته آءٌ اوهان سان گڏ آهيان پوءِ همت ڏياريو انهن کي

اٰمَنُوۡا ؕ سَاُلۡقِىۡ فِىۡ قُلُوۡبِ الَّذِيۡنَ كَفَرُوا الرُّعۡبَ

جن ايمان آندو. اجهو وجهان ٿو دلين ۾ ڪافرن کي دهشت

فَاضۡرِبُوۡا فَوۡقَ الۡاَعۡنَاقِ وَاضۡرِبُوۡا مِنۡهُمۡ كُلَّ بَنَانٍ ؕ ﴿۱۲﴾

پوءِ ڌڪ هڻو ڪافرن جي ڪنڌن تي ۽ ڪٽيو انهن جو سنڌ سنڌ.

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ شَآقُّوا اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ ۚ وَمَنۡ يُّشَاقِقِ

اهو هن لاءِ ته انهن مخالفت ڪئي الله جي ۽ ان جي رسول جي ۽ جيڪو مخالفت ڪندو

اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيۡدُ الۡعِقَابِ ﴿۱۳﴾ ذٰلِكُمۡ

الله ۽ ان جي رسول جي پوءِ بيشڪ الله سخت عذاب ڪندڙ آهي. اهو اٿوَ

فَذُوۡقُوۡهُ وَاَنَّ لِلۡكٰفِرِيۡنَ عَذَابَ النَّارِ ﴿۱۴﴾ يٰۤاَيُّهَا

پوءِ چکي ونواکي ۽ بيشڪ ڪافرن لاءِ آهي عذاب باهه جو. اي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا زَحْفًا فَلَا
ايمان وارو جڏهن مقابلو ڪريو ڪافرن سان ميدان جنگ ۾ ته نه
تُوَلُّوْهُمُ الْاَدْبَارَ ﴿١٥﴾ وَمَنْ يُّوَلِّهِمْ يَوْمَىِٕذٍ دُبُرَهٗٓ اِلَّا
تيراڻي ڏيو انهنکي پٺيون . ۽ جيڪو ڦيري ڇڏيندو انهن کان تنهن ڏينهن پٺي ڏئي سواءِ
مُتَحَرِّفًا لِّقِتَالٍ اَوْ مُتَحَيِّزًا اِلٰى فِئَةٍ فَقَدْ بَآءَ
جنگي ڪارنامي ڏيکارڻ لاءِ يا گڏجڻ لاءِ ٽولي ۾ ته اهو موٽيو
بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَمَاْوٰىهُ جَهَنَّمُ ۭ وَبِئْسَ
الله جي ڏمر سان ۽ جاءِ انجي جهنم آهي ۽ اها بڇڙي آهي
الْمَصِيْرُ ﴿١٦﴾ فَلَمْ تَقْتُلُوْهُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ قَتَلَهُمْ ۠ وَمَا
جاءِ موٽڻ جي. پوءِ نه قتل ڪيو هئو توهان انهنکي پر الله قتل ڪيو انهنکي ۽ نه
رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى ۚ وَلِيُبْلِيَ
ڇٽيو تو (انهنکي) جڏهن تو ڇٽيون هنيون پر الله ڇٽيو انهنکي ۽ جيئن ڪري
الْمُؤْمِنِيْنَ مِنْهُ بَلَاۗءً حَسَنًا ۭ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿١٧﴾
ايمان وارن تي پنهنجي طرفان مهرباني سهڻي، بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.
ذٰلِكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ مُوْهِنُ كَيْدِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٨﴾ اِنْ
اهو اٿو ۽ الله ڪمزور ڪندڙ آهي رٿا ڪافرن جي. اي ڪافرو جي
تَسْتَفْتِحُوْا فَقَدْ جَاۗءَكُمُ الْفَتْحُ ۚ وَاِنْ تَنْتَهُوْا فَهُوَ
پڇو ٿا سوڀ جو ته اچي آئي آهي اوهان وٽ اها سوڀ ۽ جي هٽي ويندؤ ته اهو

خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَإِن تَعُودُوا نَعُدْ ۚ وَلَن تُغْنِيَ عَنكُمْ

ڀلو آهي توهان لاءِ، ۽ جيڪڏهن موٽندؤ ته اسان به موٽنداسون ۽ هرگز ڪم نه ايندو توهان کي

فِئَتُكُمْ شَيْئًا وَلَوْ كَثُرَتْ ۙ وَأَنَّ اللَّهَ مَعَ الْمُؤْمِنِينَ ﴿١٩﴾

توهان جو لشڪر ڪجهه به توڙي جو گهڻو هجي ۽ يقينن الله گڏ آهي مومنن سان ،

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا أَطِيعُوا اللَّهَ وَرَسُولَهُ وَلَا

اي ايمان وارو! حيو مڃيو الله جو ۽ ان جي رسول جو ۽ نه

تَوَلَّوْا عَنْهُ وَأَنتُمْ تَسْمَعُونَ ﴿٢٠﴾ وَلَا تَكُونُوا كَالَّذِينَ

ڦيرايو ان کي ۽ توهان حڪم ٻڌو ٿا . ۽ نه ٿيو انهن وانگر جن

قَالُوا سَمِعْنَا وَهُمْ لَا يَسْمَعُونَ ﴿٢١﴾ إِنَّ شَرَّ الدَّوَابِّ

چيو ته ٻڌوسون حالانڪ اهي ڪو نه پيا ٻڌن . بيشڪ بڇڙا جانورن ۾

عِندَ اللَّهِ الصُّمُّ الْبُكْمُ الَّذِينَ لَا يَعْقِلُونَ ﴿٢٢﴾ وَ

الله وٽ آهن ٻوڙا گونگا اهي جيڪي نه ٿا سمجهن . ۽

لَوْ عَلِمَ اللَّهُ فِيهِمْ خَيْرًا لَّأَسْمَعَهُمْ ۖ وَلَوْ أَسْمَعَهُمْ

جيڪڏهن ڄاڻي ها الله انهن ۾ چڱائي ته ٻڌائي ها انهن کي، ۽ جيڪڏهن ٻڌائي به ها انهن کي

لَتَوَلَّوا وَّهُم مُّعْرِضُونَ ﴿٢٣﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا

ته ڦري وڃن ها منهن موڙيندي . اي ايمان وارو!

اسْتَجِيبُوا لِلَّهِ وَلِلرَّسُولِ إِذَا دَعَاكُمْ لِمَا يُحْيِيكُمْ ۖ وَ

مڃيو حڪم الله جو ۽ رسول جو جڏهن سڏي توهان کي ان لاءِ جنهن ۾ توهان جي حياتي آهي ، ۽

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

اعْلَمُوا أَنَّ اللَّهَ يَحُولُ بَيْنَ الْمَرْءِ وَقَلْبِهِ وَأَنَّهُ

چاڻو ته الله اوٽ آهي ماڻهوءَ سندس دل جي وچ ۾ ۽ ڄاڻو ته

إِلَيْهِ تُحْشَرُونَ ﴿٢٤﴾ وَاتَّقُوا فِتْنَةً لَا تُصِيبَنَّ الَّذِينَ

انهيءَ ڏانهن ئي گڏ ڪيا ويندؤ. ۽ بچو اهڙي فساد کان جو نه پهچندو رڳو انهن کي جن

ظَلَمُوا مِنْكُمْ خَاصَّةً ۖ وَاعْلَمُوا أَنَّ اللَّهَ شَدِيدُ

ظلم ڪيو توهان مان خاص ڪري، ۽ ڄاڻو ته الله سخت

الْعِقَابِ ﴿٢٥﴾ وَاذْكُرُوا إِذْ أَنْتُمْ قَلِيلٌ مُسْتَضْعَفُونَ

عذاب ڪندڙ آهي. ۽ ياد ڪريو جڏهن توهان ٿورا هئا ڪمزور ڪيل

فِي الْأَرْضِ تَخَافُونَ أَنْ يَتَخَطَّفَكُمُ النَّاسُ

مڪي جي زمين ۾ ڊڄندا هيؤ ته متان جهٽي وڃن اوهان کي ماڻهو

فَآوَاكُمْ وَأَيَّدَكُمْ بِنَصْرِهِ وَرَزَقَكُمْ مِنَ الطَّيِّبَاتِ

پوءِ آجهو ڏنائين اوهانکي ۽ طاقت ڏنائين توهانکي پنهنجي مدد سان ۽ روزي ڏنائين توهانکي سٺين شين مان

لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُونَ ﴿٢٦﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تَخُونُوا

ته جيئن شڪر ڪريو. اي ايمان وارو! نه ڪُپت ڪريو

اللَّهَ وَالرَّسُولَ وَتَخُونُوا أَمَانَاتِكُمْ وَأَنْتُمْ تَعْلَمُونَ ﴿٢٧﴾

الله ۽ رسول سان ۽ نه ڪُپت ڪريو پنهنجن امانتن ۾ ۽ توهان ڄاڻو ٿا.

وَاعْلَمُوا أَنَّمَا أَمْوَالُكُمْ وَأَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ وَأَنَّ اللَّهَ

۽ يقين ڪريو ته بيشڪ توهان جو مال ۽ توهان جو عيال پرکا آهي ۽ بيشڪ الله

عِنْدَهٗۤ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿۲۸﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ تَتَّقُوا

وٽ ئي ثواب وڏو آهي . اي ايمان وارو جيڪڏهن ڊڄندؤ

اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّكُمْ فُرْقَانًا وَّيُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ

الله کان ته ڪندو اوهان لاءِ چوٽڪارو ۽ دفع ڪندو توهان کان توهان جون برايون

وَيَغْفِرْ لَكُمْ ۗ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿۲۹﴾ وَاِذْ

۽ بخشيندو توهانکي، ۽ الله مهرباني وڏي وارو آهي. ۽ جڏهن

يَمْكُرُ بِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِيُثْبِتُوْكَ اَوْ يَقْتُلُوْكَ اَوْ

رٿ ٻڌايا ڪن تو لاءِ کافر ته قيد ڪن توکي يا قتل ڪن توکي يا

يُخْرِجُوْكَ ۗ وَيَمْكُرُوْنَ وَيَمْكُرُ اللّٰهُ ۗ وَاللّٰهُ خَيْرُ

نيڪالي ڏين توکي، ۽ رٿون ٻڌا رهيا هئا ۽ رٿ ڏاهي پيو الله، ۽ الله سڀ کان ڀلو

الْمٰكِرِيْنَ ﴿۳۰﴾ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا قَالُوْا قَدْ

رٿيندڙ آهي. ۽ جڏهن پڙهجن ٿيون انهن تي آيتون اسان جون چون ٿا ته

سَمِعْنَا لَوْ نَشَآءُ لَقُلْنَا مِثْلَ هٰذَاۤ ۙ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّاۤ

اسان ٻڌو سون جيڪڏهن اسان چاهيون ته چئي ٿا سگهون هن جهڙو، هي آهن رڳو

اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿۳۱﴾ وَاِذْ قَالُوا اللّٰهُمَّ اِنْ كَانَ هٰذَا

آکاڻيون اڳين جون. ۽ جڏهن چيائون اي الله جيڪڏهن آهي اهو

هُوَ الْحَقَّ مِنْ عِنْدِكَ فَاَمْطِرْ عَلَيْنَا حِجَارَةً مِّنَ

ئي حق تنهنجي طرفان ته وساءِ اسان تي پٿر

السَّمَآءِ اَوِ ائْتِنَا بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۳۲﴾ وَمَا كَانَ اللّٰهُ

آسمان کان يا آڻ اسان تي ڪو عذاب دردناڪ. ۽ نه آهي الله

لِيُعَذِّبَهُمْ وَاَنْتَ فِيْهِمْ ۚ وَمَا كَانَ اللّٰهُ مُعَذِّبَهُمْ

عذاب ڪرڻ وارو انهن کي ۽ تون هجين انهن ۾، ۽ نه آهي الله عذاب ڪندڙ انهن کي

وَهُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ ﴿۳۳﴾ وَمَا لَهُمْ اَلَّا يُعَذِّبَهُمُ اللّٰهُ

۽ اهي معافي گهرندا هجن. ۽ ڇا اٿن جو عذاب نه ڪري انهن کي الله

وَهُمْ يَصُدُّوْنَ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ وَمَا كَانُوْٓا

۽ اهي روڪين ٿا ڪعبة الله کان ۽ نه آهن اهي

اَوْلِيَآءَهٗ ۗ اِنْ اَوْلِيَآؤُهٗٓ اِلَّا الْمُتَّقُوْنَ وَلٰكِنَّ

وارث انهيءَ جا، رڳو وارث ان جا پرهيزگار آهن پر

اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۳۴﴾ وَمَا كَانَ صَلَاتُهُمْ عِنْدَ

گهڻا انهن جا نه ٿا ڄاڻن. ۽ رڳو آهي نماز انهن جي

الْبَيْتِ اِلَّا مُكَآءً وَّتَصْدِيَةً ۚ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا

ڪعبي وٽ سيٽيون ۽ تاڙيون، پوءِ چکو عذاب ڪي هن ڪري

كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿۳۵﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ

جو ڪفر ڪندا آهيو. بيشڪ ڪفر وارا خرچين ٿا پنهنجي ملڪيت

لِيَصُدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۗ فَسَيُنْفِقُوْنَهَا ثُمَّ تَكُوْنُ

جيئن روڪين الله جي راهه کان، پوءِ اجايو خرچ ڪندا رهندا پوءِ اهو ٿيندو

عَلَيْهِمْ حَسْرَةً ثُمَّ يُغْلَبُونَ ۗ وَالَّذِينَ كَفَرُوا إِلَىٰ جَهَنَّمَ

انهن لاءِ ارمان پوءِ اهي هارائيندا، ۽ اهي جن ڪفر ڪيو دوزخ ڏانهن

يُحْشَرُونَ ﴿٣٦﴾ لِيَمِيزَ اللَّهُ الْخَبِيثَ مِنَ الطَّيِّبِ وَيَجْعَلَ

گڏ ڪيا ويندا - جيئن جدا ڪري الله پليت کي پاڪ کان ۽ رکي

الْخَبِيثَ بَعْضَهُ عَلَىٰ بَعْضٍ فَيَرْكُمَهُ جَمِيعًا فَيَجْعَلَهُ

پليت کي هڪ ٻئي تي پوءِ ڍير ڪري انهيءَ ساري کي پوءِ وجهي ان کي

فِي جَهَنَّمَ ۚ أُولَٰئِكَ هُمُ الْخَاسِرُونَ ﴿٣٧﴾ قُل لِّلَّذِينَ كَفَرُوا ع ٤ ٩ ١٨

دوزخ ۾، اهي ئي ماڻهو نقصان وارا آهن. چؤ ڪافرن کي

إِن يَنتَهُوا يُغْفَرْ لَهُم مَّا قَدْ سَلَفَ وَإِن يَعُودُوا فَقَدْ

جي بس ڪن ته ڪين معاف ڪيو ويندو جيڪي اڳي ٿي چڪو ۽ جيڪڏهن موٽندا ته پوءِ

مَضَتْ سُنَّتُ الْأَوَّلِينَ ﴿٣٨﴾ وَقَاتِلُوهُمْ حَتَّىٰ لَا تَكُونَ

ٿي گذريو آهي طريقو اڳين جو. ۽ توهان لڙائي ڪريو انهن سان جيستائين نه رهي

فِتْنَةٌ وَيَكُونَ الدِّينُ كُلُّهُ لِلَّهِ ۚ فَإِنِ انتَهَوْا

فساد ۽ ٿئي دين سارو الله لاءِ، پوءِ جيڪڏهن بس ڪري ويا

فَإِنَّ اللَّهَ بِمَا يَعْمَلُونَ بَصِيرٌ ﴿٣٩﴾ وَإِن تَوَلَّوْا

ته الله سندن عملن کي ڏسندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن منهن موڙين

فَاعْلَمُوا أَنَّ اللَّهَ مَوْلَاكُمْ ۚ نِعْمَ الْمَوْلَىٰ وَنِعْمَ النَّصِيرُ ﴿٤٠﴾

پوءِ يقين ڪريو ته الله حمايتي آهي توهان جو، واهه جو حمايتي آهي ۽ واهه جو مددگار.

وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَا غَنِمْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَاَنَّ لِلّٰهِ

۽ ڄاڻو ته جنگ مان جو ڪٿيو اٿو ڪجهه به پوءِ الله لاءِ آهي

خُمُسَهٗ وَلِلرَّسُوْلِ وَلِذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى

ان جو پنجون حصو ۽ رسول لاءِ ۽ مائٽي واري ۽ يتيمن

وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ اِنْ كُنْتُمْ اٰمَنْتُمْ

۽ غريبن ۽ مسافر لاءِ جيڪڏهن ايمان رکو ٿا

بِاللّٰهِ وَمَآ اَنْزَلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا يَوْمَ الْفُرْقَانِ

الله تي ۽ ان تي جيڪي نازل ڪيوسين پنهنجي ٻانهي تي فيصلي واري ڏينهن

يَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعٰنِ ۗ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٤١﴾

جنهن ڏينهن ٽڪريا ٻئي لشڪر ۽ الله هر شيءِ تي سگهه رکندڙ آهي.

اِذْ اَنْتُمْ بِالْعُدْوَةِ الدُّنْيَا وَهُمْ بِالْعُدْوَةِ

جڏهن توهان هئا طرف ويجهي سان ۽ اُهي هئا طرف

الْقُصْوٰى وَالرَّكْبُ اَسْفَلَ مِنْكُمْ ۭ

پرئين سان ۽ قافلو هيٺ هئو توهان کان،

وَلَوْ تَوَاعَدْتُّمْ لَاخْتَلَفْتُمْ فِي الْمِيْعٰدِ ۙ

۽ جيڪڏهن هڪ ٻئي سان وعدو ڪريو ها ته به اڳي پوءِ ٿي وڃو ها وعدي ۾،

وَلٰكِنْ لِّيَقْضِيَ اللّٰهُ اَمْرًا كَانَ مَفْعُوْلًا ۙ

پر پورو ڪرڻو هئو الله کي اهو ڪم جو ٿئي ٿيل هئو،

لِّيَهْلِكَ مَنْ هَلَكَ عَنْ بَيِّنَةٍ وَّيَحْيٰى مَنْ حَيَّ
جيئن مري ختم ٿئي ته مري پڌرائي سان ۽ بچي ڪو بچي ته بچي
عَنْ بَيِّنَةٍ ۗ وَاِنَّ اللّٰهَ لَسَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۴۲﴾ اِذْ يُرِيْكَهُمُ
پڌرائي سان، ۽ بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. جڏهن ڏيکاري پيو توکي اهي
اللّٰهُ فِيْ مَنَامِكَ قَلِيْلًا ۗ وَلَوْ اَرٰىكَهُمْ كَثِيْرًا لَّفَشِلْتُمْ
الله خواب ۾ ٿورا ڪري، ۽ جيڪڏهن ڏيکاري ها توکي اهي گهڻا ڪري ته سست ٿيو ها
وَلَتَنَازَعْتُمْ فِي الْاَمْرِ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ سَلَّمَ ۗ اِنَّهٗ
۽ اختلاف ڪريو ها ڪم ڪرڻ ۾ پر الله بچاءُ ڪيو، بيشڪ اهو
عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۴۳﴾ وَاِذْ يُرِيْكُمُوْهُمْ اِذِ
ڄاڻندڙ آهي دلين جي رازن کي. ۽ ياد ڪر جڏهن ڏيکاريائين توهان کي اهي
الْتَقَيْتُمْ فِيْۤ اَعْيُنِكُمْ قَلِيْلًا وَّيُقَلِّلُكُمْ فِيْۤ اَعْيُنِهِمْ
مقابلي مهل توهان جي نظرن ۾ ٿورا ڪري ۽ توهان کي ٿورو ڪيائين انهن جي اکين ۾
لِيَقْضِيَ اللّٰهُ اَمْرًا كَانَ مَفْعُوْلًا ۗ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ
جيئن پورو ڪري الله اهو ڪم جو ڪرڻو هئو، ۽ الله ڏانهن ئي موٽايا وڃن ٿا
الْاُمُوْرُ ﴿۴۴﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا لَقِيْتُمْ فِئَةً
سڀ ڪم. اي ايمان وارو! جڏهن سامهون ٿيو ڪنهن جٿي سان
فَاثْبُتُوْا وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۴۵﴾
ته ڪاتي بيهو ۽ سنڀاليو الله کي گهڻو ته جيئن فتح پايو.

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَا تَنَازَعُوْا فَتَفْشَلُوْا وَ

۽ چيو مڃيو الله ۽ ان جي رسول جو ۽ اختلاف نہ ڪريو پوءِ سُست ٿيندؤ ۽

تَذْهَبَ رِيْحُكُمْ وَاصْبِرُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿٤٦﴾ۚ

هلي ويندي توهان جي طاقت ۽ صبر ڪريو، بيشڪ الله ساٿ آهي صبروارن سان.

وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بَطَرًا وَّ

۽ نہ ٿيو انهن وانگر جيڪي نڪتا هئا پنهنجن گهرن مان آڪڙ ڪري ۽

رِئَآءَ النَّاسِ وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ وَ

ماڻهن جي ڏيکاءَ لاءِ ۽ روڪين پيا الله جي راھ کان،

اللّٰهُ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿٤٧﴾ وَاِذْ زَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ

۽ الله سندن عملن تي گهيرو ڪندڙ آهي. ۽ ياد ڪر جڏهن سينگاريو انهن لاءِ شيطان

اَعْمَالَهُمْ وَقَالَ لَا غَالِبَ لَكُمُ الْيَوْمَ مِنَ

سندن ڪمن کي ۽ چيائين ناهي زور ٿيندڙ توهان تي اڄ ڪوئي

النَّاسِ وَاِنِّيْ جَارٌ لَّكُمْ ۚ فَلَمَّا تَرَآءَتِ الْفِئَتٰنِ

ماڻهو ۽ مون طرف آهيان توهان جو پوءِ جڏهن سامهون آيون ٻئي فوجون

نَكَصَ عَلٰى عَقِبَيْهِ وَقَالَ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّنْكُمْ

نہ ڦريو پنهنجي ڪڙين تي ۽ چيائين آءٌ بالڪل بيزار آهيان توهان کان

اِنِّيْٓ اَرٰى مَا لَا تَرَوْنَ اِنِّيْٓ اَخَافُ اللّٰهَ ؕ وَاللّٰهُ

۽ مان ڏسان ٿو اهو جيڪي اوهان نہ ٿا ڏسو آءٌ ڊڄان ٿو الله کان، ۽ الله

شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝٤٨ اِذْ يَقُوْلُ الْمُنٰفِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ ع ٦ ٢
سخت عذاب ڏيندڙ آهي. ياد ڪر جڏهن چون پيا منافق ۽ جن جي
فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ غَرَّ هٰٓؤُلَآءِ دِيْنُهُمْ ۭ وَمَنْ
دلين ۾ مرض هئو ته دوکو ڏنو آهي انهنکي دين انهن جي، ۽ جيڪو
يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَاِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ۝٤٩ وَلَوْ
ڀروسو ڪندو الله تي ته بيشڪ الله زبردست حڪمت وارو آهي. ۽ جي
تَرٰٓى اِذْ يَتَوَفَّى الَّذِيْنَ كَفَرُوا الْمَلٰٓئِكَةُ يَضْرِبُوْنَ
ڏسين ها جڏهن جو ماريندا ملائڪ ڪافرن کي ڏک هڻندا
وُجُوْهَهُمْ وَاَدْبَارَهُمْ ۚ وَذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِيْقِ ۝٥٠
انهن جي منهن تي ۽ انهن جي پٺين تي، ۽ چوندا چکو عذاب باهه جو.
ذٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ
اها سزا آهي ان جي جيڪو موڪليو توهان جي هٿن ۽ بيشڪ الله نه آهي
بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ۝٥١ۙ كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ
ظلم ڪندڙ ٻانهن تي. جيئن حال ٿيو فرعون وارن جو ۽ جيڪي
مِنْ قَبْلِهِمْ ۭ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ
انهن کان اڳ هئا، انڪار ڪيائون الله جي آيتن جو پوءِ پڪڙيو انهن کي الله
بِذُنُوْبِهِمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝٥٢
سندن گناهن جي ڪري، بيشڪ الله سگهارو آهي سخت عذاب ڪندڙ آهي.

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ لَمْ يَكُ مُغَيِّرًا نِّعْمَةً اَنْعَمَهَا عَلٰى

هيءُ هن ڪري جو هرگز الله ناهي ڦيرائيندڙ ڪا نعمت جا ڪيائين ڪنهن

قَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ

قوم تي جيسين اهي نه ڦيرائين جا انهن وٽ آهي ۽ بيشڪ الله ٻڌندڙ

عَلِيْمٌ ﴿٥٣﴾ كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ

ڄاڻندڙ آهي. جيئن حال ٿيو فرعون وارن جو ۽ انهن کان اڳين جو،

كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ وَ

انهن ڪوڙ ڪيو پنهنجي رب جي آيتن کي پوءِ هلاڪ ڪيوسون انهن کي سندن گناهن جي ڪري ۽

اَغْرَقْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ ۚ وَكُلٌّ كَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿٥٤﴾ اِنَّ

ٻوڙيوسون فرعون وارن کي، ۽ سڀ هئا ظلم ڪندڙ. بيشڪ

شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَهُمْ لَا

تمام بڇڙا جانورن ۾ الله وٽ اهي آهن جي منڪر ٿيا پوءِ اهي نه

يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٥﴾ اَلَّذِيْنَ عٰهَدْتَّ مِنْهُمْ ثُمَّ يَنْقُضُوْنَ

ٿا ايمان آڻين. اهي جن سان تو عهد تام ڪيو انهن مان پوءِ ڀڃن ٿا

عَهْدَهُمْ فِيْ كُلِّ مَرَّةٍ وَّهُمْ لَا يَتَّقُوْنَ ﴿٥٦﴾ فَاِمَّا

وعدو پنهنجو هر ڀيري ۾ ۽ اهي نه ٿا ڊڄن. پوءِ جيڪڏهن

تَثْقَفَنَّهُمْ فِي الْحَرْبِ فَشَرِّدْ بِهِمْ مَّنْ خَلْفَهُمْ

تون پڪڙين انهن کي جنگ ۾ پوءِ ڦوٽ وجهه انهن سان سندن پوين ۾

لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُونَ ۝٥٧ وَإِمَّا تَخَافَنَّ مِنْ قَوْمٍ

جيئن اُهي يادڪن. ۽ جيڪڏهن توکي خطرو ٿئي
ڪنهن قوم کان

خِيَانَةً فَانْبِذْ إِلَيْهِمْ عَلَىٰ سَوَاءٍ ۚ إِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ

ڪُپت جو پوءِ اڇل انهن ڏانهن واعدو سِدو سنئون، بيشڪ الله نه ٿو پسند ڪري

الْخَائِنِينَ ۝٥٨ وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا سَبَقُوا ۚ ع ۷ ۱۰ ۳

دغاباز ن کي. ۽ هرگز نه سمجهن ڪافر ته وڌي ويا،

إِنَّهُمْ لَا يُعْجِزُونَ ۝٥٩ وَأَعِدُّوا لَهُمْ مَا اسْتَطَعْتُمْ

يقينًا اهي ٿڪائي نه سگهندا. ۽ تيار ڪريو انهن لاءِ پنهنجي وس آهر

مِنْ قُوَّةٍ وَمِنْ رِبَاطِ الْخَيْلِ تُرْهِبُونَ بِهِ عَدُوَّ

فوجي طاقت ۽ سرحد بندي جو هيسايو انهيءَ سان دشمن

اللَّهِ وَعَدُوَّكُمْ وَآخَرِينَ مِنْ دُونِهِمْ ج لَا

الله جي ۽ دشمن پنهنجي کي ۽ ٻين کي به انهن کان سواءِ، جو نه

تَعْلَمُونَهُمُ ج اللَّهُ يَعْلَمُهُمْ ط وَمَا تُنْفِقُوا مِنْ

ٿا ڄاڻو توهان انهن کي، الله ڄاڻي ٿو انهن کي، ۽ جيڪي خرچيو ٿا ڪنهن

شَيْءٍ فِي سَبِيلِ اللَّهِ يُوَفَّ إِلَيْكُمْ وَأَنْتُمْ لَا

شيءِ مان الله جي راهه ۾ پورو ملندو توهان کي ۽ توهان سان نه

تُظْلَمُونَ ۝٦٠ وَإِنْ جَنَحُوا لِلسَّلْمِ فَاجْنَحْ لَهَا وَ

ظلم ڪيو ويندو. ۽ جيڪڏهن ڪافر لاڙو ڪن صُلح لاءِ ته تون به لاڙو ڪر ان لاءِ ۽

تَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ۭ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٦١﴾ وَاِنْ

ٻَڪ اللہ تي، بيشڪ اهوئي ٻُڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن

يُّرِيْدُوْٓا اَنْ يَّخْدَعُوْكَ فَاِنَّ حَسْبَكَ اللّٰهُ ۭ هُوَ

گهرن ٿا توکي ڌوکو ڏيڻ ته ڪافي آهي توکي اللہ، اهوئي

الَّذِيْٓ اَيَّدَكَ بِنَصْرِهٖ وَبِالْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٦٢﴾ وَاَلَّفَ

آهي جنهن طاقت ڏني توکي پنهنجي مدد سان ۽ مسلمانن سان. ۽ محبت وڌائين

بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ ۭ لَوْ اَنْفَقْتَ مَا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا

انهن جي دلين ۾، جيڪڏهن تون خرچ ڪرين ها جيڪي زمين ۾ آهي سمورو

مَّآ اَلَّفْتَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ اَلَّفَ

ته نه جوڙي سگهين ها انهن جون دليون پر اللہ الفت وڌي

بَيْنَهُمْ ۭ اِنَّهٗ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٦٣﴾ يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ

انهن جي وچ ۾، بيشڪ اهو زبردست حڪمت وارو آهي. اي نبي!

حَسْبُكَ اللّٰهُ وَمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٦٤﴾

ڪافي آهي توکي اللہ ۽ جيڪي تنهنجا تابعدار آهن مومن.

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ حَرِّضِ الْمُؤْمِنِيْنَ عَلَى الْقِتَالِ ۭ

اي نبي! ڀڙڪاءِ مسلمانن کي جنگ تي

اِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ عِشْرُوْنَ صٰبِرُوْنَ يَغْلِبُوْا

جيڪڏهن هوندا توهان مان ويهه ثابت قدم ته ٻه سو ڄيتيندا

3:103

مِائَتَيْنِ ۚ وَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ مِّائَةٌ يَّغْلِبُوْٓا اَلْفًا مِّنَ
ٻن سون کان، ۽ جيڪڏهن هوندا توهان مان هڪ سؤ ته زور تيندا هزار

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ﴿۶۵﴾ اَلْـٰٔنَ
ڪافرن کان جو ته اها قوم بي سمجھ آهي. هينئر

خَفَّفَ اللّٰهُ عَنْكُمْ وَعَلِمَ اَنَّ فِيْكُمْ ضَعْفًا ۭ فَاِنْ
هلڪائي ڪئي الله توهان تان ۽ ڄاتائين ته توهان ۾ ڪمزوري آهي، پوءِ جيڪڏهن

يَّكُنْ مِّنْكُمْ مِّائَةٌ صَابِرَةٌ يَّغْلِبُوْا مِائَتَيْنِ ۚ وَ
هوندا توهان مان هڪ سؤ ثابت قدم ته زور تيندا ٻن سون کان، ۽

اِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ اَلْفٌ يَّغْلِبُوْٓا اَلْفَيْنِ بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ
جيڪڏهن هوندا توهان مان هزار ته زور تيندا ٻن هزارن کان الله جي اذن سان.

وَاللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۶۶﴾ مَا كَانَ لِنَبِيٍّ اَنْ يَّكُوْنَ
۽ الله گڏ آهي مضبوط ماڻهن سان. نه آهي ڪنهن نبيءَ لاءِ جو هجن

لَهٗٓ اَسْرٰى حَتّٰى يُثْخِنَ فِي الْاَرْضِ ۭ تُرِيْدُوْنَ
اُن وٽ قيدي ته رتوڇاڻ نه ڪري ذرتيءَ تي، توهان گهرو ٿا

عَرَضَ الدُّنْيَا ڰ وَاللّٰهُ يُرِيْدُ الْاٰخِرَةَ ۭ وَاللّٰهُ
مال دنيا جو، ۽ الله گهري ٿو آخرت، ۽ الله

عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۶۷﴾ لَوْلَا كِتٰبٌ مِّنَ اللّٰهِ سَبَقَ
زبردست آهي ڏاناءُ آهي - جيڪڏهن نه هجي ها لکيو الله جو اڳ ۾

لَمَسَّكُمْ فِيْمَآ اَخَذْتُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٦٨﴾ فَكُلُوْا مِمَّا
پهچي ها توهانکي انهيءَ ونڻ ۾ عذاب وڏو. پوءِ کائو جو مال
غَنِمْتُمْ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ وَّاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ
غنيمت کيو اٿو حلال پاڪ سمجهي ۽ ڊڄو الله کان، بيشڪ الله غفور
رَّحِيْمٌ ﴿٦٩﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّمَنْ فِيْۤ اَيْدِيْكُمْ مِّنَ
رحيم آهي. اي نبي! چؤ انهن کي جيکي توهان جي هٿن ۾ آهن ڪجهه
الْاَسْرٰۤى ۙ اِنْ يَّعْلَمِ اللّٰهُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ خَيْرًا يُّؤْتِكُمْ
قيدي، جيڪڏهن ڄاڻندو الله توهان جي دلين ۾ ڪا چڱائي ته ڏيندو توهان کي
خَيْرًا مِّمَّاۤ اُخِذَ مِنْكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ
وڌيڪ ڀلو ان کان جيکي ورتو ويو توهان کان ۽ بخشيندو توهان کي، ۽ الله بخشيندڙ
رَّحِيْمٌ ﴿٧٠﴾ وَاِنْ يُّرِيْدُوْا خِيَانَتَكَ فَقَدْ خَانُوا اللّٰهَ
مهربان آهي. ۽ جيڪڏهن ارادو ڪن ته توسان دغا ڪرڻ جو ته بيشڪ انهن دغا ڪئي هئي الله سان
مِنْ قَبْلُ فَاَمْكَنَ مِنْهُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٧١﴾
اڳ ۾ پوءِ پڪڙايائين انهن کي ۽ الله ڄاڻندڙ آهي داناءُ آهي.
اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ
بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ وڙهيا پنهنجي مالن
وَاَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّنَصَرُوْۤا
۽ جانين سميت الله جي راهه ۾ ۽ جن ماڻهن جاءِ ڏني ۽ مدد ڪئي

أُولَٰٓئِكَ بَعْضُهُمْ أَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ۚ وَالَّذِينَ آمَنُوا وَ
اهي ئي هڪ ٻئي جا دوست آهن، ۽ جن ايمان آندو ۽
لَمْ يُهَاجِرُوا مَا لَكُم مِّن وَّلَايَتِهِم مِّن شَيْءٍ
گهر نه ڇڏيا ناهي توهان لاءِ انهن جي دوستيءَ مان ڪو فائدو
حَتَّىٰ يُهَاجِرُوا ۚ وَإِنِ اسْتَنصَرُوكُمْ فِي الدِّينِ
جيستائين اهي هجرت ڪن، ۽ جيڪڏهن اهي مدد گهرن توهان کان دين ۾
فَعَلَيْكُمُ النَّصْرُ إِلَّا عَلَىٰ قَوْمٍ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُم
ته ضروري آهي توهان تي مدد ڪرڻ مگر اهڙي قوم جي خلاف نه، جو توهان جي ۽ انهن جي وچ ۾
مِّيثَاقٌ ۗ وَاللَّهُ بِمَا تَعْمَلُونَ بَصِيرٌ (٧٢) وَالَّذِينَ
عهدنامو آهي، ۽ الله توهان جي عملن کي ڏسندڙ آهي. ۽ جن
كَفَرُوا بَعْضُهُمْ أَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ۚ إِلَّا تَفْعَلُوهُ تَكُن
ڪفر ڪيو اُهي دوست آهن هڪ ٻئي جا، ۽ جيڪڏهن ائين نه ڪندؤ ته پوندو
فِتْنَةٌ فِي الْأَرْضِ وَفَسَادٌ كَبِيرٌ (٧٣) وَالَّذِينَ
فتنو ملڪ ۾ ۽ ڏاڍو وڏو، ۽ جن
آمَنُوا وَهَاجَرُوا وَجَاهَدُوا فِي سَبِيلِ اللَّهِ وَ
ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ جهاد ڪيو الله جي راه ۾ ۽
الَّذِينَ آوَوا وَّنَصَرُوا أُولَٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُونَ حَقًّا ۚ
جن انهن کي جڳهه ڏني ۽ مدد ڪئي اهي ئي مسلمان آهن سچا،

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٧٤﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
انهن لاءِ بخشش آهي ۽ روزي عزت واري. ۽ جن ايمان آندو
مِنْۢ بَعْدُ وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا مَعَكُمْ فَاُولٰٓئِكَ
انهن کان پوءِ ۽ هجرت ڪئي ۽ جهاد ڪيائون توهان سان گڏجي پوءِ اهي به
مِنْكُمْ ۭ وَاُولُوا الْاَرْحَامِ بَعْضُهُمْ اَوْلٰى بِبَعْضٍ
توهان مان آهن ۽ مائٽي وارا زياده حقدار آهن هڪ ٻئي جا
فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٧٥﴾
الله جي ڪتاب ۾ بيشڪ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

سُوْرَةُ التَّوْبَةِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مِائَةٌ وَّتِسْعٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً وَّسِتَّةَ عَشَرَ رُكُوْعًا

سورت توبه مدني آهي ۽ اهاڪ سؤ اڻٽيهه آيتون ۽ سورهن رڪوع آهي

بَرَآءَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖٓ اِلَى الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ
بيزاري آهي الله ۽ سندس رسول جي انهن کان جن سان معاهدو ڪيو اٿوَ
مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۭ ﴿١﴾ فَسِيْحُوْا فِي الْاَرْضِ اَرْبَعَةَ
يعني مشرڪن کان. (چئون ته) گهمو ملڪ ۾ چار
اَشْهُرٍ وَّاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ غَيْرُ مُعْجِزِي اللّٰهِ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ
مهينا ۽ ڄاڻو ته توهان ناهيو عاجز ڪندڙ الله کي ۽ بيشڪ الله
مُخْزِي الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢﴾ وَاَذَانٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖٓ
خوار ڪندڙ آهي ڪافرن کي. ۽ چتاءُ آهي الله ۽ ان جي رسول طرفان

اعوذ بالله من النار ومن غضب الجبار العزة لله و لرسوله و للمؤمنين ١٢

إِلَى النَّاسِ يَوْمَ الْحَجِّ الْأَكْبَرِ أَنَّ اللَّهَ بَرِيءٌ مِّنَ

ماڻھن لاءِ حج اڪبر جي ڏينھن تہ الله بيزار آھي

الْمُشْرِكِينَ ۙ وَرَسُولُهُ ۚ فَإِن تُبْتُمْ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۖ

مشرڪن کان، ۽ سندس رسول، پوءِ جي توبہ ڪندؤ تہ اھو ڀلو آھي توھان لاءِ

وَإِن تَوَلَّيْتُمْ فَاعْلَمُوا أَنَّكُمْ غَيْرُ مُعْجِزِي اللَّهِ ۗ

۽ جيڪڏھن ڦرندؤ پوءِ ڄاڻو پڪ توھان ناھيو عاجز ڪندڙ الله کي،

وَبَشِّرِ الَّذِينَ كَفَرُوا بِعَذَابٍ أَلِيمٍ ③ إِلَّا الَّذِينَ

۽ خبر ڏي ڪافرن کي عذاب دردناڪ جي۔ مگر جن

عَاهَدتُّم مِّنَ الْمُشْرِكِينَ ثُمَّ لَمْ يَنقُصُوكُمْ

مشرڪن سان توھان عھد ڪيو ھو پوءِ انھن ڪوتاھي نہ ڪيو توھان سان

شَيْئًا وَلَمْ يُظَاهِرُوا عَلَيْكُمْ أَحَدًا فَأَتِمُّوا

ڪجھہ بہ ۽ نہ ڪي پٺڀرائي ڪيائون توھان جي خلاف ڪنھن جي پوءِ پاڙيو

إِلَيْهِمْ عَهْدَهُمْ إِلَىٰ مُدَّتِهِمْ ۚ إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ

انھن سان انھن جو انجام سندن مدي تائين، بيشڪ الله پسند ڪري ٿو

الْمُتَّقِينَ ④ فَإِذَا انسَلَخَ الْأَشْهُرُ الْحُرُمُ فَاقْتُلُوا

پرھيزگارن کي، پوءِ جڏھن گذرن مھينا عزت وارا تہ قتل ڪريو

الْمُشْرِكِينَ حَيْثُ وَجَدتُّمُوهُمْ وَخُذُوهُمْ وَ

مشرڪن کي جتي لھو انھن کي ۽ پڪڙيو انھن کي ۽

اُحْصُرُوْهُمْ وَاقْعُدُوْا لَهُمْ كُلَّ مَرْصَدٍ ۚ فَاِنْ تَابُوْا

بند ڪريو انهن کي ۽ ويهو انهن لاءِ هر گهٽ تي، پوءِ جيڪڏهن توبه ڪن

وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ فَخَلُّوْا سَبِيْلَهُمْ ۗ اِنَّ

۽ قائم ڪن نماز ۽ ڏين زڪوات پوءِ ڇڏيو رستو انهن جو، بيشڪ

اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٥﴾ وَاِنْ اَحَدٌ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ

الله بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ جيڪڏهن ڪو به مشرڪن مان

اسْتَجَارَكَ فَاَجِرْهُ حَتّٰى يَسْمَعَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ

پناهه گهري توکان ته پناهه ڏي ان کي جيستائين ٻڌي قرآن کي پوءِ

اَبْلِغْهُ مَاْمَنَهٗ ۗ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْلَمُوْنَ ﴿٦﴾

پهچاءِ انهيءَ کي سندس امن جي جاءِ تي، اهو هن لاءِ آهي ته اهي ماڻهو جاڻ نه ٿا رکن.

كَيْفَ يَكُوْنُ لِلْمُشْرِكِيْنَ عَهْدٌ عِنْدَ اللّٰهِ وَ

ڪيئن ٿيندو مشرڪن لاءِ ذمو الله وٽ ۽

عِنْدَ رَسُوْلِهٖۤ اِلَّا الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ عِنْدَ

سندس رسول وٽ سواءِ انهن جي جن سان معاهدو ڪيو توهان

الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۚ فَمَا اسْتَقَامُوْا لَكُمْ فَاسْتَقِيْمُوْا

مسجد الحرام وٽ، پوءِ جيستائين اهي سڌا رهن توهان سان ته سڌا رهو توهان به

لَهُمْ ۗ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٧﴾ كَيْفَ وَاِنْ

انهن لاءِ، بيشڪ الله پسند ڪري ٿو پرهيزگارن کي. ڪيئن يلا ۽ جيڪڏهن

يَظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ لَا يَرْقُبُوْا فِيْكُمْ اِلًّا وَّلَا

اهي قبضو ڪندا توهان تي ته نه لحاظ رکندا توهان جي مائٽي جو ۽ نه

ذِمَّةً ؕ يُرْضُوْنَكُمْ بِاَفْوَاهِهِمْ وَتَاْبٰى قُلُوْبُهُمْ ۚ وَ

وعدي جو، خوش ٿا ڪن توهانکي زباني طور ۽ نه ٿيون مڃين دليون انهن جون، ۽

اَكْثَرُهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٨﴾ ۚ اِشْتَرَوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ثَمَنًا

اڪثر اهي غدار آهن. وڪياٺون الله جون آيتون رقم

قَلِيْلًا فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِهٖ ؕ اِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوْا

ٿوري تي، پوءِ روڪياٺون ان جي رستي کان، بيشڪ برو آهي جيڪي اهي

يَعْمَلُوْنَ ﴿٩﴾ لَا يَرْقُبُوْنَ فِيْ مُؤْمِنٍ اِلًّا وَّلَا ذِمَّةً ؕ

ڪن ٿا. نه ٿا لحاظ رکن ڪنهن مسلمان بابت مائٽي جو ۽ نه وعدي جو،

وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُعْتَدُوْنَ ﴿١٠﴾ فَاِنْ تَابُوْا وَاَقَامُوا

۽ اهي ئي ليڪو لنگهندڙ آهن. پوءِ جيڪڏهن توبه ڪن ۽ قائم ڪن

الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ فَاِخْوَانُكُمْ فِي الدِّيْنِ ؕ وَ

نماز ۽ ڏين زڪوات پوءِ ڀائر آهن توهان جا دين ۾، ۽

نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿١١﴾ وَاِنْ نَّكَثُوْٓا

اسين کولي ٻڌايون ٿا آيتون انهن ماڻهن کي جيڪي ڄاڻ ڪن. ۽ جيڪڏهن ڀڃن

اَيْمَانَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ عَهْدِهِمْ وَطَعَنُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ

پنهنجا قسم عهد نامي کان پوءِ ۽ ٽوڪ ڪن توهان جي دين تي

فَقَاتِلُوٓا أَئِمَّةَ الْكُفْرِ ۙ إِنَّهُمْ لَآ أَيْمَانَ لَهُمْ
پوءِ وڙهو ڪفر جي اڳواڻن سان، بس، نه آهن قسم انهن جا
لَعَلَّهُمْ يَنْتَهُونَ ⑫ أَلَا تُقَاتِلُونَ قَوْمًا نَّكَثُوٓا
شايد اهي رُڪجي وڃن. ڇا نه ٿا وڙهو ان قومن سان جن ڀڳا
أَيْمَانَهُمْ وَهَمُّوا بِإِخْرَاجِ الرَّسُولِ وَهُمْ بَدَءُوكُمْ
پنهنجا قسم ۽ سنبريا رسول جي ڪيڍڻ تي ۽ انهن اڳواٽي ڪئي توهان سان
أَوَّلَ مَرَّةٍ ۚ أَتَخْشَوْنَهُمْ ۚ فَاللَّهُ أَحَقُّ أَنْ تَخْشَوْهُ
پهريائين، ڇا توهان ڊڄو ٿا انهن کان، ۽ الله وڌيڪ حقدار آهي جو ڊڄو انهيءَ کان
إِنْ كُنْتُمْ مُؤْمِنِينَ ⑬ قَاتِلُوهُمْ يُعَذِّبْهُمُ اللَّهُ
جيڪڏهن ايمان رکندڙ آهيو. وڙهو انهن سان ته عذاب ڪري انهن کي الله
بِأَيْدِيكُمْ وَيُخْزِهِمْ وَيَنْصُرْكُمْ عَلَيْهِمْ وَيَشْفِ
توهان جي هٿن سان ۽ خوار ڪري انهن کي ۽ مدد ڪري توهان جي انهن تي ۽ ٺاري
صُدُورَ قَوْمٍ مُؤْمِنِينَ ⑭ وَيُذْهِبْ غَيْظَ
دليون ماڻهن مسلمانن جون. ۽ ٺنڍي ڪاوڙ
قُلُوبِهِمْ ۗ وَيَتُوبُ اللَّهُ عَلَىٰ مَنْ يَشَاءُ ۗ وَاللَّهُ
انهن جي دلين جي، ۽ بخشي ٿو الله جنهن کي گهري، ۽ الله
عَلِيمٌ حَكِيمٌ ⑮ أَمْ حَسِبْتُمْ أَنْ تُتْرَكُوا وَلَمَّا
ڄاڻندڙ آهي داناءُ آهي. ڇا ڀانيو ٿا؟ ته ڇڏيو ويندو توهان کي ۽ اڃا نه

يَعْلَمِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ جٰهَدُوْا مِنْكُمْ وَلَمْ يَتَّخِذُوْا

جاچيو الله انهنکي جن جهاد ڪيو توهان مان ۽ نه ورتائون

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلَا رَسُوْلِهٖ وَلَا الْمُؤْمِنِيْنَ

الله کان سواءِ ۽ ان جي رسول ۽ مومنن کان سواءِ

وَلِيْجَةً ۭ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۶﴾ مَا كَانَ ع ۲ ۱۰ ۸

ڪو ٻيو جهلو ۽ الله خبر رکندڙ آهي جيڪي توهان ڪريو ٿا. ناهي ڪم

لِلْمُشْرِكِيْنَ اَنْ يَّعْمُرُوْا مَسٰجِدَ اللّٰهِ شٰهِدِيْنَ

مشرڪن جو ته آباد ڪن مسجدون الله جون ثابتي ڏيندي

عَلٰٓي اَنْفُسِهِمْ بِالْكُفْرِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ ښ

پاڻ تي ڪفر جي، اهي آهن جو بيڪار ٿيا عمل انهن جا.

وَفِي النَّارِ هُمْ خٰلِدُوْنَ ﴿۱۷﴾ اِنَّمَا يَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ

۽ باهه ۾ اهي هميشه رهندا. رڳو آباد ڪندو مسجدون الله جون

مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ

اهو جنهن يقين ڪيو الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ۽ قائم ڪئي نماز

وَاٰتَى الزَّكٰوةَ وَلَمْ يَخْشَ اِلَّا اللّٰهَ ۫ فَعَسٰٓى اُولٰۗىِٕكَ

۽ ڏني زڪوات ۽ نه ڊنو مگر الله کان، پوءِ اميد آهي ته اهي

اَنْ يَّكُوْنُوْا مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ ﴿۱۸﴾ اَجَعَلْتُمْ سِقَايَةَ

ٿيندا هدايت وارن مان. ڇا توهان ڪيو آهي پاڻي پيارڻ

18-17
22-19

الْحَاجِّ وَعِمَارَةَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ كَمَنْ آمَنَ بِاللَّهِ
حاجين جو ۽ آباد ڪرڻ مسجد الحرام جو برابر آهي ان سان جيڪو يقين ڪري الله تي
وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَجَاهَدَ فِي سَبِيلِ اللَّهِ ۚ لَا
۽ آخرت جي ڏينهن تي ۽ جهاد ڪري الله جي راهه ۾، اهي نه
يَسْتَوُونَ عِنْدَ اللَّهِ ۗ وَاللَّهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ
آهن هڪجهڙا الله وٽ، ۽ الله نه ٿو هدايت ڪري قوم
الظَّالِمِينَ ﴿١٩﴾ الَّذِينَ آمَنُوا وَهَاجَرُوا وَجَاهَدُوا
ظالم کي. جن ماڻهن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ جنگ ڪئي
فِي سَبِيلِ اللَّهِ بِأَمْوَالِهِمْ وَأَنْفُسِهِمْ أَعْظَمُ
الله جي راهه ۾ پنهنجن مالن ۽ پنهنجن جانين سان، سي تمام وڏي
دَرَجَةً عِنْدَ اللَّهِ ۚ وَأُولَٰئِكَ هُمُ الْفَائِزُونَ ﴿٢٠﴾
مرتبي وارا آهن الله وٽ ۽ اهي ئي ڪامياب آهن.
يُبَشِّرُهُمْ رَبُّهُمْ بِرَحْمَةٍ مِنْهُ وَرِضْوَانٍ وَجَنَّاتٍ
خوشخبري ڏئي ٿو انهن کي سندن پالڻهار پنهنجي رحمت ۽ رضا ۽ باغن جي
لَهُمْ فِيهَا نَعِيمٌ مُقِيمٌ ﴿٢١﴾ خَالِدِينَ فِيهَا أَبَدًا ۚ
انهن لاءِ انهن ۾ آهي آرام هميشه وارو. اهي رهندا انهن ۾ سدائين،
إِنَّ اللَّهَ عِنْدَهُ أَجْرٌ عَظِيمٌ ﴿٢٢﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ
بيشڪ الله وٽ اجورو وڏو آهي. اي اهي جن

آمَنُوا لَا تَتَّخِذُوا آبَاءَكُمْ وَإِخْوَانَكُمْ أَوْلِيَاءَ

ايمان آندو نه وٺو پنهنجن ابن ڏاڏن ۽ پنهنجن ڀائرن کي دوست ڪري

إِنِ اسْتَحَبُّوا الْكُفْرَ عَلَى الْإِيمَانِ ۚ وَمَنْ يَتَوَلَّهُمْ

جيڪڏهن اهي پسند ڪن ٿا ڪفر کي ايمان تي ۽ جيڪي دوستي رکندا انهن سان

مِنْكُمْ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الظَّالِمُونَ ﴿٢٣﴾ قُلْ إِنْ كَانَ

توهان مان ته اهي ئي ظالم آهن. چئو جيڪڏهن آهن

آبَاؤُكُمْ وَأَبْنَاؤُكُمْ وَإِخْوَانُكُمْ وَأَزْوَاجُكُمْ وَ

توهانجا ابا ڏاڏا ۽ توهانجا پٽ پوٽا ۽ توهان جا ڀائر ۽ توهانجون زالون ۽

عَشِيرَتُكُمْ وَأَمْوَالٌ اقْتَرَفْتُمُوهَا وَتِجَارَةٌ

توهان جو ڪٽنب ۽ اهي مال جيڪي ڪمايا اٿو ۽ واپار

تَخْشَوْنَ كَسَادَهَا وَمَسَاكِنُ تَرْضَوْنَهَا أَحَبَّ

ڊڄو ٿا جنهن جي بيهي وڃڻ کان ۽ جايون جن کي چاهيو ٿا وڌيڪ پيارا

إِلَيْكُمْ مِنَ اللَّهِ وَرَسُولِهِ وَجِهَادٍ فِي سَبِيلِهِ

توهان کي الله کان ۽ ان جي رسول کان ۽ جهاد في سبيل الله کان

فَتَرَبَّصُوا حَتَّىٰ يَأْتِيَ اللَّهُ بِأَمْرِهِ ۗ وَاللَّهُ لَا يَهْدِي

ته انتظار ڪريو جيستائين موڪلي الله پنهنجو حڪم، ۽ الله نٿو هدايت ڪري

الْقَوْمَ الْفَاسِقِينَ ﴿٢٤﴾ لَقَدْ نَصَرَكُمُ اللَّهُ فِي ع ٣ ٨ ٩

ڏوهارين کي. يقينن توهان جي مدد ڪئي الله

مَوَاطِنَ كَثِيرَةٍ ۙ وَّيَوْمَ حُنَيْنٍ ۙ إِذْ أَعْجَبَتْكُمْ كَثْرَتُكُمْ

جاين گهڻين ۾ ۽ حنين واري ڏينهن به جڏهن وڌي پئي توهانکي گهڻائي توهانجي

فَلَمْ تُغْنِ عَنكُمْ شَيْئًا وَضَاقَتْ عَلَيْكُمُ الْأَرْضُ

پوءِ اهانڪم آئي توهان کي ڪجهه به ۽ تنگ ٿي پئي توهان تي ڌرتي

بِمَا رَحُبَتْ ثُمَّ وَلَّيْتُم مُّدْبِرِينَ ﴿٢٥﴾ ثُمَّ أَنزَلَ

ويڪراڻ هوندي پوءِ ڦيرايو توهان پٺيرائي. ان کان پوءِ لاٿو

اللَّهُ سَكِينَتَهُ عَلَىٰ رَسُولِهِ وَعَلَى الْمُؤْمِنِينَ

الله پنهنجي طرفان قرار پنهنجي رسول تي ۽ ايمان وارن تي

وَأَنزَلَ جُنُودًا لَّمْ تَرَوْهَا ۚ وَعَذَّبَ الَّذِينَ كَفَرُوا ۚ

۽ لاٿائين اهڙا لشڪر جن کي توهان نہ پيا ڏسو ۽ عذاب ڏنائين ڪافرن کي،

وَذَٰلِكَ جَزَاءُ الْكَافِرِينَ ﴿٢٦﴾ ثُمَّ يَتُوبُ اللَّهُ مِن

۽ اهائي آهي سزا ڪافرن جي. پوءِ بخشي ٿو الله

بَعْدِ ذَٰلِكَ عَلَىٰ مَن يَشَاءُ ۗ وَاللَّهُ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٢٧﴾

ان ڪان پوءِ جنهن کي گهري، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا إِنَّمَا الْمُشْرِكُونَ نَجَسٌ فَلَا

اي ايمان وارو! ٻڳو مشرڪ آهن پليت پوءِ نہ

يَقْرَبُوا الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ بَعْدَ عَامِهِمْ هَٰذَا ۚ وَ

ويجهائين مسجد الحرام کي پنهنجي هن سال کان پوءِ، ۽

القرآن الكريم ترجمو حضرت مولانا عبدالكريم قريشي (بير شريف)

إِنْ خِفْتُمْ عَيْلَةً فَسَوْفَ يُغْنِيكُمُ اللَّهُ مِنْ

جيڪڏهن ڏڄو ٿا سڃائيءَ کان ته اجهو آسودو ڪندو توهانکي الله پنهنجي

فَضْلِهِ إِنْ شَآءَ ۚ إِنَّ اللَّهَ عَلِيمٌ حَكِيمٌ ﴿۲۸﴾ قَاتِلُوا

فضل سان جي گهري، بيشڪ الله ڄاڻندڙ حڪيم آهي لڙائي ڪريو

الَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِاللَّهِ وَلَا بِالْيَوْمِ الْآخِرِ وَلَا

انهن سان جيڪي نه ٿا مڃين الله کي ۽ نه آخرت واري ڏينهن کي ۽ نه

يُحَرِّمُونَ مَا حَرَّمَ اللَّهُ وَرَسُولُهُ وَلَا يَدِينُونَ

ٿا حرام ڄاڻن جنهنکي حرام ڪيو الله ۽ ان جي رسول ۽ نه ٿا هلن

دِينَ الْحَقِّ مِنَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَٰبَ حَتَّىٰ

سچي دين تي يعني اهي جن کي ڏنو ويو ڪتاب تان جو

يُعْطُوا الْجِزْيَةَ عَنْ يَدٍ وَهُمْ صَٰغِرُونَ ﴿۲۹﴾ وَ

ادا ڪن ڍل هٿ سان ۽ اهي ذليل هجن. ۽

قَالَتِ الْيَهُودُ عُزَيْرٌ ابْنُ اللَّهِ وَقَالَتِ النَّصَٰرَى

چيو يهودن عزير الله جو پٽ آهي ۽ چيو نصارن

الْمَسِيحُ ابْنُ اللَّهِ ۖ ذَٰلِكَ قَوْلُهُمْ بِأَفْوَٰهِهِمْ ۖ

عيسىٰ الله جو پٽ آهي، اهي انهن جون ڳالهيون سندن وات جون آهن.

يُضَٰهِـُٔونَ قَوْلَ الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْ قَبْلُ ۚ

ريس ٿا ڪن ڳالهائڻ ۾ انهن سان جن ڪفر ڪيو هو اڳ ۾،

قَاتَلَهُمُ اللّٰهُ ۚ اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿٣٠﴾ اِتَّخَذُوْٓا اَحْبَارَهُمْ وَ

تباھ ڪرين الله، ڪيڏانهن ٿا ڦيرايا وڃن. ورتائون پنهنجي علمدارن ۽

رُهْبَانَهُمْ اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَالْمَسِيْحَ ابْنَ

پنهنجي بزرگن کي رب ڪري الله کان سواءِ ۽ عيسىٰ پٽ

مَرْيَمَ ۚ وَمَآ اُمِرُوْٓا اِلَّا لِيَعْبُدُوْٓا اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚ لَآ

مريم کي، ۽ رڳو انهن کي حڪم ڪيل هئو ته عبادت ڪن خدا هڪڙي جي، ناهي

اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ سُبْحٰنَهٗ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٣١﴾ يُرِيْدُوْنَ

ڪوئي مالڪ انهيءَ کانسواءِ، اهو پاڪ آهي ان کان جو شريڪ ٿا ڪن. اهي گهرن ٿا

اَنْ يُّطْفِـُٔوْا نُوْرَ اللّٰهِ بِاَفْوَاهِهِمْ وَيَاْبَى اللّٰهُ اِلَّآ

ته اُجهائين الله جي روشني کي پنهنجن ڦوڪن سان ۽ انڪار ڪري ٿو الله مگر

اَنْ يُّتِمَّ نُوْرَهٗ وَلَوْ كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٣٢﴾ هُوَ الَّذِيْٓ

پورو ڪندو نور پنهنجو توڙي ناپسند ڪن ڪافر. اهوئي آهي جنهن

اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ

موڪليو پنهنجو رسول هدايت سان ۽ سچي دين سان جيئن غالب ڪري ان کي

عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ ۙ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ ﴿٣٣﴾ يٰٓاَيُّهَا

سيني دينن تي، توڙي ناپسند ڪن مشرڪ. اي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ الْاَحْبَارِ وَالرُّهْبَانِ

ايمان وارؤ! بيشڪ ڪيترائي پڙهيل ۽ فقير

يَاۡكُلُوۡنَ اَمۡوَالَ النَّاسِ بِالۡبَاطِلِ وَيَصُدُّوۡنَ

کائين ٿا مال ماڻهن جا ناحق ۽ روڪين ٿا

عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِيۡنَ يَكۡنِزُوۡنَ الذَّهَبَ وَ

الله جي راه کان، ۽ اهي جيڪي ڏبي رکن ٿا سون ۽

الۡفِضَّةَ وَلَا يُنۡفِقُوۡنَهَا فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ۙ فَبَشِّرۡهُمۡ

چانديءَ کي ۽ نه ٿا خرچ ڪن انکي الله جي راه ۾، پوءِ بشارت ڏي انهنکي

بِعَذَابٍ اَلِيۡمٍ ۙ ٣٤ يَّوۡمَ يُحۡمٰى عَلَيۡهَا فِىۡ نَارِ جَهَنَّمَ

عذاب دردناڪ جي. جنهن ڏينهن تپايو ويندو انکي دوزخ جي باه ۾

فَتُكۡوٰى بِهَا جِبَاهُهُمۡ وَجُنُوۡبُهُمۡ وَظُهُوۡرُهُمۡ ؕ هٰذَا

پوءِ ڏنيو ويندو انهيءَ سان انهن جي پيشانين ۽ پاسن ۽ انهن جي پٺين کي، هي آهي

مَا كَنَزۡتُمۡ لِاَنۡفُسِكُمۡ فَذُوۡقُوۡا مَا كُنۡتُمۡ تَكۡنِزُوۡنَ ٣٥

جيڪي ڏبي رکيو هئو توهان پنهنجي لاءِ پوءِ چکو انکي جيڪي توهان لڪائيندا هئا.

اِنَّ عِدَّةَ الشُّهُوۡرِ عِنۡدَ اللّٰهِ اثۡنَا عَشَرَ شَهۡرًا فِىۡ

بيشڪ اندازو مهينن جو الله وٽ ٻارهن مهينا آهي

كِتٰبِ اللّٰهِ يَوۡمَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ مِنۡهَاۤ

الله جي ڪتاب ۾ جنهن ڏينهن خلقيائين آسمانن ۽ زمين کي انهن مان

اَرۡبَعَةٌ حُرُمٌ ؕ ذٰلِكَ الدِّيۡنُ الۡقَيِّمُ ۙ فَلَا تَظۡلِمُوۡا

چار منع وارا آهن، اهو دين سڌو آهي، پوءِ نه ظلم ڪجو

فِيهِنَّ أَنفُسَكُمْ ۚ وَقَاتِلُوا الْمُشْرِكِينَ كَافَّةً كَمَا

انهن ۾ پاڻ تي، ۽ جنگ ڪريو مشرڪن سيني سان جيئن

يُقَاتِلُونَكُمْ كَافَّةً ۚ وَاعْلَمُوا أَنَّ اللَّهَ مَعَ الْمُتَّقِينَ ﴿٣٦﴾

اهي وڙهن ٿا توهان سيني سان، ۽ ڄاڻو بيشڪ الله گڏ آهي پرهيزگارن سان.

إِنَّمَا النَّسِيءُ زِيَادَةٌ فِي الْكُفْرِ ۖ يُضَلُّ بِهِ الَّذِينَ

بيشڪ ٽنڊ وجهڻ وڌارو آهي ڪفر ۾ گمراهه ٿيندا آهن انهي سان اهي جن

كَفَرُوا يُحِلُّونَهُ عَامًا وَيُحَرِّمُونَهُ عَامًا لِّيُوَاطِئُوا

ڪفر ڪيو جو جائز ڪن ٿا انکي هڪڙي سال ۽ ناجائز ڪن ٿا انکي ٻئي سال جيئن پورو ڪن

عِدَّةَ مَا حَرَّمَ اللَّهُ فَيُحِلُّوا مَا حَرَّمَ اللَّهُ ۚ زُيِّنَ لَهُمْ

انداز جنهنکي منع ڪيو الله پوءِ جائز ڪن جنهنکي حرام ڪيو الله، سينگاريا ويا آهن انهن لاءِ

ع ٨ ١١ سُوءُ أَعْمَالِهِمْ ۗ وَاللَّهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكَافِرِينَ ﴿٣٧﴾

سندن بُرا ڪم، ۽ الله نه ٿو هدايت ڪري ڪافرن جي قوم کي.

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا مَا لَكُمْ إِذَا قِيلَ لَكُمُ انفِرُوا

اي ايمان وارو! ڇا ٿيو آهي توهانکي جڏهن چئجي ٿو توهان کي نڪرو

فِي سَبِيلِ اللَّهِ اثَّاقَلْتُمْ إِلَى الْأَرْضِ ۚ أَرَضِيتُم

الله جي راهه ۾ ته ڳٿجي ٿا ڌرتيءَ ڏي، ڇا راضي ٿيا آهيو

بِالْحَيَاةِ الدُّنْيَا مِنَ الْآخِرَةِ ۚ فَمَا مَتَاعُ الْحَيَاةِ

دنياجي زندگي تي آخرت جي عوض، پوءِ نه آهي سامان زندگيءَ

الدُّنْيَا فِي الْآخِرَةِ إِلَّا قَلِيلٌ ﴿٣٨﴾ إِلَّا تَنْفِرُوا

دنيا جو آخرت جي مقابلي ۾ مگر ٿورو . جيڪڏهن توهان نه نڪرندؤ

يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا أَلِيمًا ۙ وَيَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ

ته عذاب ڪندو توهانکي عذاب دردناڪ، ۽ مٽائي آڻيندو ماڻهن ٻين کي

وَلَا تَضُرُّوهُ شَيْئًا ۗ وَاللَّهُ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿٣٩﴾

۽ توهان نه زيان ڪندؤ انجو ڪجهه به، ۽ الله هر شيء تي قادر آهي .

إِلَّا تَنْصُرُوهُ فَقَدْ نَصَرَهُ اللَّهُ إِذْ أَخْرَجَهُ الَّذِينَ

جيڪڏهن توهان نه مدد ڪندؤ ان جي ته بيشڪ مدد ڪئي انهيءَ جي الله جڏهن ڪڍيو هوانکي انهن

كَفَرُوا ثَانِيَ اثْنَيْنِ إِذْ هُمَا فِي الْغَارِ إِذْ يَقُولُ

ڪافرن اهو ٻيو هئو ٻن مان جڏهن اهي ٻئي هئا غار ۾ تنهن وقت چيئي پيو

لِصَاحِبِهِ لَا تَحْزَنْ إِنَّ اللَّهَ مَعَنَا ۖ فَأَنْزَلَ اللَّهُ

پنهنجي سائيءَ کي ڏک نه ڪر بيشڪ الله اسان سان گڏ آهي، پوءِ لاٿو الله

سَكِينَتَهُ عَلَيْهِ وَأَيَّدَهُ بِجُنُودٍ لَمْ تَرَوْهَا وَجَعَلَ

پنهنجي طرفان قرار انهيءَ تي ۽ مدد ڪيائينس اهڙي لشڪرسان جو نه پيا ڏسو ۽ ڪيائين

كَلِمَةَ الَّذِينَ كَفَرُوا السُّفْلَىٰ ۗ وَكَلِمَةُ اللَّهِ هِيَ

ڳالهه ڪافرن جي هيٺ، ۽ ڳالهه الله جي اهائي

الْعُلْيَا ۗ وَاللَّهُ عَزِيزٌ حَكِيمٌ ﴿٤٠﴾ انْفِرُوا خِفَافًا وَثِقَالًا

مٿي آهي، ۽ الله زبردست آهي حڪمت وارو آهي. نڪري پئو هلڪا هجو يا ڳرا

وَجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِكُمْ وَاَنْفُسِكُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ
۽ لڙائي ڪريو پنهنجن مالن ۽ جانين سميت الله جي راه ۾

ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٤١﴾ لَوْ كَانَ عَرَضًا
اهو ڀلو آهي توهان لاءِ جيڪڏهن توهان سمجهه رکو ٿا. جيڪڏهن هجي ها مال

قَرِيْبًا وَّسَفَرًا قَاصِدًا لَّاتَّبَعُوْكَ وَلٰكِنْۢ بَعُدَتْ
ويجهو ۽ مسافري وچٿري ته ضرور اهي تنهنجي ڪڍ لڳن ها پر ڏور ٿي پيو

عَلَيْهِمُ الشُّقَّةُ ؕ وَسَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَوِ اسْتَطَعْنَا
انهن تي ڪشالو ۽ جهٽ الله جو قسم کڻي چوندا ته جيڪڏهن اسان کان ٿي سگهي ها

لَخَرَجْنَا مَعَكُمْ ۚ يُهْلِكُوْنَ اَنْفُسَهُمْ ۚ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ
ته نڪرون ها توهان سان گڏجي، تباهه ٿا ڪن پاڻ کي، ۽ الله ڄاڻي ٿو

ع ٦ ٥ ١٢ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿٤٢﴾ عَفَا اللّٰهُ عَنْكَ ۚ لِمَ اَذِنْتَ
ته اهي ڪوڙا آهن. معاف ڪيو الله توکي، ڇو موڪل ڏني تو

لَهُمْ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكَ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا وَتَعْلَمَ
انهن کي جيئن پڌرا ٿين ها تولاءِ اهي جن سچ چيو ۽ ڄاڻين ها تون

الْكٰذِبِيْنَ ﴿٤٣﴾ لَا يَسْتَاْذِنُكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ
ڪوڙن کي. ڪونه موڪل وٺندا توکان جن ايمان آندو

بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ اَنْ يُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَ
الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي جهاد ڪرڻ کان پنهنجي مالن ۽

أَنفُسِهِمْ ۗ وَاللَّهُ عَلِيمٌ بِالْمُتَّقِينَ ﴿٤٤﴾ إِنَّمَا يَسْتَأْذِنُكَ
جانين سان، ۽ الله ڄاڻندڙ آهي متقين کي. ۽ گهر موڪل وٺندا توکان
الَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَارْتَابَتْ
اهي جيڪي نه ٿا ايمان رکن الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ۽ شڪ ۾ آهن
قُلُوبُهُمْ فَهُمْ فِي رَيْبِهِمْ يَتَرَدَّدُونَ ﴿٤٥﴾ وَلَوْ تردد / تذبذب
دليون انهن جون پوءِ اهي پنهنجي شڪ ۾ پريشان آهن. ۽ جيڪڏهن
أَرَادُوا الْخُرُوجَ لَأَعَدُّوا لَهُ عُدَّةً وَلَٰكِن كَرِهَ
نيت ڪن ها نڪرڻ جي ته ضرور تيار ڪن ها پنهنجو سامان پر نا پسند ڪيو
اللَّهُ انبِعَاثَهُمْ فَثَبَّطَهُمْ وَقِيلَ اقْعُدُوا مَعَ
الله هلڻ انهن جو پوءِ بند ڪيائين انهن کي ۽ چيو ويو ويٺا رهو گڏ
الْقَاعِدِينَ ﴿٤٦﴾ لَوْ خَرَجُوا فِيكُم مَّا زَادُوكُمْ إِلَّا خَبَالًا
ويهندڙن سان. جيڪڏهن هلن ها توهان سان ته نه وڌائين ها توهان ۾ مگر خرابي
وَلَأَوْضَعُوا خِلَالَكُمْ يَبْغُونَكُمُ الْفِتْنَةَ وَفِيكُمْ
۽ اُٿ ڀڄ ڪائين ها توهان جي وچ ۾ گهرن ٿا توهان ۾ فتني کي، ۽ توهان ۾
سَمَّاعُونَ لَهُمْ ۗ وَاللَّهُ عَلِيمٌ بِالظَّالِمِينَ ﴿٤٧﴾ لَقَدِ
جاسوس آهن انهن جا، ۽ الله سڀ ڄاڻندڙ آهي ظالمن کي. اهي
ابْتَغَوُا الْفِتْنَةَ مِن قَبْلُ وَقَلَّبُوا لَكَ الْأُمُورَ
گهرندا هئا فتنو وجهڻ ان کان اڳ ۽ ڦيرائيندا هئا تنهنجي لاءِ ۾ ٿون

حَتّٰى جَآءَ الْحَقُّ وَظَهَرَ اَمْرُ اللّٰهِ وَهُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿۴۸﴾

نيٺ آيو سچو وعدو ۽ غالب ٿيو الله جو دين ۽ اهي ناپسند ڪندڙ هئا

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ ائْذَنْ لِّيْ وَلَا تَفْتِنِّيْ ؕ اَلَا فِي

۽ انهن مان ڪو چوي ٿو موکل ڏي مون کي ۽ نه وجهه فتني ۾ مونکي، خبردار

الْفِتْنَةِ سَقَطُوْا ؕ وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيْطَةٌ بِالْكٰفِرِيْنَ ﴿۴۹﴾

فتني ۾ پاڻ ڪريا آهن، ۽ بيشڪ دوزخ گهيرو ڪندڙ آهي ڪافرن ني.

اِنْ تُصِبْكَ حَسَنَةٌ تَسُؤْهُمْ ۚ وَاِنْ تُصِبْكَ

جيڪڏهن پهچي ٿي توکي ڪا ڀلائي ته بري لڳي ٿي انهنکي، ۽ جيڪڏهن پهچي ٿي توکي

مُصِيْبَةٌ يَّقُوْلُوْا قَدْ اَخَذْنَآ اَمْرَنَا مِنْ قَبْلُ

ڪا مصيبت چون ٿا اسان ورتي سون هوشياري اڳ ۾ ئي

وَيَتَوَلَّوْا وَّهُمْ فَرِحُوْنَ ﴿۵۰﴾ قُلْ لَّنْ يُّصِيْبَنَآ اِلَّا مَا

۽ موٽن ٿا اهي خوشيون ڪندي. چؤ هرگز نه پهچندو اسان کي مگر جيڪي

كَتَبَ اللّٰهُ لَنَا ۚ هُوَ مَوْلٰنَا ۚ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ

لکيو الله اسان لاءِ، اهو ئي اسان جو سائين آهي ۽ الله تي ڀل ڀروسو ڪن

الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۵۱﴾ قُلْ هَلْ تَرَبَّصُوْنَ بِنَآ اِلَّآ اِحْدَى

ايمان وارا. چؤ توهان نه ٿا انتظار ڪريو اسان لاءِ مگر هڪڙي جو

الْحُسْنَيَيْنِ ؕ وَنَحْنُ نَتَرَبَّصُ بِكُمْ اَنْ يُّصِيْبَكُمُ

ٻن ڀلاين مان، ۽ اسان به انتظار ٿا ڪريون توهان لاءِ ته پهچائيندو توهان کي

اللّٰهُ بِعَذَابٍ مِّنْ عِنْدِهٖٓ اَوْ بِاَيْدِيْنَا ۖ فَتَرَبَّصُوْٓا اِنَّا

الله عذاب پنهنجي طرفان يا اسان جي هٿان سان، پوءِ اوهان انتظار ڪريو اسان به

مَعَكُمْ مُّتَرَبِّصُوْنَ ﴿٥٢﴾ قُلْ اَنْفِقُوْا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا

اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيون. چؤ خرچ ڪريو خوشيءَ يا ناخوشيءَ

لَّنْ يُّتَقَبَّلَ مِنْكُمْ ؕ اِنَّكُمْ كُنْتُمْ قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٥٣﴾

هرگز نه قبول ڪيو ويندو توهان کان، بيشڪ اوهين آهيو ماڻهو بي فرمان.

وَمَا مَنَعَهُمْ اَنْ تُقْبَلَ مِنْهُمْ نَفَقٰتُهُمْ اِلَّآ اَنَّهُمْ

۽ نه آڏو آئي انهن کي جو قبول ٿئي انهن کان سندن خيرات مگر هي ڳالهه ته انهن

كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَبِرَسُوْلِهٖ وَلَا يَاْتُوْنَ الصَّلٰوةَ اِلَّا وَ

ڪفر ڪيو الله ۽ ان جي رسول جو ۽ نه پيا اچن نماز تي مگر

هُمْ كُسَالٰى وَلَا يُنْفِقُوْنَ اِلَّا وَهُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿٥٤﴾ 2:45 4:142 9:54

اهي سست ٿي ۽ نه پيا خرچ ڪن مگر اهي لاچار ٿي.

فَلَا تُعْجِبْكَ اَمْوَالُهُمْ وَلَآ اَوْلَادُهُمْ ؕ اِنَّمَا يُرِيْدُ

پوءِ نه عجب ۾ وجهن توکي سندن مال ۽ نه سندن اولاد، رڳو ارادو ڪري ٿو

اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ بِهَا فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَتَزْهَقَ اَنْفُسُهُمْ

الله ته ڪين عذاب ڏئي ان سان دنيا جي زندگي ۾ ۽ نڪرن ساهه انهن جا

وَهُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ اِنَّهُمْ لَمِنْكُمْ ؕ

۽ اهي هجن ڪافر. ۽ قسم ٿا کڻن الله جو ته اهي توهان مان آهن،

وَمَا هُم مِّنكُمْ وَلَٰكِنَّهُمْ قَوْمٌ يَفْرَقُونَ ﴿٥٦﴾ لَوْ
۽ ناهن اهي اوهان مان پر اهي ماڻهو ڊڄڻا آهن. جيڪڏهن
يَجِدُونَ مَلْجَأً أَوْ مَغَارَاتٍ أَوْ مُدَّخَلًا لَّوَلَّوْا إِلَيْهِ
اهي لهن ڪا جاءِ پناهه جي يا چُرون يا ڪا جاءِ سر لڪائڻ جي ته لڙي وڃن انهي طرف
وَهُمْ يَجْمَحُونَ ﴿٥٧﴾ وَمِنْهُم مَّن يَلْمِزُكَ فِي
۽ اهي ڊوڙ ڪن ها. ۽ انهن مان ڪي اهي آهن جي طعنو هڻن ٿا توکي
الصَّدَقَاتِ فَإِنْ أُعْطُوا مِنْهَا رَضُوا وَإِن لَّمْ
صدقي ورهائڻ ۾، پوءِ جيڪڏهن ملي ٿو ان مان ته خوش ٿين ٿا ۽ جي نه
يُعْطَوْا مِنْهَا إِذَا هُمْ يَسْخَطُونَ ﴿٥٨﴾ وَلَوْ أَنَّهُمْ رَضُوا
ٿو ملي ان مان ته اهي ڪاوڙجن ٿا. جيڪر اهي راضي ٿين ها
مَا آتَاهُمُ اللَّهُ وَرَسُولُهُ وَقَالُوا حَسْبُنَا اللَّهُ
ان تي جيڪي ڏنو انهن کي الله ۽ ان جي رسول ۽ چون ها ڪافي آهي اسان کي الله
سَيُؤْتِينَا اللَّهُ مِن فَضْلِهِ وَرَسُولُهُ إِنَّا إِلَى اللَّهِ
اجهو ڏيندو اسان کي الله پنهنجي مهر سان ۽ ان جو رسول بيشڪ اسان پنهنجي الله کي
رَاغِبُونَ ﴿٥٩﴾ إِنَّمَا الصَّدَقَاتُ لِلْفُقَرَاءِ وَالْمَسَاكِينِ
چاهيندڙ آهيون. رڳو ڍڪوا تون آهن غريبن ۽ محتاجن
وَالْعَامِلِينَ عَلَيْهَا وَالْمُؤَلَّفَةِ قُلُوبُهُمْ وَفِي
۽ ان جي عملي وارن لاءِ ۽ انهن لاءِ جو ڙيل آهن دليون جن جون ۽

القرآن الكريم ترجمو حضرت مولانا عبدالكريم قريشي (بير شريف)

الرِّقَابِ وَالْغٰرِمِيْنَ وَفِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَابْنِ

ٻانهن آزاد ڪرائڻ ۾ ۽ قرضين لاءِ ۽ الله جي راهه ۾ ۽ مسافر

السَّبِيْلِ ؕ فَرِيْضَةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۶۰﴾

راهوارِي لاءِ، فرض سمجهي الله جو، ۽ الله ڄاڻندڙ آهي حڪيم آهي.

وَمِنْهُمُ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ النَّبِيَّ وَيَقُوْلُوْنَ هُوَ

۽ ڪي انهن مان اهي آهن جيڪي ايذائن ٿا نبيءَ کي ۽ چون ٿا اهو ڪو

اُذُنٌ ؕ قُلْ اُذُنُ خَيْرٍ لَّكُمْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَيُؤْمِنُ

ٻڌندڙ آهي، چئُ اهو ٻڌندڙ ڀلائي جو توهان لاءِ آهي يقين ڪري ٿو الله تي ۽ ويساهه ڪري ٿو

لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَرَحْمَةٌ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ ؕ وَالَّذِيْنَ

مسلمانن تي ۽ رحمت آهي انهن لاءِ جن ايمان آندو توهان مان ۽ اهي جيڪي

يُؤْذُوْنَ رَسُوْلَ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۶۱﴾ يَحْلِفُوْنَ

ايذائين ٿا الله جي رسول کي تن لاءِ آهي سزا ڏکوئيندڙ. قسم کڻن ٿا

بِاللّٰهِ لَكُمْ لِيُرْضُوْكُمْ ۚ وَاللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗٓ اَحَقُّ اَنْ

الله جو توهان لاءِ جيئن راضي ڪن توهانکي ۽ الله ۽ ان جو رسول وڌيڪ حقدار آهي جو

يُّرْضُوْهُ اِنْ كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿۶۲﴾ اَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّهٗ

راضي ڪن انهيءَ کي جيڪڏهن اهي ايمان رکن ٿا. ڇا نه ٿا ڄاڻن ته

مَنْ يُّحَادِدِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاَنَّ لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ خَالِدًا

جيڪو سامهون ٿيندو الله کي ۽ ان جي رسول کي ته يقينًا ان لاءِ باهه دوزخ جي آهي هميشه رهندو

فِيْهَا ۭ ذٰلِكَ الْخِزْيُ الْعَظِيْمُ ﴿٦٣﴾ يَحْذَرُ الْمُنٰفِقُوْنَ

انهيءَ ۾، اها خواري وڏي آهي. ڊڄن ٿا ٻچا ڇڙا

اَنْ تُنَزَّلَ عَلَيْهِمْ سُوْرَةٌ تُنَبِّئُهُمْ بِمَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ ۭ

متان لاٿي وڃي انهن تي ڪا سورت جا خبر ڏئي انهنکي انجي جيڪي سندن دلين ۾ آهي،

قُلِ اسْتَهْزِءُوْا ۚ اِنَّ اللّٰهَ مُخْرِجٌ مَّا تَحْذَرُوْنَ ﴿٦٤﴾ وَ

چؤ چٿر ڪندا رهو، بيشڪ الله پڌرو ڪندڙ آهي انکي جنهن کان ڊڄو ٿا. ۽

لَىِٕنْ سَاَلْتَهُمْ لَيَقُوْلُنَّ اِنَّمَا كُنَّا نَخُوْضُ وَنَلْعَبُ ۭ

جيڪڏهن پڇا ڪندين انهن کان ته ضرور چوندا ته اسان يوگپ ۽ راند پيا ڪريون،

قُلْ اَبِاللّٰهِ وَاٰيٰتِهٖ وَرَسُوْلِهٖ كُنْتُمْ تَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٦٥﴾

چؤ ڇا الله ۽ انجي آيتن ۽ انجي رسول سان پيا چٿرون ڪريو؟

لَا تَعْتَذِرُوْا قَدْ كَفَرْتُمْ بَعْدَ اِيْمَانِكُمْ ۭ اِنْ نَّعْفُ

نه ڪريو بهانا توهان ڪافر ٿيا آهيو ايمان آڻڻ کان پوءِ، جيڪڏهن معاف ڪندا سون

عَنْ طَاۗىِٕفَةٍ مِّنْكُمْ نُعَذِّبْ طَاۗىِٕفَةًۢ بِاَنَّهُمْ

هڪ ٽولي کي توهان مان ته سزا ڏينداسون ٻئي ٽولي کي ڇو ته اهي

كَانُوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿٦٦﴾ ع اَلْمُنٰفِقُوْنَ وَالْمُنٰفِقٰتُ بَعْضُهُمْ

ڏوهاري آهن. منافق ۽ منافقياڻيون هڪ ٻئي

مِّنْۢ بَعْضٍ ۘ يَاْمُرُوْنَ بِالْمُنْكَرِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ

مان آهن، ڏس ڏين ٿا برائي جو ۽ روڪين ٿا

ركوع ٨
١٤
وقف لازم

القرآن الكريم ترجمو حضرت مولانا عبدالكريم قريشي (بير شريف)

الْمَعْرُوفِ وَيَقْبِضُونَ أَيْدِيَهُمْ ۚ نَسُوا اللّٰهَ فَنَسِيَهُمْ ۗ

چڱائي کان ۽ جهلين ٿا پنهنجا هٿ، وساريائون الله کي پوءِ الله وساريو انهن کي،

إِنَّ الْمُنٰفِقِينَ هُمُ الْفٰسِقُونَ ﴿٦٧﴾ وَعَدَ اللّٰهُ

بيشڪ منافق اهي ئي نافرمان آهن . وعدو ڏنو الله

الْمُنٰفِقِينَ وَالْمُنٰفِقٰتِ وَالْكُفَّارَ نَارَ جَهَنَّمَ

منافقن ۽ منافقياڻين کي ۽ ڪافرن کي باهه دوزخ جو

خٰلِدِينَ فِيهَا ۚ هِيَ حَسْبُهُمْ ۚ وَلَعَنَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَ

هميشه رهندا ان ۾، اها ڪافي آهي انهن لاءِ ۽ لعنت ڪئي انهن کي الله، ۽

لَهُمْ عَذَابٌ مُّقِيمٌ ﴿٦٨﴾ كَالَّذِينَ مِنْ قَبْلِكُمْ كَانُوا

انهن لاءِ عذاب دائمي آهي . انهن وانگر جيڪي هئا اوهان کان اڳ ۾ هئا

أَشَدَّ مِنْكُمْ قُوَّةً وَّأَكْثَرَ أَمْوٰلًا وَّأَوْلٰدًا ۗ فَاسْتَمْتَعُوا

ڏاڍا توهان کان طاقت ۾ ۽ گهڻا مال ۾ ۽ اولاد ۾، پوءِ انهن فائدو ورتو

بِخَلٰقِهِمْ فَاسْتَمْتَعْتُمْ بِخَلٰقِكُمْ كَمَا اسْتَمْتَعَ

پنهنجي حصي آهر، پوءِ توهان به فائدو ورتو پنهنجي حصي آهر جيئن فائدو ورتو هو

الَّذِينَ مِنْ قَبْلِكُمْ بِخَلٰقِهِمْ وَخُضْتُمْ كَالَّذِي

توهان کان اڳين پنهنجي ڀاڱي آهر ۽ توهان بڪ ڪئي جيئن انهن

خَاضُوا ۚ أُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ أَعْمٰلُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَ

بڪ ڪئي هئي، اُهي آهن جو بيڪار ٿيا عمل انهن جا دنيا ۾ ۽

الْاٰخِرَةِ ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٦٩﴾ اَلَمْ يَاْتِهِمْ نَبَاُ

آخرت ۾، ۽ اهي ئي نقصان وارا آهن. ڇا نه آيو وٽن خبر

الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوْدَ ۙ۬ وَ

انهن جي جيڪي کانئن اڳ هئا قوم نوح ۽ عاد ۽ ثمود جي ۽

قَوْمِ اِبْرٰهِيْمَ وَاَصْحٰبِ مَدْيَنَ وَالْمُؤْتَفِكٰتِ ؕ

قوم ابراهيم جي ۽ مدين وارن جي ۽ خبر اونڌن ڳوٺن جي

اَتَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظْلِمَهُمْ

آيا هئا انهن وٽ سندن رسول پڌرا حڪم کڻي. پوءِ الله نه ظلم ڪيو هو انهن تي

وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٧٠﴾ وَالْمُؤْمِنُوْنَ

پر اهي پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪندا هئا. ۽ ايمان وارا

وَالْمُؤْمِنٰتُ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ يَاْمُرُوْنَ (وقف لازم)

۽ ايمان واريون هڪ ٻئي جا مددگار آهن، حڪم ڪن ٿا

بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَيُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ

چڱي ڳالهه جو ۽ روڪين ٿا برائي کان ۽ قائم ڪن ٿا نماز

وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَيُطِيْعُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ؕ

۽ ادا ڪن ٿا زڪوات ۽ تابعداري ڪن ٿا الله ۽ ان جي رسول جي

اُولٰٓئِكَ سَيَرْحَمُهُمُ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٧١﴾

اهي آهن جن تي رحم ڪندو الله بيشڪ الله زبردست حڪمت وارو آهي.

وَعَدَ اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ

وعدو ڪيو الله مومنن ۽ مومنيائين سان باغن جو وهن ٿيون

مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَمَسٰكِنَ طَيِّبَةً

جن جي هيٺيان واهيون هميشه رهندا انهي ۾ جڳهن سٺين جو

فِيْ جَنّٰتِ عَدْنٍ ؕ وَرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكْبَرُ ؕ ذٰلِكَ

باغن رهڻ وارن ۾ ۽ راضپو الله جو سڀ کان وڏي شيءِ آهي، اها

هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٧٢﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ　ع ٦ ١٥

ئي ڪاميابي وڏي آهي. اي نبي جهاد ڪر ڪافرن سان

وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَاغْلُظْ عَلَيْهِمْ ؕ وَمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ

۽ منافقن سان ۽ سختي ڪر انهن تي، ۽ رهائش انهن جي دوزخ آهي،

وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿٧٣﴾ يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ مَا قَالُوْا ؕ وَلَقَدْ

۽ اها بڇڙي جاءِ آهي. قسم ٿا کڻن الله جو ته نه ڳالهايو اٿن ۽ يقينن

قَالُوْا كَلِمَةَ الْكُفْرِ وَكَفَرُوْا بَعْدَ اِسْلَامِهِمْ وَ

ڳالهايو اٿن لفظ ڪفر جو ۽ ڪافر ٿيا مسلمان ٿيڻ کانپوءِ ۽

هَمُّوْا بِمَا لَمْ يَنَالُوْا ۚ وَمَا نَقَمُوْۤا اِلَّاۤ اَنْ اَغْنٰىهُمُ

ارادو ڪيائون ان جو جنهن کي نه پهتا، ۽ نه گهوريو پر فقط هن ڳالهه جو بدلو ڏنائون ته آسودو ڪيو هو انهن کي

اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ فَاِنْ يَّتُوْبُوْا يَكُ خَيْرًا

الله ۽ ان جي رسول پنهنجي مهرباني سان، پوءِ جيڪڏهن توبه ڪن ته ڀلي آهي

التحريم ٩ 66:9

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

لَهُمْ ۚ وَإِنْ يَّتَوَلَّوْا يُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ عَذَابًا اَلِيْمًا فِى

انهن لاءِ، ۽ جيڪڏهن ڦري وڃن ته عذاب ڪندن الله عذاب دردناڪ

الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَمَا لَهُمْ فِى الْاَرْضِ مِنْ وَّلِيٍّ

دنيا ۽ آخرت ۾ ۽ نه هوندو انهن لاءِ ڌرتيءَ ۾ ڪوئي دوست

وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿٧٤﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ عٰهَدَ اللّٰهَ لَئِنْ اٰتٰنَا

۽ نڪي مددگار. ۽ انهن مان ڪن انجام ڪيو هو الله سان ته جيڪڏهن ڏنائين اسان کي

مِنْ فَضْلِهٖ لَنَصَّدَّقَنَّ وَلَنَكُوْنَنَّ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٧٥﴾

پنهنجي فضل مان ته ضرور خيرات ڪنداسون ۽ ضرور ٿينداسون صالحن مان.

فَلَمَّآ اٰتٰهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ بَخِلُوْا بِهٖ وَتَوَلَّوْا وَّهُمْ

پوءِ جڏهن ڏنائين انهن کي پنهنجي فضل مان ته ڪنجوسي ڪيائون ان ۾ ۽ ڦري ويا ۽ اهي

مُّعْرِضُوْنَ ﴿٧٦﴾ فَاَعْقَبَهُمْ نِفَاقًا فِىْ قُلُوْبِهِمْ اِلٰى يَوْمِ

منهن موڙيندڙ هيا. پوءِ پٺيان لاتائين انهن کي نفاق سندن دلين ۾ ان ڏينهن تائين

يَلْقَوْنَهٗ بِمَآ اَخْلَفُوا اللّٰهَ مَا وَعَدُوْهُ وَبِمَا كَانُوْا

جو ملندا انهي سان هن ڪري ته ڀڃائون الله سان ڪيل وعدو ۽ هن ڪري ته اهي

يَكْذِبُوْنَ ﴿٧٧﴾ اَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ سِرَّهُمْ

ڪوڙ ڳالهائيندا هئا. ڇا نه ٿا سمجهن ته الله ڄاڻي ٿو انهن جا راز

وَنَجْوٰىهُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿٧٨﴾ ۚ اَلَّذِيْنَ

۽ انهن جو مشورو ۽ بيشڪ الله گهڻو ڄاڻندڙ آهي ڳجهاڻن جو. اهي ماڻهو

يَلْمِزُوْنَ الْمُطَّوِّعِيْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ فِي الصَّدَقٰتِ

جيڪي ٽوڪون ڪن ٿا خوشيءَ سان ڏيندڙن مومنن تي خيراتن ڪرڻ ۾

وَالَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ اِلَّا جُهْدَهُمْ فَيَسْخَرُوْنَ

۽ انهن تي جيڪي نه ٿا لهن مگر پنهنجي پُڄندي آهر پوءِ مسخري ٿا ڪن

مِنْهُمْ ۭ سَخِرَ اللّٰهُ مِنْهُمْ ۡ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٧٩﴾

انهن تي، مسخري جو بدلو ڏنو الله انهن کي، ۽ انهن لاءِ عذاب دردناڪ آهي.

اِسْتَغْفِرْ لَهُمْ اَوْ لَا تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ ۭ اِنْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ

بخشش گهُر انهن لاءِ يا نه بخشش گهُر انهن لاءِ جيڪڏهن معافي گهُرندين انهن لاءِ

سَبْعِيْنَ مَرَّةً فَلَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ

ستر ڀيرا تڏهن به نه بخشيندو الله انهن کي، اهو هن لاءِ ته

كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ۭ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ

نه مڃيائون الله کي ۽ ان جي رسول کي، ۽ الله نه ٿو هدايت ڪري قوم

الْفٰسِقِيْنَ ﴿٨٠﴾ فَرِحَ الْمُخَلَّفُوْنَ بِمَقْعَدِهِمْ خِلٰفَ

نافرمان کي. خوش ٿيا پوئتي رهيل پنهنجي ويهڻ تي ابتڙ

رَسُوْلِ اللّٰهِ وَكَرِهُوْٓا اَنْ يُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ

حڪم رسول الله جي ۽ ناپسند ڪيائون ته جهاد ڪن پنهنجن مالن

وَاَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَقَالُوْا لَا تَنْفِرُوْا فِي

۽ جانين سميت الله جي راهه ۾ ۽ چيائون ته نڪرو

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

الْحَرِّ ۚ قُلْ نَارُ جَهَنَّمَ أَشَدُّ حَرًّا ۚ لَوْ كَانُوا يَفْقَهُونَ ﴿٨١﴾

گرميءَ ۾. تون چؤ ته باهه دوزخ جي سخت گرم آهي، جي اهي سمجهن ها.

فَلْيَضْحَكُوا قَلِيلًا وَلْيَبْكُوا كَثِيرًا جَزَاءً بِمَا كَانُوا

پوءِ ٿورو کلن ۽ روئن گهڻو، عوض انهيءَ جي جيڪي

يَكْسِبُونَ ﴿٨٢﴾ فَإِنْ رَجَعَكَ اللَّهُ إِلَىٰ طَائِفَةٍ مِنْهُمْ

ڪمايائون. پوءِ جيڪڏهن موٽائي توکي الله انهن جي ڪنهن ٽوليءَ ڏانهن

فَاسْتَأْذَنُوكَ لِلْخُرُوجِ فَقُلْ لَنْ تَخْرُجُوا مَعِيَ أَبَدًا

پوءِ اهي موڪل گهرن توکان هلڻ جي پوءِ چؤ توهان هرگز نه هلندؤ مون سان گڏجي ڪڏهين به

وَلَنْ تُقَاتِلُوا مَعِيَ عَدُوًّا ۖ إِنَّكُمْ رَضِيتُمْ بِالْقُعُودِ

۽ هرگز نه وڙهندؤ مون سان گڏجي دشمن سان، توهان پسند ڪيو هو ويهڻ

أَوَّلَ مَرَّةٍ فَاقْعُدُوا مَعَ الْخَالِفِينَ ﴿٨٣﴾ وَلَا تُصَلِّ

پهرئين ڀيري پوءِ ويهي رهو گڏ پوئتي رهندڙن سان. ۽ نه پڙهه جنازو

عَلَىٰ أَحَدٍ مِنْهُمْ مَاتَ أَبَدًا وَلَا تَقُمْ عَلَىٰ قَبْرِهِ ۖ

ڪنهن جو انهن مان جو مري ڪڏهين به ۽ نه بيهه ان جي قبر تي.

إِنَّهُمْ كَفَرُوا بِاللَّهِ وَرَسُولِهِ وَمَاتُوا وَهُمْ فَاسِقُونَ ﴿٨٤﴾

بيشڪ انهن ڪفر ڪيو الله ۽ ان جي رسول جو ۽ مري ويا نافرمان ٿي.

وَلَا تُعْجِبْكَ أَمْوَالُهُمْ وَأَوْلَادُهُمْ ۚ إِنَّمَا يُرِيدُ اللَّهُ

۽ نه عجب ۾ وجهي توکي ملڪيت انهن جي ۽ اولاد انهن جي، سواءِ ارادو ڪري ٿو الله

اَنْ يُّعَذِّبَهُمْ بِهَا فِي الدُّنْيَا وَتَزْهَقَ اَنْفُسُهُمْ وَهُمْ

ته سزا ڏئي کين ان سان دنيا ۾ ۽ نڪرن ساهه انهن جا ۽ اهي

كٰفِرُوْنَ ﴿٨٥﴾ وَاِذَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ اَنْ اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَجَاهِدُوْا مَعَ

هجن ڪافر. ۽ جڏهن نازل ڪجي ٿي ڪا سورت ته ايمان آڻيو الله تي ۽ جهاد ڪريو گڏ جي

رَسُوْلِهِ اسْتَاْذَنَكَ اُولُوا الطَّوْلِ مِنْهُمْ وَقَالُوْا ذَرْنَا نَكُنْ اولوالطول

انجي رسول سان ته موڪل گهرن ٿا توکان مالدار انهن مان ۽ چون ٿا ڇڏ اسان کي ته هجون

مَّعَ الْقٰعِدِيْنَ ﴿٨٦﴾ رَضُوْا بِاَنْ يَّكُوْنُوْا مَعَ الْخَوَالِفِ وَطُبِعَ

گڏ ويهندڙن سان. خوش آهن ته هجن گڏ پوئتي رهندڙ عورتن سان ۽ مُهر هڻي وئي

عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَفْقَهُوْنَ ﴿٨٧﴾ لٰكِنِ الرَّسُوْلُ وَالَّذِيْنَ

انهن جي دلين تي پوءِ اهي نه ٿا سمجهن. پر رسول ۽ جن

اٰمَنُوْا مَعَهٗ جٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ۭ وَاُولٰٓئِكَ لَهُمُ

ايمان آندو ساڻس جهاد ڪيائون پنهنجن مالن ۽ جانين سميت، ۽ انهن لاءِ ئي آهن

الْخَيْرٰتُ ۡ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٨٨﴾ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ جَنّٰتٍ

ڀلايون ۽ اهي ئي ڪامياب آهن. تيار ڪيا الله انهن لاءِ باغ

تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٨٩﴾ ع ٩ ١٧

وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون هميشه رهندا انهن ۾، اها ئي آهي ڪاميابي وڏي.

وَجَاۗءَ الْمُعَذِّرُوْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ لِيُؤْذَنَ لَهُمْ وَقَعَدَ المعذرون من الاعراب

۽ آيا بهانا ڪندڙ ڳوٺاڻن مان ته جيئن موڪل ملي انهن کي ۽ ويٺا رهيا

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

الَّذِيْنَ كَذَبُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ؕ سَيُصِيْبُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ

اهي جن ڪوڙ ڳالهايو الله ۽ سندس رسول سان، جلد پهچندو انهن مان جن ڪفر ڪيو

عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٩٠﴾ لَيْسَ عَلَى الضُّعَفَآءِ وَلَا عَلَى الْمَرْضٰى

عذاب دردناڪ. ناهي ڪمزورن تي ۽ نڪي بيمارن تي

وَلَا عَلَى الَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ مَا يُنْفِقُوْنَ حَرَجٌ اِذَا نَصَحُوْا

۽ نه انهن تي جيڪي نٿا لهن جو خرچ ڪن، ڪوڙو، جڏهن سچائي ڪيائون

لِلّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ؕ مَا عَلَى الْمُحْسِنِيْنَ مِنْ سَبِيْلٍ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ

الله ۽ سندس رسول لاءِ. ناهي انهن ڀلارن تي ڪو الزام، ۽ الله بخشڻهار

رَّحِيْمٌ ﴿٩١﴾ وَّلَا عَلَى الَّذِيْنَ اِذَا مَآ اَتَوْكَ لِتَحْمِلَهُمْ قُلْتَ

مهربان آهي. ۽ ناهي انهن تي ميار جڏهن آيا تو وٽ ته سواري ڏئين تون انهنکي تو چيو

لَآ اَجِدُ مَآ اَحْمِلُكُمْ عَلَيْهِ ۪ تَوَلَّوْا وَّاَعْيُنُهُمْ تَفِيْضُ مِنَ

نه ٿو لهان آءٌ اهو جو سوار ڪريان توهانکي ان تي ته موٽيا ۽ اکيون انهن جون وهائن پيون

الدَّمْعِ حَزَنًا اَلَّا يَجِدُوْا مَا يُنْفِقُوْنَ ﴿٩٢﴾ ؕ اِنَّمَا السَّبِيْلُ

ڳوڙها ڏک کان هن تي جو نه پيا لهن ڪا شيءِ جا خرچ ڪن. رڳو الزام آهي

عَلَى الَّذِيْنَ يَسْتَاْذِنُوْنَكَ وَهُمْ اَغْنِيَآءُ ۚ رَضُوْا بِاَنْ يَّكُوْنُوْا

انهن تي جيڪي موڪل گهرن ٿا توکان ۽ اهي آسودا آهن، خوش ٿيا هن تي ته هجن

مَعَ الْخَوَالِفِ ۙ وَطَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٩٣﴾

گڏ پوئتي رهندڙ عورتن سان ۽ مُهر هنئي الله انهن جي دلين تي پوءِ اهي نه ٿا ڄاڻن.

يَعْتَذِرُوْنَ اِلَيْكُمْ اِذَا رَجَعْتُمْ اِلَيْهِمْ ۭ
بهانا ٿا ڪن توهان وٽ جڏهن اچو ٿا انهن ڏانهن،

قُلْ لَّا تَعْتَذِرُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ لَكُمْ قَدْ نَبَّاَنَا
چئو بهانا نه بڻايو هرگز پڪ نه ڪنداسون توهان تي ٻڌايون آهن اسان کي

اللّٰهُ مِنْ اَخْبَارِكُمْ ۭ وَسَيَرَى اللّٰهُ عَمَلَكُمْ
الله توهان جون ڳالهيون، ۽ جلد ڏسندو الله توهان جي ڪردار کي

وَرَسُوْلُهٗ ثُمَّ تُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ
۽ ان جو رسول پوءِ موٽايا ويندؤ ڄاڻندڙ ڳجهه

وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ
۽ ظاهر جي ڏانهن پوءِ اهو خبر ڏيندو توهان کي جيڪي توهان

تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٤﴾ سَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَكُمْ اِذَا
عمل ڪندا هئا. جهٽ قسم کڻندا الله جو توهان سان جڏهن

انْقَلَبْتُمْ اِلَيْهِمْ لِتُعْرِضُوْا عَنْهُمْ ۭ فَاَعْرِضُوْا
توهان موٽندؤ انهن ڏانهن جيئن ڇڏي ڏيو انهن کي، پوءِ ڇڏي ڏيو

عَنْهُمْ ۭ اِنَّهُمْ رِجْسٌ ۡ وَّمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۚ
انهن کي، بيشڪ اهي گندا آهن ۽ جاءِ انهن جي دوزخ آهي،

جَزَاۗءًۢ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٩٥﴾ يَحْلِفُوْنَ لَكُمْ
عوض سندن ڪمن جي. قسم کڻن ٿا توهان سان

لِتَرْضَوْا عَنْهُمْ فَاِنْ تَرْضَوْا عَنْهُمْ فَاِنَّ

ته جيئن توهان راضي ٿيو انهن کان، پوءِ جيڪڏهن توهان راضي ٿيندؤ انهن کان

اللّٰهَ لَا يَرْضٰى عَنِ الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٩٦﴾

الله نه راضي ٿيندو نافرمان قوم کان.

اَلْاَعْرَابُ اَشَدُّ كُفْرًا وَّ نِفَاقًا وَّ اَجْدَرُ

جهنگلي ماڻهو ڏاڍا سخت آهن ڪفر ۾ ۽ نفاق ۾ ۽ لائق آهن

اَلَّا يَعْلَمُوْا حُدُوْدَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ ؕ

جو نه ڄاڻن اهي قاعدا جيڪي نازل ڪيا الله پنهنجي رسول تي،

وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٩٧﴾ وَمِنَ الْاَعْرَابِ

۽ الله ڄاڻندڙ آهي حڪمت وارو آهي. ۽ ڪي ٻهراڙي جا

مَنْ يَّتَّخِذُ مَا يُنْفِقُ مَغْرَمًا وَّيَتَرَبَّصُ

اهڙا آهن جو ڀانئين ٿا خيرات ڏيڻ کي چٽي ۽ انتظار ڪن ٿا

بِكُمُ الدَّوَآئِرَ ؕ عَلَيْهِمْ دَآئِرَةُ السَّوْءِ ؕ

توهان تي زماني جي چڪرن جو، انهن تي اچي چڪر برائيءَ جو،

وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٩٨﴾ وَمِنَ الْاَعْرَابِ

۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽ ڪي ٻهراڙيءَ وارا

مَنْ يُّؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ

اهڙا آهن جو ايمان آڻن ٿا الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي

وَيَتَّخِذُ مَا يُنْفِقُ قُرُبٰتٍ عِنْدَ اللّٰهِ

۽ سمجهن ٿا خيرات ڪرڻ کي ويجهڙايون الله وٽ

وَصَلَوٰتِ الرَّسُوْلِ ؕ اَلَآ اِنَّهَا قُرْبَةٌ لَّهُمْ ؕ

۽ دعائون رسول جون، خبردار بلاشڪ اها ويجهڙائي آهي انهن لاءِ،

سَيُدْخِلُهُمُ اللّٰهُ فِيْ رَحْمَتِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٩٩﴾ ع ١٠

جلد داخل ڪندو انهنکي الله پنهنجي رحمت ۾، بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي.

وَالسّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهٰجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ وَ

۽ اڳرائي ڪندڙ سڀ کان اول هجرت ڪندڙ ۽ مدد ڪندڙ ۽

الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ ۙ رَّضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا

جيڪي تابع ٿيا انهن جا چڱائيءَ سان راضي ٿيو الله انهن کان ۽ اهي راضي ٿيا

عَنْهُ وَاَعَدَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ تَحْتَهَا الْاَنْهٰرُ

ان کان ۽ تيار ڪيائين انهن لاءِ باغ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون

خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿١٠٠﴾ وَمِمَّنْ

هميشه رهندا ان ۾ سدائين، اهائي ڪاميابي وڏي آهي ۽ ڪجهه آهن

حَوْلَكُمْ مِّنَ الْاَعْرَابِ مُنٰفِقُوْنَ ۛؕ وَمِنْ اَهْلِ

توهان جي چوڌاري ٻهراڙيءَ جا منافق، ۽ ڪي مديني

الْمَدِيْنَةِ ۛؔ مَرَدُوْا عَلَى النِّفَاقِ ۛ لَا تَعْلَمُهُمْ ؕ نَحْنُ

وارن مان به اڙجي بيٺا آهن نفاق تي، نه توڄاڻين تون انهنکي، اسان

عند المتقدمين ١٢ وقف منزل

نَعْلَمُهُمْ ۭ سَنُعَذِّبُهُمْ مَّرَّتَيْنِ ثُمَّ يُرَدُّوْنَ اِلٰى
ڄاڻون ٿا انهن کي، جلد سزا ڏينداسون انهن کي ٻه ڀيرا پوءِ موٽايا ويندا

عَذَابٍ عَظِيْمٍ ﴿١٠١﴾ وَاٰخَرُوْنَ اعْتَرَفُوْا بِذُنُوْبِهِمْ
عذاب وڏي ڏانهن. ۽ ٻيا جن اقرار ڪيو پنهنجي گناهن جو

خَلَطُوْا عَمَلًا صَالِحًا وَّاٰخَرَ سَيِّئًا ۭ عَسَى اللّٰهُ اَنْ
ملايائون عمل چڱا ۽ ٻيا خراب، ويجهو آهي الله جو

يَّتُوْبَ عَلَيْهِمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٠٢﴾ خُذْ
بخشي انهن کي، بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي. قبول ڪر

مِنْ اَمْوَالِهِمْ صَدَقَةً تُطَهِّرُهُمْ وَتُزَكِّيْهِمْ بِهَا وَ
انهن جي ملڪيت مان خيرات جو پاڪ ڪرين تون انهن کي ۽ دل صاف ڪرين انهن جي ان سان ۽

صَلِّ عَلَيْهِمْ ۭ اِنَّ صَلٰوتَكَ سَكَنٌ لَّهُمْ ۭ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ
دعا گهر انهن لاءِ، بيشڪ دعا تنهنجي قرار آهي انهن لاءِ، ۽ الله ٻڌندڙ

عَلِيْمٌ ﴿١٠٣﴾ اَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ هُوَ يَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ
ڄاڻندڙ آهي. ڇا نه ڄاڻائون ته الله ئي قبول ڪندو آهي توبه پنهنجي

عِبَادِهٖ وَيَاْخُذُ الصَّدَقٰتِ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ
ٻانهن جي ۽ وٺندو آهي خيراتون ۽ بيشڪ الله ئي توبه قبوليندڙ

الرَّحِيْمُ ﴿١٠٤﴾ وَقُلِ اعْمَلُوْا فَسَيَرَى اللّٰهُ عَمَلَكُمْ وَ
مهربان آهي. ۽ چئو توهان ڪم ڪريو پوءِ ڏسندو الله توهان جي ڪم کي ۽

رَسُوْلُهٗ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ۭ وَسَتُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ

ان جو رسول ۽ مسلمان ، ۽ جلد موٽايا ويندؤ جاڻندڙ ڳجھ

وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۝١٠٥ وَاٰخَرُوْنَ

۽ ظاهر جي طرف پوءِ خبر ڏيندو توهان کي جيڪي توهان ڪندا هئا . ۽ ڪي ٻيا

مُرْجَوْنَ لِاَمْرِ اللّٰهِ اِمَّا يُعَذِّبُهُمْ وَاِمَّا يَتُوْبُ عَلَيْهِمْ ۭ

ڍر ڏنل آهن الله جي فيصلي تائين اهو عذاب ڪري انهن کي يا معاف ڪري انهن کي .

وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ۝١٠٦ وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مَسْجِدًا

۽ الله جاڻندڙ آهي حڪيم آهي . ۽ جن ناهي مسجد

ضِرَارًا وَّكُفْرًا وَّتَفْرِيْقًا بَيْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ

نقصان پهچائڻ لاءِ ۽ ڪفر لاءِ ۽ ڦوٽ وجهڻ لاءِ مسلمانن جي وچ ۾ ۽

اِرْصَادًا لِّمَنْ حَارَبَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ مِنْ قَبْلُ ۭ

گهٽ ناهڻ خاطر انهن لاءِ جن جنگ ڪئي الله ۽ ان جي رسول سان اڳ ۾ ،

وَلَيَحْلِفُنَّ اِنْ اَرَدْنَآ اِلَّا الْحُسْنٰى ۭ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ

۽ اهي ضرور قسم کڻندا ته ڪو اسان نيت ڪئي هئي نيڪيءَ جي ، پر الله شاهدي ڏئي ٿو

اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ۝١٠٧ لَا تَقُمْ فِيْهِ اَبَدًا ۭ لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ

ته اهي ڪوڙا آهن . نه بيھ انهيءَ ۾ ڪڏهين به ، البت مسجد جا ناهي

عَلَى التَّقْوٰى مِنْ اَوَّلِ يَوْمٍ اَحَقُّ اَنْ تَقُوْمَ فِيْهِ ۭ

وئي پرهيز تي پهرين ڏينهن کان لائق آهي جو تون بيهين ان ۾ ،

توبه قبول 9/118

26/8/2011

فِيْهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوْنَ اَنْ يَّتَطَهَّرُوْا ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ

تنهن ۾ مرد آهن جي پسند ٿا ڪن پاڪ رهڻ کي، ۽ الله پسند ڪندو آهي

الْمُطَّهِّرِيْنَ ﴿١٠٨﴾ اَفَمَنْ اَسَّسَ بُنْيَانَهٗ عَلٰى تَقْوٰى

پاڪ رهڻ وارن کي. ڇا پوءِ جنهن رکيو بنياد انهيءَ جو خوف

مِنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانٍ خَيْرٌ اَمْ مَّنْ اَسَّسَ بُنْيَانَهٗ

خدا تي ۽ انجي رضا تي اهو ڀلو آهي يا جنهن اڏيو بنياد ان جو

عَلٰى شَفَا جُرُفٍ هَارٍ فَانْهَارَ بِهٖ فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ ؕ وَاللّٰهُ

ان ڪناري ڪاڏل ڪپر ڍهندڙ جي پوءِ ڍهي پيو ان سميت دوزخ جي باه ۾، ۽ الله

لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٠٩﴾ لَا يَزَالُ بُنْيَانُهُمُ

نٿو هدايت ڪري ظلم ڪندڙ قوم کي. هميشه ٿي پئي سندن اڏاوت

الَّذِيْ بَنَوْا رِيْبَةً فِيْ قُلُوْبِهِمْ اِلَّآ اَنْ تَقَطَّعَ

جا ناهيائون ، ارمان انهن جي دلين ۾ جيسين جو ڪپجي پون

قُلُوْبُهُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿١١٠﴾ اِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى

دليون انهن جون، ۽ الله گهڻو ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. بيشڪ الله خريد ڪيا

مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَهُمْ وَاَمْوَالَهُمْ بِاَنَّ لَهُمُ

مسلمانن کان انهن جا ساهه ۽ انهن جا مال ته انهن لاءِ آهي

الْجَنَّةَ ؕ يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَيَقْتُلُوْنَ وَ

جنت، وڙهن ٿا الله جي راهه ۾ پوءِ مارن ٿا ۽

يُقْتَلُوْنَ قف وَعْدًا عَلَيْهِ حَقًّا فِي التَّوْرٰىةِ وَ

مارجن ٿا، وعدو آهي انهيءَ تي سچو توريت ۾

الْاِنْجِيْلِ وَالْقُرْاٰنِ ط وَمَنْ اَوْفٰى بِعَهْدِهٖ مِنَ اللّٰهِ

انجيل ۾ قرآن ۾، ۽ ڪير آهي وڌيڪ پاڙيندڙ پنهنجو وعدو الله کان

فَاسْتَبْشِرُوْا بِبَيْعِكُمُ الَّذِيْ بَايَعْتُمْ بِهٖ ط وَذٰلِكَ

پوءِ خوش رهو پنهنجي واپار تي جو وڪڻيو اٿوَ اِهو، ۽ اها

هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿١١١﴾ اَلتَّآئِبُوْنَ الْعٰبِدُوْنَ

ئي ڪاميابي وڏي آهي. اهي توبه ڪندڙ آهن عبادت ڪندڙ

الْحٰمِدُوْنَ السَّآئِحُوْنَ الرّٰكِعُوْنَ السّٰجِدُوْنَ

شڪر ڪندڙ روزا رکندڙ رڪوع ڪندڙ سجدو ڪندڙ

الْاٰمِرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَالنَّاهُوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ

حڪم ڪندڙ چڱائي جو ۽ روڪيندڙ برائي کان

وَالْحٰفِظُوْنَ لِحُدُوْدِ اللّٰهِ ط وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٢﴾

۽ نگهباني ڪندڙ الله جي احڪام جي، ۽ خوشخبري ڏي ايمان وارن کي.

مَا كَانَ لِلنَّبِيِّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْ يَّسْتَغْفِرُوْا

ناهي اجازت نبيءَ کي ۽ مومنن کي جو معافي گهرن

لِلْمُشْرِكِيْنَ وَلَوْ كَانُوْٓا اُولِيْ قُرْبٰى مِنْ بَعْدِ مَا

مشرڪن لاءِ جيتوڻيڪ هجن مائٽ هن کان پوءِ جو

تَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُمْ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿۱۱۳﴾ وَمَا كَانَ
ظاهر ٿيو انهن لاءِ ته اهي دوزخي آهن. ۽ نه هئي
اسْتِغْفَارُ اِبْرٰهِيْمَ لِاَبِيْهِ اِلَّا عَنْ مَّوْعِدَةٍ وَّعَدَهَآ
بخشش گهرڻ ابراهيم جي پنهنجي پيءُ لاءِ مگر وعدي جي ڪري جو اهو ڪيو هئائين
اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهٗٓ اَنَّهٗ عَدُوٌّ لِّلّٰهِ تَبَرَّاَ مِنْهُ ۗ اِنَّ
ان سان، پوءِ جڏهن خبر پيس ته اهو دشمن آهي الله جو ته بيزار ٿيو انهيءَ کان بيشڪ
اِبْرٰهِيْمَ لَاَوَّاهٌ حَلِيْمٌ ﴿۱۱۴﴾ وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُضِلَّ
ابراهيم نرم دل سهپ وارو هو. ۽ الله اهڙو نه آهي جو گمراه ڪري
قَوْمًا بَعْدَ اِذْ هَدٰىهُمْ حَتّٰى يُبَيِّنَ لَهُمْ مَّا يَتَّقُوْنَ ۗ
ڪنهن قوم کي هن کان پوءِ جو هدايت ڪيائين انهن کي تان جو ٻڌائي انهن کي اهو جنهن کان پرهيز ڪن،
اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۱۱۵﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ
بيشڪ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. بيشڪ الله لاءِ ئي آهي بادشاهي
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۭ وَمَا لَكُمْ مِّنْ
آسمانن ۽ زمين جي، اهو جياري ٿو ۽ ماري ٿو، ۽ ناهي توهان لاءِ
دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿۱۱۶﴾ لَقَدْ تَّابَ اللّٰهُ
الله کان سواءِ ڪوئي دوست ۽ نڪو مددگار. يقينن الله مهربان ٿيو
عَلَى النَّبِيِّ وَالْمُهٰجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ
نبي ۽ مهاجرن ۽ انصار تي جن سات ڏنو انکي

فِيْ سَاعَةِ الْعُسْرَةِ مِنْۢ بَعْدِ مَا كَادَ يَزِيْغُ قُلُوْبُ

وقت ڏکئي ۾ هن کانپوءِ جو ڦري وڃڻ تي هيون دليون

فَرِيْقٍ مِّنْهُمْ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ ۭ اِنَّهٗ بِهِمْ رَءُوْفٌ

هڪ ٽولي جون انهن مان پوءِ مهربان ٿيو انهن تي، بيشڪ اهو انهن سان نرمي ڪندڙ

رَّحِيْمٌ ﴿١١٧﴾ وَّعَلَي الثَّلٰثَةِ الَّذِيْنَ خُلِّفُوْا ۭ حَتّٰٓي اِذَا

رحم وارو آهي ۽ انهن ٽن تي به جن کي پوئتي رکيو ويو، نيٺ جڏهن

ضَاقَتْ عَلَيْهِمُ الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ وَضَاقَتْ

تنگ ٿي انهن تي ڌرتي ويڪرائڻ هوندي ۽ سوڙها ٿيا

عَلَيْهِمْ اَنْفُسُهُمْ وَظَنُّوْٓا اَنْ لَّا مَلْجَاَ مِنَ اللّٰهِ اِلَّآ

انهن تي ساهه انهن جا ۽ ڀانيائون ته ناهي بچاءُ الله کان مگر

اِلَيْهِ ۭ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ لِيَتُوْبُوْا ۭ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ

انهيءَ ڏانهن، پوءِ ٻاجهه ڪيائين انهن تي جيئن توبه ڪن، بيشڪ الله توبه قبول ڪندڙ

الرَّحِيْمُ ﴿١١٨﴾ يٰٓاَيُّھَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَكُوْنُوْا ع ١٤ ٨ ٣

رحم وارو آهي. اي ايمان وارؤ! ڊڄو الله کان ۽ هجو

مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿١١٩﴾ مَا كَانَ لِاَهْلِ الْمَدِيْنَةِ وَ

گڏ سچن سان. نه جڳائي مدينې وارن لاءِ ۽

مَنْ حَوْلَهُمْ مِّنَ الْاَعْرَابِ اَنْ يَّتَخَلَّفُوْا عَنْ

جيڪي انهن جي چوڌاري بدوين آهن ته پوئتي رهن

رَّسُوْلِ اللّٰهِ وَلَا يَرْغَبُوْا بِاَنْفُسِهِمْ عَنْ نَّفْسِهٖ ؕ

رسول الله کان ۽ نہ زيادہ گھرن پنھنجي سِرن کي ان جي سِر کان،

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ لَا يُصِيْبُهُمْ ظَمَاٌ وَّلَا نَصَبٌ وَّ

اِھو ھن ڪري تہ نہ ٿي لڳي انھن کي ڪا اُڃ ۽ نہ ڪا ٿڪاوٽ ۽

لَا مَخْمَصَةٌ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا يَطَـُٔوْنَ مَوْطِئًا

نہ بُک الله جي راھ ۾ ۽ نہ ٿا لنگھن ڪنھن لڪ تان

يَّغِيْظُ الْكُفَّارَ وَلَا يَنَالُوْنَ مِنْ عَدُوٍّ نَّيْلًا اِلَّا كُتِبَ

جو ڪاوڙائي ٿو ڪافرن کي ۽ نہ ٿا لھن دشمن کان ڪا شيءِ مگر لکجي ٿو

لَهُمْ بِهٖ عَمَلٌ صَالِحٌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ

نھن لاءِ ان سان عمل صالح، بيشڪ الله نہ ٿو وڃائي ثواب

الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٢٠﴾ وَلَا يُنْفِقُوْنَ نَفَقَةً صَغِيْرَةً وَّ

ڀَلائي ڪندڙن جو. ۽ نہ ٿا خرچ ڪن ڪو خرچ ننڍو يا

لَا كَبِيْرَةً وَّلَا يَقْطَعُوْنَ وَادِيًا اِلَّا كُتِبَ لَهُمْ

وڏو ۽ نہ ٿا پار ڪن ڪا وادي مگر لکجي ٿو انھن لاءِ

لِيَجْزِيَهُمُ اللّٰهُ اَحْسَنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٢١﴾ وَ

جيئن بدلو ڏئي انھن کي الله بھتر ان کان جيڪو ڪم ڪن ٿا. ۽

مَا كَانَ الْمُؤْمِنُوْنَ لِيَنْفِرُوْا كَآفَّةً ؕ فَلَوْلَا نَفَرَ

- ھئو جو مسلمان نڪري پون سمورا، پوءِ ڇو نہ ٿو نڪري

مِنْ كُلِّ فِرْقَةٍ مِّنْهُمْ طَآئِفَةٌ لِّيَتَفَقَّهُوْا فِي

انهن جي هر قوم مان ڪو ٽولو جيئن علم حاصل ڪن

الدِّيْنِ وَلِيُنْذِرُوْا قَوْمَهُمْ اِذَا رَجَعُوْٓا اِلَيْهِمْ

دين جو ۽ ڊيجارين پنهنجي قوم کي جڏهن موٽي اچن انهن ڏانهن

لَعَلَّهُمْ يَحْذَرُوْنَ ﴿۱۲۲﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَاتِلُوا ع ۱۵ ۴ ۴

ته من اهي هوشيار ٿين. اي ايمان وارو! لڙو

الَّذِيْنَ يَلُوْنَكُمْ مِّنَ الْكُفَّارِ وَلْيَجِدُوْا فِيْكُمْ

انهن سان جيڪي ويجها آهن توهان کي ڪافر ۽ ڀَل لهن توهان ۾

غِلْظَةً ؕ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۲۳﴾ وَاِذَا الربع

سختي، ۽ ڄاڻو ته الله گڏ آهي پرهيزگارن سان. ۽ جڏهن

مَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ فَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ اَيُّكُمْ زَادَتْهُ

لاٿي ٿي ڪا سورت پوءِ انهن مان ڪي چون ٿا ڪنهن جو توهان مان وڌايو

هٰذِهٖٓ اِيْمَانًا ۚ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فَزَادَتْهُمْ اِيْمَانًا

هن سورت ايمان، پوءِ جن ماڻهن ايمان آندو ته وڌايائين انهن جو ايمان

وَّهُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿۱۲۴﴾ وَاَمَّا الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ

۽ اهي خوش ٿا ٿين. ۽ پوءِ جن جي دلين ۾

مَّرَضٌ فَزَادَتْهُمْ رِجْسًا اِلٰى رِجْسِهِمْ وَمَاتُوْا

مرض آهي پوءِ وڌايائين انهن لاءِ پليتي سندن پليتيءَ تي ۽ مري ويا

وَهُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿١٢٥﴾ اَوَلَا يَرَوْنَ اَنَّهُمْ يُفْتَنُوْنَ فِيْ

۽ اهي ڪافر هئا. ڇا نه ٿا ڏسن ته اهي مصيبت ۾ پون ٿا

كُلِّ عَامٍ مَّرَّةً اَوْ مَرَّتَيْنِ ثُمَّ لَا يَتُوْبُوْنَ وَلَا هُمْ

هر سال ۾ هڪ ڀيرو يا ٻه ڀيرا پوءِ به توبه نه ٿا ڪن ۽ نڪي اهي

يَذَّكَّرُوْنَ ﴿١٢٦﴾ وَاِذَا مَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ نَّظَرَ بَعْضُهُمْ

نصيحت ٿا پرائين. ۽ جڏهن لاهجي ٿي ڪا سورت نهارين ٿا هڪ

اِلٰى بَعْضٍ ؕ هَلْ يَرٰىكُمْ مِّنْ اَحَدٍ ثُمَّ انْصَرَفُوْا ؕ

ٻئي ڏانهن، ڇا توهان کي ڏسي ته ڪو نه ٿو ڪوئي؟ پوءِ هليا ٿا وڃن،

صَرَفَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ﴿١٢٧﴾

ڦيرايون الله دليون انهن جون هن ڪري ته اهي ماڻهو نه ٿا سمجهن.

لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا

بيشڪ آيو توهان وٽ رسول توهان منجهان ڏکي لڳي ٿي ان کي

عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢٨﴾

توهان جي تڪليف گهڻگهرو آهي توهان جو ايمان وارن سان نرمي ڪندڙ مهربان آهي.

فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُلْ حَسْبِيَ اللّٰهُ ۖ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ

پوءِ جيڪڏهن اهي منهن ڦيرين ته چئو ڪافي آهي الله، ناهي ڪوئي عبادت جي لائق انهي کانسواءِ،

عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿١٢٩﴾ ع ١٦ ٧ ٥

ان تي ڀروسو ڪيم ۽ اهوئي مالڪ عرش عظيم جو آهي.

سُورَةُ يُونُسَ مَكِّيَّةٌ وَهِيَ مِائَةٌ وَتِسْعُ آيَاتٍ وَإِحْدَى عَشَرَ رُكُوعًا

سورت يونس مڪي آهي ۽ هڪ سؤ نو آيتون ۽ يارهن رڪوع آهي.

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الٓرٰ ۚ تِلْكَ آيَاتُ الْكِتَابِ الْحَكِيمِ ① أَكَانَ لِلنَّاسِ

الرا، هي آيتون آهن ڪتاب حڪمت واري جون. ڇا ماڻهن کي

عَجَبًا أَنْ أَوْحَيْنَا إِلَىٰ رَجُلٍ مِنْهُمْ أَنْ أَنْذِرِ النَّاسَ

عجب آهي ته اسان حڪم موڪليو هڪ مرد ڏانهن انهن مان ته ڊيڄار ماڻهن کي

وَبَشِّرِ الَّذِينَ آمَنُوا أَنَّ لَهُمْ قَدَمَ صِدْقٍ عِنْدَ

۽ خوشخبري ڏي ايمان وارن کي ته انهن جو قدم سچائي جو آهي پهنجي

رَبِّهِمْ ۗ قَالَ الْكَافِرُونَ إِنَّ هَٰذَا لَسَاحِرٌ مُبِينٌ ②

رب وٽ، چيو ڪافرن ته هي جادوگر آهي پڌرو.

إِنَّ رَبَّكُمُ اللَّهُ الَّذِي خَلَقَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ

بيشڪ رب توهان جو الله آهي جنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي

فِي سِتَّةِ أَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوَىٰ عَلَى الْعَرْشِ ۖ يُدَبِّرُ

ڇهن ڏينهن ۾ پوءِ قرار ڪيائين تخت تي هلائي ٿو

الْأَمْرَ ۖ مَا مِنْ شَفِيعٍ إِلَّا مِنْ بَعْدِ إِذْنِهِ ۚ ذَٰلِكُمُ

حڪم کي، ناهي ڪوئي سفارش ڪندڙ مگر انجي اجازت کانپوءِ، اهو ٿو

اللّٰهُ رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٣﴾ اِلَيْهِ

الله پالڻهار توهان جو، پوءِ عبادت ڪريو انهيءَ جي، ڇا پوءِ نه ٿا ڌيان ڪريو. انهيءَ ڏانهن

مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا ؕ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّا ؕ اِنَّهٗ يَبْدَؤُا

موٽڻ آهي توهان سڀني جو، وعدو الله جو سچو آهي، اهو پيدا ڪري ٿو

الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

خلق کي پوءِ موٽائيندو ان کي جيئن بدلو ڏئي انهن کي جن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا

الصّٰلِحٰتِ بِالْقِسْطِ ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَهُمْ شَرَابٌ

چڱا انصاف وارو ۽ جن ڪفر ڪيو تن لاءِ آهي پاڻي

مِّنْ حَمِيْمٍ وَّعَذَابٌ اَلِيْمٌۢ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ﴿٤﴾

ٽهڪندڙ ۽ عذاب ڏکوئيندڙ جو اهي ڪفر ڪندا هئا.

هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ الشَّمْسَ ضِيَآءً وَّالْقَمَرَ نُوْرًا وَّ

هو آهي جنهن ڪيو سج کي چمڪدار ۽ چنڊ کي روشن ۽

قَدَّرَهٗ مَنَازِلَ لِتَعْلَمُوْا عَدَدَ السِّنِيْنَ وَالْحِسَابَ ؕ

مقرر ڪيائين ان لاءِ منزلون جيئن ڄاڻو توهان ڳاڻاٽو سالن جو ۽ ليکو ڪرڻ.

مَا خَلَقَ اللّٰهُ ذٰلِكَ اِلَّا بِالْحَقِّ ۚ يُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ

نه پيدا ڪيو الله اهو سڀ مگر حق سان، ظاهر ڪري ٿو نشانيون

لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿٥﴾ اِنَّ فِيْ اخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ

انهن ماڻهن لاءِ جيڪي سمجهن. بيشڪ ڦير گهير رات ۽ ڏينهن جي ۾

وَمَا خَلَقَ اللّٰهُ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ

۽ جيڪي پيدا ڪيو الله آسمانن ۽ زمين ۾ نشانيون آهن ماڻهن لاءِ

يَّتَّقُوْنَ ﴿٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا وَرَضُوْا

جيڪي ڊڄن. بيشڪ جيڪي نٿا اميد رکن اسان جي ملڻ جي ۽ خوش رهيا

بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَاطْمَاَنُّوْا بِهَا وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنْ

دنيا جي زندگي سان ۽ آرام پيا انهيءَ سان ۽ جيڪي اهي اسان جي

اٰيٰتِنَا غٰفِلُوْنَ ﴿٧﴾ اُولٰٓئِكَ مَاْوٰىهُمُ النَّارُ بِمَا كَانُوْا

آيتن کان غافل آهن. انهن لاءِ جاءِ رهڻ جي باهه آهي سندن

يَكْسِبُوْنَ ﴿٨﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

ڪرتوتن جي ڪري. بيشڪ جن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا

يَهْدِيْهِمْ رَبُّهُمْ بِاِيْمَانِهِمْ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ

رهنمائيندو انهن کي انهن جو رب سندن ايمان جي ڪري جنتي وهنديون هيٺان انهن جي

الْاَنْهٰرُ فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٩﴾ دَعْوٰىهُمْ فِيْهَا سُبْحٰنَكَ

واهيون باغن نعمت وارن ۾. دعا انهن جي انهي ۾ هيءَ ته پاڪ آهي تنهنجي ذات

اللّٰهُمَّ وَتَحِيَّتُهُمْ فِيْهَا سَلٰمٌ وَاٰخِرُ دَعْوٰىهُمْ اَنِ

اي الله ۽ ڪيڪار انهن جي آهي سلام، ۽ پڇاڙي انهن جي دعا جي هيءَ ته

الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠﴾ وَلَوْ يُعَجِّلُ اللّٰهُ

سڀ تعريفون الله لاءِ جو پالڻهار جهانن جو آهي. ۽ جيڪڏهن جلدي ڪري ها الله

لِلنَّاسِ الشَّرَّ اسْتِعْجَالَهُمْ بِالْخَيْرِ لَقُضِيَ إِلَيْهِمْ

ماڻهن کي برائي انهن جي تڪڙي ڀلائي گهرڻ وانگر تہ پوري ڪئي وڃي ها

أَجَلُهُمْ ۖ فَنَذَرُ الَّذِينَ لَا يَرْجُونَ لِقَاءَنَا فِي

انهن جي مدت، پوءِ ڇڏيون ٿا انهن کي جيڪي نہ ٿا اميد رکن اسان سان ملڻ جي

طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُونَ ﴿١١﴾ وَإِذَا مَسَّ الْإِنْسَانَ

پنهنجي شرارت ۾ ٿاپا پيا کائين. ۽ جڏهن پهچي ٿي انسان کي

الضُّرُّ دَعَانَا لِجَنْبِهِ أَوْ قَاعِدًا أَوْ قَائِمًا ۚ فَلَمَّا

تڪليف تہ سڏي ٿو اسان کي پنهنجي پاسي پر يا ويٺي يا بيٺي، پوءِ جڏهن

كَشَفْنَا عَنْهُ ضُرَّهُ مَرَّ كَأَنْ لَمْ يَدْعُنَا إِلَىٰ ضُرٍّ

ٽاريون ٿا ان کان سندس مصيبت لنگهي ٿو ڄڻڪ سڏيوئي نہ هئائين اسان کي مصيبت ڏانهن

مَسَّهُ ۚ كَذَٰلِكَ زُيِّنَ لِلْمُسْرِفِينَ مَا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿١٢﴾

جا پهتي هئي ان کي، اهڙي طرح سينگاريو ويو حد ٽپندڙن لاءِ جيڪي جو اهي ڪن ٿا.

وَلَقَدْ أَهْلَكْنَا الْقُرُونَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَمَّا ظَلَمُوا ۙ

۽ ظاهر کي سڀ کان وڏو آهي مٿاهون آهي. برابر آهي ان وٽ جيڪو توهان مان

أَسَرَّ الْقَوْلَ وَمَنْ جَهَرَ بِهِ وَمَنْ هُوَ مُسْتَخْفٍ

لڪائي ڳالهه کي ۽ جيڪو ذاڏيان چوي ان کي ۽ جيڪو ڇُپي پوندڙ آهي

بِاللَّيْلِ وَسَارِبٌ بِالنَّهَارِ ۝١٠ لَهُ مُعَقِّبَاتٌ مِنْ

رات ۾ ۽ هلندڙ آهي ڏينهن ۾. انهيءَ لاءِ واري تي ايندڙ آهن

بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهِ يَحْفَظُونَهُ مِنْ أَمْرِ اللَّهِ ۗ

سندس اڳيان ۽ سندس پٺيان جيڪي حفاظت ڪن ٿا ان جي الله جي حڪم سان،

إِنَّ اللّٰهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا

بيشڪ الله نه ٿو ڦيرائي حالت ڪنهن قوم جي جيستائين اهي نه ڦيرائن حالت

بِاَنْفُسِهِمْ ۭ وَاِذَآ اَرَادَ اللّٰهُ بِقَوْمٍ سُوْۗءًا فَلَا مَرَدَّ لَهٗ ۚ

پنهنجي ، ۽ جڏهن گهري ٿو الله ڪنهن قوم لاءِ عذاب ته ناهي ڪوئي هٽائيندڙ ان کي

وَمَا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّالٍ ⑪ هُوَ الَّذِيْ يُرِيْكُمُ

۽ ناهي انهن لاءِ ان کان سواءِ ڪوئي مددگار. اهو ئي آهي جو ڏيکاري ٿو توهان کي

الْبَرْقَ خَوْفًا وَّطَمَعًا وَّيُنْشِئُ السَّحَابَ الثِّقَالَ ⑫

ڪنوڻ . خوف ۽ اميد لاءِ ۽ اٿاري ٿو ڪڪر ڳرا .

وَيُسَبِّحُ الرَّعْدُ بِحَمْدِهٖ وَالْمَلٰۗىِٕكَةُ مِنْ خِيْفَتِهٖ ۚ

۽ سبحان پڙهي ٿو رعد سندس حمد سان ۽ پيا ملائڪ به سندس ڀوءُ کان ،

وَيُرْسِلُ الصَّوَاعِقَ فَيُصِيْبُ بِهَا مَنْ يَّشَاۗءُ

۽ موڪلي ٿو وڄون پوءِ ڪيرائي ٿو اهي جنهن تي گهري

وَهُمْ يُجَادِلُوْنَ فِي اللّٰهِ ۚ وَهُوَ شَدِيْدُ الْمِحَالِ ⑬

۽ اهي جهڳڙو پيا ڪن الله جي شان ۾، حالانڪ اهو سخت پڪڙ وارو آهي.

لَهٗ دَعْوَةُ الْحَقِّ ۭ وَالَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ

انهيءَ کي آهي سڏڻ حق جو، ۽ اهي جيڪي سڏين ٿا ٻين کي

لَا يَسْتَجِيْبُوْنَ لَهُمْ بِشَيْءٍ اِلَّا كَبَاسِطِ كَفَّيْهِ

نه ٿا ورنائين انهن کي ڪجهه به مگر جهڙو ڪوئي ڊگهاري ٻئي هٿ پنهنجا

إِلَى الْمَاءِ لِيَبْلُغَ فَاهُ وَمَا هُوَ بِبَالِغِهِ ۚ وَمَا دُعَاءُ

پاڻيءَ ڏي جيئن پهچي سندس وات ۾ ۽ نه آهي اهو پهچندڙ انکي، ۽ سڏ

الْكَافِرِينَ إِلَّا فِي ضَلَالٍ ﴿١٤﴾ وَلِلَّهِ يَسْجُدُ مَنْ فِي

ڪافرن جو رڳو ضايع آهي، ۽ الله کي سجدو ڪن ٿا جيڪي

السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ طَوْعًا وَكَرْهًا وَظِلَالُهُمْ

آسمانن ۽ زمين ۾ آهن خوشي ۽ ناخوشي ۽ انهن جا پاڇا بہ

السجدة

بِالْغُدُوِّ وَالْآصَالِ ﴿١٥﴾ قُلْ مَنْ رَبُّ السَّمَاوَاتِ

صبح ۽ شام جو . چؤ ڪير آهي پاليندڙ آسمانن

وَالْأَرْضِ قُلِ اللَّهُ ۚ قُلْ أَفَاتَّخَذْتُمْ مِنْ دُونِهِ

۽ زمين جو ، تون چؤ الله آهي، چؤ ڇا پوءِ توهان ورتا بين کي

أَوْلِيَاءَ لَا يَمْلِكُونَ لِأَنْفُسِهِمْ نَفْعًا وَلَا ضَرًّا ۚ

مددگار جو نہ آهن مالڪ پنهنجي سر لاءِ نفعي جا ۽ نہ ڪي نقصان جا ،

قُلْ هَلْ يَسْتَوِي الْأَعْمَىٰ وَالْبَصِيرُ أَمْ هَلْ

چؤ ڇا برابر آهي انڌو ۽ سڄو يا ڇا

تَسْتَوِي الظُّلُمَاتُ وَالنُّورُ ۗ أَمْ جَعَلُوا لِلَّهِ شُرَكَاءَ

برابر آهي اونداهه ۽ سوجهرو، يا ڪيا اٿن الله لاءِ اهڙا شريڪ

خَلَقُوا كَخَلْقِهِ فَتَشَابَهَ الْخَلْقُ عَلَيْهِمْ ۚ قُلِ

جن خلقيو هجي انجي خلقڻ وانگر پوءِ گڏجي پئي اُها مخلوق انهن تي ، چؤ

اللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ وَّهُوَ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿١٦﴾

الله ئي پيدا ڪندڙ هر شيءِ جو آهي ۽ اهو ئي اڪيلو قبضو ڪندڙ آهي.

اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَالَتْ اَوْدِيَةٌۢ بِقَدَرِهَا

لاٿائين آسمان مان پاڻي پوءِ وهي هليون نئيون پنهنجي قدر آهر

فَاحْتَمَلَ السَّيْلُ زَبَدًا رَّابِيًا ؕ وَمِمَّا يُوْقِدُوْنَ

پوءِ کنيو ڇير (پهير) گج اُڀرندڙ کي ۽ انهيءَ مان جو ٻرڪائن ٿا

عَلَيْهِ فِى النَّارِ ابْتِغَآءَ حِلْيَةٍ اَوْ مَتَاعٍ زَبَدٌ مِّثْلُهٗ ؕ

ان کي باهه ۾ ناهڻ زيورن يا سامان لاءِ گج اُڀري ٿي ان جهڙي.

كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْحَقَّ وَالْبَاطِلَ ؕ۬ فَاَمَّا الزَّبَدُ

اهڙي طرح مثال ڏئي ٿو الله حق ۽ باطل جو. پوءِ گج

فَيَذْهَبُ جُفَآءً ۚ وَاَمَّا مَا يَنْفَعُ النَّاسَ فَيَمْكُثُ

ته وڃي ٿي سُڪي. پر جا شيءِ فائدو ڏئي ٿي ماڻهن کي سا رهي ٿي

فِى الْاَرْضِ ؕ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ ﴿١٧﴾

ڌرتي ۾، اهڙي طرح بيان ڪري ٿو الله مثالن کي.

لِلَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِرَبِّهِمُ الْحُسْنٰى ؕ وَالَّذِيْنَ

انهن لاءِ جن جيءُ چيو پنهنجي رب کي ڀلائي آهي ۽ جن

لَمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَهٗ لَوْ اَنَّ لَهُمْ مَّا فِى الْاَرْضِ جَمِيْعًا

نه حڪم مڃيو ان جو جيڪر هجي انهن کي جيڪي زمين ۾ آهي سمورو

وَّمِثْلَهٗ مَعَهٗ لَافْتَدَوْا بِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ سُوْٓءُ

۽ اوترو ٻيو به ان سان گڏ ته عوض ۾ ڏيئي ڇڏين ائين. انهن ماڻهن لاءِ آهي
برو

الْحِسَابِ ۙ وَمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿١٨﴾

حساب ۽ جاءِ انهن جي دوزخ آهي، ۽ اهو بڇڙو هنڌ آهي.

اَفَمَنْ يَّعْلَمُ اَنَّمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ الْحَقُّ

ڇا پوءِ جو ماڻهو سمجهي ٿو ته جيڪي لاٿو ويو تو ڏانهن تنهنجي رب کان
حق آهي

كَمَنْ هُوَ اَعْمٰى ؕ اِنَّمَا يَتَذَكَّرُ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿١٩﴾

اهو ان جهڙو آهي جو انڌو هجي، رڳو نصيحت وٺندا عقل وارا.

الَّذِيْنَ يُوْفُوْنَ بِعَهْدِ اللّٰهِ وَلَا يَنْقُضُوْنَ

جيڪي پورو ڪن ٿا قول الله سان ۽ نه ٿا ڀڃن

الْمِيْثَاقَ ﴿٢٠﴾ وَالَّذِيْنَ يَصِلُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ

واعدو. ۽ اهي جيڪي ڳنڍين ٿا انڪي جو حڪم ڪيو الله ان جي

اَنْ يُّوْصَلَ وَيَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ وَيَخَافُوْنَ سُوْٓءَ

ڳنڍڻ جو ۽ ڊڄن ٿا پنهنجي رب کان ۽ خوف ڪن ٿا خراب

الْحِسَابِ ﴿٢١﴾ وَالَّذِيْنَ صَبَرُوا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِمْ

حساب جو. ۽ اهي جن صبر ڪيو طلب ڪرڻ خاطر رضا پنهنجي رب جي

وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْفَقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّ

۽ قائم ڪيائون نماز کي ۽ خرچ ڪيائون انهي مان جيڪي اسان ان کي ڏنو ۽ لڪائي

عَلَانِيَةً وَّيَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ اُولٰٓئِكَ

ظاهر ڪري ۽ ٽارين ٿا چڱائي سان بڇڙائي کي اهي ئي آهن

لَهُمْ عُقْبَى الدَّارِ ﴿٢٢﴾ جَنّٰتُ عَدْنٍ يَّدْخُلُوْنَهَا وَ

جن لاءِ آهي آخرت واري جاءِ. باغ رهڻ جا اهي داخل ٿيندا انهن ۾ ۽

مَنْ صَلَحَ مِنْ اٰبَآئِهِمْ وَاَزْوَاجِهِمْ وَذُرِّيّٰتِهِمْ وَ

جيڪي صالح ٿيا انهن جي ابن ڏاڏن ۽ انهن جي زالن ۽ انهن جي اولادن ۽

الْمَلٰٓئِكَةُ يَدْخُلُوْنَ عَلَيْهِمْ مِّنْ كُلِّ بَابٍ ﴿٢٣﴾

ملائڪ ايندا انهن وٽ هر دروازي کان.

سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ بِمَا صَبَرْتُمْ فَنِعْمَ عُقْبَى الدَّارِ ﴿٢٤﴾

چوندا سلام آهي توهان تي جو صبر ڪيو هو توهان پوءِ ڀلي آهي آخري جاءِ.

وَالَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ

۽ جيڪي ماڻهو ڀڃن ٿا قول الله جو ان جي پڪي ڪرڻ کانپوءِ

وَيَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَ

۽ ڇنن ٿا ان کي جنهن لاءِ حڪم ڪيو الله ڳنڍڻ جو ۽

يُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ اُولٰٓئِكَ لَهُمُ اللَّعْنَةُ وَ

بگيڙو ٿا ڪن ملڪ ۾ انهن لاءِ ئي آهي ڦٽڪار ۽

لَهُمْ سُوْٓءُ الدَّارِ ﴿٢٥﴾ اَللّٰهُ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ

انهن لاءِ آهي بڇڙي جاءِ. الله ڪشادو ڪري ٿو رزق جنهن جو گهري

وَيَقْدِرُ ۭ وَفَرِحُوْا بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۭ وَمَا الْحَيٰوةُ

۽ تنگ ڪري ٿو، ۽ اهي خوش ٿيا دنيا جي حياتي تي، ۽ نه آهي حياتي

الدُّنْيَا فِي الْاٰخِرَةِ اِلَّا مَتَاعٌ ۝٢٦ وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ

دنيا جي آخرت جي مقابلي ۾ مگر ٿورو سامان - ۽ چون ٿا اهي جن

كَفَرُوْا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ۭ قُلْ اِنَّ

ڪفر ڪيو ڇو نه نازل ڪئي وئي ان تي ڪا نشاني سندس رب کان، تون چؤ

٣ ع ٨ ٩ اللّٰهَ يُضِلُّ مَنْ يَّشَاۗءُ وَيَهْدِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ اَنَابَ ۝٢٧

الله گمراهه ڪري ٿو جنهن کي گهري ٿو ۽ هدايت ڪندو آهي پاڻ ڏانهن انکي جيڪو موٽي اچي.

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَتَطْمَىِٕنُّ قُلُوْبُهُمْ بِذِكْرِ اللّٰهِ ۭ اَلَا

اهي جن ايمان آندو ۽ قرار ٿيون وٺن دليون انهن جون الله جي ذڪر سان، خبردار

بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَىِٕنُّ الْقُلُوْبُ ۝٢٨ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ

الله جي ذڪر سان قرار وٺنديون آهن دليون. اهي جن ايمان آندو ۽

عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ طُوْبٰى لَهُمْ وَحُسْنُ مَاٰبٍ ۝٢٩

ڪيائون چڱا ڪم طوبيٰ آهي انهن لاءِ ۽ سٺي رهائش.

كَذٰلِكَ اَرْسَلْنٰكَ فِيْٓ اُمَّةٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهَآ

اهڙي طرح موڪليوسون توکي هڪ اُمت ۾ گذري ويون آهن ان کان اڳ ۾

اُمَمٌ لِّتَتْلُوَا۟ عَلَيْهِمُ الَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ وَهُمْ

گهڻيون امتون جيئن تون پڙهين انهن تي جيڪو وحي ڪيوسون توڏانهن ۽ اهي

يَكْفُرُوْنَ بِالرَّحْمٰنِ ؕ قُلْ هُوَ رَبِّيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ

انڪار ٿا ڪن رحمان جو، چؤ ته اهو منهنجو رب آهي ناهي ڪو ٻيو عبادت جي لائق ان کانسواءِ،

عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَاِلَيْهِ مَتَابِ ﴿٣٠﴾ وَلَوْ اَنَّ قُرْاٰنًا سُيِّرَتْ

انهيءَ تي ڀروسو ڪيم ۽ انهيءَ ڏانهن ئي موٽڻو اٿم ۽ جيڪڏهن هجي قرآن اهڙو جو هلائجن

بِهِ الْجِبَالُ اَوْ قُطِّعَتْ بِهِ الْاَرْضُ اَوْ كُلِّمَ بِهِ

انهي سان پهاڙ يا ڪپجي ان سان ڌرتي يا ڳالهرائجي ان سان

الْمَوْتٰى ؕ بَلْ لِّلّٰهِ الْاَمْرُ جَمِيْعًا ؕ اَفَلَمْ يَايْـَٔسِ

مُڙدن کي، بلڪ الله لاءِ ئي آهي اختيار سڀ ڇا پوءِ مايوس نه ٿيا آهن

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْ لَّوْ يَشَآءُ اللّٰهُ لَهَدَى النَّاسَ

مومن (ڪافرن کان) جيڪڏهن گهري ها الله ته راهه ڏيکاري ها ماڻهن

جَمِيْعًا ؕ وَلَا يَزَالُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا تُصِيْبُهُمْ بِمَا

سڀني کي، ۽ هميشه ڪافرن کي پهچندو رهندو سندن

صَنَعُوْا قَارِعَةٌ اَوْ تَحُلُّ قَرِيْبًا مِّنْ دَارِهِمْ حَتّٰى

ڪئي سبب کڙڪو حادثو يا لهندو ويجهو انهن جي گهر کان جيستائين

يَاْتِيَ وَعْدُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ﴿٣١﴾ ع

اچي الله جو واعدو، بيشڪ الله نه ڦيرائيندو آهي وعدي کي.

وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَاَمْلَيْتُ

۽ مسخري ڪئي وئي هئي رسولن سان توکان اڳ ۾ پوءِ مون ڍر ڏني

لِلَّذِينَ كَفَرُوا ثُمَّ أَخَذْتُهُمْ ۖ فَكَيْفَ كَانَ

انھن کي جن ڪفر ڪيو پوءِ وٺ ڪيم انھن کي، پوءِ ڪيئن ھئو

عِقَابِ ﴿٣٢﴾ أَفَمَنْ هُوَ قَائِمٌ عَلَىٰ كُلِّ نَفْسٍ بِمَا

منھنجو عذاب. ڪيئن ٿا پايو جيڪو خبر رکندڙ ھجي ھر شخص تي سندس

كَسَبَتْ ۗ وَجَعَلُوا لِلَّهِ شُرَكَاءَ قُلْ سَمُّوهُمْ ۚ أَمْ

ڪم جي، ھوڏانھن انھن ٺاپا آھن الله لاءِ شريڪ، چؤ تہ نالا ڏيو انھن جا. يا

تُنَبِّئُونَهُ بِمَا لَا يَعْلَمُ فِي الْأَرْضِ أَمْ بِظَاهِرٍ مِنَ

توھان ٻڌايو ٿا الله کي جا اھو نٿو ڄاڻي زمين ۾ يا ڪريو ٿا ڪا مٿاڇري

الْقَوْلِ ۗ بَلْ زُيِّنَ لِلَّذِينَ كَفَرُوا مَكْرُهُمْ وَصُدُّوا

ڳالھ، ڪجھ ناھي سينگاري آيو آھي ڪافرن تي سندن مڪر ۽ روڪجي ويا

عَنِ السَّبِيلِ ۗ وَمَنْ يُضْلِلِ اللَّهُ فَمَا لَهُ مِنْ

الله جي راھ کان، ۽ جنھن کي گمراھ ڪري الله پوءِ ناھي انھيءَ لاءِ ڪو

هَادٍ ﴿٣٣﴾ لَهُمْ عَذَابٌ فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا ۖ وَلَعَذَابُ

رھبر. انھن تي عذاب آھي دنيا جي حياتيءَ ۾ ۽ عذاب

الْآخِرَةِ أَشَقُّ ۖ وَمَا لَهُمْ مِنَ اللَّهِ مِنْ وَاقٍ ﴿٣٤﴾

آخرت جو زور سخت آھي ۽ ناھي انھن کي الله کان ڪوئي بچائيندڙ.

مَثَلُ الْجَنَّةِ الَّتِي وُعِدَ الْمُتَّقُونَ ۖ تَجْرِي مِنْ

بيان جنت جو جنھنجو وعدو ڪيل آھي پرھيزگارن سان، تہ وھنديون

تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ اُكُلُهَا دَآئِمٌ وَّظِلُّهَا ؕ تِلْكَ عُقْبَى

ان جي هيٺان نهرون، ان جو ميوو ۽ ان کٽ آهي ۽ ان جو ڇانو به، اها آهي پڇاڙي

الَّذِيْنَ اتَّقَوْا ۖ وَّعُقْبَى الْكٰفِرِيْنَ النَّارُ ﴿٣٥﴾ وَ

پرهيزگارن جي، ۽ پڇاڙي ڪافرن جي آهي باهه. ۽

الَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَفْرَحُوْنَ بِمَاۤ اُنْزِلَ اِلَيْكَ

جن کي ڏنوسون ڪتاب خوش ٿا ٿين انهيءَ سان جو نازل ڪيو ويو تو ڏانهن

وَمِنَ الْاَحْزَابِ مَنْ يُّنْكِرُ بَعْضَهٗ ؕ قُلْ اِنَّمَاۤ

آهي ۽ ڪي ٽولا آهن جي نه ٿا مڃين ڪجهه ان جو، چئو ته

اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ اللّٰهَ وَلَاۤ اُشْرِكَ بِهٖ ؕ اِلَيْهِ اَدْعُوْا

مون کي حڪم آهي ته عبادت ڪريان الله جي ۽ نه شريڪ ڪريان ان سان، انهيءَ ڏانهن سڏيان ٿو

وَاِلَيْهِ مَاٰبِ ﴿٣٦﴾ وَكَذٰلِكَ اَنْزَلْنٰهُ حُكْمًا عَرَبِيًّا ؕ

۽ انهيءَ ڏانهن آهي موٽڻو اٿم. ۽ اهڙي طرح نازل ڪيوسون انکي حڪم ڪري عربي ۾،

وَلَئِنِ اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَهُمْ بَعْدَ مَا جَآءَكَ مِنَ

۽ جيڪڏهن تون هلندين انهن جي مرضيءَ تي ان کانپوءِ جو آيو تو وٽ

الْعِلْمِ ۙ مَا لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا وَاقٍ ﴿٣٧﴾ وَ ع ٥ ١١

علم ته نه هوندو تنهنجي لاءِ الله کان ڪوئي مددگار ۽ نڪي بچائيندڙ. ۽

لَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلًا مِّنْ قَبْلِكَ وَجَعَلْنَا لَهُمْ

اسان موڪليا آهن رسول توکان اڳ ۾ ۽ اسان ڏنيون انهن کي

اَزْوَاجًا وَّ ذُرِّيَّةً ۭ وَمَا كَانَ لِرَسُوْلٍ اَنْ يَّاْتِيَ بِاٰيَةٍ

زالون ۽ اولاد ۽ نه ٿيو آهي ڪنهن رسول کان جو آڻي ڪا آيت

اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ لِكُلِّ اَجَلٍ كِتَابٌ ﴿٣٨﴾ يَمْحُوا اللّٰهُ مَا

مگر الله جي اذن سان، هر مقرر وقت لاءِ لکت آهي. ميساريندو آهي الله جيڪي

يَشَاۗءُ وَيُثْبِتُ ښ وَعِنْدَهٗٓ اُمُّ الْكِتٰبِ ﴿٣٩﴾ وَاِنْ

گهري ۽ ثابت رکندو آهي، ۽ انهيءَ وٽ آهي اصل دفتر. ۽ جيڪڏهن

مَّا نُرِيَنَّكَ بَعْضَ الَّذِيْ نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ

ڏيکاريون توکي ڪجهه ان مان جنهنجو وعدو ڪريون ٿا انهن سان يا فوت ڪريون توکي

فَاِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ وَعَلَيْنَا الْحِسَابُ ﴿٤٠﴾

پوءِ رڳو تو تي حڪم پهچائڻ آهي ۽ اسان تي حساب وٺڻ آهي.

اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا نَاْتِي الْاَرْضَ نَنْقُصُهَا مِنْ اَطْرَافِهَا ۭ

ڇا نه ٿا ڏسن ته اسين اچون ٿا زمين کي گهٽائيندا ان جي پاسن کان.

وَاللّٰهُ يَحْكُمُ لَا مُعَقِّبَ لِحُكْمِهٖ ۭ وَهُوَ سَرِيْعُ

۽ الله حڪم ٿو ڏئي ناهي ڪوئي هٽائيندڙ انجي حڪم کي، ۽ اهو سگهو وٺندڙ آهي

الْحِسَابِ ﴿٤١﴾ وَقَدْ مَكَرَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَلِلّٰهِ

حساب. ۽ پڪ فريب ڪيو هو انهن کان اڳين پوءِ الله جي وس آهي

الْمَكْرُ جَمِيْعًا ۭ يَعْلَمُ مَا تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ ۭ وَ

مڪر سمورو، اهو ڄاڻي ٿو جيڪي ڪري ٿو هر انسان، ۽

سَيَعۡلَمُ الۡكُفّٰرُ لِمَنۡ عُقۡبَى الدَّارِ ﴿۴۲﴾ وَيَقُوۡلُ الَّذِيۡنَ

جلد ڄاڻندا ڪافر تہ ڪنهن جي لاءِ آخرت جو گهر آهي. ۽ چون ٿا آهي جن

كَفَرُوۡا لَسۡتَ مُرۡسَلًا ؕ قُلۡ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيۡدًۢا

ڪفر ڪيو تہ ناهين تون رسول. چؤ الله شاهد ڪافي آهي

بَيۡنِىۡ وَبَيۡنَكُمۡ ۙ وَمَنۡ عِنۡدَهٗ عِلۡمُ الۡكِتٰبِ ﴿۴۳﴾ ع ۶ ۱۲

منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ اُهي بہ جن وٽ آهي علم ڪتاب جو.

سُوۡرَةُ اِبۡرٰهِيۡمَ مَكِّيَّةٌ وَّهِىَ اِثۡنَتَانِ وَخَمۡسُوۡنَ اٰيَةً وَّسَبۡعُ رُكُوۡعَاتٍ

سورة ابراهيم مڪي آهي ۽ اها ٻاونجاهہ آيتون ۽ ست رڪوع آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الٓرٰ كِتٰبٌ اَنۡزَلۡنٰهُ اِلَيۡكَ لِتُخۡرِجَ النَّاسَ مِنَ

الرا. هي ڪتاب آهي جو لاٿوسون انکي توڏانهن جيئن تون ڪڍين ماڻهن کي

الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوۡرِ ۙ بِاِذۡنِ رَبِّهِمۡ اِلٰى صِرَاطِ

اونداهين مان نور ڏانهن سندن رب جي حڪم سان طرف رستي

الۡعَزِيۡزِ الۡحَمِيۡدِ ۙ ﴿۱﴾ اللّٰهِ الَّذِىۡ لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ

انهيءَ زبردست ساراهيل. الله جي اهو جنهن لاءِ آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي

وَمَا فِى الۡاَرۡضِ ؕ وَوَيۡلٌ لِّلۡكٰفِرِيۡنَ مِنۡ عَذَابٍ

۽ جيڪي زمين ۾ آهي. ۽ خواري آهي ڪافرن لاءِ عذاب

شَدِيْدِ ۙ﴿۲﴾ الَّذِيْنَ يَسْتَحِبُّوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا

سخت ڪان. جيڪي پسند ڪن ٿا دنيا جي حياتيءَ کي

عَلَى الْاٰخِرَةِ وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ

آخرت تي ۽ روڪين ٿا الله جي راهه کان ۽

يَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ؕ اُولٰٓئِكَ فِيْ ضَلٰلٍۭ بَعِيْدٍ ﴿۳﴾

گهرن ٿا ان ۾ ونگ، اهي آهن گمراهي پرانهينءَ ۾.

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا بِلِسَانِ قَوْمِهٖ

۽ نه موڪليوسون ڪوئي رسول مگر ① ٻولي ڳالهائيندڙ پنهنجي قوم جي

لِيُبَيِّنَ لَهُمْ ؕ فَيُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ

ته سمجهائي انهنکي، پوءِ گمراهه ڪري ٿو الله جنهنکي گهري ۽ هدايت ڪري ٿو

مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۴﴾ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا

جنهنکي گهري، ۽ اهو زبردست آهي حڪيم آهي. ۽ بيشڪ موڪليوسون

مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ اَنْ اَخْرِجْ قَوْمَكَ مِنَ الظُّلُمٰتِ

موسىٰ کي پنهنجين نشانين سان ته ڪڍ پنهنجي قوم کي اونداهين مان

اِلَى النُّوْرِ ۙ وَذَكِّرْهُمْ بِاَيّٰىمِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ

نور ڏانهن، ۽ ياد ڏيار انهن کي ڏينهن الله جا، يقينا ان ۾

لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿۵﴾ وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى

نشانيون آهن هر صبر ڪندڙ شڪرگذار لاءِ. ۽ جنهن وقت چيو موسىٰ

لِقَوْمِهِ اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ اَنْجٰىكُمْ

پنهنجي قوم کي ياد ڪريو نعمت الله جي پنهنجي مٿان جڏهن ڇڏايائين توهانکي

مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ وَ

فرعون وارن کان جيڪي ڏين پيا توهان کي بڇڙو عذاب ۽

يُذَبِّحُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَيَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ۭ وَفِيْ

ڪهن پيا توهان جي پٽن کي ۽ جيئرو ڇڏين پيا توهانجي عورتن کي، ۽

ذٰلِكُمْ بَلَاۗءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ۝٦ وَاِذْ تَاَذَّنَ ع

ان ۾ توهان لاءِ وڏي مدد هئي توهان جي رب کان. ۽ جڏهن اعلان ڪيو

رَبُّكُمْ لَىِٕنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِيْدَنَّكُمْ وَلَىِٕنْ كَفَرْتُمْ

اوهانجي رب جيڪڏهن شڪر ڪندؤ ته وڌائيندس اوهانکي ۽ جي بي شڪري ڪندؤ

اِنَّ عَذَابِيْ لَشَدِيْدٌ ۝٧ وَقَالَ مُوْسٰٓى اِنْ تَكْفُرُوْٓا

ته منهنجو عذاب سخت آهي. ۽ چيو موسىٰ جيڪڏهن ڪفر ڪندؤ

اَنْتُمْ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۙ فَاِنَّ اللّٰهَ لَغَنِيٌّ

توهان ۽ جيڪي به زمين ۾ آهن سمورا پوءِ بيشڪ الله بي پرواهه آهي

حَمِيْدٌ ۝٨ اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ

ساراهيل آهي. ڇا نه آئي توهان وٽ خبر انهن جي جيڪي توهان کان اڳ هئا

قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوْدَ ڛ وَالَّذِيْنَ مِنْ بَعْدِهِمْ

قوم نوح ۽ عاد ۽ ثمود جي، ۽ جيڪي انهن کان پوءِ هئا،

نصف عند المتقدمين ١٢

Al - Qura'n Al-Kareen By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

لَا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا اللّٰهُ ۭ جَاۗءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ

نه ٿو ڄاڻي ڪوئي انهن کي الله ڪانسواءِ، آيا انهن وٽ رسول انهن جا نشانين سان

فَرَدُّوْٓا اَيْدِيَهُمْ فِيْٓ اَفْوَاهِهِمْ وَقَالُوْٓا اِنَّا كَفَرْنَا

پوءِ ورايائون پنهنجا هٿ پنهنجي واتن ۾ ۽ چيائون اسين انڪار ٿا ڪريون

بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ وَاِنَّا لَفِيْ شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُوْنَنَآ

انهيءَ جنهن سان توهان کي موڪليو ويو آهي ۽ اسين شڪ ۾ آهيون ان کان سڏيو ٿا اسان کي

اِلَيْهِ مُرِيْبٍ ⑨ قَالَتْ رُسُلُهُمْ اَفِي اللّٰهِ شَكٌّ

جنهن ڏانهن شڪ پريشان ڪندڙ ۾. چيو انهن جي رسولن ڇا الله ۾ شڪ آهي

فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ يَدْعُوْكُمْ لِيَغْفِرَ لَكُمْ

جو پيدا ڪندڙ آهي آسمانن ۽ زمين جو، اهو سڏي ٿو توهان کي ته بخشي توهان کي

مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَيُؤَخِّرَكُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ۭ قَالُوْٓا

توهان جا گناهه ۽ دير ڏئي توهان کي وقت مقرر تائين، چيائون

اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ۭ تُرِيْدُوْنَ اَنْ تَصُدُّوْنَا

نه آهيو توهين مگر آدمي اسان جهڙا، توهان گهرو ٿا اسان کي روڪڻ

عَمَّا كَانَ يَعْبُدُ اٰبَاۗؤُنَا فَاْتُوْنَا بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ⑩

انهن کان جنکي پوڄيندا هئا ابا ڏاڏا اسان جا پوءِ آڻيو اسان وٽ ڪو ثبوت پڌرو.

قَالَتْ لَهُمْ رُسُلُهُمْ اِنْ نَّحْنُ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ

چيو انهن کي سندن رسولن ڪونه آهيون اسان مگر ماڻهو توهان جهڙا

وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَمُنُّ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَمَا

پر الله مهرباني ڪري ٿو جنهن تي گهري پنهنجي ٻانهن مان، ۽ ناهي

كَانَ لَنَآ اَنْ نَّاْتِيَكُمْ بِسُلْطٰنٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَ

اسان لاءِ جو آڻيون توهان وٽ ڪو ثبوت سواءِ حڪم الله جي ۽

عَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۱﴾ وَمَا لَنَآ اَلَّا

الله تي ئي ڀل ڀروسو ڪن ايمان وارا. ۽ ڇا ٿيو آهي اسانکي جو نه

نَتَوَكَّلَ عَلَى اللّٰهِ وَقَدْ هَدٰىنَا سُبُلَنَا ؕ وَلَنَصْبِرَنَّ

ڀروسو ڪريون الله تي حالانڪ (تحقيق) ڏيکاريا آهن اسانکي اسانجا رستا، ۽ اسين ضرور سهنداسون

عَلٰى مَآ اٰذَيْتُمُوْنَا ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُتَوَكِّلُوْنَ ﴿۱۲﴾

جا تڪليف ڏني توهان اسانکي، ۽ الله تي ئي ڀل ڀروسو ڪن ڀروسي ڪندڙ.

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِرُسُلِهِمْ لَنُخْرِجَنَّكُمْ مِّنْ

۽ چيو ڪافرن پنهنجن رسولن کي ته ضرور ڪڍنداسون توهان کي

اَرْضِنَآ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِيْ مِلَّتِنَا ؕ فَاَوْحٰۤى اِلَيْهِمْ رَبُّهُمْ

پنهنجي ديس مان يا ضرور موٽندؤ اسانجي مذهب ۾، پوءِ ٻڌايو انهنکي سندن پروردگار

لَنُهْلِكَنَّ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۳﴾ وَلَنُسْكِنَنَّكُمُ الْاَرْضَ

ته ضرور اسان تباهه ڪنداسون ظالمن کي. ۽ ضرور رهائينداسون توهان کي ملڪ ۾

مِنْۢ بَعْدِهِمْ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ خَافَ مَقَامِيْ وَخَافَ

انهن کان پوءِ. اهو انهي لاءِ آهي جيڪو ڊنو منهنجي آڏو بيهڻ کان ۽ ڊنو

وَعِيدِ ﴿١٤﴾ وَاسْتَفْتَحُوا وَخَابَ كُلُّ جَبَّارٍ عَنِيدٍ ﴿١٥﴾

منهنجي عذاب کان. ۽ اهي فتح گهرڻ لڳا ۽ هارايو هر سرڪش ضديءَ.

مِّن وَرَائِهِ جَهَنَّمُ وَيُسْقَىٰ مِن مَّاءٍ صَدِيدٍ ﴿١٦﴾

انهيءَ جي پويان دوزخ آهي ۽ پياريو ويندو انکي پاڻي ڪنجهو.

يَتَجَرَّعُهُ وَلَا يَكَادُ يُسِيغُهُ وَيَأْتِيهِ الْمَوْتُ مِن

ڍُڪ پريندو انجو ۽ نه ڳيت ڏئي سگهندو انهيءَ کي ۽ ايندو ان وٽ موت

كُلِّ مَكَانٍ وَمَا هُوَ بِمَيِّتٍ ۖ وَمِن وَرَائِهِ عَذَابٌ

هر طرف کان ۽ اهو نه مرندو، ۽ ان جي پويان هوندو عذاب

غَلِيظٌ ﴿١٧﴾ مَّثَلُ الَّذِينَ كَفَرُوا بِرَبِّهِمْ ۖ أَعْمَالُهُمْ

سخت. حال انهن جو جن ڪفر ڪيو پنهنجي رب جو هي آهي ته عمل انهن جا

كَرَمَادٍ اشْتَدَّتْ بِهِ الرِّيحُ فِي يَوْمٍ عَاصِفٍ ۖ

هوندا خاڪ جهڙا تيز هلي جنهن تي واءُ ڏينهن اوتر واريءَ ۾،

لَّا يَقْدِرُونَ مِمَّا كَسَبُوا عَلَىٰ شَيْءٍ ۚ ذَٰلِكَ هُوَ

نه قادر ٿيندا پنهنجي ڪمائي مان ڪنهن شيءِ تي. اها آهي

الضَّلَالُ الْبَعِيدُ ﴿١٨﴾ أَلَمْ تَرَ أَنَّ اللَّهَ خَلَقَ السَّمَاوَاتِ

گمراهي پرانهين. ڇا نه ڏٺءِ ته الله پيدا ڪيا آسمان

وَالْأَرْضَ بِالْحَقِّ ۚ إِن يَشَأْ يُذْهِبْكُمْ وَيَأْتِ

۽ زمين حق سان، جيڪڏهن گهري ته گم ڪري توهان کي ۽ آڻي

بِخَلْقٍ جَدِيْدٍ ﴿١٩﴾ وَّمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيْزٍ ﴿٢٠﴾

مخلوق نئين ۽ ناهي اهو الله تي مشڪل.

وَبَرَزُوْا لِلّٰهِ جَمِيْعًا فَقَالَ الضُّعَفٰٓؤُا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا

۽ تڪري ايندا الله جي آڏو سمورا پوءِ چوندا هيٺا انهن کي جن هٺ ڪيو

اِنَّا كُنَّا لَكُمْ تَبَعًا فَهَلْ اَنْتُمْ مُّغْنُوْنَ عَنَّا مِنْ

ته اسين هئاسون توهان جا پوئلڳ پوءِ ڇا اوهين بچائيندؤ اسان کي

عَذَابِ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ۭ قَالُوْا لَوْ هَدٰىنَا اللّٰهُ

الله جي عذاب کان ڪجهه؟ چوندا جيڪڏهن هدايت ڪري ها اسان کي الله

لَهَدَيْنٰكُمْ ۭ سَوَاۗءٌ عَلَيْنَآ اَجَزِعْنَآ اَمْ صَبَرْنَا مَا

ته هدايت ڪريون ها توهان کي، برابر آهي اسان تي پٽ ڪوڪ ڪريون يا صبر ڪريون نه آهي

لَنَا مِنْ مَّحِيْصٍ ﴿٢١﴾ وَقَالَ الشَّيْطٰنُ لَمَّا قُضِيَ

اسان لاءِ ڪوئي ڇوٽڪارو. ۽ چوندو شيطان جڏهن ٿي ويندو

الْاَمْرُ اِنَّ اللّٰهَ وَعَدَكُمْ وَعْدَ الْحَقِّ وَوَعَدْتُّكُمْ

فيصلو بيشڪ الله وعدو ڪيو توهان سان وعدو سچو ۽ مون به وعدو ڪيو توهان سان

فَاَخْلَفْتُكُمْ ۭ وَمَا كَانَ لِيَ عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ اِلَّآ

پوءِ پورو نه ڪيم ۽ نه هئو منهنجو توهان تي ڪو زور مگر

اَنْ دَعَوْتُكُمْ فَاسْتَجَبْتُمْ لِيْ ۚ فَلَا تَلُوْمُوْنِيْ وَ

سڏ ڪيم توهان کي پوءِ توهان مڃي ويؤ مون کي، پوءِ نه ننديو مون کي ۽

لُوْمُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ؕ مَآ اَنَا بِمُصْرِخِكُمْ وَمَآ اَنْتُمْ

نِندِيو پنهنجو پاڻ کي، ناهيان آءٌ دانهن ورنائيندڙ توهان جي ۽ نه توهان ئي

بِمُصْرِخِيَّ ؕ اِنِّيْ كَفَرْتُ بِمَآ اَشْرَكْتُمُوْنِ مِنْ قَبْلُ ؕ

منهنجي ورنائيندڙ، آءٌ انڪار ٿو ڪريان ته توهان مونکي پائيوار ڪيو هئو اڳ ۾.

اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٢٢﴾ وَاُدْخِلَ

بيشڪ ظالمن لاءِ عذاب دردناڪ آهي. ۽ داخل ڪيا ويندا

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ

اهي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا باغن ۾ وهن ٿيون

مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا بِاِذْنِ رَبِّهِمْ ؕ

جن جي هيٺان واهيون هميشه رهندا انهن ۾ حڪم رب جي سان،

تَحِيَّتُهُمْ فِيْهَا سَلٰمٌ ﴿٢٣﴾ اَلَمْ تَرَ كَيْفَ ضَرَبَ اللّٰهُ

انهن جو آدرياءُ آهي اتي سلام. ڇا نه ڏٺو تو ڪيئن بيان ڪيو الله

مَثَلًا كَلِمَةً طَيِّبَةً كَشَجَرَةٍ طَيِّبَةٍ اَصْلُهَا ثَابِتٌ

مثال ڪلمي پاڪ جو جيئن وڻ پاڪ جو پاڙ اُن جي مضبوط هجي

وَّفَرْعُهَا فِي السَّمَآءِ ﴿٢٤﴾ تُؤْتِيْٓ اُكُلَهَا كُلَّ حِيْنٍۭ

۽ ٽاريون ان جون آسمان ۾. ڏئي ٿو ڦل پنهنجو هر وقت

بِاِذْنِ رَبِّهَا ؕ وَيَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ لِلنَّاسِ

حڪم رب جي سان، ۽ بيان ڪري ٿو الله ڪيئي مثال ماڻهن لاءِ

لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٥﴾ وَمَثَلُ كَلِمَةٍ خَبِيْثَةٍ

جٿن آهي سمجهن. ۽ مثال لفظ خراب جو

كَشَجَرَةٍ خَبِيْثَةِ اِجْتُثَّتْ مِنْ فَوْقِ الْاَرْضِ مَا لَهَا

جهڙو وڻ خراب جو پٽيو وڃي زمين جي متان چڙيتان ناهي انکي

مِنْ قَرَارٍ ﴿٢٦﴾ يُثَبِّتُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِالْقَوْلِ

ڪا مضبوطي. پڪو ڪري ٿو الله ايمان وارن کي ڳالهه

الثَّابِتِ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ وَيُضِلُّ

پڪيءَ سان دنيا جي حياتيءَ ۾ ۽ آخرت ۾. ۽ ڀٽڪائي ٿو

اللّٰهُ الظّٰلِمِيْنَ وَيَفْعَلُ اللّٰهُ مَا يَشَآءُ ﴿٢٧﴾ اَلَمْ تَرَ

الله بي انصافن کي، ۽ ڪري ٿو الله جيئن گهري. ڇا نه ڏٺو تو

اِلَى الَّذِيْنَ بَدَّلُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ كُفْرًا وَّاَحَلُّوْا قَوْمَهُمْ

انهن کي جن مٽايو الله جي نعمت کي ڪفر سان ۽ لاٿائون پنهنجي قوم کي

دَارَ الْبَوَارِ ﴿٢٨﴾ جَهَنَّمَ يَصْلَوْنَهَا وَبِئْسَ الْقَرَارُ ﴿٢٩﴾

ڀينگ جي گهر ۾. جو دوزخ آهي، پوندا ان ۾، ۽ بڇڙو آهي اهو ٽڪاڻو.

وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ اَنْدَادًا لِّيُضِلُّوْا عَنْ سَبِيْلِهٖ قُلْ

۽ بنايائون الله لاءِ شريڪ جيئن ڀُلائين الله جي راهه کان. تون چئو

تَمَتَّعُوْا فَاِنَّ مَصِيْرَكُمْ اِلَى النَّارِ ﴿٣٠﴾ قُلْ لِّعِبَادِيَ

مزا وٺو پوءِ بيشڪ موٽڻ توهان جو آهي باهه ڏانهن. چئو منهنجي ٻانهن کي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَيُنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ

جن ايمان آندو تہ سنيالي پڙهن نماز ۽ خرچ ڪن اسان جي ڏني مان

سِرًّا وَّعَلَانِيَةً مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا بَيْعٌ

لڪائي ۽ ظاهر ڪري ان کان اڳ ۾ جو اچي اهڙو ڏينهن جو نہ هوندو واپار

فِيْهِ وَلَا خِلٰلٌ ﴿٣١﴾ اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ

انهي ۾ ۽ نڪي دوستي. الله اهو آهي جنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽

الْاَرْضَ وَاَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخْرَجَ بِهٖ مِنَ

زمين کي ۽ لاٿائين آسمان کان پاڻي پوءِ ڪڍيائين ان سان

الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ۚ وَسَخَّرَ لَكُمُ الْفُلْكَ لِتَجْرِيَ

ميوا توهان جي قوت لاءِ، ۽ تابع ڪيائين توهان لاءِ ٻيڙيون جيئن هلن

فِي الْبَحْرِ بِاَمْرِهٖ ۚ وَسَخَّرَ لَكُمُ الْاَنْهٰرَ ﴿٣٢﴾ وَسَخَّرَ لَكُمُ

سمنڊ ۾ انهيءَ جي امر سان، ۽ تابع ڪيائين توهان لاءِ نديون. ۽ تابع ڪيائين توهان لاءِ

الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ دَآئِبَيْنِ ۚ وَسَخَّرَ لَكُمُ الَّيْلَ وَ

سج ۽ چنڊ سدائين هلندڙ ۽ ڪم لاتائين توهان لاءِ رات ۽

النَّهَارَ ﴿٣٣﴾ وَاٰتٰىكُمْ مِّنْ كُلِّ مَا سَاَلْتُمُوْهُ ۗ وَاِنْ

ڏينهن کي. ۽ ڏنائين توهان کي هر شيءِ جيڪا توهان گهري انڪان، ۽ جيڪڏهن

تَعُدُّوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا ۗ اِنَّ الْاِنْسَانَ

شمار ڪندؤ الله جي نعمتن کي تہ نہ ڳڻي سگهندؤ، بيشڪ انسان

لَظَلُوْمٌ كَفَّارٌ ﴿٣٤﴾ وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ رَبِّ اجْعَلْ
بي انصاف بي شڪر آهي. ۽ جڏهن چيو ابراهيم اي منهنجا پروردگار ڪر

هٰذَا الْبَلَدَ اٰمِنًا وَّاجْنُبْنِيْ وَبَنِيَّ اَنْ نَّعْبُدَ
هن شهر کي امن وارو ۽ پري ڪر مون کي ۽ منهنجي پٽن کي پوڄا ڪرڻ

الْاَصْنَامَ ﴿٣٥﴾ رَبِّ اِنَّهُنَّ اَضْلَلْنَ كَثِيْرًا مِّنَ
بُتن جي کان. اي منهنجا رب انهن ڀُلايو آهي گهڻن ئي

النَّاسِ فَمَنْ تَبِعَنِيْ فَاِنَّهٗ مِنِّيْ وَمَنْ عَصَانِيْ
ماڻهن کي، پوءِ جيڪو تابعداري ڪري منهنجي ته اهو منهنجو آهي ۽ جنهن نافرماني ڪئي منهنجي

فَاِنَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٣٦﴾ رَبَّنَا اِنِّيْ اَسْكَنْتُ مِنْ
پوءِ تون بخشڻهار مهربان آهين. اي اسان جا پالڻهار مون رهائي آهي ڪجهه

ذُرِّيَّتِيْ بِوَادٍ غَيْرِ ذِيْ زَرْعٍ عِنْدَ بَيْتِكَ
پنهنجي اولاد ميدان غيرآبادي واري ۾ نزديڪ تنهنجي گهر

الْمُحَرَّمِ ۙ رَبَّنَا لِيُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ فَاجْعَلْ اَفْئِدَةً
عزت واري جي، اي رب اسان جا جيئن اهي قائم ڪن نماز پوءِ ڪر دليون

مِّنَ النَّاسِ تَهْوِيْ اِلَيْهِمْ وَارْزُقْهُمْ مِّنَ الثَّمَرٰتِ
ڪن ماڻهن جون ته لاڙو ڪن انهن ڏانهن ۽ کاراءِ انهن کي ميوا

لَعَلَّهُمْ يَشْكُرُوْنَ ﴿٣٧﴾ رَبَّنَا اِنَّكَ تَعْلَمُ مَا نُخْفِيْ وَ
جيئن اهي شڪر ڪن. اي رب اسان جا تون ئي ڄاڻين ٿو جيڪي لڪايون ٿا ۽

مَا نُعْلِنُ ؕ وَمَا يَخْفٰى عَلَى اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ فِي الْاَرْضِ

جيڪي ظاهر ڪريون ٿا ۽ نه ٿو لڪل رهي الله تي ڪجهه به زمين ۾

وَلَا فِي السَّمَآءِ ﴿٣٨﴾ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ وَهَبَ لِيْ

۽ نڪي آسمان ۾. شڪر الله جو جنهن ڏنو مون کي

عَلَى الْكِبَرِ اِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ ؕ اِنَّ رَبِّيْ لَسَمِيْعُ

پيريءَ ۾ اسماعيل ۽ اسحاق، بيشڪ منهنجو رب ٻڌندڙ آهي

الدُّعَآءِ ﴿٣٩﴾ رَبِّ اجْعَلْنِيْ مُقِيْمَ الصَّلٰوةِ وَمِنْ

دعا جو. اي منهنجا رب ڪر مون کي قائم ڪندڙ نماز جو ۽ منهنجي

ذُرِّيَّتِيْ ۖ رَبَّنَا وَتَقَبَّلْ دُعَآءِ ﴿٤٠﴾ رَبَّنَا اغْفِرْ لِيْ وَ

اولاد مان به، اي اسان جا پالڻهار ۽ قبول ڪر منهنجي دعا. اي اسان جا رب بخش مون کي ۽

لِوَالِدَيَّ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابُ ﴿٤١﴾ وَلَا

منهنجي ماءُ پيءُ کي ۽ ايمان وارن کي جنهن ڏينهن ٿيندو حساب.

تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ غَافِلًا عَمَّا يَعْمَلُ الظّٰلِمُوْنَ ؕ اِنَّمَا

۽ هرگز نه ڀانءِ ته الله کي بي خبر انهن ڪمن کان جو ڪن ٿا ظالم. رڳو

يُؤَخِّرُهُمْ لِيَوْمٍ تَشْخَصُ فِيْهِ الْاَبْصَارُ ﴿٤٢﴾ مُهْطِعِيْنَ

دير ڏئي ٿو انهن کي هڪ ڏينهن لاءِ جنهن ۾ ڦاٽي وينديون اکيون. اهي ڊوڙندا ايندا

مُقْنِعِيْ رُءُوْسِهِمْ لَا يَرْتَدُّ اِلَيْهِمْ طَرْفُهُمْ ۚ وَ

اڀي ڪيات · نه موٽنديون انهن ڏانهن سندن نگاهون، ۽

أَفْـِٔدَتُهُمْ هَوَآءٌ ﴿٤٣﴾ وَأَنذِرِ النَّاسَ يَوْمَ يَأْتِيهِمُ

دليون انهن جون پريشان هونديون. ۽ ڊيڄار ماڻهن کي ان ڏينهن کان جو ايندو انهن ڏانهن

الْعَذَابُ فَيَقُولُ الَّذِينَ ظَلَمُوا رَبَّنَا أَخِّرْنَا إِلَىٰ

عذاب پوءِ چوندا جن ظلم ڪيو اي رب اسان جا مهلت ڏي اسان کي

أَجَلٍ قَرِيبٍ نُّجِبْ دَعْوَتَكَ وَنَتَّبِعِ الرُّسُلَ ۗ أَوَ

ٿوري وقت تائين ته قبول ڪريون تنهنجو سڏ ۽ تابع ٿيون رسولن جا. ڇا

لَمْ تَكُونُوا أَقْسَمْتُم مِّن قَبْلُ مَا لَكُم مِّن

توهان قسم نه کڻندا هئا اڳ ۾ ته نه ٿيندو توهان جو ڪو

زَوَالٍ ﴿٤٤﴾ وَسَكَنتُمْ فِي مَسَاكِنِ الَّذِينَ ظَلَمُوا

هٽي وڃڻ ۽ توهان رهندا هئا انهن ماڻهن جي گهرن ۾ جن ظلم ڪيو هئو

أَنفُسَهُمْ وَتَبَيَّنَ لَكُمْ كَيْفَ فَعَلْنَا بِهِمْ وَضَرَبْنَا

پاڻ تي ۽ ظاهر ٿيو توهان تي ته ڪيئن ڪيوسون انهن سان ۽ بيان ڪياسون

لَكُمُ الْأَمْثَالَ ﴿٤٥﴾ وَقَدْ مَكَرُوا مَكْرَهُمْ وَعِندَ

انهن لاءِ اهي مثال ۽ سٽي هئائون سٽ پنهنجي ۽ هٽي

اللَّهِ مَكْرُهُمْ ۗ وَإِن كَانَ مَكْرُهُمْ لِتَزُولَ مِنْهُ

الله وٽ سٽ انهن جي، ۽ نه هئي سٽ انهن جي جو هٽي وڃن ها ان کان

الْجِبَالُ ﴿٤٦﴾ فَلَا تَحْسَبَنَّ اللَّهَ مُخْلِفَ وَعْدِهِ رُسُلَهُ

جبل. پوءِ هرگز نه سمجھ الله کي وعدو ڦيرائيندڙ پنهنجي رسولن سان

إِنَّ اللّٰهَ عَزِيزٌ ذُو انْتِقَامٍ ﴿٤٧﴾ يَوْمَ تُبَدَّلُ الْأَرْضُ غَيْرَ

بيشڪ الله زبردست آهي بدلي وٺڻ وارو آهي. جنهن ڏينهن بدلائبي ڌرتي ٻي ۽

الْأَرْضِ وَالسَّمٰوٰتُ وَبَرَزُوا لِلّٰهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ ﴿٤٨﴾

ڌرتي سان ۽ آسمان به ۽ اهي ظاهر ٿيندا الله واحد القهار آڏو. ۽

وَتَرَى الْمُجْرِمِينَ يَوْمَئِذٍ مُقَرَّنِينَ فِي الْأَصْفَادِ ﴿٤٩﴾

تون ڏسندين ڏوهارين کي انهي ڏينهن جڪڙيل زنجيرن ۾.

سَرَابِيلُهُمْ مِنْ قَطِرَانٍ وَتَغْشٰى وُجُوهَهُمُ

ڪپڙا انهن جا ڊامبر مان ۽ ڍڪيندي انهن جي منهن کي

النَّارُ ﴿٥٠﴾ لِيَجْزِيَ اللّٰهُ كُلَّ نَفْسٍ مَا كَسَبَتْ ۚ إِنَّ اللّٰهَ سَرِيعُ

باه. جئن بدلو ڏئي الله هر شخص کي سندس ڪئي جو. بيشڪ الله جلد

الْحِسَابِ ﴿٥١﴾ هٰذَا بَلَاغٌ لِلنَّاسِ وَلِيُنْذَرُوا بِهِ وَلِيَعْلَمُوا

حساب ڪندڙ آهي. هي خبر پهچائڻ آهي ماڻهن کي ۽ جئن ته ڊيڄاريا وڃن انهي سان ۽ جئن ڄاڻن ته

أَنَّمَا هُوَ إِلٰهٌ وَاحِدٌ وَلِيَذَّكَّرَ أُولُو الْأَلْبَابِ ﴿٥٢﴾

هو اڪيلو مالڪ هڪڙو آهي ۽ جئن نصيحت وٺن مغز وارا.

سُورَةُ الْحِجْرِ مَكِّيَّةٌ وَهِيَ تِسْعٌ وَتِسْعُونَ آيَةً وَسِتُّ رُكُوعَاتٍ
بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ

سورت حجر مڪي آهي ۽ اها نوي ۽ (شروع الله جي نالي سان جو ٻاجهارو مهربان آهي) نوي آيتون ۽ ڇهه رڪوع آهي

الٓرٰ ۚ تِلْكَ آيٰتُ الْكِتٰبِ وَقُرْآنٍ مُبِينٍ ﴿١﴾

الرا، هي آيتون آهن ڪتاب جون ۽ قرآن پڌري جون.

القرآن الكريم ترجمو حضرت مولانا عبدالكريم قريشي (پير شريف)

رُبَمَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ كَانُوْا

كنهن وقت چاهيندا كافر تہ جيكر هجن ها

مُسْلِمِيْنَ ﴿٢﴾ ذَرْهُمْ يَاْكُلُوْا وَ يَتَمَتَّعُوْا

اسلام آڻيندڙ. ڇڏ انهنکي تہ کائن پيئن ۽ فائدا وٺن

وَيُلْهِهِمُ الْاَمَلُ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿٣﴾

۽ غافل كري انهنکي اميد پوءِ جلد اهي ڄاڻندا.

وَمَا اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍ اِلَّا وَلَهَا

۽ نہ تباهہ كيو آهي اسان كنهن آبادي كي مگر ان جو

كِتَابٌ مَّعْلُوْمٌ ﴿٤﴾ مَا تَسْبِقُ مِنْ اُمَّةٍ

لكيو آهي مقرر. نہ اڳي وڌندو كو ٽولو

اَجَلَهَا وَ مَا يَسْتَاْخِرُوْنَ ﴿٥﴾ وَقَالُوْا

پنهنجي وقت کان ۽ نكي پوئتي ٿيندا. ۽ چيائون

يٰاَيُّهَا الَّذِيْ نُزِّلَ عَلَيْهِ الذِّكْرُ اِنَّكَ

اي اهو لاٿو ويو جنهن تي قرآن پڪ تون

لَمَجْنُوْنٌ ﴿٦﴾ لَوْ مَا تَاْتِيْنَا بِالْمَلٰٓئِكَةِ

تہ چريو آهين. ڇو نہ آندءِ اسان وٽ ملائكن كي

اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٧﴾ مَا

جيكڏهن تون سچو آهين. نہ

Al - Qura'n Al-Kareen By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

نُنَزِّلُ الْمَلٰٓئِكَةَ اِلَّا بِالْحَقِّ وَمَا كَانُوْٓا اِذًا

لاهيندا آهيون اسان ملائڪ مگر موقعي سان ۽ نه هوندا ان وقت

مُّنْظَرِيْنَ ﴿٨﴾ اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَاِنَّا لَهٗ

مهلت ڏنل. بيشڪ اسان لاٿو آهي قرآن ۽ اسان ئي ان جي

لَحٰفِظُوْنَ ﴿٩﴾ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ فِيْ شِيَعِ

نگهبان ڪندڙ آهيون. ۽ اسان موڪليا آهن رسول توکان اڳ جماعتن

الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٠﴾ وَمَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا كَانُوْا

اڳين ۾. ۽ نه ايندو هئو انهن وٽ ڪو به رسول مگر هئا

بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿١١﴾ كَذٰلِكَ نَسْلُكُهٗ فِيْ قُلُوْبِ

ان سان مسخريون ڪندڙ. اهڙي طرح وجهندا آهيون انکي دلين ۾

الْمُجْرِمِيْنَ ﴿١٢﴾ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَقَدْ خَلَتْ سُنَّةُ

ڏوهارين جي. اهي ڪين مڃيندا انکي ۽ ٿي گذري آهي رسم

الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٣﴾ وَلَوْ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَابًا مِّنَ السَّمَآءِ

پهرين جي. ۽ جيڪڏهن کوليون انهن تي دروازو آسمان جو

فَظَلُّوْا فِيْهِ يَعْرُجُوْنَ ﴿١٤﴾ لَقَالُوْٓا اِنَّمَا سُكِّرَتْ

پوءِ وڃن ان ۾ چڙهندا. ته به چوندا ته گهو مُنڊيون ويون آهن

اَبْصَارُنَا بَلْ نَحْنُ قَوْمٌ مَّسْحُوْرُوْنَ ﴿١٥﴾ وَلَقَدْ

اسان جون اکيون نه پر اسان ماڻهو جادو ڪيل آهيون. ۽ بيشڪ

جَعَلْنَا فِي السَّمَآءِ بُرُوْجًا وَّزَيَّنّٰهَا لِلنّٰظِرِيْنَ ﴿١٦﴾ لا

اسان بڻايا آهن آسمان ۾ برج ۽ سينگاريوسين انکي ڏسندڙن لاءِ .

وَحَفِظْنٰهَا مِنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ رَّجِيْمٍ ﴿١٧﴾ اِلَّا مَنِ

۽ بچايوسين انکي هر شيطان تڙيل کان . مگر ڪوئي

اسْتَرَقَ السَّمْعَ فَاَتْبَعَهٗ شِهَابٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٨﴾ وَ

چوري اچي ٻڌي پوءِ پٺيان پوي ٿي انکي اماڙي چٽي ٻرندڙ . ۽

الْاَرْضَ مَدَدْنٰهَا وَاَلْقَيْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ وَاَنْۢبَتْنَا

ڌرتي کي پکيڙيوسون ۽ وڌاسون ان ۾ جبل ۽ ڄمائي اٿئون

فِيْهَا مِنْ كُلِّ شَيْءٍ مَّوْزُوْنٍ ﴿١٩﴾ وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيْهَا

ان ۾ هر شيءِ وزنائتي . ۽ بڻاياسون توهان لاءِ ان ۾

مَعَايِشَ وَمَنْ لَّسْتُمْ لَهٗ بِرٰزِقِيْنَ ﴿٢٠﴾ وَاِنْ مِّنْ

گذارا ۽ انهن لاءِ جو ناهيو اوهين انهنکي رزق ڏيندڙ . ۽ ناهي ڪا به

شَيْءٍ اِلَّا عِنْدَنَا خَزَآئِنُهٗ وَمَا نُنَزِّلُهٗٓ اِلَّا بِقَدَرٍ

شيءِ مگر اسان وٽ آهن ذخيرا ان جا ۽ نه ٿا لاهيون انکي مگر قدر

مَّعْلُوْمٍ ﴿٢١﴾ وَاَرْسَلْنَا الرِّيٰحَ لَوَاقِحَ فَاَنْزَلْنَا مِنَ

مقرر سان . ۽ اسان موڪليون هوائون ڪڪر ڪڻندڙ پوءِ لاٿوسون

السَّمَآءِ مَآءً فَاَسْقَيْنٰكُمُوْهُ وَمَآ اَنْتُمْ لَهٗ بِخٰزِنِيْنَ ﴿٢٢﴾

آسمان کان پاڻي پوءِ اهو پياريوسون اوهانکي ، ۽ نه آهيو اوهين انجا خزانہ دار .

وَإِنَّا لَنَحْنُ نُحْيِ وَنُمِيتُ وَنَحْنُ الْوَارِثُونَ ﴿٢٣﴾

۽ بيشڪ اسان ئي جيئرو ڪندا آهيون ۽ ماريندا آهيون ۽ اسان ئي وارث آهيون.

وَلَقَدْ عَلِمْنَا الْمُسْتَقْدِمِينَ مِنكُمْ وَلَقَدْ عَلِمْنَا

۽ اسان جاڻي چڪا آهيون اڳتي وڌندڙن کي توهان مان ۽ جاڻي چڪا آهيون

الْمُسْتَأْخِرِينَ ﴿٢٤﴾ وَإِنَّ رَبَّكَ هُوَ يَحْشُرُهُمْ ۚ إِنَّهُ

پُٺتي پوندڙن کي. ۽ بيشڪ تنهنجو رب ئي گڏ ڪندو انهن کي، اهو ئي

حَكِيمٌ عَلِيمٌ ﴿٢٥﴾ ع وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْإِنسَانَ مِن

حڪيم آهي علم وارو آهي. ۽ اسان خلقيو آهي انسان کي

صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَإٍ مَّسْنُونٍ ﴿٢٦﴾ وَالْجَانَّ خَلَقْنَاهُ

کڙڪندڙ چيڪي مٽي ڦري ويل مان. ۽ جنّ کي پيدا ڪيوسون

مِن قَبْلُ مِن نَّارِ السَّمُومِ ﴿٢٧﴾ وَإِذْ قَالَ رَبُّكَ

ان کان اڳ ۾ باھ جڙواري مان. ۽ جڏهن وقت چيو تنهنجي رب

لِلْمَلَائِكَةِ إِنِّي خَالِقٌ بَشَرًا مِّن صَلْصَالٍ مِّنْ

ملائڪن کي آءٌ پيدا ڪرڻ وارو آهيان بشر کي کڙڪندڙ چيڪي

حَمَإٍ مَّسْنُونٍ ﴿٢٨﴾ فَإِذَا سَوَّيْتُهُ وَنَفَخْتُ فِيهِ

مٽي ڦري ويل مان. پوءِ جڏهن تيار ڪيان انکي ۽ ڦوڪيان ان ۾

مِن رُّوحِي فَقَعُوا لَهُ سَاجِدِينَ ﴿٢٩﴾ فَسَجَدَ

پنهنجو امر پوءِ ٿي پئجو انهيءَ لاءِ سجدو ڪندڙ. پوءِ سجدو ڪيو

الْمَلٰٓئِكَةُ كُلُّهُمْ اَجْمَعُوْنَ ﴿٣٠﴾ اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰٓى

ملائڪن سيني گڏجي. سواءِ ابليس جي، (نهيءَ انڪار ڪيو

اَنْ يَّكُوْنَ مَعَ السّٰجِدِيْنَ ﴿٣١﴾ قَالَ يٰٓاِبْلِيْسُ مَا لَكَ

ته هجي گڏ سجدي ڪندڙن سان. چيائين اي ابليس ڇا ٿيو توکي

اَلَّا تَكُوْنَ مَعَ السّٰجِدِيْنَ ﴿٣٢﴾ قَالَ لَمْ اَكُنْ لِّاَسْجُدَ

جو نه تون ٿئين گڏ سجدي ڪندڙن سان. چيائين آءٌ ناهيان اهڙو جو سجدو ڪريان

لِبَشَرٍ خَلَقْتَهٗ مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿٣٣﴾

بشر کي جنهن کي تو ناهيو ڪڙڪندڙ ڇيڪي مٽي ڦري ويل مان.

قَالَ فَاخْرُجْ مِنْهَا فَاِنَّكَ رَجِيْمٌ ﴿٣٤﴾ ۙ وَّاِنَّ عَلَيْكَ

چيائين پوءِ نڪر هتان تون تڙيل آهين. ۽ بيشڪ تو تي

اللَّعْنَةَ اِلٰى يَوْمِ الدِّيْنِ ﴿٣٥﴾ قَالَ رَبِّ فَاَنْظِرْنِيْٓ

ڦٽڪار آهي ڏينهن قيامت تائين. چيائين اي منهنجا رب پوءِ ڍر ڏي مونکي

اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿٣٦﴾ قَالَ فَاِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ ﴿٣٧﴾ ۙ

ان ڏينهن تائين جو اٿاريا وڃن. فرمايائين پوءِ تون ڍر ڏنلن مان آهين.

اِلٰى يَوْمِ الْوَقْتِ الْمَعْلُوْمِ ﴿٣٨﴾ قَالَ رَبِّ بِمَآ اَغْوَيْتَنِيْ

ڏينهن وقت مقرر تائين. چيائين اي منهنجا رب جيئن تہ گمراھ ڪيو تو مونکي

لَاُزَيِّنَنَّ لَهُمْ فِي الْاَرْضِ وَلَاُغْوِيَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٣٩﴾ ۙ

ته ضرور سينگار ڪرائيندس انهن لاءِ زمين ۾ ۽ گمراھ ڪندس انهن سيني کي.

إِلَّا عِبَادَكَ مِنْهُمُ الْمُخْلَصِينَ ﴿٤٠﴾ قَالَ هَٰذَا
مگر پاڻھا تنھنجا انھن مان چونڊيل لڳا فرمايائين ھيءُ
صِرَاطٌ عَلَيَّ مُسْتَقِيمٌ ﴿٤١﴾ إِنَّ عِبَادِي لَيْسَ لَكَ
رستو آھي مون تائين سڌو ۔ بيشڪ منھنجا پاڻھا ۽ ھلندو تنھنجو
عَلَيْهِمْ سُلْطَانٌ إِلَّا مَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْغَاوِينَ ﴿٤٢﴾
انھن تي ڪو زور سواءِ انھن جي جيڪي تنھنجي پٺيان لڳا گمراھن مان ۔
وَإِنَّ جَهَنَّمَ لَمَوْعِدُهُمْ أَجْمَعِينَ ﴿٤٣﴾ لَهَا سَبْعَةُ أَبْوَابٍ
۽ بيشڪ دوزخ وعدہ جي جاءِ آھي انھن سيني لاءِ ۔ انکي آھن ست دروازا ،
لِكُلِّ بَابٍ مِنْهُمْ جُزْءٌ مَقْسُومٌ ﴿٤٤﴾ إِنَّ الْمُتَّقِينَ
ھر در لاءِ انھن مان حصو آھي ورھايل ۔ يقينن پرھيزگار آھن
فِي جَنَّاتٍ وَعُيُونٍ ﴿٤٥﴾ ادْخُلُوهَا بِسَلَامٍ آمِنِينَ ﴿٤٦﴾
باغن ۾ ۽ چشمن ۾ ۔ چونديا ھلو ان ۾ سلامتي سان بي خطرا ٿي ۔
وَنَزَعْنَا مَا فِي صُدُورِهِمْ مِنْ غِلٍّ إِخْوَانًا
۽ ڪڍنداسين اھو جيڪي انھن جي دلين ۾ ھوندو ناراضپو ۔ ڀائر بڻجي
عَلَىٰ سُرُرٍ مُتَقَابِلِينَ ﴿٤٧﴾ لَا يَمَسُّهُمْ فِيهَا نَصَبٌ
پلنگن تي ڏيھندا ھڪٻئي جي سامھون ۔ نه پھچندي کين اتي ڪا تڪليف
وَمَا هُمْ مِنْهَا بِمُخْرَجِينَ ﴿٤٨﴾ نَبِّئْ عِبَادِي أَنِّي
۽ نه آھي اتان ڪڍيا ويندا ۔ ٻڌاءِ منھنجي پاڻھن کي تہ بيشڪ

اَنَا الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۴۹﴾ وَ اَنَّ عَذَابِيْ هُوَ الْعَذَابُ

آءُ بخشيندڙ مهربان آهيان. ۽ يقينن منهنجو عذاب اهو عذاب

الْاَلِيْمُ ﴿۵۰﴾ وَ نَبِّئْهُمْ عَنْ ضَيْفِ اِبْرٰهِيْمَ ﴿۵۱﴾

دردناڪ آهي. ۽ خبر ڏاءِ انهن کي ابراهيم جي مهمانن جي.

اِذْ دَخَلُوْا عَلَيْهِ فَقَالُوْا سَلٰمًا ؕ قَالَ اِنَّا مِنْكُمْ

جڏهن پهتا ان وٽ چيائون سلام. چيائين اسان توهان کان

وَجِلُوْنَ ﴿۵۲﴾ قَالُوْا لَا تَوْجَلْ اِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلٰمٍ

ڊڄون ٿا. چيائون نه ڊڄ اسين توکي خوشخبري ڏيون ٿا نينگر

عَلِيْمٍ ﴿۵۳﴾ قَالَ اَبَشَّرْتُمُوْنِيْ عَلٰٓى اَنْ مَّسَّنِيَ الْكِبَرُ

علم واري جي. چيائين ڇا توهان خوشخبري ڏيو ٿا مونکي جڏهن پهتي آهي مونکي ڪراڙپ

فَبِمَ تُبَشِّرُوْنَ ﴿۵۴﴾ قَالُوْا بَشَّرْنٰكَ بِالْحَقِّ فَلَا تَكُنْ

پوءِ ڇا جي ٿا خوشخبري ڏيو. چيائون اسان خوشخبري ڏني آهي توکي سچي پوءِ نه ٿيءُ

مِّنَ الْقٰنِطِيْنَ ﴿۵۵﴾ قَالَ وَمَنْ يَّقْنَطُ مِنْ رَّحْمَةِ

اميد لاهيندڙن مان. چيائين ڪير ٿيندو آهي نا اميد رحمت پنهنجي

رَبِّهٖٓ اِلَّا الضَّآلُّوْنَ ﴿۵۶﴾ قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا

رب جي کان سواءِ گمراهن جي. چيائين ڪهڙو احوال آهي توهان جو اي

الْمُرْسَلُوْنَ ﴿۵۷﴾ قَالُوْٓا اِنَّآ اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمٍ

قاصدؤ. چيائون اسان موڪليا ويا آهيون قوم

مُجْرِمِيْنَ ﴿٥٨﴾ اِلَّآ اٰلَ لُوْطٍ ؕ اِنَّا لَمُنَجُّوْهُمْ
ڏوهارين جي طرف. سواءِ گهراڻي لوط جي، اسان بچائيندا سون انهن
اَجْمَعِيْنَ ﴿٥٩﴾ اِلَّا امْرَاَتَهٗ قَدَّرْنَآ ۙ اِنَّهَا لَمِنَ
سمورن کي. مگر ان جي زال فيصلو ڪيوسون ته اها آهي
ع ٤ ١٦ ٤ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٦٠﴾ فَلَمَّا جَآءَ اٰلَ لُوْطِ ۨ الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٦١﴾
رهجي ويندڙن مان. پوءِ جڏهن آيا لوط جي گهر موڪليل ملائڪ.
قَالَ اِنَّكُمْ قَوْمٌ مُّنْكَرُوْنَ ﴿٦٢﴾ قَالُوْا بَلْ جِئْنٰكَ
چيائين توهان ماڻهو آهيو اوپرا. چيائون نه پر اسان آندي آهي تو وٽ
بِمَا كَانُوْا فِيْهِ يَمْتَرُوْنَ ﴿٦٣﴾ وَ اَتَيْنٰكَ بِالْحَقِّ وَ اِنَّا
اها شيءِ جنهن ۾ اهي شڪ ڪندا هئا. ۽ آندو اٿئون تو وٽ حق ۽ بلاشڪ اسين
لَصٰدِقُوْنَ ﴿٦٤﴾ فَاَسْرِ بِاَهْلِكَ بِقِطْعٍ مِّنَ الَّيْلِ
سچا آهيون. پوءِ ڪڍ پنهنجي ٻهرڪي رات جي پهر ۾
وَ اتَّبِعْ اَدْبَارَهُمْ وَ لَا يَلْتَفِتْ مِنْكُمْ اَحَدٌ وَّ امْضُوْا
۽ تون هل انهن جي پٺيان ۽ نه واجهائي (پٺتي پاسي) توهان مان ڪو به ۽ هليا وڃو
حَيْثُ تُؤْمَرُوْنَ ﴿٦٥﴾ وَ قَضَيْنَآ اِلَيْهِ ذٰلِكَ الْاَمْرَ
جيڏانهن حڪم ڪيا وڃو. ۽ پهچايوسون ان ڏانهن اهو حڪم
اَنَّ دَابِرَ هٰٓؤُلَآءِ مَقْطُوْعٌ مُّصْبِحِيْنَ ﴿٦٦﴾ وَ جَآءَ
ته پاڙ انهن جي ڪپيل هوندي صبح سان. ۽ آيا

اَهْلُ الْمَدِيْنَةِ يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿٦٧﴾ قَالَ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ

شهر وارا خوشيون ڪندي هن چيو ته هي

ضَيْفِىْ فَلَا تَفْضَحُوْنِ ﴿٦٨﴾ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَلَا

مهمان آهن منهنجا پوءِ نه لڄي ڪريو مونکي، ۽ ڊڄو الله کان ۽ نه

تُخْزُوْنِ ﴿٦٩﴾ قَالُوْٓا اَوَلَمْ نَنْهَكَ عَنِ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٧٠﴾

خوار ڪريو مونکي ۔ چيائون ڇا اسان توکي منع نه ڪئي هئي ڏيهه جهان جي رهاڻن کان ۔

قَالَ هٰٓؤُلَآءِ بَنٰتِىْٓ اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِيْنَ ﴿٧١﴾ لَعَمْرُكَ

چيائين اجهي هي منهنجون ڌيئرآهن جيڪڏهن آهيو ڪرڻ وارا ۔ قسم آهي تنهنجي سرجو

اِنَّهُمْ لَفِىْ سَكْرَتِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿٧٢﴾ فَاَخَذَتْهُمُ

يقينن اهي پنهنجي بيهوشي ۾ اعقل جا انڌا آهن ۔ پوءِ پڪڙيو انهن کي

الصَّيْحَةُ مُشْرِقِيْنَ ﴿٧٣﴾ فَجَعَلْنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَ

رات سج اُڀرندي ۔ پوءِ ڪيوسون انجي مٿين پاسي کي هيٺان ۽

اَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ حِجَارَةً مِّنْ سِجِّيْلٍ ﴿٧٤﴾ اِنَّ فِىْ

وسايون سون انهن تي پٿريون ساڪرجون ۔ بيشڪ

ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلْمُتَوَسِّمِيْنَ ﴿٧٥﴾ وَاِنَّهَا لَبِسَبِيْلٍ

ان ۾ نشانيون آهن سياڻن وارن لاءِ ۔ ۽ اهي آهن البت رستي

مُّقِيْمٍ ﴿٧٦﴾ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٧٧﴾ وَ

عام تي ۔ يقينن ان ۾ نشاني آهي ايمان وارن لاءِ ۔ ۽

78 - 79

إِنْ كَانَ أَصْحٰبُ الْأَيْكَةِ لَظٰلِمِيْنَ ﴿٧٨﴾ فَانْتَقَمْنَا

بيشڪ هئا رهاڪو جهنگل جا ڏوهاري. پوءِ بدلو ورتو سون

مِنْهُمْ ۘ وَإِنَّهُمَا لَبِإِمَامٍ مُّبِيْنٍ ﴿٧٩﴾ وَلَقَدْ كَذَّبَ

انهن کان، ۽ اهي ٻئي علائقا آهن رستي پڌري تي. ۽ البت ڪوڙو ڪيو

أَصْحٰبُ الْحِجْرِ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٨٠﴾ وَاٰتَيْنٰهُمْ اٰيٰتِنَا

حجر وارن رسولن کي. ۽ اسان ڏنيون سون انهنکي پنهنجون نشانيون

فَكَانُوْا عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ ﴿٨١﴾ وَكَانُوْا يَنْحِتُوْنَ مِنَ

پوءِ هئا انهن کان منهن موڙيندڙ. ۽ گهڙي ناهيندا هئا

الْجِبَالِ بُيُوْتًا اٰمِنِيْنَ ﴿٨٢﴾ فَأَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ

جبلن مان گهر بي فڪريءَ. پوءِ ورتو انهن کي رڙ

مُصْبِحِيْنَ ﴿٨٣﴾ فَمَا أَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٨٤﴾

پرهه ڦٽيءَ. پوءِ نه ڪم آيو انهنکي جيڪي ڪم ڪيائون.

وَمَا خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا إِلَّا

۽ نه خلقيا آهن اسان آسمان ۽ زمين ۽ اهو جيڪي انهن ۾ آهي مگر

بِالْحَقِّ ۗ وَإِنَّ السَّاعَةَ لَاٰتِيَةٌ فَاصْفَحِ الصَّفْحَ

حڪمت سان، ۽ بيشڪ قيامت ضرور اچڻ واري آهي تون پاسيرو ره انهن کان

الْجَمِيْلَ ﴿٨٥﴾ إِنَّ رَبَّكَ هُوَ الْخَلّٰقُ الْعَلِيْمُ ﴿٨٦﴾ وَلَقَدْ

چڱي طرح. تنهنجو رب ئي آهي خلقيندڙ خبر رکندڙ. ۽

آتَيْنَاكَ سَبْعًا مِّنَ الْمَثَانِي وَالْقُرْآنَ الْعَظِيمَ ﴿٨٧﴾

اسان ڏنيون آهن توکي ست آيتون وري وري پڙهڻ لاءِ ۽ قرآن عاليشان.

لَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ إِلَىٰ مَا مَتَّعْنَا بِهِ أَزْوَاجًا مِّنْهُمْ

هرگز نه کر نگاهون پنهنجون ان ڏانهن جنهن جو نفعو ڏنو سون ڪيترن کي انهن مان

وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَاخْفِضْ جَنَاحَكَ لِلْمُؤْمِنِينَ ﴿٨٨﴾

۽ نه ڏک کر انهن تي ۽ جهڪاءِ پنهنجا پر مومنن تي.

وَقُلْ إِنِّي أَنَا النَّذِيرُ الْمُبِينُ ﴿٨٩﴾ كَمَا أَنزَلْنَا

۽ چؤ آءٌ ئي آهيان ڊيڄاريندڙ پڌرو. جيئن اسان نازل ڪيو عذاب

عَلَى الْمُقْتَسِمِينَ ﴿٩٠﴾ الَّذِينَ جَعَلُوا الْقُرْآنَ

ورهاست ڪندڙن تي. اهي جن ڪيو قرآن کي

عِضِينَ ﴿٩١﴾ فَوَرَبِّكَ لَنَسْأَلَنَّهُمْ أَجْمَعِينَ ﴿٩٢﴾ عَمَّا

ٽڪرا ٽڪرا. پوءِ تنهنجي رب جو قسم ضرور پڇا ڪندا سون انهن سڀني کان. ان بابت

كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿٩٣﴾ فَاصْدَعْ بِمَا تُؤْمَرُ وَأَعْرِضْ

جو اهي عمل ڪندا هئا. پوءِ کولي پڌاءِ جو توکي حڪم ٿيو آهي ۽ منهن موڙ

عَنِ الْمُشْرِكِينَ ﴿٩٤﴾ إِنَّا كَفَيْنَاكَ الْمُسْتَهْزِئِينَ ﴿٩٥﴾

شرڪ ڪندڙن کان. اسان ئي ڪافي آهيون تولاءِ چٿر ڪندڙن تي.

الَّذِينَ يَجْعَلُونَ مَعَ اللَّهِ إِلَٰهًا آخَرَ ۚ فَسَوْفَ

جيڪي بنائن ٿا الله سان گڏ خدا ٻيو، پوءِ جلد

2:137

39. 36

يَعۡلَمُوۡنَ ﴿٩٦﴾ وَلَقَدۡ نَعۡلَمُ اَنَّكَ يَضِيۡقُ صَدۡرُكَ

جاڻندا. ۽ اسين ڄاڻون ٿا تہ تنهنجي تنگ ٿئي ٿي دل

بِمَا يَقُوۡلُوۡنَ ﴿٩٧﴾ فَسَبِّحۡ بِحَمۡدِ رَبِّكَ وَكُنۡ مِّنَ

انهن جي ڳالهين کان. پوءِ تون پڙهہ تعريف پنهنجي رب جي ۽ هُج

ع ٢٠ ٦

السّٰجِدِيۡنَ ﴿٩٨﴾ وَاعۡبُدۡ رَبَّكَ حَتّٰى يَاۡتِيَكَ الۡيَقِيۡنُ ﴿٩٩﴾

سجدي ڪندڙن مان. ۽ عبادت ڪندو رهہ پنهنجي رب جي جيستائين اچي تو وٽ يقين (موت).

سُوۡرَةُ النَّحۡلِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مِائَةٌ وَّثَمَانٌ وَّعِشۡرُوۡنَ اٰيَةً وَّسِتَّةَ عَشَرَ رُكُوۡعًا

سورة نحل مڪي آهي ۽ اها هڪ سو اٺاويهہ آيتون ۽ سورهن رڪوع آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله باجهاري مهربان جي نالي سان.

اَتٰۤى اَمۡرُ اللّٰهِ فَلَا تَسۡتَعۡجِلُوۡهُ ؕ سُبۡحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى

آيو حڪم الله جو پوءِ تڪڙ نہ ڪريو ان ۾. اهو پاڪ آهي ۽ مٿاهون آهي

عَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ ﴿١﴾ يُنَزِّلُ الۡمَلٰٓئِكَةَ بِالرُّوۡحِ مِنۡ

ان کان جو شريڪ ٿا ڪن. لاهي ٿو ملائڪن کي وحي سان پنهنجي

اَمۡرِهٖ عَلٰى مَنۡ يَّشَآءُ مِنۡ عِبَادِهٖۤ اَنۡ اَنۡذِرُوۡۤا

ارادي سان جنهن تي گهري پنهنجي ٻانهن مان تہ خبردار ڪريو

اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّاۤ اَنَا فَاتَّقُوۡنِ ﴿٢﴾ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ

تہ ناهي ڪنهن جي بندگي سواءِ منهنجي پوءِ مون کان ڊڄو. پيدا ڪيائين آسمانن ۽

الْأَرْضَ بِالْحَقِّ ۚ تَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٣﴾ خَلَقَ

زمين کي حق سان، مٿاهون آهي انهن کان جو شريڪ ٿا ڪن. پيدا ڪيائين

الْاِنْسَانَ مِنْ نُّطْفَةٍ فَاِذَا هُوَ خَصِيْمٌ مُّبِيْنٌ ﴿٤﴾

انسان کي قطري مان پوءِ اوچتو اهو آهي جهگڙو ڪندڙ ظاهر.

وَالْاَنْعَامَ خَلَقَهَا ۚ لَكُمْ فِيْهَا دِفْءٌ وَّمَنَافِعُ وَمِنْهَا

۽ چوپاين کي پيدا ڪيائين توهان لاءِ انهن ۾ آهي گرم اوڇڻ ۽ گهڻا فائدا ۽ ڪن مان

تَاْكُلُوْنَ ﴿٥﴾ وَلَكُمْ فِيْهَا جَمَالٌ حِيْنَ تُرِيْحُوْنَ وَ

کائو ٿا. ۽ توهان لاءِ آهي انهن ۾ زيب جڏهن ڪاهي ٿا اچو ۽

حِيْنَ تَسْرَحُوْنَ ﴿٦﴾ وَتَحْمِلُ اَثْقَالَكُمْ اِلٰى بَلَدٍ لَّمْ

جڏهن چاريو ٿا. ۽ کڻن ٿا بار توهان جا انهي شهر ڏانهن جو نه

تَكُوْنُوْا بٰلِغِيْهِ اِلَّا بِشِقِّ الْاَنْفُسِ ۚ اِنَّ رَبَّكُمْ لَرَءُوْفٌ

ٿيو ها پهچندڙ اتي مگر جيءَ کي جفا ڏيڻ سان، بيشڪ توهان جو رب نرمي ڪندڙ

رَّحِيْمٌ ﴿٧﴾ وَّالْخَيْلَ وَالْبِغَالَ وَالْحَمِيْرَ لِتَرْكَبُوْهَا

مهربان آهي. ۽ پيدا ڪيائين گهوڙا ۽ خچر ۽ گڏهه جئن چڙهو انهن تي

وَزِيْنَةً ۚ وَيَخْلُقُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٨﴾ وَعَلَى اللّٰهِ

۽ ڏيک ويک لاءِ، ۽ پيدا ڪندو انکي جيڪي توهان نه ٿا ڄاڻو. ۽ الله ڏانهن آهي

قَصْدُ السَّبِيْلِ وَمِنْهَا جَآئِرٌ ۚ وَلَوْ شَآءَ لَهَدٰىكُمْ

وچٿرو رستو ۽ انهن مان ڪي ڏنگا آهن ۽ جيڪڏهن اهو گهري ها ته سڌي راهه ڏي ها توهان

ع ٩ ٧

أَجْمَعِينَ ﴿٩﴾ هُوَ الَّذِي أَنْزَلَ مِنَ السَّمَاءِ مَاءً لَكُمْ

سيني کي. اهوئي آهي جنهن لاٿو آسمان مان پاڻي توهان لاءِ

مِنْهُ شَرَابٌ وَمِنْهُ شَجَرٌ فِيهِ تُسِيمُونَ ﴿١٠﴾ يُنْبِتُ

ان مان پيئو ٿا ۽ ان مان ئي وڻ ٿين ٿا جن ۾ مال ٿا چاريو. ڦٽائي ٿو

لَكُمْ بِهِ الزَّرْعَ وَالزَّيْتُونَ وَالنَّخِيلَ وَالْأَعْنَابَ

توهان لاءِ ان سان پوک ۽ زيتون ۽ کجيون ۽ انگور

وَمِنْ كُلِّ الثَّمَرَاتِ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَةً لِقَوْمٍ

۽ هر قسم جا ميوا، بيشڪ انهيءَ ۾ نشاني آهي انهن ماڻهن لاءِ

يَتَفَكَّرُونَ ﴿١١﴾ وَسَخَّرَ لَكُمُ اللَّيْلَ وَالنَّهَارَ وَالشَّمْسَ

جيڪي سوچين ٿا. ۽ ڪم لاتائين توهان لاءِ رات ۽ ڏينهن کي ۽ سج

وَالْقَمَرَ وَالنُّجُومُ مُسَخَّرَاتٌ بِأَمْرِهِ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ

۽ چنڊ کي، ۽ ستارا به ڪم ڪندڙ آهن ان جي حڪم سان، بيشڪ انهيءَ ۾

لَآيَاتٍ لِقَوْمٍ يَعْقِلُونَ ﴿١٢﴾ وَمَا ذَرَأَ لَكُمْ فِي

نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي سمجهن ٿا. ۽ جيڪي پيدا ڪيائين توهان لاءِ

الْأَرْضِ مُخْتَلِفًا أَلْوَانُهُ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَةً لِقَوْمٍ

ڌرتي ۾ جدا جدا آهن رنگ انهن جا، بيشڪ انهيءَ ۾ نشاني آهي انهن ماڻهن لاءِ

يَذَّكَّرُونَ ﴿١٣﴾ وَهُوَ الَّذِي سَخَّرَ الْبَحْرَ لِتَأْكُلُوا مِنْهُ

جيڪي ڌيان ڪن ٿا. ۽ اهوئي آهي جنهن تابع ڪيو سمنڊ کي جئن کائو ان مان

لَحْمًا طَرِيًّا وَّتَسْتَخْرِجُوْا مِنْهُ حِلْيَةً تَلْبَسُوْنَهَا وَ
گوشت تازو ۽ ڪڍو انهيءَ مان زيور جن کي پايو ٿا، ۽
تَرَى الْفُلْكَ مَوَاخِرَ فِيْهِ وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَ
ڏسين ٿو ٻيڙيون چيريندڙ ان ۾ ۽ جئين تلاش ڪريو ان جي فضل مان ۽
لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٤﴾ وَاَلْقٰى فِي الْاَرْضِ رَوَاسِيَ
جيئن شڪر ڪريو. ۽ وڌائين ڌرتي ۾ جبل
اَنْ تَمِيْدَ بِكُمْ وَاَنْهٰرًا وَّسُبُلًا لَّعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٥﴾
متان لوڏي توهان کي ۽ نهرون ۽ رستا جئين توهان سڌا هلو.
وَعَلٰمٰتٍ وَبِالنَّجْمِ هُمْ يَهْتَدُوْنَ ﴿١٦﴾ اَفَمَنْ يَّخْلُقُ
۽ نشانيون، ۽ ستارن سان اهي رستا لهندا آهن. ڇا پوءِ جيڪو پيدا ڪري ٿو
كَمَنْ لَّا يَخْلُقُ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿١٧﴾ وَاِنْ تَعُدُّوْا
ان جهڙو آهي جيڪو نه پيدا ڪري، پوءِ ڇو نٿا سمجهو. ۽ جيڪڏهن شمار ڪندؤ
نِعْمَةَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا اِنَّ اللّٰهَ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٨﴾
الله جي نعمتن کي ته نه ڳڻي سگهندؤ انهنکي، الله بخشيندڙ مهربان آهي.
وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُسِرُّوْنَ وَمَا تُعْلِنُوْنَ ﴿١٩﴾ وَالَّذِيْنَ
۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪي لڪايو ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪريو ٿا. ۽ جن کي
يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَا يَخْلُقُوْنَ شَيْئًا وَّهُمْ
سڏيو ٿا الله کان سواءِ اهي نه ٿا پيدا ڪن ڪا شيءِ ۽ اهي پاڻ

يُخْلَقُوْنَ ﴿٢٠﴾ اَمْوَاتٌ غَيْرُ اَحْيَآءٍ ۚ وَمَا يَشْعُرُوْنَ

پيدا ڪيا ويا آهن. اهي مُئل آهن ناهن جيئرا، ۽ نہ ٿا ڄاڻن

اَيَّانَ يُبْعَثُوْنَ ﴿٢١﴾ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَالَّذِيْنَ لَا

نہ ڪڏهن اُٿاريا ويندا. معبود توهان جو خُدا هڪڙو آهي، پوءِ جيڪي نہ

يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ قُلُوْبُهُمْ مُّنْكِرَةٌ وَّهُمْ

ٿا يقين رکن آخرت تي دِليون انهن جون انڪار ڪندڙ آهن ۽ اهي

مُّسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٢٢﴾ لَا جَرَمَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ

پاڻ پڏائيندڙ آهن. سچي ڳالهہ تہ الله ڄاڻي ٿو جيڪي لڪائن ٿا

وَمَا يُعْلِنُوْنَ ۭ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْتَكْبِرِيْنَ ﴿٢٣﴾ وَ

۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا. بيشڪ اهو نہ ٿو پسند ڪري وڏائي خورن کي.

اِذَا قِيْلَ لَهُمْ مَّاذَآ اَنْزَلَ رَبُّكُمْ ۙ قَالُوْٓا اَسَاطِيْرُ

جڏهن چئجي ٿو انهن کي ڇا نازل ڪيو آهي توهان جي پروردگار، چون ٿا آکاڻيون

الْاَوَّلِيْنَ ﴿٢٤﴾ لِيَحْمِلُوْٓا اَوْزَارَهُمْ كَامِلَةً يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ۙ

اڳين جون. جيئن کڻن پنهنجا بار پورا ڏينهن قيامت ۾

وَمِنْ اَوْزَارِ الَّذِيْنَ يُضِلُّوْنَهُمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۭ اَلَا سَآءَ

۽ بار انهن جا پڻ جن کي گمراهہ ٿا ڪن جهالت جي ڪري، خبردار بڇڙو آهي

مَا يَزِرُوْنَ ﴿٢٥﴾ قَدْ مَكَرَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَاَتَى

جيڪو بار کڻن ٿا. دغا ڪري چڪا آهن جيڪي انهن کان اڳ هئا پوءِ آيو

اللّٰهُ بُنْيَانَهُمْ مِّنَ الْقَوَاعِدِ فَخَرَّ عَلَيْهِمُ السَّقْفُ

الله انهن جي اڏاوتن کي پيڙهه کان پوءِ ڪري پيئي انهن جي ڇت

مِنْ فَوْقِهِمْ وَاَتٰىهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا

انهن جي مٿان ۽ آيو انهن تي عذاب اتان ڪان جو

يَشْعُرُوْنَ ﴿٢٦﴾ ثُمَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يُخْزِيْهِمْ وَيَقُوْلُ اَيْنَ

پروڙ ئي نه پين. پوءِ قيامت ڏينهن خوار ڪندو انهن کي ۽ چوندو ڪٿي آهن

شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تُشَآقُّوْنَ فِيْهِمْ ۭ قَالَ

منهنجا شريڪ اهي جو توهان ضد ڪندا هئا انهن بابت، چوندا

الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ اِنَّ الْخِزْيَ الْيَوْمَ وَالسُّوْۗءَ عَلَي

اهي جنکي ڏنو ويو علم بيشڪ اڄ خواري ۽ خرابي آهي

الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٧﴾ الَّذِيْنَ تَتَوَفّٰىهُمُ الْمَلٰۗىِٕكَةُ ظَالِمِيْٓ

انهن ڪافرن تي. جن جو ساهه ڪيدندا ملائڪ اهڙي حالت ۾ جو ظلم ڪندڙ

اَنْفُسِهِمْ ۠ فَاَلْقَوُا السَّلَمَ مَا كُنَّا نَعْمَلُ مِنْ سُوْۗءٍ ۭ

هئا پاڻ تي پوءِ اهي پيش ڪندا صلح کي ته اسان ڪانه ڪئي هئي ڪا برائي،

بَلٰٓى اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٨﴾ فَادْخُلُوْٓا

هائو بيشڪ الله ڄاڻندڙ آهي جيڪي اوهين ڪندا هئا. پوءِ داخل ٿيو

اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ فَلَبِئْسَ مَثْوَى

دروازن دوزخ جي ۾ رهندڙ هميشه ان ۾. پوءِ البت بڇڙي آهي جاءِ

الْمُتَكَبِّرِينَ ﴿٢٩﴾ وَقِيلَ لِلَّذِينَ اتَّقَوْا مَاذَا أَنْزَلَ

متڪبرن جي. ۽ چيو ويو پرهيزگارن کي ڇاکي نازل ڪيو

رَبُّكُمْ ۚ قَالُوا خَيْرًا ۗ لِلَّذِينَ أَحْسَنُوا فِي هَٰذِهِ الدُّنْيَا

توهان جي رب، چيائون ڀلي ڳالهه کي، جن چڱائي ڪئي هن دنيا ۾ (تن لاءِ)

حَسَنَةٌ ۚ وَلَدَارُ الْآخِرَةِ خَيْرٌ ۚ وَلَنِعْمَ دَارُ

چڱائي آهي، ۽ گهر آخرت جو تمام ڀلو آهي، ۽ ڏاڍي ڀلي آهي جاءِ

الْمُتَّقِينَ ﴿٣٠﴾ جَنَّاتُ عَدْنٍ يَدْخُلُونَهَا تَجْرِي مِنْ

پرهيزگارن جي. باغ آهن هميشه رهڻ لاءِ جن ۾ داخل ٿيندا وهن ٿيون

تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ ۖ لَهُمْ فِيهَا مَا يَشَاءُونَ ۚ كَذَٰلِكَ

انهن جي هيٺان واهيون انهن لاءِ اُتي آهي جيڪي گهرندا، اهڙي طرح

يَجْزِي اللَّهُ الْمُتَّقِينَ ﴿٣١﴾ الَّذِينَ تَتَوَفَّاهُمُ الْمَلَائِكَةُ

بدلو ڏيندو الله پرهيزگارن کي. اهي جن جو ساهه قبض ڪن ٿا ملائڪ اهڙي حال

طَيِّبِينَ ۙ يَقُولُونَ سَلَامٌ عَلَيْكُمُ ادْخُلُوا الْجَنَّةَ بِمَا

۾ جو خوش ٿيندڙ آهن چوندن سلام هجي توهان تي داخل ٿيو جنت ۾ جو

كُنْتُمْ تَعْمَلُونَ ﴿٣٢﴾ هَلْ يَنْظُرُونَ إِلَّا أَنْ تَأْتِيَهُمُ

توهان عمل ڪندا هئا. نٿا انتظار ڪن ڪافر مگر هي ته اچن انهن ڏانهن

الْمَلَائِكَةُ أَوْ يَأْتِيَ أَمْرُ رَبِّكَ ۚ كَذَٰلِكَ فَعَلَ الَّذِينَ

ملائڪ يا اچي حڪم تنهنجي رب جو، اِئين ئي ڪيو هئو انهن

مِنْ قَبْلِهِمْ ۗ وَمَا ظَلَمَهُمُ اللّٰهُ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ
جي کانئن اڳ هئا، ۽ نہ ظلم ڪيو انهن تي الله پر پنهنجو پاڻ تي

يَظْلِمُوْنَ ﴿٣٣﴾ فَاَصَابَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا عَمِلُوْا وَحَاقَ
ظلم ڪندا هئا. پوءِ پهتي انهن کي سزا سندن بڇڙن ڪمن جي ۽ اٿلي پيو

بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٣٤﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ
انهن تي اهو جنهن ڳالهه تي ٺٺوليون ڪندا هئا. ۽ چيو انهن جن

اَشْرَكُوْا لَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا عَبَدْنَا مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ
شرڪ ڪيو جيڪڏهن گهري ها الله ته نه پوڄا ڪريون ها انهي کان سواءِ

شَيْءٍ نَّحْنُ وَلَآ اٰبَآؤُنَا وَلَا حَرَّمْنَا مِنْ دُوْنِهٖ
ڪنهن جي اسان ۽ اسان جا ابا ڏاڏا ۽ نڪي حرام ڪريون ها ان جي چوڻ کانسواءِ

مِنْ شَيْءٍ ۗ كَذٰلِكَ فَعَلَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۚ
ڪا شيءِ، ائين ئي ڪيو هئو انهن جيڪي کانئن اڳ هئا،

فَهَلْ عَلَى الرُّسُلِ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿٣٥﴾ وَلَقَدْ
پوءِ ناهي رسولن تي مگر پيغام پهچائڻ پڌرو. ۽ اسان

بَعَثْنَا فِيْ كُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلًا اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَ
موڪليا سون هر قوم ۾ رسول ته عبادت ڪريو الله جي ۽

اجْتَنِبُوا الطَّاغُوْتَ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ هَدَى اللّٰهُ وَ
پري ٿيو هر باطل کان، پوءِ انهن مان ڪن کي هدايت ڪئي الله ۽

مِنْهُمْ مَّنْ حَقَّتْ عَلَيْهِ الضَّلٰلَةُ ؕ فَسِيْرُوْا فِي
انهن مان ڪي آهن ثابت ٿي جن تي گمراهي، پوءِ گهمو
جَدِيْدًا ﴿٩٨﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِيْ خَلَقَ

نئين سر. ڇا نه ڏٺو اٿن ته الله اهو آهي جنهن پيدا ڪيو

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ قَادِرٌ عَلٰٓى اَنْ يَّخْلُقَ مِثْلَهُمْ
آسمانن ۽ زمين کي قادر آهي جو پيدا ڪري انهن جهڙا پيا
وَجَعَلَ لَهُمْ اَجَلًا لَّا رَيْبَ فِيْهِ ؕ فَاَبَى الظّٰلِمُوْنَ
۽ ڪيائين انهن لاءِ هڪ وقت جنهن ۾ شڪ ناهي، پوءِ انڪار ڪيو ظالمن
اِلَّا كُفُوْرًا ﴿٩٩﴾ قُلْ لَّوْ اَنْتُمْ تَمْلِكُوْنَ خَزَآئِنَ رَحْمَةِ رَبِّيْٓ
رکو بي شڪري. چؤ جيڪڏهن توهان مالڪ هجو ها منهنجي رب جي رحمت جي خزانن جا
اِذًا لَّاَمْسَكْتُمْ خَشْيَةَ الْاِنْفَاقِ ؕ وَكَانَ
ته ضرور بند رکو ها کپائي ڇڏڻ جي خوف کان، ۽ آهي
ع ١١ ٧ ١١ الْاِنْسَانُ قَتُوْرًا ﴿١٠٠﴾ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى تِسْعَ اٰيٰتٍ
انسان تنگ دل. ۽ اسان ڏنيون موسىٰ کي نو نشانيون
بَيِّنٰتٍ فَسْئَلْ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِذْ جَآءَهُمْ فَقَالَ
چٽيون پوءِ تون پڇ بني اسرائيل کان جڏهن آيو انهن وٽ ته چيو
لَهٗ فِرْعَوْنُ اِنِّيْ لَاَظُنُّكَ يٰمُوْسٰى مَسْحُوْرًا ﴿١٠١﴾ قَالَ
انهيءَ کي فرعون آءٌ ڀانيان ٿو توکي اي موسىٰ جادو ڪيل. فرمايائين
لَقَدْ عَلِمْتَ مَآ اَنْزَلَ هٰٓؤُلَآءِ اِلَّا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ
تون ڄاڻين ٿو ته نه لاٿيون آهن هي نشانيون مگر رب آسمانن ۽
الْاَرْضِ بَصَآئِرَ ۚ وَاِنِّيْ لَاَظُنُّكَ يٰفِرْعَوْنُ مَثْبُوْرًا ﴿١٠٢﴾
زمين جي ظاهر دليل ڪري ۽ آءٌ سمجهان ٿو توکي اي فرعون تباهه ٿيندڙ.

فَاَرَادَ اَنْ يَّسْتَفِزَّهُمْ مِّنَ الْاَرْضِ فَاَغْرَقْنٰهُ وَمَنْ
پوءِ ارادو ڪيائين ته پريشان ڪري انهن کي ملڪ مان پوءِ ٻوڙيوسون انکي ۽ جيڪي
مَّعَهٗ جَمِيْعًا ﴿١٠٣﴾ وَّقُلْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ لِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ
انهيءَ سان گڏ هئا سمورا. ۽ چيوسون ان کان بعد بني اسرائيل کي
اسْكُنُوا الْاَرْضَ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ جِئْنَا بِكُمْ
توهان رهو ملڪ ۾ پوءِ جڏهن ايندو وعدو آخرت جو آڻينداسون توهان کي
لَفِيْفًا ﴿١٠٤﴾ وَبِالْحَقِّ اَنْزَلْنٰهُ وَبِالْحَقِّ نَزَلَ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ
گڏي سڏي. ۽ حق سان نازل ڪيوسون قرآن کي ۽ حق سان لٿو، ۽ نه موڪليوسون توکي
اِلَّا مُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ﴿١٠٥﴾ وَقُرْاٰنًا فَرَقْنٰهُ لِتَقْرَاَهٗ عَلَى
مگر خوشخبري ڏيندڙ ۽ خوف ڀڏائيندڙ. ۽ قرآن کي ڌار ڌار ڪيوسون جئن تون پڙهين اهو
النَّاسِ عَلٰى مُكْثٍ وَّنَزَّلْنٰهُ تَنْزِيْلًا ﴿١٠٦﴾ قُلْ اٰمِنُوْا بِهٖٓ
ماڻهن تي دير سان ۽ نازل ڪيوسون انهي کي درجي بدرجي. چؤ توهان مڃيو انکي
اَوْ لَا تُؤْمِنُوْا اِنَّ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ مِنْ قَبْلِهٖٓ
يا نه مڃيو، بيشڪ جن کي ڏنو ويو آهي علم انهيءَ کان اڳ ۾
اِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ يَخِرُّوْنَ لِلْاَذْقَانِ سُجَّدًا ﴿١٠٧﴾ وَّ
جڏهن تلاوت ڪئي وڃي ٿي انهن تي ته ڪري پوندا آهن منهن ڀر سجدي ۾. ۽
يَّقُوْلُوْنَ سُبْحٰنَ رَبِّنَآ اِنْ كَانَ وَعْدُ رَبِّنَا لَمَفْعُوْلًا ﴿١٠٨﴾
چوندا آهن پاڪ آهي اسانجو پروردگار بيشڪ آهي وعدو اسانجي رب جو پورو ٿيل.

السجدة
وَيَخِرُّوْنَ لِلْاَذْقَانِ يَبْكُوْنَ وَيَزِيْدُهُمْ خُشُوْعًا ﴿١٠٩﴾
۽ ڪِرندا آهن ڪاڏين پر روئندي ۽ وڌائي ٿو انهن جي عاجزي کي .
قُلِ ادْعُوا اللّٰهَ اَوِ ادْعُوا الرَّحْمٰنَ ۭ اَيًّا مَّا تَدْعُوْا فَلَهُ
چئو سڏيو الله کي يا سڏيو رحمان کي. جنهن به سڏيو پوءِ انهيءَ جا
الْاَسْمَاۗءُ الْحُسْنٰى ۚ وَلَا تَجْهَرْ بِصَلَاتِكَ وَلَا تُخَافِتْ
سڀ نالا سهڻا آهن. ۽ نه ڏاڍيان پڙهه پنهنجي نماز ۽ نه هوريان پڙهه
بِهَا وَابْتَغِ بَيْنَ ذٰلِكَ سَبِيْلًا ﴿١١٠﴾ وَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ
اها ۽ وٺ وچترو رستو. ۽ سڀ تعريفون الله جون آهن
الَّذِيْ لَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَّلَمْ يَكُنْ لَّهٗ شَرِيْكٌ فِي الْمُلْكِ
جو نه ٺاهي اولاد ۽ ناهي ان جو ڪو شريڪ ملڪ ۾
ع ١٢ ١١ ١٢ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ وَلِيٌّ مِّنَ الذُّلِّ وَكَبِّرْهُ تَكْبِيْرًا ﴿١١١﴾
۽ ناهي ان جو ڪوئي مددگار ڪمزوري کان ۽ وڌائي بيان ڪر انهيءَ جي تمام وڏو وڏائي.

سُوْرَةُ الْكَهْفِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مِائَةٌ وَّعَشْرُ اٰيَاتٍ وَّفِيْهَا اِثْنَا عَشَرَ رُكُوْعًا

سورت ڪهف مڪي آهي ۽ اها هڪ سؤ ڏهه آيتون ۽ ٻارهن رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان .

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ عَلٰي عَبْدِهِ الْكِتٰبَ وَلَمْ
سڀ تعريف الله لاءِ آهي جنهن نازل ڪيو پنهنجي ٻانهي تي ڪتاب ۽ نه

يَجْعَلْ لَّهٗ عِوَجًا ۜ ﴿١﴾ قَيِّمًا لِّيُنْذِرَ بَاْسًا شَدِيْدًا

ڪيائين ان ۾ ڪو ورڪڙ. بالڪل سڌو جيئن ڊيڄاري عذاب سخت کان

مِّنْ لَّدُنْهُ وَيُبَشِّرَ الْمُؤْمِنِيْنَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ

پنهنجي طرفان ۽ خوشخبري ڏئي ايمان وارن کي جيڪي ڪندا آهن

الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ اَجْرًا حَسَنًا ﴿٢﴾ مَّاكِثِيْنَ فِيْهِ

چڱا ڪم ته انهن لاءِ آهي اجر سٺو. رهندا ان ۾

اَبَدًا ﴿٣﴾ وَّيُنْذِرَ الَّذِيْنَ قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ﴿٤﴾ مَا

هميشه. ۽ خوف ڏياري انهن کي جن چيو ته ورتو آهي الله پٽ. ڪانهي

لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ وَّلَا لِاٰبَآئِهِمْ ۭ كَبُرَتْ كَلِمَةً تَخْرُجُ

انهن کي ان جي ڪا خبر ۽ نڪي سندن ابن ڏاڏن کي. وڏي آهي اها ڳالهه جا نڪري ٿي

مِنْ اَفْوَاهِهِمْ ۭ اِنْ يَّقُوْلُوْنَ اِلَّا كَذِبًا ﴿٥﴾ فَلَعَلَّكَ

انهن جي واتن مان، نه ٿا ڳالهائن مگر ڪوڙ. سو شايد تون

بَاخِعٌ نَّفْسَكَ عَلٰٓي اٰثَارِهِمْ اِنْ لَّمْ يُؤْمِنُوْا بِهٰذَا

هلاڪ ڪندين پنهنجي سر کي انهن جي پٺيان جيڪڏهن اهي نه مڃين هن

الْحَدِيْثِ اَسَفًا ﴿٦﴾ اِنَّا جَعَلْنَا مَا عَلَي الْاَرْضِ زِيْنَةً

ڳالهه کي ارمان ڪندي. اسان بڻايو سون ان کي جيڪي ڌرتي مٿان آهي سينگار

لَّهَا لِنَبْلُوَهُمْ اَيُّهُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ﴿٧﴾ وَاِنَّا لَجٰعِلُوْنَ

ان جو جيئن آزمايون انهن کي ته ڪهڙا آهن نيڪوڪار. ۽ اسان ئي ڪندڙ آهيون

مَا عَلَيْهَا صَعِيدًا جُرُزًا ۝٨ اَمْ حَسِبْتَ اَنَّ اَصْحٰبَ
جيڪي انهيءَ تي آهي ميدان صاف. ڇا تو سمجھيو آهي ته صاحب
الْكَهْفِ وَالرَّقِيْمِ كَانُوْا مِنْ اٰيٰتِنَا عَجَبًا ۝٩ اِذْ اَوَى
غار جا ۽ رقيم وارا اسان جي قدرتن مان عجيب آهن. جڏهن پناه ورتي
الْفِتْيَةُ اِلَى الْكَهْفِ فَقَالُوْا رَبَّنَآ اٰتِنَا مِنْ لَّدُنْكَ
جوانن غار ۾ پوءِ چيائون اي رب اسان جا ڪر اسان تي پنهنجي طرفان
رَحْمَةً وَّهَيِّئْ لَنَا مِنْ اَمْرِنَا رَشَدًا ۝١٠ فَضَرَبْنَا عَلٰٓى
ٻاجهه ۽ تيار ڪر اسان لاءِ اسان جي ڪم ۾ آساني. پوءِ هنيا سون
اٰذَانِهِمْ فِى الْكَهْفِ سِنِيْنَ عَدَدًا ۝١١ ثُمَّ بَعَثْنٰهُمْ
انهن جي ڪنن تي پردا غار ۾ ڪيترا ئي سال. پوءِ اٿاريوسون انهن کي
لِنَعْلَمَ اَيُّ الْحِزْبَيْنِ اَحْصٰى لِمَا لَبِثُوْٓا اَمَدًا ۝١٢ ع
جيئن ڄاڻون ته ٻن ٽولن مان ڪهڙي ڳڻيو آهي پنهنجي رهڻ جو وقت.
نَحْنُ نَقُصُّ عَلَيْكَ نَبَاَهُمْ بِالْحَقِّ اِنَّهُمْ فِتْيَةٌ اٰمَنُوْا
اسان پڌ ايون ٿا توکي خبر انهن جي پوري. ته اهي اهڙا جوان هئا جن ايمان آندو هو
بِرَبِّهِمْ وَزِدْنٰهُمْ هُدًى ۝١٣ وَّرَبَطْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ
پنهنجي پالڻهار تي ۽ اسان وڌائي هئي انهن جي سمجهه. ۽ ڏاڍو ڪيوسون انهن جي دلين کي
اِذْ قَامُوْا فَقَالُوْا رَبُّنَا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ لَنْ
جڏهن اٿيا ته چيائون اسان جو رب آهي رب آسمانن ۽ زمين جو هرگز نه

تَّدْعُوَاْ مِن دُونِهِۦٓ إِلَٰهًا ۖ لَّقَدْ قُلْنَآ إِذًا شَطَطًا ﴿١٤﴾

سڏينداسون انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوئي نه ته ڳالهايو سون تڏهن عقل کان پري.

هَٰٓؤُلَآءِ قَوْمُنَا ٱتَّخَذُواْ مِن دُونِهِۦٓ ءَالِهَةً ۖ لَّوْلَا

اها اسانجي قوم آهي جن بڻايا الله کان سواءِ ٻيا خدا. ڇو نه

يَأْتُونَ عَلَيْهِم بِسُلْطَٰنٍۭ بَيِّنٍ ۖ فَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنِ

ٿا آڻين انهن تي ڪو دليل پڌرو، پوءِ ڪير وڌيڪ ظالم آهي ان کان جيڪو

ٱفْتَرَىٰ عَلَى ٱللَّهِ كَذِبًا ﴿١٥﴾ وَإِذِ ٱعْتَزَلْتُمُوهُمْ وَمَا

ٿا ڻهي الله تي ڪوڙ. ۽ جڏهن پاسيرا ٿيا آهيو انهن کان ۽ جن جي

يَعْبُدُونَ إِلَّا ٱللَّهَ فَأْوُۥٓاْ إِلَى ٱلْكَهْفِ يَنشُرْ لَكُمْ رَبُّكُم

عبادت ڪن ٿا الله کانسواءِ پوءِ هلي ويهو غار ۾ ته پکيڙيندو توهان لاءِ توهانجو رب

مِّن رَّحْمَتِهِۦ وَيُهَيِّئْ لَكُم مِّنْ أَمْرِكُم مِّرْفَقًا ﴿١٦﴾ وَ

پنهنجي رحمت ۽ تيار ڪندو توهان لاءِ توهان جي ڪم ۾ آساني. ۽

تَرَى ٱلشَّمْسَ إِذَا طَلَعَت تَّزَٰوَرُ عَن كَهْفِهِمْ ذَاتَ

تون ڏسندين سج کي جڏهن اُڀري ٿو ته لڙي ٿو انهن جي غار کان طرف

ٱلْيَمِينِ وَإِذَا غَرَبَت تَّقْرِضُهُمْ ذَاتَ ٱلشِّمَالِ وَهُمْ

ساڄي ۽ جڏهن لهي ٿو ته ڪتي ٿو انهنکي طرف کاٻي ۽ اهي آهن

فِى فَجْوَةٍ مِّنْهُ ۚ ذَٰلِكَ مِنْ ءَايَٰتِ ٱللَّهِ ۗ مَن يَهْدِ

اڱڻ ۾ ان جي. اهو نظارو الله جي قدرتن مان آهي، جنهنکي هدايت ڪري



اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ وَلِيًّا

الله ته اهو هدايت وارو آهي، ۽ جنهنکي گمراه ڪري ته نه لهندين تون انجو ڪوئي ساٿي

مُّرْشِدًا ۝١٧ وَتَحْسَبُهُمْ اَيْقَاظًا وَّهُمْ رُقُوْدٌ ۖ ۗ وَّ

رهبر. ۽ تون سمجهندين انهنکي جاڳندڙ (هوڏانهن) اهي سُتل آهن ۽

نُقَلِّبُهُمْ ذَاتَ الْيَمِيْنِ وَذَاتَ الشِّمَالِ ۖ ۗ وَكَلْبُهُمْ

اٿلايون ٿا انهنکي طرف ساڄي ۽ طرف کابي ۽ سندن ڪتو

بَاسِطٌ ذِرَاعَيْهِ بِالْوَصِيْدِ ۭ لَوِ اطَّلَعْتَ عَلَيْهِمْ

پکيڙيون وينو آهي پنهنجون ٻانهون در تي، جي تون ليئو پائين انهن ڏانهن

لَوَلَّيْتَ مِنْهُمْ فِرَارًا وَّلَمُلِئْتَ مِنْهُمْ رُعْبًا ۝١٨ وَكَذٰلِكَ

ته پٺي ڏئي ڀڄين انهن کان ۽ ڀرجي وڃين انهن کان دهشت ۾. ۽ ائين ئي

بَعَثْنٰهُمْ لِيَتَسَاۗءَلُوْا بَيْنَهُمْ ۭ قَالَ قَاۗىِٕلٌ مِّنْهُمْ

اٿاريوسون انهنکي جيئن پڇا ڳاڇا ڪن پاڻ ۾، ڳالهايو هڪڙي انهن مان

كَمْ لَبِثْتُمْ ۭ قَالُوْا لَبِثْنَا يَوْمًا اَوْ بَعْضَ يَوْمٍ ۭ قَالُوْا

ڪيترو ترسيا آهيو، چيائون ترسيا آهيون ڏينهن يا حصو ڏينهن جو، چيائون

رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَا لَبِثْتُمْ ۭ فَابْعَثُوْٓا اَحَدَكُمْ بِوَرِقِكُمْ

رب توهانجو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيترو رهيا آهيو، پوءِ موڪليو پاڻ مان هڪڙي کي پنهنجي سڪي

هٰذِهٖٓ اِلَى الْمَدِيْنَةِ فَلْيَنْظُرْ اَيُّهَآ اَزْكٰى طَعَامًا

هن سان شهر ڏانهن پوءِ ڏسي ته ڪهڙو آهي پاڪ کاڌو

فَلْيَأْتِكُمْ بِرِزْقٍ مِّنْهُ وَلْيَتَلَطَّفْ وَلَا يُشْعِرَنَّ

پوءِ آڻي توهان لاءِ کاڌو ان مان ۽ سوچي سمجهي ۽ نه پتو ڏئي

بِكُمْ أَحَدًا ١٩ إِنَّهُمْ إِن يَظْهَرُوا عَلَيْكُمْ يَرْجُمُوكُمْ

توهان جو ڪنهين کي. اهي جيڪڏهن واقف ٿيندا توهان تي ته پٿر هڻندا توهان کي

أَوْ يُعِيدُوكُمْ فِي مِلَّتِهِمْ وَلَن تُفْلِحُوا إِذًا أَبَدًا ٢٠

يا موٽائيندا توهان کي پنهنجي مذهب ۾ ۽ هرگز نه ڇٽي سگهندؤ تنهن وقت ڪڏهن به

وَكَذَٰلِكَ أَعْثَرْنَا عَلَيْهِمْ لِيَعْلَمُوا أَنَّ وَعْدَ اللَّهِ

۽ اهڙي طرح واقف ڪرايوسون انهن تي جئن ماڻهو ڄاڻن ته وعدو الله جو

حَقٌّ وَأَنَّ السَّاعَةَ لَا رَيْبَ فِيهَا إِذْ يَتَنَازَعُونَ

سچو آهي ۽ بيشڪ قيامت ناهي ڪو شڪ ان ۾ جڏهن ماڻهو جهڳڙو پيا ڪن

بَيْنَهُمْ أَمْرَهُمْ فَقَالُوا ابْنُوا عَلَيْهِم بُنْيَانًا رَّبُّهُمْ

پاڻ ۾ پنهنجي ڳالهه تي پوءِ چيائون اڏيو انهن تي ڪا جاءِ انهن جو رب

أَعْلَمُ بِهِمْ قَالَ الَّذِينَ غَلَبُوا عَلَىٰ أَمْرِهِمْ لَنَتَّخِذَنَّ

وڌيڪ ڄاڻي ٿو انهن کي، چيو انهن جيڪي اڳرا هئا پنهنجي ڪم ۾ ته ٺاهينداسون

عَلَيْهِم مَّسْجِدًا ٢١ سَيَقُولُونَ ثَلَاثَةٌ رَّابِعُهُمْ كَلْبُهُمْ

انهن وٽ مسجد. (جهو چوندا) اهي ٽي آهن چوٿون انهن جو ڪتو آهي،

وَيَقُولُونَ خَمْسَةٌ سَادِسُهُمْ كَلْبُهُمْ رَجْمًا بِالْغَيْبِ

۽ ڪي چوندا ته پنج آهن ڇهون انهن جو ڪتو آهي ڇنڊيندي اڻ ڏٺي کي،

نصف القرآن بعدد الحروف الی حرف ت من کلمه ولیتلطف

وَيَقُوۡلُوۡنَ سَبۡعَةٌ وَّثَامِنُهُمۡ كَلۡبُهُمۡ ؕ قُلۡ رَّبِّىۡۤ اَعۡلَمُ
۽ ڪي چوندا ته ست آهن ۽ اٺون انهن جو ڪتو آهي، تون چؤ منهنجو رب بهتر ڄاڻي ٿو
بِعِدَّتِهِمۡ مَّا يَعۡلَمُهُمۡ اِلَّا قَلِيۡلٌ ۥ قف فَلَا تُمَارِ فِيۡهِمۡ اِلَّا
انهن جي عدد کي نٿا ڄاڻ رکن انهن جي مگر ٿورا، پوءِ نه ڪر بحث انهن بابت مگر
مِرَآءً ظَاهِرًا ۖ وَّلَا تَسۡتَفۡتِ فِيۡهِمۡ مِّنۡهُمۡ اَحَدًا ﴿٢٢﴾ ع
بحث مٿاڇرو ۽ نه پڇا ڪر انهن جي هنن مان ڪنهين کان.
وَلَا تَقُوۡلَنَّ لِشَاىۡءٍ اِنِّىۡ فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ﴿٢٣﴾ لا اِلَّاۤ
۽ نه چئجان ۽ ڪنهن ڪم لاءِ ته آءٌ ڪندس اهو سڀاڻي. مگر
اَنۡ يَّشَآءَ اللّٰهُ ۚ وَاذۡكُرۡ رَّبَّكَ اِذَا نَسِيۡتَ وَقُلۡ
هي ته جي گهري الله ۽ سنڀال پنهنجي رب کي جڏهن وسارين ۽ چؤ
عَسٰۤى اَنۡ يَّهۡدِيَنِ رَبِّىۡ لِاَقۡرَبَ مِنۡ هٰذَا
اميد آهي ته ڏيکاريندو مونکي منهنجو رب وڌيڪ ويجهي انهيءَ کان
رَشَدًا ﴿٢٤﴾ وَلَبِثُوۡا فِىۡ كَهۡفِهِمۡ ثَلٰثَ مِائَةٍ سِنِيۡنَ
چڱي راهه. ۽ اُهي رهيا پنهنجي غار ۾ ٽي سؤ سال
وَازۡدَادُوۡا تِسۡعًا ﴿٢٥﴾ قُلِ اللّٰهُ اَعۡلَمُ بِمَا لَبِثُوۡا ۚ ج لَهٗ
۽ وڌيڪ رهيا نو ورهيه. چؤ الله گهڻو ڄاڻي ٿو جيترو رهيا، انهي وٽ آهي
غَيۡبُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ اَبۡصِرۡ بِهٖ وَاَسۡمِعۡ ؕ مَا
ڳجهه آسمانن ۽ زمين جو، اهو واهه جو ڏسي ٿو ۽ واهه جو ٻڌي ٿو، نه آهي

لَهُمۡ مِّنۡ دُوۡنِهٖ مِنۡ وَّلِيٍّ ۫ وَّلَا يُشۡرِكُ فِيۡ حُكۡمِهٖۤ

انهن لاءِ ان کانسواءِ ڪوئي مددگار ۽ نه تو شريڪ ڪري پنهنجي حڪومت ۾

اَحَدًا ﴿٢٦﴾ وَاتۡلُ مَاۤ اُوۡحِيَ اِلَيۡكَ مِنۡ كِتَابِ رَبِّكَ ۗ لَا

ڪنهين کي. ۽ پڙهه جيڪي وحي موڪليو ويو توڏانهن تنهنجي رب جي ڪتاب مان ناهي

مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ ۚ وَلَنۡ تَجِدَ مِنۡ دُوۡنِهٖ مُلۡتَحَدًا ﴿٢٧﴾

ڪوئي بدلائيندڙ ان جي قولن کي، ۽ هرگز نه لهندين تون انهيءَ کانسواءِ ڪا جاءِ پناهه.

وَاصۡبِرۡ نَفۡسَكَ مَعَ الَّذِيۡنَ يَدۡعُوۡنَ رَبَّهُمۡ بِالۡغَدٰوةِ

۽ بند ڪر پنهنجو پاڻ کي گڏ انهن سان جيڪي سڏين ٿا پنهنجي رب کي صبح

وَالۡعَشِيِّ يُرِيۡدُوۡنَ وَجۡهَهٗ وَلَا تَعۡدُ عَيۡنٰكَ عَنۡهُمۡ ۚ

۽ شام چاهين ٿا انهيءَ جو رضامندو ۽ نه ڦرن تنهنجون نگاهون انهن کان

تُرِيۡدُ زِيۡنَةَ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ۚ وَلَا تُطِعۡ مَنۡ

چاهين تو رونق دنيا جي زندگي جي، ۽ نه چيو وٺ ان جو

اَغۡفَلۡنَا قَلۡبَهٗ عَنۡ ذِكۡرِنَا وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ وَكَانَ

جنهنجي دل کي غافل ڪيوسون پنهنجي ذڪر کان ۽ اهو ڪيو لڳو پنهنجي خواهش کي ۽ آهي

اَمۡرُهٗ فُرُطًا ﴿٢٨﴾ وَقُلِ الۡحَقُّ مِنۡ رَّبِّكُمۡ ۖ فَمَنۡ شَآءَ

ڪم انهيءَ جو حد کان لنگهيل. ۽ چئو ته حق آيل آهي توهان جي رب کان، پوءِ جيڪو چاهي

فَلۡيُؤۡمِنۡ وَّمَنۡ شَآءَ فَلۡيَكۡفُرۡ ۚ اِنَّاۤ اَعۡتَدۡنَا

مڃي ۽ جيڪو چاهي نه مڃي، بيشڪ اسان تيار ڪئي آهي

لِلظّٰلِمِيْنَ نَارًا اَحَاطَ بِهِمْ سُرَادِقُهَا ؕ وَاِنْ يَّسْتَغِيْثُوْا

ظالمن لاءِ باھ ويڙهي ويندا انهن کي ان جا پردا، ۽ جيڪڏهن رڙ ڪندا پاڻي لاءِ

يُغَاثُوْا بِمَآءٍ كَالْمُهْلِ يَشْوِي الْوُجُوْهَ ؕ بِئْسَ الشَّرَابُ ؕ وَ

ته ملندن پاڻي جهڙو ٽامو پگهريل، پچيندو منهن کي، ڏاڍو بڇڙو آهي اهو پاڻي، ۽

سَآءَتْ مُرْتَفَقًا ﴿٢٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

بري آهي جاءِ آرام جي. بيشڪ جن ايمان آندو ۽ ڪيا چڱا ڪم

اِنَّا لَا نُضِيْعُ اَجْرَ مَنْ اَحْسَنَ عَمَلًا ﴿٣٠﴾ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ

اسين نه وڃائينداسون ثواب ان جو جنهن ڀلو ڪم ڪيو. انهن لاءِ آهن

جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهٰرُ يُحَلَّوْنَ

باغ ٽڪڻ لاءِ وهنديون انهن هيٺان واهيون پارايا ويندا

فِيْهَا مِنْ اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّيَلْبَسُوْنَ ثِيَابًا خُضْرًا

اتي ڪنگڻ سون جا ۽ پهريندا ڪپڙا ساوا

مِّنْ سُنْدُسٍ وَّاِسْتَبْرَقٍ مُّتَّكِـِٕيْنَ فِيْهَا عَلَى

سنهي پٽ جا ۽ ٿلهي ريشم جا ٽيڪون ڏيندڙ هوندا اتي

الْاَرَآئِكِ ؕ نِعْمَ الثَّوَابُ ؕ وَحَسُنَتْ مُرْتَفَقًا ﴿٣١﴾ وَ

پلنگن تي، تمام ڀلو آهي بدلو، ۽ ڀلي آهي جاءِ آرام جي - ۽

اضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلًا رَّجُلَيْنِ جَعَلْنَا لِاَحَدِهِمَا

ٻڌاءِ انهن کي مثال ٻن ماڻهن جو ڏناسون ٻنهي مان هڪڙي کي

جَنَّتَيۡنِ مِنۡ اَعۡنَابٍ وَّحَفَفۡنٰهُمَا بِنَخۡلٍ وَّجَعَلۡنَا

ٻه باغ انگورن جا ۽ اسان کين چوڌاري انهن کجين ۽ ڪئي سون

بَيۡنَهُمَا زَرۡعًا ﴿٣٢﴾ كِلۡتَا الۡجَنَّتَيۡنِ اٰتَتۡ اُكُلَهَا وَلَمۡ

ٻنهي ۾ اندر پوک، ٻنهي باغن ڏنو ڦل پنهنجو ۽ نه

تَظۡلِمۡ مِّنۡهُ شَيۡـئًا ۙ وَّفَجَّرۡنَا خِلٰلَهُمَا نَهَرًا ﴿٣٣﴾ وَّكَانَ لَهٗ

گهٽايائون ان مان ڪجهه به ۽ وهايو سون انهن جي وچ ۾ واهه. ۽ هيو ان لاءِ

ثَمَرٌ ۚ فَقَالَ لِصَاحِبِهٖ وَهُوَ يُحَاوِرُهٗۤ اَنَا اَكۡثَرُ مِنۡكَ

ميوو، پوءِ چيائين پنهنجي سنگتي کي جڏهن ڳالهائي پيو ان سان آءٌ گهڻو آهيان توکان

مَالًا وَّاَعَزُّ نَفَرًا ﴿٣٤﴾ وَدَخَلَ جَنَّتَهٗ وَهُوَ ظَالِمٌ

مال ۾ ۽ عزت وارو همراهن ۾. ۽ گهڙيو پنهنجي باغ ۾ هو ڏانهن ظلم ڪندڙ هئو

لِّنَفۡسِهٖ ۚ قَالَ مَاۤ اَظُنُّ اَنۡ تَبِيۡدَ هٰذِهٖۤ اَبَدًا ۙ ﴿٣٥﴾ وَّمَاۤ

پاڻ لاءِ، چيائين آءٌ نه ٿو ڀانيان ته ويران ٿيندو هي باغ ڪڏهن به. ۽ نه

اَظُنُّ السَّاعَةَ قَآئِمَةً ۙ وَّلَئِنۡ رُّدِدۡتُّ اِلٰى رَبِّىۡ

ٿو ڀانيان ته قيامت قائم ٿيندي ۽ جيڪڏهن رجوع ڪيو ويو موٽي پنهنجي رب ڏانهن

لَاَجِدَنَّ خَيۡرًا مِّنۡهَا مُنۡقَلَبًا ﴿٣٦﴾ قَالَ لَهٗ صَاحِبُهٗ

ته ضرور لهندس ان کان بهتر جڳهه. چيو ان کي سندس سائي

وَهُوَ يُحَاوِرُهٗۤ اَكَفَرۡتَ بِالَّذِىۡ خَلَقَكَ مِنۡ تُرَابٍ

جڏهن اهو ڳالهائي پيو ته ڇا تون منڪر ٿيو آهين انهيءَ جو جنهن پيدا ڪيو توکي مٽيءَ مان

ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ سَوّٰىكَ رَجُلًا ﴿٣٧﴾ لٰكِنَّا۠ هُوَ اللّٰهُ

پوءِ قطري مان پوءِ بڻايائين توکي ماڻهو پر آءٌ چوان ٿو ته اهوئي الله

رَبِّيْ وَلَآ اُشْرِكُ بِرَبِّيْٓ اَحَدًا ﴿٣٨﴾ وَلَوْلَآ اِذْ دَخَلْتَ

منهنجو رب آهي ۽ آءٌ نه ٿو شريڪ ڪريان پنهنجي رب سان ڪنهن کي. ۽ ڇو نه جڏهن داخل ٿئين

جَنَّتَكَ قُلْتَ مَا شَآءَ اللّٰهُ ۙ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۚ اِنْ

پنهنجي باغ ۾ چيئي ته جيڪي گهري الله ناهي طاقت مگر الله جي، جيڪڏهن

تَرَنِ اَنَا اَقَلَّ مِنْكَ مَالًا وَّوَلَدًا ﴿٣٩﴾ ۚ فَعَسٰى رَبِّيْٓ اَنْ

تون ڏسين ٿو مونکي ته آءٌ گهٽ آهيان توکان مال ۽ اولاد ۾. پوءِ اميد آهي ته منهنجو رب

يُّؤْتِيَنِ خَيْرًا مِّنْ جَنَّتِكَ وَيُرْسِلَ عَلَيْهَا حُسْبَانًا

ڏئي مونکي بهتر تنهنجي باغ کان ۽ موڪلي انهيءَ تي ڪا آفت

مِّنَ السَّمَآءِ فَتُصْبِحَ صَعِيْدًا زَلَقًا ﴿٤٠﴾ ۙ اَوْ يُصْبِحَ مَآؤُهَا

آسمان مان پوءِ ٿي وڃي ميدان صاف. يا ٿي وڃي پاڻي ان جو

غَوْرًا فَلَنْ تَسْتَطِيْعَ لَهٗ طَلَبًا ﴿٤١﴾ وَاُحِيْطَ بِثَمَرِهٖ

هيٺ پوءِ هرگز نه سگهين تون انکي ڳولي. ۽ پئجي وئي آفت ان جي ڦل تي

فَاَصْبَحَ يُقَلِّبُ كَفَّيْهِ عَلٰى مَآ اَنْفَقَ فِيْهَا وَهِيَ

پوءِ صبح سان مهٽي پيو پنهنجا هٿ انهيءَ تي جو خرچ ڪيائين ان ۾ ۽ اهو

خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا وَيَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ لَمْ اُشْرِكْ

اونڌو پيو هئو پنهنجي پيهن تي ۽ چوڻ پيو هاءِ افسوس نه شريڪ ڪريان ها

القرآن الكريم ترجمو حضرت مولانا عبدالكريم قريشي (بير شريف)

بِرَبِّيْٓ اَحَدًا ﴿٤٢﴾ وَلَمْ تَكُنْ لَّهٗ فِئَةٌ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ

پنهنجي رب سان ڪنهين کي. ۽ نه هئو انکي ڪو جٿو جو مدد ڪن انهيءَ جي

دُوْنِ اللّٰهِ وَمَا كَانَ مُنْتَصِرًا ﴿٤٣﴾ هُنَالِكَ الْوَلَايَةُ

الله کان سواءِ ۽ نه هئو ڪو بدلو وٺندڙ. اتي حڪومت

لِلّٰهِ الْحَقِّ ۭ هُوَ خَيْرٌ ثَوَابًا وَّخَيْرٌ عُقْبًا ﴿٤٤﴾ ع وَاضْرِبْ

الله سچي جي آهي، ان جو اجر ڀلو آهي ۽ ان جو بدلو ڀلو آهي. ۽ ٻڌاءِ

لَهُمْ مَّثَلَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَاۗءٍ اَنْزَلْنٰهُ مِنَ السَّمَاۗءِ

انهنکي مثال دنيا جي حياتي جو ان پاڻيءَ جهڙو آهي جنهنکي اسان لاٿو آسمان مان

فَاخْتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ الْاَرْضِ فَاَصْبَحَ هَشِيْمًا

پوءِ گڏجن ٿا انهيءَ سان سلا ڌرتي جا پوءِ ٿي پون ٿا ذرا ذرا

تَذْرُوْهُ الرِّيٰحُ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ مُّقْتَدِرًا ﴿٤٥﴾

اڏارن ٿيون انکي هوائون ۽ الله آهي هر شيءِ تي قدرت وارو.

اَلْمَالُ وَالْبَنُوْنَ زِيْنَةُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَالْبٰقِيٰتُ

ملڪيت ۽ پٽ سينگار آهن دنيا جي حياتيءَ جو، ۽ رهندڙ

الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّخَيْرٌ اَمَلًا ﴿٤٦﴾

نيڪيون بهتر آهن تنهنجي رب وٽ ثواب لاءِ ۽ بهتر آهن اميد لاءِ.

وَيَوْمَ نُسَيِّرُ الْجِبَالَ وَتَرَى الْاَرْضَ بَارِزَةً ۙ وَّ

۽ جنهن ڏينهن هلائينداسون جبلن کي ۽ ڏسندين ڌرتيءَ کي کليل ۽

حَشَرْنٰهُمْ فَلَمْ نُغَادِرْ مِنْهُمْ اَحَدًا ﴿٤٧﴾ وَعُرِضُوْا عَلٰى
گڏ ڪندا سون انهن مان ڪنهن کي. ۽ پيش ڪيا ويندا تنهنجي پوءِ نه ڇڏيندا سون اُنهن مان ڪنهن کي ۔

رَبِّكَ صَفًّا ۭ لَقَدْ جِئْتُمُوْنَا كَمَا خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍۢ
رب وٽ قطار ٻڌائي، توهان اچي ويا آهيو اسان وٽ جيئن پيدا ڪيو سون توهان کي پهرين ڀيري

بَلْ زَعَمْتُمْ اَلَّنْ نَّجْعَلَ لَكُمْ مَّوْعِدًا ﴿٤٨﴾ وَوُضِعَ
پر اوهين ڀائيندا هئا ته اسان هرگز نه ڪندا سون توهان لاءِ ڪو انجام. ۽ رکيو ويندو

الْكِتٰبُ فَتَرَى الْمُجْرِمِيْنَ مُشْفِقِيْنَ مِمَّا فِيْهِ وَ
دفتر پوءِ ڏسندين ڏوهارين کي ڊڄندڙ ان کان جيڪي ان ۾ آهي ۽

يَقُوْلُوْنَ يٰوَيْلَتَنَا مَالِ هٰذَا الْكِتٰبِ لَا يُغَادِرُ صَغِيْرَةً
چوندا هاءِ افسوس ڪهڙو آهي هي دفتر نه ٿو رهائي ننڍي ڳالهه

وَّلَا كَبِيْرَةً اِلَّآ اَحْصٰىهَا ۚ وَوَجَدُوْا مَا عَمِلُوْا حَاضِرًا ۭ
۽ نڪي وڏي مگر ڳڻي ٿو انهي کي، ۽ ڏسندا جيڪي عمل ڪيا ٿون سامهون،

ع ٦ ٥ ١٨ وَلَا يَظْلِمُ رَبُّكَ اَحَدًا ﴿٤٩﴾ وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰۗىِٕكَةِ اسْجُدُوْا
۽ نه ظلم ڪندو تنهنجو رب ڪنهين تي. ۽ جڏهين چيوسون ملائڪن کي ته سجدو ڪريو

لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ۭ كَانَ مِنَ الْجِنِّ
آدم ڏانهن پوءِ سجدو ڪيائون مگر ابليس، اهو هئو جنن مان

فَفَسَقَ عَنْ اَمْرِ رَبِّهٖ ۭ اَفَتَتَّخِذُوْنَهٗ وَذُرِّيَّتَهٗٓ
پوءِ نڪري ويو الله جي حڪم کان، ڇا پوءِ توهان وٺو ٿا انکي ۽ انجي اولاد کي

اَوۡلِيَآءَ مِنۡ دُوۡنِيۡ وَهُمۡ لَكُمۡ عَدُوٌّ ؕ بِئۡسَ لِلظّٰلِمِيۡنَ

دوست ڪري مون کان سواءِ ۽ اهي آهن توهان جا دشمن، بڇڙو آهي ظالمن لاءِ

بَدَلًا ﴿٥٠﴾ مَاۤ اَشۡهَدۡتُّهُمۡ خَلۡقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ

بدلو. مون نه ڏيکاريو هو انهن کي پيدا ڪرڻ آسمانن ۽ زمين جو

وَلَا خَلۡقَ اَنۡفُسِهِمۡ ۪ وَمَا كُنۡتُ مُتَّخِذَ الۡمُضِلِّيۡنَ

۽ نه پيدا ڪرڻ سندن نفسن جو، ۽ نه آهيان آءٌ وٺندڙ گمراهن کي

عَضُدًا ﴿٥١﴾ وَيَوۡمَ يَقُوۡلُ نَادُوۡا شُرَكَآءِيَ الَّذِيۡنَ

مددگار ڪري، ۽ جنهن ڏينهن فرمائيندو سڏيو منهنجي شريڪن کي جن کي

زَعَمۡتُمۡ فَدَعَوۡهُمۡ فَلَمۡ يَسۡتَجِيۡبُوۡا لَهُمۡ وَجَعَلۡنَا

توهان ڀائيندا هئا پوءِ اهي سڏيندا انهن کي ته اهي جواب نه ڏيندا انهن کي ۽ ڪنداسون

بَيۡنَهُمۡ مَّوۡبِقًا ﴿٥٢﴾ وَرَاَ الۡمُجۡرِمُوۡنَ النَّارَ فَظَنُّوۡۤا

انهن جي وچ ۾ هلاڪت جي جڳهه. ۽ ڏسندا ڏوهاري باه کي پوءِ ڀائيندا

اَنَّهُمۡ مُّوَاقِعُوۡهَا وَلَمۡ يَجِدُوۡا عَنۡهَا مَصۡرِفًا ﴿٥٣﴾ ع وَ

تحقيق پوڻو آهي ان ۾ ۽ نه لهندا ان کان موٽڻ جي واهه. ۽

لَقَدۡ صَرَّفۡنَا فِيۡ هٰذَا الۡقُرۡاٰنِ لِلنَّاسِ مِنۡ كُلِّ

بيشڪ دهرايو سي هن قرآن ۾ ماڻهن لاءِ هر

مَثَلٍ ؕ وَكَانَ الۡاِنۡسَانُ اَكۡثَرَ شَيۡءٍ جَدَلًا ﴿٥٤﴾ وَمَا

مثال، ۽ آهي انسان سڀ ڪنهن کان وڌيڪ جهڳڙالو ۽ نه

مَنَعَ النَّاسَ أَنْ يُؤْمِنُوٓا إِذْ جَآءَهُمُ الْهُدٰى وَ

روڪيو ماڻهن کي جو ايمان آڻين جڏهن آئي انهن وٽ هدايت ۽

يَسْتَغْفِرُوا رَبَّهُمْ إِلَّآ أَنْ تَأْتِيَهُمْ سُنَّةُ الْأَوَّلِينَ أَوْ

گناهه بخشائين پنهنجي رب کان مگر هن ڳالهه ته اچي انهن وٽ طرح اڳين جي يا

يَأْتِيَهُمُ الْعَذَابُ قُبُلًا ﴿٥٥﴾ وَمَا نُرْسِلُ الْمُرْسَلِينَ

اچي انهن وٽ عذاب سامهون. ۽ نه ٿا موڪليون رسولن کي

إِلَّا مُبَشِّرِينَ وَمُنْذِرِينَ ۚ وَيُجَادِلُ الَّذِينَ كَفَرُوا

مگر خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري، ۽ جهڳڙو ڪن ٿا ڪافر

بِالْبَاطِلِ لِيُدْحِضُوا بِهِ الْحَقَّ وَاتَّخَذُوٓا آيٰتِي وَمَآ

ڪوڙ تي جئن ترڪائن انهي سان حق کي ۽ ورتائون منهنجي آيتن کي ۽ انهن جي

أُنْذِرُوا هُزُوًا ﴿٥٦﴾ وَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنْ ذُكِّرَ بِآيٰتِ رَبِّهِ

ڊيڄارڻ کي مسخري ڪري ۽ ڪير وڌيڪ ظالم آهي انهي کان جنهن کي سمجهايو ويو آيتون سندس رب جون

فَأَعْرَضَ عَنْهَا وَنَسِيَ مَا قَدَّمَتْ يَدَاهُ ۚ إِنَّا جَعَلْنَا

پوءِ منهن موڙي انهن کان ۽ وساري ڇڏي جيڪي موڪليو انهن جي هٿن، بيشڪ اسان ڪيا سون

عَلٰى قُلُوبِهِمْ أَكِنَّةً أَنْ يَفْقَهُوهُ وَفِيٓ آذَانِهِمْ وَقْرًا ۖ

انهن جي دلين تي پردا ان جي سمجهڻ کان ۽ سندن ڪنن ۾ بوڙاڻ ۽

وَإِنْ تَدْعُهُمْ إِلَى الْهُدٰى فَلَنْ يَهْتَدُوٓا إِذًا

۽ جيڪڏهن سڏ ڏيندين انهن کي هدايت ڏانهن ته هرگز نه ايندا هدايت تي انهيءَ وقت

أَبَدًا ﴿٥٧﴾ وَرَبُّكَ الْغَفُورُ ذُو الرَّحْمَةِ ۖ لَوْ يُؤَاخِذُهُم بِمَا
كڏهين به. ۽ تنهنجو رب بخشڻهار ٻاجهارو آهي، جيڪڏهن وٺي ڪري انهن کي
كَسَبُوا لَعَجَّلَ لَهُمُ الْعَذَابَ ۚ بَل لَّهُم مَّوْعِدٌ لَّن
سندن ڪئي تي ته جلد موڪلي ها عذاب، پر انهن لاءِ وقت ڏنل آهي هرگز نه
يَجِدُوا مِن دُونِهِ مَوْئِلًا ﴿٥٨﴾ وَتِلْكَ الْقُرَىٰ أَهْلَكْنَاهُمْ
لهندا ان کان پريان پوءِ ٽڪارو. ۽ اهي ڳوٺ هلاڪ ڪيوسون انهن کي
لَمَّا ظَلَمُوا وَجَعَلْنَا لِمَهْلِكِهِم مَّوْعِدًا ﴿٥٩﴾ وَإِذْ قَالَ
جڏهن ظالم ٿيا ۽ ڪيوسون انهن جي هلاڪت لاءِ وقت مقرر. ۽ جڏهن چيو
مُوسَىٰ لِفَتَاهُ لَا أَبْرَحُ حَتَّىٰ أَبْلُغَ مَجْمَعَ الْبَحْرَيْنِ
موسىٰ پنهنجي همراهه کي ته رهندس جيستائين پهچان ٻن درياءن جي ميلاپ تي
أَوْ أَمْضِيَ حُقُبًا ﴿٦٠﴾ فَلَمَّا بَلَغَا مَجْمَعَ بَيْنِهِمَا نَسِيَا
يا هلندو رهان ڪورُ ڪا نون. پوءِ جڏهن ٻئي پهتا ٻنهي جي ميلاپ تي ته وساريائون
حُوتَهُمَا فَاتَّخَذَ سَبِيلَهُ فِي الْبَحْرِ سَرَبًا ﴿٦١﴾ فَلَمَّا
پنهنجي مڇي پوءِ ورتو انهيءَ پنهنجو رستو درياءَ ۾ سرنگهه ناهي. پوءِ جڏهن
جَاوَزَا قَالَ لِفَتَاهُ آتِنَا غَدَاءَنَا لَقَدْ لَقِينَا مِن
اڳتي هليا چيائين پنهنجي همراهه کي آڻ اسان وٽ ڪاڏو اسان جو اسان ڏٺي آهي
سَفَرِنَا هَٰذَا نَصَبًا ﴿٦٢﴾ قَالَ أَرَأَيْتَ إِذْ أَوَيْنَا إِلَى
پنهنجي هن سفر ۾ ٿڪاوت. چيائين ڇا تون ڏٺو جڏهن ويٺا هئاسون

الصَّخْرَةِ فَإِنِّي نَسِيتُ الْحُوتَ وَمَآ أَنْسٰنِيهُ إِلَّا

پٿر وٽ ته مون وساري ڇڏي مڇي ۽ نه ويسرائي مون کان اها مگر

الشَّيْطٰنُ أَنْ أَذْكُرَهُ وَاتَّخَذَ سَبِيلَهُ فِي الْبَحْرِ

شيطان جو ڳالهه ڪريان ان جي ۽ ورتائين دڳ پنهنجو درياءَ ۾

عَجَبًا ﴿٦٣﴾ قَالَ ذٰلِكَ مَا كُنَّا نَبْغِ فَارْتَدَّا عَلٰٓى

عجيب نموني. فرمايائين اهوئي آهي جنهن جي ڳولا پيا ڪريون پوءِ موٽيا هئي

اٰثَارِهِمَا قَصَصًا ﴿٦٤﴾ فَوَجَدَا عَبْدًا مِّنْ عِبَادِنَآ

پنهنجن ريڌن تي جاچيندي. پوءِ لڌائون هڪ ماڻهو اسان جي ٻانهن مان

اٰتَيْنٰهُ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا وَعَلَّمْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّا

جنهن کي ڏني هئي سون رحمت پنهنجي طرفان ۽ سيکاريو هئوسون ان کي پنهنجو

عِلْمًا ﴿٦٥﴾ قَالَ لَهُ مُوسٰى هَلْ أَتَّبِعُكَ عَلٰٓى أَنْ

علم. چيو ان کي موسىٰ ڇا هلان آءٌ توسان هن لاءِ ته

تُعَلِّمَنِ مِمَّا عُلِّمْتَ رُشْدًا ﴿٦٦﴾ قَالَ إِنَّكَ لَنْ

سيکارين مون کي انهي ۾ مان جيڪو سيکاريو ويو توکي علم. چيائين تون هرگز نه

تَسْتَطِيعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٦٧﴾ وَكَيْفَ تَصْبِرُ عَلٰى مَا لَمْ

ڪري سگهندين مون سان گڏ صبر. ۽ ڪيئن صبر ڪندين اهڙي شيءِ تي جو نه آهي

تُحِطْ بِهِ خُبْرًا ﴿٦٨﴾ قَالَ سَتَجِدُنِيٓ إِنْ شَآءَ اللّٰهُ

تنهنجي وس ۾ انکي سمجهڻ. چيائين تون لهندين مون کي جيڪڏهن گهريو الله

صَابِرًا وَّلَآ اَعْصِيْ لَكَ اَمْرًا ﴿٦٩﴾ قَالَ فَاِنِ

صبر وارو ۽ نه برخلافي ڪندم تنهنجي حڪم جي - چيائين جيڪڏهن

اتَّبَعْتَنِيْ فَلَا تَسْـَٔلْنِيْ عَنْ شَيْءٍ حَتّٰٓى اُحْدِثَ

هلين تو مون سان ته نه پڇا ڪجانءِ ڪنهن شيءِ جي جيسين آءٌ پڌايان

لَكَ مِنْهُ ذِكْرًا ﴿٧٠﴾ فَانْطَلَقَا حَتّٰٓى اِذَا رَكِبَا فِي

توکي ان جو بيان. پوءِ روانا ٿيا، آخر جڏهن چڙهيا

السَّفِيْنَةِ خَرَقَهَا قَالَ اَخَرَقْتَهَا لِتُغْرِقَ اَهْلَهَا

ٻيڙي ۾ ته ڀڳائين ان کي، چيائين ڇا ڀڳو اٿيئي ان کي جيئن ٻوڙين ان جي سوارين کي،

لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا اِمْرًا ﴿٧١﴾ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ اِنَّكَ لَنْ

البت توکيو آهي ڪم اڻ ڏٺو. چيائين ڇا مون نه چيو هئو ته تون نه

تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٧٢﴾ قَالَ لَا تُؤَاخِذْنِيْ بِمَا

ڪري سگهندين مون سان گڏ صبر. چيائين نه وٺ ڪر مونکي منهنجي

نَسِيْتُ وَلَا تُرْهِقْنِيْ مِنْ اَمْرِيْ عُسْرًا ﴿٧٣﴾ فَانْطَلَقَا

وسيرتي ۽ نه پهچاءِ مونکي منهنجي ڪم ۾ سختي. پوءِ ٻئي هليا،

حَتّٰٓى اِذَا لَقِيَا غُلٰمًا فَقَتَلَهٗ قَالَ اَقَتَلْتَ نَفْسًا

تان جو جڏهن مليا هڪ ڇوڪر سان ته ماري وڌائين ان کي چيائين ڇا تو ماريو هڪ ماڻهو

زَكِيَّةًۢ بِغَيْرِ نَفْسٍ لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا نُّكْرًا ﴿٧٤﴾

بي ڏوهي کي بنا عوض، بيشڪ توکيو ڪم خراب.

قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ

چيائين ڇا نه چيو هو مون توکي ته تون نه ڪري سگهندين مون سان گڏ

صَبْرًا ﴿٧٥﴾ قَالَ اِنْ سَاَلْتُكَ عَنْ شَيْءٍ بَعْدَهَا فَلَا

صبر. چيائين جيڪڏهن آءٌ توکان پڇا ڪريان ڪجهه به هن کان پوءِ ته نه

تُصٰحِبْنِيْ ۚ قَدْ بَلَغْتَ مِنْ لَّدُنِّيْ عُذْرًا ﴿٧٦﴾

گڏ رکجانءِ موکي، بيشڪ تون پهتين منهنجي طرفان لاچار ڪي.

فَانْطَلَقَا ٚ حَتّٰٓى اِذَآ اَتَيَآ اَهْلَ قَرْيَةِ ِۨ اسْتَطْعَمَآ

پوءِ ٻئي هليا، آخر آيا هڪ ڳوٺ وارن وٽ کاڌو گهريائون

اَهْلَهَا فَاَبَوْا اَنْ يُّضَيِّفُوْهُمَا فَوَجَدَا فِيْهَا جِدَارًا

اتي وارن کان پوءِ انڪار ڪيائون انهن جي مهماني ڪرڻ کان پوءِ لڌائون اُتي هڪ ڀت

يُّرِيْدُ اَنْ يَّنْقَضَّ فَاَقَامَهٗ ۭ قَالَ لَوْ شِئْتَ لَتَّخَذْتَ

جا ڪرڻ تي هئي پوءِ سڌو ڪيائين انکي، چيو موسىٰ جي چاهين ها وٺين ها

عَلَيْهِ اَجْرًا ﴿٧٧﴾ قَالَ هٰذَا فِرَاقُ بَيْنِيْ وَبَيْنِكَ ۚ

ان تي مزدوري. چيائين هاڻي جدائي آهي منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾،

سَاُنَبِّئُكَ بِتَاْوِيْلِ مَا لَمْ تَسْتَطِعْ عَّلَيْهِ صَبْرًا ﴿٧٨﴾ اَمَّا

اجهو ٻڌايان ٿو توکي راز ان جو نه ڪري سگهيو تو جنهن تي صبر. پر اها

السَّفِيْنَةُ فَكَانَتْ لِمَسٰكِيْنَ يَعْمَلُوْنَ فِي الْبَحْرِ

ٻيڙي ته هئي غريبن جي جيڪي ڌنڌو ڪندا هئا درياءَ ۾

فَاَرَدْتُّ اَنْ اَعِيْبَهَا وَكَانَ وَرَآءَهُمْ مَّلِكٌ يَّاْخُذُ

پوءِ مون گھريو تہ نقص ڪريان انهي ۾ ۽ انهن جي پويان هڪ بادشاهه هئو جو وٺي پيو

كُلَّ سَفِيْنَةٍ غَصْبًا ﴿٧٩﴾ وَاَمَّا الْغُلٰمُ فَكَانَ اَبَوٰهُ

هر ٻيڙي بيگر ۾ . ۽ پر ڇوڪرو پوءِ هئا ماءُ پيءُ انجا

مُؤْمِنَيْنِ فَخَشِيْنَآ اَنْ يُّرْهِقَهُمَا طُغْيَانًا وَّكُفْرًا ﴿٨٠﴾

ايمان وارا پوءِ ڊناسون تہ رسائي ٻنهي کي بي فرماني ۽ ڪفر تي .

فَاَرَدْنَآ اَنْ يُّبْدِلَهُمَا رَبُّهُمَا خَيْرًا مِّنْهُ زَكٰوةً وَّ

پوءِ ارادو ڪيوسون تہ بدلي ۾ ڏئي انهن کي انهن جو رب ڀلو انهي کان پاڪائي ۾ ۽

اَقْرَبَ رُحْمًا ﴿٨١﴾ وَاَمَّا الْجِدَارُ فَكَانَ لِغُلٰمَيْنِ يَتِيْمَيْنِ

تمام ويجھو ٻاجھ ۾ . ۽ پر ڀت پوءِ هئي ٻن ٻارن يتيمن جي

فِي الْمَدِيْنَةِ وَكَانَ تَحْتَهٗ كَنْزٌ لَّهُمَا وَكَانَ اَبُوْهُمَا

انهي شهر ۾ ۽ هئو ان جي هيٺان خزانو ٻنهي جو ۽ هئو پيءُ انهن جو

صَالِحًا ۚ فَاَرَادَ رَبُّكَ اَنْ يَّبْلُغَآ اَشُدَّهُمَا وَيَسْتَخْرِجَا

چڱو ماڻهو . پوءِ گھريو تنهنجي رب تہ هي ٻئي پهچن پنهنجي جواني کي ۽ ڪوڍي ڪڍن

كَنْزَهُمَا ۖ رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ۚ وَمَا فَعَلْتُهٗ عَنْ اَمْرِيْ ۭ

پنهنجو خزانو مهرباني تنهنجي رب جي سان ، ۽ مون اهو نہ ڪيو ٿي پنهنجي ارادي سان ،

ذٰلِكَ تَاْوِيْلُ مَا لَمْ تَسْطِعْ عَّلَيْهِ صَبْرًا ﴿٨٢﴾ ع وَ

اهو آهي مطلب ان جو نہ ڪري سگھيو تو جنهن تي صبر . ۽

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنْ ذِى الْقَرْنَيْنِ ؕ قُلْ سَاَتْلُوْا عَلَيْكُمْ
پُڇن ٿا توکان ذی القرنين جي خبر، چئو تہ پڙهيان ٿو توهان کي
مِّنْهُ ذِكْرًا ؕ ﴿٨٣﴾ اِنَّا مَكَّنَّا لَهٗ فِى الْاَرْضِ وَ اٰتَيْنٰهُ
انهيءَ جو بيان. بيشڪ اسان بادشاهي ڏني سون انهيءَ کي زمين ۾ ۽ ڏنوسون ان کي
مِنْ كُلِّ شَىْءٍ سَبَبًا ۙ ﴿٨٤﴾ فَاَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٨٥﴾ حَتّٰٓى اِذَا
هر قسم جو سامان. پوءِ هلايائين سامان کي. نيٺ جڏهن
بَلَغَ مَغْرِبَ الشَّمْسِ وَجَدَهَا تَغْرُبُ فِىْ عَيْنٍ
پهتو سج لهڻ واري طرف ڏٺائين انکي تہ لهي ٿو هڪ ڍنڍ
حَمِئَةٍ وَّ وَجَدَ عِنْدَهَا قَوْمًا ؕ قُلْنَا يٰذَا الْقَرْنَيْنِ
ڪاري ۾ ۽ لڌائين اتي ڪن ماڻهن کي، اسان چيوسون اي ذی القرنين
اِمَّآ اَنْ تُعَذِّبَ وَ اِمَّآ اَنْ تَتَّخِذَ فِيْهِمْ حُسْنًا ﴿٨٦﴾
تون انهنکي عذاب ڪرين يا شروع ڪرين انهن ۾ ڪا چڱائي.
قَالَ اَمَّا مَنْ ظَلَمَ فَسَوْفَ نُعَذِّبُهٗ ثُمَّ يُرَدُّ اِلٰى
چيائين جنهن ظلم ڪيو تہ اسان انهي کي سزا ڏينداسون پوءِ موٽايو ويندو
رَبِّهٖ فَيُعَذِّبُهٗ عَذَابًا نُّكْرًا ﴿٨٧﴾ وَ اَمَّا مَنْ اٰمَنَ وَ
پنهنجي رب ڏانهن پوءِ اهو عذاب ڪندو انکي عذاب سخت. پر جنهن ايمان آندو ۽
عَمِلَ صَالِحًا فَلَهٗ جَزَآءَ ۨ الْحُسْنٰى ۚ وَ سَنَقُوْلُ لَهٗ
ڪم ڪيا چڱا تہ انهيءَ لاءِ آهي بدلو ڀلو، ۽ حڪم ڪنداسون انکي

مِنْ اَمْرِنَا يُسْرًا ﴿٨٨﴾ ثُمَّ اَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٨٩﴾ حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ
پنهنجي ڪم ۾ سولو. وري هلايائين سات ڪي. نيث جڏهن پهتو
مَطْلِعَ الشَّمْسِ وَجَدَهَا تَطْلُعُ عَلٰى قَوْمٍ لَّمْ نَجْعَلْ
سج اڀرڻ طرف ڏٺائين انکي ته اڀري پيو اهڙي قوم تي جن کيو هو اسان
لَّهُمْ مِّنْ دُوْنِهَا سِتْرًا ﴿٩٠﴾ كَذٰلِكَ ۚ وَقَدْ اَحَطْنَا بِمَا
انهن لاءِ سج جي اڳيان ڪوئي پردو. اني به اٿين ٿي ٿيو ۽ اسانکي پوري خبر آهي
لَدَيْهِ خُبْرًا ﴿٩١﴾ ثُمَّ اَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٩٢﴾ حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ
جيڪي ان وٽ هئو. وري هلايائين سات ڪي. نيث جڏهن پهتو
بَيْنَ السَّدَّيْنِ وَجَدَ مِنْ دُوْنِهِمَا قَوْمًا ۙ لَّا يَكَادُوْنَ
ٻن جبلن جي وچ ۾ لڌائين انهن جي اڳيان اهڙا ماڻهو جو نه پيا
يَفْقَهُوْنَ قَوْلًا ﴿٩٣﴾ قَالُوْا يٰذَا الْقَرْنَيْنِ اِنَّ يَاْجُوْجَ
سمجهن ڪا ٻولي. چيائون اي ذو القرنين بيشڪ ياجوج
وَمَاْجُوْجَ مُفْسِدُوْنَ فِى الْاَرْضِ فَهَلْ نَجْعَلُ
۽ ماجوج فساد ڪندڙ آهن ملڪ ۾ پوءِ ڇا ادا ڪريون
لَكَ خَرْجًا عَلٰۤى اَنْ تَجْعَلَ بَيْنَنَا وَبَيْنَهُمْ سَدًّا ﴿٩٤﴾
تو لاءِ ڍل هن لاءِ جو ٺاهين تون اسان جي ۽ انهنجي وچ ۾ بند.
قَالَ مَا مَكَّنِّىْ فِيْهِ رَبِّىْ خَيْرٌ فَاَعِيْنُوْنِىْ
چيائين ا جنهن ۾ سگهه ڏني آهي مونکي منهنجي رب زور ڀلي آهي پوءِ مدد ڪريو منهنجي

بِقُوَّةٍ اَجْعَلْ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ رَدْمًا ﴿٩٥﴾ اٰتُوْنِيْ زُبَرَ

محنت سان ته ٺاهيان توهان جي ۽ انهن جي وچ ۾ ديوار. آڻي ڏيو مونکي ٽڪرا

الْحَدِيْدِ ۭ حَتّٰٓى اِذَا سَاوٰى بَيْنَ الصَّدَفَيْنِ قَالَ

لوهه جا، آخر پري سڌو ڪيائين ٻنهي جبلن جي وچ کي چيائين

انْفُخُوْا ۭ حَتّٰٓى اِذَا جَعَلَهٗ نَارًا ۙ قَالَ اٰتُوْنِيْٓ اُفْرِغْ

هاڻ ڦوڪيوس، تان جو جڏهن ڪيائين انکي باهه چيائين آڻيو مون وٽ ته پرٽيان

عَلَيْهِ قِطْرًا ﴿٩٦﴾ فَمَا اسْطَاعُوْٓا اَنْ يَّظْهَرُوْهُ وَمَا

ان تي ٽامو پگهريل. بس پوءِ نه سگهيا چڙهي ان تي ۽ نه

اسْتَطَاعُوْا لَهٗ نَقْبًا ﴿٩٧﴾ قَالَ ھٰذَا رَحْمَةٌ مِّنْ رَّبِّيْ

هٽي سگهيا ان ۾ ڪات. چيائين هيءَ باجهه آهي منهنجي پروردگار جي

فَاِذَا جَاۗءَ وَعْدُ رَبِّيْ جَعَلَهٗ دَكَّاۗءَ ۚ وَكَانَ وَعْدُ

پوءِ جڏهن ايندو وعدو منهنجي رب جو ڪندو انهيءَ کي ذرا ذرا، ۽ آهي وعدو

رَبِّيْ حَقًّا ﴿٩٨﴾ وَتَرَكْنَا بَعْضَهُمْ يَوْمَىِٕذٍ يَّمُوْجُ فِيْ

منهنجي رب جو سچو. ۽ ڇڏينداسون انهن مان هڪڙن کي تنهن ڏينهن ته چوليون هڻندا ايندا

بَعْضٍ وَّنُفِخَ فِي الصُّوْرِ فَجَمَعْنٰهُمْ جَمْعًا ﴿٩٩﴾ وَّعَرَضْنَا

ٻين ۾ ۽ ڦوڪي ويندي صور پوءِ گڏ ڪنداسون انهنکي پوري طرح. ۽ پڌرو ڪنداسون

جَهَنَّمَ يَوْمَىِٕذٍ لِّلْكٰفِرِيْنَ عَرْضَا ﴿١٠٠﴾ الَّذِيْنَ كَانَتْ

دوزخ انهيءَ ڏينهن ڪافرن تي سامهون آڻي. اهي جن جون

أَعْيُنُهُمْ فِي غِطَاءٍ عَن ذِكْرِي وَكَانُوا لَا يَسْتَطِيعُونَ

اکيون هيون پردي ۾ منهنجي ذڪر کان ۽ نڪي اهي سگهندا هئا

سَمْعًا ﴿١٠١﴾ أَفَحَسِبَ الَّذِينَ كَفَرُوا أَن يَتَّخِذُوا

ٻڌي. ڇا پوءِ سمجهيو آهي ڪافرن جو بڻائين

عِبَادِي مِن دُونِي أَوْلِيَاءَ ۚ إِنَّا أَعْتَدْنَا جَهَنَّمَ

منهنجي ٻانهن کي مون کان سواءِ مددگار. اسان تيار ڪيو آهي دوزخ کي

لِلْكَافِرِينَ نُزُلًا ﴿١٠٢﴾ قُلْ هَلْ نُنَبِّئُكُم بِالْأَخْسَرِينَ

ڪافرن جي مهماني لاءِ. تون چؤ ڇا اسان ٻڌايون توهان کي اهي جن جا بيڪار ٿيا

أَعْمَالًا ﴿١٠٣﴾ الَّذِينَ ضَلَّ سَعْيُهُمْ فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا

عمل؟. اهي ئي آهن جن جي ضايع ٿي محنت دنيا جي حياتي ۾

وَهُمْ يَحْسَبُونَ أَنَّهُمْ يُحْسِنُونَ صُنْعًا ﴿١٠٤﴾ أُولَٰئِكَ

۽ اهي سمجهن پيا ته ٻاڻا چڱي ٿا ڪن ڪار. اهي ئي آهن

الَّذِينَ كَفَرُوا بِآيَاتِ رَبِّهِمْ وَلِقَائِهِ فَحَبِطَتْ

جن ڪفر ڪيو پنهنجي رب جي آيتن جو ۽ ان سان ملاقات جو پوءِ برباد ٿيا

أَعْمَالُهُمْ فَلَا نُقِيمُ لَهُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَزْنًا ﴿١٠٥﴾ ذَٰلِكَ

انهن جا عمل پوءِ نه ڪنداسون انهن لاءِ قيامت ڏينهن ڪائي تور. اهو

جَزَاؤُهُمْ جَهَنَّمُ بِمَا كَفَرُوا وَاتَّخَذُوا آيَاتِي وَ

بدلو انهن جو آهي دوزخ جو ڪفر ڪيائون ۽ بڻايائون منهنجي آيتن ۽

رُسُلِيْ هُزُوًا ﴿١٠٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

رسولن کي مسخري. بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا

كَانَتْ لَهُمْ جَنّٰتُ الْفِرْدَوْسِ نُزُلًا ﴿١٠٧﴾ خٰلِدِيْنَ

آهن انهن لاءِ فردوس جا باغ مهماني. هميشه هُتڏا

فِيْهَا لَا يَبْغُوْنَ عَنْهَا حِوَلًا ﴿١٠٨﴾ قُلْ لَّوْ كَانَ الْبَحْرُ

انهن ۾ نه گهُرندا اُتان موٽڻ. تون چؤ جيڪڏهن ٿئي سمنڊ

مِدَادًا لِّكَلِمٰتِ رَبِّيْ لَنَفِدَ الْبَحْرُ قَبْلَ اَنْ تَنْفَدَ

مَس منهنجي رب جي ڳالهين لاءِ ته کپي وڃي سمنڊ هن کان اڳ جو پوريون ٿين

كَلِمٰتُ رَبِّيْ وَلَوْ جِئْنَا بِمِثْلِهٖ مَدَدًا ﴿١٠٩﴾ قُلْ اِنَّمَآ

ڳالهيون منهنجي رب جون جيتوڻيڪ آڻيون انهي جيترو مدد ۾ ۔ تون ٻڌاءِ ته ڪو

اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰۤى اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ

آءٌ بشر آهيان اوهان جهڙو وحي ڪيو وڃي ٿو مون ڏانهن بيشڪ معبود اوهانجو الله

وَّاحِدٌ ۚ فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا

هڪڙو ئي آهي، پوءِ جيڪو به اميد رکي ٿو ملاقات جي پنهنجي رب سان ته اهو ڪري ڪم

صَالِحًا وَّلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖۤ اَحَدًا ﴿١١٠﴾

چڱا ۽ نه شريڪ ڪري عبادت پنهنجي رب جي ڪنهن کي.

سُوْرَةُ مَرْيَمَ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ ثَمَانٌ وَّتِسْعُوْنَ اٰيَةً وَّسِتُّ رُكُوْعَاتٍ

سورت مريم مڪّي آهي ۽ اها اٺانوي آيتون ۽ ڇهه رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجھاري مهربان جي نالي سان.

كٓهٰيٰعٓصٓ (١) ذِكْرُ رَحْمَتِ رَبِّكَ عَبْدَهٗ زَكَرِيَّا (٢)

ڪهيعص. هي بيان آهي تنهنجي رب جي رحمت جو پنهنجي ٻانهي زڪريا تي.

اِذْ نَادٰى رَبَّهٗ نِدَآءً خَفِيًّا (٣) قَالَ رَبِّ اِنِّيْ وَهَنَ

جڏهن سڏيائين پنهنجي رب کي ڳجهي سڏ. چيائين اي منهنجا رب ڪمزور ٿيا آهن

الْعَظْمُ مِنِّيْ وَاشْتَعَلَ الرَّاْسُ شَيْبًا وَّلَمْ اَكُنْۢ

هڏا منهنجا ۽ اڇو ٿيو آهي مٿو ڳاراٽ ڪان ۽ ناهيان آءٌ

بِدُعَآئِكَ رَبِّ شَقِيًّا (٤) وَاِنِّيْ خِفْتُ الْمَوَالِيَ مِنْ

تنهنجي سڏڻ ڪان اي رب نا اميد. ۽ مون ڊڄان ٿو پنهنجن ڪان

وَّرَآءِيْ وَكَانَتِ امْرَاَتِيْ عَاقِرًا فَهَبْ لِيْ مِنْ

پنهنجي پٺيان ۽ آهي زال منهنجي سنڍ پوءِ بخش مون کي

لَّدُنْكَ وَلِيًّا (٥) يَّرِثُنِيْ وَيَرِثُ مِنْ اٰلِ يَعْقُوْبَ

پنهنجي طرفان اهڙو قريب. جو وارث ٿئي منهنجو ۽ وارث ٿئي آل يعقوب جو

وَاجْعَلْهُ رَبِّ رَضِيًّا (٦) يٰزَكَرِيَّآ اِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلٰمِ

۽ ڪر ان کي منهنجا رب پسند پيل. اي زڪريا اسان خوشخبري ڏيون ٿا توکي پٽ جي

اسْمُهٗ يَحْيٰى لَمْ نَجْعَلْ لَّهٗ مِنْ قَبْلُ سَمِيًّا (٧) قَالَ

جنهنجو نالو يحيٰ آهي نه ڪيو آهي اسان اڳي انهي نالي وارو. چيائين

رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّكَانَتِ امْرَاَتِيْ عَاقِرًا وَّ
منهنجا رب ڪٿان ٿيندو مون کي ٻار ۽ آهي زال منهنجي سنڍ ۽
قَدْ بَلَغْتُ مِنَ الْكِبَرِ عِتِيًّا ۝٨ قَالَ كَذٰلِكَ قَالَ رَبُّكَ
مان ٿي ويو آهيان ڪراڙپ کان جهور. چيائين ائين ٿي ٿيندو، فرمايو تنهنجي رب
هُوَ عَلَيَّ هَيِّنٌ وَّقَدْ خَلَقْتُكَ مِنْ قَبْلُ وَلَمْ تَكُ
اهو مون تي آسان آهي ۽ مون پيدا ڪيو توکي اڳ ۽ نه هئين تون
شَيْـًٔا ۝٩ قَالَ رَبِّ اجْعَلْ لِّيْۤ اٰيَةً قَالَ اٰيَتُكَ اَلَّا
ڪا شيءِ. چيائين منهنجا رب ڪر مون لاءِ ڪا نشاني، فرمايائين تنهنجي نشاني هي آهي ته نه
تُكَلِّمَ النَّاسَ ثَلٰثَ لَيَالٍ سَوِيًّا ۝١٠ فَخَرَجَ عَلٰى قَوْمِهٖ
ڳالهائيندين ماڻهن سان ٽي راتيون صحت هوندي. پوءِ نڪري آيو پنهنجي قوم ڏي
مِنَ الْمِحْرَابِ فَاَوْحٰۤى اِلَيْهِمْ اَنْ سَبِّحُوْا بُكْرَةً وَّ
حجري کان پوءِ اشارو ڪيائين انهن ڏانهن ته ساراهيو ڌڻي کي صبح ۽
عَشِيًّا ۝١١ يٰيَحْيٰى خُذِ الْكِتٰبَ بِقُوَّةٍ وَاٰتَيْنٰهُ الْحُكْمَ
شام. اي يحيٰ وٺ ڪتاب مضبوطي سان ۽ ڏنوسون انکي حڪم
صَبِيًّا ۝١٢ وَّحَنَانًا مِّنْ لَّدُنَّا وَزَكٰوةً وَكَانَ تَقِيًّا ۝١٣
ٻاراڻپ ۾. ۽ شوق پنهنجي طرفان ۽ پاڪائي ۽ هئو پرهيزگار.
وَّبَرًّا بِوَالِدَيْهِ وَلَمْ يَكُنْ جَبَّارًا عَصِيًّا ۝١٤ وَسَلٰمٌ
۽ خدمتگذار ماءُ پيءُ جو ۽ نه هئو ارڏو بي چيو. ۽ سلام آهي

ع ١٥/٤

عَلَيْهِ يَوْمَ وُلِدَ وَيَوْمَ يَمُوْتُ وَيَوْمَ يُبْعَثُ حَيًّا ﴿١٥﴾

ان تي جنهن ڏينهن ڄائو ۽ جنهن ڏينهن مرندو ۽ جنهن ڏينهن اُٿاريو ويندو جيئرو ڪري.

وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ مَرْيَمَ اِذِ انْتَبَذَتْ مِنْ اَهْلِهَا

۽ بيان ڪر ڪتاب ۾ مريم جو جڏهن پري ٿي پنهنجي ماڻهن کان

مَكَانًا شَرْقِيًّا ﴿١٦﴾ فَاتَّخَذَتْ مِنْ دُوْنِهِمْ حِجَابًا

اُڀرندي طرف. پوءِ ورتائين اڳيان انهن کان اوٽ.

فَاَرْسَلْنَآ اِلَيْهَا رُوْحَنَا فَتَمَثَّلَ لَهَا بَشَرًا سَوِيًّا ﴿١٧﴾

پوءِ موڪليوسون اُنهي ڏانهن پنهنجو ملڪ پوءِ بڻجي آيو ان وٽ جهڙو ماڻهو صاف.

قَالَتْ اِنِّيْٓ اَعُوْذُ بِالرَّحْمٰنِ مِنْكَ اِنْ كُنْتَ تَقِيًّا ﴿١٨﴾

چيائين آءٌ پناهه ٿي وٺان رحمان جي توکان جيڪڏهن تون آهين خوف رکندڙ.

قَالَ اِنَّمَآ اَنَا رَسُوْلُ رَبِّكِ ۖ لِاَهَبَ لَكِ غُلٰمًا

چيائين رڳو آءٌ قاصد آهيان تنهنجي رب جو جڻ ڏيان توکي ڇوڪرو

زَكِيًّا ﴿١٩﴾ قَالَتْ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّلَمْ يَمْسَسْنِيْ

پاڪ. چيائين ڪٿان ٿيندو مونکي ٻار ۽ نه هٿ لاتو آهي مونکي

بَشَرٌ وَّلَمْ اَكُ بَغِيًّا ﴿٢٠﴾ قَالَ كَذٰلِكِ ۚ قَالَ رَبُّكِ هُوَ

ڪنهن انسان ۽ نڪي آهيان آءٌ بدڪار. چيائين ائين ئي ٿيندو. فرمايو تنهنجي رب آهو

عَلَيَّ هَيِّنٌ ۚ وَلِنَجْعَلَهٗٓ اٰيَةً لِّلنَّاسِ وَرَحْمَةً مِّنَّا ۚ

مون تي آسان آهي، ۽ جيئن ته ڪريون انکي نشاني ماڻهن لاءِ ۽ رحمت پنهنجي طرفان.

وَكَانَ أَمْرًا مَّقْضِيًّا ﴿٢١﴾ فَحَمَلَتْهُ فَانتَبَذَتْ بِهِ

۽ آهي اهو ڪم ٺهيل. پوءِ پيٽ واري ٿي ان سان پوءِ پري ٿي وئي ان ڪري

مَكَانًا قَصِيًّا ﴿٢٢﴾ فَأَجَاءَهَا الْمَخَاضُ إِلَىٰ جِذْعِ

پري ڪنهن جڳهه تي. پوءِ آندو ان کي سورن طرف ٿُنڊ

النَّخْلَةِ قَالَتْ يَا لَيْتَنِي مِتُّ قَبْلَ هَٰذَا وَكُنتُ

کجيءَ جي، چيائين هاءِ افسوس، مري وڃان ها انهيءَ کان اڳ ۾ ۽ ٿي وڃان ها

نَسْيًا مَّنسِيًّا ﴿٢٣﴾ فَنَادَاهَا مِن تَحْتِهَا أَلَّا تَحْزَنِي قَدْ

صفا وسريل. پوءِ سڏ ڪيائين انکي سندس هيٺان کان ته ڏک نه ڪر بيشڪ

جَعَلَ رَبُّكِ تَحْتَكِ سَرِيًّا ﴿٢٤﴾ وَهُزِّي إِلَيْكِ بِجِذْعِ

ڪيو آهي تنهنجي رب تنهنجي هيٺان چشمو. ۽ لوڏ پاڻ ڏانهن ٿڙ

النَّخْلَةِ تُسَاقِطْ عَلَيْكِ رُطَبًا جَنِيًّا ﴿٢٥﴾ فَكُلِي وَ

کجيءَ جو ته ڪيرائيندي تو تي ڪتل پڪل. پوءِ کاءُ ۽

اشْرَبِي وَقَرِّي عَيْنًا فَإِمَّا تَرَيِنَّ مِنَ الْبَشَرِ أَحَدًا

پيءُ ۽ ٺار اکيون، پر جيڪڏهن ڏسين ماڻهن مان ڪنهن کي

فَقُولِي إِنِّي نَذَرْتُ لِلرَّحْمَٰنِ صَوْمًا فَلَنْ أُكَلِّمَ الْيَوْمَ

ته چئجان ۽ مون باسيو آهي رحمان لاءِ روزو پوءِ هرگز نه ڳالهائيندس اڄ

إِنسِيًّا ﴿٢٦﴾ فَأَتَتْ بِهِ قَوْمَهَا تَحْمِلُهُ قَالُوا يَا مَرْيَمُ لَقَدْ

ڪنهين ماڻهوءَ سان. پوءِ آندائين انکي پنهنجي قوم ۾ کڻي ڪري، چيائون اي مريم البت

جِئۡتِ شَيۡـًٔا فَرِيًّا ﴿٢٧﴾ يٰۤاُخۡتَ هٰرُوۡنَ مَا كَانَ اَبُوۡكِ
آندي تو هيءَ شيءِ اوپري. اي ڀيڻ هارون جي نه هُو پيءُ تنهنجو
امۡرَاَ سَوۡءٍ وَّمَا كَانَتۡ اُمُّكِ بَغِيًّا ﴿٢٨﴾ فَاَشَارَتۡ اِلَيۡهِ ۟ؕ
ماڻهو بُڇڙو ۽ نه هُئي ماءُ تنهنجي بدڪار. پوءِ اشارو ڪيائين انهيءَ ڏانهن،
قَالُوۡا كَيۡفَ نُكَلِّمُ مَنۡ كَانَ فِى الۡمَهۡدِ صَبِيًّا ﴿٢٩﴾ قَالَ
چيائون ڪيئن ڳالهايون ان سان جو آهي پينگهي جو ٻار. ان چيو
اِنِّىۡ عَبۡدُ اللّٰهِ ۟ؕ اٰتٰنِىَ الۡكِتٰبَ وَجَعَلَنِىۡ نَبِيًّا ﴿٣٠﴾ وَّ
بيشڪ آءٌ ٻانهو آهيان الله جو، ڏنو اٿائين مونکي ڪتاب ۽ ڪيائين مونکي نبي. ۽
جَعَلَنِىۡ مُبٰرَكًا اَيۡنَ مَا كُنۡتُ ۖ وَاَوۡصٰنِىۡ بِالصَّلٰوةِ
ڪيائين مونکي برڪت وارو جتي به هجان ۽ پارت ڪيائين مونکي نماز جي
وَالزَّكٰوةِ مَا دُمۡتُ حَيًّا ﴿٣١﴾ ۙ وَّبَرًّاۢ بِوَالِدَتِىۡ وَلَمۡ
۽ زڪوٰت جي جيستائين جيئرو هجان. ۽ خدمتگار پنهنجي ماءُ جو ۽ نه
يَجۡعَلۡنِىۡ جَبَّارًا شَقِيًّا ﴿٣٢﴾ وَالسَّلٰمُ عَلَىَّ يَوۡمَ وُلِدْتُّ
ڪيائين مونکي اڙٻو بدبخت. ۽ سلام آهي مون تي جنهن ڏينهن ڄائس
وَيَوۡمَ اَمُوۡتُ وَيَوۡمَ اُبۡعَثُ حَيًّا ﴿٣٣﴾ ذٰلِكَ عِيۡسَى
۽ جنهن ڏينهن مرندس ۽ جنهن ڏينهن اُٿاريو ويندس جيئرو ڪري. اهو آهي عيسىٰ
ابۡنُ مَرۡيَمَ ۚ قَوۡلَ الۡحَـقِّ الَّذِىۡ فِيۡهِ يَمۡتَرُوۡنَ ﴿٣٤﴾ مَا
پُٽ مريم جو، چيائين سچي ڳالهه جنهن ۾ ماڻهو شڪ ٿا ڪن. نه

كَانَ لِلّٰهِ اَنْ يَّتَّخِذَ مِنْ وَّلَدٍ ۙ سُبْحٰنَهٗ ؕ اِذَا قَضٰٓى

آهي الله اهڙو جو ڪي اولاد اهو پاڪ آهي جڏهن ڪندو آهي

اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ؕ ﴿٣٥﴾ وَاِنَّ اللّٰهَ

ڪوڪم پوءِ رڳو چوندو آهي اُنکي ٿيءُ ته ٿي پوندو آهي. ۽ بيشڪ الله آهي

رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٣٦﴾

پالڻهار منهنجو ۽ پالڻهار توهانجو پوءِ عبادت ڪريو ان جي هيءَ آهي رستو سڌو.

فَاخْتَلَفَ الْاَحْزَابُ مِنْۢ بَيْنِهِمْ ۚ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ

پوءِ جدا ٿي ويا ٽولا پاڻ ۾، پوءِ ويل آهي انهن لاءِ جن

كَفَرُوْا مِنْ مَّشْهَدِ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿٣٧﴾ اَسْمِعْ بِهِمْ وَ

ڪفر ڪيو، ڏسڻ وقت وڏي ڏينهن جي. ڏاڍو ٻڌندا ۽

اَبْصِرْ ۙ يَوْمَ يَاْتُوْنَنَا لٰكِنِ الظّٰلِمُوْنَ الْيَوْمَ فِيْ ضَلٰلٍ

ڏاڍو ڏسندا جنهن ڏينهن ايندا اسان وٽ پر ظالم اڄ ڏينهن گمراهي

مُّبِيْنٍ ﴿٣٨﴾ وَاَنْذِرْهُمْ يَوْمَ الْحَسْرَةِ اِذْ قُضِيَ الْاَمْرُ

پڌري ۾ آهن. ۽ ڊيڄار انهن کي افسوس واري ڏينهن کان جنهن وقت پورو ٿي ويندو ڪم

وَهُمْ فِيْ غَفْلَةٍ وَّهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٣٩﴾ اِنَّا نَحْنُ

۽ اهي هوندا غفلت ۾ ۽ اهي نه ايمان آڻيندا. اسان ئي

نَرِثُ الْاَرْضَ وَمَنْ عَلَيْهَا وَاِلَيْنَا يُرْجَعُوْنَ ﴿٤٠﴾

مالڪ هونداسون زمين جا ۽ جيڪي ان تي آهي ۽ اسان جي طرف کين موٽايو ويندو.

وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ اِبْرٰهِيْمَ ۬ اِنَّهٗ كَانَ صِدِّيْقًا

۽ بيان ڪر ڪتاب ۾ ابراهيم جو، بيشڪ اهو هئو سچو

نَّبِيًّا ﴿٤١﴾ اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ يٰۤاَبَتِ لِمَ تَعْبُدُ مَا لَا يَسْمَعُ

نبي . جڏهن چيائين پنهنجي پيءُ کي اي ابا ڇو تون پوڄا ڪرين انهي جيڪو نه ٻڌي

وَلَا يُبْصِرُ وَلَا يُغْنِيْ عَنْكَ شَيْـًٔا ﴿٤٢﴾ يٰۤاَبَتِ اِنِّيْ

۽ نه ڏسي ۽ نه ٿو ٽاري توکان ڪجهه به. اي منهنجا ابا بيشڪ

قَدْ جَآءَنِيْ مِنَ الْعِلْمِ مَا لَمْ يَاْتِكَ فَاتَّبِعْنِيْٓ اَهْدِكَ

مون وٽ آيو آهي اهو علم جو نه آيو تو وٽ پوءِ پٺيان لڳ منهنجي ته ڏسيان توکي

صِرَاطًا سَوِيًّا ﴿٤٣﴾ يٰۤاَبَتِ لَا تَعْبُدِ الشَّيْطٰنَ ۭ اِنَّ الشَّيْطٰنَ

دڳ سڌو. اي ابا نه پوڄا ڪر شيطان جي، بيشڪ شيطان

كَانَ لِلرَّحْمٰنِ عَصِيًّا ﴿٤٤﴾ يٰۤاَبَتِ اِنِّيْٓ اَخَافُ اَنْ

آهي الله جو بي فرمان. اي ابا آءٌ ڊڄان ٿو متان

يَّمَسَّكَ عَذَابٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ فَتَكُوْنَ لِلشَّيْطٰنِ

پهچي توکي عذاب الله جو پوءِ ٿي پوين شيطان جو

وَلِيًّا ﴿٤٥﴾ قَالَ اَرَاغِبٌ اَنْتَ عَنْ اٰلِهَتِيْ يٰٓاِبْرٰهِيْمُ

ساٿي. انهيءَ چيو ڇا تون مُنهن موڙيندڙ آهين منهنجي مالڪن کان اي ابراهيم

لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهِ لَاَرْجُمَنَّكَ وَاهْجُرْنِيْ مَلِيًّا ﴿٤٦﴾ قَالَ

جيڪڏهن نه مُڙئين ته پٿر هڻندس توکي ۽ ٽري وڃ مونکان ڪو وقت. چيائين

سَلٰمٌ عَلَيْكَ ۚ سَاَسْتَغْفِرُ لَكَ رَبِّيْ ۭ اِنَّهٗ كَانَ بِيْ

سلام هجي تو تي، جلد معافي گهُرندس تولاءِ پنهنجي رب کان، بيشڪ اهو آهي مون تي

حَفِيًّا ﴿٤٧﴾ وَاَعْتَزِلُكُمْ وَمَا تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ

مهربان. ۽ آءٌ ڇڏي وڃان ٿو توهانکي ۽ جن کي پُڪاريندا آهيو الله کان سواءِ

وَاَدْعُوْا رَبِّيْ ڮ عَسٰٓى اَلَّآ اَكُوْنَ بِدُعَاۗءِ رَبِّيْ شَقِيًّا ﴿٤٨﴾

۽ آءٌ دعا گهران ٿو پنهنجي رب کان، اُميد آهي ته نه ٿيندس پنهنجي رب جي دعا کان بي نصيب.

فَلَمَّا اعْتَزَلَهُمْ وَمَا يَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۙ وَهَبْنَا

پوءِ جڏهن پاسير ٿيو انهن کان ۽ جن جي اهي پوڄا ڪندا هئا الله کانسواءِ ته ڏنوسون

لَهٗٓ اِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ ۭ وَكُلًّا جَعَلْنَا نَبِيًّا ﴿٤٩﴾ وَوَهَبْنَا

انکي اسحاق ۽ يعقوب، ۽ هرهڪ کي ڪيوسون نبي. ۽ ڏنوسون

لَهُمْ مِّنْ رَّحْمَتِنَا وَجَعَلْنَا لَهُمْ لِسَانَ صِدْقٍ

انهن کي پنهنجي رحمت مان ۽ ڪيوسون انهن جو بول سچو

عَلِيًّا ﴿٥٠﴾ وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ مُوْسٰٓى ۡ اِنَّهٗ كَانَ مُخْلَصًا

متانهون. ۽ بيان ڪر ڪتاب ۾ موسىٰ جو بيشڪ اهو هئو چونڊيل

وَّكَانَ رَسُوْلًا نَّبِيًّا ﴿٥١﴾ وَنَادَيْنٰهُ مِنْ جَانِبِ الطُّوْرِ

۽ هئو رسول نبي. ۽ سڏيوسون انهيءَ کي طور جي پاسي

الْاَيْمَنِ وَقَرَّبْنٰهُ نَجِيًّا ﴿٥٢﴾ وَوَهَبْنَا لَهٗ مِنْ رَّحْمَتِنَآ

ساڄي کان ۽ ويجهو ڪيوسون انکي ڳالهائڻ لاءِ. ۽ ڏنوسون انکي پنهنجي رحمت مان

أَخَاهُ هٰرُونَ نَبِيًّا ﴿٥٣﴾ وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ إِسْمٰعِيلَ

سندس ڀاءُ هارون نبي ڪري. ۽ بيان ڪر ڪتاب ۾ اسماعيل جو

إِنَّهُ كَانَ صَادِقَ الْوَعْدِ وَكَانَ رَسُولًا نَّبِيًّا ﴿٥٤﴾ وَ

اهو هئو سچو وعدي جو ۽ هئو رسول نبي.

كَانَ يَأْمُرُ أَهْلَهُ بِالصَّلٰوةِ وَالزَّكٰوةِ وَكَانَ عِنْدَ

حڪم ڪندو هئو پنهنجي گهر وارن کي نماز ۽ زڪوٰت جو ۽ هئو پنهنجي

رَبِّهِ مَرْضِيًّا ﴿٥٥﴾ وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ إِدْرِيسَ إِنَّهُ

پروردگار جو پيارو. ۽ بيان ڪر ڪتاب ۾ ادريس جو اهو

كَانَ صِدِّيقًا نَّبِيًّا ﴿٥٦﴾ وَّرَفَعْنٰهُ مَكَانًا عَلِيًّا ﴿٥٧﴾

هئو سچو نبي. ۽ کڻيوسون انهيءَ کي جاءِ مٿيءَ ڏانهن.

أُولٰٓئِكَ الَّذِينَ أَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ

هي اهي آهن انعام ڪيو الله جن تي پيغمبرن مان

مِنْ ذُرِّيَّةِ اٰدَمَ وَمِمَّنْ حَمَلْنَا مَعَ نُوحٍ وَّمِنْ ذُرِّيَّةِ

آدم جي اولاد مان ۽ انهن مان جن کي سوار ڪيوسون نوح سان گڏ ۽ اولاد

إِبْرٰهِيمَ وَإِسْرَآءِيلَ وَمِمَّنْ هَدَيْنَا وَاجْتَبَيْنَا

ابراهيم ۽ يعقوب جي مان ۽ انهن مان جن کي هدايت ڏني سون ۽ چونڊيوسون

إِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُ الرَّحْمٰنِ خَرُّوا سُجَّدًا وَّ

جڏهن پڙهبيون هيون انهن تي آيتون الله جون ته ڪري پوندا سجدي ۾

بُكِيًّا ۝٥٨ فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ اَضَاعُوا

روئندي. وري آيا انهن کان پوءِ نااهل جن وڃايو

الصَّلٰوةَ وَاتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّا ۝٥٩ اِلَّا

نماز کي ۽ پٺيان لڳا خواهشن جي پوءِ جلد پوندا دوزخ جي تري ۾. مگر

مَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ يَدْخُلُوْنَ

جنهن توبه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ ڪم چڱا ڪيا پوءِ اهي داخل ٿيندا

الْجَنَّةَ وَلَا يُظْلَمُوْنَ شَيْـًٔا ۝٦٠ جَنّٰتِ عَدْنِ ِۨالَّتِيْ

جنت ۾ ۽ نه ظلم ڪيا ويندا ڪجهه به. باغ رهڻ لاءِ جن جو

وَعَدَ الرَّحْمٰنُ عِبَادَهٗ بِالْغَيْبِ ۭ اِنَّهٗ كَانَ وَعْدُهٗ

وعدو ڪيو آهي الله پنهنجي ٻانهن سان پرپٺ، بيشڪ آهي ان جو وعدو

مَاْتِيًّا ۝٦١ لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا اِلَّا سَلٰمًا ۭ وَلَهُمْ

اچڻ وارو. نه ٻڌندا اتي بڪواس پر سلام، ۽ انهن لاءِ هوندو

رِزْقُهُمْ فِيْهَا بُكْرَةً وَّعَشِيًّا ۝٦٢ تِلْكَ الْجَنَّةُ الَّتِيْ

رزق اتي صبح ۽ شام. هي اهو بهشت آهي جو

نُوْرِثُ مِنْ عِبَادِنَا مَنْ كَانَ تَقِيًّا ۝٦٣ وَمَا نَتَنَزَّلُ

وارث ڪنداسون پنهنجي ٻانهن مان انهن کي جي آهن پرهيزگار. ۽ نه ٿا لهون اسان

اِلَّا بِاَمْرِ رَبِّكَ ۚ لَهٗ مَا بَيْنَ اَيْدِيْنَا وَمَا خَلْفَنَا وَمَا

مگر تنهنجي رب جي حڪم سان، ان جوئي آهي جيڪي اسان جي اڳيان آهي ۽ اسان جي پٺيان آهي ۽ جو

بَيْنَ ذٰلِكَ ۚ وَمَا كَانَ رَبُّكَ نَسِيًّا ﴿٦٤﴾ رَبُّ السَّمٰوٰتِ

ان جي وچ ۾ آهي، ۽ ناهي تنهنجو رب وساريندڙ . پالڻهار آسمانن جو
ٻيندڙ

وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا فَاعْبُدْهُ وَاصْطَبِرْ لِعِبَادَتِهٖ ؕ

۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي پوءِ تون عبادت ڪر انهيءَ جي ۽ مضبوط رهه انهيءَ جي عبادت تي،

هَلْ تَعْلَمُ لَهٗ سَمِيًّا ﴿٦٥﴾ ع وَيَقُوْلُ الْاِنْسَانُ ءَاِذَا مَا ع ١٥ ٧

ڇا تون ڄاڻين ٿو ڪو ان جي نالي وارو . ۽ چوي ٿو انسان ڇا جڏهن

مِتُّ لَسَوْفَ اُخْرَجُ حَيًّا ﴿٦٦﴾ اَوَلَا يَذْكُرُ الْاِنْسَانُ اَنَّا

آءٌ مران ته اٿاريو ويندس جيئرو ڪري . ڇا نه ٿو ياد ڪري ماڻهو ته اسان ئي

خَلَقْنٰهُ مِنْ قَبْلُ وَلَمْ يَكُ شَيْـًٔا ﴿٦٧﴾ فَوَرَبِّكَ

پيدا ڪيو انهي کي اڳ ۾ ۽ نه هئو ڪا شيءِ. پوءِ قسم تنهنجي رب جو

لَنَحْشُرَنَّهُمْ وَالشَّيٰطِيْنَ ثُمَّ لَنُحْضِرَنَّهُمْ حَوْلَ جَهَنَّمَ

ته ضرور گڏ ڪنداسون انهن کي ۽ شيطانن کي پوءِ آڻينداسون انهن کي دوزخ جي چوڌاري

جِثِيًّا ﴿٦٨﴾ ثُمَّ لَنَنْزِعَنَّ مِنْ كُلِّ شِيْعَةٍ اَيُّهُمْ اَشَدُّ

گوڏن ڀر . پوءِ جدا ڪنداسون هر ٽولي مان جيڪو انهن مان ڏاڍو هئو

عَلَى الرَّحْمٰنِ عِتِيًّا ﴿٦٩﴾ ثُمَّ لَنَحْنُ اَعْلَمُ بِالَّذِيْنَ هُمْ

رحمان تي آڪڙيل . پوءِ اسين گهڻو ڄاڻون ٿا انهن کي جيڪي آهي

اَوْلٰى بِهَا صِلِيًّا ﴿٧٠﴾ وَاِنْ مِّنْكُمْ اِلَّا وَارِدُهَا ۚ كَانَ

لائق آهن ان ۾ پوڻ جا . ۽ ناهي ڪو به توهان مان مگر اتي ايندو، اهو آهي

عَلٰى رَبِّكَ حَتْمًا مَّقْضِيًّا ﴿٧١﴾ ثُمَّ نُنَجِّى الَّذِيْنَ اتَّقَوْا

تنهنجي رب جو يڪو فيصلو ٿيل . پوءِ بچائينداسون انهن کي جيڪي پرهيزگار ٿا

وَّنَذَرُ الظّٰلِمِيْنَ فِيْهَا جِثِيًّا ﴿٧٢﴾ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ

۽ ڇڏينداسون ڏوهارين کي ان ۾ گوڏن ڀر . ۽ جڏهن پڙهجن ٿيون انهن تي

اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا ۙ اَىُّ

اسان جون آيتون چٽيون چون ٿا ڪافر وارا ايمان وارن کي ته ڪهڙو

الْفَرِيْقَيْنِ خَيْرٌ مَّقَامًا وَّاَحْسَنُ نَدِيًّا ﴿٧٣﴾ وَكَمْ اَهْلَكْنَا

ٻنهي ٽولن مان ڀلو آهي درجي ۾ ۽ معتبر مجلس ۾ . ۽ ڪيترين ئي هلاڪ ڪيوسون

قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ هُمْ اَحْسَنُ اَثَاثًا وَّرِءْيًا ﴿٧٤﴾ قُلْ

انهن کان اڳي قومون جي بهتر هيون سامان ۾ ۽ ڏيک ويک ۾ . چئو

مَنْ كَانَ فِى الضَّلٰلَةِ فَلْيَمْدُدْ لَهُ الرَّحْمٰنُ مَدًّا ۚ

جيڪو آهي گمراهي ۾ پوءِ ڀل پيو ڍر ڏئي انهيءَ کي الله ڍرکي .

حَتّٰٓى اِذَا رَاَوْا مَا يُوْعَدُوْنَ اِمَّا الْعَذَابَ وَاِمَّا

ايستائين جو ڏسن اها شيءِ جنهن جو ساڻن وعدو ٿيل آهي يا عذاب يا

السَّاعَةَ ؕ فَسَيَعْلَمُوْنَ مَنْ هُوَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّاَضْعَفُ

قيامت ، پوءِ سمجهي وٺندا ته ڪنهن جي آهي بڇڙي جاءِ ۽ ڪمزور

جُنْدًا ﴿٧٥﴾ وَيَزِيْدُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اهْتَدَوْا هُدًى ؕ وَ

فوج . ۽ وڌائي ٿو الله هدايت وارن جي هدايت کي ، ۽

الْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّخَيْرٌ

باقي رهندڙ نيڪيون ڀليون آهن تنهنجي رب وٽ ثواب ۾ ۽ ڀليون آهن

مَّرَدًّا ﴿٧٦﴾ اَفَرَءَيْتَ الَّذِيْ كَفَرَ بِاٰيٰتِنَا وَقَالَ لَاُوْتَيَنَّ

موٽ ۾. ڇا پوءِ ڏٺو تو اهو جنهن ڪفر ڪيو اسان جي آيتن جو ۽ چيائين ضرور ملندو مونکي

مَالًا وَّوَلَدًا ﴿٧٧﴾ اَطَّلَعَ الْغَيْبَ اَمِ اتَّخَذَ عِنْدَ الرَّحْمٰنِ

مال ۽ اولاد. ڇا اهو واقف ٿيو آهي ڳجهتي يا ورتائين الله وٽان

عَهْدًا ﴿٧٨﴾ كَلَّا ۭ سَنَكْتُبُ مَا يَقُوْلُ وَنَمُدُّ لَهٗ مِنَ

ڪو وعدو. ائين ناهي، اجهو اسان لکون ٿا جيڪي چوي ٿو ۽ انگها ٿيندا اسون ان لاءِ

الْعَذَابِ مَدًّا ﴿٧٩﴾ وَّنَرِثُهٗ مَا يَقُوْلُ وَيَاْتِيْنَا فَرْدًا ﴿٨٠﴾

عذاب کي ڊگهو ڪري. ۽ اسان مالڪ آهيون انجا جيڪي چوي ٿو ۽ ايندو اسان وٽ اڪيلو.

وَاتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لِّيَكُوْنُوْا لَهُمْ

۽ بڻايائون الله کان سواءِ ٻيا آڳا جيئن ٿين اهي انهن جا

عِزًّا ﴿٨١﴾ كَلَّا ۭ سَيَكْفُرُوْنَ بِعِبَادَتِهِمْ وَيَكُوْنُوْنَ عَلَيْهِمْ

مددگار. ائين ناهي، اجهو اهي انڪار ڪندا انهن جي عبادت جو ۽ ٿيندا انهن جا

ضِدًّا ﴿٨٢﴾ ع اَلَمْ تَرَ اَنَّآ اَرْسَلْنَا الشَّيٰطِيْنَ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ع ١٧ ٨

مخالف. ڇا تو نه ڏٺو ته اسان ڇڏيا آهن شيطان منڪرن تي

تَؤُزُّهُمْ اَزًّا ﴿٨٣﴾ فَلَا تَعْجَلْ عَلَيْهِمْ ۭ اِنَّمَا نَعُدُّ لَهُمْ

جيڪي ڀاڙين ٿا انهن کي ڏاڍو. پوءِ نه تڪڙ ڪر انهن تي، رڳو اسين ڳڻيون ٿا انهن جو

عَدًّا ﴿٨٤﴾ يَوْمَ نَحْشُرُ الْمُتَّقِيْنَ اِلَى الرَّحْمٰنِ وَفْدًا ﴿٨٥﴾

وقت. جنھن ڏينھن گڏ ڪنداسون پرھيزگارن کي رحمان وٽ مھمان ڪري.

وَّنَسُوْقُ الْمُجْرِمِيْنَ اِلٰى جَهَنَّمَ وِرْدًا ﴿٨٦﴾ لَا يَمْلِكُوْنَ

۽ ھڪليندا سون ڏوھارين کي دوزخ ڏانھن اڃايل ڪري. اھي نه مالڪ ٿيندا

الشَّفَاعَةَ اِلَّا مَنِ اتَّخَذَ عِنْدَ الرَّحْمٰنِ عَهْدًا ﴿٨٧﴾

سفارش جا مگر جنھن ورتو الله وٽان وعدو.

وَقَالُوا اتَّخَذَ الرَّحْمٰنُ وَلَدًا ﴿٨٨﴾ لَقَدْ جِئْتُمْ شَيْئًا

۽ چون ٿا ورتي آھي الله اولاد. بيشڪ آندي اٿو ڳالھ

اِدًّا ﴿٨٩﴾ تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرْنَ مِنْهُ وَتَنْشَقُّ

ڳري. جو آسمان ڦاٽڻ تي آھن انھي ڪان ۽ چيرجڻ تي آھي

الْاَرْضُ وَتَخِرُّ الْجِبَالُ هَدًّا ﴿٩٠﴾ اَنْ دَعَوْا لِلرَّحْمٰنِ

ڌرتي ۽ ڍھي پون جبل پورپور ٿي. جو چون ٿا رحمان جي لاءِ

وَلَدًا ﴿٩١﴾ وَمَا يَنْبَغِيْ لِلرَّحْمٰنِ اَنْ يَّتَّخِذَ وَلَدًا ﴿٩٢﴾

اولاد. ۽ نه ٿي سونھين رحمان کي اولاد رکڻ.

اِنْ كُلُّ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ اِلَّا اٰتِي الرَّحْمٰنِ

ناھي ڪو به جيڪو آسمانن ۽ زمين ۾ ھجي مگر ايندو رحمان جو

عَبْدًا ﴿٩٣﴾ لَقَدْ اَحْصٰىهُمْ وَعَدَّهُمْ عَدًّا ﴿٩٤﴾ وَكُلُّهُمْ

ٻانھو ٿي. يقينن شمار ڪيا ٿين انھن جو ڳڻيا ٿين انھن کي پورو. ۽ ھر ھڪ انھن مان

اٰتِيْهِ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فَرْدًا ﴿٩٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

ايندو اُنهي وٽ قيامت ڏينهن اڪيلو ٿي. بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ ڪيائون

الصّٰلِحٰتِ سَيَجْعَلُ لَهُمُ الرَّحْمٰنُ وُدًّا ﴿٩٦﴾ فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ

ڪم چڱا تہ ڪندو انهن کي رحمان پيار. پوءِ اسان سولو ڪيو آهي قرآن

بِلِسَانِكَ لِتُبَشِّرَ بِهِ الْمُتَّقِيْنَ وَتُنْذِرَ بِهٖ قَوْمًا

تنهنجي زبان تي جيئن خوشخبري ڏئين ان سان پرهيزگارن کي ۽ ڊيڄارين انهي سان قوم

لُّدًّا ﴿٩٧﴾ وَكَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ ؕ هَلْ تُحِسُّ

جهڳڙالو کي. ۽ ڪيترين هلاڪ ڪيون سين انهن کان اڳ قومون، ڇا پسين تون

مِنْهُمْ مِّنْ اَحَدٍ اَوْ تَسْمَعُ لَهُمْ رِكْزًا ﴿٩٨﴾ ع

انهن مان ڪوئي هڪڙو يا ٻُڌين تون انهن جي ڪا ڀڻڪ.

پنهنجن گريبانن تي ۽ نه ظاهر ڪن پنهنجي زينت مگر پنهنجن مڙسن لاءِ

أَوْ ءَابَآئِهِنَّ أَوْ ءَابَآءِ بُعُولَتِهِنَّ أَوْ أَبْنَآئِهِنَّ أَوْ أَبْنَآءِ

يا پنهنجن آبن يا مڙسن جي ابن يا پٽن پنهنجن يا پٽن

بُعُولَتِهِنَّ أَوْ إِخْوَٰنِهِنَّ أَوْ بَنِىٓ إِخْوَٰنِهِنَّ أَوْ بَنِىٓ

پنهنجي مڙس جي لاءِ يا پنهنجن ڀائرن لاءِ يا ڀائٽين يا ڀاڻيجن

أَخَوَٰتِهِنَّ أَوْ نِسَآئِهِنَّ أَوْ مَا مَلَكَتْ أَيْمَٰنُهُنَّ أَوِ

لاءِ يا پنهنجن عورتن يا ٻانهين لاءِ يا

ٱلتَّٰبِعِينَ غَيْرِ أُو۟لِى ٱلْإِرْبَةِ مِنَ ٱلرِّجَالِ أَوِ ٱلطِّفْلِ

اھڙن نوڪرن لاءِ جي نه آهن خواهش وارا مرد يا اهي ڇوڪرا

ٱلَّذِينَ لَمْ يَظْهَرُوا۟ عَلَىٰ عَوْرَٰتِ ٱلنِّسَآءِ ۖ وَلَا يَضْرِبْنَ

جي نه ٿا سمجهن عورتن جي اگھڙن تي ۽ نه هڻن

بِاَرْجُلِهِنَّ لِيُعْلَمَ مَا يُخْفِيْنَ مِنْ زِيْنَتِهِنَّ ۭ وَتُوْبُوْٓا

پير پنهنجا اهڙا جو معلوم ٿئي اهو جو لڪائن ٿيون پنهنجن زيورن مان ۽ رجوع ٿيو

اِلَى اللّٰهِ جَمِيْعًا اَيُّهَ الْمُؤْمِنُوْنَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٣١﴾

الله جي طرف سڀ اي ايمان وارو جيئن توهان ڪامياب ٿيو.

وَاَنْكِحُوا الْاَيَامٰى مِنْكُمْ وَالصّٰلِحِيْنَ مِنْ عِبَادِكُمْ

۽ شادي ڪرايو پنهنجن وڌل عورتن جي ۽ پنهنجن نيڪ ٻانهن

وَاِمَاۗىِٕكُمْ ۭ اِنْ يَّكُوْنُوْا فُقَرَاۗءَ يُغْنِهِمُ اللّٰهُ مِنْ

۽ ٻانهين جي، جيڪڏهن هوندا مسڪين ته آسودو ڪندو انهن کي الله

فَضْلِهٖ ۭ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٣٢﴾ وَلْيَسْتَعْفِفِ

پنهنجي فضل سان، ۽ الله ڪشادگي ڏيندڙ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي. ۽ پرهيز ڪن

الَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ نِكَاحًا حَتّٰى يُغْنِيَهُمُ اللّٰهُ

جيڪي نه ٿا پهچن نڪاح کي جيسين آسودو ڪرين الله

مِنْ فَضْلِهٖ ۭ وَالَّذِيْنَ يَبْتَغُوْنَ الْكِتٰبَ مِمَّا مَلَكَتْ

پنهنجي مهر سان، ۽ جيڪي گهرن ٿا دستاويز توهان جي

اَيْمَانُكُمْ فَكَاتِبُوْهُمْ اِنْ عَلِمْتُمْ فِيْهِمْ خَيْرًا ڰ وَّ

ٻانهن مان پوءِ لکي ڏيو انهن کي جيڪڏهن سمجهو ٿا انهن ۾ ڪا چڱائي ۽

اٰتُوْهُمْ مِّنْ مَّالِ اللّٰهِ الَّذِيْٓ اٰتٰىكُمْ ۭ وَلَا تُكْرِهُوْا

ڏيو انهن کي الله جي مال مان جيڪو ڏنو اٿائين توهان کي، ۽ نه مجبور ڪريو

فَتَيٰتِكُمْ عَلَى الْبِغَآءِ اِنْ اَرَدْنَ تَحَصُّنًا لِّتَبْتَغُوْا
پنهنجين ڇوڪرين کي بدڪاريءَ تي جڏهن اهي چاهين ٿيون شادي ڪي، ته جيئن ڪمايو
عَرَضَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۭ وَمَنْ يُّكْرِهْهُّنَّ فَاِنَّ اللّٰهَ مِنْ
سامان دنيا جي حياتي جو، ۽ جيڪو مجبور ڪندو انهن کي پوءِ بيشڪ الله
بَعْدِ اِكْرَاهِهِنَّ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٣٣﴾ وَلَقَدْ اَنْزَلْنَآ
انهن جي مجبوريءَ بعد بخشڻهار مهربان آهي ۔ ۽ تحقيق اسان نازل ڪيون آهن
اِلَيْكُمْ اٰيٰتٍ مُّبَيِّنٰتٍ وَّمَثَلًا مِّنَ الَّذِيْنَ خَلَوْا
توهان ڏانهن آيتون پڌريون ۽ بيان انهن جو جيڪي گذريا آهن
مِنْ قَبْلِكُمْ وَمَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٣٤﴾ اَللّٰهُ نُوْرُ
توهان کان اڳ ۽ نصيحت پرهيزگارن لاءِ ۔ الله روشن ڪندڙ آهي
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ مَثَلُ نُوْرِهٖ كَمِشْكٰوةٍ فِيْهَا
آسمانن ۽ زمين کي، ان جي روشني جو مثال ڄاري جهڙو آهي جنهن ۾
مِصْبَاحٌ ۭ اَلْمِصْبَاحُ فِيْ زُجَاجَةٍ ۭ اَلزُّجَاجَةُ كَاَنَّهَا
بتي هجي، اها بتي هجي ڪائيءَ ۾، اهو ڪائو ڄڻ ته آهي
كَوْكَبٌ دُرِّيٌّ يُّوْقَدُ مِنْ شَجَرَةٍ مُّبٰرَكَةٍ زَيْتُوْنَةٍ
تارو چمڪندڙ اها ٻاريل آهي برڪت واري وڻ زيتون مان جو
لَّا شَرْقِيَّةٍ وَّلَا غَرْبِيَّةٍ ۙ يَّكَادُ زَيْتُهَا يُضِيْٓءُ وَ
نه اوڀر وارو ۽ نه اولهه وارو، اجهو ته تيل ان جو روشني ڪري توڙي

لَوْ لَمْ تَمْسَسْهُ نَارٌ ۭ نُوْرٌ عَلٰى نُوْرٍ ۭ يَهْدِي اللّٰهُ

جو نه لڳي ان کي باهه، نور علیٰ نور، راهه ڏيکاري ٿو الله

لِنُوْرِهٖ مَنْ يَّشَاۗءُ ۭ وَيَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ لِلنَّاسِ ۭ

پنهنجي نور جي جنهن کي گهري، ۽ بيان ڪري ٿو الله مثال ماڻهن جي لاءِ،

وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ۝۳۵ۙ فِيْ بُيُوْتٍ اَذِنَ اللّٰهُ اَنْ

۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. انهن گهرن ۾ جو حڪم ڪيو آهي الله ته

تُرْفَعَ وَيُذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ ۙ يُسَبِّحُ لَهٗ فِيْهَا بِالْغُدُوِّ

بلند ڪيو وڃين ۽ ياد ڪيو وڃي انهن ۾ سندس نالو، تسبيح پڙهن ٿا ان جي اُتي صُبح

وَالْاٰصَالِ ۝۳۶ۙ رِجَالٌ ۙ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّلَا

۽ شام. اُهي مرد جنکي نه ٿو غافل ڪري واپار ۽ نه

بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَاِقَامِ الصَّلٰوةِ وَاِيْتَاۗءِ الزَّكٰوةِ

وڪرو الله جي ذڪر کان ۽ قائم ڪرڻ نماز ۽ ڏيڻ زڪوات کان

يَخَافُوْنَ يَوْمًا تَتَقَلَّبُ فِيْهِ الْقُلُوْبُ وَالْاَبْصَارُ ۝۳۷ۙ

اهي ڊڄن ٿا اهڙي ڏينهن کان جو ڦري وينديون ان ۾ دليون ۽ اکيون.

لِيَجْزِيَهُمُ اللّٰهُ اَحْسَنَ مَا عَمِلُوْا وَيَزِيْدَهُمْ مِّنْ

جيئن بدلو ڏئي انهنکي الله وڌيڪ ڀلو سندن عملن کان ۽ وڌائي انهنکي پنهنجي

فَضْلِهٖ ۭ وَاللّٰهُ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَاۗءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ۝۳۸

فضل سان، ۽ الله رزق ڏئي ٿو جنهن کي چاهي بي حساب.

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَعْمَالُهُمْ كَسَرَابٍۢ بِقِيْعَةٍ

۽ اهي جن ڪفر ڪيو انهن جا عمل آهن جهڙي رڃ رڻ پٽ ۾

يَّحْسَبُهُ الظَّمْاٰنُ مَآءً ۭ حَتّٰٓى اِذَا جَاۗءَهٗ لَمْ يَجِدْهُ

ڀانئي ٿو انکي اُڃايل پاڻي، نيٺ جڏهن ايندو ان وٽ ته نه لهندو اتي

شَيْــــًٔا وَّوَجَدَ اللّٰهَ عِنْدَهٗ فَوَفّٰىهُ حِسَابَهٗ ۭ وَاللّٰهُ

ڪا شي ۽ لهندو الله کي پاڻ وٽ پوءِ پورو ڏيندو ان کي سندس حساب ۽ الله

سَرِيْعُ الْحِسَابِ ۝٣٩ اَوْ كَظُلُمٰتٍ فِيْ بَحْرٍ لُّـجِّيٍّ

تکڙو حساب وٺندڙ آهي. يا جهڙيون اونداهيون هجن درياءَ اونهي ۾

يَّغْشٰىهُ مَوْجٌ مِّنْ فَوْقِهٖ مَوْجٌ مِّنْ فَوْقِهٖ سَحَابٌ

جنهن کي ڍڪي لهر جنهن جي مٿان هجي لهر ان جي مٿان ڪڪر

ظُلُمٰتٌۢ بَعْضُهَا فَوْقَ بَعْضٍ ۭ اِذَآ اَخْرَجَ يَدَهٗ

اهي اونداهيون آهن هڪٻئي جي مٿان، جڏهن اهو ٻاهر ڪڍي پنهنجو هٿ

لَمْ يَكَدْ يَرٰىهَا ۭ وَمَنْ لَّمْ يَجْعَلِ اللّٰهُ لَهٗ نُوْرًا فَمَا

ته نه ڏسي سگهي انکي. ۽ اهو جنهن لاءِ نه ڪري الله روشني پوءِ ناهي

لَهٗ مِنْ نُّوْرٍ ۝٤٠ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُسَبِّحُ لَهٗ مَنْ

ان لاءِ ڪائي روشني. ڇا نه ڏٺئي ته الله جي پاڪائي چون ٿا جيڪي

فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَالطَّيْرُ صٰۗفّٰتٍ ۭ كُلٌّ

آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهن ۽ اڏامندڙ پکي کنڀ کوليندي، هر هڪ

قَدْ عَلِمَ صَلَاتَهٗ وَتَسْبِيْحَهٗ ۗ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ بِمَا
ڄاڻي آهي ان جي عبادت ۽ ان جي تسبيح ، ۽ الله ڄاڻندڙ آهي جيڪي
يَفْعَلُوْنَ ﴿٤١﴾ وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَ
اهي ڪن ٿا. ۽ الله جي آهي بادشاهي آسمانن ۽ زمين ۾، ۽
اِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ﴿٤٢﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُزْجِيْ سَحَابًا
الله ڏانهن ئي موٽڻو آهي. ڇا نه ڏٺو تو جو الله هڪلي ٿو ڪڪرن کي
ثُمَّ يُؤَلِّفُ بَيْنَهٗ ثُمَّ يَجْعَلُهٗ رُكَامًا فَتَرَى
پوءِ ملائي ٿو پاڻ ۾ پوءِ ڪري ٿو انهي کي هڪ ٻئي تي ته پوءِ ڏسين ٿو
الْوَدْقَ يَخْرُجُ مِنْ خِلٰلِهٖ ۚ وَيُنَزِّلُ مِنَ السَّمَآءِ مِنْ
مينهن کي نڪري ٿو انهي جي وچان ، ۽ وسائي ٿو ڪڪرن
جِبَالٍ فِيْهَا مِنْ بَرَدٍ فَيُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ وَ
جبلن جهڙن مان ڳڙن کي پوءِ پهچائي ٿو ان کي جنهن تي گهري ۽
يَصْرِفُهٗ عَنْ مَّنْ يَّشَآءُ ۗ يَكَادُ سَنَا بَرْقِهٖ يَذْهَبُ
هٽائي ٿو انکي جنهن کان گهري، اُجهو چمڪارو انجي وڄ جو نيئي ٿو
بِالْاَبْصَارِ ﴿٤٣﴾ يُقَلِّبُ اللّٰهُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ۗ اِنَّ فِيْ
اکين کي. ڦيرائي ٿو الله رات ۽ ڏينهن کي بيشڪ انهي ۾
ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّاُولِي الْاَبْصَارِ ﴿٤٤﴾ وَاللّٰهُ خَلَقَ
آهي عبرت اکين وارن لاءِ . ۽ الله پيدا ڪيو

كُلَّ دَآبَّةٍ مِّنْ مَّآءٍ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ يَّمْشِيْ عَلٰى

هر چرندڙ کي پاڻي مان، پوءِ انهن مان ڪو هلي ٿو

بَطْنِهٖ ۚ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّمْشِيْ عَلٰى رِجْلَيْنِ ۚ وَمِنْهُمْ

پيٽ تي، ۽ انهن مان ڪو هلي ٿو ٻن پيرن تي، ۽ انهن مان

مَّنْ يَّمْشِيْ عَلٰٓى اَرْبَعٍ ؕ يَخْلُقُ اللّٰهُ مَا يَشَآءُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

ڪو هلي ٿو چئن تي، پيدا ڪري ٿو الله جيڪي چاهي، بيشڪ الله

عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۴۵﴾ لَقَدْ اَنْزَلْنَآ اٰيٰتٍ مُّبَيِّنٰتٍ ؕ

هر شيءِ تي قادر آهي. اسان نازل ڪيون آهن آيتون کولي ٻڌائيندڙ،

وَاللّٰهُ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۴۶﴾

۽ الله هدايت ڪري ٿو جنهن کي گهري ٿو رستي سڌي ڏانهن.

وَيَقُوْلُوْنَ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَبِالرَّسُوْلِ وَاَطَعْنَا ثُمَّ يَتَوَلّٰى

۽ چون ٿا اسان ايمان آندو الله تي ۽ رسول تي ۽ تابعداري ڪئي سون پوءِ ڦري ٿو وڃي

فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ ؕ وَمَآ اُولٰٓئِكَ

هڪ ٽولو انهن مان ان ڪان بعد، ۽ ناهن اهي

بِالْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۴۷﴾ وَاِذَا دُعُوْٓا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ لِيَحْكُمَ

ايمان وارا. ۽ جڏهن سڏيا وڃن ٿا الله ۽ ان جي رسول ڏانهن جيئن فيصلو ڪري

بَيْنَهُمْ اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿۴۸﴾ وَاِنْ يَّكُنْ

انهن جي وچ ۾ ته اوچتو ئي ماڻهو انهن مان منهن موڙيندڙ آهن. ۽ جيڪڏهن هوندو

لَهُمُ الْحَقُّ يَأْتُوٓا إِلَيْهِ مُذْعِنِينَ ﴿٤٩﴾ أَفِي قُلُوبِهِم

انهن جو حق ته ايندا انهي ڏانهن قبول ڪندڙ ٿي. ڇا انهن جي دلين ۾

مَّرَضٌ أَمِ ارْتَابُوٓا أَمْ يَخَافُونَ أَن يَحِيفَ اللَّهُ

مرض آهي يا شڪ ۾ پيا آهن يا ڊڄن ٿا ته متان ظلم ڪري الله

عَلَيْهِمْ وَرَسُولُهُ ۚ بَلْ أُولَٰٓئِكَ هُمُ الظَّٰلِمُونَ ﴿٥٠﴾

انهن تي ۽ رسول ان جو، نه پر اهي پاڻ ظالم آهن.

إِنَّمَا كَانَ قَوْلَ الْمُؤْمِنِينَ إِذَا دُعُوٓا إِلَى اللَّهِ وَ

ته گو هوندو آهي قول مومنن جو جڏهن سڏيا ويندا آهن الله ۽

رَسُولِهِ لِيَحْكُمَ بَيْنَهُمْ أَن يَقُولُوا سَمِعْنَا وَأَطَعْنَا

ان جي رسول ڏانهن جيئن فيصلو ڪري ان جي وچ ۾ ته چوندا آهن ٻڌوسون ۽ چيو ورتوسون

وَأُولَٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ ﴿٥١﴾ وَمَن يُطِعِ اللَّهَ وَ

۽ اهي ماڻهو ئي ڪامياب آهن. ۽ جيڪو چيو وٺندو الله ۽

رَسُولَهُ وَيَخْشَ اللَّهَ وَيَتَّقْهِ فَأُولَٰٓئِكَ هُمُ الْفَآئِزُونَ ﴿٥٢﴾

سندس رسول جو ۽ ڊڄندو الله کان ۽ لحاظ ڪندو ان جو پوءِ اهي ئي مراد ماڻيندڙ آهن.

وَأَقْسَمُوا بِاللَّهِ جَهْدَ أَيْمَٰنِهِمْ لَئِنْ أَمَرْتَهُمْ

۽ قسم کڻن ٿا الله جو پڪو ڪندي پنهنجي قسمن کي ته جيڪڏهن تون حڪم ڪندين

لَيَخْرُجُنَّ ۖ قُل لَّا تُقْسِمُوا ۖ طَاعَةٌ مَّعْرُوفَةٌ ۚ إِنَّ

ته ضرور نڪري پوندا، چوين قسم نه کڻو، چيو وٺو چڱي ۽ طرح، بيشڪ

اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ۝٥٣ قُلْ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا

الله خبر رکندڙ آهي جيڪي توهان ڪريو ٿا. تون چؤ حڪم مڃيو الله جو ۽ حڪم مڃيو

الرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْهِ مَا حُمِّلَ وَعَلَيْكُمْ

رسول جو. پوءِ جيڪڏهن منهن ڦيرينداته رڳو پوندو ان تي جيڪي انکي ڪٽايو ويو ۽ پوندو توهان تي

مَّا حُمِّلْتُمْ ۭ وَاِنْ تُطِيْعُوْهُ تَهْتَدُوْا ۭ وَمَا عَلَى

جيڪي توهان کي ڪٽايو ويو ۽ جيڪڏهن حڪم مڃيندؤ انهي جو ته هدايت لهندؤ ۽ ناهي

الرَّسُوْلِ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ۝٥٤ وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ

رسول تي مگر پهچائڻ پڌرو. انجام ڏنو الله جن

اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَيَسْتَخْلِفَنَّهُمْ فِي

ايمان آندو توهان مان ۽ ڪم ڪيا چڱا ته ضرور حاڪم ڪندو انهن کي

الْاَرْضِ كَمَا اسْتَخْلَفَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۠ وَ

ملڪ ۾ جيئن حاڪم ڪيائين انهن کي جيڪي ڪانئن اڳ هئا ۽

لَيُمَكِّنَنَّ لَهُمْ دِيْنَهُمُ الَّذِي ارْتَضٰى لَهُمْ وَ

ضرور مضبوط ڪندو انهن لاءِ سندن دين کي جيڪو پسند ڪيو اٿئين انهن لاءِ ۽

لَيُبَدِّلَنَّهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ خَوْفِهِمْ اَمْنًا ۭ يَعْبُدُوْنَنِيْ

ضرور بدلائي ڏيندو انهنکي انهن جي خوف کان پوءِ امن. اهي عبادت ڪندا منهنجي

لَا يُشْرِكُوْنَ بِيْ شَيْـًٔا ۭ وَمَنْ كَفَرَ بَعْدَ ذٰلِكَ

نه شريڪ ڪندا مون سان ڪنهين کي ۽ جيڪي انڪار ڪندا انهي کان پوءِ

فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿۵۵﴾ وَ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا
تہ اھي ئي گنھگار آھن. ۽ قائم ڪيو نماز کي ۽ ڏيو

الزَّكٰوةَ وَ اَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿۵۶﴾ لَا
زڪوات ۽ چيو مڃيو رسول جو تہ توهان تي رحم ڪيو وڃي. نہ

تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مُعْجِزِيْنَ فِى الْاَرْضِ ۚ وَ
ڀانئجان ۽ ڪافرن کي عاجز ڪندڙ زمين ۾ ۽

مَاْوٰىهُمُ النَّارُ ؕ وَ لَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿۵۷﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ
جاءِ انهن جي باھ آھي، ۽ اھا بڇڙي آھي جاءِ موٽڻ جي. اي اھي جن

اٰمَنُوْا لِيَسْتَاْذِنْكُمُ الَّذِيْنَ مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ وَ الَّذِيْنَ
ايمان آندو اجازت وٺي اچن اوھان کان اوھان جا ٻانها ۽ اوھان جا ٻار

لَمْ يَبْلُغُوا الْحُلُمَ مِنْكُمْ ثَلٰثَ مَرّٰتٍ ؕ مِنْ قَبْلِ
جيڪي نہ پھتا آھن جواني کي توھان مان ٽي ڀيرا، اڳ ۾

صَلٰوةِ الْفَجْرِ وَ حِيْنَ تَضَعُوْنَ ثِيَابَكُمْ مِّنَ الظَّهِيْرَةِ
صبح جي نماز کان ۽ جڏهن لاهي رکو ٿا پنھنجا لٽا منجھند جو

وَ مِنْۢ بَعْدِ صَلٰوةِ الْعِشَآءِ ؕ۫ ثَلٰثُ عَوْرٰتٍ لَّكُمْ ؕ
۽ بعد نماز سومهڻي جي، اھي ٽي وقت توهان جي اگهڙ جا آھن،

لَيْسَ عَلَيْكُمْ وَ لَا عَلَيْهِمْ جُنَاحٌۢ بَعْدَهُنَّ ؕ طَوّٰفُوْنَ
ناهي توهان تي ۽ نڪي انهن تي ڪا تنگي انهن وقتن کانپوءِ، اهي ڦرندڙ آهن

القرآن الكريم ترجمو حضرت مولانا عبدالكريم قريشي (بير شريف)

عَلَيْكُمْ بَعْضُكُمْ عَلٰى بَعْضٍؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ
اوهان تي هڪ ٻئي وٽ، اهڙيءَ طرح ٻڌائي ٿو الله
لَكُمُ الْاٰيٰتِؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۵۸﴾ وَاِذَا بَلَغَ
توهان کي آيتون، ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. ۽ جڏهن پهچن
الْاَطْفَالُ مِنْكُمُ الْحُلُمَ فَلْيَسْتَاْذِنُوْا كَمَا اسْتَاْذَنَ
ٻار اوهان جا جوانيءَ کي ته موڪل گهرن جيئن موڪل گهري هئي
الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ
انهن کان اڳين، اهڙيءَ طرح بيان ڪري ٿو الله توهان لاءِ پنهنجون آيتون
وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۵۹﴾ وَالْقَوَاعِدُ مِنَ النِّسَآءِ الّٰتِيْ
۽ الله ڄاڻندڙ آهي حڪمت وارو آهي. ۽ اهي پوڙهيون عورتون جيڪي
لَا يَرْجُوْنَ نِكَاحًا فَلَيْسَ عَلَيْهِنَّ جُنَاحٌ اَنْ
نه ٿيون اميد رکن شاديءَ جي ناهي انهن تي ڪو گناهه جو
يَّضَعْنَ ثِيَابَهُنَّ غَيْرَ مُتَبَرِّجٰتٍۢ بِزِيْنَةٍؕ وَاَنْ
لاهي رکن پنهنجا ڪپڙا نه ظاهر ڪندي پنهنجي سينگار کي، ۽
يَّسْتَعْفِفْنَ خَيْرٌ لَّهُنَّؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۶۰﴾
پرهيز ڪرڻ بهتر آهي انهن لاءِ، ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.
لَيْسَ عَلَى الْاَعْمٰى حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْاَعْرَجِ حَرَجٌ
ناهي انڌي تي ڪو حرج ۽ نه منڊي تي ڪو حرج

وَلَا عَلَى الْمَرِيضِ حَرَجٌ وَلَا عَلَىٰ أَنفُسِكُمْ أَن تَأْكُلُوا

۽ نه بيماريءَ کي حرج ۽ نڪي توهان تي جو کائو

مِن بُيُوتِكُمْ أَوْ بُيُوتِ آبَائِكُمْ أَوْ بُيُوتِ أُمَّهَاتِكُمْ

پنهنجن گهرن مان يا پنهنجن پيئن جي گهرن مان يا پنهنجي مائن جي گهرن

أَوْ بُيُوتِ إِخْوَانِكُمْ أَوْ بُيُوتِ أَخَوَاتِكُمْ أَوْ بُيُوتِ

يا پنهنجي ڀائرن جي گهرن يا پنهنجي ڀينرن جي گهرن يا پنهنجي چاچن

أَعْمَامِكُمْ أَوْ بُيُوتِ عَمَّاتِكُمْ أَوْ بُيُوتِ أَخْوَالِكُمْ

جي گهرن يا پنهنجين پڦين جي گهرن يا پنهنجن مامن جي گهرن

أَوْ بُيُوتِ خَالَاتِكُمْ أَوْ مَا مَلَكْتُم مَّفَاتِحَهُ أَوْ صَدِيقِكُمْ

يا پنهنجين ماسين جي گهرن مان يا جنهن جي ڪنجين جا مالڪ آهيو يا پنهنجن دوستن وٽان،

لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ أَن تَأْكُلُوا جَمِيعًا أَوْ أَشْتَاتًا

ناهي توهان تي گناهه جو کائو گڏجي يا جدا جدا.

فَإِذَا دَخَلْتُم بُيُوتًا فَسَلِّمُوا عَلَىٰ أَنفُسِكُمْ تَحِيَّةً

پوءِ جڏهن وڃو ڪنهن گهر ۾ ته سلام چئو پاڻ ۾ دعا

مِّنْ عِندِ اللَّهِ مُبَارَكَةً طَيِّبَةً كَذَٰلِكَ يُبَيِّنُ اللَّهُ

الله جي طرفان برڪت واري ڀلي. اهڙي طرح بيان ڪري ٿو الله

لَكُمُ الْآيَاتِ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُونَ ﴿٦١﴾ إِنَّمَا الْمُؤْمِنُونَ

توهان لاءِ آيتون جيئن توهان سمجهو. رڳو ايمان وارا

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَاِذَا كَانُوْا مَعَهٗ عَلٰٓى
اهي آهن جن يقين ڪيو الله ۽ سندس رسول ۾ ۽ جڏهن هوندا آهن ان سان گڏ
اَمْرٍ جَامِعٍ لَّمْ يَذْهَبُوْا حَتّٰى يَسْتَاْذِنُوْهُ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ
ڪنهن گڏيل ڪم ۾ ته هليا نه ويندا آهن جيسين موڪل وٺن انهيءَ کان، بيشڪ جيڪي ماڻهو
يَسْتَاْذِنُوْنَكَ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ
اجازت گهرن ٿا توکان اُهي ئي آهن جو ايمان رکن ٿا الله ۽
رَسُوْلِهٖ ۚ فَاِذَا اسْتَاْذَنُوْكَ لِبَعْضِ شَاْنِهِمْ فَاْذَنْ
سندس رسول ۾، پوءِ جڏهن موڪل گهرن توکان پنهنجي ڪنهن ڪم لاءِ ته اجازت ڏي
لِّمَنْ شِئْتَ مِنْهُمْ وَاسْتَغْفِرْ لَهُمُ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
جنهن لاءِ گهرين انهن مان ۽ معافي گهُر انهن لاءِ الله کان، بيشڪ الله
غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٦٢﴾ لَا تَجْعَلُوْا دُعَآءَ الرَّسُوْلِ بَيْنَكُمْ
بخشيندڙ مهربان آهي. نه ڪريو سڏڻ رسول جو پاڻ ۾
كَدُعَآءِ بَعْضِكُمْ بَعْضًا ؕ قَدْ يَعْلَمُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ
جيئن سڏ ڪرڻ توهانجو هڪٻئي کي، خوب سڃاڻي ٿو الله انهنکي جيڪي
يَتَسَلَّلُوْنَ مِنْكُمْ لِوَاذًا ۚ فَلْيَحْذَرِ الَّذِيْنَ يُخَالِفُوْنَ
کسڪي وڃن ٿا توهان کان ٻئي جي آڙ ۾، پوءِ ڊڄڻ گهرجي انهن کي جيڪي مخالفت ڪن ٿا
عَنْ اَمْرِهٖٓ اَنْ تُصِيْبَهُمْ فِتْنَةٌ اَوْ يُصِيْبَهُمْ عَذَابٌ
ان جي حڪم جي متان پهچي انهن کي نقصان يا پهچي انهن کي عذاب

اَلِيْمٌ ﴿٦٣﴾ اَلَآ اِنَّ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ

دردناڪ . خبردار بيشڪ الله لاءِ آهي جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ،

قَدْ يَعْلَمُ مَآ اَنْتُمْ عَلَيْهِ ؕ وَيَوْمَ يُرْجَعُوْنَ اِلَيْهِ

اهو ڄاڻي ٿو جنهن تي توهان آهيو ، ۽ جنهن ڏينهن موٽايا ويندا ان ڏانهن

فَيُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٦٤﴾ ع

پوءِ خبر ڏيندو انهن کي جيڪي عمل ڪيائون ، ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي .

سُوْرَةُ الْفُرْقَانِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ سَبْعٌ وَّسَبْعُوْنَ اٰيَةً وَّسِتُّ رُكُوْعَاتٍ

سورت فرقان مڪي آهي ۽ اها ستهتر آيتون ۽ ڇهه رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

تَبٰرَكَ الَّذِيْ نَزَّلَ الْفُرْقَانَ عَلٰى عَبْدِهٖ لِيَكُوْنَ

وڏي برڪت وارو آهي اهو جنهن لاٿو قرآن کي پنهنجي ٻانهي تي جيئن ٿئي

لِلْعٰلَمِيْنَ نَذِيْرًا ﴿١﴾ الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ

جهان وارن لاءِ ڊيڄاريندڙ. اهو جنهن لاءِ آهي بادشاهي آسمانن ۽

الْاَرْضِ وَلَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَّلَمْ يَكُنْ لَّهٗ شَرِيْكٌ

زمين جي ۽ نه ورتائين اولاد ۽ ناهي ان جو ڪوئي ڀائيوار

فِي الْمُلْكِ وَخَلَقَ كُلَّ شَيْءٍ فَقَدَّرَهٗ تَقْدِيْرًا ﴿٢﴾

حڪومت ۾ ۽ پيدا ڪيائين هر شيءِ کي پوءِ پورو رکيائين ان جو انداز.

وَاتَّخَذُوا مِنْ دُونِهٖٓ اٰلِهَةً لَّا يَخْلُقُونَ شَيْئًا وَّ
۽ ورتائون انهي کان سواءِ ٻيا خدا جي نہ تا پيدا ڪن ڪا شيءِ ۽
هُمْ يُخْلَقُونَ وَلَا يَمْلِكُونَ لِاَنْفُسِهِمْ ضَرًّا وَّلَا
اهي پاڻ پيدا ڪيل آهن ۽ نہ آهن مالڪ پنهنجي سرجي نقصان ۽ نہ
نَفْعًا وَّلَا يَمْلِكُونَ مَوْتًا وَّلَا حَيٰوةً وَّلَا نُشُورًا ﴿٣﴾
نفعي جا ۽ نہ آهن مالڪ موت جا ۽ نہ حياتي جا ۽ نہ وري اُٿڻ جا.
وَقَالَ الَّذِينَ كَفَرُوٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اِفْكُ ۨافْتَرٰىهُ
۽ چيو انهن جن ڪفر ڪيو ناهي اهو مگر ڪوڙ جنهنکي ٺاهيو اٿس
وَاَعَانَهٗ عَلَيْهِ قَوْمٌ اٰخَرُونَ ۛ فَقَدْ جَآءُو ظُلْمًا
۽ ساٿ ڏنو آهي ان سان انهي تي ٻين ماڻهن، سو اهي آيا آهن ظلم تي
وَّزُورًا ﴿٤﴾ ۛ وَقَالُوٓا اَسَاطِيرُ الْاَوَّلِينَ اكْتَتَبَهَا فَهِيَ
۽ ڪوڙ تي. ۽ چيائون، آکاڻيون اڳين جون آهن جنکي لکايو اٿس پوءِ اهي
تُمْلٰى عَلَيْهِ بُكْرَةً وَّاَصِيلًا ﴿٥﴾ قُلْ اَنْزَلَهُ الَّذِي
پڙهيون وڃن ٿيون ان تي صُبح ۽ شام. چؤ نازل ڪيو انکي انهيءَ
يَعْلَمُ السِّرَّ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ اِنَّهٗ كَانَ
جيڪو ڄاڻي ٿو ڳجهه کي آسمانن ۽ زمين ۾ بيشڪ اهو
غَفُورًا رَّحِيمًا ﴿٦﴾ وَقَالُوا مَالِ هٰذَا الرَّسُولِ يَاْكُلُ
بخشڻهار مهربان آهي. ۽ چيائون ڇا ٿيو آهي هن رسول کي جو کائي ٿو

ع عند المتاخرين ١٢

الطَّعَامَ وَيَمْشِي فِي الْأَسْوَاقِ ۙ لَوْلَآ أُنْزِلَ إِلَيْهِ مَلَكٌ

کاڌو ۽ گھمي ٿو بزارين ۾ ، ڇو نه موڪليو ويو انهي ڏي ملڪ

فَيَكُونَ مَعَهُ نَذِيرًا ﴿۷﴾ أَوْ يُلْقَىٰ إِلَيْهِ كَنْزٌ أَوْ

ته هجي ها ان سان گڏ ڊيڄاريندڙ . يا اُڇليو وڃي ها انهي ڏانهن خزانو يا

تَكُونُ لَهُ جَنَّةٌ يَأْكُلُ مِنْهَا ۚ وَقَالَ الظَّالِمُونَ

هجي ها ان کي باغ جو کائي ها انهي مان ، ۽ چيو ظالمن ،

إِنْ تَتَّبِعُونَ إِلَّا رَجُلًا مَسْحُورًا ﴿۸﴾ انْظُرْ كَيْفَ

نه ٿا پيروي ڪريو مگر هڪ ماڻهو جادو ڪيل جي . ڏس ته ڪيئن

ضَرَبُوا لَكَ الْأَمْثَالَ فَضَلُّوا فَلَا يَسْتَطِيعُونَ

بيان ڪيائون تولاءِ مثال پوءِ گمراهه ٿيا پوءِ نه ٿا لهي سگهن

ع ۹ ۱۶ سَبِيلًا ﴿۹﴾ تَبَارَكَ الَّذِي إِنْ شَاءَ جَعَلَ لَكَ خَيْرًا

رستو . وڏي برڪت وارو آهي اهو جيڪڏهن گهري ته ڪري تولاءِ بهتر

مِنْ ذَٰلِكَ جَنَّاتٍ تَجْرِي مِنْ تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ ۙ وَ

ان کان باغ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون ۽

يَجْعَلْ لَكَ قُصُورًا ﴿۱۰﴾ بَلْ كَذَّبُوا بِالسَّاعَةِ ۖ وَ

ڪري تولاءِ ماڙيون . پر انهن ڪوڙو ڪيو آخرت کي ۽

أَعْتَدْنَا لِمَنْ كَذَّبَ بِالسَّاعَةِ سَعِيرًا ﴿۱۱﴾ إِذَا

اسان تيار ڪئي ان لاءِ جنهن ڪوڙو ڪيو آخرت کي باهه . جڏهن

رَاَتۡهُمۡ مِّنۡ مَّكَانٍۭ بَعِيۡدٍ سَمِعُوۡا لَهَا تَغَيُّظًا وَّزَفِيۡرًا ﴿۱۲﴾

اهاڏسندي انهنکي پري کان تہ ٻُڌندا ان جو جوش ۽ ڦوڪارو.

وَاِذَاۤ اُلۡقُوۡا مِنۡهَا مَكَانًا ضَيِّقًا مُّقَرَّنِيۡنَ دَعَوۡا

۽ جڏهن اُڇليا ويندا ان جي سوڙهي جاءِ ۾ جڪڙي تہ پُڪاريندا

هُنَالِكَ ثُبُوۡرًا ﴿۱۳﴾ لَا تَدۡعُوا الۡيَوۡمَ ثُبُوۡرًا وَّاحِدًا وَّ

اتي موت کي. نہ سڏيو اڄ موت هڪڙي کي پر

ادۡعُوۡا ثُبُوۡرًا كَثِيۡرًا ﴿۱۴﴾ قُلۡ اَذٰلِكَ خَيۡرٌ اَمۡ جَنَّةُ

سڏيو موتن گهڻن کي. تون چئو ڀلا اهو چڱو آهي يا بهشت

الۡخُلۡدِ الَّتِىۡ وُعِدَ الۡمُتَّقُوۡنَ ؕ كَانَتۡ لَهُمۡ جَزَآءً وَّ

هميشہ رهڻ لاءِ جنهنجو وعدو ڪيل آهي پرهيزگارن سان، اهو آهي انهن جو بدلو ۽

مَصِيۡرًا ﴿۱۵﴾ لَهُمۡ فِيۡهَا مَا يَشَآءُوۡنَ خٰلِدِيۡنَ ؕ كَانَ

جاءِ موٽڻ جي. انهن لاءِ اتي آهي جيڪي گهُرندا هميشہ رهندي، آهي

عَلٰى رَبِّكَ وَعۡدًا مَّسۡـُٔوۡلًا ﴿۱۶﴾ وَيَوۡمَ يَحۡشُرُهُمۡ وَمَا

تنهنجي رب جو اهو انجام پڪو. ۽ جنهن ڏينهن گڏ ڪندو انهنکي ۽ جنکي

يَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ فَيَقُوۡلُ ءَاَنۡتُمۡ اَضۡلَلۡتُمۡ

پوڄيندا الله کان سواءِ پوءِ چوندو ڇا توهان گمراهہ ڪيو هئو

عِبَادِىۡ هٰٓؤُلَآءِ اَمۡ هُمۡ ضَلُّوا السَّبِيۡلَ ﴿۱۷﴾ قَالُوۡا سُبۡحٰنَكَ

منهنجن ٻانهن هنن کي يا اهي پاڻ گمراهہ ٿيا هٿا رستي کان. چوندا تون پاڪ آهين

مَا كَانَ يَنۢبَغِيْ لَنَآ اَنْ نَّتَّخِذَ مِنْ دُوْنِكَ مِنْ

ناهي لائق اسان جي لاءِ جو وٺون توکان سواءِ ٻيا

اَوْلِيَآءَ وَلٰكِنْ مَّتَّعْتَهُمْ وَاٰبَآءَهُمْ حَتّٰى نَسُوا

دوست پر تو سکيو ڪيو انهن کي ۽ سندن ابن ڏاڏن کي تان جو وساريائون

الذِّكْرَ ۚ وَكَانُوْا قَوْمًۢا بُوْرًا ﴿۱۸﴾ فَقَدْ كَذَّبُوْكُمْ بِمَا

تنهنجي ياد کي ۽ ٿيا اهي ماڻهو برباد. اجهو هنن ڪوڙو ڪيو توهان کي

تَقُوْلُوْنَ ۙ فَمَا تَسْتَطِيْعُوْنَ صَرْفًا وَّلَا نَصْرًا ۚ

توهان جي ڳالهه ۾ پوءِ نه تا سگهو عذاب ٽاري ۽ نڪي مدد ڪري،

وَمَنْ يَّظْلِمْ مِّنْكُمْ نُذِقْهُ عَذَابًا كَبِيْرًا ﴿۱۹﴾

۽ جيڪو به ظلم ڪندو توهان مان چکائينداسون انکي عذاب وڏو.

وَمَآ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ

۽ نه موڪليا سون توکان اڳي رسول

اِلَّآ اِنَّهُمْ لَيَاْكُلُوْنَ الطَّعَامَ وَيَمْشُوْنَ

مگر اهي کائيندا هئا کاڌو ۽ هلندا هئا

فِي الْاَسْوَاقِ ۭ وَجَعَلْنَا بَعْضَكُمْ لِبَعْضٍ

بزارن ۾، ۽ ڪيوسون توهان مان هڪڙن کي ٻين لاءِ

ع ۲ ۲۱ ۱۷ فِتْنَةً ۭ اَتَصْبِرُوْنَ ۚ وَكَانَ رَبُّكَ بَصِيْرًا ﴿۲۰﴾

آزمائش، ڇا صبر ڪيو ٿا؟ ۽ آهي رب تنهنجو ڏسندڙ.

وَقَالَ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا
۽ چيو انهن جيڪي نه ٿا اميد رکن اسان جي ملڻ جي ڇو نه لاٿا ويا اسان تي
الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ نَرٰى رَبَّنَا ۭ لَقَدِ اسْتَكْبَرُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ وَعَتَوْ عُتُوًّا
ملائڪ يا اسان ڏسون ها پنهنجي رب کي. انهن وڏائي رکي پنهنجن دلين ۾ ۽ آڪڙ ڪيائون آڪڙ
كَبِيْرًا ﴿٢١﴾ يَوْمَ يَرَوْنَ الْمَلٰٓئِكَةَ لَا بُشْرٰى يَوْمَئِذٍ لِّلْمُجْرِمِيْنَ
وڏي. جنهن ڏينهن ڏسندا ملائڪن کي نه هوندي خوشخبري تنهن ڏينهن ڏوهارين کي
وَيَقُوْلُوْنَ حِجْرًا مَّحْجُوْرًا ﴿٢٢﴾ وَقَدِمْنَآ اِلٰى مَا عَمِلُوْا مِنْ
۽ چوندن بندش مضبوط بيل آهي. ۽ اسان رخ ڪنداسون انهن جي عملن ڏانهن جيڪي
عَمَلٍ فَجَعَلْنٰهُ هَبَآءً مَّنْثُوْرًا ﴿٢٣﴾ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ يَوْمَئِذٍ
ڪيا اٿن پوءِ ڪنداسون انکي دز پکڙيل. بهشت وارا تنهن ڏينهن
خَيْرٌ مُّسْتَقَرًّا وَّاَحْسَنُ مَقِيْلًا ﴿٢٤﴾ وَيَوْمَ تَشَقَّقُ
ڀلي جاءِ قرار ۾ ۽ چڱي جاءِ آرام ۾ هوندا. ۽ جنهن ڏينهن ڦاٽندو
السَّمَآءُ بِالْغَمَامِ وَنُزِّلَ الْمَلٰٓئِكَةُ تَنْزِيْلًا ﴿٢٥﴾ اَلْمُلْكُ يَوْمَئِذِ
آسمان ڪڪرن سان ۽ لاٿا ويندا ملائڪ هيٺ. بادشاهي تنهن ڏينهن
اِلْحَقُّ لِلرَّحْمٰنِ ۭ وَكَانَ يَوْمًا عَلَى الْكٰفِرِيْنَ عَسِيْرًا ﴿٢٦﴾
سچي هوندي الله جي، ۽ ٿيندو اهو ڏينهن ڪافرن تي ڏکيو.
وَيَوْمَ يَعَضُّ الظَّالِمُ عَلٰى يَدَيْهِ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِي اتَّخَذْتُ
۽ جنهن ڏينهن چڪ هڻندو ظالم پنهنجي هٿن کي چوندو افسوس جيڪر وٺان ها

مَعَ الرَّسُوْلِ سَبِيْلًا ﴿۲۷﴾ يٰوَيْلَتٰى لَيْتَنِيْ لَمْ اَتَّخِذْ
رسول وارو رستو. هاءِ ارمان جيڪر آءٌ نه وٺان ها

فُلَانًا خَلِيْلًا ﴿۲۸﴾ لَقَدْ اَضَلَّنِيْ عَنِ الذِّكْرِ بَعْدَ اِذْ
فلاڻي کي دوست ڪري. انهي ڀُلايو مون کي نصيحت کان جڏهن

جَآءَنِيْ ؕ وَكَانَ الشَّيْطٰنُ لِلْاِنْسَانِ خَذُوْلًا ﴿۲۹﴾ وَ
اهامون وٽ آئي، ۽ آهي شيطان انسان سان دغا ڪندڙ. ۽

قَالَ الرَّسُوْلُ يٰرَبِّ اِنَّ قَوْمِي اتَّخَذُوْا هٰذَا
چوندو رسول اي منهنجا رب بيشڪ منهنجي قوم ڪيو هن

الْقُرْاٰنَ مَهْجُوْرًا ﴿۳۰﴾ وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَا لِكُلِّ نَبِيٍّ
قرآن کي ترڪ. ۽ اهڙي طرح ڪندا آهيون هر نبي لاءِ

عَدُوًّا مِّنَ الْمُجْرِمِيْنَ ؕ وَكَفٰى بِرَبِّكَ هَادِيًا وَّ
دشمن ڏوهارين مان، ۽ ڪافي آهي تنهنجو رب هدايت ڪندڙ ۽

نَصِيْرًا ﴿۳۱﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْلَا نُزِّلَ عَلَيْهِ
مددگار. ۽ چيو انهن جن ڪفر ڪيو ڇو نه لاٿو ويو انهي تي

الْقُرْاٰنُ جُمْلَةً وَّاحِدَةً ۛۚ كَذٰلِكَ ۛۚ لِنُثَبِّتَ بِهٖ
قرآن هڪ ئي دفعي، اهڙي طرح مضبوط ڪريون ٿا انهي سان

فُؤَادَكَ وَرَتَّلْنٰهُ تَرْتِيْلًا ﴿۳۲﴾ وَلَا يَاْتُوْنَكَ بِمَثَلٍ
تنهنجي دل کي ۽ پڙهيوسون انکي ٿورو ٿورو ڪري. ۽ نه ٿا آڻين تووٽ ڪو مثال

ع عندالمتقدمين ۱۲

إِلَّا جِئْنَٰكَ بِالْحَقِّ وَأَحْسَنَ تَفْسِيرًا ﴿٣٣﴾ الَّذِينَ

مگر اسان ڏينداآهيون توکي سچو جواب ۽ تمام ڀلو بيان. جيڪي

يُحْشَرُونَ عَلَىٰ وُجُوهِهِمْ إِلَىٰ جَهَنَّمَ أُولَٰئِكَ شَرٌّ

گڏ ڪيا ويندا پنهنجن منهن ڀر دوزخ ڏانهن اهي ئي بڇڙي

مَكَانًا وَأَضَلُّ سَبِيلًا ﴿٣٤﴾ وَلَقَدْ آتَيْنَا مُوسَى ع ١٤ ٣ ١

جاءِ وارا ۽ غلط رستي وارا آهن. ۽ اسان ڏنوسون موسىٰ کي

الْكِتَابَ وَجَعَلْنَا مَعَهُ أَخَاهُ هَارُونَ وَزِيرًا ﴿٣٥﴾

ڪتاب ۽ ڪيوسون ان سان گڏ سندس ڀاءُ هارون کي ڪم سنڀاليندڙ.

فَقُلْنَا اذْهَبَا إِلَى الْقَوْمِ الَّذِينَ كَذَّبُوا بِآيَاتِنَا

پوءِ چيوسون وڃو ٻئي ان قوم ڏانهن جن ڪوڙو ڪيو اسانجي آيتن کي،

فَدَمَّرْنَاهُمْ تَدْمِيرًا ﴿٣٦﴾ وَقَوْمَ نُوحٍ لَّمَّا كَذَّبُوا

پوءِ ڪيوسون انهنکي صفا تباهه. ۽ پڻ نوح جي قوم کي جڏهين انهن ڪوڙو ڪيو

الرُّسُلَ أَغْرَقْنَاهُمْ وَجَعَلْنَاهُمْ لِلنَّاسِ آيَةً وَ

رسولن کي ته ٻوڙيوسون انهنکي ۽ ڪيوسون انهنکي ماڻهن لاءِ عبرت، ۽

أَعْتَدْنَا لِلظَّالِمِينَ عَذَابًا أَلِيمًا ﴿٣٧﴾ وَعَادًا وَثَمُودَا

اسان تيار ڪيو آهي ظالمن لاءِ عذاب دردناڪ. ۽ پڻ عاد ۽ ثمود

وَأَصْحَابَ الرَّسِّ وَقُرُونًا بَيْنَ ذَٰلِكَ كَثِيرًا ﴿٣٨﴾ وَ

۽ کوهه وارن ۽ بين قومن وچ وارين گهڻين کي. ۽

وَكُلًّا ضَرَبْنَا لَهُ الْأَمْثَالَ ۖ وَكُلًّا تَبَّرْنَا تَتْبِيرًا ﴿۳۹﴾

سڀني کي پڌايا سون سندن واقعا ۽ سڀني کي تباهه ڪيو سون هلاڪ ڪري.

وَلَقَدْ أَتَوْا عَلَى الْقَرْيَةِ الَّتِي أُمْطِرَتْ مَطَرَ السَّوْءِ ۚ

۽ اهي ته آيا آهن انهي ڳوٺ تان جنهن تي وسايو ويو مينهن عذاب جو،

أَفَلَمْ يَكُونُوا يَرَوْنَهَا ۚ بَلْ كَانُوا لَا يَرْجُونَ نُشُورًا ﴿۴۰﴾

ڇا پوءِ نه ڏسندا هئا انهيءَ کي، بلڪ اهي نه اميد رکندا هئا ورئي اٿڻ جي.

وَإِذَا رَأَوْكَ إِن يَتَّخِذُونَكَ إِلَّا هُزُوًا أَهَٰذَا الَّذِي

۽ جڏهن ڏسن ٿا توکي ته رڳو وٺن ٿا توکي مسخري ڪري، ڇا هي اهو آهي جنهنکي

بَعَثَ اللَّهُ رَسُولًا ﴿۴۱﴾ إِن كَادَ لَيُضِلُّنَا عَنْ آلِهَتِنَا

موڪليو آهي الله رسول ڪري. اهو ته قريب هئو جو گمراهه ڪري ها اسانکي اسانجن معبودن کان

لَوْلَا أَن صَبَرْنَا عَلَيْهَا ۚ وَسَوْفَ يَعْلَمُونَ حِينَ

جيڪڏهن نه مضبوط رهون ها ان تي، ۽ جلد ڄاڻندا جنهن وقت

يَرَوْنَ الْعَذَابَ مَنْ أَضَلُّ سَبِيلًا ﴿۴۲﴾ أَرَأَيْتَ مَنِ

ڏسندا عذاب ته ڪير ڀُلندڙ آهي رستي کان. ڇا تو ڏٺو انهي کي جنهن

اتَّخَذَ إِلَٰهَهُ هَوَاهُ أَفَأَنتَ تَكُونُ عَلَيْهِ وَكِيلًا ﴿۴۳﴾

ورتو خدا ڪري پنهنجي خواهش کي، ڇا پوءِ تون ٿيندين انهي جو سنڀاليندڙ.

أَمْ تَحْسَبُ أَنَّ أَكْثَرَهُمْ يَسْمَعُونَ أَوْ يَعْقِلُونَ ۚ

ڇا تون ڀانئين ٿو ته گھڻا انهن مان ٻڌن ٿا يا سمجھن ٿا.

إِنْ هُمْ إِلَّا كَالْأَنْعَامِ بَلْ هُمْ أَضَلُّ سَبِيلًا ﴿٤٤﴾ ع ١٠

ناهن آهي مگر حيوانن جهڙا بلڪ اهي زيادہ گمراه آهن.

أَلَمْ تَرَ إِلَىٰ رَبِّكَ كَيْفَ مَدَّ الظِّلَّ ۚ وَلَوْ شَاءَ لَجَعَلَهُ

ڇا نہ ڏٺو تو پنهنجي رب ڏانهن ڪيئن پکيڙيائين پاڇي کي، ۽ جيڪڏهن گهري ها تہ ڪري ها ان کي

سَاكِنًا ثُمَّ جَعَلْنَا الشَّمْسَ عَلَيْهِ دَلِيلًا ﴿٤٥﴾ ثُمَّ

ٽڪندڙ، پوءِ ڪيوسون سج کي انهي تي سونهون. وري

قَبَضْنَاهُ إِلَيْنَا قَبْضًا يَسِيرًا ﴿٤٦﴾ وَهُوَ الَّذِي جَعَلَ

سوڙهو ڪيوسون انکي پنهنجي طرف ٿورو ٿورو ڪري. ۽ اهو ئي آهي جنهن بڻايو

لَكُمُ اللَّيْلَ لِبَاسًا وَالنَّوْمَ سُبَاتًا وَجَعَلَ النَّهَارَ

توهان لاءِ رات کي ڍڪ ۽ ننڊ کي آرام ۽ بڻايائين ڏينهن کي

نُشُورًا ﴿٤٧﴾ وَهُوَ الَّذِي أَرْسَلَ الرِّيَاحَ بُشْرًا بَيْنَ

اٿڻ لاءِ. ۽ اهو ئي آهي جنهن موڪليون هوائون خوشخبري ڏيندڙ

يَدَيْ رَحْمَتِهِ ۚ وَأَنزَلْنَا مِنَ السَّمَاءِ مَاءً طَهُورًا ﴿٤٨﴾

پنهنجي رحمت کان اڳ ۾، ۽ لاٿوسون آسمان مان پاڻي پاڪ.

لِّنُحْيِيَ بِهِ بَلْدَةً مَّيْتًا وَنُسْقِيَهُ مِمَّا خَلَقْنَا أَنْعَامًا

جيئن آباد ڪريون انهي سان زمين غير آباد کي ۽ پياريون اهو پنهنجي پيدا ڪيل جانورن

وَأَنَاسِيَّ كَثِيرًا ﴿٤٩﴾ وَلَقَدْ صَرَّفْنَاهُ بَيْنَهُمْ لِيَذَّكَّرُوا

۽ ماڻهن گهڻن کي. ۽ ڦيرايوسون ان کي انهن جي وچ ۾ جيئن نصيحت وٺن

فَاَبٰٓى اَكْثَرُ النَّاسِ اِلَّا كُفُوْرًا ﴿٥٠﴾ وَلَوْ شِئْنَا لَبَعَثْنَا

پر نه مڙيا گهڻا ماڻهو ڪفر ڪرڻ کان. ۽ جيڪڏهن گهرون ها ته موڪليون ها

فِيْ كُلِّ قَرْيَةٍ نَّذِيْرًا ﴿٥١﴾ فَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَ

هر ڳوٺ ۾ ڊيڄاريندڙ. پوءِ تون نه چيو وٺ ڪافرن جو ۽

جَاهِدْهُمْ بِهٖ جِهَادًا كَبِيْرًا ﴿٥٢﴾ وَهُوَ الَّذِيْ مَرَجَ

مقابلو ڪر انهن جو قرآن سان مقابلو وڏو. ۽ اهو ئي آهي جنهن گڏ هلايو

الْبَحْرَيْنِ هٰذَا عَذْبٌ فُرَاتٌ وَّهٰذَا مِلْحٌ اُجَاجٌ

ٻن دريائن کي هي مٺو اُڃ لاهڻ وارو ۽ هو لوڻ کارو،

وَجَعَلَ بَيْنَهُمَا بَرْزَخًا وَّحِجْرًا مَّحْجُوْرًا ﴿٥٣﴾ وَهُوَ

۽ ڪيائين انهن جي وچ ۾ پردو ۽ آڙ مضبوط. ۽ اهو ئي آهي

الَّذِيْ خَلَقَ مِنَ الْمَآءِ بَشَرًا فَجَعَلَهٗ نَسَبًا وَّصِهْرًا

جنهن پيدا ڪيو پاڻي مان آدمي کي پوءِ ڪيائين انهي پيڙهي ۽ ساهرا،

وَكَانَ رَبُّكَ قَدِيْرًا ﴿٥٤﴾ وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ

۽ آهي تنهنجو رب وڏي طاقت وارو. ۽ پوڄين ٿا الله کان سواءِ

مَا لَا يَنْفَعُهُمْ وَلَا يَضُرُّهُمْ وَكَانَ الْكَافِرُ عَلٰى

انکي جو نه تو فائدو ڏئي انهنکي ۽ نه تو نقصان پهچائي انهنکي، ۽ آهي ڪافر پنهنجي

رَبِّهٖ ظَهِيْرًا ﴿٥٥﴾ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ﴿٥٦﴾

رب کان ڦيرو. ۽ ڪونه اسان موڪليو توکي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ.

قُلْ مَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ اِلَّا مَنْ شَآءَ اَنْ

چؤ ته آءٌ توهان کان ان تي ڪو اجر نه ٿو گهران مگر جيڪو چاهي ته

يَّتَّخِذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ﴿٥٧﴾ وَتَوَكَّلْ عَلَى الْحَيِّ الَّذِىْ

وٺي پنهنجي رب ڏانهن رستو. ۽ ڀروسو ڪر انهي جيئري تي جيڪو

لَا يَمُوْتُ وَسَبِّحْ بِحَمْدِهٖ ۗ وَكَفٰى بِهٖ بِذُنُوْبِ عِبَادِهٖ

نه مرندو ۽ تسبيح پڙهه انجي تعريف سان، ۽ ڪافي آهي اهو پنهنجي ٻانهن جي گناهن جي

خَبِيْرًا ۚ ﴿٥٨﴾ الَّذِىْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا — وقف لازم عند المتقدمين ١٢

خبر رکندڙ. جنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي

بَيْنَهُمَا فِىْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ۚ

انهن جي وچ ۾ آهي ڇهن ڏينهن ۾ پوءِ قائم رهيو عرش تي،

اَلرَّحْمٰنُ فَسْـَٔلْ بِهٖ خَبِيْرًا ﴿٥٩﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اسْجُدُوْا

اهو ٻاجهارو آهي پوءِ پڇا ڪر ان جي خبرواري کان. ۽ جڏهن چئجي ٿو انهن کي ته سجدو ڪريو

لِلرَّحْمٰنِ قَالُوْا وَمَا الرَّحْمٰنُ ۗ اَنَسْجُدُ لِمَا تَاْمُرُنَا

رحمان جو، چون ٿا ڪير آهي رحمان، ڇا سجدو ڪريون انکي جنهنجو حڪم ٿو ڪرين اسانکي

وَزَادَهُمْ نُفُوْرًا ۩ ﴿٦٠﴾ تَبٰرَكَ الَّذِىْ جَعَلَ فِى السَّمَآءِ — ع ٥ / ٢٦ — السجدة ٧

۽ ان وڌايو انهنجي نفرت کي. وڏي برڪت وارو آهي اهو جنهن ڪيا آسمان ۾

بُرُوْجًا وَّجَعَلَ فِيْهَا سِرٰجًا وَّقَمَرًا مُّنِيْرًا ﴿٦١﴾ وَهُوَ

برج ۽ ڪيائين انهن ۾ سج ۽ چنڊ روشني ڪندڙ ۽ اهو ئي آهي

Al - Qura'n Al-Kareen By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

الَّذِیْ جَعَلَ الَّیْلَ وَالنَّهَارَ خِلْفَةً لِّمَنْ اَرَادَ اَنْ

جنهن ڪيو رات ۽ ڏينهن کي هڪٻئي پٺيان ان ماڻهوءَ لاءِ جيڪو چاهي ته

یَّذَّكَّرَ اَوْ اَرَادَ شُكُوْرًا ﴿٦٢﴾ وَعِبَادُ الرَّحْمٰنِ الَّذِیْنَ

ذڪر ڪري يا چاهي شڪر ڪري. ۽ ٻانها ٻاجهاري جا اُهي آهن جيڪي

یَمْشُوْنَ عَلَى الْاَرْضِ هَوْنًا وَّاِذَا خَاطَبَهُمُ الْجٰهِلُوْنَ

هلندا آهن زمين تي نرميءَ سان ۽ جڏهن ڳالهائيندا آهن انهن سان جاهل

قَالُوْا سَلٰمًا ﴿٦٣﴾ وَالَّذِیْنَ یَبِیْتُوْنَ لِرَبِّهِمْ سُجَّدًا وَّ

ته چوندا آهن سلام هجيوَ. ۽ اهي جيڪي رات گذارين ٿا پنهنجي رب لاءِ سجدي ۽

قِیَامًا ﴿٦٤﴾ وَالَّذِیْنَ یَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا اصْرِفْ عَنَّا

قيام ۾. ۽ اهي جيڪي چون ٿا اي رب اسان جا هٽاءِ اسان تان

عَذَابَ جَهَنَّمَ اِنَّ عَذَابَهَا كَانَ غَرَامًا ﴿٦٥﴾ اِنَّهَا

عذاب جهنم جو. بيشڪ عذاب ان جو آهي چنبي. بيشڪ آها

سَآءَتْ مُسْتَقَرًّا وَّمُقَامًا ﴿٦٦﴾ وَالَّذِیْنَ اِذَآ اَنْفَقُوْا

بڇڙي آهي جاءِ قرار جي ۽ جاءِ رهڻ جي. ۽ اهي جڏهن خرچ ڪن ٿا

لَمْ یُسْرِفُوْا وَلَمْ یَقْتُرُوْا وَكَانَ بَیْنَ ذٰلِكَ قَوَامًا ﴿٦٧﴾

اجايو خرچ نه ٿا ڪن ۽ نڪي تنگي ٿا ڪن ۽ آهي اهو وچٿرو.

وَالَّذِیْنَ لَا یَدْعُوْنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ وَلَا

۽ اهي جيڪي نه ٿا سڏين الله سان گڏ ٻئي کي ۽ نه

يَقْتُلُوْنَ النَّفْسَ الَّتِيْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ وَلَا

تا قتل ڪن　ماڻهوءَ کي جنهن جي منع ڪئي الله　مگر　حق سان ۽ نڪي

يَزْنُوْنَ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ يَلْقَ اَثَامًا ﴿٦٨﴾ يُّضٰعَفْ

زنا تا ڪن، ۽ جيڪو ڪندو　اهو ڪم پوندو عذاب ۾. ٻيڻو ڪيو ويندو

لَهُ الْعَذَابُ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَيَخْلُدْ فِيْهٖ مُهَانًا ﴿٦٩﴾ اِلَّا

ان جو عذاب　قيامت ڏينهن　۽ هميشه رهندو ان ۾ خوار ٿي.　مگر

مَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ

جنهن توبه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ ڪيائين　چڱا ڪم　پوءِ انهن جون

يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمْ حَسَنٰتٍ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا

بدلائيندو الله　برايون　ڀلاين سان، ۽ آهي الله بخشڻهار

رَّحِيْمًا ﴿٧٠﴾ وَمَنْ تَابَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَاِنَّهٗ يَتُوْبُ

مهربان.　۽ جنهن توبه ڪئي ۽　ڪيا چڱا ڪم　پوءِ اهو　موٽي آيو

اِلَى اللّٰهِ مَتَابًا ﴿٧١﴾ وَالَّذِيْنَ لَا يَشْهَدُوْنَ الزُّوْرَ ۙ وَ

الله ڏانهن پوري موٽڻ.　۽ جيڪي　نه تا شامل ٿين　ڪوڙي ڪم ۾ ۽

اِذَا مَرُّوْا بِاللَّغْوِ مَرُّوْا كِرَامًا ﴿٧٢﴾ وَالَّذِيْنَ اِذَا ذُكِّرُوْا

جڏهن لنگهن تا بيهودگي تان ته لنگهن تا شرافت سان. ۽ اهي جڏهن ڪين سمجهايا وڃي ٿو

بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَمْ يَخِرُّوْا عَلَيْهَا صُمًّا وَّعُمْيَانًا ﴿٧٣﴾

سندن رب جي آيتن سان　نه ٿا ڪِرن　ان تي　ٻوڙا ۽ انڌا.

وَالَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا هَبْ لَنَا مِنْ اَزْوَاجِنَا وَ

۽ جيڪي چون ٿا اي رب اسان جا عطا ڪر اسان کي اسان جي زالن ۽

ذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعْيُنٍ وَّاجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ﴿٧٤﴾

اسان جي اولادمان ٺار اکين جو ۽ ڪر اسان کي پرهيزگارن جو اڳواڻ.

اُولٰٓئِكَ يُجْزَوْنَ الْغُرْفَةَ بِمَا صَبَرُوْا وَيُلَقَّوْنَ فِيْهَا

انهن کي بدلو ڏنو ويندو بلند جاين جو هن ڪري ته صبر ڪيائون ۽ ملاقات ٿيندن اتي

تَحِيَّةً وَّسَلٰمًا ﴿٧٥﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ حَسُنَتْ مُسْتَقَرًّا

دعا ۽ سلام سان. هميشه رهندا ان ۾، ڀلي آهي جاءِ قرار جي

وَّمُقَامًا ﴿٧٦﴾ قُلْ مَا يَعْبَؤُا بِكُمْ رَبِّيْ لَوْلَا دُعَآؤُكُمْ ۚ

۽ جاءِ رهڻ جي. چؤ ته نٿو پرواه ڪري توهان جي منهنجو رب جيڪڏهن نه سڏيو توهان ان کي

فَقَدْ كَذَّبْتُمْ فَسَوْفَ يَكُوْنُ لِزَامًا ﴿٧٧﴾ ع

سو توهان ڪوڙو ڪري چڪا آهيو پوءِ جلد ٿيندي سزا لازم.

سُوْرَةُ الشُّعَرَآءِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مِائَتَانِ وَّسَبْعٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً وَّاَحَدَ عَشَرَ رُكُوْعًا

سورت شعرآء مڪي آهي ۽ ان ۾ ٻه سؤ ستاويهه آيتون ۽ يارهن رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

طٰسٓمٓ ﴿١﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿٢﴾ لَعَلَّكَ

طسم. هي آيتون آهن ڪتاب بيان ڪندڙ جون. شايد تون

بَاخِعٌ نَّفْسَكَ اَلَّا يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ③ اِنْ نَّشَاْ

هلاڪ ڪندين پاڻ کي جي اهي ايمان نہ آڻين ۔ جيڪڏهن اسين چاهيون

نُنَزِّلْ عَلَيْهِمْ مِّنَ السَّمَآءِ اٰيَةً فَظَلَّتْ اَعْنَاقُهُمْ

تہ لاهيون انهن تي آسمان کان ڪانشاني پوءِ ٿين ڪنڌ انهن جا

لَهَا خٰضِعِيْنَ ④ وَمَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ ذِكْرٍ مِّنَ

انهيءَ جي آڏو جهڪندڙ ۔ ۽ نہ ٿي اچي انهن وٽ ڪا نصيحت

الرَّحْمٰنِ مُحْدَثٍ اِلَّا كَانُوْا عَنْهُ مُعْرِضِيْنَ ⑤ فَقَدْ

رحمان جي نئين مگر آهن انهيءَ کان منهن ڦير يندڙ ۔ پوءِ

كَذَّبُوْا فَسَيَاْتِيْهِمْ اَنْبٰٓؤُا مَا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ⑥

انهن ڪوڙو ڪوٺيو پوءِ اچڻ وارا اٿن انهن وٽ خبرون ان جون جنهن تي ٺٺوليون ڪندا هئا ۔

اَوَلَمْ يَرَوْا اِلَى الْاَرْضِ كَمْ اَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ

ڇا نہ ڏٺو انهن زمين ڏانهن ڪيتريون ٿي پيدا ڪيوسون ان ۾ هر

زَوْجٍ كَرِيْمٍ ⑦ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ

قسم جون ڀليون شيون ۔ بيشڪ انهيءَ ۾ نشاني آهي ، ۽ نہ آهن گهڻا انهن مان

مُّؤْمِنِيْنَ ⑧ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ⑨ وَ

مڃيندڙ ۔ ۽ بيشڪ تنهنجو رب اهو ئي زبردست آهي رحم وارو آهي ۔ ۽

اِذْ نَادٰى رَبُّكَ مُوْسٰٓى اَنِ ائْتِ الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ⑩

جڏهن سڏيو تنهنجي ربّ موسىٰ کي تہ اچ ظالمن جي قوم ڏانهن ۔

قَوْمَ فِرْعَوْنَ ؕ اَلَا يَتَّقُوْنَ ﴿١١﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّیْۤ اَخَافُ

فرعون جي قوم ڏانهن، جو اهي خوف نٿا ڪن. چيائين منهنجا رب آءٌ ڊڄان ٿو

اَنْ یُّكَذِّبُوْنِ ﴿١٢﴾ وَ یَضِیْقُ صَدْرِیْ وَ لَا یَنْطَلِقُ

تہ مونکي ڪوڙو ڪندا. ۽ تنگ ٿيندي دل منهنجي ۽ نہ هلندي

لِسَانِیْ فَاَرْسِلْ اِلٰى هٰرُوْنَ ﴿١٣﴾ وَ لَهُمْ عَلَیَّ ذَنْۢبٌ

زبان منهنجي پوءِ حڪم موڪل هارون ڏانهن. ۽ انهن جو مون تي ڏوهہ آهي

فَاَخَافُ اَنْ یَّقْتُلُوْنِ ﴿١٤﴾ قَالَ كَلَّا ۚ فَاذْهَبَا بِاٰیٰتِنَاۤ

پوءِ آءٌ ڊڄان ٿو تہ متان مونکي ماري وجهن. چيائين هرگز نہ، پوءِ وڃو ٻئي اسان جي نشانين سان

اِنَّا مَعَكُمْ مُّسْتَمِعُوْنَ ﴿١٥﴾ فَاْتِیَا فِرْعَوْنَ فَقُوْلَاۤ اِنَّا

اسان توهان سان گڏ ٻڌندڙ آهيون. پوءِ اچو فرعون ڏانهن پوءِ چئو اسان

رَسُوْلُ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿١٦﴾ لا اَنْ اَرْسِلْ مَعَنَا بَنِیْۤ

موڪليل آهيون رب العالمين جا. تہ ڇڏ اسان سان بني

اِسْرَآءِیْلَ ﴿١٧﴾ ؕ قَالَ اَلَمْ نُرَبِّكَ فِیْنَا وَلِیْدًا وَّ لَبِثْتَ

اسرائيل کي. ان چيو ڇا نہ پاليو هئو اسان توکي پاڻ وٽ ٻارڪري ۽ تون رهيو آهين

فِیْنَا مِنْ عُمُرِكَ سِنِیْنَ ﴿١٨﴾ لا وَ فَعَلْتَ فَعْلَتَكَ

اسان ۾ پنهنجي عمر جا ڪيئي سال. ۽ تو ڪيو هئو پنهنجو ڪم

الَّتِیْ فَعَلْتَ وَ اَنْتَ مِنَ الْكٰفِرِیْنَ ﴿١٩﴾ قَالَ فَعَلْتُهَاۤ

جيڪو ڪيو تو ۽ تون ٿيو آهين بي شڪرن مان چيائين ڪيو هئم اهو

إِذًا وَّأَنَا مِنَ الضَّآلِّينَ ﴿٢٠﴾ فَفَرَرْتُ مِنكُمْ لَمَّا خِفْتُكُمْ

تنهن وقت آءٌ رستي تي نه هئس پوءِ پڇي ويس توهان کان جڏهن ڊنم توهان کان

فَوَهَبَ لِي رَبِّي حُكْمًا وَّجَعَلَنِي مِنَ الْمُرْسَلِينَ ﴿٢١﴾

پوءِ ڏنو موکي منهنجي رب حڪم ۽ ڪيائين موکي رسولن مان .

وَتِلْكَ نِعْمَةٌ تَمُنُّهَا عَلَيَّ أَنْ عَبَّدتَّ بَنِي

۽ اها ڪا مهرباني آهي جنهنجو تون احسان ڪرين ٿو مون تي جو غلام بڻايو اٿئي بني

إِسْرَآءِيلَ ﴿٢٢﴾ قَالَ فِرْعَوْنُ وَمَا رَبُّ الْعَالَمِينَ ﴿٢٣﴾

اسرائيل کي . چيو فرعون ڪير آهي رب العالمين ؟

قَالَ رَبُّ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا إِن كُنتُم

چيائين اهو پالڻهار آهي آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي، جيڪڏهن توهان

مُّوقِنِينَ ﴿٢٤﴾ قَالَ لِمَنْ حَوْلَهُ أَلَا تَسْتَمِعُونَ ﴿٢٥﴾

يقين ڪريو . ان چيو پنهنجي ڀرواري وارن کي ڇا توهان نه ٿا ٻڌو ؟

قَالَ رَبُّكُمْ وَرَبُّ آبَآئِكُمُ الْأَوَّلِينَ ﴿٢٦﴾ قَالَ إِنَّ

چيائين پالڻهار توهان جو ۽ پالڻهار توهان جي ابن ڏاڏن اڳين جو . ان چيو بيشڪ

رَسُولَكُمُ الَّذِي أُرْسِلَ إِلَيْكُمْ لَمَجْنُونٌ ﴿٢٧﴾ قَالَ

رسول توهان جو جيڪو موڪليو ويو توهان ڏانهن سوچريو آهي . چيائين

رَبُّ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ وَمَا بَيْنَهُمَا إِن كُنتُمْ

اهو پالڻهار آهي اوڀر ۽ اولهه جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي، جيڪڏهن توهان

تَعْقِلُونَ ﴿٢٨﴾ قَالَ لَئِنِ اتَّخَذْتَ إِلَٰهًا غَيْرِي

عقل رکو ٿا. ان چيو جيڪڏهن ورتو اٿيئي خدا مون کانسواءِ ڪو ٻيو

لَأَجْعَلَنَّكَ مِنَ الْمَسْجُونِينَ ﴿٢٩﴾ قَالَ أَوَلَوْ جِئْتُكَ

ته ضرور ڪندس آءٌ توکي قيدين مان چيائين ڇا توڙي جو آڻيان تو وٽ

بِشَيْءٍ مُّبِينٍ ﴿٣٠﴾ قَالَ فَأْتِ بِهِ إِن كُنتَ مِنَ

ڪا شيءِ پڌري. ان چيو پوءِ آڻ اها جيڪڏهن آهين تون

الصَّادِقِينَ ﴿٣١﴾ فَأَلْقَىٰ عَصَاهُ فَإِذَا هِيَ ثُعْبَانٌ

سچن مان. پوءِ اُڇلايائين لٺ پنهنجي ته اوچتو اها ٿي پئي نانگ

مُّبِينٌ ﴿٣٢﴾ وَنَزَعَ يَدَهُ فَإِذَا هِيَ بَيْضَاءُ لِلنَّاظِرِينَ ﴿٣٣﴾

چٽو. ۽ ڪڍيائين هٿ پنهنجو ته اوچتو اهو روشن ٿي پيو ڏسندڙن لاءِ.

قَالَ لِلْمَلَإِ حَوْلَهُ إِنَّ هَٰذَا لَسَاحِرٌ عَلِيمٌ ﴿٣٤﴾ يُرِيدُ

ان چيو پنهنجي ڪچهري جي سردارن کي يقينن هيءُ کو جادوگر آهي ڄاڻو، جو چاهي ٿو

أَن يُخْرِجَكُم مِّنْ أَرْضِكُم بِسِحْرِهِ فَمَاذَا تَأْمُرُونَ ﴿٣٥﴾

ته ڪڍي توهان کي توهان جي ملڪ مان پنهنجي جادو سان، پوءِ ڇا ٿا حڪم ڪريو؟

قَالُوا أَرْجِهْ وَأَخَاهُ وَابْعَثْ فِي الْمَدَائِنِ حَاشِرِينَ ﴿٣٦﴾

چيائون ڍر ڏي انکي ۽ سندس ڀاءُ کي ۽ موڪل ڳوٺن ۾ گڏ ڪندڙن کي.

يَأْتُوكَ بِكُلِّ سَحَّارٍ عَلِيمٍ ﴿٣٧﴾ فَجُمِعَ السَّحَرَةُ لِمِيقَاتِ

جو آڻين تو وٽ هر وڏي جادوگر ڄاڻو کي. پوءِ گڏ ڪيا ويا ماندا موقعي تي

يَوْمٍ مَّعْلُومٍ ﴿۳۸﴾ وَقِيلَ لِلنَّاسِ هَلْ أَنتُم مُّجْتَمِعُونَ ﴿۳۹﴾

ڏينھن مقرر ۾. ۽ چيو ويو ماڻھن کي ڇا توھان به گڏ ٿيندؤ!

لَعَلَّنَا نَتَّبِعُ السَّحَرَةَ إِن كَانُوا هُمُ الْغَالِبِينَ ﴿۴۰﴾ فَلَمَّا

جيئن اسان تابع ٿيون جادوگرن جا جيڪڏھن اھي زور ٿي ويا. پوءِ جڏھن

جَاءَ السَّحَرَةُ قَالُوا لِفِرْعَوْنَ أَئِنَّ لَنَا لَأَجْرًا إِن

آيا جادوگر چيائون فرعون کي ڇا اسان لاءِ آھي مزدوري جيڪڏھن

كُنَّا نَحْنُ الْغَالِبِينَ ﴿۴۱﴾ قَالَ نَعَمْ وَإِنَّكُمْ إِذًا لَّمِنَ

ٿيون اسين زور. ان چيو ھائو ۽ اوھين ان وقت ٿيندا

الْمُقَرَّبِينَ ﴿۴۲﴾ قَالَ لَهُم مُّوسَىٰ أَلْقُوا مَا أَنتُم

وڏن عھدن تي. چيو انھن کي موسیٰ اُڇلايو جيڪي توھان

مُّلْقُونَ ﴿۴۳﴾ فَأَلْقَوْا حِبَالَهُمْ وَعِصِيَّهُمْ وَقَالُوا

اُڇليندڙ آھيو. پوءِ اُڇلايائون رسا پنھنجا ۽ لٺيون پنھنجون ۽ چيائون

بِعِزَّةِ فِرْعَوْنَ إِنَّا لَنَحْنُ الْغَالِبُونَ ﴿۴۴﴾ فَأَلْقَىٰ

فرعون جي عزت جو قسم ؛ بيشڪ اسان ئي زور آھيون. پوءِ اُڇلايو

مُوسَىٰ عَصَاهُ فَإِذَا هِيَ تَلْقَفُ مَا يَأْفِكُونَ ﴿۴۵﴾

موسیٰ پنھنجي لٺ کي ته اوچتو اھا گرڪائي پئي انکي جو انھن ٺاھيو ھئو.

فَأُلْقِيَ السَّحَرَةُ سَاجِدِينَ ﴿۴۶﴾ قَالُوا آمَنَّا بِرَبِّ الْعَالَمِينَ ﴿۴۷﴾

پوءِ ڪِري پيا جادوگر سجدو ڪندي. چوڻ لڳا ايمان آندو سون رب العالمين تي.

رَبِّ مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ﴿۴۸﴾ قَالَ اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ اَنْ

موسىٰ ۽ هارون جي رب تي. ان چيو توهان مڃيو ان کي اڳي هن کان جو

اٰذَنَ لَكُمْ ۚ اِنَّهٗ لَكَبِيْرُكُمُ الَّذِيْ عَلَّمَكُمُ السِّحْرَ ۚ

آءٌ موکل ڏيان توهان کي. يقين اهو وڏو آهي توهان جو جنهن سيکاريو توهان کي جادو.

فَلَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۗ لَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ

پوءِ اجهو اوهين ڄاڻندؤ. ضرور وڍيندس هٿ توهان جا ۽ پير توهان جا

مِّنْ خِلَافٍ وَّلَاُصَلِّبَنَّكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿۴۹﴾ ۚ قَالُوْا

ابتڙ ۽ ضرور ڦاهي ڏيندس توهان سڀني کي. چيائون

لَا ضَيْرَ ۖ اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا مُنْقَلِبُوْنَ ﴿۵۰﴾ ۚ اِنَّا نَطْمَعُ اَنْ

ناهي کو حرج بيشڪ اسين پنهنجي رب ڏانهن موٽي ويندڙ آهيون. بيشڪ اسان اميد ٿا ڪريون

ع ۳ ۱۸ ۷ يَّغْفِرَ لَنَا رَبُّنَا خَطٰيٰنَآ اَنْ كُنَّآ اَوَّلَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۱﴾ ع

ته معاف ڪندو اسان کي رب اسان جو گناه اسان جا جو اسين آهيون پهريان ايمان آڻيندڙ.

وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنْ اَسْرِ بِعِبَادِيْٓ اِنَّكُمْ

۽ حڪم ڪيوسون موسىٰ کي ته رات جو ڪڍ منهنجي ٻانهن کي جو توهان جي

مُّتَّبَعُوْنَ ﴿۵۲﴾ فَاَرْسَلَ فِرْعَوْنُ فِي الْمَدَآئِنِ

پٺيان پوندا. پوءِ موڪليا فرعون شهرن ۾

حٰشِرِيْنَ ﴿۵۳﴾ ۚ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ لَشِرْذِمَةٌ قَلِيْلُوْنَ ﴿۵۴﴾ ۙ وَ

گڏ ڪندڙ. ته اهي ماڻهو آهن جماعت ٿوري. ۽

إِنَّهُمْ لَنَا لَغَآئِظُونَ ﴿٥٥﴾ وَإِنَّا لَجَمِيعٌ حَٰذِرُونَ ﴿٥٦﴾
اهي اسان کي ڪاوڙائيندڙ آهن. ۽ اسين سمورا هشيارن وارا آهيون.
فَأَخْرَجْنَٰهُم مِّن جَنَّٰتٍ وَعُيُونٍ ﴿٥٧﴾ وَكُنُوزٍ وَمَقَامٍ
پوءِ اسان ڪڍيو انهن کي باغن ۽ چشمن. ۽ ڪاٽين ۽ جاين
كَرِيمٍ ﴿٥٨﴾ كَذَٰلِكَ وَأَوْرَثْنَٰهَا بَنِىٓ إِسْرَٰٓءِيلَ ﴿٥٩﴾
پلين مان. ائين ئي ڪيوسون ۽ وارث بنايوسون انهن جو بني اسرائيل کي.
فَأَتْبَعُوهُم مُّشْرِقِينَ ﴿٦٠﴾ فَلَمَّا تَرَٰٓءَا ٱلْجَمْعَانِ قَالَ
پوءِ پٺيان پيا سج اُڀري سان. پوءِ جڏهن ڏٺو هڪٻئي کي ٻنهي جماعتن چيو
أَصْحَٰبُ مُوسَىٰٓ إِنَّا لَمُدْرَكُونَ ﴿٦١﴾ قَالَ كَلَّآ ۖ إِنَّ مَعِىَ
سنگت موسیٰ جي اسان ته پڪڙجي پيا سون. چيائين هرگز نه. بيشڪ مون سان گڏ
رَبِّى سَيَهْدِينِ ﴿٦٢﴾ فَأَوْحَيْنَآ إِلَىٰ مُوسَىٰٓ أَنِ ٱضْرِب
منهنجو رب آهي اجهو ڏس لائيندو مونکي، پوءِ وحي ڪيوسون موسیٰ ڏانهن ته هڻ
بِّعَصَاكَ ٱلْبَحْرَ ۖ فَٱنفَلَقَ فَكَانَ كُلُّ فِرْقٍ كَٱلطَّوْدِ
لٺ پنهنجي سمنڊ کي، پوءِ اهو چيرجي پيو پوءِ ٿي پيئي هر ڦاڪ پاڻيءَ جي جهڙو جبل
ٱلْعَظِيمِ ﴿٦٣﴾ وَأَزْلَفْنَا ثَمَّ ٱلْءَاخَرِينَ ﴿٦٤﴾ وَأَنجَيْنَا
وڏو. ۽ ويجهو آندوسون اُتي ٻين کي. ۽ بچايوسون
مُوسَىٰ وَمَن مَّعَهُۥٓ أَجْمَعِينَ ﴿٦٥﴾ ثُمَّ أَغْرَقْنَا
موسیٰ کي ۽ جيڪي انهي سان گڏ هئا سمورا. پوءِ ٻوڙيوسون

الْاٰخَرِيْنَ ﴿۶۶﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ

ٻين کي. بيشڪ انهيءَ ۾ نشاني آهي، ۽ نه ٿيا گهڻا انهن مان

مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۶۷﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿۶۸﴾ وَ

ايمان آڻيندڙ. ۽ بيشڪ تنهنجو پاليندڙ اهو زبردست مهربان آهي. ۽

اتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ اِبْرٰهِيْمَ ﴿۶۹﴾ اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ وَقَوْمِهٖ

پڙهي ٻڌاءِ انهن کي خبر ابراهيم جي. جڏهن چيائين پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي

مَا تَعْبُدُوْنَ ﴿۷۰﴾ قَالُوْا نَعْبُدُ اَصْنَامًا فَنَظَلُّ لَهَا

ڇا جي عبادت ڪريو ٿا؟ چيائون پوڄيون ٿا ٻتن کي پوءِ آهيون تن جي آڏو

عٰكِفِيْنَ ﴿۷۱﴾ قَالَ هَلْ يَسْمَعُوْنَكُمْ اِذْ تَدْعُوْنَ ﴿۷۲﴾ لا

ويهندڙ. چيائين ڀلا ٻڌن ٿا توهان جو جنهن وقت سڏ ٿا ڪريو؟

اَوْ يَنْفَعُوْنَكُمْ اَوْ يَضُرُّوْنَ ﴿۷۳﴾ قَالُوْا بَلْ وَجَدْنَآ

يا فائدو ڏين ٿا توهان کي يا نقصان ڏين ٿا؟ چيائون نه پر لڌوسون

اٰبَآءَنَا كَذٰلِكَ يَفْعَلُوْنَ ﴿۷۴﴾ قَالَ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا كُنْتُمْ

پنهنجن وڏن کي ائين ڪندا هئا. چيائين ڇا پوءِ خبر اٿوَ جنهن جي

تَعْبُدُوْنَ ﴿۷۵﴾ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمُ الْاَقْدَمُوْنَ ﴿۷۶﴾ فَاِنَّهُمْ

عبادت ڪريو ٿا. توهان ۽ توهان جا ابا ڏاڏا اڳيان. پوءِ بيشڪ اهي

عَدُوٌّ لِّيْٓ اِلَّا رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۷۷﴾ الَّذِيْ خَلَقَنِيْ فَهُوَ

دشمن آهن منهنجا سواءِ رب العالمين جي. جنهن پيدا ڪيو مون کي پوءِ اهو

يَهْدِيْنِ ﴿۷۸﴾ وَالَّذِيْ هُوَ يُطْعِمُنِيْ وَيَسْقِيْنِ ﴿۷۹﴾ وَ
رستو ڏيکاري ٿو مونکي. ۽ اهو ئي کارائي ٿو مون کي ۽ پياري ٿو مون کي. ۽

اِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِيْنِ ﴿۸۰﴾ وَالَّذِيْ يُمِيْتُنِيْ ثُمَّ
جڏهن بيمار ٿيان ٿو ته اهو ئي شفا ڏئي ٿو مون کي. ۽ اهو ماريندو مون کي وري

يُحْيِيْنِ ﴿۸۱﴾ وَالَّذِيْٓ اَطْمَعُ اَنْ يَّغْفِرَ لِيْ خَطِيْٓئَتِيْ
جيارينداو مونکي. ۽ اهو جو اميد رکان ٿو ته بخشيندو مونکي منهنجي خطا

يَوْمَ الدِّيْنِ ﴿۸۲﴾ رَبِّ هَبْ لِيْ حُكْمًا وَّاَلْحِقْنِيْ
قيامت جي ڏينهن. اي منهنجا رب عطا ڪر مونکي علم ۽ ملاءِ مون کي

بِالصّٰلِحِيْنَ ﴿۸۳﴾ وَاجْعَلْ لِّيْ لِسَانَ صِدْقٍ فِي
صالحن سان. ۽ ڪر منهنجي لاءِ پچار چڱي

الْاٰخِرِيْنَ ﴿۸۴﴾ وَاجْعَلْنِيْ مِنْ وَّرَثَةِ جَنَّةِ النَّعِيْمِ ﴿۸۵﴾
پوين ۾. ۽ ڪر مون کي وارث بهشت نعمت واري جو.

وَاغْفِرْ لِاَبِيْٓ اِنَّهٗ كَانَ مِنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿۸۶﴾ وَلَا
۽ بخش منهنجي پيءُ کي بيشڪ اهو آهي گمراهن مان. ۽ نه

تُخْزِنِيْ يَوْمَ يُبْعَثُوْنَ ﴿۸۷﴾ يَوْمَ لَا يَنْفَعُ مَالٌ وَّلَا
خوار ڪر مونکي جنهن ڏينهن مٿا اُٿاربا. تنهن ڏينهن نه نفعو ڏيندو مال ۽ نڪي

بَنُوْنَ ﴿۸۸﴾ اِلَّا مَنْ اَتَى اللّٰهَ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ﴿۸۹﴾ وَاُزْلِفَتِ
اولاد. مگر جو آيو الله وٽ دل سالم سان. ۽ ويجهو ڪيو ويندو

الْجَنَّةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ۙ﴿٩٠﴾ وَبُرِّزَتِ الْجَحِيْمُ لِلْغٰوِيْنَ ۙ﴿٩١﴾ وَ

بهشت پرهيزگارن لاءِ. ۽ ظاهر ڪيو ويندو دوزخ گمراهن لاءِ ، ۽

قِيْلَ لَهُمْ اَيْنَمَا كُنْتُمْ تَعْبُدُوْنَ ۙ﴿٩٢﴾ مِنْ دُوْنِ

چيو ويندو انهن کي ته ڪٿي آهن اهي جن جي توهان پوڄا ڪندا هئا. الله کان

اللّٰهِ ؕ هَلْ يَنْصُرُوْنَكُمْ اَوْ يَنْتَصِرُوْنَ ؕ﴿٩٣﴾ فَكُبْكِبُوْا

سواءِ، ڇا مدد ڪن ٿا توهان جي يا بچاءُ ڪن ٿا. پوءِ اونڌا اڇليا ويندا

فِيْهَا هُمْ وَالْغَاوٗنَ ۙ﴿٩٤﴾ وَجُنُوْدُ اِبْلِيْسَ اَجْمَعُوْنَ ؕ﴿٩٥﴾

ان ۾ اهي ۽ سڀ گمراه. ۽ لشڪر ابليس جا سارا.

قَالُوْا وَهُمْ فِيْهَا يَخْتَصِمُوْنَ ۙ﴿٩٦﴾ تَاللّٰهِ اِنْ كُنَّا لَفِيْ

چوندا ۽ اهي اتي جهيڙو ڪندا. قسم خدا جو بيشڪ هئاسون

ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ۙ﴿٩٧﴾ اِذْ نُسَوِّيْكُمْ بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٩٨﴾ وَ

گمراهي پڌري ۾. جڏهن برابر پيا ڪريون توهان کي رب العالمين سان. ۽

مَآ اَضَلَّنَآ اِلَّا الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٩٩﴾ فَمَا لَنَا مِنْ شَافِعِيْنَ ۙ﴿١٠٠﴾

نه گمراهه ڪيو اسان کي مگر ڏوهارين. پوءِ نه آهي اسان جو ڪوئي سفارش ڪندڙ.

وَلَا صَدِيْقٍ حَمِيْمٍ ﴿١٠١﴾ فَلَوْ اَنَّ لَنَا كَرَّةً فَنَكُوْنَ

۽ نڪو دوست مهربان. پوءِ جيڪر ٿئي اسان جو موٽڻ ته ٿيون

مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٢﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا

ايمان وارن مان. بيشڪ انهي ۾ نشاني آهي، ۽ نه آهن

كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٣﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ
گھڻا انھن مان ايمان آڻيندڙ. ۽ بيشڪ تنھنجو رب زبردست
الرَّحِيْمُ ﴿١٠٤﴾ كَذَّبَتْ قَوْمُ نُوْحِ ِۨالْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٠٥﴾ اِذْ
رحم وارو آھي. ڪوڙو ڪيو قوم نوح جي رسولن کي. جڏھن
قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ نُوْحٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٠٦﴾ اِنِّيْ لَكُمْ
چيو انھن کي سندس ڀاءُ نوح ڇا نه ٿا ڊڄو. آءٌ توھان جو
رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٠٧﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٠٨﴾ وَمَآ
رسول امانت وارو آھيان. پوءِ ڊڄو الله کان ۽ چيو وٺو منھنجو. ۽ نه
اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ
ٿو گھران آءٌ توھان کان ان تي ڪا مزوري، ناھي مزوري منھنجي مگر پالیندڙ
الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٩﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١١٠﴾ قَالُوْٓا اَنُؤْمِنُ
جھانن جي تي. پوءِ ڊڄو الله کان ۽ تابعداري ڪريو منھنجي. چيائون ڪيئن مڃون
لَكَ وَاتَّبَعَكَ الْاَرْذَلُوْنَ ﴿١١١﴾ قَالَ وَمَا عِلْمِيْ بِمَا
توکي ۽ ڪيڏا لڳا آھن تنھنجي پٺيان نيچ ماڻھو. چيائين ۽ ڪھڙي خبر مونکي ان جي جيڪي
كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١١٢﴾ اِنْ حِسَابُهُمْ اِلَّا عَلٰى رَبِّيْ
اھي ڪم ڪن ٿا. ناھي حساب انھن جو مگر منھنجي رب تي
لَوْ تَشْعُرُوْنَ ﴿١١٣﴾ وَمَآ اَنَا بِطَارِدِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٤﴾ اِنْ
جيڪڏھن توھان سمجھ رکو ٿا. ۽ ناھيان آءٌ تڙيندڙ ايمان وارن کي. مگر

اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿١١٥﴾ قَالُوْا لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهِ يٰنُوْحُ

آءٌ آهيان ڏيکاريندڙ پڌرو. چيائون جيڪڏهن نه مُڙندين اي نوح

لَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْمَرْجُوْمِيْنَ ﴿١١٦﴾ قَالَ رَبِّ اِنَّ قَوْمِيْ

ته ضرور ٿيندين سنگسارن مان. چيائين اي منهنجا رب منهنجي قوم

كَذَّبُوْنِ ﴿١١٧﴾ فَافْتَحْ بَيْنِيْ وَبَيْنَهُمْ فَتْحًا وَّنَجِّنِيْ وَ

ڪوڙو ڪيو مون کي. پوءِ فيصلو ڪر منهنجي ۽ انهن جي وچ پورو فيصلو ۽ بچاءِ مون کي ۽

مَنْ مَّعِيَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٨﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَمَنْ مَّعَهٗ

النصف

جيڪي مون سان گڏ آهن مومن. پوءِ بچايوسون انکي ۽ جيڪي ان سان گڏ هئا

فِي الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿١١٩﴾ ثُمَّ اَغْرَقْنَا بَعْدُ الْبٰقِيْنَ ﴿١٢٠﴾

ٻيڙي ڀريل ۾. پوءِ ٻوڙيوسون ان کان بعد باقي رهندڙن کي.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ۭ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٢١﴾

بيشڪ انهي ۾ نشاني آهي، ۽ نه هئا اڪثر انهن جا ايمان وارا.

وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٢٢﴾ كَذَّبَتْ عَادُ

۽ بيشڪ تنهنجو رب ئي زبردست رحم وارو آهي. ڪوڙو ڪيو عاد

الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٢٣﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ هُوْدٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٢٤﴾

رسولن کي. جڏهن چيو انهن کي سندن ڀاءُ هود ڇا نه ٿا ڊڄو.

اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٢٥﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٢٦﴾

آءٌ توهان جو رسول آهيان امانت وارو. پوءِ ڊڄو الله کان ۽ چيو وٺو منهنجو.

وَمَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى

۽ نه توکھران آءٌ توھان کان ان تي مزوري، ڪو منھنجي مزوري آھي

رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٢٧﴾ اَتَبْنُوْنَ بِكُلِّ رِيْعٍ اٰيَةً تَعْبَثُوْنَ ﴿١٢٨﴾ وَ

جھانن جي پالڻھار تي. ڇا ناھيو ٿا ھر مٿاھين ۾ ميناز اجايا. ۽

تَتَّخِذُوْنَ مَصَانِعَ لَعَلَّكُمْ تَخْلُدُوْنَ ﴿١٢٩﴾ وَاِذَا

ناھيو ٿا ڪارخانا شايد توھان ھميشه رھندؤ. ۽ جڏھن

بَطَشْتُمْ بَطَشْتُمْ جَبَّارِيْنَ ﴿١٣٠﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ

ھٿ ڳنڍيو ٿا ته ھٿ ڳنڍيو ٿا سرڪش ٿي. پوءِ ڊڄو الله کان ۽

اَطِيْعُوْنِ ﴿١٣١﴾ وَاتَّقُوا الَّذِيْٓ اَمَدَّكُمْ بِمَا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٣٢﴾

تابعداري ڪريو منھنجي. ۽ ڊڄو انھي کان جنھن ڏنو توھانکي جيڪي ڄاڻو ٿا.

اَمَدَّكُمْ بِاَنْعَامٍ وَّبَنِيْنَ ﴿١٣٣﴾ وَجَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿١٣٤﴾

ڏنائين توھان کي چوپايا مال ۽ پٽ. ۽ باغ ۽ چشما.

اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٣٥﴾ قَالُوْا

آءٌ خوف ڪيان ٿو توھان تي عذاب کان وڏي ڏينھن جي. چيائون

سَوَآءٌ عَلَيْنَآ اَوَعَظْتَ اَمْ لَمْ تَكُنْ مِّنَ الْوٰعِظِيْنَ ﴿١٣٦﴾

ھڪجھڙو آھي اسان لاءِ تون نصيحت ڪرين يا نه ٿئين نصيحت ڪندڙ.

اِنْ هٰذَآ اِلَّا خُلُقُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٣٧﴾ وَمَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿١٣٨﴾

ناھي اھا مگر عادت اڳين ماڻھن جي. ۽ نه آھيون اسين عذاب ڪيل.

فَكَذَّبُوْهُ فَاَهْلَكْنٰهُمْ ؕ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیَةً ؕ وَمَا كَانَ

پوءِ ڪوڙو ڪيائونِ انھيءَ کي پوءِ ھلاڪ ڪيوسون انھن کي بيشڪ انھيءَ ۾ آھي نشاني، ۽ نه ھئا

اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِیْنَ ﴿۱۳۹﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِیْزُ الرَّحِیْمُ ﴿۱۴۰﴾

گھڻا انھن جا ايمان وارا. ۽ بيشڪ تنھنجو رب ئي اھو زبردست رحم وارو آھي.

كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ الْمُرْسَلِیْنَ ﴿۱۴۱﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ

ڪوڙو ڪيو ثمود رسولن کي. جڏھن چيو انھن کي سندن ڀاءُ

صٰلِحٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿۱۴۲﴾ اِنِّیْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِیْنٌ ﴿۱۴۳﴾ فَاتَّقُوا

صالح ڇا نه ٿا ڊڄو؟ آءٌ توھان جو رسول آھيان امانت وارو. پوءِ ڊڄو

اللّٰهَ وَاَطِیْعُوْنِ ﴿۱۴۴﴾ وَمَاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَیْهِ مِنْ اَجْرٍ

الله کان ۽ چيو ونو منھنجو. ۽ نه ٿو گھران مان توھان کان ان تي ڪا مزدوري،

اِنْ اَجْرِیَ اِلَّا عَلٰی رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿۱۴۵﴾ اَتُتْرَكُوْنَ

منھنجي مزوري آھي رب العالمين تي. ڇا توھان ڇڏيا ويندؤ

فِیْ مَا هٰهُنَاۤ اٰمِنِیْنَ ﴿۱۴۶﴾ فِیْ جَنّٰتٍ وَّعُیُوْنٍ ﴿۱۴۷﴾ وَّ

ھتان جي شين ۾ امن سان. باغن ۽ چشمن ۾. ۽

زُرُوْعٍ وَّنَخْلٍ طَلْعُهَا هَضِیْمٌ ﴿۱۴۸﴾ وَتَنْحِتُوْنَ مِنَ

پوکن ۾ ۽ کجين ۾ جن جا ڇڳا ڳتل آھن. ۽ گھڙيو ٿا

الْجِبَالِ بُیُوْتًا فٰرِهِیْنَ ﴿۱۴۹﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِیْعُوْنِ ﴿۱۵۰﴾

جبلن ۾ گھر ڪاريگر ٿي. پوءِ ڊڄو الله کان ۽ چيو ونو منھنجو.

وَلَا تُطِيعُوٓا أَمْرَ الْمُسْرِفِينَ ﴿١٥١﴾ الَّذِينَ يُفْسِدُونَ

۽ نه مڃيو حڪم حدکان لنگھندڙن جو جيڪي وگوڙ وجھن ٿا

فِي الْأَرْضِ وَلَا يُصْلِحُونَ ﴿١٥٢﴾ قَالُوٓا إِنَّمَآ أَنتَ مِنَ

ملڪ ۾ ۽ سڌارو نه ٿا ڪن. چيائون رڳو تون آهين

الْمُسَحَّرِينَ ﴿١٥٣﴾ مَآ أَنتَ إِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا فَأْتِ بِـَٔايَةٍ

جادو ڪيل. نه آهين تون مگر ماڻھو اسان جھڙو. پوءِ آڻ نشاني

إِن كُنتَ مِنَ الصَّٰدِقِينَ ﴿١٥٤﴾ قَالَ هَٰذِهِۦ نَاقَةٌ لَّهَا

جيڪڏهن آهين تون سچو. چيائين هي ڏاچي آهي جنهن لاءِ

شِرْبٌ وَلَكُمْ شِرْبُ يَوْمٍ مَّعْلُومٍ ﴿١٥٥﴾ وَلَا تَمَسُّوهَا

پيئڻ جو وارو آهي ۽ توهان لاءِ آهي وارو ڏينهن مقرر جو. نه هٿ لايو ان کي

بِسُوٓءٍ فَيَأْخُذَكُمْ عَذَابُ يَوْمٍ عَظِيمٍ ﴿١٥٦﴾ فَعَقَرُوهَا

ايذائڻ لاءِ پوءِ وٺندو توهان کي عذاب ڏينهن وڏي جو. پوءِ منڊو ڪيائون انکي

فَأَصْبَحُوا نَٰدِمِينَ ﴿١٥٧﴾ فَأَخَذَهُمُ الْعَذَابُ إِنَّ فِي

پوءِ ٿيا پشيمان. پوءِ ورتو انهن کي عذاب، بيشڪ

ذَٰلِكَ لَءَايَةً وَمَا كَانَ أَكْثَرُهُم مُّؤْمِنِينَ ﴿١٥٨﴾ وَإِنَّ

انهي ۾ آهي نشاني، ۽ نه آهن گهڻا انهن جا مڃيندڙ. ۽ بيشڪ

رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيزُ الرَّحِيمُ ﴿١٥٩﴾ كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوطٍ

تنهنجو رب زبردست رحم وارو آهي. ڪوڙو ڪيو قوم لوط جي

الْمُرْسَلِينَ ﴿١٦٠﴾ إِذْ قَالَ لَهُمْ أَخُوهُمْ لُوطٌ أَلَا

رسولن کي. جڏهن چيو انهن کي سندن ڀاءُ لوط ڇا نه

تَتَّقُونَ ﴿١٦١﴾ إِنِّي لَكُمْ رَسُولٌ أَمِينٌ ﴿١٦٢﴾ فَاتَّقُوا اللَّهَ وَ

ٿا ڊڄو. آءٌ آهيان توهان جو رسول امانت وارو. پوءِ ڊڄو الله کان ۽

أَطِيعُونِ ﴿١٦٣﴾ وَمَا أَسْأَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ أَجْرٍ إِنْ

چيو ونو منهنجو. ۽ آءٌ نٿو گهران توهان کان ان تي ڪا مزوري، ناهي

أَجْرِيَ إِلَّا عَلَىٰ رَبِّ الْعَالَمِينَ ﴿١٦٤﴾ أَتَأْتُونَ الذُّكْرَانَ

مزوري منهنجي مگر رب العالمين تي. ڇا اچو ٿا نرن ڏانهن

مِنَ الْعَالَمِينَ ﴿١٦٥﴾ وَتَذَرُونَ مَا خَلَقَ لَكُمْ رَبُّكُمْ

جهان وارن مان. ۽ ڇڏيو ٿا اهو جيڪي پيدا ڪيون توهان لاءِ توهان جي رب

مِنْ أَزْوَاجِكُمْ ۚ بَلْ أَنْتُمْ قَوْمٌ عَادُونَ ﴿١٦٦﴾ قَالُوا

عورتون، پر توهان ماڻهو آهيو حد لتاڙيندڙ. چيائون

لَئِنْ لَمْ تَنْتَهِ يَا لُوطُ لَتَكُونَنَّ مِنَ الْمُخْرَجِينَ ﴿١٦٧﴾

جيڪڏهن نه مُڙندين اي لوط ته ضرور ٿيندين نيڪالي ڏنلن مان.

قَالَ إِنِّي لِعَمَلِكُمْ مِنَ الْقَالِينَ ﴿١٦٨﴾ رَبِّ نَجِّنِي وَ

چيائين آءٌ توهان جي انهي عمل تي سخت رنج آهيان. اي منهنجا رب نجات ڏي مونکي ۽

أَهْلِي مِمَّا يَعْمَلُونَ ﴿١٦٩﴾ فَنَجَّيْنَاهُ وَأَهْلَهُ أَجْمَعِينَ ﴿١٧٠﴾

منهنجي گهر وارن کي انهي ڪم جو اهي ڪن ٿا. پوءِ بچايوسون انکي ۽ سندس گهروارن سڀني کي.

إِلَّا عَجُوزًا فِي الْغٰبِرِينَ ﴿١٧١﴾ ثُمَّ دَمَّرْنَا الْاٰخَرِينَ ﴿١٧٢﴾ وَ

مگر هڪ پوڙهي (جا) پوئتي رهندڙن ۾. پوءِ تباھ ڪيوسون پين کي . ۽

أَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ۚ فَسَآءَ مَطَرُ الْمُنْذَرِينَ ﴿١٧٣﴾ إِنَّ

وسايوسون انهن تي مينهن، پوءِ بڇڙو آهي مينهن ڊيڄاريلن جو. بيشڪ

فِي ذٰلِكَ لَاٰيَةً ۗ وَمَا كَانَ أَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِينَ ﴿١٧٤﴾ وَإِنَّ

آهي انهي ۾ نشاني، ۽ ناهن گهڻا انهن جا ايمان آڻيندڙ. ۽ بيشڪ

رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيزُ الرَّحِيمُ ﴿١٧٥﴾ كَذَّبَ أَصْحٰبُ لْئَيْكَةِ

تنهنجو رب ئي زبردست مهربان آهي ڪوڙو ڪيو جهنگل وارن

الْمُرْسَلِينَ ﴿١٧٦﴾ إِذْ قَالَ لَهُمْ شُعَيْبٌ أَلَا تَتَّقُونَ ﴿١٧٧﴾

رسولن کي. جڏهن چيو انهن کي شعيب ڇا نه ٿا ڊڄو.

إِنِّي لَكُمْ رَسُولٌ أَمِينٌ ﴿١٧٨﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَأَطِيعُونِ ﴿١٧٩﴾

آءٌ آهيان توهان جو رسول امانت وارو. پوءِ ڊڄو الله کان ۽ چيو وٺو منهنجو.

وَمَآ أَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ أَجْرٍ ۚ إِنْ أَجْرِيَ إِلَّا عَلٰى

۽ آءٌ نه ٿو گهران توهان کان ان تي مزوري، ناهي منهنجي مزوري مگر

رَبِّ الْعٰلَمِينَ ﴿١٨٠﴾ أَوْفُوا الْكَيْلَ وَلَا تَكُونُوا مِنَ

رب العالمين تي. پورو پريو ماپي کي ۽ نه ٿيو

الْمُخْسِرِينَ ﴿١٨١﴾ وَزِنُوا بِالْقِسْطَاسِ الْمُسْتَقِيمِ ﴿١٨٢﴾ وَ

گهٽ ڏيندڙن مان. ۽ توريو تارازي ۾ پوري سان . ۽

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

وَلَا تَبْخَسُوا النَّاسَ أَشْيَاءَهُمْ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْأَرْضِ

۽ ماڻھن کي انھن جون شيون گھٽائي نه ڏيو ۽ ملڪ ۾ فساد ڪندڙ ٿي نه ڦرو

مُفْسِدِينَ ﴿١٨٣﴾ وَاتَّقُوا الَّذِي خَلَقَكُمْ وَالْجِبِلَّةَ

فساد. ۽ ڊڄو انھي کان جنھن پيدا ڪيو توھان کي ۽ مخلوق

الْأَوَّلِينَ ﴿١٨٤﴾ قَالُوا إِنَّمَا أَنتَ مِنَ الْمُسَحَّرِينَ ﴿١٨٥﴾ وَمَا

اڳين کي. چيائون ته رڳو تون آھين جادو ڪيل. ۽ ناھين

أَنتَ إِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا وَإِن نَّظُنُّكَ لَمِنَ الْكَاذِبِينَ ﴿١٨٦﴾

تون مگر ماڻھو اسان جھڙو ۽ اسين پائيون ٿا تو کي ڪوڙو.

فَأَسْقِطْ عَلَيْنَا كِسَفًا مِّنَ السَّمَاءِ إِن كُنتَ مِنَ

سو ڪيراءِ اسان تي ڪو ٽڪرو آسمان جو جيڪڏھن آھين تون

الصَّادِقِينَ ﴿١٨٧﴾ قَالَ رَبِّي أَعْلَمُ بِمَا تَعْمَلُونَ ﴿١٨٨﴾

سچو. چيائين منھنجو رب زياده ڄاڻي ٿو انکي جيڪي توھان ڪريو ٿا.

فَكَذَّبُوهُ فَأَخَذَهُمْ عَذَابُ يَوْمِ الظُّلَّةِ إِنَّهُ كَانَ

پوءِ ڪوڙو ڪيائون انکي پوءِ ورتو انھنکي عذاب ڇانوري واري ڏينھن، بيشڪ اھو ھئو

عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيمٍ ﴿١٨٩﴾ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَةً وَمَا

عذاب وڏي ڏينھن جو. يقينن انھي ۾ آھي نشاني، ۽ نه

كَانَ أَكْثَرُهُم مُّؤْمِنِينَ ﴿١٩٠﴾ وَإِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيزُ

ھئا گھڻا انھن جا ايمان آڻيندڙ. ۽ بيشڪ تنھنجو رب زبردست

الرَّحِيْمُ ﴿١٩١﴾ وَاِنَّهٗ لَتَنْزِيْلُ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٩٢﴾ نَزَلَ

مهربان آهي. ۽ بيشڪ هي قرآن نازل ڪيل آهي پروردگار جهانن جو. لاٿو

بِهِ الرُّوْحُ الْاَمِيْنُ ﴿١٩٣﴾ عَلٰى قَلْبِكَ لِتَكُوْنَ مِنَ

ان کي ملڪ جبرئيل، تنهنجي دل تي جيئن ٿئين تون

الْمُنْذِرِيْنَ ﴿١٩٤﴾ بِلِسَانٍ عَرَبِيٍّ مُّبِيْنٍ ﴿١٩٥﴾ وَاِنَّهٗ لَفِيْ

ڊيڄاريندڙن مان. ٻولي عربي چٽيءَ سان، ۽ بيشڪ اهو

زُبُرِ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٩٦﴾ اَوَلَمْ يَكُنْ لَّهُمْ اٰيَةً اَنْ يَّعْلَمَهٗ

آهي ڪتابن اڳين جي ۾. ڇا ناهي انهن لاءِ هي نشاني جو ڄاڻن ٿا انهي کي

عُلَمٰٓؤُا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿١٩٧﴾ وَلَوْ نَزَّلْنٰهُ عَلٰى بَعْضِ

پڙهيل بني اسرائيل جا. ۽ جيڪڏهن نازل ڪريون ها انکي ڪنهن

الْاَعْجَمِيْنَ ﴿١٩٨﴾ فَقَرَاَهٗ عَلَيْهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ مُؤْمِنِيْنَ ﴿١٩٩﴾

ٻي ٻولي واري تي. پوءِ پڙهي ها انکي انهن تي نه ٿين ها ان کي مڃيندڙ.

كَذٰلِكَ سَلَكْنٰهُ فِيْ قُلُوْبِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٢٠٠﴾ لَا

اهڙي طرح وڌوسون اهو (انڪار) ڏوهارين جي دلين ۾. اهي نه

يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٢٠١﴾ فَيَاْتِيَهُمْ

مڃيندا. ان کي جيستر ڏسن عذاب دردناڪ. پوءِ ايندو انهن وٽ

بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٢٠٢﴾ فَيَقُوْلُوْا هَلْ نَحْنُ

اوچتو ۽ خبر ئي نه پوندن. پوءِ چوندا ڇا اسان کي

مُنظَرُونَ ﴿٢٠٣﴾ أَفَبِعَذَابِنَا يَسْتَعْجِلُونَ ﴿٢٠٤﴾ أَفَرَءَيْتَ إِن
مهلت ملندي. ڇا پوءِ اهي اسانجي عذاب کي تکڙو ٿا گهرن. ڇا پوءِ تو ڏٺو ته جيڪڏهن
مَّتَّعْنَاهُمْ سِنِينَ ﴿٢٠٥﴾ ثُمَّ جَآءَهُم مَّا كَانُوا يُوعَدُونَ ﴿٢٠٦﴾
نفعو ڏيون انهنکي ڪيئي سال. وري اچي انهن وٽ اهو عذاب جنهنجو کين وعدو ڪيل هو.
مَآ أَغْنَىٰ عَنْهُم مَّا كَانُوا يُمَتَّعُونَ ﴿٢٠٧﴾ وَمَآ أَهْلَكْنَا
ته ڪهڙي ڪم ايندو انهن کي سندن نفعي وارو هجڻ. ۽ اسان نه هلاڪ ڪيو آهي
مِن قَرْيَةٍ إِلَّا لَهَا مُنذِرُونَ ﴿٢٠٨﴾ ذِكْرَىٰ وَمَا كُنَّا
ڪنهن ڳوٺ کي مگر ان لاءِ هوندا آهن ڊيڄاريندڙ. ياد ڏيارڻ لاءِ ۽ نه آهيون اسين
ظَالِمِينَ ﴿٢٠٩﴾ وَمَا تَنَزَّلَتْ بِهِ الشَّيَاطِينُ ﴿٢١٠﴾ وَمَا يَنبَغِي
ظلم ڪندڙ. ۽ نه لاٿو آهي قرآن کي شيطانن. ۽ نا هي اها حيثيت
لَهُمْ وَمَا يَسْتَطِيعُونَ ﴿٢١١﴾ إِنَّهُمْ عَنِ السَّمْعِ
انهنکي ۽ نه ڪري سگهندا. يقينن اهي ٻڌڻ کان
لَمَعْزُولُونَ ﴿٢١٢﴾ فَلَا تَدْعُ مَعَ اللَّهِ إِلَٰهًا ءَاخَرَ فَتَكُونَ
پاسي ڪيل آهن. سو تون نه سڏ جان ۽ الله سان گڏ ٻي خدا کي پوءِ ٿيندين
مِنَ الْمُعَذَّبِينَ ﴿٢١٣﴾ وَأَنذِرْ عَشِيرَتَكَ الْأَقْرَبِينَ ﴿٢١٤﴾
عذاب وارن مان. ۽ ڊيڄار پنهنجن مائٽن ويجهن کي.
وَاخْفِضْ جَنَاحَكَ لِمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ ﴿٢١٥﴾
۽ جهڪاءِ پنهنجي ٻاجهه جا پر انهن لاءِ جيڪي تنهنجا تابع ٿيا ايمان وارا.

ع عند المتقدمين ١٢

فَاِنْ عَصَوْكَ فَقُلْ اِنِّیْ بَرِیْٓءٌ مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٢١٦﴾ وَ

پوءِ جيڪڏهن بي فرماني ڪن تہ چؤ تہ آءٌ بيزار آهيان اُن ڪان جيڪي توهان ڪيو ٿا ۔ ۽

تَوَكَّلْ عَلَی الْعَزِیْزِ الرَّحِیْمِ ﴿٢١٧﴾ الَّذِیْ یَرٰىكَ حِیْنَ

تون ڀروسو ڪر انهي زبردست رحم واري تي ۔ جيڪو ڏسي ٿو توکي جڏهن

تَقُوْمُ ﴿٢١٨﴾ وَ تَقَلُّبَكَ فِی السّٰجِدِیْنَ ﴿٢١٩﴾ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِیْعُ

اُٿندو آهين ۔ ۽ تنهنجي اُٿڻ ويهڻ کي سجدي ڪندڙن ۾ ۔ بيشڪ اهو ئي ٻُڌندڙ

الْعَلِیْمُ ﴿٢٢٠﴾ هَلْ اُنَبِّئُكُمْ عَلٰی مَنْ تَنَزَّلُ الشَّیٰطِیْنُ ﴿٢٢١﴾

ڄاڻندڙ آهي ۔ ڇا آءٌ ٻڌايان توهانکي تہ ڪنهن تي لهندا آهن شيطان ۔

تَنَزَّلُ عَلٰی كُلِّ اَفَّاكٍ اَثِیْمٍ ﴿٢٢٢﴾ یُّلْقُوْنَ السَّمْعَ وَ

لهندا آهن هر ڪوڙ هڻندڙ ڏوهاري تي ۔ اهي آڻين ٿا ٻُڌل ڳالهہ ۽

اَكْثَرُهُمْ كٰذِبُوْنَ ﴿٢٢٣﴾ وَ الشُّعَرَآءُ یَتَّبِعُهُمُ الْغَاوٗنَ ﴿٢٢٤﴾

اڪثر انهن جا ڪوڙا آهن ۔ ۽ شاعرن کي لڳندا آهن انهن جي گمراهہ ۔

اَلَمْ تَرَ اَنَّهُمْ فِیْ كُلِّ وَادٍ یَّهِیْمُوْنَ ﴿٢٢٥﴾ وَ اَنَّهُمْ

ڇا نہ ڏٺو تو تہ اهي هر ميدان ۾ ڀٽڪندا آهن ۔ ۽ اهي

یَقُوْلُوْنَ مَا لَا یَفْعَلُوْنَ ﴿٢٢٦﴾ اِلَّا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا

چوندا آهن جيڪي ڪندا نہ آهن ۔ مگر اهي شاعر جن ايمان آندو ۽ ڪيا

الصّٰلِحٰتِ وَ ذَكَرُوا اللّٰهَ كَثِیْرًا وَّ انْتَصَرُوْا مِنْۢ بَعْدِ

چڱا ڪم ۽ ياد ڪيائون اللہ کي تمام گهڻو ۽ بدلو ورتائون هن ڪان پوءِ

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

ع ١١ ٣٦ ١٥

مَا ظُلِمُوْا ۭ وَسَيَعْلَمُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اَيَّ مُنْقَلَبٍ يَّنْقَلِبُوْنَ ؀۲۲۷ ع

جو مظلوم ٿيا، ۽ جلد ڄاڻندا جن ظلم ڪيو ته ڪهڙي جاءِ ڏي ٿا موٽن.

سُوْرَةُ النَّمْلِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ ثَلٰثٌ وَّتِسْعُوْنَ اٰيَةً وَّسَبْعُ رُكُوْعَاتٍ

سورت نمل مڪي آهي ۽ ان ۾ ٽيانوي آيتون ۽ ست رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

شروع الله جي نالي سان جو ٻاجهارو مهربان آهي.

طٰسۗ ۣ تِلْكَ اٰيٰتُ الْقُرْاٰنِ وَكِتَابٍ مُّبِيْنٍ ۙ؀۱

طس، هي آيتون قرآن ۽ واضح ڪتاب جون آهن

هُدًى وَّبُشْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ۙ؀۲ الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ

هدايت ۽ دل جي خوشي آهن، ايمان وارن لاءِ. جيڪي پڙهندا آهن

الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ

نماز ۽ ڏيندا آهن زڪوات ۽ اهي آخرت تي

يُوْقِنُوْنَ ؀۳ اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ زَيَّنَّا

يقين رکندا آهن. بيشڪ جيڪي نه ٿا مڃين آخرت کي سينگاري ڏنا اسان

لَهُمْ اَعْمَالَهُمْ فَهُمْ يَعْمَهُوْنَ ؀۴ۭ اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ

انهن کي سندن ڪم، پوءِ اهي دل جا انڌا آهن. اهي ئي آهن

لَهُمْ سُوْۗءُ الْعَذَابِ وَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ هُمُ

جن لاءِ بڇڙي نموني جو عذاب آهي ۽ اهي ئي آخرت ۾

الْاَخْسَرُوْنَ ۝۵ وَاِنَّكَ لَتُلَقَّى الْقُرْاٰنَ مِنْ لَّدُنْ

وڏيڪ نقصان وارا آهن. ۽ بيشڪ توکي ڏنو وڃي ٿو قرآن طرفان

حَكِيْمٍ عَلِيْمٍ ۝۶ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِاَهْلِهٖٓ اِنِّيْٓ اٰنَسْتُ

حڪمت واري علم واري جي. جنهن وقت چيو موسىٰ پنهنجي گهر وارن کي مون ڏٺي آهي

نَارًا ؕ سَاٰتِيْكُمْ مِّنْهَا بِخَبَرٍ اَوْ اٰتِيْكُمْ بِشِهَابٍ قَبَسٍ

باه، اجهو آڻيان ٿو اتان ڪا خبر يا آڻيان ٿو توهان وٽ اماڙي بريل

لَّعَلَّكُمْ تَصْطَلُوْنَ ۝۷ فَلَمَّا جَآءَهَا نُوْدِيَ اَنْۢ بُوْرِكَ

ته توهان زگرمي وٺو پوءِ جڏهن آيو ان وٽ ته آواز ٿيو ته برڪت وارو آهي

مَنْ فِي النَّارِ وَمَنْ حَوْلَهَا ؕ وَسُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ

اهو جيڪو باهه وٽ آهي ۽ جو ان جي چوڌاري آهي، ۽ پاڪ آهي الله پروردگار

الْعٰلَمِيْنَ ۝۸ يٰمُوْسٰٓى اِنَّهٗٓ اَنَا اللّٰهُ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝۹

جهانن جو. اي موسىٰ بيشڪ آءٌ آهيان الله زبردست حڪمت وارو.

وَاَلْقِ عَصَاكَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهَا تَهْتَزُّ كَاَنَّهَا جَآنٌّ وَّلّٰى

۽ تون اُڇلاءِ لٺ پنهنجي، پوءِ جڏهن ڏٺائين ته چرپر پئي ڪري جڻڪ اها سرنگهه آهي ڦريو

مُدْبِرًا وَّلَمْ يُعَقِّبْ ؕ يٰمُوْسٰى لَا تَخَفْ ۫ اِنِّيْ لَا

پٺي ڏيئي ۽ نه واجهايائين پوئتي، اي موسىٰ نه ڊڄ، بيشڪ نه

يَخَافُ لَدَيَّ الْمُرْسَلُوْنَ ۝۱۰ اِلَّا مَنْ ظَلَمَ ثُمَّ

ڊڄندا آهن مون وٽ رسول. مگر جنهن ظلم ڪيو پوءِ

بَدَّلَ حُسْنًا بَعْدَ سُوْٓءٍ فَاِنِّیْ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ ﴿١١﴾ وَ
وري ڪيائين چڱائي براڻي کان پوءِ ته بيشڪ آءٌ بخشيندڙ مهربان آهيان. ۽

اَدْخِلْ یَدَكَ فِیْ جَیْبِكَ تَخْرُجْ بَیْضَآءَ مِنْ غَیْرِ
وجهه هٿ پنهنجو پنهنجي گريبان ۾ ته نڪرندو روشن ٿي بنا

سُوْٓءٍ فِیْ تِسْعِ اٰیٰتٍ اِلٰی فِرْعَوْنَ وَ قَوْمِهٖ اِنَّهُمْ كَانُوْا
عيب جي، نَون نشانين ۾ فرعون ۽ سندس قوم ڏانهن. بيشڪ اهي آهن

قَوْمًا فٰسِقِیْنَ ﴿١٢﴾ فَلَمَّا جَآءَتْهُمْ اٰیٰتُنَا مُبْصِرَةً قَالُوْا
ماڻهو بي فرمان. پوءِ جڏهن آيون انهن وٽ اسانجون نشانيون چٽيون چيائون

هٰذَا سِحْرٌ مُّبِیْنٌ ﴿١٣﴾ وَ جَحَدُوْا بِهَا وَ اسْتَیْقَنَتْهَآ
هي آهي جادو پڌرو. ۽ انڪار ڪيائون انهن جو حالانڪ مڃيو هئو انهن کي

اَنْفُسُهُمْ ظُلْمًا وَّ عُلُوًّا ؕ فَانْظُرْ كَیْفَ كَانَ عَاقِبَةُ
سندن دلين، بي انصافي ۽ مغروري جي ڪري، پوءِ ڏس ڪيئن ٿيو انجام

الْمُفْسِدِیْنَ ﴿١٤﴾ وَ لَقَدْ اٰتَیْنَا دَاوٗدَ وَ سُلَیْمٰنَ عِلْمًا ۚ
فسادين جو. ۽ اسان ڏنوسون داءُود ۽ سليمان کي علم،

وَ قَالَا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ فَضَّلَنَا عَلٰی كَثِیْرٍ مِّنْ عِبَادِهِ
۽ ٻنهي چيو شڪر آهي الله جو جنهن پلائي ڏني اسان کي گهڻن پنهنجن ٻانهن

الْمُؤْمِنِیْنَ ﴿١٥﴾ وَ وَرِثَ سُلَیْمٰنُ دَاوٗدَ وَ قَالَ یٰۤاَیُّهَا
ايمان وارن جي مٿان. ۽ وارث ٿيو سليمان داءُود جو ۽ چيائين اي

النَّاسُ عُلِّمْنَا مَنْطِقَ الطَّيْرِ وَأُوتِينَا مِنْ كُلِّ شَيْءٍ ؕ

انسانو! سيکاريو ويو اسانکي گفتگو پکين جي ۽ ڏنو ويو اسان کي سڀ ڪنهن شيءِ مان،

إِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْفَضْلُ الْمُبِينُ ﴿١٦﴾ وَحُشِرَ لِسُلَيْمٰنَ

بيشڪ اهو ته آهي فضل ظاهر ۽ گڏ ڪيو ويو سليمان لاءِ

جُنُودُهُ مِنَ الْجِنِّ وَالْإِنْسِ وَالطَّيْرِ فَهُمْ يُوزَعُونَ ﴿١٧﴾

سندس لشڪر جنن ۽ ماڻهن ۽ پکين مان پوءِ اهي تولا تا هيا ويندا هئا.

حَتّٰى إِذَا أَتَوْا عَلٰى وَادِ النَّمْلِ ۙ قَالَتْ نَمْلَةٌ يٰأَيُّهَا

تيستائين جڏهن آيا ڪولن جي ميدان ۾ چيو ڪولي اي

النَّمْلُ ادْخُلُوا مَسٰكِنَكُمْ ۚ لَا يَحْطِمَنَّكُمْ سُلَيْمٰنُ

ڪوليو! گهرڙين وڃو پنهنجن برن ۾ ته چيتاڙي نه توهانکي سليمان

وَجُنُودُهُ ۙ وَهُمْ لَا يَشْعُرُونَ ﴿١٨﴾ فَتَبَسَّمَ ضَاحِكًا

۽ ان جو لشڪر ۽ انهنکي خبر ئي نه پوي. پوءِ مرڪيو کلندي

مِنْ قَوْلِهَا وَقَالَ رَبِّ أَوْزِعْنِي أَنْ أَشْكُرَ نِعْمَتَكَ

ان جي ڳالهائڻ تي ۽ چيائين اي منهنجا رب دل ۾ وجهه موکي ته شڪر ڪريان تنهنجي نعمت جو

الَّتِي أَنْعَمْتَ عَلَيَّ وَعَلٰى وَالِدَيَّ وَأَنْ أَعْمَلَ

جا نعمت ڪئي تو مون تي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ تي ۽ عمل ڪريان

صَالِحًا تَرْضٰهُ وَأَدْخِلْنِي بِرَحْمَتِكَ فِي عِبَادِكَ

چڱو جو تون راضي ٿئين انکان ۽ داخل ڪر موکي پنهنجي رحمت سان پنهنجن ٻانهن

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٩﴾ وَتَفَقَّدَ الطَّيْرَ فَقَالَ مَا لِيَ لَآ اَرَى

صالحن ۾. ۽ جاچ ڪيائين پکين جي پوءِ چيائين ڇا ٿيو اٿم جو نه ٿو ڏسان

الْهُدْهُدَ اَمْ كَانَ مِنَ الْغَآئِبِيْنَ ﴿٢٠﴾ لَاُعَذِّبَنَّهٗ

کان ڳُڪِڙِي کي يا آهي غير حاضرن مان. ضرور انکي سزا ڏيندس

عَذَابًا شَدِيْدًا اَوْ لَاَاذْبَحَنَّهٗٓ اَوْ لَيَاْتِيَنِّيْ بِسُلْطٰنٍ

سزا تمام سخت يا ڪُهي ڇڏيندس انکي يا نه آڻي مون وٽ کو دليل

مُّبِيْنٍ ﴿٢١﴾ فَمَكَثَ غَيْرَ بَعِيْدٍ فَقَالَ اَحَطْتُّ بِمَا لَمْ

چٽو. پوءِ دير نه ڪيائين گهٽي جو اچي چيائين معلومات ڪئي اٿم اهڙي نا هي

تُحِطْ بِهٖ وَجِئْتُكَ مِنْ سَبَاٍ بِنَبَاٍ يَّقِيْنٍ ﴿٢٢﴾ اِنِّيْ

توکي خبر جنهنجي آندي اٿم توو وٽ سبا کان هڪ خبر يقيني. بيشڪ آءُ

وَجَدْتُّ امْرَاَةً تَمْلِكُهُمْ وَاُوْتِيَتْ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ

ڏسي آيو آهيان هڪ عورت جا بادشاهي ڪري ٿي انهن تي ۽ ڏني وئي آهي ان کي هر شيءِ

وَّلَهَا عَرْشٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٣﴾ وَجَدْتُّهَا وَقَوْمَهَا يَسْجُدُوْنَ

۽ انهي کي تخت آهي شاندار. ۽ ڏٺم ان کي ۽ سندس قوم کي جو سجدو ٿا ڪن

لِلشَّمْسِ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ

سج کي الله کي ڇڏي ۽ سينگاريو آهي انهن لاءِ شيطان

اَعْمَالَهُمْ فَصَدَّهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ فَهُمْ لَا يَهْتَدُوْنَ ﴿٢٤﴾

سندن عملن کي پوءِ روڪيائين انهن کي راه کان پوءِ اهي نه ٿا رستو لهن.

أَلَّا يَسْجُدُوا لِلَّهِ الَّذِي يُخْرِجُ الْخَبْءَ فِي السَّمٰوٰتِ وَ
تہ سجدو کن اللہ کي جو کيڍي ٿو لڪل شيءِ کي آسمانن ۾

الْأَرْضِ وَيَعْلَمُ مَا تُخْفُونَ وَمَا تُعْلِنُونَ ﴿٢٥﴾ اللَّهُ
زمين مان ۽ ڄاڻي ٿو اهو جيڪي لڪايو ٿا ۽ جيڪي ظاهر ٿا ڪريو. الله ئي آهي

لَا إِلٰهَ إِلَّا هُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيمِ ﴿٢٦﴾ قَالَ سَنَنْظُرُ
ناهي ڪو بہ خدا مگر اهو ئي آهي مالڪ عرش عظيم جو. چيائين اسان ڏسون ٿا

أَصَدَقْتَ أَمْ كُنْتَ مِنَ الْكٰذِبِينَ ﴿٢٧﴾ اِذْهَبْ
تون سچ ٿو چئين يا آهين ڪوڙن مان. ڪٹي وڃ

بِّكِتٰبِي هٰذَا فَأَلْقِهْ إِلَيْهِمْ ثُمَّ تَوَلَّ عَنْهُمْ فَانْظُرْ
خط منهنجو هي ۽ پوءِ اُڇلاءِ انکي انهن ڏانهن پوءِ هٽي وڃ انهن کان پوءِ ڏس

مَاذَا يَرْجِعُونَ ﴿٢٨﴾ قَالَتْ يٰأَيُّهَا الْمَلَؤُا إِنِّي أُلْقِيَ
ڪهڙي ٿا ورندي ڏين. چوڻ لڳي اي ڪچهري وارؤ بيشڪ اُڇلايو ويو آهي

إِلَيَّ كِتٰبٌ كَرِيمٌ ﴿٢٩﴾ إِنَّهُ مِنْ سُلَيْمٰنَ وَإِنَّهُ بِسْمِ
مون ڏانهن هڪ خط عزت وارو. اهو آهي سليمان کان ۽ بيشڪ اهو آهي نالي

اللَّهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ ﴿٣٠﴾ أَلَّا تَعْلُوا عَلَيَّ وَأْتُونِي
الله ٻاجهاري مهربان جي سان شروع تہ نہ وڏائي ڪريو مون تي ۽ اچو مون وٽ

مُسْلِمِينَ ﴿٣١﴾ قَالَتْ يٰأَيُّهَا الْمَلَؤُا أَفْتُونِي فِي أَمْرِي ع ٢ / ٢٧ / ١٧
فرمانبردار ٿي. چوڻ لڳي اي ڪچهري وارؤ! صلاح ڏيو مونکي منهنجي ڪم ۾

مَا كُنْتُ قَاطِعَةً اَمْرًا حَتّٰى تَشْهَدُوْنِ ﴿٣٢﴾ قَالُوْا
ناهيان آءٌ نبيريندڙ ڪو ڪم جيستر توهان حاضر هجو. چيائون
نَحْنُ اُولُوْا قُوَّةٍ وَّاُولُوْا بَاْسٍ شَدِيْدٍ ۙ وَّالْاَمْرُ اِلَيْكِ
اسين طاقتور ۽ سخت جنگ ڪندڙ آهيون ۽ حڪم تنهنجي حوالي آهي
فَانْظُرِيْ مَاذَا تَاْمُرِيْنَ ﴿٣٣﴾ قَالَتْ اِنَّ الْمُلُوْكَ اِذَا
پوءِ تون ڏس ڪهڙو ٿي حڪم ڪرين؟ چوڻ لڳي يقين بادشاه جڏهن
دَخَلُوْا قَرْيَةً اَفْسَدُوْهَا وَجَعَلُوْٓا اَعِزَّةَ اَهْلِهَآ اَذِلَّةً ۚ
گهڙندا آهن ڪنهن ڳوٺ ۾ ويران ڪندا انکي ۽ ڪندا آهن آن جي عزت وارن کي ذليل،
وَكَذٰلِكَ يَفْعَلُوْنَ ﴿٣٤﴾ وَاِنِّيْ مُرْسِلَةٌ اِلَيْهِمْ بِهَدِيَّةٍ
۽ ائين ئي ڪندا آهن. ۽ آءٌ موڪليان ٿي انهن ڏانهن سوکڙي
فَنٰظِرَةٌۢ بِمَ يَرْجِعُ الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٣٥﴾ فَلَمَّا جَآءَ سُلَيْمٰنَ
پوءِ ڏسان ته ڪهڙي ورندي ٿا آڻين قاصد. پوءِ جڏهن پهتو سليمان وٽ
قَالَ اَتُمِدُّوْنَنِ بِمَالٍ فَمَآ اٰتٰىنِۦَ اللّٰهُ خَيْرٌ مِّمَّآ
چيائين ڇا توهان ڏيو ٿا مونکي مال پوءِ جيڪي ڏنو آهي مونکي الله اهو گهڻو ڀلو آهي انهي کان جيڪي
اٰتٰىكُمْ ۚ بَلْ اَنْتُمْ بِهَدِيَّتِكُمْ تَفْرَحُوْنَ ﴿٣٦﴾ اِرْجِعْ اِلَيْهِمْ
توهانکي ڏنائين، بلڪ توهان پنهنجي سوکڙي تي خوش ٿيو ٿا. موٽي وڃ انهن ڏانهن
فَلَنَاْتِيَنَّهُمْ بِجُنُوْدٍ لَّا قِبَلَ لَهُمْ بِهَا وَلَنُخْرِجَنَّهُمْ
پوءِ آڻينداسون انهن تي اهڙا لشڪر جو نه آهي طاقت انهنکي انهن سان ۽ ضرور ڪڍنداسون انهنکي

مِنْهَآ اَذِلَّةً وَّهُمْ صٰغِرُوْنَ ﴿٣٧﴾ قَالَ يٰٓاَيُّهَا الْمَلَؤُا

آيان ذليل ڪري ۽ اهي خوار هوندا. فرمايائين اي ڪچهري ۽ وارؤ!

اَيُّكُمْ يَاْتِيْنِيْ بِعَرْشِهَا قَبْلَ اَنْ يَّاْتُوْنِيْ مُسْلِمِيْنَ ﴿٣٨﴾

ڪير توهان مان آڻيندو مون وٽ ان جو تخت اڳي هن ڪان جو اهي اچن مون وٽ فرمانبردار ٿي.

قَالَ عِفْرِيْتٌ مِّنَ الْجِنِّ اَنَا اٰتِيْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ تَقُوْمَ

چيو سرڪش جن مون آڻيندس تو وٽ ان کي هن ڪان اڳي جو تون اٿين

مِنْ مَّقَامِكَ ۚ وَاِنِّيْ عَلَيْهِ لَقَوِيٌّ اَمِيْنٌ ﴿٣٩﴾ قَالَ

پنهنجي مجلس ڪان، ۽ بيشڪ مون انهي تي سگهه رکندڙ امانت وارو آهيان. فرمايو

الَّذِيْ عِنْدَهٗ عِلْمٌ مِّنَ الْكِتٰبِ اَنَا اٰتِيْكَ بِهٖ

انهي جنهن وٽ هئو علم ڪتاب جو آءٌ آڻيندس تو وٽ ان کي

قَبْلَ اَنْ يَّرْتَدَّ اِلَيْكَ طَرْفُكَ ۭ فَلَمَّا رَاٰهُ مُسْتَقِرًّا

اڳي تنهنجي اک ڇنڀ ڪان، پوءِ جڏهن ڏٺائين ان کي رکيل

عِنْدَهٗ قَالَ هٰذَا مِنْ فَضْلِ رَبِّيْ ۣ لِيَبْلُوَنِيْٓ ءَاَشْكُرُ

پاڻ وٽ چيائين اها آهي مهرباني منهنجي رب جي، جيئن آزمائي مونکي ته آءٌ شڪر ٿو ڪريان

اَمْ اَكْفُرُ ۭ وَمَنْ شَكَرَ فَاِنَّمَا يَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ

يا بي شڪري ٿو ڪريان، ۽ جنهن شڪر ڪيو پوءِ رڳو اهو شڪر ٿو ڪري پنهنجي لاءِ، ۽ جنهن

كَفَرَ فَاِنَّ رَبِّيْ غَنِيٌّ كَرِيْمٌ ﴿٤٠﴾ قَالَ نَكِّرُوْا لَهَا عَرْشَهَا

ڪفر ڪيو ته پوءِ منهنجو رب بي پرواهه سخي آهي. فرمايائين اوپرو ڪريو ان لاءِ سندس تخت کي

نَنْظُرْ اَتَهْتَدِيْٓ اَمْ تَكُوْنُ مِنَ الَّذِيْنَ لَا يَهْتَدُوْنَ ﴿۴۱﴾

ڏسون ته سمجهي ٿي يا آهي انهن مان جيڪي نه ٿا سڃاڻن؟

فَلَمَّا جَآءَتْ قِيْلَ اَهٰكَذَا عَرْشُكِ ۭ قَالَتْ كَاَنَّهٗ هُوَ ۚ

پوءِ جڏهن آئي ته چيو ويو ڇا اهڙو آهي تخت تنهنجو، چيائين ڄڻڪ اُهو آهي،

وَاُوْتِيْنَا الْعِلْمَ مِنْ قَبْلِهَا وَكُنَّا مُسْلِمِيْنَ ﴿۴۲﴾ وَ

۽ اسانکي ڏني وئي آهي ڄاڻ انهي کان اڳ ۾ ۽ ٿيا آهيون اسين فرمانبردار. ۽

صَدَّهَا مَا كَانَتْ تَّعْبُدُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۭ اِنَّهَا كَانَتْ

روڪيائين انکي جنهنجي پوڄا ڪندي هئي الله کان سواءِ، بيشڪ اها هئي

مِنْ قَوْمٍ كٰفِرِيْنَ ﴿۴۳﴾ قِيْلَ لَهَا ادْخُلِي الصَّرْحَ ۚ فَلَمَّا

قوم ڪافرن جي مان. چيو ويو کيس گهڙ محلات ۾، پوءِ جڏهن

رَاَتْهُ حَسِبَتْهُ لُجَّةً وَّكَشَفَتْ عَنْ سَاقَيْهَا ۭ قَالَ

ڏٺائين انکي پانيائين انکي ڇر پاڻيءَ جي ۽ کولڻ لڳي پنهنجون پنيون، فرمايائين

اِنَّهٗ صَرْحٌ مُّمَرَّدٌ مِّنْ قَوَارِيْرَ ڛ قَالَتْ رَبِّ اِنِّىْ

اهو محل جڙيل آهي شيشي مان، چوڻ لڳي اي منهنجا رب بيشڪ مون

ظَلَمْتُ نَفْسِيْ وَاَسْلَمْتُ مَعَ سُلَيْمٰنَ لِلّٰهِ رَبِّ

ظلم ڪيو پاڻ تي ۽ فرمانبردار ٿي آهيان سليمان سان گڏ الله رب

ع ٣ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۴۴﴾ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَآ اِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا

١٨ العالمين لاءِ. ۽ اسان موڪليو هئو ثمود ڏانهن سندس ڀاءُ صالح کي

اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ فَاِذَا هُمْ فَرِيْقٰنِ يَخْتَصِمُوْنَ ﴿٤٥﴾ قَالَ

ته عبادت ڪريو الله جي پوءِ اهي ٻه ٽولا ٿي پاڻ ۾ جهڳڙو ڪرڻ لڳا. چيائين

يٰقَوْمِ لِمَ تَسْتَعْجِلُوْنَ بِالسَّيِّئَةِ قَبْلَ الْحَسَنَةِ ۚ لَوْ

اي منهنجي قوم ڇو تڪڙ ڪريو برائي کي ڀلائي کان اڳ، ڇو

لَا تَسْتَغْفِرُوْنَ اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٤٦﴾ قَالُوا اطَّيَّرْنَا

نه ٿا معافي گهرو الله کان مَن توهان تي رحم ڪيو وڃي. چيائون اسان سوڻ ورتو آهي

بِكَ وَبِمَنْ مَّعَكَ ؕ قَالَ طٰٓئِرُكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ بَلْ اَنْتُمْ

توسان ۽ انهن سان جيڪي توسان گڏ آهي، چيائين سوڻ توهان جو الله وٽ آهي بلڪ توهان

قَوْمٌ تُفْتَنُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَكَانَ فِى الْمَدِيْنَةِ تِسْعَةُ رَهْطٍ

ماڻهو پرکيا وڃو ٿا. ۽ هئا شهر ۾ نو ڄڻا

يُّفْسِدُوْنَ فِى الْاَرْضِ وَلَا يُصْلِحُوْنَ ﴿٤٨﴾ قَالُوْا

وگوڙ پيا وجهن ملڪ ۾ ۽ سڌارو نه پيا آڻين. چيائون

تَقَاسَمُوْا بِاللّٰهِ لَنُبَيِّتَنَّهٗ وَاَهْلَهٗ ثُمَّ لَنَقُوْلَنَّ لِوَلِيِّهٖ

قسم کڻي الله جو ته ضرور راتاهو هڻنداسون انهي تي ۽ سندس گهر تي پوءِ چونداسون انجي وارث کي

مَا شَهِدْنَا مَهْلِكَ اَهْلِهٖ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿٤٩﴾ وَمَكَرُوْا

ته ڪونه هئاسون تباهي وقت سندس گهراڻي جي ۽ اسين سچ ٿا چئون. ۽ سٽيائون

مَكْرًا وَّمَكَرْنَا مَكْرًا وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٥٠﴾ فَانْظُرْ

رٿ ۽ اسان به سٽي رٿ ۽ انهن کي پتو ئي نه پيو. پوءِ ڏس

كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ مَكْرِهِمْ أَنَّا دَمَّرْنٰهُمْ وَقَوْمَهُمْ أَجْمَعِيْنَ ﴿٥١﴾ فَتِلْكَ

ڪيئن ٿيو انجام انھن جي مڪر جو اسان تباھ ڪيو سون انھن کي ۽ سندن قوم سڀني کي. پوءِ اھي

بُيُوْتُهُمْ خَاوِيَةًۢ بِمَا ظَلَمُوْا ؕ إِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿٥٢﴾

گھر آھن انھن جا ونڊا ڪيل جو ظلم ڪيائون، بيشڪ انھيءَ ۾ نشاني آھي ماڻھن لاءِ جيڪي ڄاڻن ٿا.

وَأَنْجَيْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿٥٣﴾ وَلُوْطًا إِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖ

۽ اسان بچايو انھن کي جن ايمان آندو ۽ ڊڄندا ھئا. ۽ موڪليو سون لوط کي جڏھن چيائين پنھنجي قوم کي

أَتَأْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ وَأَنْتُمْ تُبْصِرُوْنَ ﴿٥٤﴾ أَئِنَّكُمْ لَتَأْتُوْنَ الرِّجَالَ

ڇا ڪريو ٿا بي حيائي ۽ توھان ڏسو به ٿا. ڇا توھان اچو ٿا مردن تي

شَهْوَةً مِّنْ دُوْنِ النِّسَآءِ ؕ بَلْ أَنْتُمْ قَوْمٌ تَجْهَلُوْنَ ﴿٥٥﴾ فَمَا كَانَ

شھوت سان عورتن کي ڇڏي، بلڪ توھان ماڻھو نادان آھيو. پوءِ نه ھئو

جَوَابَ قَوْمِهٖٓ إِلَّآ أَنْ قَالُوْٓا أَخْرِجُوْٓا اٰلَ لُوْطٍ مِّنْ قَرْيَتِكُمْ ۚ إِنَّهُمْ

جواب سندس قوم جو مگر ھي ته چون پيا ڪڍو لوط وارن کي پنھنجي ڳوٺ مان، اھي

أُنَاسٌ يَّتَطَهَّرُوْنَ ﴿٥٦﴾ فَأَنْجَيْنٰهُ وَأَهْلَهٗٓ إِلَّا امْرَأَتَهٗ ۫ قَدَّرْنٰهَا مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٥٧﴾

ماڻھو آھن جو پاڪ ٿا ٿين. پوءِ بچايو سون انکي ۽ سندس گھر ڀاتين کي مگر انجي زال ڪيوسون انکي پوئتي رھندڙن ۾.

وَأَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ۚ فَسَآءَ مَطَرُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿٥٨﴾ قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ

۽ وسايوسون انھن تي مينھن، پوءِ بڇڙو ھئو مينھن ڊيڄاريلن جو. تون چئو سڀ تعريف الله لاءِ آھي

وَسَلٰمٌ عَلٰى عِبَادِهِ الَّذِيْنَ اصْطَفٰى ؕ آٰللّٰهُ خَيْرٌ أَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٥٩﴾

۽ سلام آھي سندس ٻانھن تي جن کي چونڊيائين، ڇا الله ڀلو آھي يا جنکي اھي شريڪ ٿا ڪن؟.

اَمَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَاَنْزَلَ
ڇا ڪنھن جوڙيو آسمانن ۽ ڌرتيءَ کي ۽ لاٿو

لَكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَنْۢبَتْنَا بِهٖ حَدَآئِقَ
توھان لاءِ اُڀ مان پاڻي، پوءِ ڄمايا سون ان سان باغ

ذَاتَ بَهْجَةٍ ۚ مَا كَانَ لَكُمْ اَنْ تُنْۢبِتُوْا شَجَرَهَا ؕ
تازگيءَ وارا، ناھي توھان لاءِ جو ڄمايو ان جا وڻ،

ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ بَلْ هُمْ قَوْمٌ يَّعْدِلُوْنَ ؕ ﴿٦٠﴾
ڇا آھي ڪوئي ٻيو ڌڻي الله سان، نه پر آھي ماڻھو رستي کان لڙي تا وڃن.

اَمَّنْ جَعَلَ الْاَرْضَ قَرَارًا وَّجَعَلَ
ڇا ڪنھن ڪيو زمين کي جاءِ رھڻ جي ۽ ڪيائين

خِلٰلَهَآ اَنْهٰرًا وَّجَعَلَ لَهَا
ان جي وچ ۾ واھ ۽ وڌائين ان ۾

رَوَاسِيَ وَجَعَلَ بَيْنَ الْبَحْرَيْنِ
وڏا جبل ۽ ڪيائين ٻن دريائن ۾

حَاجِزًا ؕ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ بَلْ اَكْثَرُ
ستو، ڇا آھي ڪوئي مالڪ ٻيو الله سان گڏ، پر گھڻا

هُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ؕ ﴿٦١﴾ اَمَّنْ يُّجِيْبُ
انھن جا نه ٿا ڄاڻ رکن. ڀلا ڪير ٿو سڏ ڏئي

الْمُضْطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَيَكْشِفُ السُّوْٓءَ وَيَجْعَلُكُمْ خُلَفَآءَ

اڙيل جي جڏهن سڏي ٿو انکي ۽ ٽاري ٿو مصيبت ۽ ڪري ٿو توهان کي والي

الْاَرْضِ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٦٢﴾

ملڪ جو. ڇا آهي ڪو حاڪم الله کانسواءِ. ورلي ٿا نصيحت وٺو.

اَمَّنْ يَّهْدِيْكُمْ فِيْ ظُلُمٰتِ الْبَرِّ وَالْبَحْرِ وَمَنْ يُّرْسِلُ

ڀلا ڪير ٿو ڏڳ لائي ٿو توهان کي اونداهين پَٽَ ۽ درياءَ جي ۾ ڪير ٿو موڪلي

الرِّيٰحَ بُشْرًاۢ بَيْنَ يَدَيْ رَحْمَتِهٖ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ تَعٰلَى

واءَ واڌاين واري پنهنجي مهر اڳيان. ڇا آهي ڪو مالڪ الله سان گڏ. مٿي آهي

اللّٰهُ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٦٣﴾ اَمَّنْ يَّبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ وَ

الله ان کان جنکي شريڪ ٿا ڪن. ڇا ڪير ٿو نئون ٺاهي خلق کي پوءِ موٽائي ٿو انکي ۽

مَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ

ڪير ٿو روزي ڏئي ٿو توهان کي آسمان ۽ زمين مان. ڇا آهي ڪو بيو خدا الله سان گڏ.

قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٦٤﴾ قُلْ

چؤ آڻيو پنهنجو دليل جيڪڏهن آهيو سچا. تون چؤ

لَا يَعْلَمُ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ الْغَيْبَ اِلَّا

نه ٿو ڄاڻي ڪوبه آسمانن ۽ زمين ۾ ڳجهه کي سواءِ

اللّٰهُ وَمَا يَشْعُرُوْنَ اَيَّانَ يُبْعَثُوْنَ ﴿٦٥﴾ بَلِ ادّٰرَكَ

الله جي. ۽ اهي نه ٿا ڄاڻن ته ڪڏهن اُٿاريا ويندا. بلڪ ماندو ٿيو

عِلْمُهُمْ فِى الْاٰخِرَةِ قف بَلْ هُمْ فِىْ شَكٍّ مِّنْهَا قف بَلْ

علم انهن جو آخرت جي باري ۾، بلڪ اهي شڪ ۾ آهن انهي کان، بلڪ

هُمْ مِّنْهَا عَمُوْنَ ﴿٦٦﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا ءَاِذَا كُنَّا

اهي ان کان انڌا آهن. ۽ چيو انهن جن ڪفر ڪيو ڇا جڏهن ٿينداسون اسان

تُرٰبًا وَّاٰبَآؤُنَآ اَئِنَّا لَمُخْرَجُوْنَ ﴿٦٧﴾ لَقَدْ وُعِدْنَا هٰذَا

مٽي ۽ ابا ڏاڏا اسانجا ڇا اسان ڪڍيا وينداسون. وعدو ڏنا ويا سون اهو

نَحْنُ وَاٰبَآؤُنَا مِنْ قَبْلُ لا اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ

اسان ۽ ابا ڏاڏا اسان جا اڳي نا هي هي ڪجهه به مگر آڪاڻيون

الْاَوَّلِيْنَ ﴿٦٨﴾ قُلْ سِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ

اڳين جون. تون چؤ گهمو زمين ۾ پوءِ ڏسو ڪيئن

كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٦٩﴾ وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَ

ٿيو انجام ڏوهارين جو. ۽ نه غمر ڪر انهن تي ۽

لَا تَكُنْ فِىْ ضَيْقٍ مِّمَّا يَمْكُرُوْنَ ﴿٧٠﴾ وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى

نه ٿيءُ تنگي ۾ ان کان جو اهي فريب ٿا ڪن. ۽ چون ٿا ڪڏهن آهي

هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٧١﴾ قُلْ عَسٰٓى اَنْ

اهو وعدو جيڪڏهن آهيو سچا. تون چؤ (پري ناهي) جو

يَّكُوْنَ رَدِفَ لَكُمْ بَعْضُ الَّذِىْ تَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿٧٢﴾ وَ

اچي پهچي توهان کي ڪجهه ان مان جنهن جي تڪڙ ٿا ڪريو. ۽

إِنَّ رَبَّكَ لَذُو فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ

بيشڪ تنھنجو رب مھربان آھي ماڻھن تي پر گھڻا ماڻھو

لَا يَشْكُرُونَ ﴿٧٣﴾ وَإِنَّ رَبَّكَ لَيَعْلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُورُهُمْ

نہ ٿا شڪر ڪن. ۽ بيشڪ رب تنھنجو ڄاڻي ٿو جيڪي لڪائن ٿا سينا انھن جا

وَمَا يُعْلِنُونَ ﴿٧٤﴾ وَمَا مِنْ غَائِبَةٍ فِي السَّمَاءِ وَالْأَرْضِ

۽ جيڪي ظاھر ڪن ٿا. ۽ ناھي ڪا شيءِ ڳجھي آسمانن ۾ ۽ زمين ۾

إِلَّا فِي كِتَابٍ مُبِينٍ ﴿٧٥﴾ إِنَّ هٰذَا الْقُرْآنَ يَقُصُّ

مگر موجود آھي دفتر بيان ڪندڙ ۾. بيشڪ ھي قرآن ٻڌائي ٿو

عَلَىٰ بَنِي إِسْرَائِيلَ أَكْثَرَ الَّذِي هُمْ فِيهِ يَخْتَلِفُونَ ﴿٧٦﴾

بني اسرائيل کي ڪيتريون ئي شيون جن ۾ اھي اختلاف ٿا ڪن.

وَإِنَّهُ لَهُدًى وَرَحْمَةٌ لِلْمُؤْمِنِينَ ﴿٧٧﴾ إِنَّ رَبَّكَ

۽ بيشڪ اھو قرآن رھبر آھي ۽ رحمت آھي ايمان وارن لاءِ. بيشڪ رب تنھنجو

يَقْضِي بَيْنَهُمْ بِحُكْمِهِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيزُ الْعَلِيمُ ﴿٧٨﴾

فيصلو ڪندو انھن جي وچ ۾ پنھنجي حڪم سان، ۽ اھو زبردست آھي علم وارو آھي.

فَتَوَكَّلْ عَلَى اللَّهِ ۖ إِنَّكَ عَلَى الْحَقِّ الْمُبِينِ ﴿٧٩﴾ إِنَّكَ

پوءِ توڪل ڪر الله تي، بيشڪ تون ئي حق پڌري تي آھين. تون

لَا تُسْمِعُ الْمَوْتَىٰ وَلَا تُسْمِعُ الصُّمَّ الدُّعَاءَ إِذَا وَلَّوْا

نہ ٻڌائي سگھندين مُئن کي ۽ نہ ٻڌائيندين ٻوڙن کي سڏ جڏھن موٽن

مُدْبِرِيْنَ ﴿٨٠﴾ وَمَآ اَنْتَ بِهٰدِي الْعُمْيِ عَنْ ضَلٰلَتِهِمْ

پٺي ڏئي. ۽ ناهين تون رستو ڏيکاريندڙ انڌن کي سندن ڀلجڻ تي،

اِنْ تُسْمِعُ اِلَّا مَنْ يُّؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿٨١﴾

رڳو تون ٻڌائيندين انهنکي جيڪي مڃين ٿا اسان جي آيتن کي پوءِ اهي مسلمان آهن.

وَاِذَا وَقَعَ الْقَوْلُ عَلَيْهِمْ اَخْرَجْنَا لَهُمْ دَآبَّةً مِّنَ

۽ جڏهن پوندو اهو قول انهن تي ته ڪڍنداسون انهن لاءِ هڪ جانور

الْاَرْضِ تُكَلِّمُهُمْ اَنَّ النَّاسَ كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا لَا

ڌرتي مان جو ڳالهائيندو انهن سان ته ماڻهو اسان جي آيتن کي نه

يُوْقِنُوْنَ ﴿٨٢﴾ وَيَوْمَ نَحْشُرُ مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ فَوْجًا مِّمَّنْ

مڃيندا هئا. ۽ جنهن ڏينهن گڏ ڪنداسون هر امت مان هڪ ٽولو جو

يُّكَذِّبُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ ﴿٨٣﴾ حَتّٰٓى اِذَا جَآءُوْ

ڪوڙو ڪندو هو اسان جي آيتن کي پوءِ اهي ٽولا بيهاريا ويندا. نيت جڏهن سڀ ايندا

قَالَ اَكَذَّبْتُمْ بِاٰيٰتِيْ وَلَمْ تُحِيْطُوْا بِهَا عِلْمًا اَمَّا

ته فرمائيندو ڇا ڪوڙو ڪيو هو توهان منهنجي آيتن کي ۽ نه پهتي هئي انهن تي توهانجي سمجهه يا

ذَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٨٤﴾ وَوَقَعَ الْقَوْلُ عَلَيْهِمْ بِمَا ظَلَمُوْا

ٻڌايو توهان ڇا ڪندا هئا. ۽ پوندو اهو عتاب انهن تي جو ظلم ڪيائون

فَهُمْ لَا يَنْطِقُوْنَ ﴿٨٥﴾ اَلَمْ يَرَوْا اَنَّا جَعَلْنَا الَّيْلَ

پوءِ اهي ڪو نه ڳالهائيندا. ڇا نه ڏٺائون جو ڪيئن ڪيوسون رات کي

لِيَسْكُنُوا فِيهِ وَالنَّهَارَ مُبْصِرًا ۚ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَاتٍ

جيئن آرام ڪن ان ۾ ۽ ڏينهن کي ڏسڻ لاءِ، بيشڪ انهي ۾ نشانيون آهن

لِقَوْمٍ يُؤْمِنُونَ ﴿٨٦﴾ وَيَوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّورِ فَفَزِعَ

انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان ٿا آڻين. ۽ جنهن ڏينهن ڦوڪيو ويندو صور ۾ پوءِ گهٻرائيندا

مَنْ فِي السَّمَاوَاتِ وَمَنْ فِي الْأَرْضِ إِلَّا مَنْ شَاءَ

جيڪي آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن مگر جنهن کي گهري

اللَّهُ ۚ وَكُلٌّ أَتَوْهُ دَاخِرِينَ ﴿٨٧﴾ وَتَرَى الْجِبَالَ تَحْسَبُهَا

الله، ۽ سمورا ايندا ان وٽ عاجزي ڪندڙ ٿي. ۽ ڏسين ٿو جبلن کي تون ڀانئين ٿو انهن کي

جَامِدَةً وَهِيَ تَمُرُّ مَرَّ السَّحَابِ ۚ صُنْعَ اللَّهِ الَّذِي

جميل ۽ اهي هلندا جيئن ڪڪر هلن، جوڙ الله جي جنهن

أَتْقَنَ كُلَّ شَيْءٍ ۚ إِنَّهُ خَبِيرٌ بِمَا تَفْعَلُونَ ﴿٨٨﴾ مَنْ

پڪو ڪيو هر شيءِ کي، بيشڪ ان کي خبر آهي جيڪي توهان ڪريو ٿا. جيڪو

جَاءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهُ خَيْرٌ مِنْهَا ۚ وَهُمْ مِنْ فَزَعٍ

آڻيندو چڱائي پوءِ انهي لاءِ بهتر آهي ان کان، ۽ اهي گهٻراهٽ کان

يَوْمَئِذٍ آمِنُونَ ﴿٨٩﴾ وَمَنْ جَاءَ بِالسَّيِّئَةِ فَكُبَّتْ

ان ڏينهن امن ۾ هوندا. ۽ جيڪو آڻيندو برائي پوءِ اهي وڌا ويندا

وُجُوهُهُمْ فِي النَّارِ هَلْ تُجْزَوْنَ إِلَّا مَا كُنْتُمْ

منهن ڀر باهه ۾، نه بدلو ملندو توهان کي مگر جيڪي توهان

تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٠﴾ اِنَّمَآ اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ رَبَّ هٰذِهِ الْبَلْدَةِ

ڪندا هئا. رڳو حڪم ٿيو اٿم ته بندگي ڪريان هن شهر جي رب جي

الَّذِيْ حَرَّمَهَا وَلَهٗ كُلُّ شَيْءٍ وَّاُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ

جنهن عزت ڏني انکي ۽ انهي جي ئي آهي هر شيءِ ۽ مونکي حڪم ٿيو آهي ته هجان

الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٩١﴾ وَاَنْ اَتْلُوَا الْقُرْاٰنَ فَمَنِ اهْتَدٰى

فرمانبردارن مان. ۽ پڙهي ٻڌايان قرآن. پوءِ جيڪو هدايت وارو ٿيو

فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ وَمَنْ ضَلَّ فَقُلْ اِنَّمَآ اَنَا

اهو هدايت وارو ٿيو پنهنجي لاءِ. ۽ جيڪو گمراهه ٿيو پوءِ چئو ته آءٌ رڳو

مِنَ الْمُنْذِرِيْنَ ﴿٩٢﴾ وَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ سَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ

ڊيڄاريندڙ آهيان. ۽ چئو سڀ ساراهه الله لاءِ آهي اجهو ڏيکاريندو توهانکي نشانيون پنهنجون

فَتَعْرِفُوْنَهَا ۭ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٣﴾

پوءِ توهان سڃاڻندا انهنکي، ۽ ناهي رب تنهنجو بي خبر انکان جيڪي توهان ڪيو ٿا

سُوْرَةُ الْقَصَصِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ ثَمَانٌ وَّثَمَانُوْنَ اٰيَةً وَّتِسْعُ رُكُوْعَاتٍ

سورت قصص مڪي آهي ۽ اها اٺاسي آيتون ۽ نو رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

طٰسٓمّٓ ﴿١﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿٢﴾ نَتْلُوْا

طسم هي آيتون آهن ڪتاب پڌري جون. اسان پڙهون ٿا

عَلَيْكَ مِنْ نَّبَاِ مُوْسٰى وَفِرْعَوْنَ بِالْحَقِّ لِقَوْمٍ

توتي خبر موسىٰ ۽ فرعون جي سچي انهن ماڻهن لاءِ

يُّؤْمِنُوْنَ ۝٣ اِنَّ فِرْعَوْنَ عَلَا فِى الْاَرْضِ وَجَعَلَ

جيڪي ايمان ٿا آڻين. بيشڪ فرعون ڏاڍ ڪيو ملڪ ۾ ۽ ڪيائين

اَهْلَهَا شِيَعًا يَّسْتَضْعِفُ طَآئِفَةً مِّنْهُمْ يُذَبِّحُ

ان جي ماڻهن کي ٽولا ڪمزور پيو ڪري هڪ ٽولي کي انهن مان ڪُهي پيو

اَبْنَآءَهُمْ وَيَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ۭ اِنَّهٗ كَانَ مِنَ

پُٽ انهن جا ۽ جيئرو ڇڏي پيو انهن جي عورتن کي، بيشڪ اهو هئو

الْمُفْسِدِيْنَ ۝٤ وَنُرِيْدُ اَنْ نَّمُنَّ عَلَى الَّذِيْنَ

فسادين مان. ۽ اسان چاهيون پيا ته انعام ڪريون انهن تي جيڪي

اسْتُضْعِفُوْا فِى الْاَرْضِ وَنَجْعَلَهُمْ اَىِٕمَّةً وَّ

ڪمزور ڪيا ويا ملڪ ۾ ۽ ڪريون انهن کي اڳواڻ ۽

نَجْعَلَهُمُ الْوٰرِثِيْنَ ۝٥ۙ وَنُمَكِّنَ لَهُمْ فِى الْاَرْضِ

ڪريون انهن کي جاءِ نشين. ۽ ٺوروتايون انهن کي ملڪ ۾

وَنُرِيَ فِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ وَجُنُوْدَهُمَا مِنْهُمْ مَّا

۽ ڏيکاريون فرعون ۽ هامان ۽ سندن لشڪرن کي انهن کان اهو جنهن کان

كَانُوْا يَحْذَرُوْنَ ۝٦ وَاَوْحَيْنَآ اِلٰٓى اُمِّ مُوْسٰٓى اَنْ

ڊڄندا هئا. ۽ حڪم موڪليوسون موسىٰ جي ماءُ ڏانهن ته

أَرْضِعِيهِ ۖ فَإِذَا خِفْتِ عَلَيْهِ فَأَلْقِيهِ فِي الْيَمِّ
تہ ڏيئي انهي کي، پوءِ جڏهن خوف ڪرين ان تي پوءِ اُڇليئينس درياءَ ۾

وَلَا تَخَافِي وَلَا تَحْزَنِي ۖ إِنَّا رَادُّوهُ إِلَيْكِ وَجَاعِلُوهُ
۽ نہ ڊڄ ۽ نڪي ڏک ڪر، اسان موٽائيندا سون اُنکي توڏانهن ۽ ڪنداسون اُنکي

مِنَ الْمُرْسَلِينَ ﴿٧﴾ فَالْتَقَطَهُ آلُ فِرْعَوْنَ لِيَكُونَ
رسولن مان. پوءِ لڌو ان کي فرعون جي گهر وارن جيئن ٿئي

لَهُمْ عَدُوًّا وَحَزَنًا ۗ إِنَّ فِرْعَوْنَ وَهَامَانَ وَجُنُودَهُمَا
اُنهن جو دشمن ۽ ڏک جو ڪارڻ، بيشڪ فرعون ۽ هامان ۽ اُنهن جو لشڪر

كَانُوا خَاطِئِينَ ﴿٨﴾ وَقَالَتِ امْرَأَتُ فِرْعَوْنَ قُرَّتُ
هئا خطاڪار. ۽ چيو زال فرعون جي هي ٺار آهي

عَيْنٍ لِي وَلَكَ ۖ لَا تَقْتُلُوهُ عَسَىٰ أَنْ يَنْفَعَنَا
اکين جو مون لاءِ ۽ تو لاءِ، نہ ماريو انهي کي، اميد تہ نفعو ڏيندو اسان کي

أَوْ نَتَّخِذَهُ وَلَدًا وَهُمْ لَا يَشْعُرُونَ ﴿٩﴾ وَأَصْبَحَ فُؤَادُ
يا پاليونس پُٽ ڪري ۽ اهي نہ پيا سمجهن. ۽ صبح سان دل

أُمِّ مُوسَىٰ فَارِغًا ۖ إِنْ كَادَتْ لَتُبْدِي بِهِ لَوْلَا
موسىٰ جي ماءُ جي ٿي بي قرارُ، اجهو ڪري ها پڌرو ان کي جيڪڏهن نہ

أَنْ رَبَطْنَا عَلَىٰ قَلْبِهَا لِتَكُونَ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ ﴿١٠﴾
قابو ڪريون ها قلب ان جو جيئن هجي يقين ڪندڙن مان.

حامان
28.6
28.8
29.38
29.39
40.24
40.36

وَقَالَتْ لِأُخْتِهِ قُصِّيهِ ۖ فَبَصُرَتْ بِهِ عَنْ جُنُبٍ وَّ
۽ چيائين سندس ڀيڻ کي پٺيان لڳيس پوءِ ڏسي ٻيٺي ان کي پري کان
۽

هُمْ لَا يَشْعُرُونَ ﴿١١﴾ وَحَرَّمْنَا عَلَيْهِ الْمَرَاضِعَ مِنْ
اهي نہ پيا سمجھن. ۽ بند ڪيئي سون ان تي تہ ڌائين جي

قَبْلُ فَقَالَتْ هَلْ أَدُلُّكُمْ عَلَىٰ أَهْلِ بَيْتٍ يَكْفُلُونَهُ
اڳ ۾ ئي پوءِ هيءَ چوڻ لڳي ڇا ڏسيان توهانکي اهڙو گهر اڻوجي پالين ان کي

لَكُمْ وَهُمْ لَهُ نَاصِحُونَ ﴿١٢﴾ فَرَدَدْنَاهُ إِلَىٰ أُمِّهِ كَيْ
توهان لاءِ ۽ اهي انهي جا گهڻگهرا آهن. پوءِ موٽايوسون انکي سندس ماءُ ڏانهن جيئن

تَقَرَّ عَيْنُهَا وَلَا تَحْزَنَ وَلِتَعْلَمَ أَنَّ وَعْدَ اللَّهِ
ٺري نيڻ ان جو ۽ نہ ڏک ڪري ۽ سمجهي تہ وعدو الله جو

حَقٌّ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُونَ ﴿١٣﴾ وَلَمَّا بَلَغَ
حق آهي پر ڪيترا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن. ۽ جڏهن اهو پهتو

ع ٤/٣ الربع

أَشُدَّهُ وَاسْتَوَىٰ آتَيْنَاهُ حُكْمًا وَعِلْمًا ۚ وَكَذَٰلِكَ
پنهنجي جواني کي ۽ پختو ٿيو تہ ڏني سون انکي سمجھ ۽ علم، ۽ اهڙي طرح

نَجْزِي الْمُحْسِنِينَ ﴿١٤﴾ وَدَخَلَ الْمَدِينَةَ عَلَىٰ حِينِ
بدلو ڏيندا آهيون چڱائي وارن کي. ۽ آيو شهر ۾ جنهن وقت

غَفْلَةٍ مِّنْ أَهْلِهَا فَوَجَدَ فِيهَا رَجُلَيْنِ يَقْتَتِلَانِ
غافل هئا اتي جا ماڻهو پوءِ ڏٺائين ان ۾ ٻہ ماڻهو وڙهن پيا پاڻ ۾

هٰذَا مِنْ شِيْعَتِهٖ وَهٰذَا مِنْ عَدُوِّهٖ ۚ فَاسْتَغَاثَهُ
هڪڙو سندس ٽولي جو ۽ ٻيو ان جي دشمن جو، پوءِ مدد گهري ڪانئس
الَّذِيْ مِنْ شِيْعَتِهٖ عَلَى الَّذِيْ مِنْ عَدُوِّهٖ ۙ فَوَكَزَهٗ
انهي جو سندس ٽولي مان هئو ان تي جو سندس دشمن ڪان هئو پوءِ مُڪ هنئي ان کي
مُوْسٰى فَقَضٰى عَلَيْهِ ۖ قَالَ هٰذَا مِنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ ۭ
موسىٰ پوءِ پورو ڪيائين ان کي، چيائين هي آهي شيطان جي ڪم ڪان،
اِنَّهٗ عَدُوٌّ مُّضِلٌّ مُّبِيْنٌ ﴿۱۵﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّيْ ظَلَمْتُ
بيشڪ اهو دشمن گمراهه ڪندڙ پڌرو آهي. چيائين اي منهنجا رب مون ظلم ڪيو
نَفْسِيْ فَاغْفِرْ لِيْ فَغَفَرَ لَهٗ ۭ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ
پاڻ تي پوءِ معاف ڪر مونکي پوءِ معاف ڪيائين انکي، بيشڪ اهو ئي بخشيندڙ
الرَّحِيْمُ ﴿۱۶﴾ قَالَ رَبِّ بِمَآ اَنْعَمْتَ عَلَيَّ فَلَنْ اَكُوْنَ
مهربان آهي. چيائين اي منهنجا رب جيئن تو مهرباني ڪئي آهي مون تي پوءِ هرگز نه ٿيندس
ظَهِيْرًا لِّلْمُجْرِمِيْنَ ﴿۱۷﴾ فَاَصْبَحَ فِي الْمَدِيْنَةِ خَاۗىِٕفًا
حمايتي ڏوهارين جو. پوءِ صبح ڪيائين ان شهر ۾ ڊڄندڙ ٿي
يَّتَرَقَّبُ فَاِذَا الَّذِي اسْتَنْصَرَهٗ بِالْاَمْسِ يَسْتَصْرِخُهٗ ۭ
انتظار ڪندي ته اوچتو جنهن مدد گهري هئي ان ڪان ڪالهه مدد لاءِ پڪاري پيو ان کي
قَالَ لَهٗ مُوْسٰٓى اِنَّكَ لَغَوِيٌّ مُّبِيْنٌ ﴿۱۸﴾ فَلَمَّآ اَنْ اَرَادَ
چيو ان کي موسىٰ تون ته آهين ڀُليل پڌرو. پوءِ جڏهن گهريائين

اَنْ يَّبْطِشَ بِالَّذِيْ هُوَ عَدُوٌّ لَّهُمَا ۙ قَالَ يٰمُوْسٰٓى

پڪڙڻ   ان کي جو هنُو دشمن ٻنهي جو، چيائين اي موسىٰ

اَتُرِيْدُ اَنْ تَقْتُلَنِيْ كَمَا قَتَلْتَ نَفْسًا بِالْاَمْسِ ۖ اِنْ

چاھين ٿو تہ خون ڪرين مونکي جيئن خون ڪيو تو ماڻھو ڪالھہ ، نہ

تُرِيْدُ اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَ جَبَّارًا فِى الْاَرْضِ وَمَا تُرِيْدُ

ٿو چاهين تون مگر هي تہ هجين سرڪش هن ملڪ ۾ ۽ نہ ٿو گهرين

اَنْ تَكُوْنَ مِنَ الْمُصْلِحِيْنَ ﴿١٩﴾ وَجَآءَ رَجُلٌ مِّنْ

تہ ٿئين تون صُلح ڪرائيندڙن مان . ۽ آيو هڪ ماڻھو

اَقْصَا الْمَدِيْنَةِ يَسْعٰى ۡ قَالَ يٰمُوْسٰٓى اِنَّ الْمَلَاَ

پاھران شھر ڪان ڊوڙندي چيائين اي موسىٰ يقينن سردار

يَاْتَمِرُوْنَ بِكَ لِيَقْتُلُوْكَ فَاخْرُجْ اِنِّىْ لَكَ مِنَ

صلاح ٿا ڪن تولاءِ تہ قتل ڪن توکي پوءِ نڪري وڃ بيشڪ آءٌ تنھنجي

النّٰصِحِيْنَ ﴿٢٠﴾ فَخَرَجَ مِنْهَا خَآئِفًا يَّتَرَقَّبُ ۡ قَالَ رَبِّ

خيرخواهن مان آهيان. پوءِ نڪتو اُتان ڊڄندي انتظار ڪندي چيائين اي منهنجا رب

نَجِّنِيْ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢١﴾ ع وَلَمَّا تَوَجَّهَ تِلْقَآءَ   ع ٢ ٨ ٥

بچاءِ مونکي ظالمن جي قوم کان. ۽ جڏهن رُخ ڪيائين طرف

مَدْيَنَ قَالَ عَسٰى رَبِّيْٓ اَنْ يَّهْدِيَنِيْ سَوَآءَ

مدين جي چيائين اميد آهي تہ رب منھنجو ڏسيندو مونکي ، سڌو

السَّبِيلِ ﴿٢٢﴾ وَلَمَّا وَرَدَ مَاءَ مَدْيَنَ وَجَدَ عَلَيْهِ أُمَّةً

رستو. ۽ جڏهن پهتو مدين جي پاڻيءَ تي ڏٺائين ان تي گهڻا

مِّنَ النَّاسِ يَسْقُونَ ۖ وَوَجَدَ مِن دُونِهِمُ امْرَأَتَيْنِ

ماڻهو جو مال پيا پيارين. ۽ ڏٺائين انهن کان پريرو ٻن عورتن کي

تَذُودَانِ ۖ قَالَ مَا خَطْبُكُمَا ۖ قَالَتَا لَا نَسْقِي حَتَّىٰ

ردون روڪينديون، چيائين ڇا حال آهي توهانجو. ٻنهي چيو نه ٿيون پياريون اسان جيستر

يُصْدِرَ الرِّعَاءُ ۖ وَأَبُونَا شَيْخٌ كَبِيرٌ ﴿٢٣﴾ فَسَقَىٰ لَهُمَا

پياري موٽن ڌنار ۽ پيءُ اسانجو پوڙهو وڏو آهي. پوءِ پياريائين مال ٻنهي جو

ثُمَّ تَوَلَّىٰ إِلَى الظِّلِّ فَقَالَ رَبِّ إِنِّي لِمَا أَنزَلْتَ إِلَيَّ

پوءِ موٽي آيو ڇانوَ ڏانهن ۽ چيائين منهنجا رب بيشڪ آءٌ انهي لاءِ جو لاهين تون مون ڏانهن

مِنْ خَيْرٍ فَقِيرٌ ﴿٢٤﴾ فَجَاءَتْهُ إِحْدَاهُمَا تَمْشِي عَلَى

ڪا نعمت حاجتمند آهيان. پوءِ آئي ان وٽ ٻنهي مان هڪڙي جو هلي پئي

اسْتِحْيَاءٍ قَالَتْ إِنَّ أَبِي يَدْعُوكَ لِيَجْزِيَكَ أَجْرَ مَا

حياءُ سان چيائين بيشڪ پيءُ منهنجو سڏي ٿو توکي جيئن ڏئي توکي بدلو ان جو

سَقَيْتَ لَنَا ۚ فَلَمَّا جَاءَهُ وَقَصَّ عَلَيْهِ الْقَصَصَ

جو پاڻي پياريو تو اسان لاءِ. پوءِ جڏهن آيو ان وٽ ۽ ٻڌايائين ان کي ڳالهه

قَالَ لَا تَخَفْ ۖ نَجَوْتَ مِنَ الْقَوْمِ الظَّالِمِينَ ﴿٢٥﴾

چيائين نه ڊڄ، بچيو آهين ظالمن جي قوم کان.

قَالَتْ اِحْدٰىهُمَا يٰٓاَبَتِ اسْتَاْجِرْهُ ؗ اِنَّ خَيْرَ مَنِ

چوڻ لڳي انهن مان هڪڙي اي ابا مزدور ڪر انهيءَ کي بيشڪ ڀلو آهي جيڪو

اسْتَاْجَرْتَ الْقَوِيُّ الْاَمِيْنُ ﴿٢٦﴾ قَالَ اِنِّيْٓ اُرِيْدُ اَنْ

مزور ٻيهارين سگهارو امانت وارو هجي. چيائين آءٌ گهران ٿو ته

اُنْكِحَكَ اِحْدَى ابْنَتَيَّ هٰتَيْنِ عَلٰٓى اَنْ تَاْجُرَنِيْ

پرڻايان توکي هڪڙي ڌيءَ ٻن ڌيئن پنهنجين هنن مان هن شرط تي جو ڪم ڪرين مون وٽ

ثَمٰنِيَ حِجَجٍ ۚ فَاِنْ اَتْمَمْتَ عَشْرًا فَمِنْ عِنْدِكَ ۚ وَ

آٺ سال، پوءِ جيڪڏهن پورا ڪيا تو ڏهه سال ته مهرباني تنهنجي، ۽

مَآ اُرِيْدُ اَنْ اَشُقَّ عَلَيْكَ ؕ سَتَجِدُنِيْٓ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ

نه ٿو گهران ته ڪا سختي ڪريان توتي، اجهو لهندين مونکي انشاءَ الله

مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٢٧﴾ قَالَ ذٰلِكَ بَيْنِيْ وَبَيْنَكَ ؕ اَيَّمَا

ڀلن مان ٿئن مان. چيائين اهو ٺهيو منهنجي ۽ تنهنجي وچم، جهڙي ٻه

الْاَجَلَيْنِ قَضَيْتُ فَلَا عُدْوَانَ عَلَيَّ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى

ٻنهي مدتن مان پوري ڪيان پوءِ نه ٿئي ڪا زيادتي مون تي، ۽ الله ان تي

مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ﴿٢٨﴾ فَلَمَّا قَضٰى مُوْسَى الْاَجَلَ وَ

جيڪي چئون ٿا شاهد آهي. ۽ جڏهن پورو ڪيو موسىٰ وقت ۽

سَارَ بِاَهْلِهٖٓ اٰنَسَ مِنْ جَانِبِ الطُّوْرِ نَارًا ۚ قَالَ

وٺي هليو پنهنجي گهر وارن کي ته ڏٺائين طور جي پاسي کان باهه، چيائين

لِأَهْلِهِ امْكُثُوٓا إِنِّيٓ ءَانَسْتُ نَارًا لَّعَلِّيٓ ءَاتِيكُم مِّنْهَا

پنهنجي گهر وارن کي ترسو مون ڏٺي آهي باهه شايد آڻيان توهان وٽ آڻان

بِخَبَرٍ أَوْ جَذْوَةٍ مِّنَ ٱلنَّارِ لَعَلَّكُمْ تَصْطَلُونَ ﴿٢٩﴾

ڪا خبر يا ٽانڊو باهه جو جيئن توهان پاڻ سيڪيو ـ

فَلَمَّآ أَتَىٰهَا نُودِىَ مِن شَٰطِئِ ٱلْوَادِ ٱلْأَيْمَنِ فِى

پوءِ جڏهن آيو ان وٽ ته سڏ ٿيو ميدان جي ساڄي طرف کان

ٱلْبُقْعَةِ ٱلْمُبَٰرَكَةِ مِنَ ٱلشَّجَرَةِ أَن يَٰمُوسَىٰٓ إِنِّيٓ أَنَا ٱللَّهُ

برڪت واري علائقي ۾ وڻ منجهان ته اي موسىٰ آءٌ آهيان الله

رَبُّ ٱلْعَٰلَمِينَ ﴿٣٠﴾ وَأَنْ أَلْقِ عَصَاكَ ۖ فَلَمَّا رَءَاهَا تَهْتَزُّ

رب العالمين ـ ۽ تون اڇل لٺ پنهنجي، پوءِ جڏهن ڏٺائين انکي تڇُري ٿي

كَأَنَّهَا جَآنٌّ وَلَّىٰ مُدْبِرًا وَلَمْ يُعَقِّبْ ۚ يَٰمُوسَىٰٓ أَقْبِلْ

جهڙو نانگ ڦريو پٺي ڏيئي ۽ نه ڏٺائين پوئتي، اي موسىٰ اڳيان اچ

وَلَا تَخَفْ ۖ إِنَّكَ مِنَ ٱلْءَامِنِينَ ﴿٣١﴾ ٱسْلُكْ يَدَكَ

۽ نه ڊڄ، بيشڪ تون بي خطر آهين. وجهه هٿ پنهنجو

فِى جَيْبِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوٓءٍ وَٱضْمُمْ

گريبان پنهنجي ۾ ته نڪري چمڪندڙ ٿي بنا عيب جي، ۽ ملاءِ

إِلَيْكَ جَنَاحَكَ مِنَ ٱلرَّهْبِ ۖ فَذَٰنِكَ بُرْهَٰنَانِ مِن

پاڻ ڏي هٿ پنهنجو خوف کان پوءِ اهي ٻئي دليل آهن

منــزل ۵

رَّبِّكَ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا
تنهنجي رب جي طرفان فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن، اهي آهن ماڻهو

فٰسِقِيْنَ ۝۳۲ قَالَ رَبِّ اِنِّيْ قَتَلْتُ مِنْهُمْ نَفْسًا فَاَخَافُ
بي فرمان، چيائين اي رب! مون ماريو هئو انهن جو هڪ ماڻهو پوءِ ڊڄان ٿو

اَنْ يَّقْتُلُوْنِ ۝۳۳ وَاَخِيْ هٰرُوْنُ هُوَ اَفْصَحُ مِنِّيْ
ته ماري ڇڏيندا مونکي. ۽ ڀاءُ منهنجو هارون اهو چٽو آهي مون کان

لِسَانًا فَاَرْسِلْهُ مَعِيَ رِدْاً يُّصَدِّقُنِيْٓ ۡ اِنِّيْٓ اَخَافُ
ڳالهائڻ ۾ پوءِ رسول ڪر انکي مون سان گڏ مددگار ته تصديق ڪري منهنجي آءٌ ڊڄان ٿو

اَنْ يُّكَذِّبُوْنِ ۝۳۴ قَالَ سَنَشُدُّ عَضُدَكَ بِاَخِيْكَ
ته ڪوڙو ڪندا مونکي . فرمايائين سگهو ڏاڍو ڪنداسون ڏور و تنهنجو ڀاءُ تنهنجي سان

وَنَجْعَلُ لَكُمَا سُلْطٰنًا فَلَا يَصِلُوْنَ اِلَيْكُمَا ۚۛ بِاٰيٰتِنَا ۚۛ
۽ ڪنداسون توهانجو غلبو پوءِ نه پهچندا توهان تائين اسانجي نشانين سبب،

اَنْتُمَا وَمَنِ اتَّبَعَكُمَا الْغٰلِبُوْنَ ۝۳۵ فَلَمَّا جَآءَهُمْ
توهان ۽ جيڪو به توهانجو تابع ٿيندو سوڀارا هوندؤ. پوءِ جڏهن آنديون انهن وٽ

مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَا بَيِّنٰتٍ قَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّفْتَرًى
موسىٰ نشانيون اسانجون پڌريون چيائون ناهي اهو مگر جادو نئون ناهيل

وَّمَا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِيْٓ اٰبَآئِنَا الْاَوَّلِيْنَ ۝۳۶ وَقَالَ
۽ ڪونه ٻڌوسون اهڙو ابن ڏاڏن پنهنجن اڳين ۾ ۽ چيو

ع عند المتاخرين ۱۲

مُوسَىٰ رَبِّيٓ أَعْلَمُ بِمَن جَآءَ بِٱلْهُدَىٰ مِنْ عِندِهِۦ

موسىٰ ربُ منهنجو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي انکي جو آڻي هدايت کي انهي وٽان

وَمَن تَكُونُ لَهُۥ عَٰقِبَةُ ٱلدَّارِ ۖ إِنَّهُۥ لَا يُفْلِحُ

۽ انکي جو ٿئي جنهن لاءِ آخرت جو گهر، يقينن نه ڪامياب ٿيندا

ٱلظَّٰلِمُونَ ﴿٣٧﴾ وَقَالَ فِرْعَوْنُ يَٰٓأَيُّهَا ٱلْمَلَأُ مَا عَلِمْتُ

ظالم. ۽ چيو فرعون اي ڪچهري وارو آءٌ نه ٿو ڄاڻان

لَكُم مِّنْ إِلَٰهٍ غَيْرِى فَأَوْقِدْ لِى يَٰهَٰمَٰنُ عَلَى

اوهان جو ڪو ٻيو خدا پاڻ کانسواءِ، پوءِ باهه ٻار مون لاءِ اي هامان

ٱلطِّينِ فَٱجْعَل لِّى صَرْحًا لَّعَلِّىٓ أَطَّلِعُ إِلَىٰٓ إِلَٰهِ

مٽي تي پوءِ ٺاهه منهنجي لاءِ محلات تہ جيئن آءٌ ليئو پايان طرف خدا

مُوسَىٰ وَإِنِّى لَأَظُنُّهُۥ مِنَ ٱلْكَٰذِبِينَ ﴿٣٨﴾ وَٱسْتَكْبَرَ

موسىٰ جي ۽ مون ڀانيان ٿو انکي ڪوڙن مان. ۽ وڏائي ڪئي

هُوَ وَجُنُودُهُۥ فِى ٱلْأَرْضِ بِغَيْرِ ٱلْحَقِّ وَظَنُّوٓا۟ أَنَّهُمْ

انهي ۽ سندس لشڪرن ملڪ ۾ ناحق ۽ ڀانيائون تہ اهي

إِلَيْنَا لَا يُرْجَعُونَ ﴿٣٩﴾ فَأَخَذْنَٰهُ وَجُنُودَهُۥ فَنَبَذْنَٰهُمْ

اسان ڏانهن ڪين موٽندا. پوءِ پڪڙيوسون انکي ۽ سندس لشڪرن کي پوءِ اُڇليوسون انهنکي

فِى ٱلْيَمِّ ۖ فَٱنظُرْ كَيْفَ كَانَ عَٰقِبَةُ ٱلظَّٰلِمِينَ ﴿٤٠﴾ وَ

درياءَ ۾ پوءِ ڏس تہ ڪيئن ٿيو انجام ظالمن جو.

وَجَعَلْنٰهُمْ اَئِمَّةً يَّدْعُوْنَ اِلَى النَّارِ ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ لَا

ڪيوسون انهنکي اڳواڻ جو سڏين ٿا باھ ڏانهن، ۽ قيامت ڏينهن نه

يُنْصَرُوْنَ ﴿٤١﴾ وَاَتْبَعْنٰهُمْ فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا لَعْنَةً ۚ وَ

مدد ڏنا ويندا. ۽ ڪيد لڳائي سون انهن کي هن دنيا ۾ لعنت، ۽

يَوْمَ الْقِيٰمَةِ هُمْ مِّنَ الْمَقْبُوْحِيْنَ ﴿٤٢﴾ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا

ڏينهن قيامت اُهي بڇڙا ڪيل هوندا. ۽ اسان ڏنو

مُوْسَى الْكِتٰبَ مِنْۢ بَعْدِ مَآ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ

موسىٰ کي ڪتاب ان کان پوءِ جو هلاڪ ڪيون سون قومون

الْاُوْلٰى بَصَآئِرَ لِلنَّاسِ وَهُدًى وَّرَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ

اڳيون سمجهاڻ لاءِ ماڻهن کي ۽ هدايت ۽ رحمت ته جيئن

يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٣﴾ وَمَا كُنْتَ بِجَانِبِ الْغَرْبِيِّ اِذْ

ياد رکن. ۽ نه هئين تون الهندي طرف جڏهن

قَضَيْنَآ اِلٰى مُوْسَى الْاَمْرَ وَمَا كُنْتَ مِنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٤٤﴾

اسان موڪليو موسىٰ ڏانهن حڪم ۽ نڪي تون هئين حاضرن مان.

وَلٰكِنَّآ اَنْشَاْنَا قُرُوْنًا فَتَطَاوَلَ عَلَيْهِمُ الْعُمُرُ ۚ وَمَا

پر اسان پيدا ڪيون ڪيئي جماعتون پوءِ ڊگهي ٿي انهن جي ڄمار ۽ نه

كُنْتَ ثَاوِيًا فِيْٓ اَهْلِ مَدْيَنَ تَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا

هئين تون رهندڙ مدين وارن ۾ جو پڙهين پيو انهن کي اسان جون آيتون

وَلٰكِنَّا كُنَّا مُرْسِلِيْنَ ﴿۴۵﴾ وَمَا كُنْتَ بِجَانِبِ الطُّوْرِ

پر اسان ئي موڪليندڙ آهيون. ۽ نه هئين طور جي پاسي

اِذْ نَادَيْنَا وَلٰكِنْ رَّحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّا

جڏهن سڏيوسين پر رحمت آهي تنهنجي رب جي جيئن ڊيڄارين ان قوم کي جو نه

اَتٰهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ مِّنْ قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿۴۶﴾

آيو انهن ڏانهن ڪو ڊيڄاريندڙ توکان اڳ ۾ جيئن اهي نصيحت وٺن.

وَلَوْلَآ اَنْ تُصِيْبَهُمْ مُّصِيْبَةٌ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ

جيڪڏهن ائين نه ٿئي ها جو پهچي انهنکي عذاب انهي سبب جو پيش ڪيو سندن هٿن

فَيَقُوْلُوْا رَبَّنَا لَوْلَآ اَرْسَلْتَ اِلَيْنَا رَسُوْلًا فَنَتَّبِعَ

ته چون ها اي رب اسانجا ڇو نه موڪليو تو اسان ڏانهن رسول پوءِ هلون ها

اٰيٰتِكَ وَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۴۷﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمُ

تنهنجي حڪمن تي ۽ ٿيون ها ايمان وارن مان. پوءِ جڏهن آيو انهن وٽ

الْحَقُّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْا لَوْلَآ اُوْتِيَ مِثْلَ مَآ اُوْتِيَ

حق اسان جي طرفان چوڻ لڳا ڇو نه ڏنو ويو اسان کي جهڙو ڏنو ويو

مُوْسٰى اَوَلَمْ يَكْفُرُوْا بِمَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى مِنْ قَبْلُ

موسىٰ کي، ڇا نه ڪفر ڪيائون ان جو جيڪي ڏنو ويو موسىٰ کي هن کان اڳ،

قَالُوْا سِحْرٰنِ تَظٰهَرَا وَقَالُوْا اِنَّا بِكُلٍّ كٰفِرُوْنَ ﴿۴۸﴾

چيائون اهي ٻه جادو آهن پاڻ ۾ موافق ۽ چيائون اسان سڀني جا منڪر آهيون.

قُلْ فَأْتُوْا بِكِتٰبٍ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ هُوَ اَهْدٰى مِنْهُمَآ
تون چؤ آڻيو ڪو ڪتاب الله وٽان جو اهو زياده هدايت ڪندڙ هجي ٻنهي کان

اَتَّبِعْهُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٩﴾ فَاِنْ لَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكَ
ته هلان ان تي جيڪڏهن توهان سچا آهيو. پوءِ جيڪڏهن نه ورائن توکي

فَاعْلَمْ اَنَّمَا يَتَّبِعُوْنَ اَهْوَآءَهُمْ ؕ وَمَنْ اَضَلُّ مِمَّنِ
پوءِ ڄاڻ ته رڳو اهي هلن ٿا پنهنجي خواهشن تي ۽ ڪير آهي وڌيڪ گمراهه انهي کان جو

اتَّبَعَ هَوٰىهُ بِغَيْرِ هُدًى مِّنَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى
هليو پنهنجي خواهش تي بنا هدايت الله جي، بيشڪ الله نه ٿو هدايت ڪري

الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٠﴾ ع وَلَقَدْ وَصَّلْنَا لَهُمُ الْقَوْلَ
ظالمن جي قوم کي. ۽ البت لڳو لڳ پهچايو سون انهن لاءِ قرآن کي

لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٥١﴾ اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ مِنْ
ته جيئن اهي نصيحت وٺن. جن کي ڏنوسون ڪتاب

قَبْلِهٖ هُمْ بِهٖ يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٢﴾ وَاِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ قَالُوْٓا
انهي کان اڳ سي اهي انهي تي يقين رکن ٿا. ۽ جڏهن پڙهجي ٿو انهن تي چون ٿا

النصف

اٰمَنَّا بِهٖٓ اِنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّنَآ اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلِهٖ
مڃيوسون انکي اهو حق آهي اسانجي رب کان اسان هئاسون ان کان اڳيئي

مُسْلِمِيْنَ ﴿٥٣﴾ اُولٰٓئِكَ يُؤْتَوْنَ اَجْرَهُمْ مَّرَّتَيْنِ بِمَا
مڃيندڙ. انهن کي ڏنو ويندو سندن اجر ٻه ڀيرا هن لاءِ جو

صَبَرُوْا وَيَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ

ثابت رهيا ۽ اهي ٽاريندا آهن چڱائيءَ سان برائيءَ کي ۽ اسان جي ڏني مان

يُنْفِقُوْنَ ﴿٥٤﴾ وَاِذَا سَمِعُوا اللَّغْوَ اَعْرَضُوْا عَنْهُ وَ

خرچ ڪندا آهن. ۽ جڏهن ٻڌندا آهن اجائي ڳالهه ته منهن موڙيندا آهن ان کان ۽

قَالُوْا لَنَآ اَعْمَالُنَا وَلَكُمْ اَعْمَالُكُمْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ لَا

چوندا آهن اسان جا عمل اسان سان ۽ توهان جا عمل توهان سان، سلام هجي توهان تي نه

نَبْتَغِي الْجٰهِلِيْنَ ﴿٥٥﴾ اِنَّكَ لَا تَهْدِيْ مَنْ اَحْبَبْتَ

ٿا چاهيون جاهلن کي. بيشڪ تون نه ٿو آڻين راهه تي جن کي چاهين تون

وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿٥٦﴾

پر الله راهه تي آڻي جنهن کي گهري، ۽ اهوئي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي هدايت وارن کي.

وَقَالُوْٓا اِنْ نَّتَّبِعِ الْهُدٰى مَعَكَ نُتَخَطَّفْ مِنْ

۽ چيائون جيڪڏهن هلون هدايت تي توسان گڏ ته اغوا ٿينداسون پنهنجي

اَرْضِنَا اَوَلَمْ نُمَكِّنْ لَّهُمْ حَرَمًا اٰمِنًا يُّجْبٰٓى اِلَيْهِ ثَمَرٰتُ

ملڪ مان، ڇا نه ٺڪايو آهي اسان انهن کي حرم امن واري ۾ جو ڇڪجي اچن ٿا ان ڏانهن ڦل

كُلِّ شَيْءٍ رِّزْقًا مِّنْ لَّدُنَّا وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا

هر جنس جا روزي اسان جي طرفان پر گهڻا انهن مان نه

يَعْلَمُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَكَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍۢ بَطِرَتْ مَعِيْشَتَهَا

ٿا ڄاڻن. ۽ ڪيترائي هلاڪ ڪيا سون اهڙا ڳوٺ جيڪي اڪڙجي ويا هئا پنهنجي عيش تي

فَتِلْكَ مَسٰكِنُهُمْ لَمْ تُسْكَنْ مِّنْۢ بَعْدِهِمْ اِلَّا قَلِيْلًا ؕ
پوءِ اهي آهن ماڳ انهن جا جو نه آباد ٿيا اجا تائين مگر ٿورا،
وَكُنَّا نَحْنُ الْوٰرِثِيْنَ ﴿٥٨﴾ وَمَا كَانَ رَبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰى
۽ اسان ئي وارث آهيون. ۽ ناهي رب تنهنجو برباد ڪندڙ ڳوٺن کي
حَتّٰى يَبْعَثَ فِيْٓ اُمِّهَا رَسُوْلًا يَّتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۚ
جيستائين موڪلي انهن جي مرڪز ۾ ڪو رسول جو پڙهي ٻڌائي انهنکي آيتون اسان جون،
وَمَا كُنَّا مُهْلِكِي الْقُرٰٓى اِلَّا وَاَهْلُهَا ظٰلِمُوْنَ ﴿٥٩﴾ وَ
۽ ناهيون اسين هلاڪ ڪندڙ ڳوٺن کي مگر جڏهن آهي جا رهاڪو ظالم هجن. ۽
مَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَمَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَزِيْنَتُهَا ۚ
جيڪي مليو آهي توهانکي ڪجھ به پوءِ اهو سامان آهي دنيا جي زندگي جو ۽ سينگارن جو،
ع ٦ ١٠ ٩ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٦٠﴾ اَفَمَنْ
۽ جيڪي رب وٽ آهي اهو گھڻو ڀلو ۽ جٽادار آهي. ڇا پوءِ نٿا سمجھو. ڇا پوءِ اهو جنهن
وَّعَدْنٰهُ وَعْدًا حَسَنًا فَهُوَ لَاقِيْهِ كَمَنْ مَّتَّعْنٰهُ
سان وعدو ڪيو سون وعدو سھڻو پوءِ اهو ملي ان کي ان جهڙو آهي جنهنکي ڏنوسون
مَتَاعَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ثُمَّ هُوَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ مِنَ
سامان دنيا جي حياتي جو پوءِ اهو قيامت ڏينهن هجي
الْمُحْضَرِيْنَ ﴿٦١﴾ وَيَوْمَ يُنَادِيْهِمْ فَيَقُوْلُ اَيْنَ
گرفتارن مان. ۽ جنهن ڏينهن سڏيندو انهن کي پوءِ چوندو ڪٿي آهن

شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ﴿٦٢﴾ قَالَ الَّذِيْنَ

شريڪ منهنجا جن جو توهان عقيدو رکندا هئا. چوندا اهي

حَقَّ عَلَيْهِمُ الْقَوْلُ رَبَّنَا هٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَغْوَيْنَا

ثابت ٿيو جن تي اهو قول اي رب اسانجا هي اهي آهن جنکي گمراه ڪيوسون،

اَغْوَيْنٰهُمْ كَمَا غَوَيْنَا تَبَرَّاْنَآ اِلَيْكَ مَا كَانُوْٓا

گمراه ڪيوسون انهنکي جيئن اسان گمراه ٿيا سون، اسان بيزاري آيا سون توڏانهن اهي ڪو نه

اِيَّانَا يَعْبُدُوْنَ ﴿٦٣﴾ وَقِيْلَ ادْعُوْا شُرَكَآءَكُمْ

پوڄيندا هئا اسان کي. ۽ چيو ويندو ته سڏيو شريڪن پنهنجن کي

فَدَعَوْهُمْ فَلَمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَهُمْ وَرَاَوُا الْعَذَابَ لَوْ

پوءِ سڏيندا انهنکي پوءِ اهي نه جواب ڏيندا انهنکي ۽ ڏسندا عذاب کي، جيڪر

اَنَّهُمْ كَانُوْا يَهْتَدُوْنَ ﴿٦٤﴾ وَيَوْمَ يُنَادِيْهِمْ فَيَقُوْلُ

اهي هدايت وارا هجن ها. ۽ جنهن ڏينهن سڏيندو انهنکي پوءِ چوندو

مَاذَآ اَجَبْتُمُ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٦٥﴾ فَعَمِيَتْ عَلَيْهِمُ

توهان ڪهڙو جواب ڏنو رسولن کي. پوءِ بند ٿيندیون انهن تي

الْاَنْۢبَآءُ يَوْمَئِذٍ فَهُمْ لَا يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿٦٦﴾ فَاَمَّا مَنْ

خبرون ان ڏينهن پوءِ اهي ڪين پڇندا هڪٻئي کان. پوءِ جنهن

تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَعَسٰٓى اَنْ يَّكُوْنَ

توبه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ ڪم چڱا ڪيا ته اميد آهي جو ٿيندو

مِنَ الْمُفْلِحِيْنَ ﴿٦٧﴾ وَرَبُّكَ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ وَيَخْتَارُ

چڱن ۾ ٿيندڙن مان. ۽ تنهنجو رب پيدا ڪري ٿو جيڪي چاهي ۽ پسند ڪري،

مَا كَانَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَتَعٰلٰى عَمَّا

ناهي انهن کي ڪوئي اختيار، الله پاڪ آهي ۽ مٿانهون آهي

ان کان

يُشْرِكُوْنَ ﴿٦٨﴾ وَرَبُّكَ يَعْلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُوْرُهُمْ وَمَا

جو شريڪ ٿا ڪن. ۽ تنهنجو رب ڄاڻي ٿو جيڪي لڪائن ٿا سينا انهن جا ۽ جو

يُعْلِنُوْنَ ﴿٦٩﴾ وَهُوَ اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ لَهُ الْحَمْدُ فِى

ظاهر ڪن ٿا. ۽ اهو ئي الله آهي ناهي ڪوئي مالڪ انهي کانسواءِ، ان جي ئي ساراهه آهي

الْاُوْلٰى وَالْاٰخِرَةِ وَلَهُ الْحُكْمُ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٧٠﴾

دنيا ۾ آخرت ۾ ۽ ان جو ئي حڪم آهي ۽ انهي ڏانهن موٽايا ويندؤ.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ جَعَلَ اللّٰهُ عَلَيْكُمُ الَّيْلَ سَرْمَدًا

تون چؤ خبر ڏيو جيڪڏهن ڪري الله توهان تي رات

هڪي

اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَنْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ يَاْتِيْكُمْ بِضِيَآءٍ

ڏينهن قيامت تائين ڪير آهي حاڪم الله کانسواءِ جو آڻي توهان تي

روشني،

اَفَلَا تَسْمَعُوْنَ ﴿٧١﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ جَعَلَ اللّٰهُ عَلَيْكُمُ

ڇا پوءِ نه ٿا ٻڌو. تون چؤ خبر ڏيو جيڪڏهن ڪري الله توهان تي

النَّهَارَ سَرْمَدًا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَنْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ

ڏينهن سانده قيامت جي ڏينهن تائين ڪير آهي حاڪم الله کان سواءِ

يَأْتِيْكُمْ بِلَيْلٍ تَسْكُنُوْنَ فِيْهِ ۗ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ﴿٧٢﴾ وَ
جو آڻي توهان وٽ رات کي آرام ڪيو جنهن ۾، ڇا پوءِ نٿا ڏسو. ۽

مِنْ رَّحْمَتِهٖ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ
پنهنجي رحمت سان ڪيائين توهان لاءِ رات ۽ ڏينهن جيئن آرام وٺو ان ۾

وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٧٣﴾ وَ
۽ طلب ڪريو ان جي فضل مان ۽ جيئن توهان شڪر ڪريو. ۽

يَوْمَ يُنَادِيْهِمْ فَيَقُوْلُ اَيْنَ شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ
جنهن ڏينهن سڏيندو انهن کي پوءِ چوندو ڪٿي آهن شريڪ منهنجا جن جو توهان

تَزْعُمُوْنَ ﴿٧٤﴾ وَنَزَعْنَا مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا فَقُلْنَا
تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ؕ وَاِنْ تَدْعُ مُثْقَلَةٌ اِلٰى حِمْلِهَا 6.165 35.18.

ڪڻندو ڪو بار ڪڻندڙ بار ٻئي جو، ۽ جيڪڏهن سڏيندو ڪو بار وارو پنهنجي بار ڏانهن 17.15 39.7

لَا يُحْمَلْ مِنْهُ شَيْءٌ وَّلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ؕ اِنَّمَا تُنْذِرُ 53.38

نه کڻبو ويندو ان مان ڪجهه به توڻي هجي مائٽي وارو، رڳو تون ڊيڄاريندين

الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ؕ

انهن کي جيڪي خوف رکن ٿا پنهنجي رب جو پرپٺ ۽ قائم ڪن ٿا نماز،

وَمَنْ تَزَكّٰى فَاِنَّمَا يَتَزَكّٰى لِنَفْسِهٖ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ﴿۱۸﴾

۽ جيڪو پاڪائي رکندو سو ءِ اهو پاڪائي رکي ٿو پنهنجي لاءِ، ۽ الله ڏانهن ئي موٽڻو آهي.

وَمَا يَسْتَوِي الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ﴿۱۹﴾ وَلَا الظُّلُمٰتُ وَ

۽ نه ٿو برابر ٿئي انڌو ۽ سڄو، ۽ نه اوندهه ۽

لَا النُّوْرُ ﴿۲۰﴾ وَلَا الظِّلُّ وَلَا الْحَرُوْرُ ﴿۲۱﴾ وَمَا يَسْتَوِي

نه سوجهرو، ۽ نه ڇانو ۽ نه ڪي اُس. ۽ ناهن برابر

الْاَحْيَآءُ وَلَا الْاَمْوَاتُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُسْمِعُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ

جيئرا ۽ نه ڪي مئل، بيشڪ الله ٻڌائي ٿو جنهن کي گهري،

وَمَآ اَنْتَ بِمُسْمِعٍ مَّنْ فِي الْقُبُوْرِ ﴿۲۲﴾ اِنْ اَنْتَ اِلَّا

۽ نه آهين تون ٻڌائيندڙ انهن کي جي قبرن ۾ آهن. ناهين تون مگر

نَذِيۡرٌ ﴿٢٣﴾ اِنَّاۤ اَرۡسَلۡنٰكَ بِالۡحَقِّ بَشِيۡرًا وَّنَذِيۡرًا ؕ وَاِنۡ مِّنۡ
ڊيڄاريندڙ. اسان توکي موڪليو آهي حق ڏيئي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري ۽ ناهي ڪا
اُمَّةٍ اِلَّا خَلَا فِيۡهَا نَذِيۡرٌ ﴿٢٤﴾ وَاِنۡ يُّكَذِّبُوۡكَ فَقَدۡ
امت مگر گذريو آهي ان ۾ ڊيڄاريندڙ. ۽ جيڪڏهن ڪوڙو ڪن ٿا توکي ته پوءِ
كَذَّبَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ۚ جَآءَتۡهُمۡ رُسُلُهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ
ڪوڙو ڪيو آهي انهن جيڪي کانئن اڳي هئا، آيا هئا انهن وٽ سندن رسول معجزن سان
وَبِالزُّبُرِ وَبِالۡكِتٰبِ الۡمُنِيۡرِ ﴿٢٥﴾ ثُمَّ اَخَذۡتُ الَّذِيۡنَ
۽ صحيفن سان ۽ ڪتاب روشن سان. پوءِ مون پڪڙيو انهن کي جن
كَفَرُوۡا فَكَيۡفَ كَانَ نَكِيۡرِ ﴿٢٦﴾ اَلَمۡ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنۡزَلَ ع ٣ ٢٢ ١٥
ڪفر ڪيو پوءِ ڪيئن هئي سختي منهنجي. ڇا نه ڏٺو تو بيشڪ الله لاٿو
مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَخۡرَجۡنَا بِهٖ ثَمَرٰتٍ مُّخۡتَلِفًا اَلۡوَانُهَا ؕ
آسمان مان پاڻي، پوءِ ڪڍياسون ان سان ميوا جدا جدا رنگ انهن جا.
وَمِنَ الۡجِبَالِ جُدَدٌ ۢ بِيۡضٌ وَّحُمۡرٌ مُّخۡتَلِفٌ اَلۡوَانُهَا
۽ جبلن مان ڪي پٽا اڇا ۽ ڳاڙها جدا جدا رنگن وارا
وَغَرَابِيۡبُ سُوۡدٌ ﴿٢٧﴾ وَمِنَ النَّاسِ وَالدَّوَآبِّ وَ
۽ ڪي نيور ڪارا. ۽ ماڻهن ۽ جانورن ۽
الۡاَنۡعَامِ مُخۡتَلِفٌ اَلۡوَانُهٗ كَذٰلِكَ ؕ اِنَّمَا يَخۡشَى اللّٰهَ
چوپاين مان جدا جدا رنگ انهن جا اهڙي طرح، رڳو ڊڄندا آهن الله کان

مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُا ۗ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ غَفُوْرٌ ﴿۲۸﴾ اِنَّ

سندن ٻانهن مان عالم. بيشڪ الله زبردست آهي بخشيندڙ آهي. بيشڪ

الَّذِيْنَ يَتْلُوْنَ كِتٰبَ اللّٰهِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْفَقُوْا

جيڪي ماڻهو پڙهن ٿا الله جو ڪتاب ۽ قائم ڪن ٿا نماز ۽ خرچين ٿا

مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً يَّرْجُوْنَ تِجَارَةً لَّنْ

اسان جي ڏنل مان لڪائي ۽ ظاهر ڪري اميد رکن ٿا اهڙي واپار جي جيڪو نه

تَبُوْرَ ﴿۲۹﴾ لِيُوَفِّيَهُمْ اُجُوْرَهُمْ وَيَزِيْدَهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ۗ

ويندو ٽوٽ ۾. جيئن پورو ڪري ڏئي کين سندن ثواب ۽ وڌائي ڏئين فضل پنهنجي مان،

اِنَّهٗ غَفُوْرٌ شَكُوْرٌ ﴿۳۰﴾ وَالَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ مِنَ

اهو ئي بخشيندڙ شڪر قبوليندڙ آهي. ۽ جيڪو اسان موڪليو آهي توڏانهن

الْكِتٰبِ هُوَ الْحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ ۗ اِنَّ اللّٰهَ

ڪتاب مان اهو ئي حق آهي بحال رکندڙ اڳين ڪتابن کي. بيشڪ الله

بِعِبَادِهٖ لَخَبِيْرٌ بَصِيْرٌ ﴿۳۱﴾ ثُمَّ اَوْرَثْنَا الْكِتٰبَ الَّذِيْنَ

پنهنجي ٻانهن تي خبر رکندڙ ڏسندڙ آهي. پوءِ وارث ڪيوسون ڪتاب جو انهنکي جن کي

اصْطَفَيْنَا مِنْ عِبَادِنَا ۚ فَمِنْهُمْ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ ۚ وَ

چونڊيوسون ٻانهن پنهنجن مان، پوءِ انهن مان ڪو نقصان ڪندڙ آهي پاڻ لاءِ ۽

مِنْهُمْ مُّقْتَصِدٌ ۚ وَمِنْهُمْ سَابِقٌۢ بِالْخَيْرٰتِ بِاِذْنِ اللّٰهِ ۗ

انهن مان ڪو وچٿرو آهي ۽ انهن مان ڪو اڳرو آهي ڀلاين ۾ حڪم الله جي سان.

ذٰلِكَ هُوَ الْفَضْلُ الْكَبِيْرُ ﴿٣٢﴾ جَنّٰتُ عَدْنٍ يَّدْخُلُوْنَهَا

اهو آهي احسان وڏو. باغ رهڻ جا اُهي داخل ٿيندا انهن ۾

يُحَلَّوْنَ فِيْهَا مِنْ اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّلُؤْلُؤًا ۚ وَلِبَاسُهُمْ

پارايا ويندن اتي پٽا سون جا ۽ موتي ۽ پوشاڪ انهن جي

فِيْهَا حَرِيْرٌ ﴿٣٣﴾ وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْٓ اَذْهَبَ عَنَّا

اتي آهي ريشم. ۽ چوندا شڪر الله جو جنهن نيو اسان کان

الْحَزَنَ ۭ اِنَّ رَبَّنَا لَغَفُوْرٌ شَكُوْرُۨ ﴿٣٤﴾ الَّذِيْٓ اَحَلَّنَا

ڏک، بيشڪ رب اسانجو بخشڻهار قدردان آهي، اهو جنهن لاٿو اسان کي

دَارَ الْمُقَامَةِ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ لَا يَمَسُّنَا فِيْهَا نَصَبٌ

سدا رهڻ واري گهر ۾ پنهنجي مهرباني سان، نه پهچي ٿي اسان کي اتي ڪا تڪليف

وَّلَا يَمَسُّنَا فِيْهَا لُغُوْبٌ ﴿٣٥﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَهُمْ

۽ نه پهچي ٿي اسانکي اتي مونجهه. ۽ جن ڪفر ڪيو تن لاءِ آهي

نَارُ جَهَنَّمَ ۚ لَا يُقْضٰى عَلَيْهِمْ فَيَمُوْتُوْا وَلَا يُخَفَّفُ

باهه دوزخ جي، نه حڪم ڪيو ويندو مٿا تن تہ مرن ۽ نه هلڪو ٿيندو

عَنْهُمْ مِّنْ عَذَابِهَا ۭ كَذٰلِكَ نَجْزِيْ كُلَّ كَفُوْرٍ ﴿٣٦﴾

انهن کان عذاب اتان جو، اهڙي طرح سزا ڏيندا آهيون هر بي شڪر کي.

وَهُمْ يَصْطَرِخُوْنَ فِيْهَا ۚ رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا نَعْمَلْ صَالِحًا

۽ اهي رڙيون ڪندا ان ۾، اي رب اسانجا ڪڍ اسانکي تہ عمل ڪريون چڱا

غَيْرَ الَّذِي كُنَّا نَعْمَلُ ۚ أَوَلَمْ نُعَمِّرْكُمْ مَا يَتَذَكَّرُ فِيهِ

نه آهي جيڪي ڪندا هئاسون، ڇا نه عمر ڏني هئي سون توهان کي ايتري جو سمجهي ان ۾

مَنْ تَذَكَّرَ وَجَاءَكُمُ النَّذِيرُ ۖ فَذُوقُوا فَمَا لِلظَّالِمِينَ

جيڪو سمجهي ۽ آيو توهان وٽ ڊيڄاريندڙ، پوءِ چکو جو ناهي ظالمن لاءِ

مِنْ نَصِيرٍ ﴿٣٧﴾ إِنَّ اللَّهَ عَالِمُ غَيْبِ السَّمَاوَاتِ وَ

ع ٤ ١١ ١٦

ڪوئي مددگار. بيشڪ الله ڄاڻندڙ آهي ڳجهه آسمانن ۽

الْأَرْضِ ۚ إِنَّهُ عَلِيمٌ بِذَاتِ الصُّدُورِ ﴿٣٨﴾ هُوَ الَّذِي

زمين جو، اهو ئي ڄاڻندڙ آهي رازن سينن جي جي. اهو آهي جنهن

جَعَلَكُمْ خَلَائِفَ فِي الْأَرْضِ ۚ فَمَنْ كَفَرَ فَعَلَيْهِ

ڪيو توهان کي جاءِ نشين زمين ۾، پوءِ جيڪو ڪفر ڪندو ته ان تي آهي

كُفْرُهُ ۖ وَلَا يَزِيدُ الْكَافِرِينَ كُفْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ

ڪفر انهيءَ جو، ۽ نه وڌائيندو ڪافرن تي ڪفر انهن جو سندن رب وٽ

إِلَّا مَقْتًا ۖ وَلَا يَزِيدُ الْكَافِرِينَ كُفْرُهُمْ إِلَّا خَسَارًا ﴿٣٩﴾

مگر ڏمر کي، ۽ نه وڌائيندو ڪافرن تي سندن ڪفر مگر نقصان کي.

قُلْ أَرَأَيْتُمْ شُرَكَاءَكُمُ الَّذِينَ تَدْعُونَ مِنْ دُونِ

چئو ڇا ڏٺا اٿو شريڪ پنهنجا جن کي پڪاريو ٿا سواءِ

اللَّهِ أَرُونِي مَاذَا خَلَقُوا مِنَ الْأَرْضِ أَمْ لَهُمْ شِرْكٌ

الله جي، ڏيکاريو مون کي ڇا خلقيو اٿن زمين ۾ يا انهن جو ڀائيچارو آهي

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

فِى السَّمٰوٰتِ ۚ اَمْ اٰتَيْنٰهُمْ كِتٰبًا فَهُمْ عَلٰى بَيِّنَتٍ مِّنْهُ ۚ

آسمانن ۾، يا ڏنو اٿئون انھن کي ڪتاب پوءِ اهي آهن ان جي حوالي تي،

بَلْ اِنْ يَّعِدُ الظّٰلِمُوْنَ بَعْضُهُمْ بَعْضًا اِلَّا غُرُوْرًا ﴿٤٠﴾

پر نہ ٿا ڪن وعدو ظالم هڪ ٻئي سان مگر ڌوڪي جو.

اِنَّ اللّٰهَ يُمْسِكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ اَنْ تَزُوْلَا ۚ وَ

بيشڪ الله جھلي بيٺو آهي آسمانن ۽ زمين کي ٽڙي وڃڻ کان،

لَئِنْ زَالَتَآ اِنْ اَمْسَكَهُمَا مِنْ اَحَدٍ مِّنْ بَعْدِهٖ ۭ

جي ٽڙي ويا تہ نہ جھلي سگھندو انھن کي ڪوئي ان کان پوءِ،

اِنَّهٗ كَانَ حَلِيْمًا غَفُوْرًا ﴿٤١﴾ وَ اَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ

يقينن اهو آهي بردبار بخشڻھار. ۽ قسم کنيا ٿون الله جا پڪا قسم

لَئِنْ جَآءَهُمْ نَذِيْرٌ لَّيَكُوْنُنَّ اَهْدٰى مِنْ اِحْدَى

تہ جيڪڏهن آيو انھن وٽ ڪو ڊيڄاريندڙ تہ ضرور ٿيندا وڌيڪ هدايت وارا هر هڪ

الْاُمَمِ ۚ فَلَمَّا جَآءَهُمْ نَذِيْرٌ مَّا زَادَهُمْ اِلَّا نُفُوْرًا ﴿٤٢﴾

امت کان، پوءِ جڏهن آيو انھن وٽ ڊيڄاريندڙ تہ وڌايائين انھن لاءِ مگر نفرت کي،

اِسْتِكْبَارًا فِى الْاَرْضِ وَ مَكْرَ السَّيِّئِ ۭ وَ لَا يَحِيْقُ

مغروري جي ڪري ملڪ ۾ ۽ رٿ بڇڙي کي، ۽ نہ وڪوڙي ڪندي

الْمَكْرُ السَّيِّئُ اِلَّا بِاَهْلِهٖ ۭ فَهَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا سُنَّتَ

رٿ بڇڙي مگر ٿيندڙن کي، پوءِ ڇا اهي انتظار ڪن ٿا رڳو ڪارروائي

الْاَوَّلِيْنَ ۚ فَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ۚ وَلَنْ

اڳين وارن جو، پوءِ هرگز نه لهندين طريقي کار الله جي ۾ ڪا تبديلي، ۽ هرگز نه

تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَحْوِيْلًا ﴿۴۳﴾ اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ

لهندين الله جي دستور ۾ ڪو ڦيرو. ڇا نه گهميا آهن زمين ۾

فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ وَ

پوءِ ڏسن ها ته ڪيئن ٿي پڇاڙي انهن جي جيڪي انهن کان اڳ هئا ۽

كَانُوْٓا اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً ۭ وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعْجِزَهٗ مِنْ

هئا اهي ڏاڍا انهن کان طاقت ۾، ۽ الله اهڙو نه آهي جو عاجز ڪري ڪيس

شَيْءٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَلَا فِي الْاَرْضِ ۭ اِنَّهٗ كَانَ عَلِيْمًا

ڪا شيءِ آسمانن ۾ ۽ نڪي زمين ۾، بيشڪ اهو ڄاڻندڙ آهي

قَدِيْرًا ﴿۴۴﴾ وَلَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِمَا كَسَبُوْا مَا تَرَكَ

سگهه رکندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن پڪڙي ها الله ماڻهن کي سندن ڪئي سبب ته نه ڇڏي ها

عَلٰي ظَهْرِهَا مِنْ دَآبَّةٍ وَّلٰكِنْ يُّؤَخِّرُهُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ

ڌرتي جي پٺي تي ڪوئي چرندڙ پر ڍرڏئي ٿو انهن کي وقت

مُّسَمًّى ۚ فَاِذَا جَاۗءَ اَجَلُهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ

مقرر تائين، پوءِ جڏهن ايندو وقت انهن جو پوءِ بيشڪ الله آهي

بِعِبَادِهٖ بَصِيْرًا ﴿۴۵﴾ ع

پنهنجي ٻانهن تي نگاهه رکندڙ.

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

سُوْرَةُ يٰسٓ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ ثَلٰثٌ وَّ ثَمَانُوْنَ اٰيَةً وَّخَمْسُ رُكُوْعَاتٍ

سورت يٰس مڪي آهي ۽ ان ۾ ٽياسي آيتون ۽ پنج رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

شروع الله ڄا ڄاري مهربان جي نالي سان.

يٰسٓ ۝١ وَالْقُرْاٰنِ الْحَكِيْمِ ۝٢ اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ۝٣

يٰس. قسم آهي قرآن حڪمت واري جو. ته يقيناً تون رسولن مان آهين.

عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ۝٤ تَنْزِيْلَ الْعَزِيْزِ الرَّحِيْمِ ۝٥

رستي سڌي تي آهين. نازل ڪيل زبردست رحم واري جو.

لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اُنْذِرَ اٰبَآؤُهُمْ فَهُمْ غٰفِلُوْنَ ۝٦

جيئن ڊيڄارين ان قوم کي جو نه ڊيڄاريا ويا ابا ڏاڏا انهن جا پوءِ اهي بي خبر آهن.

لَقَدْ حَقَّ الْقَوْلُ عَلٰٓى اَكْثَرِهِمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۝٧

بيشڪ ثابت ٿيو ٻول انهن مان گهڻن تي پوءِ اهي نه ايمان آڻيندا.

اِنَّا جَعَلْنَا فِيْٓ اَعْنَاقِهِمْ اَغْلٰلًا فَهِيَ اِلَى الْاَذْقَانِ

بيشڪ ڪياسون ڳچين انهن جي ۾ ڳٽ پوءِ اهي ڪاڏين تائين هوندا

فَهُمْ مُّقْمَحُوْنَ ۝٨ وَجَعَلْنَا مِنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ

پوءِ اهي ڳاٽي ٽنگيل ٿيندا. ۽ ڪنداسون انهن جي اڳيان

سَدًّا وَّمِنْ خَلْفِهِمْ سَدًّا فَاَغْشَيْنٰهُمْ فَهُمْ لَا

بند ۽ انهن جي پويان بند پوءِ ڍڪين ڏيداسون پوءِ اهي نه

يُبْصِرُوْنَ ⑨ وَسَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ

ڏسندا. ۽ برابر آهي انهن لاءِ جو تون ڊيڄارين انهن کي يا نه

تُنْذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ⑩ اِنَّمَا تُنْذِرُ مَنِ اتَّبَعَ

ڊيڄارين اهي ڪونه مڃيندا. تون رڳو ان کي ڊيڄارينديں جيڪو هليو

الذِّكْرَ وَخَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ ۚ فَبَشِّرْهُ بِمَغْفِرَةٍ

سمجهاڻي تي ۽ ڊنو الله کان ڳجهه ۾، پوءِ مبارڪ ڏي انکي بخشش جي

وَّاَجْرٍ كَرِيْمٍ ⑪ اِنَّا نَحْنُ نُحْيِ الْمَوْتٰى وَنَكْتُبُ مَا

۽ اجر عزت واري جي. بيشڪ اسين جيئرو ڪيون ٿا مئلن کي ۽ لکون ٿا جيڪي

قَدَّمُوْا وَاٰثَارَهُمْ ۗ وَكُلَّ شَيْءٍ اَحْصَيْنٰهُ فِيْٓ اِمَامٍ

اڳي موڪليائون ۽ سندن نشانن کي، ۽ هر شيءِ کي ڳڻي رکيو آهي اسان لوح

مُّبِيْنٍ ⑫ وَاضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلًا اَصْحٰبَ الْقَرْيَةِ ۘ اِذْ

محفوظ ۾. ۽ ٻڌاءِ انهن کي واقعو ان ڳوٺ وارن جو جڏهن

جَآءَهَا الْمُرْسَلُوْنَ ⑬ اِذْ اَرْسَلْنَآ اِلَيْهِمُ اثْنَيْنِ فَكَذَّبُوْهُمَا

آيا اتي رسول. جڏهن موڪلياسون انهن ڏانهن ٻه ڄڻا پوءِ ڪوڙو ڄاتائون انهن کي

فَعَزَّزْنَا بِثَالِثٍ فَقَالُوْٓا اِنَّآ اِلَيْكُمْ مُّرْسَلُوْنَ ⑭ قَالُوْا

پوءِ پٺڀرائي ڪئي سون ٽئين سان پوءِ چيائون اسان توهان ڏانهن موڪليل آهيون. انهن چيو

مَآ اَنْتُمْ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ۙ وَمَآ اَنْزَلَ الرَّحْمٰنُ مِنْ

توهان نه رڳو ماڻهو آهيو اسان جهڙا ۽ ڪونه موڪليو آهي (الله) ٻاجهاري

شَيْءٍ ۙ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا تَكْذِبُوْنَ ﴿١٥﴾ قَالُوْا رَبُّنَا

ڪجهه، رڳو توهان ڪوڙ ٿا ڳالهايو. چيائون رب اسان جو

يَعْلَمُ اِنَّآ اِلَيْكُمْ لَمُرْسَلُوْنَ ﴿١٦﴾ وَمَا عَلَيْنَآ اِلَّا

ڄاڻي ٿو ته اسان اوهان ڏانهن موڪليل آهيون. ۽ رڳو اسان تي آهي

الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿١٧﴾ قَالُوْٓا اِنَّا تَطَيَّرْنَا بِكُمْ ۚ

پهچائڻ پڌرو. انهن چيو اسان نياڳ ڄاتو آهي توهان جو.

لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهُوْا لَنَرْجُمَنَّكُمْ وَلَيَمَسَّنَّكُمْ

جيڪڏهن نه مُڙندؤ ته ضرور پٿرهڻي ماريندا سون توهانکي ۽ ضرور پهچندو توهانکي

مِّنَّا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٨﴾ قَالُوْا طَآئِرُكُمْ مَّعَكُمْ ۭ

اسان کان عذاب دردناڪ. چيائون نياڳ توهانجو توهان سان آهي،

اَئِنْ ذُكِّرْتُمْ ۭ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ مُّسْرِفُوْنَ ﴿١٩﴾

ڇا ان ڪري جو سمجهايو ويو توهانکي، بلڪ اوهان ماڻهو آهيو ليڪو لنگهندڙ.

وَجَآءَ مِنْ اَقْصَا الْمَدِيْنَةِ رَجُلٌ

۽ آيو پاهران شهر جي هڪ ماڻهو

يَّسْعٰى قَالَ يٰقَوْمِ اتَّبِعُوا الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٢٠﴾ اتَّبِعُوْا

ڊوڙندو چيائين اي منهنجي قوم تابعداري ڪريو رسولن جي. تابعداري ڪريو

مَنْ لَّا يَسْئَلُكُمْ اَجْرًا وَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿٢١﴾

اهڙن جي جيڪي نه ٿا گهرن توهان کان اجورو ۽ اهي هدايت وارا آهن.

وَمَا لِيَ لَآ أَعۡبُدُ ٱلَّذِي فَطَرَنِي وَإِلَيۡهِ تُرۡجَعُونَ ﴿٢٢﴾

۽ ڇا ھي مونکي جو نہ بندگي ڪريان ان ذات جي جنھن پيدا ڪيو مونکي ۽ انھي ڏانھن موٽايا ويندؤ.

ءَأَتَّخِذُ مِن دُونِهِۦٓ ءَالِهَةً إِن يُرِدۡنِ ٱلرَّحۡمَٰنُ بِضُرٍّ

ڇا بڻايان مان انھي ڪانسواءِ ٻيا مالڪ جو جيڪڏھن گھري مون لاءِ رحمان ڪو نقصان

لَّا تُغۡنِ عَنِّي شَفَٰعَتُهُمۡ شَيۡـًٔا وَلَا يُنقِذُونِ ﴿٢٣﴾ إِنِّيٓ

تہ نہ ٽاريندي مون کان پارت انھن جي ڪجھ بہ ۽ نڪي اھي ڇڏائيندم. بيشڪ مان

إِذًا لَّفِي ضَلَٰلٍ مُّبِينٍ ﴿٢٤﴾ إِنِّيٓ ءَامَنتُ بِرَبِّكُمۡ فَٱسۡمَعُونِ ﴿٢٥﴾

ان وقت ھوندس گمراھي پڌري ۾. مان ايمان آندو توھانجي رب تي پوءِ ٻڌو مون کان.

قِيلَ ٱدۡخُلِ ٱلۡجَنَّةَۖ قَالَ يَٰلَيۡتَ قَوۡمِي يَعۡلَمُونَ ﴿٢٦﴾ بِمَا

حُڪم ٿيس ھل جنت ۾، چيائين ڪاش قوم منھنجي ڄاڻي ھا، ان ڪي جو

غَفَرَ لِي رَبِّي وَجَعَلَنِي مِنَ ٱلۡمُكۡرَمِينَ ﴿٢٧﴾ وَمَآ أَنزَلۡنَا

بخشيو مونکي رب منھنجي ۽ ڪيائين مونکي عزت وارن مان. ۽ نہ لاٿو اسان

عَلَىٰ قَوۡمِهِۦ مِنۢ بَعۡدِهِۦ مِن جُندٍ مِّنَ ٱلسَّمَآءِ وَمَا كُنَّا

ان جي قوم تي ان کان پوءِ ڪو لشڪر آسمان کان ۽ نڪي آھيون

مُنزِلِينَ ﴿٢٨﴾ إِن كَانَتۡ إِلَّا صَيۡحَةً وَٰحِدَةً فَإِذَا هُمۡ

لاھيندڙ. رڳو ھئي (رڙ) ھڪل ھڪڙي پوءِ اوچتو اھي

خَٰمِدُونَ ﴿٢٩﴾ يَٰحَسۡرَةً عَلَى ٱلۡعِبَادِۚ مَا يَأۡتِيهِم مِّن

اُجھامي ويا. ھاءِ افسوس ٻانھن تي، نہ آيو انھن وٽ ڪو

رَسُوْلٍ اِلَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٣٠﴾ اَلَمْ يَرَوْا كَمْ اَهْلَكْنَا

رسول جنهن تي ا هي ٺوڪون نه ڪندا هجن. ڇا نه ڏٺائون ته ڪيترن ئي تباهه ڪيون سين

قَبْلَهُمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ اَنَّهُمْ اِلَيْهِمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿٣١﴾ وَاِنْ

انهن کان اڳ پيڙهيون جو اهي انهن ڏانهن نه ٿا موٽن. ۽ نه آهن

كُلٌّ لَّمَّا جَمِيْعٌ لَّدَيْنَا مُحْضَرُوْنَ ﴿٣٢﴾ وَاٰيَةٌ لَّهُمُ الْاَرْضُ

سمورا مگر مڙئي ئي اسان وٽ حاضر ڪيل آهن. ۽ نشاني آهي انهن لاءِ زمين

الْمَيْتَةُ ۚۖ اَحْيَيْنٰهَا وَاَخْرَجْنَا مِنْهَا حَبًّا فَمِنْهُ يَاْكُلُوْنَ ﴿٣٣﴾

غير آباد. جياريوسون انکي ۽ ڪڍيوسون ان مان اناج پوءِ انهي مان اهي کائن ٿا.

وَجَعَلْنَا فِيْهَا جَنّٰتٍ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّاَعْنَابٍ وَّفَجَّرْنَا فِيْهَا

۽ بنايا سون ان ۾ باغ کجين ۽ انگورن جا ۽ جاري ڪياسون انهي ۾

مِنَ الْعُيُوْنِ ﴿٣٤﴾ لِيَاْكُلُوْا مِنْ ثَمَرِهٖ ۙ وَمَا عَمِلَتْهُ اَيْدِيْهِمْ ۭ اَفَلَا

چشما. جيئن کائن ڦل ان جو ۽ جيڪي ڪمايو انهن جي هٿن، ڇا پوءِ

يَشْكُرُوْنَ ﴿٣٥﴾ سُبْحٰنَ الَّذِيْ خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا مِمَّا

نه ٿا شڪر ڪن؟ پاڪ آهي اها ذات جنهن پيدا ڪيو جنس سيئي ڪي انهي کان جو

تُنْۢبِتُ الْاَرْضُ وَمِنْ اَنْفُسِهِمْ وَمِمَّا لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٦﴾

ڄمائي ٿي زمين ۽ خود ماڻهن مان ۽ انهن شين مان جنکي اهي نه ٿا ڄاڻن.

وَاٰيَةٌ لَّهُمُ الَّيْلُ ښ نَسْلَخُ مِنْهُ النَّهَارَ فَاِذَا هُمْ مُّظْلِمُوْنَ ﴿٣٧﴾

۽ نشاني آهي انهن لاءِ رات، جيڪي ڪڍون ٿا ان کان ڏينهن کي پوءِ اوچتو اهي اونده ۾ آهن.

وَالشَّمْسُ تَجْرِيْ لِمُسْتَقَرٍّ لَّهَا ؕ ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ

۽ سج هلي ٿو پنهنجي ٺهيل رستي تي، اها آهي جوڙجڪ زبردست

الْعَلِيْمِ ﴿۳۸﴾ وَالْقَمَرَ قَدَّرْنٰهُ مَنَازِلَ حَتّٰى عَادَ

علم رکندڙ جي. ۽ چنڊ جون مقرر ڪيون سين منزلون نيٺ وڃي ٿئي ٿو

كَالْعُرْجُوْنِ الْقَدِيْمِ ﴿۳۹﴾ لَا الشَّمْسُ يَنْۢبَغِيْ لَهَآ

جهڙي مڙيل ڳڀي پراڻي نه سج کان ٿيندو

اَنْ تُدْرِكَ الْقَمَرَ وَلَا الَّيْلُ سَابِقُ النَّهَارِ ؕ وَكُلٌّ

جو پهچي چنڊ کي ۽ نڪي رات اڳرائي ڪندي ڏينهن تي، ۽ سڀئي

فِيْ فَلَكٍ يَّسْبَحُوْنَ ﴿۴۰﴾ وَاٰيَةٌ لَّهُمْ اَنَّا حَمَلْنَا ذُرِّيَّتَهُمْ

پنهنجي مدار ۾ گردش ٿا ڪن. ۽ نشاني آهي انهن لاءِ ته اسان کنيو انهن جي نسل کي

فِي الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿۴۱﴾ وَخَلَقْنَا لَهُمْ مِّنْ مِّثْلِهٖ مَا

ٻيڙي ڀريل ۾. ۽ پيدا ڪيون اسان انهن لاءِ ان جهڙيون جن تي

يَرْكَبُوْنَ ﴿۴۲﴾ وَاِنْ نَّشَاْ نُغْرِقْهُمْ فَلَا صَرِيْخَ لَهُمْ وَلَا

سوار ٿين ٿا. ۽ جيڪڏهن اسان گهرون ته کين ٻوڙيون پوءِ نه ڪو واهر وانهن جو ۽ نڪي

هُمْ يُنْقَذُوْنَ ﴿۴۳﴾ اِلَّا رَحْمَةً مِّنَّا وَمَتَاعًا اِلٰى حِيْنٍ ﴿۴۴﴾

آهي ڇڏايا ويندا، مگر رحمت اسان جي ۽ فائدو ڪجهه وقت تائين.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّقُوْا مَا بَيْنَ اَيْدِيْكُمْ وَمَا خَلْفَكُمْ

۽ جڏهن چيو ويو انهن کي ڊڄو ان کان جو توهان جي اڳيان آهي ۽ جو توهان جي پٺيان آهي

لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٤٥﴾ وَمَا تَأْتِيْهِمْ مِّنْ اٰيَةٍ مِّنْ اٰيٰتِ
ته مَن توهان رحم ڪيا وڃو. ۽ نه ايندي هئي انهن وٽ ڪا نشاني نشانين مان

رَبِّهِمْ اِلَّا كَانُوْا عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ ﴿٤٦﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ
سندن رب ڪان مگر هئا ان ڪان منهن موڙيندڙ. ۽ جڏهن چيو ويو انهن کي

اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ ۙ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ
ته خرچ ڪريو ان مان جيڪي ڏنو آهي توهان کي الله، چيو جن ڪفر ڪيو انهن کي جن

اٰمَنُوْٓا اَنُطْعِمُ مَنْ لَّوْ يَشَآءُ اللّٰهُ اَطْعَمَهٗٓ ۖ اِنْ اَنْتُمْ
ايمان آندو ڇا کارايون اسين انکي جي گهري ها الله ته کارائي ها انهي کي ؟ ناهيو توهان

اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٤٧﴾ وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ
مگر گمراهي پڌري ۾. ۽ چون ٿا ڪڏهن ٿيندو اهو موقعو

اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٨﴾ مَا يَنْظُرُوْنَ اِلَّا صَيْحَةً
جيڪڏهن آهيو اوهين سچ چوندڙ. نه ٿا انتظار ڪن مگر هڪل

وَّاحِدَةً تَاْخُذُهُمْ وَهُمْ يَخِصِّمُوْنَ ﴿٤٩﴾ فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ
هڪڙي جو سا پڪڙيندي انهن کي ۽ اهي پاڻ ۾ وڙهندا هوندا. پوءِ نه ڪري سگهندا

3 ع 18 2 تَوْصِيَةً وَّلَآ اِلٰٓى اَهْلِهِمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع وَنُفِخَ فِى
جو ڪجهه وصيت ڇني مرڻ ۽ نڪي پنهنجي عيال ڏانهن واپس ٿيندا. ۽ ڦوڪ ڏني

الصُّوْرِ فَاِذَا هُمْ مِّنَ الْاَجْدَاثِ اِلٰى رَبِّهِمْ يَنْسِلُوْنَ ﴿٥١﴾
ڪرنا ۾ پوءِ اوچتو اهي قبرن مان نڪري پنهنجي رب ڏانهن ڊوڙندا.

وقف لازم
وقف غفران
وقف منزل

قَالُوْا يٰوَيْلَنَا مَنْۢ بَعَثَنَا مِنْ مَّرْقَدِنَا ۜ هٰذَا مَا وَعَدَ
چوندا ها ء مصيبت ڪنهن اُٿاريو اسان کي پنهنجي ننڊ واري جاءِ مان، اجهو هي وعدو آهي

الرَّحْمٰنُ وَصَدَقَ الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٥٢﴾ اِنْ كَانَتْ اِلَّا
رحمان جو ۽ سچ چيو هو رسولن. نہ هوندي مگر

صَيْحَةً وَّاحِدَةً فَاِذَا هُمْ جَمِيْعٌ لَّدَيْنَا مُحْضَرُوْنَ ﴿٥٣﴾
هڪل هڪڙي پوءِ اوچتو اهي سمورا اسان وٽ حاضر ڪيا ويندا.

فَالْيَوْمَ لَا تُظْلَمُ نَفْسٌ شَيْـًٔا وَّلَا تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا
پوءِ اڄ نہ ظلم ٿيندو ڪنهن ساهہ کي ڪجهہ ۽ نہ ئي بدلو ملندو توهان کي مگر جيڪي

كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٥٤﴾ اِنَّ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ الْيَوْمَ فِيْ
توهان ڪندا هئا. بيشڪ بهشت وارا اڄ

شُغُلٍ فٰكِهُوْنَ ﴿٥٥﴾ هُمْ وَاَزْوَاجُهُمْ فِيْ ظِلٰلٍ عَلَى
شغل ۾ خوش هوندا. اهي ۽ سندن زالون پاڇين ۾

الْاَرَاۗىِٕكِ مُتَّكِـُٔوْنَ ﴿٥٦﴾ لَهُمْ فِيْهَا فَاكِهَةٌ وَّلَهُمْ مَّا
پلنگن تي ٽيڪ ڏيو ويٺا هوندا. انهن لاءِ اتي ميوا هوندا ۽ انهن لاءِ آهي جيڪي

يَدَّعُوْنَ ﴿٥٧﴾ سَلٰمٌ ۣ قَوْلًا مِّنْ رَّبٍّ رَّحِيْمٍ ﴿٥٨﴾ وَامْتَازُوا
گهرندا. سلام چيو ويندن رب مهربان طرفان. ۽ ڌار ٿيو

الْيَوْمَ اَيُّهَا الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٥٩﴾ اَلَمْ اَعْهَدْ اِلَيْكُمْ يٰبَنِيْٓ
اڄ اي ڏوهاريو. ڇا نہ چيو هو مون توهان کي اي اولاد

منزل ٥

أٰدَمَ أَنْ لَّا تَعْبُدُوا الشَّيْطٰنَ ۚ إِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ

آدم جي ٽه نه عبادت ڪجو شيطان جي، بيشڪ اهو توهان جو دشمن

مُّبِينٌ ﴿٦٠﴾ وَّأَنِ اعْبُدُونِي ۚ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيمٌ ﴿٦١﴾

پڌرو آهي. ۽ عبادت ڪريو منهنجي، هيءُ رستو سڌو آهي.

وَلَقَدْ أَضَلَّ مِنْكُمْ جِبِلًّا كَثِيرًا ۖ أَفَلَمْ تَكُونُوا

۽ اهو ڪاري ويو آهي توهان جا ماڻهو گهڻائي، ڇا پوءِ توهان اهو

تَعْقِلُونَ ﴿٦٢﴾ هٰذِهٖ جَهَنَّمُ الَّتِي كُنْتُمْ تُوعَدُونَ ﴿٦٣﴾

نه ٿي ڄاتو؟ هيءُ دوزخ آهي جنهن جو توهان کي وعدو ڏنل هو.

اِصْلَوْهَا الْيَوْمَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُونَ ﴿٦٤﴾ اَلْيَوْمَ نَخْتِمُ

داخل ٿيو ان ۾ اڄ جو توهان ڪفر ڪندا هئا. اڄ مهر هڻنداسون

عَلٰٓى أَفْوَاهِهِمْ وَتُكَلِّمُنَآ أَيْدِيهِمْ وَتَشْهَدُ أَرْجُلُهُمْ

انهن جي وات تي ۽ ڳالهائيندا اسان سان هٿ انهن جا ۽ شاهدي ڏيندا پير انهن جا

بِمَا كَانُوا يَكْسِبُونَ ﴿٦٥﴾ وَلَوْ نَشَآءُ لَطَمَسْنَا عَلٰٓى أَعْيُنِهِمْ

جيڪي اهي ڪم ڪندا هئا. ۽ جيڪڏهن اسين گهرون ته ليپو ڏيون سندن اکين تي

فَاسْتَبَقُوا الصِّرَاطَ فَأَنّٰى يُبْصِرُونَ ﴿٦٦﴾ وَلَوْ نَشَآءُ

پوءِ پڇن رستي ڏانهن پوءِ ڪيئن ڏسندا. ۽ جيڪڏهن اسين گهرون

لَمَسَخْنٰهُمْ عَلٰى مَكَانَتِهِمْ فَمَا اسْتَطَاعُوا مُضِيًّا وَّ

ته سندن شڪل بدلايون جتي جو هجن پوءِ نه هلي سگهندا اڳتي ۽

وقف غفران ١٢

لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿٦٧﴾ ع وَمَنْ نُّعَمِّرْهُ نُنَكِّسْهُ فِي الْخَلْقِ ع ١٧

نه پوءِ ٿي موٽندا . ۽ جنهن کي وڏي عمر ڏيندا آهيون ته اُبتو ڪندا آهيون انکي بناوت ۾

اَفَلَا يَعْقِلُوْنَ ﴿٦٨﴾ وَمَا عَلَّمْنٰهُ الشِّعْرَ وَمَا يَنْۢبَغِيْ

ڇا پوءِ نه ٿا سمجهن. ۽ نه سيکاريو اسان انهي کي شعر ۽ نڪي لائق آهي

لَهٗ ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ وَّقُرْاٰنٌ مُّبِيْنٌ ﴿٦٩﴾ لِّيُنْذِرَ مَنْ

ان لاءِ، هي ۽ رڳو نصيحت ۽ قرآن ظاهر آهي. جيئن ڊيڄاري ان کي

كَانَ حَيًّا وَّيَحِقَّ الْقَوْلُ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٧٠﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا

جيڪو هجي جيئرو ۽ ثابت ٿئي عذاب ڪافرن تي. ڇا نه ڏٺائون

اَنَّا خَلَقْنَا لَهُمْ مِّمَّا عَمِلَتْ اَيْدِيْنَآ اَنْعَامًا فَهُمْ لَهَا

ته اسان پيدا ڪيا انهن لاءِ پنهنجي قدرت سان چوپايا پوءِ اهي انهن جا

مٰلِكُوْنَ ﴿٧١﴾ وَذَلَّلْنٰهَا لَهُمْ فَمِنْهَا رَكُوْبُهُمْ وَمِنْهَا

مالڪ آهن . ۽ اهي نوايا سون انهن لاءِ پوءِ ڪي سندن چڙهڻ جا آهن ۽ ڪن کي

يَاْكُلُوْنَ ﴿٧٢﴾ وَلَهُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ وَمَشَارِبُ ؕ اَفَلَا

کائيندا آهن . ۽ انهن لاءِ جانورن ۾ ٻيا فائدا به آهن ۽ (کير) پيئڻ ، ڇا پوءِ نه

يَشْكُرُوْنَ ﴿٧٣﴾ وَاتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لَّعَلَّهُمْ

ٿا شڪر ڪن. ۽ ورتائون الله کان سواءِ ٻيا خدا ته شايد انهن جي

يُنْصَرُوْنَ ﴿٧٤﴾ ؕ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَهُمْ وَهُمْ لَهُمْ جُنْدٌ

مدد ڪئي ويندي . اهي نه ڪري سگهندا مدد انهن جي ۽ اهي انهن جو لشڪر هوندا

مُحْضَرُونَ ﴿٧٥﴾ فَلَا يَحْزُنكَ قَوْلُهُمْ ۘ إِنَّا نَعْلَمُ مَا

حاضر ڪيل. پوءِ ڏکارو نه ڪري توکي ڳالهيون انهن جون، بيشڪ اسين ڄاڻون ٿا جيڪي

وقف لازم

يُسِرُّونَ وَمَا يُعْلِنُونَ ﴿٧٦﴾ أَوَلَمْ يَرَ الْإِنسَانُ أَنَّا خَلَقْنَاهُ

لڪائن ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا. ڇا نه ڏٺو انسان ته اسان پيدا ڪيو ان کي

مِن نُّطْفَةٍ فَإِذَا هُوَ خَصِيمٌ مُّبِينٌ ﴿٧٧﴾ وَضَرَبَ لَنَا مَثَلًا

قطري مان پوءِ اوچتو اهو ٿيو جهڳڙالو پڌرو. ۽ ٺاهيائين اسان لاءِ مثال

وَنَسِيَ خَلْقَهُ ۖ قَالَ مَن يُحْيِي الْعِظَامَ وَهِيَ رَمِيمٌ ﴿٧٨﴾

۽ وساريائين پنهنجي پيدائش، چيائين ڪير جيئرو ڪندو هڏن کي جڏهن اهي ڳريل هجن؟

قُلْ يُحْيِيهَا الَّذِي أَنشَأَهَا أَوَّلَ مَرَّةٍ ۖ وَهُوَ بِكُلِّ

چؤ جيئرو ڪندو انهن کي اهو جنهن پيدا ڪيو هو انهن کي پهرين ڀيري، ۽ اهو هر

خَلْقٍ عَلِيمٌ ﴿٧٩﴾ الَّذِي جَعَلَ لَكُم مِّنَ الشَّجَرِ

پيدائش کي ڄاڻندڙ آهي، جنهن پيدا ڪئي توهان لاءِ وڻ

الْأَخْضَرِ نَارًا فَإِذَا أَنتُم مِّنْهُ تُوقِدُونَ ﴿٨٠﴾ أَوَلَيْسَ

ساوي مان باهه پوءِ ان وقت توهان ان مان باهه ٻاريو ٿا. ڇا نه آهي

الَّذِي خَلَقَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ بِقَادِرٍ عَلَىٰ أَن

اهو جنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي وسوارو هن تي جو

يَخْلُقَ مِثْلَهُم ۚ بَلَىٰ وَهُوَ الْخَلَّاقُ الْعَلِيمُ ﴿٨١﴾ إِنَّمَا

پيدا ڪري انهن جهڙا، هائو ۽ اهو ئي پيدا ڪندڙ آهي ڄاڻندڙ آهي. بس

وقف غفران ١٢

أَمْرُهُۥٓ إِذَآ أَرَادَ شَيْـًٔا أَن يَقُولَ لَهُۥ كُن فَيَكُونُ ﴿٨٢﴾

حڪم ان جو جڏهن ارادو ڪري ڪنهن شيءِ جو ته چوي اُن کي ٿيءُ ته ٿيو پوي.

فَسُبْحَٰنَ ٱلَّذِى بِيَدِهِۦ مَلَكُوتُ كُلِّ شَىْءٍ وَ

پوءِ پاڪ آهي اها ذات جنهن جي هٿ ۾ آهي حڪومت هر شيءِ جي ۽

إِلَيْهِ تُرْجَعُونَ ﴿٨٣﴾

انهيءَ ڏانهن ئي موٽايا ويندؤ.

سُورَةُ الصَّٰفَّٰتِ مَكِّيَّةٌ وَهِيَ مِائَةٌ وَّاثْنَانِ وَّثَمَانُونَ اٰيَةً وَّخَمْسُ رُكُوعَاتٍ

سورت الصّافّات مڪي آهي ۽ هڪ سؤ ٻياسي آيتون ۽ پنج رڪوع آهي.

بِسْمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحْمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَٱلصَّٰٓفَّٰتِ صَفًّا ﴿١﴾ فَٱلزَّٰجِرَٰتِ زَجْرًا ﴿٢﴾ فَٱلتَّٰلِيَٰتِ

قسم آهي صف ٻڌندڙن جو قطار ڪري، پوءِ هڪل ڪندڙن جو رسان هڪل ڪري، پوءِ پڙهندڙن جو

ذِكْرًا ﴿٣﴾ إِنَّ إِلَٰهَكُمْ لَوَٰحِدٌ ﴿٤﴾ رَّبُّ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَ

ياد ڪري، بيشڪ حاڪم توهان جو هڪ ئي آهي. پروردگار آسمانن ۽

ٱلْأَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا وَرَبُّ ٱلْمَشَٰرِقِ ﴿٥﴾ إِنَّا زَيَّنَّا

زمين جو ۽ جيڪي ٻنهي جي وچ ۾ آهي ۽ پالڻهار اُڀرندن جو. بيشڪ اسان سينگاريو سون

ٱلسَّمَآءَ ٱلدُّنْيَا بِزِينَةٍ ٱلْكَوَاكِبِ ﴿٦﴾ وَحِفْظًا مِّن

آسمان دنيا جو سونهن ستارن جي سان، ۽ بچاءُ ڪيوسون

كُلِّ شَيْطٰنٍ مَّارِدٍ ⑦ لَا يَسَّمَّعُوْنَ اِلَى الْمَلَاِ

هر شيطان هٺيلي کان. نه ٻُڌي سگهن مجلس

الْاَعْلٰى وَيُقْذَفُوْنَ مِنْ كُلِّ جَانِبٍ ⑧ دُحُوْرًا وَّ

مٿين ۾ ۽ انهن ۾ ڦٽيا وڃن ٿا هر طرف کان، ڀڄائڻ لاءِ ۽

لَهُمْ عَذَابٌ وَّاصِبٌ ⑨ اِلَّا مَنْ خَطِفَ الْخَطْفَةَ

انهن لاءِ آهي عذاب دائمي، مگر جنهن ڏني جهٽ

فَاَتْبَعَهٗ شِهَابٌ ثَاقِبٌ ⑩ فَاسْتَفْتِهِمْ اَهُمْ اَشَدُّ

پوءِ پٺيان پوس تو اُلانبو چمڪندڙ. پوءِ پُڇ انهن کان ڇا اُهي ڏکيا آهن

خَلْقًا اَمْ مَّنْ خَلَقْنَا ؕ اِنَّا خَلَقْنٰهُمْ مِّنْ طِيْنٍ

پيدا ڪرڻ ۾ يا ٻيا جن کي اسان پيدا ڪيو آهي، بيشڪ اسان پيدا ڪيو آهي انهن کي مٽيءَ

لَّازِبٍ ⑪ بَلْ عَجِبْتَ وَيَسْخَرُوْنَ ⑫ وَاِذَا ذُكِّرُوْا لَا

چيڪي مان. پر تون عجب ۾ پئين ۽ اهي ڪن ٿا مسخري، ۽ جڏهن سمجهايا وڃن ٿا ته نه

يَذْكُرُوْنَ ⑬ وَاِذَا رَاَوْا اٰيَةً يَّسْتَسْخِرُوْنَ ⑭ وَقَالُوْٓا

ٿا سمجهن. ۽ جڏهن ڏسن ٿا ڪو معجزو ته ٺٺوليون ٿا ڪن. ۽ چون ٿا

اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ⑮ ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا

اهو آهي رڳو جادو پڌرو. ڇا جڏهن مرنداسون ۽ ٿينداسون مٽي

وَّعِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ ⑯ اَوَاٰبَآؤُنَا الْاَوَّلُوْنَ ⑰

۽ هڏا ته ڇا اسان پڪ اُٿاريا وينداسون. يا اسان جا ابا ڏاڏا اڳيان وارا.

قُلْ نَعَمْ وَاَنْتُمْ دَاخِرُوْنَ ۱۸ فَاِنَّمَا هِيَ زَجْرَةٌ

چؤ هائو ۽ توهان خوار هوندؤ. پوءِ رڳو اها هڪل ٿيندي

وَّاحِدَةٌ فَاِذَا هُمْ يَنْظُرُوْنَ ۱۹ وَقَالُوْا يٰوَيْلَنَا هٰذَا

هڪڙي پوءِ ان وقت اهي ڏسڻ لڳندا. ۽ چوندا هاءِ ويل اسان لاءِ هيءُ آهي

يَوْمُ الدِّيْنِ ۲۰ هٰذَا يَوْمُ الْفَصْلِ الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ

ڏينهن حساب جو. هيءُ آهي ڏينهن فيصلي وارو جنهنکي توهان ڪوڙا

تُكَذِّبُوْنَ ۲۱ اُحْشُرُوا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا وَاَزْوَاجَهُمْ وَ ع ۲۱ ۵

ڪوڙو ڪندا. گڏ ڪريو ڏوهارين کي ۽ انهن جي سنگت کي ۽

مَا كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ ۲۲ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَاهْدُوْهُمْ

جنهن جي پوڄا ڪندا هئا الله کان سواءِ. پوءِ ڏيکاريو انهن کي

اِلٰى صِرَاطِ الْجَحِيْمِ ۲۳ وَقِفُوْهُمْ اِنَّهُمْ مَّسْـُٔوْلُوْنَ ۲۴

دڳ دوزخ جو. ۽ بيهاريوِن ته انهن کان پڇا ٿيندي.

مَا لَكُمْ لَا تَنَاصَرُوْنَ ۲۵ بَلْ هُمُ الْيَوْمَ مُسْتَسْلِمُوْنَ ۲۶

ڇا ٿيو اٿو نٿا ڪريو مدد هڪ ٻئي جي. پر اهي اڄ ڏينهن پاڻ قبول ڪندا.

وَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ ۲۷ قَالُوْا

۽ سامهون ٿي هڪ ٻئي تي سوال جواب ڪندا. چوندا

اِنَّكُمْ كُنْتُمْ تَاْتُوْنَنَا عَنِ الْيَمِيْنِ ۲۸ قَالُوْا بَلْ لَّمْ

توهان ئي ايندا هئا اسان وٽ ساڄي ڪان؟ جواب ڏيندا بلڪ نه

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif).

تَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٢٩﴾ وَمَا كَانَ لَنَا عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ
هئا اوهين ايمان وارا. ۽ نه هئو اسان جو توهان تي ڪو زور،

بَلْ كُنْتُمْ قَوْمًا طٰغِيْنَ ﴿٣٠﴾ فَحَقَّ عَلَيْنَا قَوْلُ رَبِّنَآ
پر توهان هئا ماڻهو بي فرمان. پوءِ ثابت ٿيو اسان تي قول اسان جي رب جو،

اِنَّا لَذَآئِقُوْنَ ﴿٣١﴾ فَاَغْوَيْنٰكُمْ اِنَّا كُنَّا غٰوِيْنَ ﴿٣٢﴾ فَاِنَّهُمْ
پڪ اسان اهو چکندڙ آهيون. پوءِ گمراهه ڪيوسون اوهانکي پڪ اسان به گمراهه هئاسون. پوءِ اهي

يَوْمَئِذٍ فِى الْعَذَابِ مُشْتَرِكُوْنَ ﴿٣٣﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَفْعَلُ
ان ڏينهن عذاب ۾ گڏيل هوندا. بيشڪ اسان ائين ئي ڪندا آهيون

بِالْمُجْرِمِيْنَ ﴿٣٤﴾ اِنَّهُمْ كَانُوْٓا اِذَا قِيْلَ لَهُمْ لَآ اِلٰهَ
ڏوهارين سان. اهي هئا جو جڏهن کين چئبو هو ناهي ڪوئي لائق عبادت

اِلَّا اللّٰهُ يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَيَقُوْلُوْنَ اَئِنَّا لَتَارِكُوْٓا
سواءِ الله جي ته وڏائي ڪندا هئا. ۽ چوندا هئا ڇا اسين ڇڏي ڏيون

اٰلِهَتِنَا لِشَاعِرٍ مَّجْنُوْنٍ ﴿٣٦﴾ بَلْ جَآءَ بِالْحَقِّ وَصَدَّقَ
پنهنجي معبودن کي هڪ شاعر مجنون جي ڪري. بلڪ انهيءَ آندو سچو دين ۽ سچو چيائين

الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٣٧﴾ اِنَّكُمْ لَذَآئِقُوا الْعَذَابِ الْاَلِيْمِ ﴿٣٨﴾ وَ
رسولن کي. بيشڪ اوهان آهيو چکندڙ عذاب دردناڪ. ۽

مَا تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٣٩﴾ اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ
۽ نه سزا ڏنا ويندؤ پر ان جي جيڪي پنهنجي ڪئي جي، مگر بندا الله جا

الْمُخْلَصِيْنَ ﴿٤٠﴾ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ رِزْقٌ مَّعْلُوْمٌ ﴿٤١﴾ فَوَاكِهُ

سچائيءَ وارا اهي ئي جن لاءِ آهي رزق خاص، ميوا،

وَهُمْ مُّكْرَمُوْنَ ﴿٤٢﴾ فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٤٣﴾ عَلٰى سُرُرٍ

۽ اهي عزت وارا آهن، باغن نعمتن وارن ۾، پلنگن تي

مُّتَقٰبِلِيْنَ ﴿٤٤﴾ يُطَافُ عَلَيْهِمْ بِكَاْسٍ مِّنْ مَّعِيْنٍ ﴿٤٥﴾

هڪٻئي جي سامهون. ڦيرايو ويندو انهن تي پيالو وهندڙ مشروبات مان.

بَيْضَآءَ لَذَّةٍ لِّلشّٰرِبِيْنَ ﴿٤٦﴾ لَا فِيْهَا غَوْلٌ وَّلَا هُمْ

اڇي رنگ وارو لذيذ پيئندڙن لاءِ. نه ان ۾ متو ڦرندو ۽ نڪي اهي

عَنْهَا يُنْزَفُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَعِنْدَهُمْ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ

ان کان بيهوش ٿيندا. ۽ انهن وٽ آهن نگاهه جهڪائيندڙ حورون

عِيْنٌ ﴿٤٨﴾ كَاَنَّهُنَّ بَيْضٌ مَّكْنُوْنٌ ﴿٤٩﴾ فَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ

وڏين اکين واريون، ڄڻڪ اهي آنا آهن ڍڪي رکيل. پوءِ منهن ڪري هڪٻئي

عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ ﴿٥٠﴾ قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ اِنِّيْ

ڏانهن پُڇا ڳاڇا ڪندا. چوندو ڪو ڳالهائيندڙ انهن مان ته

كَانَ لِيْ قَرِيْنٌ ﴿٥١﴾ يَّقُوْلُ اَئِنَّكَ لَمِنَ الْمُصَدِّقِيْنَ ﴿٥٢﴾

هئو منهنجو هڪ سنگتي، چوندو هئو ته ڇا تون مڃيندڙن مان آهين؟

ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَاِنَّا لَمَدِيْنُوْنَ ﴿٥٣﴾

جڏهن مرنداسون ۽ ٿينداسون مٽي ۽ هڏا ته ڇا ڪ اسان کي بدلو ڏنو ويندو؟

قَالَ هَلْ اَنْتُمْ مُّطَّلِعُوْنَ ﴿٥٤﴾ فَاطَّلَعَ فَرَاٰهُ فِيْ سَوَآءِ
چوندو ڇا توهان ڏسندؤ انهيءَ کي؟ پوءِ ليئو پائيندو ته ڏسندو ان کي وچ

الْجَحِيْمِ ﴿٥٥﴾ قَالَ تَاللّٰهِ اِنْ كِدْتَّ لَتُرْدِيْنِ ﴿٥٦﴾ وَلَوْلَا
دوزخ ۾. چوندس الله جو قسم تو ته ڪٺو ۾ ڪيرائي ها مونکي، جيڪڏهن نه هجي ها

نِعْمَةُ رَبِّيْ لَكُنْتُ مِنَ الْمُحْضَرِيْنَ ﴿٥٧﴾ اَفَمَا نَحْنُ
مهرباني منهنجي رب جي ته هجان ها ورتلن مان. ڇا پوءِ ناهيون اسين

بِمَيِّتِيْنَ ﴿٥٨﴾ اِلَّا مَوْتَتَنَا الْاُوْلٰى وَمَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿٥٩﴾
مرندڙ، مگر موت اسان جو پهريون ۽ نه آهيون اسين عذاب ڪيل؟ .

اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٦٠﴾ لِمِثْلِ هٰذَا فَلْيَعْمَلِ
بيشڪ هي آهي ڪاميابي وڏي. اهڙي شيءِ لاءِ پل ته ڪم ڪن

الْعٰمِلُوْنَ ﴿٦١﴾ اَذٰلِكَ خَيْرٌ نُّزُلًا اَمْ شَجَرَةُ الزَّقُّوْمِ ﴿٦٢﴾
ڪم ڪندڙ. ڇا اها ڀلي مهماني آهي يا وڻ ٿوهر جو؟

اِنَّا جَعَلْنٰهَا فِتْنَةً لِّلظّٰلِمِيْنَ ﴿٦٣﴾ اِنَّهَا شَجَرَةٌ تَخْرُجُ
اسان ڪيو آهي انکي عذاب ظالمن لاءِ. بيشڪ اهو وڻ نڪري ٿو

فِيْٓ اَصْلِ الْجَحِيْمِ ﴿٦٤﴾ طَلْعُهَا كَاَنَّهٗ رُءُوْسُ الشَّيٰطِيْنِ ﴿٦٥﴾
دوزخ جي تري ۾، ان جا سنگ آهن جهڙيون مُنڍيون شيطانن جون.

فَاِنَّهُمْ لَاٰكِلُوْنَ مِنْهَا فَمَالِـُٔوْنَ مِنْهَا الْبُطُوْنَ ﴿٦٦﴾ ثُمَّ
پوءِ اهي کائيندا انهيءَ مان پوءِ ڀريندا ان مان پيٽن کي. پوءِ

إِنَّ لَهُمْ عَلَيْهَا لَشَوْبًا مِّنْ حَمِيمٍ ﴿٦٧﴾ ثُمَّ إِنَّ مَرْجِعَهُمْ

بيشڪ انهن لاءِ ان مٿان آهي ملاوٽ ٽهڪندڙ پاڻي جي ۔ پوءِ يقينن موٽڻ انهن جو

لَإِلَى الْجَحِيمِ ﴿٦٨﴾ إِنَّهُمْ أَلْفَوْا آبَاءَهُمْ ضَالِّينَ ﴿٦٩﴾

تپندڙ باهه ڏانهن. بيشڪ انهن لڌو هئو پنهنجن ابن ڏاڏن کي گمراه

فَهُمْ عَلَىٰ آثَارِهِمْ يُهْرَعُونَ ﴿٧٠﴾ وَلَقَدْ ضَلَّ قَبْلَهُمْ

پوءِ اهي انهن جي ڙندن مٿي ڊوڙن ٿا ۔ ۽ ٿي ويا گمراه انهن کان اول

أَكْثَرُ الْأَوَّلِينَ ﴿٧١﴾ وَلَقَدْ أَرْسَلْنَا فِيهِمْ مُنْذِرِينَ ﴿٧٢﴾

گهڻا اڳيان ۔ ۽ يقينن اسان موڪليا سون انهن ۾ ڊيڄاريندڙ ۔

فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُنْذَرِينَ ﴿٧٣﴾ إِلَّا عِبَادَ

پوءِ ڏس ڪيئن ٿي پڇاڙي ڊيڄاريلن جي ۔ مگر ٻانها

اللَّهِ الْمُخْلَصِينَ ﴿٧٤﴾ وَلَقَدْ نَادَانَا نُوحٌ فَلَنِعْمَ

الله جا سچا ۔ ۽ پڪاريو اسان کي نوح پوءِ واه جو

الْمُجِيبُونَ ﴿٧٥﴾ وَنَجَّيْنَاهُ وَأَهْلَهُ مِنَ الْكَرْبِ

ٻڌوسون پڪار کي ۔ ۽ ڇڏايوسون انکي ۽ سندس ڪٽنب کي مونجهه

الْعَظِيمِ ﴿٧٦﴾ وَجَعَلْنَا ذُرِّيَّتَهُ هُمُ الْبَاقِينَ ﴿٧٧﴾ وَتَرَكْنَا

وڏي کان ۔ ۽ ڪيوسون انجي اولاد کي ئي باقي رهندڙ ۔ ۽ ڇڏيوسون

عَلَيْهِ فِي الْآخِرِينَ ﴿٧٨﴾ سَلَامٌ عَلَىٰ نُوحٍ فِي الْعَالَمِينَ ﴿٧٩﴾

انهي لاءِ پوين ۾ ۔ ته سلام آهي نوح تي جهانن ۾ ۔

إِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِينَ ﴿٨٠﴾ إِنَّهُ مِنْ عِبَادِنَا

بيشڪ اسان اهڙوئي بدلو ڏيندا آهيون ڀلارن کي. اهو هو اسان جي ٻانهن

الْمُؤْمِنِينَ ﴿٨١﴾ ثُمَّ أَغْرَقْنَا الْآخَرِينَ ﴿٨٢﴾ وَإِنَّ مِنْ

مؤمنن مان. پوءِ ٻوڙيوسون ٻين کي. ۽ بيشڪ

وقف لازم

شِيعَتِهِ لَإِبْرٰهِيمَ ﴿٨٣﴾ إِذْ جَاءَ رَبَّهُ بِقَلْبٍ سَلِيمٍ ﴿٨٤﴾

ان جو تابعدار هو ابراهيم. جڏهن آندائين پنهنجي رب وٽ دل سلامت.

إِذْ قَالَ لِأَبِيهِ وَقَوْمِهِ مَاذَا تَعْبُدُونَ ﴿٨٥﴾ أَئِفْكًا

جنهن وقت چيائين پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي ته ڇا جي عبادت ڪريو ٿا؟ ڇا هٿرادو

آلِهَةً دُونَ اللّٰهِ تُرِيدُونَ ﴿٨٦﴾ فَمَا ظَنُّكُمْ بِرَبِّ

مالڪن کي الله کان سواءِ مڃيو ٿا. پوءِ ڪهڙو خيال آهي توهان جو رب

الْعٰلَمِينَ ﴿٨٧﴾ فَنَظَرَ نَظْرَةً فِي النُّجُومِ ﴿٨٨﴾ فَقَالَ إِنِّي

العالمين ۾. پوءِ نظر ڪيائين هڪ ڀيرو تارن ۾. پوءِ چيائين آءٌ

سَقِيمٌ ﴿٨٩﴾ فَتَوَلَّوْا عَنْهُ مُدْبِرِينَ ﴿٩٠﴾ فَرَاغَ إِلٰى آلِهَتِهِمْ

بيمار آهيان. پوءِ موٽي ويا ان کان پُٺي ڏيئي. پوءِ لڪي ويو انهن جي بتن ڏانهن

فَقَالَ أَلَا تَأْكُلُونَ ﴿٩١﴾ مَا لَكُمْ لَا تَنْطِقُونَ ﴿٩٢﴾ فَرَاغَ

پوءِ چيائين ڇو نه ٿا کائو؟ ڇا ٿيو اٿو نه ٿا ڳالهايو؟ پوءِ وريو

عَلَيْهِمْ ضَرْبًا بِالْيَمِينِ ﴿٩٣﴾ فَأَقْبَلُوا إِلَيْهِ يَزِفُّونَ ﴿٩٤﴾

انهن تي ڏک هڻندي زور سان. پوءِ آيا ان ڏانهن ڀڄندا.

قَالَ اَتَعْبُدُوْنَ مَا تَنْحِتُوْنَ ﴿٩٥﴾ وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ وَمَا

چيائين ڇا عبادت ڪريو ٿا انهن جي جنکي گهڙيو ٿا؟ ۽ الله پيدا ڪيو توهان کي ۽ جنکي

تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٦﴾ قَالُوا ابْنُوْا لَهٗ بُنْيَانًا فَاَلْقُوْهُ فِي الْجَحِيْمِ ﴿٩٧﴾

توهان ناهيو ٿا. چيائون اوساريو ان لاءِ هڪ جاءِ پوءِ اُڇليوس آڳ ۾.

فَاَرَادُوْا بِهٖ كَيْدًا فَجَعَلْنٰهُمُ الْاَسْفَلِيْنَ ﴿٩٨﴾ وَقَالَ

پوءِ رٿيائون انهيءَ لاءِ مڪر پوءِ ڪيوسون انهن کي هيٺ. ۽ چيائين

اِنِّيْ ذَاهِبٌ اِلٰى رَبِّيْ سَيَهْدِيْنِ ﴿٩٩﴾ رَبِّ هَبْ لِيْ

بيشڪ مان ويندڙ آهيان پنهنجي رب ڏانهن اڃهو مونکي راهه ڏيکاريندو. اي رب منهنجا بخش مونکي

مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٠٠﴾ فَبَشَّرْنٰهُ بِغُلٰمٍ حَلِيْمٍ ﴿١٠١﴾ فَلَمَّا

کو صالحين مان. پوءِ مبارڪ ڏني سون کيس نينگر بردبار جي. پوءِ جڏهن

بَلَغَ مَعَهُ السَّعْيَ قَالَ يٰبُنَيَّ اِنِّيْ اَرٰى فِي الْمَنَامِ

پهتو ان سان گڏ ڊڪ ڊوڙ کي چيائين اي پٽڙا مون ڏسان ٿو ننڊ ۾

اَنِّيْ اَذْبَحُكَ فَانْظُرْ مَاذَا تَرٰى ؕ قَالَ يٰاَبَتِ افْعَلْ

ته ڪهان ٿو توکي پوءِ تون ڏس ڇا ٿو ڀانئين؟ چيائين اي ابا ڪري ڇڏ

مَا تُؤْمَرُ ؗ سَتَجِدُنِيْۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٠٢﴾

جنهن جو توکي حڪم ٿئي ٿو. اڃهو لهندين مون کي إن شاءَ الله صبر وارن مان.

فَلَمَّاۤ اَسْلَمَا وَتَلَّهٗ لِلْجَبِيْنِ ﴿١٠٣﴾ وَنَادَيْنٰهُ اَنْ يّٰۤاِبْرٰهِيْمُ ﴿١٠٤﴾

پوءِ جڏهن مڃي چڪا ٻئي ۽ ليٽايائينس نرڙ تي. ۽ سڏ ڪيوسون ان کي ته اي ابراهيم!

قَدْ صَدَّقْتَ الرُّءْيَا ۚ إِنَّا كَذَٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِينَ ﴿١٠٥﴾
تحقيق تو سچو ڪيو خواب کي، بيشڪ اسان اِئين ئي بدلو ڏيندا آهيون ڀلارن کي.

إِنَّ هَٰذَا لَهُوَ الْبَلَاءُ الْمُبِينُ ﴿١٠٦﴾ وَفَدَيْنَاهُ بِذِبْحٍ
بيشڪ اهائي آهي آزمائش پڌري. ۽ اسان ان جي عوض ڏنو گهيٽو

عَظِيمٍ ﴿١٠٧﴾ وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْآخِرِينَ ﴿١٠٨﴾ سَلَامٌ عَلَىٰ
سَبرُ. ۽ ڇڏيوسون ان لاءِ پوين ۾. ته سلام آهي

إِبْرَاهِيمَ ﴿١٠٩﴾ كَذَٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِينَ ﴿١١٠﴾ إِنَّهُ مِنْ
ابراهيم تي. اهڙوئي بدلو ڏيندا آهيون ڀلارن کي. اهو هئو

عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِينَ ﴿١١١﴾ وَبَشَّرْنَاهُ بِإِسْحَاقَ نَبِيًّا مِنَ
اسان جي ٻانهن مؤمنن مان. ۽ خوشخبري ڏني سون انکي اسحاق جي ته اهو نبي

الصَّالِحِينَ ﴿١١٢﴾ وَبَارَكْنَا عَلَيْهِ وَعَلَىٰ إِسْحَاقَ ۚ وَمِنْ
سگورن مان ٿيندو. ۽ وڌايوسون ان کي ۽ اسحاق کي، ۽ ٿيندو

ع ٣ ١٤٩ ٧ ذُرِّيَّتِهِمَا مُحْسِنٌ وَظَالِمٌ لِنَفْسِهِ مُبِينٌ ﴿١١٣﴾ وَلَقَدْ
انهن جي اولاد کو نيڪ ۽ کو ظلم ڪندڙ پنهنجي جان تي پڌرو. ۽ يقينن

موسىٰ ۽ هارون ١١٤ - ١٢٢

مَنَنَّا عَلَىٰ مُوسَىٰ وَهَارُونَ ﴿١١٤﴾ وَنَجَّيْنَاهُمَا وَقَوْمَهُمَا
تورو ڪيوسون موسىٰ ۽ هارون تي. ۽ ڇڏايوسون انهنکي ۽ سندن قوم کي

مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيمِ ﴿١١٥﴾ وَنَصَرْنَاهُمْ فَكَانُوا هُمُ
مصيبت وڏي مان. ۽ اسان انهن جي مدد ڪئي پوءِ ٿي ويا اهي

الْغٰلِبِيْنَ ﴿١١٦﴾ وَ اٰتَيْنٰهُمَا الْكِتٰبَ الْمُسْتَبِيْنَ ﴿١١٧﴾ وَ

ٿيا. ۽ اسان ڏنو ٻنهي کي ڪتاب بيان ڪندڙ. ۽

هَدَيْنٰهُمَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿١١٨﴾ وَتَرَكْنَا عَلَيْهِمَا

اسان ڏيکاريو انهن کي رستو سڌو. ۽ رکيوسون انهن لاءِ

فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿١١٩﴾ سَلٰمٌ عَلٰى مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ﴿١٢٠﴾ اِنَّا

پوين ۾. ته سلام آهي موسىٰ ۽ هارون تي. بيشڪ

كَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٢١﴾ اِنَّهُمَا مِنْ عِبَادِنَا

اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون ڀلارن کي. اهي ٻئي هئا اسان جي ٻانهن

الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٢٢﴾ وَاِنَّ اِلْيَاسَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٢٣﴾ اِذْ

ايمان وارن مان. ۽ بيشڪ الياس هئو رسولن مان. جڏهن

قَالَ لِقَوْمِهٖٓ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٢٤﴾ اَتَدْعُوْنَ بَعْلًا وَّتَذَرُوْنَ

چيائين پنهنجي قوم کي ڇا نٿا ڊڄو؟ ڇا توهان پڪاريو ٿا بُت کي ۽ ڇڏيو ٿا

اَحْسَنَ الْخَالِقِيْنَ ﴿١٢٥﴾ اللّٰهَ رَبَّكُمْ وَرَبَّ اٰبَآئِكُمُ

تمام سهڻي خلقيندڙ کي، الله پنهنجي رب کي ۽ پنهنجن ابن ڏاڏن

الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٢٦﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَاِنَّهُمْ لَمُحْضَرُوْنَ ﴿١٢٧﴾ اِلَّا

اڳين جي رب کي. پوءِ ڪوڙو ڪيائون انکي پوءِ اهي ٿيا پڪڙيل. مگر

عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿١٢٨﴾ وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِى الْاٰخِرِيْنَ ﴿١٢٩﴾

ٻانها الله جا ڇنڊيا. ۽ ڇڏيوسون ان لاءِ پوين ۾.

سَلٰمٌ عَلٰٓى اِلْ يَاسِيْنَ ﴿١٣٠﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِى
ته سلام هجي الياسين تي. بيشڪ اسان اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون
الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٣١﴾ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٢﴾ وَ
ڀلائي ڪندڙن کي. اهو هو اسان جي ٻانهن ايمان وارن مان. ۽
اِنَّ لُوْطًا لَّمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٣٣﴾ اِذْ نَجَّيْنٰهُ وَاَهْلَهٗٓ
بيشڪ لوط هو رسولن مان. جڏهن ڇڏايوسون انکي ۽ سندس ڪٽنب
اَجْمَعِيْنَ ﴿١٣٤﴾ اِلَّا عَجُوْزًا فِى الْغٰبِرِيْنَ ﴿١٣٥﴾ ثُمَّ دَمَّرْنَا
ساري کي، مگر پوڙهي زال جا پوئتي رهندڙن ۾ ٿي. پوءِ هلاڪ ڪيوسون
الْاٰخَرِيْنَ ﴿١٣٦﴾ وَاِنَّكُمْ لَتَمُرُّوْنَ عَلَيْهِمْ مُّصْبِحِيْنَ ﴿١٣٧﴾ وَ
ٻين کي. ۽ توهان لنگهندا آهيو انهن تان صبح جي وقت ، ۽
بِالَّيْلِ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٣٨﴾ وَاِنَّ يُوْنُسَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٣٩﴾
رات جو، ڇا نٿا سمجهو ؟ ۽ بيشڪ يونس هو رسولن مان.
اِذْ اَبَقَ اِلَى الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿١٤٠﴾ فَسَاهَمَ فَكَانَ مِنَ
جڏهن ڀڄي آيو ڀريل ٻيڙي ڏانهن، پوءِ ڪُڻي ۾ آيو پوءِ ٿيو
الْمُدْحَضِيْنَ ﴿١٤١﴾ فَالْتَقَمَهُ الْحُوْتُ وَهُوَ مُلِيْمٌ ﴿١٤٢﴾
ڌڪيل وارن ۾. پوءِ ڳهي ويئي ان کي مڇي ۽ اهو هو منتظر.
فَلَوْلَآ اَنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُسَبِّحِيْنَ ﴿١٤٣﴾ لَلَبِثَ فِىْ بَطْنِهٖٓ
پوءِ جيڪڏهن نه هجي ها سبحان پڙهندڙ، ته ترسي ها ان جي پيٽ ۾

اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿١٤٤﴾ فَنَبَذْنٰهُ بِالْعَرَآءِ وَهُوَ سَقِيْمٌ ﴿١٤٥﴾

ان ڏينهن تائين جو اُٿاريا ويندا. پوءِ ڪڍيوسون انکي پڌرتي ۾ ۽ اهو هئو بيمار.

وَاَنْۢبَتْنَا عَلَيْهِ شَجَرَةً مِّنْ يَّقْطِيْنٍ ﴿١٤٦﴾ وَاَرْسَلْنٰهُ

۽ ڄمايوسون ان تي وڻ ايرانڻون (ڪدوءَ) جو. ۽ موڪليوسون ان کي

اِلٰى مِائَةِ اَلْفٍ اَوْ يَزِيْدُوْنَ ﴿١٤٧﴾ فَاٰمَنُوْا فَمَتَّعْنٰهُمْ

هڪ لک ماڻهن ڏانهن يا زياده ٿين. پوءِ انهن ايمان آندو پوءِ نفعو ڏنوسون انهن کي

اِلٰى حِيْنٍ ﴿١٤٨﴾ فَاسْتَفْتِهِمْ اَلِرَبِّكَ الْبَنَاتُ وَلَهُمُ

هڪ وقت تائين. پوءِ پُڇا ڪر انهن کان ڇا تنهنجي رب لاءِ ڌيئر آهن ۽ انهن لاءِ

الْبَنُوْنَ ﴿١٤٩﴾ اَمْ خَلَقْنَا الْمَلٰٓئِكَةَ اِنَاثًا وَّهُمْ شٰهِدُوْنَ ﴿١٥٠﴾

پُٽ. يا پيدا ڪياسون ملائڪ ماديون ڪري ۽ اهي شاهد آهن

اَلَآ اِنَّهُمْ مِّنْ اِفْكِهِمْ لَيَقُوْلُوْنَ ﴿١٥١﴾ وَلَدَ اللّٰهُ ۙ وَاِنَّهُمْ

خبردار بيشڪ اهي پنهنجو ناهه ٺاهي چون ٿا، ته ڄاريچيا آهن الله حالانڪ اهي

لَكٰذِبُوْنَ ﴿١٥٢﴾ اَصْطَفَى الْبَنَاتِ عَلَى الْبَنِيْنَ ﴿١٥٣﴾ مَا

ڪوڙا آهن. ڇا وٽيون اٿس ڌيئرون پُٽن تي؟ ڇا ٿيو آ

لَكُمْ ۟ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿١٥٤﴾ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿١٥٥﴾ اَمْ لَكُمْ

توهان کي، ڪيئن ٿا فيصلو ڪريو؟ ڇا پوءِ نه ٿا ڌيان ڪريو. يا توهان وٽ آهي

سُلْطٰنٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٥٦﴾ فَاْتُوْا بِكِتٰبِكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٥٧﴾

ڪو دليل چٽو پوءِ آڻيو پنهنجو ڪتاب جيڪڏهن سچا آ هيو.

وَجَعَلُوْا بَيْنَهٗ وَبَيْنَ الْجِنَّةِ نَسَبًا ۭ وَلَقَدْ عَلِمَتِ

۽ ٺاهيائون انهيءَ ۽ جنن جي وچ ۾ مائٽي، حالانڪ ڄاتو آهي

الْجِنَّةُ اِنَّهُمْ لَمُحْضَرُوْنَ ﴿۱۵۸﴾ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿۱۵۹﴾

جنن ته خود هوندا حاضر ڪيل. پاڪ آهي الله ان کان جيڪي بيان ڪن ٿا.

اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿۱۶۰﴾ فَاِنَّكُمْ وَمَا تَعْبُدُوْنَ ﴿۱۶۱﴾

مگر ٻانها الله جا سچا. پوءِ بيشڪ توهان ۽ اهي جنکي پوڄيو ٿا.

مَآ اَنْتُمْ عَلَيْهِ بِفٰتِنِيْنَ ﴿۱۶۲﴾ اِلَّا مَنْ هُوَ صَالِ

نه آهيو توهان انهيءَ تي ڪارينديڙ، مگر ان کي جيڪو داخل ٿيندو

الْجَحِيْمِ ﴿۱۶۳﴾ وَمَا مِنَّآ اِلَّا لَهٗ مَقَامٌ مَّعْلُوْمٌ ﴿۱۶۴﴾ وَّاِنَّا

دوزخ ۾. ۽ ناهي اسان مان ڪو به مگر ان لاءِ مرتبو آهي مقرر. ۽ بيشڪ اسان

لَنَحْنُ الصَّآفُّوْنَ ﴿۱۶۵﴾ وَاِنَّا لَنَحْنُ الْمُسَبِّحُوْنَ ﴿۱۶۶﴾ وَ

ملائڪ آهيون قطارون ڪندڙ. ۽ اسان ئي آهيون سبحان الله پڙهندڙ. ۽

اِنْ كَانُوْا لَيَقُوْلُوْنَ ﴿۱۶۷﴾ لَوْ اَنَّ عِنْدَنَا ذِكْرًا مِّنَ

اهي مڪي وارا چوندا هئا، جي هجي ها اسان وٽ ڪا معلومات

الْاَوَّلِيْنَ ﴿۱۶۸﴾ لَكُنَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿۱۶۹﴾ فَكَفَرُوْا

اڳين جي، ته ٿيون ها ٻانها الله جا سچا. پوءِ انڪار ڪيائون

بِهٖ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۷۰﴾ وَلَقَدْ سَبَقَتْ كَلِمَتُنَا

(قرآن) جو پوءِ اجهو خبر پوندن. ۽ ٿي چڪو آهي انجام اسان جو

لِعِبَادِنَا الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٧١﴾ اِنَّهُمْ لَهُمُ الْمَنْصُوْرُوْنَ ﴿١٧٢﴾

پنهنجن ٻانهن رسولن لاءِ. ته يقينن انهن لاءِ مدد ڪيل آهي.

وَاِنَّ جُنْدَنَا لَهُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿١٧٣﴾ فَتَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى

۽ بيشڪ لشڪر اسانجا انهن لاءِ غالب آهن. پوءِ تون منهن موڙ انهن کان ڪجهه

حِيْنٍ ﴿١٧٤﴾ وَّاَبْصِرْهُمْ فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ ﴿١٧٥﴾ اَفَبِعَذَابِنَا

وقت ۽ ڏسندو رهه پوءِ جلد اهي نتيجو ڏسندا. ڇا پوءِ اسانجي عذاب جي

يَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿١٧٦﴾ فَاِذَا نَزَلَ بِسَاحَتِهِمْ فَسَآءَ صَبَاحُ

تڪڙ ٿا ڪن. پوءِ جڏهن اهو لٿو انهن جي اڱڻ تي پوءِ ته بڇڙو ٿيو صبح

الْمُنْذَرِيْنَ ﴿١٧٧﴾ وَتَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿١٧٨﴾ وَّ

ڊيڄاريلن جو. ۽ تون منهن موڙ انهن کان ڪجهه وقت ۽

اَبْصِرْ فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ ﴿١٧٩﴾ سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ

انتظار ڪر پوءِ جلد اهي ڏسندا. پاڪ آهي پروردگار تنهنجو صاحب

الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿١٨٠﴾ وَسَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٨١﴾

عزت جو تنهن کان جيڪي اهي چون ٿا. ۽ سلام آهي رسولن تي.

وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٨٢﴾

۽ سڀ ساراهه الله لاءِ جو پالڻهار آهي جهانن جو.

سُوْرَةُ صٓ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ ثَمَانٌ وَّثَمَانُوْنَ اٰيَةً وَّخَمْسُ رُكُوْعَاتٍ

سورت 'صٓ' مڪي آهي ۽ اها اٺاسي آيتون ۽ پنج رڪوع آهي.

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ○

شروع الله با جهاري مهربان جي نالي سان.

صٓ وَالْقُرْاٰنِ ذِی الذِّكْرِ ① بَلِ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا فِیْ

صٓ قسم آهي قرآن سمجهاڻيءَ واري جو. پر اهي منڪر

عِزَّةٍ وَّشِقَاقٍ ② كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ

مغروريءَ ۾ ۽ مخالفت ۾ آهن. ڪيترائي تباهه ڪياسون انهن کان اڳيان

قَرْنٍ فَنَادَوْا وَّلَاتَ حِیْنَ مَنَاصٍ ③ وَعَجِبُوْٓا

جُڳ پوءِ رڙيون ڪيائون ۽ نه هوا هو وقت ڇوٽڪاري جو. ۽ عجب ۾ پيا

اَنْ جَآءَهُمْ مُّنْذِرٌ مِّنْهُمْ وَقَالَ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا

ته آيو انهن وٽ ڊيڄاريندڙ انهن مان ۽ چيو ڪافرن ته هي

سٰحِرٌ كَذَّابٌ ④ اَجَعَلَ الْاٰلِهَةَ اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚۖ اِنَّ

جادوگر آهي ڪوڙو آهي. ڇا ڪيائين ايترن معبودن جي عوض هڪ الله ، بيشڪ

هٰذَا لَشَیْءٌ عُجَابٌ ⑤ وَانْطَلَقَ الْمَلَاُ مِنْهُمْ اَنِ

هي ته شيءِ اچرج ڏيندڙ آهي. ۽ اُٿي هليا سردار انهن مان ته

امْشُوْا وَاصْبِرُوْا عَلٰٓی اٰلِهَتِكُمْ ۚۖ اِنَّ هٰذَا لَشَیْءٌ

هلو ۽ پڪا رهو انهن پنهنجن تي، بيشڪ هي اهڙي شيءِ آهي

یُّرَادُ ⑥ مَا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِی الْمِلَّةِ الْاٰخِرَةِ ۚۖ اِنْ

جنهن جو ارادو ڪيل آهي. نه ٻڌي سون اهڙي ڪا ڳالهه دين پڇين ۾ ناهي

هٰذَآ اِلَّا اخْتِلَاقٌ ⑦ ءَاُنْزِلَ عَلَيْهِ الذِّكْرُ مِنْ

اها مگر هٿرادو ڳالهه آهي. ڇا لاٿو ويو انهيءَ تي اهو ذڪر

بَيْنِنَا ۭ بَلْ هُمْ فِيْ شَكٍّ مِّنْ ذِكْرِيْ ۚ بَلْ لَّمَّا

اسان جي وچان، بلڪ اهي آهن شڪ ۾ نصيحت منهنجي کان، پر ابا نه

يَذُوْقُوْا عَذَابِ ⑧ اَمْ عِنْدَهُمْ خَزَاۗىِٕنُ رَحْمَةِ رَبِّكَ

چکيو اٿن عذاب منهنجو. ڇا انهن وٽ آهن خزانا تنهنجي رب جي رحمت جا

الْعَزِيْزِ الْوَهَّابِ ⑨ اَمْ لَهُمْ مُّلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ

جيڪو زبردست عطا ڪندڙ آهي. يا انهن جي بادشاهي آهي آسمانن ۽ زمين ۾

وَمَا بَيْنَهُمَا ۣ فَلْيَرْتَقُوْا فِي الْاَسْبَابِ ⑩ جُنْدٌ مَّا

۽ جيڪي انهي جي وچ ۾ آهي پوءِ پيا چڙهي وڃن ڏاڪڻين جي وسيلي. اهو به ڪو لشڪر آهي

هُنَالِكَ مَهْزُوْمٌ مِّنَ الْاَحْزَابِ ⑪ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ

اُتي ڀاڄ کاڌل فوجن مان. ڪوڙو ڪيو هوا نهن کان اڳي

قَوْمُ نُوْحٍ وَّعَادٌ وَّفِرْعَوْنُ ذُو الْاَوْتَادِ ⑫ وَثَمُوْدُ وَ

نوح جي قوم ۽ عاد ۽ فرعون ميخن واري. ۽ ثمود ۽

قَوْمُ لُوْطٍ وَّاَصْحٰبُ لْـَٔــيْكَةِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ الْاَحْزَابُ ⑬

قوم لوط ۽ ٻيلي وارن، اهي آهن اُهي فوجون.

اِنْ كُلٌّ اِلَّا كَذَّبَ الرُّسُلَ فَحَقَّ عِقَابِ ⑭ ع وَمَا

انهن سڀني ڪوڙو ڪيو هو رسولن کي پوءِ لڳي سزا منهنجي. ۽ نه

يَنْظُرُ هٰٓؤُلَآءِ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً مَّا لَهَا مِنْ فَوَاقٍ ﴿١٥﴾

تا انتظار ڪن اهي منڪر مگر رڙ هڪڙي جو نه هوندي ان کي ڪا ساهي.

وَقَالُوْا رَبَّنَا عَجِّلْ لَّنَا قِطَّنَا قَبْلَ يَوْمِ الْحِسَابِ ﴿١٦﴾

۽ چيائون اي رب اسان جا جلدي ڏي اسان کي حصو اسان جو اڳي حساب جي ڏينهن کان.

اِصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَاذْكُرْ عَبْدَنَا دَاوٗدَ ذَا

صبر ڪر تون ان تي جيڪي چون ٿا ۽ ياد ڪر اسان جي ٻانهي داؤد

الْاَيْدِ اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ﴿١٧﴾ اِنَّا سَخَّرْنَا الْجِبَالَ مَعَهٗ يُسَبِّحْنَ

هٿن سگهي کي، اهو هئو موٽندڙ. اسان تابع ڪيا سون پهاڙ انهيءَ سان گڏ تسبيح پڙهندا هئا

بِالْعَشِيِّ وَالْاِشْرَاقِ ﴿١٨﴾ وَالطَّيْرَ مَحْشُوْرَةً كُلٌّ لَّهٗٓ

شام جو ۽ صبح جو ۽ پکي برگذيل. اهي سڀ ان لاءِ

اَوَّابٌ ﴿١٩﴾ وَشَدَدْنَا مُلْكَهٗ وَاٰتَيْنٰهُ الْحِكْمَةَ وَفَصْلَ

موٽندڙ هئا. ۽ مضبوط ڪئي سون ان جي بادشاهي ۽ ڏني سون انکي دانش ۽ فيصلي واري

الْخِطَابِ ﴿٢٠﴾ وَهَلْ اَتٰىكَ نَبَؤُا الْخَصْمِ اِذْ تَسَوَّرُوا

ڳالهه. ۽ ڇا آئي تو وٽ خبر جهگڙي وارن جي، جڏهن ڀت ٽپي آيا

الْمِحْرَابَ ﴿٢١﴾ اِذْ دَخَلُوْا عَلٰى دَاوٗدَ فَفَزِعَ مِنْهُمْ قَالُوْا

عبادتگاهه ۾. جڏهن اندر آيا داؤد وٽ ته گهبرائجي ويو انهن کان، چيائون

لَا تَخَفْ خَصْمٰنِ بَغٰى بَعْضُنَا عَلٰى بَعْضٍ فَاحْكُمْ

نه ڊڄ، ٻه جهگڙالو آهيون ڏاڍ ڪيو اسان مان هڪڙي ٻئي تي پوءِ فيصلو ڪر

بَيْنَنَا بِالْحَقِّ وَلَا تُشْطِطْ وَاهْدِنَا إِلَىٰ سَوَاءِ
اسانجي وچ حق سان ۽ پري نه تجان ۽ ڏس اسان کي سڌو
الصِّرَاطِ ﴿٢٢﴾ إِنَّ هَٰذَا أَخِي لَهُ تِسْعٌ وَتِسْعُونَ نَعْجَةً
رستو . هي آهي ڀاءُ منهنجو، هن کي آهن نوانوي رڍون
وَلِيَ نَعْجَةٌ وَاحِدَةٌ فَقَالَ أَكْفِلْنِيهَا وَعَزَّنِي فِي
۽ مون کي رڍ هڪڙي، پوءِ چيائين ته ڏي مونکي اها ۽ زور آهي مون کان
الْخِطَابِ ﴿٢٣﴾ قَالَ لَقَدْ ظَلَمَكَ بِسُؤَالِ نَعْجَتِكَ إِلَىٰ
ڳالهائڻ ۾. داؤد چيو بيشڪ ظلم ڪيائين توتي گهري تو رڍ تنهنجي پنهنجين
نِعَاجِهِ وَإِنَّ كَثِيرًا مِّنَ الْخُلَطَاءِ لَيَبْغِي بَعْضُهُمْ
رڍن هوندي، بلاشڪ ڪيترائي ڀائيوار ظلم ڪندا آهن هڪ
عَلَىٰ بَعْضٍ إِلَّا الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ وَ
ٻئي تي سواءِ انهن جي جن ايمان آندو ۽ ڪيا ڪم چڱا ۽
قَلِيلٌ مَّا هُمْ وَظَنَّ دَاوُودُ أَنَّمَا فَتَنَّاهُ فَاسْتَغْفَرَ
اهي تمام ٿورڙا آهن، ۽ سمجهيو داؤد ته ڪو سندس امتحان ورتوسون پوءِ معافي گهريائين
رَبَّهُ وَخَرَّ رَاكِعًا وَأَنَابَ ﴿٢٤﴾ فَغَفَرْنَا لَهُ ذَٰلِكَ وَ
پنهنجي رب کان ۽ جهڪيو رڪوع ۾ ۽ رجوع ٿيو. پوءِ معاف ڪيوسون ان کي اهو ۽
إِنَّ لَهُ عِنْدَنَا لَزُلْفَىٰ وَحُسْنَ مَآبٍ ﴿٢٥﴾ يَا دَاوُودُ إِنَّا
ان جو اسان وٽ درجو آهي ۽ چڱو ماڳ. اي داؤد بيشڪ اسان

جَعَلْنٰكَ خَلِيْفَةً فِى الْاَرْضِ فَاحْكُمْ بَيْنَ النَّاسِ
ڪيوسون توکي خليفو زمين ۾ پوءِ تون فيصلو ڪر ماڻھن ۾

بِالْحَقِّ وَلَا تَتَّبِعِ الْهَوٰى فَيُضِلَّكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ
انصاف سان ۽ نه هل سڌ تي پوءِ اها ڀُلائيندي توکي الله جي راهه کان، بيشڪ

الَّذِيْنَ يَضِلُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ
جيڪي ڀُلجي ويا الله جي راهه کان انھن لاءِ عذاب سخت آهي

ع ٢٢ ١١ بِمَا نَسُوْا يَوْمَ الْحِسَابِ ﴿٢٦﴾ وَمَا خَلَقْنَا السَّمَآءَ وَالْاَرْضَ
هن ڪري جو وساريائون ڏينهن حساب جو. ۽ نه پيدا ڪيوسون آسمان کي ۽ زمين کي

وَمَا بَيْنَهُمَا بَاطِلًا ؕ ذٰلِكَ ظَنُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚ فَوَيْلٌ
۽ جيڪي ٻنهي جي وچ ۾ آهي اجايو، اهو خيال آهي ڪافرن جو، پوءِ ويل آهي

لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنَ النَّارِ ؕ ﴿٢٧﴾ اَمْ نَجْعَلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
انھن لاءِ جن ڪفر ڪيو باهه کان. ڇا اسان ڪنداسون انھن کي جن ايمان آندو

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَالْمُفْسِدِيْنَ فِى الْاَرْضِ ۫ اَمْ
۽ ڪيائون ڪم چڱا برابر انھن جي جيڪي فساد ڪندڙ آهن زمين ۾ يا

نَجْعَلُ الْمُتَّقِيْنَ كَالْفُجَّارِ ﴿٢٨﴾ كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ
ڪنداسون پرهيزگارن کي برابر ڏوهارين سان؟ هي ڪتاب لاٿوسون اُن کي توڏانهن

مُبٰرَكٌ لِّيَدَّبَّرُوْٓا اٰيٰتِهٖ وَلِيَتَذَكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿٢٩﴾
برڪت وارو آهي جيئن سمجهن آيتون ان جون ۽ نصيحت وٺن عقل وارا.

وَوَهَبْنَا لِدَاوٗدَ سُلَيْمٰنَ ۭ نِعْمَ الْعَبْدُ ۭ اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ۝٣٠

۽ بخشيو ڏنوسون داؤد کي سليمان، ڏاڍو ڀلو ٻانهو هئو، بيشڪ اهو رجوع ڪندڙ هو.

اِذْ عُرِضَ عَلَيْهِ بِالْعَشِيِّ الصّٰفِنٰتُ الْجِيَادُ ۝٣١ۙ فَقَالَ

(ياد ڪر) جڏهن پيش ڪيا ويا ان تي شام جو ڪُرڪڻي بيهندڙ ڀلا گهوڙا، پوءِ چيائين

اِنِّىْٓ اَحْبَبْتُ حُبَّ الْخَيْرِ عَنْ ذِكْرِ رَبِّيْ ۚ حَتّٰى تَوَارَتْ

مون پسند ڪئي محبت مال جي پنهنجي رب جي ذڪر کان تان جو لڪجي ويو سج

بِالْحِجَابِ ۝٣٢ قف رُدُّوْهَا عَلَيَّ ۭ فَطَفِقَ مَسْحًۢا بِالسُّوْقِ وَ

پردي ۾. (چيائين) موٽايو انهن کي مون ڏانهن، پوءِ شروع ڪيائين هٿ هلائڻ انهن جي پنين ۽

الْاَعْنَاقِ ۝٣٣ وَلَقَدْ فَتَنَّا سُلَيْمٰنَ وَاَلْقَيْنَا عَلٰي

ڪنڌن تي. ۽ البت اسان آزمايو سليمان کي ۽ اڇلايو سون

كُرْسِيِّهٖ جَسَدًا ثُمَّ اَنَابَ ۝٣٤ قَالَ رَبِّ اغْفِرْ لِيْ

ان جي ڪرسيءَ تي هڪڙو جسم پوءِ انهيءَ رجوع ڪيو. چيائين اي رب منهنجا معاف ڪر مونکي

وَهَبْ لِيْ مُلْكًا لَّا يَنْۢبَغِيْ لِاَحَدٍ مِّنْۢ بَعْدِيْ ۚ

۽ ڏي مونکي اهڙي حڪومت جو نه هجي ڪنهين کي مون کان پوءِ.

اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ۝٣٥ فَسَخَّرْنَا لَهُ الرِّيْحَ تَجْرِيْ

بيشڪ تون ئي عطا ڪندڙ آهين. پوءِ تابع ڪئي سون ان لاءِ هوا جا هلي پئي

بِاَمْرِهٖ رُخَاۗءً حَيْثُ اَصَابَ ۝٣٦ۙ وَالشَّيٰطِيْنَ كُلَّ

ان جي حڪم سان آرام سان جتي پهچڻ گهري ۽ پڻ شيطان سمورا

بَنَّآءٍ وَّغَوَّاصٍ ﴿٣٧﴾ وَّاٰخَرِيْنَ مُقَرَّنِيْنَ فِى الْاَصْفَادِ ﴿٣٨﴾

اوساري وارا ۽ ٽٻا ، ۽ ٻيا ٻڌل زنجيرن ۾ .

هٰذَا عَطَآؤُنَا فَامْنُنْ اَوْ اَمْسِكْ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٣٩﴾

هيءُ آهي بخشش اسانجي پوءِ تون ٿورو ڪرين يا بند ڪرين بنا ليکي.

وَاِنَّ لَهٗ عِنْدَنَا لَزُلْفٰى وَحُسْنَ مَاٰبٍ ﴿٤٠﴾ وَاذْكُرْ

۽ بيشڪ ان جو اسان وٽ وڏو مرتبو آهي ۽ عمدو آستانو. ۽ ياد ڪر

عَبْدَنَآ اَيُّوْبَ ۘ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗٓ اَنِّىْ مَسَّنِىَ الشَّيْطٰنُ

اسانجي ٻانهي ايوب کي، جڏهن سڏ ڪيائين پنهنجي رب کي ته مونکي ڏني آهي شيطان

بِنُصْبٍ وَّعَذَابٍ ﴿٤١﴾ اُرْكُضْ بِرِجْلِكَ ۚ هٰذَا

تڪليف ۽ ايذاءُ (چيوسون) هڻ لت پنهنجي، اجهو هيءُ

مُغْتَسَلٌۢ بَارِدٌ وَّشَرَابٌ ﴿٤٢﴾ وَوَهَبْنَا لَهٗٓ اَهْلَهٗ وَ

وهنجڻ جو ٿڌو پاڻي آهي ۽ پيئڻ جو. ۽ ڏنوسون ان کي سندس گهر ٻار ۽

مِثْلَهُمْ مَّعَهُمْ رَحْمَةً مِّنَّا وَذِكْرٰى لِاُولِى الْاَلْبَابِ ﴿٤٣﴾

انهن جهڙو ٻيو به انهن سان گڏ ٻاجھ پنهنجي سان ۽ يادگار عقلمندن لاءِ .

وَخُذْ بِيَدِكَ ضِغْثًا فَاضْرِبْ بِّهٖ وَلَا تَحْنَثْ ؕ اِنَّا

۽ وٺ پنهنجي هٿ ۾ موڙهاٺي پوءِ هڻ اها ۽ نه ڀڃ قسم، بيشڪ اسان

وَجَدْنٰهُ صَابِرًا ؕ نِعْمَ الْعَبْدُ ؕ اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ﴿٤٤﴾ وَاذْكُرْ

لڌوسون اُنکي صبر وارو، اهو چڱو ٻانهو هو، اهو رجوع ڪندڙ هو. ۽ ياد ڪر

عِبٰدَنَآ اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ اُولِى الْاَيْدِىْ

اسانجي ٻانهن ابراهيم ۽ اسحاق ۽ يعقوب کي اهي وڏي طاقت

وَالْاَبْصَارِ ﴿٤٥﴾ اِنَّآ اَخْلَصْنٰهُمْ بِخَالِصَةٍ ذِكْرَى

۽ نظر وارا هئا. اسان چونڊيو سون انهن کي خاص وصف سان جا ياد ڳيري

الدَّارِ ﴿٤٦﴾ وَاِنَّهُمْ عِنْدَنَا لَمِنَ الْمُصْطَفَيْنَ الْاَخْيَارِ ﴿٤٧﴾

آخرت جي آهي. ۽ بيشڪ اهي اسان وٽ آهن چونڊيل ڀلارن مان.

وَاذْكُرْ اِسْمٰعِيْلَ وَالْيَسَعَ وَذَا الْكِفْلِ وَكُلٌّ مِّنَ

۽ ياد ڪر اسماعيل ۽ يسع ۽ ذالڪفل کي، ۽ هئا سمورا

الْاَخْيَارِ ﴿٤٨﴾ هٰذَا ذِكْرٌ وَاِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ لَحُسْنَ مَاٰبٍ ﴿٤٩﴾

ڀلارن مان. هي آهي بيان، ۽ بيشڪ پرهيزگارن لاءِ آهي سٺو ماڳ.

جَنّٰتِ عَدْنٍ مُّفَتَّحَةً لَّهُمُ الْاَبْوَابُ ﴿٥٠﴾ مُتَّكِـِٕيْنَ

باغ هميشه رهڻ لاءِ کليل انهن لاءِ دروازا. ٽيڪ ڏيندي

فِيْهَا يَدْعُوْنَ فِيْهَا بِفَاكِهَةٍ كَثِيْرَةٍ وَّشَرَابٍ ﴿٥١﴾

ان ۾ گهرائيندا اتي ميوا گهڻا ۽ پيئڻ جون شيون.

وَعِنْدَهُمْ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ اَتْرَابٌ ﴿٥٢﴾ هٰذَا مَا

۽ انهن وٽ هونديون نظر هيٺ ڪندڙ هڪ جيڏيون. هي اهو آهي

تُوْعَدُوْنَ لِيَوْمِ الْحِسَابِ ﴿٥٣﴾ اِنَّ هٰذَا لَرِزْقُنَا مَا لَهٗ

جو وعدو ڪيا وڃو ٿا ڏينهن قيامت لاءِ. بيشڪ هي اسان جو رزق آهي جنهن کي

مِنْ نَّفَادٍ ﴿٥٤﴾ هٰذَا ۭ وَاِنَّ لِلطّٰغِيْنَ لَشَرَّ مَاٰبٍ ﴿٥٥﴾

ڪاڪوٽ ناهي، اهو پڌو، ۽ بيشڪ بي فرمانن لاءِ آهي برو ٺڪاڻو.

جَهَنَّمَ ۚ يَصْلَوْنَهَا ۚ فَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿٥٦﴾ هٰذَا ۙ فَلْيَذُوْقُوْهُ

دوزخ، جنهن ۾ پوندا، پوءِ بڇڙو آهي اهو وڇائڻو. اهو، پوءِ پيل چکن ان کي

حَمِيْمٌ وَّغَسَّاقٌ ﴿٥٧﴾ وَّاٰخَرُ مِنْ شَكْلِهٖٓ اَزْوَاجٌ ﴿٥٨﴾

مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اقْتَتَلُوْا فَاَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا ۚ فَاِنْۢ بَغَتْ

مسلمانن جون وڙهي پون ته ٺاهه ڪرايو انهن جي وچم، پوءِ جيڪڏهن زيادتي ڪري

اِحْدٰىهُمَا عَلَى الْاُخْرٰى فَقَاتِلُوا الَّتِيْ تَبْغِيْ حَتّٰى

انهن مان هڪڙي ڌر ٻيءَ تي پوءِ توهان لڙو انهيءَ سان جا زيادتي ڪري ٿي ايستائين

تَفِيْٓءَ اِلٰٓى اَمْرِ اللّٰهِ ۚ فَاِنْ فَآءَتْ فَاَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا

جو موٽي اچي الله جي حڪم ڏانهن، پوءِ جيڪڏهن موٽي اچي ته پوءِ ٻاهه ڪرايو ٻنهي جي وچ ۾

بِالْعَدْلِ وَاَقْسِطُوْا ۭ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ⑨

برابري سان ۽ انصاف ڪريو، بيشڪ الله محبت رکي ٿو انصاف ڪندڙن سان.

اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ اِخْوَةٌ فَاَصْلِحُوْا بَيْنَ اَخَوَيْكُمْ ۚ وَ

رڳو مسلمان ڀائر آهن پوءِ صُلح ڪرايو پنهنجي ڀائرن جي وچ ۾، ۽

اتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ⑩ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ع ١٣

ڊڄو الله کان ته مَنَ توهان تي رحم ڪيو وڃي. اي ايمان وارؤ!

لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسٰٓى اَنْ يَّكُوْنُوْا خَيْرًا مِّنْهُمْ

نه ٺوڪ ڪري ڪائي قوم ڪنهن قوم تي شايد اهي هجن ڀلا انهن کان

وَلَا نِسَآءٌ مِّنْ نِّسَآءٍ عَسٰٓى اَنْ يَّكُنَّ خَيْرًا مِّنْهُنَّ ۚ

۽ نڪي عورتون ٻين عورتن تي شايد اهي هجن ڀليون انهن کان،

وَلَا تَلْمِزُوْٓا اَنْفُسَكُمْ وَلَا تَنَابَزُوْا بِالْاَلْقَابِ ۭ بِئْسَ

۽ نه عيب ڪڍو هڪٻئي جا ۽ نه لايو هڪٻئي کي بڇڙا لقب، بُرو

الِاسْمُ الْفُسُوْقُ بَعْدَ الْاِيْمَانِ ۚ وَمَنْ لَّمْ يَتُبْ

کوٽ برائي آهي ايمان کان پوءِ، ۽ جيڪي نه توبه ڪندا

فَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ⑪ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

پوءِ اهي ئي ظالم آهن. اي ايمان وارؤ!

اجْتَنِبُوْا كَثِيْرًا مِّنَ الظَّنِّ ۡ اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ اِثْمٌ وَّ

پاسو ڪريو گھڻن شڪن گمانن کان　بيشڪ ڪي گمان گناھ آھن ۽

لَا تَجَسَّسُوْا وَلَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا ؕ اَيُحِبُّ

نہ جاچوسي ڪريو ۽ نہ گلا ڪري توھان مان ڪوئي ڪنھن جي، ڇا پسند ڪري ٿو

اَحَدُكُمْ اَنْ يَّاْكُلَ لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوْهُ ؕ وَ

توھان مان ڪوئي تہ کائي گوشت پنھنجي ڀاءُ مُئل جو پوءِ ڪريہ ڪيو ٿا ان کان، ۽

اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ تَوَّابٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّا

ڊڄو الله کان، بيشڪ الله توبہ قبوليندڙ مھربان آھي۔ اي انسانو! بيشڪ اسان

خَلَقْنٰكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ وَّاُنْثٰى وَجَعَلْنٰكُمْ شُعُوْبًا وَّقَبَآئِلَ

پيدا ڪيو توھان کي نر ۽ مادي مان ۽ اسان ڪيون توھان ۾ ذاتيون ۽ پاڙا

لِتَعَارَفُوْا ؕ اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

جيئن هڪبئي کي سڃاڻو، بيشڪ وڌيڪ ڀلو توھان ۾ الله وٽ آھي وڌيڪ پرھيزگار، بيشڪ الله

عَلِيْمٌ خَبِيْرٌ ﴿١٣﴾ قَالَتِ الْاَعْرَابُ اٰمَنَّا ؕ قُلْ لَّمْ

ڄاڻندڙ خبر رکندڙ آھي۔ چيو ٻھراڙي وارن اسان ايمان آندو آھي، چؤ نہ

تُؤْمِنُوْا وَلٰكِنْ قُوْلُوْۤا اَسْلَمْنَا وَلَمَّا يَدْخُلِ الْاِيْمَانُ

ايمان آندو اٿو پر چئو تہ اسان تابعدار ٿيا آھيون ۽ اڃا نہ گھڙيو آھي ايمان

فِيْ قُلُوْبِكُمْ ؕ وَاِنْ تُطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَا يَلِتْكُمْ

توھان جي دلين ۾، ۽ جيڪڏھن چيو مڃيندؤ الله جو ۽ انجي رسول جو تہ نہ گھٽائيندو

مِّنْ اَعْمَالِكُمْ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٤﴾ اِنَّمَا
توهان جي نيڪين مان ڪجهه به. بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي. مومن

الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ثُمَّ لَمْ
ايمان وارا اهي آهن جن يقين ڪيو الله تي ۽ ان جي رسول تي پوءِ نه

يَرْتَابُوْا وَجٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ
شڪ ڪيائون ۽ جهاد ڪيائون پنهنجن مالن سان ۽ پنهنجن جانين سان واٽ

اللّٰهِ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الصّٰدِقُوْنَ ﴿١٥﴾ قُلْ اَتُعَلِّمُوْنَ اللّٰهَ
الله ۾ اهي ئي سچا آهن. تون بڌاءِ ڇا توهان ڄاڻايو ٿا الله کي

بِدِيْنِكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي
پنهنجي دينداري، ۽ الله ته ڄاڻي ٿو جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي

الْاَرْضِ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿١٦﴾ يَمُنُّوْنَ عَلَيْكَ
زمين ۾ آهي، ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. ٿورو ٿا ڪن تو تي

اَنْ اَسْلَمُوْا ؕ قُلْ لَّا تَمُنُّوْا عَلَيَّ اِسْلَامَكُمْ ۚ بَلِ اللّٰهُ
جو مسلمان ٿيا آهن، تون چؤ ٿورو نه ڪريو مون تي پنهنجي اسلام جو، بلڪ الله

يَمُنُّ عَلَيْكُمْ اَنْ هَدٰىكُمْ لِلْاِيْمَانِ اِنْ كُنْتُمْ
ٿورو ڪيو توهان تي جو رستو ڏيکاريائين توهان کي ايمان جو جيڪڏهن آهيو

صٰدِقِيْنَ ﴿١٧﴾ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ غَيْبَ السَّمٰوٰتِ وَ
سچا. بيشڪ الله ڄاڻي ٿو ڳجهه آسمانن جو ۽

الْاَرْضِ ۭ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٨﴾

زمين جو، ۽ الله ڏسندڙ آهي جيڪي توهان ڪريو ٿا.

سُوْرَةُ قٓ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ خَمْسٌ وَّاَرْبَعُوْنَ اٰيَةً وَّثَلٰثُ رُكُوْعَاتٍ

سورت ق مڪي آهي ۽ اها پنجيتاليهه آيتون ۽ ٽي ٣ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

قٓ ۚ وَالْقُرْاٰنِ الْمَجِيْدِ ﴿١﴾ بَلْ عَجِبُوْٓا اَنْ جَاۗءَهُمْ

قٓ. قسم آهي قرآن مجيد جو. پر عجب لڳن جو آيو انهن وٽ

مُنْذِرٌ مِّنْهُمْ فَقَالَ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا شَيْءٌ عَجِيْبٌ ﴿٢﴾

ڊيڄاريندڙ انهن مان پوءِ چيو ڪافرن هي ڳالهه عجيب آهي.

ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا ۚ ذٰلِكَ رَجْعٌۢ بَعِيْدٌ ﴿٣﴾ قَدْ

ڇا جڏهن مرنداسون ۽ ٿينداسون مٽي، اهو موٽڻ ڏور آهي. بيشڪ

عَلِمْنَا مَا تَنْقُصُ الْاَرْضُ مِنْهُمْ ۚ وَعِنْدَنَا كِتٰبٌ

ڄاتوسون انکي جيڪي کائي ٿي زمين انهن مان ۽ اسان وٽ دفتر آهي

حَفِيْظٌ ﴿٤﴾ بَلْ كَذَّبُوْا بِالْحَقِّ لَمَّا جَاۗءَهُمْ فَهُمْ

سنڀاليندڙ. پر ڪوڙو ڪيائون حق کي جڏهن آيو انهن وٽ پوءِ اهي

فِيْٓ اَمْرٍ مَّرِيْجٍ ﴿٥﴾ اَفَلَمْ يَنْظُرُوْٓا اِلَى السَّمَاۗءِ فَوْقَهُمْ

ڳالهه منجهيل ۾ آهن. ڇا پوءِ نه ڏٺائون آسمان ڏانهن پنهنجي مٿان

كَيْفَ بَنَيْنٰهَا وَ زَيَّنّٰهَا وَ مَا لَهَا مِنْ فُرُوْجٍ ⑥ وَ
ڪيئن اڏيوسون ان کي ۽ سينگاريوسون ۽ ناهي ان ۾ ڪوئي ڏنگو. ۽
الْاَرْضَ مَدَدْنٰهَا وَ اَلْقَيْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ وَ اَنْۢبَتْنَا
زمين کي پکيڙيوسون ۽ وڌاسون ان ۾ وڻن ۽ ڄمايا سون
فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍۢ بَهِيْجٍ ⑦ تَبْصِرَةً وَّ ذِكْرٰى لِكُلِّ
ان ۾ ڪيئي قسم وڻندڙ. اک کولڻ ۽ ياد ڏيارڻ لاءِ هر
عَبْدٍ مُّنِيْبٍ ⑧ وَ نَزَّلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً مُّبٰرَكًا
ٻانهي رجوع ڪندڙ کي. ۽ لاٿوسون آسمان کان پاڻي برڪت وارو
فَاَنْۢبَتْنَا بِهٖ جَنّٰتٍ وَّ حَبَّ الْحَصِيْدِ ⑨ وَ النَّخْلَ
پوءِ ڄمايا سون انهيءَ سان باغ ۽ اناج لاباري وارا. ۽ کجيون
بٰسِقٰتٍ لَّهَا طَلْعٌ نَّضِيْدٌ ⑩ رِّزْقًا لِّلْعِبَادِ وَ اَحْيَيْنَا
ڊگهيون جن جا ٻوڪا آهن سٽيل، خوراڪ ٻانهن لاءِ ۽ آباد ڪياسون
بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا كَذٰلِكَ الْخُرُوْجُ ⑪ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ
ان سان ملڪ غير آباد، ائين ئي آهي وري نڪرڻ. ڪوڙو ڪيو انهن کان اڳي
قَوْمُ نُوْحٍ وَّ اَصْحٰبُ الرَّسِّ وَ ثَمُوْدُ ⑫ وَ عَادٌ وَّ فِرْعَوْنُ
نوح جي قوم ۽ کچي کوھ وارن ۽ ثمود، ۽ عاد ۽ فرعون
وَ اِخْوَانُ لُوْطٍ ⑬ وَّ اَصْحٰبُ الْاَيْكَةِ وَ قَوْمُ تُبَّعٍ
۽ برادر لوط جي، ۽ جهنگل وارن ۽ تبع جي ماڻهن،

كُلٌّ كَذَّبَ الرُّسُلَ فَحَقَّ وَعِيۡدِ ﴿١٤﴾ اَفَعَيِيۡنَا
سڀني ڪوڙو ڪيو رسولن کي پوءِ پيو عذاب منهنجو. ڇا پوءِ ٿڪيا آهيون
بِالۡخَلۡقِ الۡاَوَّلِ ؕ بَلۡ هُمۡ فِیۡ لَبۡسٍ مِّنۡ خَلۡقٍ
پيدا ڪرڻ پهرئين کان، بلڪ اهي شڪ ۾ آهن پيدائش
ع ١٥ جَدِيۡدٍ ﴿١٥﴾ وَلَقَدۡ خَلَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ وَنَعۡلَمُ مَا
نئين کان. ۽ اسان پيدا ڪيو آهي انسان کي ۽ اسان ڄاڻون ٿا جيڪي
تُوَسۡوِسُ بِهٖ نَفۡسُهٗ ۖۚ وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ
وسوسو وجهي ٿو ان کي سندس نفس، ۽ اسان وڌيڪ ويجها آهيون ان ڏانهن
حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ ﴿١٦﴾ اِذۡ يَتَلَقَّى الۡمُتَلَقِّيٰنِ عَنِ الۡيَمِيۡنِ
ساهه جي رڳ کان. جڏهن وٺندا وٺڻ وارا ساڄي کان
وَعَنِ الشِّمَالِ قَعِيۡدٌ ﴿١٧﴾ مَا يَلۡفِظُ مِنۡ قَوۡلٍ اِلَّا
۽ کابي کان ويهندڙ. نه ٿو ڳالهائي ڪا ڳالهه مگر
لَدَيۡهِ رَقِيۡبٌ عَتِيۡدٌ ﴿١٨﴾ وَجَآءَتۡ سَكۡرَةُ الۡمَوۡتِ
ان وٽ آهي حفاظت ڪندڙ تيار. ۽ اچي وئي سختي موت جي
بِالۡحَقِّ ؕ ذٰلِكَ مَا كُنۡتَ مِنۡهُ تَحِيۡدُ ﴿١٩﴾ وَنُفِخَ فِی
سچ پچ، اها آئي جنهن کان تون لهرائيندڙ هئين. ۽ ڦوڪ ڏني ويندي
الصُّوۡرِ ؕ ذٰلِكَ يَوۡمُ الۡوَعِيۡدِ ﴿٢٠﴾ وَجَآءَتۡ كُلُّ نَفۡسٍ
ڪرنا ۾، اهو آهي ڏينهن ڌمڪي جو. ۽ حاضر ٿيندو هر جاندار

مَّعَهَا سَآئِقٌ وَّشَهِيدٌ ﴿٢١﴾ لَقَدْ كُنتَ فِي غَفْلَةٍ مِّنْ

ان سان گڏ هوندو هڪليندڙ ۽ حال ٻڌائيندڙ. يقينن هئين تون غفلت ۾

هَٰذَا فَكَشَفْنَا عَنكَ غِطَآءَكَ فَبَصَرُكَ الْيَوْمَ

هن کان پوءِ پري ڪيوسون توکان پردو تنهنجو پوءِ نگاهه تنهنجي اڄ

حَدِيدٌ ﴿٢٢﴾ وَقَالَ قَرِينُهُ هَٰذَا مَا لَدَيَّ عَتِيدٌ ﴿٢٣﴾

تيز آهي ۽ چوندو همراهه ان جو هي آهي جيڪي مون وٽ آهي تيار.

أَلْقِيَا فِي جَهَنَّمَ كُلَّ كَفَّارٍ عَنِيدٍ ﴿٢٤﴾ مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ

(توهان ٻئي) اُڇليو دوزخ ۾ هر منڪر هٺيلي ڀلائي کان روڪيندڙ

مُعْتَدٍ مُّرِيبٍ ﴿٢٥﴾ الَّذِي جَعَلَ مَعَ اللَّهِ إِلَٰهًا

حد ٽپيندڙ شڪ وجهندڙ کي جنهن بڻايو الله سان گڏ خداءِ

آخَرَ فَأَلْقِيَاهُ فِي الْعَذَابِ الشَّدِيدِ ﴿٢٦﴾ قَالَ قَرِينُهُ

ٻيو پوءِ اڇليوس عذاب سخت ۾. چوندو ساٿي انهي جو

رَبَّنَا مَا أَطْغَيْتُهُ وَلَٰكِن كَانَ فِي ضَلَالٍ بَعِيدٍ ﴿٢٧﴾

اي رب اسان جا نه باغي بڻايو مان انکي پر هئو پاڻ گمراهي پرانهين ۾.

قَالَ لَا تَخْتَصِمُوا لَدَيَّ وَقَدْ قَدَّمْتُ إِلَيْكُم بِالْوَعِيدِ ﴿٢٨﴾

الله فرمائيندو نه جهڳڙو ڪريو مون وٽ حالانڪ اڳي موڪلي اٿم توهان ڏانهن ڌمڪي.

مَا يُبَدَّلُ الْقَوْلُ لَدَيَّ وَمَا أَنَا بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيدِ ﴿٢٩﴾

ڪا نه مٽائبي اها ڳالهه مون وٽ ۽ نه آهيان مان ظلم ڪندڙ ٻانهن تي.

يَوۡمَ نَقُوۡلُ لِجَهَنَّمَ هَلِ امۡتَلَـاۡتِ وَتَقُوۡلُ هَلۡ مِنۡ

جنهن ڏينهن چونداسون جهنم کي ڀرجي وئين تون؟ ۽ اهو چوندو ڇا آهي ڪجهه

مَّزِيۡدٍ ﴿٣٠﴾ وَاُزۡلِفَتِ الۡجَـنَّةُ لِلۡمُتَّقِيۡنَ غَيۡرَ بَعِيۡدٍ ﴿٣١﴾

وڌيڪ؟ ۽ ويجهي ڪبي جنت پرهيزگارن لاءِ نه پري.

هٰذَا مَا تُوۡعَدُوۡنَ لِكُلِّ اَوَّابٍ حَفِيۡظٍ‌ ﴿٣٢﴾ مَنۡ

هي آهي جنهن جو وعدو ڪجي ٿو توهان سان هر هڪ توبه ڪندڙ يادرکندڙ لاءِ. جيڪو

خَشِىَ الرَّحۡمٰنَ بِالۡغَيۡبِ وَجَآءَ بِقَلۡبٍ مُّنِيۡبِ ﴿٣٣﴾

ڊنو رحمان کان پرپٺ ۽ پيش ڪيائين دل توبه واري.

اۨدۡخُلُوۡهَا بِسَلٰمٍ‌ ؕ ذٰلِكَ يَوۡمُ الۡخُلُوۡدِ ﴿٣٤﴾ لَهُمۡ مَّا

هلو جنت ۾ سلامتي سان، اهو ڏينهن آهي هميشه رهڻ جو. انهن لاءِ آهي جيڪي

يَشَآءُوۡنَ فِيۡهَا وَلَدَيۡنَا مَزِيۡدٌ ﴿٣٥﴾ وَكَمۡ اَهۡلَـكۡنَا

گهرندا اتي ۽ اسان وٽ گهڻو ئي آهي. ۽ ڪيتريون تباهه ڪيون سين

قَبۡلَهُمۡ مِّنۡ قَرۡنٍ هُمۡ اَشَدُّ مِنۡهُمۡ بَطۡشًا فَنَقَّبُوۡا

انهن کان اڳ قومون جو اهي ڏاڍيون هيون انهن کان طاقت ۾ پوءِ ڇاڃيائون

فِى الۡبِلَادِ ؕ هَلۡ مِنۡ مَّحِيۡصٍ ﴿٣٦﴾ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ

شهرن ۾، ته آهي ڪٿي جو ڇٽڪارو؟ بيشڪ ان ۾

لَذِكۡرٰى لِمَنۡ كَانَ لَهٗ قَلۡبٌ اَوۡ اَلۡقَى السَّمۡعَ وَهُوَ

آهي سمجهاڻي انهي لاءِ جنهن کي دل هجي يا ڏئي ڪن ۽ اهو ڪري

شَهِيْدٌ ﴿٣٧﴾ وَلَقَدْ خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا

توجُّھ . ۽ البت پيدا ڪيوسون آسمانن کي ۽ زمين کي ۽ جيڪي

بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ۖ وَّمَا مَسَّنَا مِنْ لُّغُوْبٍ ﴿٣٨﴾

انهن جي وچ ۾ آهي ڇهن ڏينهن ۾ ۽ نه پهتي اسانکي ڪا تڪاوٽ .

فَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ

پوءِ تون سهپ ڪر ان تي جيڪي چون ٿا ۽ سبحان پڙهه پنهنجي رب جي تعريف سان اڳ

طُلُوْعِ الشَّمْسِ وَقَبْلَ الْغُرُوْبِ ﴿٣٩﴾ وَمِنَ الَّيْلِ

سج اُڀرڻ کان ۽ اڳ لهڻ کان . ۽ رات جو به

فَسَبِّحْهُ وَاَدْبَارَ السُّجُوْدِ ﴿٤٠﴾ وَاسْتَمِعْ يَوْمَ يُنَادِ الْمُنَادِ

پڙهه انجي پاڪائي ۽ پٺيان سجدن کان . ۽ ڪن ڏي ته جنهن ڏينهن سڏ ڪندو سڏ ڪندڙ

مِنْ مَّكَانٍ قَرِيْبٍ ﴿٤١﴾ يَّوْمَ يَسْمَعُوْنَ الصَّيْحَةَ بِالْحَقِّ

جڳهه ويجهي کان . جنهن ڏينهن ٻڌندا رڙ حق جي ،

ذٰلِكَ يَوْمُ الْخُرُوْجِ ﴿٤٢﴾ اِنَّا نَحْنُ نُحْيٖ وَنُمِيْتُ وَ

اهو ڏينهن آهي نڪرڻ جو . بيشڪ اسان جياريون ٿا ۽ ماريون ٿا ۽

اِلَيْنَا الْمَصِيْرُ ﴿٤٣﴾ يَوْمَ تَشَقَّقُ الْاَرْضُ عَنْهُمْ سِرَاعًا

اسان ڏانهن ئي آهي موٽڻ ، جنهن ڏينهن ڦاٽندي ڌرتي انهن کان نڪرندا ڊڪندا

ذٰلِكَ حَشْرٌ عَلَيْنَا يَسِيْرٌ ﴿٤٤﴾ نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَقُوْلُوْنَ

اهو گڏ ڪرڻ اسان تي سولو آهي . اسين گهڻو ڄاڻندڙ آهيون جيڪي چون ٿا

وَمَآ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِجَبَّارٍ ۣ فَذَكِّرْ بِالْقُرْاٰنِ مَنْ

۽ نه آهين تون انهن تي زور ڪندڙ، پوءِ سمجهاءِ تون قرآن سان ان کي

ع ٣ ١٦ ١٧ يَّخَافُ وَعِيْدِ ۝٤٥

جيڪو ڊڄي منهنجي ڌمڪيءَ کان.

سُوْرَةُ الذّٰرِيٰتِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ سِتُّوْنَ اٰيَةً وَّثَلٰثُ رُكُوْعَاتٍ

سورت ذاريات مڪي آهي ۽ اها سٺ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَالذّٰرِيٰتِ ذَرْوًا ۝١ فَالْحٰمِلٰتِ وِقْرًا ۝٢ فَالْجٰرِيٰتِ

قسم آهي ڇنڊڻ وارين جو اُڏائي ڇڏڻ، پوءِ کڻي هلڻ وارين جو بار کي، پوءِ هلڻ وارين جو

يُسْرًا ۝٣ فَالْمُقَسِّمٰتِ اَمْرًا ۝٤ اِنَّمَا تُوْعَدُوْنَ لَصَادِقٌ ۝٥

نرميءَ سان، پوءِ ورهائڻ وارين جو حڪم کي، ته بيشڪ جيڪي وعدو ڪجيوَ ٿو سچ آهي.

وَّاِنَّ الدِّيْنَ لَوَاقِعٌ ۝٦ وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الْحُبُكِ ۝٧

۽ بيشڪ انصاف ٿيڻو آهي. قسم آهي آسمان واٽن واري جو،

اِنَّكُمْ لَفِيْ قَوْلٍ مُّخْتَلِفٍ ۝٨ يُّؤْفَكُ عَنْهُ مَنْ اُفِكَ ۝٩

ته بيشڪ اوهان آهيو ڳالهه اختلافي ۾. ڦيرايو ويندو (حق کان) جنهن کي ڦيرايو ويو.

قُتِلَ الْخَرّٰصُوْنَ ۝١٠ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ غَمْرَةٍ سَاهُوْنَ ۝١١

ماريو ويا ڳالهين ٺاهڻ وارا، جيڪي اهي غفلت ۾ وسريل آهن.

يَسْـَٔلُوْنَ اَيَّانَ يَوْمُ الدِّيْنِ ؕ﴿۱۲﴾ يَوْمَ هُمْ عَلَى النَّارِ

پُڇن ٿا ته ڪڏهن ٿيندو بدلي جو ڏينهن. جنهن ڏينهن اهي باهه ۾

يُفْتَنُوْنَ ﴿۱۳﴾ ذُوْقُوْا فِتْنَتَكُمْ ؕ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ

ساڙيا ويندا. (چئبن) چکو سڙڻ جو مزو، هي آهي اهو جنهن جي توهان

تَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿۱۴﴾ اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ۙ﴿۱۵﴾

تڪڙي ڪندا هئا. بيشڪ پرهيزگار باغن ۾ ۽ چشمن ۾ هوندا،

اٰخِذِيْنَ مَاۤ اٰتٰىهُمْ رَبُّهُمْ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ

وٺندڙ جيڪي ڏئين سندن رب، بيشڪ اهي هئا هن کان اڳ

مُحْسِنِيْنَ ؕ﴿۱۶﴾ كَانُوْا قَلِيْلًا مِّنَ الَّيْلِ مَا يَهْجَعُوْنَ ﴿۱۷﴾

ڀلائي ڪندڙ. اهي ٿوري رات ننڊ ڪندا هئا.

وَبِالْاَسْحَارِ هُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ ﴿۱۸﴾ وَفِيْۤ اَمْوَالِهِمْ

۽ اسرن جو اهي بخشش گهرندا هئا. ۽ انهن جي مالن ۾

حَقٌّ لِّلسَّآئِلِ وَالْمَحْرُوْمِ ﴿۱۹﴾ وَفِي الْاَرْضِ اٰيٰتٌ

حصو هئو گهرندڙ جو ۽ نه گهرندڙ غريب جو. ۽ زمين ۾ نشانيون

لِّلْمُوْقِنِيْنَ ۙ﴿۲۰﴾ وَفِيْۤ اَنْفُسِكُمْ ؕ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ﴿۲۱﴾ وَ

آهن ويساهه وارن لاءِ، ۽ توهان جي وجود ۾ به، ڇا پوءِ اوهين نٿا سوچيو. ۽

فِي السَّمَآءِ رِزْقُكُمْ وَمَا تُوْعَدُوْنَ ﴿۲۲﴾ فَوَرَبِّ السَّمَآءِ

آسمان ۾ روزي آهي توهان جي ۽ جيڪي توهان سان انجام ڪيل آهي. پوءِ قسم آهي پروردگار آسمان

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

وَالْاَرْضِ اِنَّهٗ لَحَقٌّ مِّثْلَ مَآ اَنَّكُمْ تَنْطِقُوْنَ ﴿٢٣﴾ ع ٢ ٢٣ ١٨

۽ زمين جي جو ته بيشڪ اهو سچ آهي جيئن جو توهان ڳالهائيندا آهيو .

هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ ضَيْفِ اِبْرٰهِيْمَ الْمُكْرَمِيْنَ ﴿٢٤﴾

ڇا آئي تو وٽ خبر ابراهيم جي مهمانن مانَ وارن جي .

اِذْ دَخَلُوْا عَلَيْهِ فَقَالُوْا سَلٰمًا ؕ قَالَ سَلٰمٌ ۚ قَوْمٌ

جڏهن اندر آيا ان وٽ چيائونس سلام ، هن به چيو سلام ، ماڻهو

مُّنْكَرُوْنَ ﴿٢٥﴾ فَرَاغَ اِلٰٓى اَهْلِهٖ فَجَآءَ بِعِجْلٍ

آهن اوپرا . پوءِ ويو پنهنجي آکهه ڏانهن ۽ آندائين ڳابو

سَمِيْنٍ ﴿٢٦﴾ فَقَرَّبَهٗٓ اِلَيْهِمْ قَالَ اَلَا تَاْكُلُوْنَ ﴿٢٧﴾

سٿيو ، ۽ پيش ڪيائين انهن جي اڳيان چيائين ڇا نه ٿا کائو ؟ ،

فَاَوْجَسَ مِنْهُمْ خِيْفَةً ؕ قَالُوْا لَا تَخَفْ ؕ وَ

پوءِ دل ۾ رکيائين انهن کان خوف ، چيائونس نه ڊڄ ، ۽

بَشَّرُوْهُ بِغُلٰمٍ عَلِيْمٍ ﴿٢٨﴾ فَاَقْبَلَتِ امْرَاَتُهٗ فِيْ

واڌايون ڏنائونس ٻار هوشيار جي . پوءِ آئي سندس زال

صَرَّةٍ فَصَكَّتْ وَجْهَهَا وَقَالَتْ عَجُوْزٌ عَقِيْمٌ ﴿٢٩﴾

ڳالهائيندي پوءِ هنيائين هٿ پنهنجي منهن تي ۽ چيائين پوڙهي آهيان سنڍ .

قَالُوْا كَذٰلِكِ ۙ قَالَ رَبُّكِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْحَكِيْمُ الْعَلِيْمُ ﴿٣٠﴾

چيائونس ائين ئي فرمايو تنهنجي رب ، بيشڪ اهو حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي .

قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٣١﴾ قَالُوْٓا اِنَّآ

چيائين پوءِ ڪهڙو آهي ڪم توهان جو اي قاصدؤ ؟ چيائون تہ اسان

اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ ﴿٣٢﴾ لِنُرْسِلَ عَلَيْهِمْ

موڪليا ويا آهيون ڏوهاري قوم ڏانهن، تہ وسايون انهن تي

حِجَارَةً مِّنْ طِيْنٍ ﴿٣٣﴾ مُّسَوَّمَةً عِنْدَ رَبِّكَ

پٿر مٽيءَ جا ، نشان ڪيل تنهنجي رب وٽ

لِلْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣٤﴾ فَاَخْرَجْنَا مَنْ كَانَ فِيْهَا مِنَ

حدکان لنگھندڙن لاءِ. پوءِ ٻاهر ڪڍياسون جيڪي هئا اتي

الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٣٥﴾ فَمَا وَجَدْنَا فِيْهَا غَيْرَ بَيْتٍ مِّنَ

ايمان وارا. پوءِ نہ لڌوسون ان ۾ سواءِ هڪ گھر

الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٣٦﴾ وَتَرَكْنَا فِيْهَآ اٰيَةً لِّلَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ

مسلمانن جي. ۽ ڇڏي اسان اتي نشاني انهن لاءِ جيڪي ڊڄن ٿا

الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٣٧﴾ وَفِيْ مُوْسٰٓى اِذْ اَرْسَلْنٰهُ اِلٰى

عذاب ڏکوئيندڙ کان. ۽ پڻ موسىٰ ۾ جڏهن موڪليوسون ان کي

فِرْعَوْنَ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٨﴾ فَتَوَلّٰى بِرُكْنِهٖ وَقَالَ

فرعون ڏانهن دليل چٽي سان. پوءِ منهن موڙيائين لشڪر سميت ۽ چيائين

سٰحِرٌ اَوْ مَجْنُوْنٌ ﴿٣٩﴾ فَاَخَذْنٰهُ وَجُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ

جادوگر يا چريو آهي. پوءِ ورتوسون انکي ۽ سندس لشڪري پوءِ اڇلايوسون انهنکي

فِي الْيَمِّ وَهُوَ مُلِيمٌ ﴿٤٠﴾ وَفِي عَادٍ إِذْ أَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ
سمنڊ ۾ ۽ اهو هو ملامت وارو. ۽ قوم عاد ۾ به جڏهن موڪلي سون انهن تي

الرِّيحَ الْعَقِيمَ ﴿٤١﴾ مَا تَذَرُ مِنْ شَيْءٍ أَتَتْ عَلَيْهِ إِلَّا
هوا بي برڪت. نه پئي ڇڏي ڪا شيءِ گهلي جنهن تي مگر

جَعَلَتْهُ كَالرَّمِيمِ ﴿٤٢﴾ وَفِي ثَمُودَ إِذْ قِيلَ لَهُمْ
ڪيائينس جهڙي ڳريل هڏي. ۽ قوم ثمود ۾ به جڏهن چيو ويو انهن کي

تَمَتَّعُوا حَتَّىٰ حِينٍ ﴿٤٣﴾ فَعَتَوْا عَنْ أَمْرِ رَبِّهِمْ
مزا ماڻيو ٿورو ڪجهه وقت تائين. پوءِ آڪڙ ڪيائون پنهنجي پالڻهار جي حڪم کان

فَأَخَذَتْهُمُ الصَّاعِقَةُ وَهُمْ يَنْظُرُونَ ﴿٤٤﴾ فَمَا اسْتَطَاعُوا
پوءِ ورتو انهن کي وڄ ڪڙڪاءَ واري ۽ اهي ڏسندا رهيا. پوءِ نه طاقت رکيائون

مِنْ قِيَامٍ وَمَا كَانُوا مُنْتَصِرِينَ ﴿٤٥﴾ وَقَوْمَ نُوحٍ
اُٿڻ جي ۽ نڪي هئا بدلو وٺندڙ. ۽ قوم نوح جي به

ع ٢٣
مِنْ قَبْلُ إِنَّهُمْ كَانُوا قَوْمًا فَاسِقِينَ ﴿٤٦﴾ وَالسَّمَاءَ
انهن کان اڳي، بيشڪ اهي هئا ماڻهو نافرمان. ۽ آسمان کي

بَنَيْنَاهَا بِأَيْدٍ وَإِنَّا لَمُوسِعُونَ ﴿٤٧﴾ وَالْأَرْضَ فَرَشْنَاهَا
اسان بنايو آهي طاقت سان ۽ بيشڪ اسين سگهه رکندڙ آهيون. ۽ زمين کي وڇايو سون

فَنِعْمَ الْمَاهِدُونَ ﴿٤٨﴾ وَمِنْ كُلِّ شَيْءٍ خَلَقْنَا زَوْجَيْنِ
پوءِ واهه جو اسان پکيڙيندڙ آهيون. ۽ هر شيءِ مان پيدا ڪياسون جوڙا جوڙا

لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٩﴾ فَفِرُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ ؕ اِنِّيْ لَكُمْ مِّنْهُ

ته مَن اوهين ڌيان ڪريو. پوءِ ڀڄو الله ڏانهن بيشڪ آءٌ اوهان کي ان کان

نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٥٠﴾ وَلَا تَجْعَلُوْا مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ؕ

ڊيڄاريندڙ پڌرو آهيان ۽ نه ڪريو الله سان گڏ عبادت جي لائق ٻيو ڪوئي،

اِنِّيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٥١﴾ كَذٰلِكَ مَآ اَتَى

بيشڪ آءٌ توهان کي ان کان ڊيڄاريندڙ پڌرو آهيان. اهڙي طرح نه آيو

الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا قَالُوْا سَاحِرٌ

انهن کان اڳين ڏانهن ڪو رسول مگر چيائون اهو جادوگر آهي

اَوْ مَجْنُوْنٌ ﴿٥٢﴾ اَتَوَاصَوْا بِهٖ ۚ بَلْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ ﴿٥٣﴾

يا چريو. ڇا انهن هڪٻئي کي اها وصيت ڪئي هئي، نه پر اهي ماٺو آهن شرير.

فَتَوَلَّ عَنْهُمْ فَمَآ اَنْتَ بِمَلُوْمٍ ﴿٥٤﴾ وَّذَكِّرْ فَاِنَّ

پوءِ (اي نبي) تون منهن موڙ انهن کان پوءِ نه آهين تون ميار ڏنل. ۽ سمجهائيندو رهه ڇو ته

الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٥٥﴾ وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ

سمجهاڻي فائدو ڏئي ٿو ايمان وارن کي. ۽ نه پيدا ڪيو مون جنن

وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ ﴿٥٦﴾ مَآ اُرِيْدُ مِنْهُمْ مِّنْ

۽ انسانن کي مگر هن لاءِ ته عبادت ڪن منهنجي. نه ٿو گهران مان انهن کان ڪو

رِّزْقٍ وَّمَآ اُرِيْدُ اَنْ يُّطْعِمُوْنِ ﴿٥٧﴾ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ

روزينو ۽ نه ٿو گهران ته کارائن مون کي. بيشڪ الله اهو ئي

الرَّزَّاقُ ذُو الْقُوَّةِ الْمَتِيْنُ ﴿٥٨﴾ فَاِنَّ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا

روزي ڏيندڙ طاقتور ڏاڍو آهي. بيشڪ انهن ڏوهارين جو

ذَنُوْبًا مِّثْلَ ذَنُوْبِ اَصْحٰبِهِمْ فَلَا يَسْتَعْجِلُوْنِ ﴿٥٩﴾

ڀوڪو ڀريو آهي جهڙو ڀوڪو انهن جي سنگت جو. پوءِ نه تڪڙ ڪن مون کان.

فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ يَّوْمِهِمُ الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ ﴿٦٠﴾

پوءِ تباهي آهي منڪرن لاءِ سندن ان ڏينهن جنهن جي کين ڌمڪي ڏني وئي آهي.

سُوْرَةُ الطُّوْرِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ تِسْعٌ وَّاَرْبَعُوْنَ اٰيَةً وَّفِيْهَا رُكُوْعَانِ

سورت طور مڪي آهي ۽ اها اُٺونجاهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَالطُّوْرِ ﴿١﴾ وَكِتٰبٍ مَّسْطُوْرٍ ﴿٢﴾ فِيْ رَقٍّ مَّنْشُوْرٍ ﴿٣﴾

قسم آهي طور جبل جو. قسم آهي ڪتاب لکيل جو. کليل ورقن ۾.

وَّالْبَيْتِ الْمَعْمُوْرِ ﴿٤﴾ وَالسَّقْفِ الْمَرْفُوْعِ ﴿٥﴾ وَالْبَحْرِ

قسم آهي گهر آباد ٿيل جو. ۽ ڇت مٿي ڪيل جو. قسم آهي سمنڊ

الْمَسْجُوْرِ ﴿٦﴾ اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ ﴿٧﴾ مَّا لَهٗ مِنْ

اٻاميل جو. ته بيشڪ عذاب تنهنجي رب جو ٿيڻو آهي. ناهي انکي ڪو به

دَافِعٍ ﴿٨﴾ يَّوْمَ تَمُوْرُ السَّمَآءُ مَوْرًا ﴿٩﴾ وَّتَسِيْرُ الْجِبَالُ

هٽائيندڙ. جنهن ڏينهن ٿرڪندو آسمان زور سان. ۽ هلندا پهاڙ

سَيْرًا ﴿١٠﴾ فَوَيْلٌ يَوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِينَ ﴿١١﴾ الَّذِينَ هُمْ

تکا ٿي. پوءِ تباهي آهي تنهن ڏينهن کوڙي ڪندڙن لاءِ. اهي جيڪي

فِي خَوْضٍ يَلْعَبُونَ ﴿١٢﴾ يَوْمَ يُدَعُّونَ إِلَىٰ نَارِ جَهَنَّمَ

اجائي ڳالهائڻ جي راند ڪندا آهن. ان ڏينهن اهي ڌڪيا ويندا دوزخ جي باه ڏانهن

دَعًّا ﴿١٣﴾ هَٰذِهِ النَّارُ الَّتِي كُنتُم بِهَا تُكَذِّبُونَ ﴿١٤﴾

ڌڪا ڏئي. هي ئي باه آها تو جنهن کي توهان ڪوڙو ڪندا هئا.

أَفَسِحْرٌ هَٰذَا أَمْ أَنتُمْ لَا تُبْصِرُونَ ﴿١٥﴾ اصْلَوْهَا فَاصْبِرُوا

ڇا پوءِ جادو آهي هي يا اوهين نه ٿا ڏسو. پهچو ان ۾ پوءِ صبر ڪريو

أَوْ لَا تَصْبِرُوا سَوَاءٌ عَلَيْكُمْ إِنَّمَا تُجْزَوْنَ مَا كُنتُمْ

يا نه صبر ڪريو، برابر آهي توهان تي، ۽ سگو بدلو ڏجيو ٿو اهوئي جيڪي توهان

تَعْمَلُونَ ﴿١٦﴾ إِنَّ الْمُتَّقِينَ فِي جَنَّاتٍ وَنَعِيمٍ ﴿١٧﴾

عمل ڪندا هئا. بيشڪ پرهيزگار باغن ۾ ۽ نعمت ۾ هوندا،

فَاكِهِينَ بِمَا آتَاهُمْ رَبُّهُمْ وَوَقَاهُمْ رَبُّهُمْ عَذَابَ

مزا ماڻيندڙ ان سان جيڪي ڏنو اٿن سندن پروردگار ۽ بچايو انهنکي سندن رب عذاب

الْجَحِيمِ ﴿١٨﴾ كُلُوا وَاشْرَبُوا هَنِيئًا بِمَا كُنتُمْ تَعْمَلُونَ ﴿١٩﴾

باهه جي کان. کائو ۽ پيئو رڄ ڪري جو توهان چڱا ڪم ڪندا هئا.

مُتَّكِئِينَ عَلَىٰ سُرُرٍ مَّصْفُوفَةٍ وَزَوَّجْنَاهُم بِحُورٍ

ٽيڪ ڏيندڙ پلنگن قطار وارن تي، ۽ پرڻائينداسون انهنکي حورن

عِيْنٍ ۝٢٠ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَاتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِاِيْمَانٍ

وڏين اکين وارين سان. ۽ جن ايمان آندو ۽ پٺيان لڳي انھنکي سندن اولاد ايمان سان

اَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَمَآ اَلَتْنٰهُمْ مِّنْ عَمَلِهِمْ مِّنْ

ملائينداسون انھن سان سندن اولاد ۽ نه کاٽينداسون انھن کان سندن عملن مان ڪا

شَيْءٍ ۭ كُلُّ امْرِئٍۢ بِمَا كَسَبَ رَهِيْنٌ ۝٢١ وَاَمْدَدْنٰهُمْ

شيءِ. سيڪو ماڻھو پنھنجي ڪئي ۾ ڳھيل آھي. ۽ پيا ڏينداسون انھنکي

بِفَاكِهَةٍ وَّلَحْمٍ مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ ۝٢٢ يَتَنَازَعُوْنَ فِيْهَا

ميوا ۽ گوشت ان مان جيڪي گھرندا. جھٽيندا هڪٻئي کان ان ۾

كَاْسًا لَّا لَغْوٌ فِيْهَا وَلَا تَاْثِيْمٌ ۝٢٣ وَيَطُوْفُ عَلَيْهِمْ

پيالا ناھي وڦلڻ انھي ۾ نڪي گناھ. ۽ ايندا ويندا وٽن

غِلْمَانٌ لَّهُمْ كَاَنَّهُمْ لُؤْلُؤٌ مَّكْنُوْنٌ ۝٢٤ وَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ

نوڪر انھن جا ڄڻڪ اھي موتي آھن ڍڪيل. ۽ سامھون ايندا ھڪڙا

عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ ۝٢٥ قَالُوْٓا اِنَّا كُنَّا قَبْلُ فِيْٓ

ٻين تي پاڻ ۾ پڇا ڳاڇا لاءِ. چوندا ته بيشڪ اسين ھن کان اڳ

اَهْلِنَا مُشْفِقِيْنَ ۝٢٦ فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا وَوَقٰىنَا عَذَابَ

پنھنجي گھرن ۾ ڊڄندڙ ھئاسون. پوءِ ٿورو ڪيو الله اسان تي ۽ بچايائين اسانکي تڪليف

السَّمُوْمِ ۝٢٧ اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلُ نَدْعُوْهُ ۭ اِنَّهٗ هُوَ الْبَرُّ

لُڪ جي کان. بيشڪ اسان ھن کان اڳ کيس پڪاريندا ھئاسون. برابر اھوئي ڀلائي ڪندڙ

ع ٢٨

الرَّحِيْمُ ﴿٢٨﴾ فَذَكِّرْ فَمَآ اَنْتَ بِنِعْمَتِ رَبِّكَ بِكَاهِنٍ

باجھارو آھي. پوءِ نصيحت ڪر جو تون پنھنجي رب جي فضل سان نہ ڀوپو آھين

وَّلَا مَجْنُوْنٍ ﴿٢٩﴾ اَمْ يَقُوْلُوْنَ شَاعِرٌ نَّتَرَبَّصُ بِهٖ رَيْبَ

۽ نڪي چريو. يا چون ٿا تہ ھي شاعر آھي انتظار ٿا ڪريون تہ گردش

الْمَنُوْنِ ﴿٣٠﴾ قُلْ تَرَبَّصُوْا فَاِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُتَرَبِّصِيْنَ ﴿٣١﴾

زماني جو. چؤ انتظار ڪندا رھو پوءِ آءٌ بہ توھان سان گڏ انتظار ڪندڙن مان آھيان.

اَمْ تَاْمُرُهُمْ اَحْلَامُهُمْ بِهٰذَآ اَمْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ ﴿٣٢﴾

يا چون ٿا انھن کي سندن عقل اھا ڳالھ يا اھي ماڻھو شرارتي آھن.

اَمْ يَقُوْلُوْنَ تَقَوَّلَهٗ بَلْ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٣٣﴾ فَلْيَاْتُوْا

يا چون ٿا تہ پاڻ ناھيوا ٿائين انڪي، بلڪ اھي نہ ٿا مڃين. پوءِ ڀل آڻين

بِحَدِيْثٍ مِّثْلِهٖٓ اِنْ كَانُوْا صٰدِقِيْنَ ﴿٣٤﴾ اَمْ خُلِقُوْا

ڪا خبر ان جھڙي جيڪڏھن آھين سچا. يا اھي پيدا ٿيا آھن

مِنْ غَيْرِ شَيْءٍ اَمْ هُمُ الْخٰلِقُوْنَ ﴿٣٥﴾ اَمْ خَلَقُوا

سواءِ پيدا ڪندڙ جي يا اھي خود پيدا ڪندڙ آھن. يا انھن بڻايو آھي

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بَلْ لَّا يُوْقِنُوْنَ ﴿٣٦﴾ اَمْ عِنْدَهُمْ

آسمانن ۽ زمين کي، پر اھي ويساھ نہ ٿا ڪن. يا انھن وٽ

خَزَآئِنُ رَبِّكَ اَمْ هُمُ الْمُصَۜيْطِرُوْنَ ﴿٣٧﴾ اَمْ لَهُمْ

تنھنجي رب جا خزانا آھن يا اھي سنڀاريندڙ آھن. يا انھن وٽ

سُلَّمٌ يَسْتَمِعُونَ فِيهِ ۚ فَلْيَأْتِ مُسْتَمِعُهُمْ بِسُلْطَانٍ

ڪا ڏاڪڻ آهي ٻڌي ٿا وٺن جنهن تان، پوءِ پيل تہ آڻي انهن جو ٻڌندڙ ڪو دليل

مُّبِينٍ ﴿٣٨﴾ أَمْ لَهُ الْبَنَاتُ وَلَكُمُ الْبَنُونَ ﴿٣٩﴾ أَمْ تَسْأَلُهُمْ

چٽو. يا ان لاءِ ڌيئر آهن ۽ توهان لاءِ پٽ آهن. يا تون گهرندو آهين انهن کان

أَجْرًا فَهُمْ مِّنْ مَّغْرَمٍ مُّثْقَلُونَ ﴿٤٠﴾ أَمْ عِنْدَهُمُ

ڪو اجورو جو اهي چٽيءَ کان زيربار آهن. يا انهن وٽ

الْغَيْبُ فَهُمْ يَكْتُبُونَ ﴿٤١﴾ أَمْ يُرِيدُونَ كَيْدًا ۖ

ڳجهه آهي جو اهي لکن ٿا. يا رٿن ٿا ڪا بڇڙي رٿ

فَالَّذِينَ كَفَرُوا هُمُ الْمَكِيدُونَ ﴿٤٢﴾ أَمْ لَهُمْ إِلَٰهٌ غَيْرُ

پوءِ جن ڪفر ڪيو اهي ڌوڪي ۾ آهن. ڇا انهن کي ڪو ٻيو حاڪم آهي سواءِ

اللَّهِ ۚ سُبْحَانَ اللَّهِ عَمَّا يُشْرِكُونَ ﴿٤٣﴾ وَإِنْ يَرَوْا كِسْفًا

الله جي، پاڪ آهي الله ان کان جو اهي شريڪ ٿا ڪن. ۽ جيڪڏهن ڏسن ڪو ٽڪرو

مِّنَ السَّمَاءِ سَاقِطًا يَقُولُوا سَحَابٌ مَّرْكُومٌ ﴿٤٤﴾ فَذَرْهُمْ

آسمان مان ڪرندي تہ چوندا اهو ڪڪر آهي گهاٽو. پوءِ ڇڏ انهن کي

حَتَّىٰ يُلَاقُوا يَوْمَهُمُ الَّذِي فِيهِ يُصْعَقُونَ ﴿٤٥﴾ يَوْمَ

تيستائين جو ڏسن پنهنجو اهو ڏينهن جنهن ۾ بيهوش ڪيا ويندا. جنهن ڏينهن

لَا يُغْنِي عَنْهُمْ كَيْدُهُمْ شَيْئًا وَلَا هُمْ يُنْصَرُونَ ﴿٤٦﴾

نہ ٽاريندي انهن کان سندن بڇڙي رٿ ڪنهن شيءِ کي ۽ نڪي ڪين ڪا مدد ملندي.

وَإِنَّ لِلَّذِينَ ظَلَمُوا عَذَابًا دُونَ ذَٰلِكَ وَلَٰكِنَّ

۽ بيشڪ انهن لاءِ جن ظلم ڪيو عذاب آهي انهي کانسواءِ ٻيو پر

أَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٤٧﴾ وَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ فَإِنَّكَ

گهڻا انهن جا نٿا ڄاڻن. ۽ صبر ڪر پنهنجي رب جي حڪم تائين پوءِ بيشڪ تون

بِأَعْيُنِنَا ۖ وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ حِينَ تَقُومُ ﴿٤٨﴾ وَمِنَ

اسان جي نگاهن ۾ آهين ۽ تسبيح پڙهه پنهنجي رب جي تعريف سان جنهن مهل اٿين ٿو ۽

اللَّيْلِ فَسَبِّحْهُ وَإِدْبَارَ النُّجُومِ ﴿٤٩﴾

رات جو پوءِ پاڪائي پڙهه ۽ تارن جي لهڻ کان پوءِ به.

سورة النجم مكية وهي ثنتان وستون آية وثلث ركوعات

سورت نجم مڪي آهي ۽ اها ٻاهٺ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهي.

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَالنَّجْمِ إِذَا هَوَىٰ ﴿١﴾ مَا ضَلَّ صَاحِبُكُمْ وَمَا غَوَىٰ ﴿٢﴾

شاهد آهي اهو تارو جڏهن لٿو، نه ته ڀُليو صاحب توهان جو ۽ نڪي مُنجهيو.

وَمَا يَنطِقُ عَنِ الْهَوَىٰ ﴿٣﴾ إِنْ هُوَ إِلَّا وَحْيٌ

۽ نه ٿو ڳالهائي پنهنجي خيال کان. ناهي اهو مگر حڪم جو

يُوحَىٰ ﴿٤﴾ عَلَّمَهُ شَدِيدُ الْقُوَىٰ ﴿٥﴾ ذُو مِرَّةٍ

وحي ڪيو ويو، ڄاڻايو ان کي سخت طاقتن واري، وڏي سمجهدار

فَاسْتَوٰى ۙ﴿۶﴾ وَهُوَ بِالْاُفُقِ الْاَعْلٰى ؕ﴿۷﴾ ثُمَّ دَنَا

نيٺ ويجهو ٿيو اهو آسمان جي ڪناري مٿئين تي هو. ۽

پوءِ لهي آيو،

فَتَدَلّٰى ۙ﴿۸﴾ فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى ۚ﴿۹﴾ فَاَوْحٰٓى

پوءِ نيا پو ڏنائين پوءِ ٿيو ماپ ٻن ڪمانن جي تي يا اڃا ويجهو.

پوءِ جهڪي آيو.

اِلٰى عَبْدِهٖ مَآ اَوْحٰى ؕ﴿۱۰﴾ مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰى ﴿۱۱﴾

ن غلط ڪيو ان جي دل جنهنکي ڏٺائين.

ان جي ٻانهي کي جيڪي ان حڪم ڪيو.

اَفَتُمٰرُوْنَهٗ عَلٰى مَا يَرٰى ﴿۱۲﴾ وَلَقَدْ رَاٰهُ نَزْلَةً اُخْرٰى ۙ﴿۱۳﴾

۽ بيشڪ ڏٺائين ان کي لهندي ٻيهر،

ڇا پوءِ جهڳڙو ڪيو ٿا ساڻس ان تي جيڪي ڏسي ٿو.

عِنْدَ سِدْرَةِ الْمُنْتَهٰى ﴿۱۴﴾ عِنْدَهَا جَنَّةُ الْمَاْوٰى ؕ﴿۱۵﴾

انهيءَ وٽ آهي جنت الماٰوىٰ.

تمام وڏيءَ ٻير وٽ.

اِذْ يَغْشَى السِّدْرَةَ مَا يَغْشٰى ۙ﴿۱۶﴾ مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَ

ن ڦري نگاهه ۽

جڏهن ڇانئجي ويو ٻير تي اهو (نور) جو ڇانئجي پيو،

مَا طَغٰى ﴿۱۷﴾ لَقَدْ رَاٰى مِنْ اٰيٰتِ رَبِّهِ الْكُبْرٰى ﴿۱۸﴾

بيشڪ ڏٺائين ڪي نشانيون پنهنجي رب جون وڏيون.

نڪي حد کان ٽپي.

اَفَرَءَيْتُمُ اللّٰتَ وَالْعُزّٰى ۙ﴿۱۹﴾ وَمَنٰوةَ الثَّالِثَةَ

عزىٰ کي، ۽ منات ٽئين

ڀلا توهان ته ڏٺو آهي لات ۽

الْاُخْرٰى ﴿۲۰﴾ اَلَكُمُ الذَّكَرُ وَلَهُ الْاُنْثٰى ﴿۲۱﴾ تِلْكَ اِذًا

اها ته آهي

پوئين کي. ڇا توهان کي پٽ ۽ انهيءَ (الله) کي ڌيئون.

فِسْمَةٌ ضِيْزٰى ﴿٢٢﴾ اِنْ هِيَ اِلَّآ اَسْمَآءٌ سَمَّيْتُمُوْهَآ

ورهاست ڪوڙي . اهي رڳو نالا آهن جيڪي پاڻ رکيا اٿوَ

اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ؕ

توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن نه لاٿي آهي الله انهن لاءِ ڪا ثابتي،

اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَمَا تَهْوَى الْاَنْفُسُ وَ

اهي رڳو هلن ٿا اٽڪل تي ۽ جيڪي چاهي جيءُ، هوڏانهن

لَقَدْ جَآءَهُمْ مِّنْ رَّبِّهِمُ الْهُدٰى ؕ ﴿٢٣﴾ اَمْ لِلْاِنْسَانِ

اچي ويئي اٿن سندن رب ڪان هدايت. ڇا آهي انسان لاءِ

مَا تَمَنّٰى ﴿٢٤﴾ فَلِلّٰهِ الْاٰخِرَةُ وَالْاُوْلٰى ﴿٢٥﴾ وَكَمْ مِّنْ ع ١ ٢٥ ٥

جيڪي گهري. پوءِ الله جي آهي آخرت ۽ دنيا. ۽ ڪيترائي

مَّلَكٍ فِي السَّمٰوٰتِ لَا تُغْنِيْ شَفَاعَتُهُمْ شَيْـًٔا اِلَّا

ملڪ آهن آسمانن ۾ جو نه ٿي فائدو ڏئي سفارش تن جي ڪجهه به مگر

مِنْۢ بَعْدِ اَنْ يَّاْذَنَ اللّٰهُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَرْضٰى ﴿٢٦﴾

هن ڪان بعد جو اجازت ڏئي الله جنهن لاءِ چاهي ۽ پسند ڪري.

اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ لَيُسَمُّوْنَ الْمَلٰٓئِكَةَ

بيشڪ جيڪي نه ٿا مڃين آخرت کي اهي نالا رکن ٿا ملڪن تي

تَسْمِيَةَ الْاُنْثٰى ﴿٢٧﴾ وَمَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ

نالا مادين جا. هوڏانهن ناهي ڪين انهي جي ڪا خبر. رڳو هلن ٿا

إِلَّا الظَّنَّ ۚ وَإِنَّ الظَّنَّ لَا يُغْنِي مِنَ الْحَقِّ شَيْـًٔا ﴿٢٨﴾ۚ

انڪل تي، ۽ بيشڪ انڪل نه ٿي فائدو ڏئي سچ جو ڪجهه به.

فَأَعْرِضْ عَن مَّن تَوَلّٰى ۙ عَن ذِكْرِنَا وَلَمْ يُرِدْ

پوءِ منهن موڙ ان کان جنهن منهن موڙيو اسان جي قرآن کان ۽ انهيءَ نه گهري

إِلَّا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿٢٩﴾ ذٰلِكَ مَبْلَغُهُم مِّنَ الْعِلْمِ ۗ

مگر حياتي دنيا جي. اها آهي رسائي سندن پروڙ جي.

إِنَّ رَبَّكَ هُوَ أَعْلَمُ بِمَن ضَلَّ عَن سَبِيلِهٖ وَهُوَ

بيشڪ تنهنجو رب ئي بهتر ڄاڻي ٿو ته ڪير ڀُلجي ويو سندس راهه کان ۽ اهو

أَعْلَمُ بِمَنِ اهْتَدٰى ﴿٣٠﴾ وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا

خوب ڄاڻي ٿو انکي جنهن هدايت ورتي. ۽ الله جو ئي آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي

فِي الْأَرْضِ ۙ لِيَجْزِيَ الَّذِينَ أَسَاءُوا بِمَا عَمِلُوا

زمين ۾ آهي، جيئن سزا ڏئي انهنکي جن ڪئي برائي سندن عملن جي

وَيَجْزِيَ الَّذِينَ أَحْسَنُوا بِالْحُسْنٰى ﴿٣١﴾ۚ الَّذِينَ

۽ بدلو ڏئي انهن کي جن ڀلائي ڪئي، ڀلائي جو. اهي جيڪي

يَجْتَنِبُونَ كَبٰٓئِرَ الْإِثْمِ وَالْفَوَاحِشَ إِلَّا اللَّمَمَ ۗ إِنَّ

پاسو ڪن ٿا وڏن گناهن کان ۽ بي حيائين کان سواءِ ننڍن گناهن جي. بيشڪ

رَبَّكَ وَاسِعُ الْمَغْفِرَةِ ۗ هُوَ أَعْلَمُ بِكُمْ إِذْ أَنشَأَكُم

رب تنهنجو ڪشادي ٻخشش وارو آهي. اهو خوب ڄاڻي ٿو توهانکي جڏهين اپايائين توهانکي

مِّنَ الْاَرْضِ وَاِذْ اَنْتُمْ اَجِنَّةٌ فِیْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ ۚ

قدرتيءَ مان ۽ جڏهن توهان هئا ڪچا ٻار پنهنجي مائرن جي پيٽن ۾،

فَلَا تُزَكُّوْۤا اَنْفُسَكُمْ ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى ﴿۳۲﴾ ع

پوءِ پاڪ نه چئو پاڻ کي، اهو خوب ڄاڻي ٿو انکي جيڪو پرهيزگار ٿيو.

اَفَرَءَیْتَ الَّذِیْ تَوَلّٰى ﴿۳۳﴾ وَاَعْطٰى قَلِیْلًا وَّاَكْدٰى ﴿۳۴﴾

ڇا تو ڏٺو اهو جنهن منهن ڦيريو، ۽ ڏنائين ٿورو ۽ ڪنجوس ٿيو.

اَعِنْدَهٗ عِلْمُ الْغَیْبِ فَهُوَ یَرٰى ﴿۳۵﴾ اَمْ لَمْ یُنَبَّاْ بِمَا

ڇا ان وٽ آهي علم غيب جو پوءِ اهو ڏسي ٿو. ڇا ان کي خبر نه ڏني وئي جا

فِیْ صُحُفِ مُوْسٰى ﴿۳۶﴾ وَاِبْرٰهِیْمَ الَّذِیْ وَفّٰۤى ﴿۳۷﴾ اَلَّا

موسىٰ جي ڪتابن ۾ آهي، ۽ ابراهيم واري جنهن وفاداري ڪئي، ته نه

تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ﴿۳۸﴾ وَاَنْ لَّیْسَ لِلْاِنْسَانِ

کڻندو ڪوئي بار کڻندڙ بار ٻئي جو. ۽ ناهي ماڻهوءَ لاءِ

اِلَّا مَا سَعٰى ﴿۳۹﴾ وَاَنَّ سَعْیَهٗ سَوْفَ یُرٰى ﴿۴۰﴾ ثُمَّ

مگر اهو جو ڪمايائين، ۽ بيشڪ سندس ڪمائي اجهو ڏيکاري ويندي. پوءِ

یُجْزٰىهُ الْجَزَآءَ الْاَوْفٰى ﴿۴۱﴾ وَاَنَّ اِلٰى رَبِّكَ الْمُنْتَهٰى ﴿۴۲﴾

ڏنو ويندو انکي بدلو پورو، ۽ بيشڪ تنهنجي رب ڏي ئي پهچڻ آهي.

وَاَنَّهٗ هُوَ اَضْحَكَ وَاَبْكٰى ﴿۴۳﴾ وَاَنَّهٗ هُوَ اَمَاتَ وَ

۽ بيشڪ اهو ئي آهي جنهن کلايو ۽ روئاريو. ۽ انهي ئي ماريو ۽

أَحْيَا ﴿٤٤﴾ وَأَنَّهُ خَلَقَ الزَّوْجَيْنِ الذَّكَرَ وَالْأُنثَىٰ ﴿٤٥﴾

جياريو ۽ انهيءَ ئي پيدا ڪيو هر جوڙي نر ۽ مادي کي،

مِن نُّطْفَةٍ إِذَا تُمْنَىٰ ﴿٤٦﴾ وَأَنَّ عَلَيْهِ النَّشْأَةَ

هڪ ڦڙي مان جڏهن وڌو ويو، ۽ بيشڪ انهيءَ تي ئي آهي جيارڻ

الْأُخْرَىٰ ﴿٤٧﴾ وَأَنَّهُ هُوَ أَغْنَىٰ وَأَقْنَىٰ ﴿٤٨﴾ وَأَنَّهُ هُوَ

ٻيهر، ۽ بيشڪ انهيءَ ئي آسودو ڪيو ۽ مالدار بڻايو، ۽ اهوئي آهي

رَبُّ الشِّعْرَىٰ ﴿٤٩﴾ وَأَنَّهُ أَهْلَكَ عَادًا الْأُولَىٰ ﴿٥٠﴾ وَ

رب شعريٰ (تاري) جو، ۽ بيشڪ انهيءَ ئي تباهه ڪيو عاد اڳيئن کي، ۽

ثَمُودَا فَمَا أَبْقَىٰ ﴿٥١﴾ وَقَوْمَ نُوحٍ مِّن قَبْلُ إِنَّهُمْ كَانُوا

ثمود کي پوءِ نه بچايائين، ۽ نوح جي قوم کي انهن کان اڳ ۾، اهي هئا

هُمْ أَظْلَمَ وَأَطْغَىٰ ﴿٥٢﴾ وَالْمُؤْتَفِكَةَ أَهْوَىٰ ﴿٥٣﴾

وڏا ظالم ۽ وڏا شرير. ۽ اونڌن ڳوٺن کي هيٺ اڇلايائين.

فَغَشَّاهَا مَا غَشَّىٰ ﴿٥٤﴾ فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكَ تَتَمَارَىٰ ﴿٥٥﴾

پوءِ ڍڪيو انهن کي جنهن ڍڪيو. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن ۾ شڪ ڪندين.

هَٰذَا نَذِيرٌ مِّنَ النُّذُرِ الْأُولَىٰ ﴿٥٦﴾ أَزِفَتِ الْآزِفَةُ ﴿٥٧﴾

هي ڊيڄاريندڙ آهي ڊيڄاريندڙن پهرين مان. ويجهي ٿي ويجهي ايندڙ.

لَيْسَ لَهَا مِن دُونِ اللَّهِ كَاشِفَةٌ ﴿٥٨﴾ أَفَمِنْ هَٰذَا

ناهي ان کي الله کان سواءِ ڪوئي هٽائيندڙ. ڇا پوءِ هن

الْحَدِيثِ تَعْجَبُونَ ﴿٥٩﴾ وَتَضْحَكُونَ وَلَا تَبْكُونَ ﴿٦٠﴾

ڳالھ تي عجب ٿا ڪريو، ۽ کلو ٿا ۽ نه ٿا روئو،

وَأَنتُمْ سَامِدُونَ ﴿٦١﴾ فَاسْجُدُوا لِلَّهِ وَاعْبُدُوا ﴿٦٢﴾

۽ توهان راند يون ٿا ڪريو. پوءِ اوهان سجدو ڪريو الله جو ۽ ان جي عبادت ڪريو.

سُورَةُ الْقَمَرِ مَكِّيَّةٌ وَهِيَ خَمْسٌ وَخَمْسُونَ آيَةً وَثَلَاثُ رُكُوعَاتٍ

سورت قمر مڪي آهي ۽ اها پنجونجاهه آيتون ۽ ٽي رڪوع آهي.

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله ٻاجھاري مهربان جي نالي سان.

اقْتَرَبَتِ السَّاعَةُ وَانشَقَّ الْقَمَرُ ﴿١﴾ وَإِن يَرَوْا

ويجهي ٿي اها گهڙي ۽ چيرجي پيو چنڊ. ۽ جيڪڏهن اهي ڏسن ٿا

آيَةً يُعْرِضُوا وَيَقُولُوا سِحْرٌ مُّسْتَمِرٌّ ﴿٢﴾ وَكَذَّبُوا وَ

ڪو معجزو ته منهن ٿا ڦيرين ۽ چون ٿا هي جادو آهي هلندڙ. ۽ ڪوڙو ڪيائون ۽

اتَّبَعُوا أَهْوَاءَهُمْ وَكُلُّ أَمْرٍ مُّسْتَقِرٌّ ﴿٣﴾ وَلَقَدْ جَاءَهُم

هليا پنهنجي سڌن تي ۽ هر ڪم آهي وقت مقرر تي. ۽ بيشڪ آيون انهن وٽ

مِّنَ الْأَنبَاءِ مَا فِيهِ مُزْدَجَرٌ ﴿٤﴾ حِكْمَةٌ بَالِغَةٌ فَمَا

ڪي خبرون جن ۾ هٽي ڇينڀ، يعني سمجھاڻي پوري پوءِ نه

تُغْنِ النُّذُرُ ﴿٥﴾ فَتَوَلَّ عَنْهُمْ يَوْمَ يَدْعُ الدَّاعِ

اثر ڪيو ڊيڄارڻ، پوءِ منهن موڙ انهن کان جنهن ڏينهن سڏيندو سڏيندڙ

اِلٰى شَيْءٍ نُّكُرٍ ﴿٦﴾ خُشَّعًا اَبْصَارُهُمْ يَخْرُجُوْنَ مِنَ

شيء اوپري ڏانهن ، جُهڪندڙ هونديون اکيون انهن جون نڪرندا

الْاَجْدَاثِ كَاَنَّهُمْ جَرَادٌ مُّنْتَشِرٌ ﴿٧﴾ مُّهْطِعِيْنَ اِلَى

قبرن کان جڻڪ آهي آهن ماڪڙ پکڙندڙ . ڊوڙندا ويندا طرف

الدَّاعِ يَقُوْلُ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا يَوْمٌ عَسِرٌ ﴿٨﴾ كَذَّبَتْ

سڏيندڙ جي، چوندا ڪافر هي ڏينهن آهي ڏکيو. ڪوڙو ڪيو

قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ فَكَذَّبُوْا عَبْدَنَا وَقَالُوْا مَجْنُوْنٌ وَّ

انهن کان اڳي نوح جي قوم پوءِ ڪوڙو ڪيائون اسانجي ٻانهي کي ۽ چيائون چريو آهي ۽

ازْدُجِرَ ﴿٩﴾ فَدَعَا رَبَّهٗٓ اَنِّيْ مَغْلُوْبٌ فَانْتَصِرْ ﴿١٠﴾

جهڻڪ ڏنو ويو آهي. پوءِ پڪاريائين پنهنجي رب کي ته آءٌ عاجز ٿيو آهيان تون بدلو وٺ .

فَفَتَحْنَآ اَبْوَابَ السَّمَآءِ بِمَآءٍ مُّنْهَمِرٍ ﴿١١﴾ وَّفَجَّرْنَا الْاَرْضَ

پوءِ کولياسون دروازا آسمان جا پاڻي وهندڙ سان. ۽ چيرياسون زمين مان

عُيُوْنًا فَالْتَقَى الْمَآءُ عَلٰٓى اَمْرٍ قَدْ قُدِرَ ﴿١٢﴾ وَحَمَلْنٰهُ

چشما پوءِ گڏجي ويو پاڻي هڪ اندازي جو فيصلو ڪيل هو. ۽ سوار ڪيوسون ان کي

عَلٰى ذَاتِ اَلْوَاحٍ وَّدُسُرٍ ﴿١٣﴾ تَجْرِيْ بِاَعْيُنِنَا جَزَآءً

تختن ۽ ميخن واري (ٻيڙي) تي ، جيڪا هلي پئي اسانجي نگاهن ۾ . بدلي

لِّمَنْ كَانَ كُفِرَ ﴿١٤﴾ وَلَقَدْ تَّرَكْنٰهَآ اٰيَةً فَهَلْ مِنْ

وٺڻ لاءِ جنهن جو ڪفر ڪيو ويو. ۽ تحقيق ڇڏيوسون انکي نشاني لاءِ پوءِ آهي ڪو

مُّدَّكِرٍ ﴿١٥﴾ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِي وَنُذُرِ ﴿١٦﴾ وَلَقَدْ يَسَّرْنَا

نصيحت وٺندڙ. پوءِ ڪيئن هئو منهنجو عذاب ڪرڻ ۽ ڊيڄارڻ. ۽ يقينن اسان سولو ڪيو

الْقُرْآنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِن مُّدَّكِرٍ ﴿١٧﴾ كَذَّبَتْ عَادٌ

قرآن سمجهڻ لاءِ پوءِ آهي ڪوئي نصيحت وٺندڙ. ڪوڙو ڪيو عاد وارن

فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِي وَنُذُرِ ﴿١٨﴾ إِنَّا أَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ

پوءِ ڪيئن هئو منهنجو عذاب ڪرڻ ۽ ڊيڄارڻ. بيشڪ اسان موڪلي سون انهن تي

رِيحًا صَرْصَرًا فِي يَوْمِ نَحْسٍ مُّسْتَمِرٍّ ﴿١٩﴾ تَنزِعُ النَّاسَ

هوا تکي هڪ ڏينهن نڀاڳ واري اڻ کٽ ۾، اکيڙيائين ماڻهن کي

كَأَنَّهُمْ أَعْجَازُ نَخْلٍ مُّنقَعِرٍ ﴿٢٠﴾ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِي

جڻڪ اهي آهن ٻنڊ کجين پاڙان نڪتل جا. پوءِ ڪيئن هئو منهنجو عذاب ڪرڻ

وَنُذُرِ ﴿٢١﴾ وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْآنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِن

۽ ڊيڄارڻ. ۽ يقينن اسان سولو ڪيو قرآن سمجهڻ لاءِ پوءِ آهي ڪو

مُّدَّكِرٍ ﴿٢٢﴾ كَذَّبَتْ ثَمُودُ بِالنُّذُرِ ﴿٢٣﴾ فَقَالُوا أَبَشَرًا مِّنَّا ع ٢٢ ٨

نصيحت وٺندڙ. ڪوڙو ڪيو ثمود ڊيڄاريندڙن کي. پوءِ چيائون ڇا پنهنجي ماڻهوءَ

وَاحِدًا نَّتَّبِعُهُ إِنَّا إِذًا لَّفِي ضَلَالٍ وَسُعُرٍ ﴿٢٤﴾

هڪڙي جي ڪڍ لڳون بيشڪ اسين تڏهن گمراهي ۽ چريائپ ۾ آهيون.

أَؤُلْقِيَ الذِّكْرُ عَلَيْهِ مِن بَيْنِنَا بَلْ هُوَ كَذَّابٌ أَشِرٌ ﴿٢٥﴾

ڇا لاٿي وئي اها سمجهه ان تي اسان جي وچان بلڪ اهو وڏو ڪوڙو ڏاڍي آهي.

سَيَعْلَمُونَ غَدًا مَّنِ الْكَذَّابُ الْأَشِرُ ﴿٢٦﴾ إِنَّا مُرْسِلُوا

اُجهو جاڻي ويندا سڀاڻي ته ڪير آهي وڏو ڪوڙو ڏاڍي. يقينن اسان موڪليندڙ آهيون

النَّاقَةِ فِتْنَةً لَّهُمْ فَارْتَقِبْهُمْ وَاصْطَبِرْ ﴿٢٧﴾ وَنَبِّئْهُمْ

ڏاچي کي سندن امتحان لاءِ پوءِ انتظار ڪر انهن جو ۽ مضبوط رهه. ۽ ٻڌاءِ انهن کي

أَنَّ الْمَاءَ قِسْمَةٌ بَيْنَهُمْ ۚ كُلُّ شِرْبٍ مُّحْتَضَرٌ ﴿٢٨﴾

ته پاڻي ورهايل آهي انهن جي وچ ۾ هر ڪو اُجرتي حاضر هجي.

فَنَادَوْا صَاحِبَهُمْ فَتَعَاطَىٰ فَعَقَرَ ﴿٢٩﴾ فَكَيْفَ كَانَ

پوءِ سڏيائون ساٿي پنهنجي کي پوءِ ان هٿ چوهائي ڪئي پوءِ منڊو ڪيائين پوءِ ڪيئن هئو

عَذَابِي وَنُذُرِ ﴿٣٠﴾ إِنَّا أَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ صَيْحَةً وَاحِدَةً

عذاب منهنجو ۽ ڊيڄارڻ. بيشڪ اسان موڪلي سون انهن تي هڪڙي رڙ

فَكَانُوا كَهَشِيمِ الْمُحْتَظِرِ ﴿٣١﴾ وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْآنَ

پوءِ ٿي پيا جهڙي پريل واڙ (جي ڊٻجي) ۽ يقينن سولو ڪيو سون قرآن

لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِن مُّدَّكِرٍ ﴿٣٢﴾ كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوطٍ بِالنُّذُرِ ﴿٣٣﴾

سمجهڻ لاءِ پوءِ آهي ڪوئي سمجهڻ وارو. ڪوڙو ڪيو لوط جي قوم ڊيڄاريندڙن کي.

إِنَّا أَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ حَاصِبًا إِلَّا آلَ لُوطٍ ۖ نَّجَّيْنَاهُم

بيشڪ اسان موڪليو سون انهن تي پٿرن وارو واءُ سواءِ ڪٽنب لوط جي، نجات ڏني سون انهن کي

بِسَحَرٍ ﴿٣٤﴾ نِّعْمَةً مِّنْ عِندِنَا ۚ كَذَٰلِكَ نَجْزِي مَن

آسُرَ جو، مهرباني ڪندي پنهنجي طرفان، اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون ان کي

شَكَرَ ﴿٣٥﴾ وَلَقَدْ أَنذَرَهُم بَطْشَتَنَا فَتَمَارَوْا بِالنُّذُرِ ﴿٣٦﴾

جيڪو شڪر ڪري ٿو. ۽ پڪ (لوط) ڊيڄاريو انهن کي اسانجي پڪڙ کان پوءِ جهڳڙو ڪيائون ڊيڄاريندڙن سان.

وَلَقَدْ رَاوَدُوهُ عَن ضَيْفِهِ فَطَمَسْنَا أَعْيُنَهُمْ

۽ راڻ نڪس سندس مهمان کان پوءِ اسان ميساريون سندن اکيون

فَذُوقُوا عَذَابِي وَنُذُرِ ﴿٣٧﴾ وَلَقَدْ صَبَّحَهُم بُكْرَةً

پوءِ چکو منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ. ۽ ڪڙڪيو انهن تي صبوح سويري

عَذَابٌ مُّسْتَقِرٌّ ﴿٣٨﴾ فَذُوقُوا عَذَابِي وَنُذُرِ ﴿٣٩﴾

عذاب ٽڪندڙ. پوءِ چکو منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ.

وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْآنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِن مُّدَّكِرٍ ﴿٤٠﴾ ع

۽ يقينن سولو ڪيو سون قرآن سمجهڻ لاءِ پوءِ آهي ڪو سمجهڻ وارو.

وَلَقَدْ جَاءَ آلَ فِرْعَوْنَ النُّذُرُ ﴿٤١﴾ كَذَّبُوا بِآيَاتِنَا

۽ بيشڪ آيا فرعون وارن ڏي ڊيڄاريندڙ. ڪوڙو ڪيائون اسانجي نشانين

كُلِّهَا فَأَخَذْنَاهُمْ أَخْذَ عَزِيزٍ مُّقْتَدِرٍ ﴿٤٢﴾ أَكُفَّارُكُمْ

سمورين کي پوءِ ورتوسون انهنکي وٺڻ زبردست قادر جيان. ڇا ڪافر توهان جا

خَيْرٌ مِّنْ أُولَٰئِكُمْ أَمْ لَكُم بَرَاءَةٌ فِي الزُّبُرِ ﴿٤٣﴾

چڱا آهن انهن کان يا توهان لاءِ آهي ڇوٽڪارو ڪتابن ۾.

أَمْ يَقُولُونَ نَحْنُ جَمِيعٌ مُّنتَصِرٌ ﴿٤٤﴾ سَيُهْزَمُ الْجَمْعُ

يا چون ٿا اسان سمورا بدلو وٺندڙ آهيون. اجهو ڀڄايو ويندو اهو لشڪر

وَيُوَلُّوْنَ الدُّبُرَ (٤٥) بَلِ السَّاعَةُ مَوْعِدُهُمْ وَالسَّاعَةُ
۽ پٺ ڏيندا . پر اها گهڙي سندن انجام جي آهي ۽ اهو وقت

اَدْهٰى وَاَمَرُّ (٤٦) اِنَّ الْمُجْرِمِيْنَ فِيْ ضَلٰلٍ وَّسُعُرٍ (٤٧)
تمام خوفناڪ ۽ سخت ڪڙو آهي. يقينن ڏوهاري آهن گمراهيءَ ۾ ۽ دوزخ ۾.

يَوْمَ يُسْحَبُوْنَ فِي النَّارِ عَلٰى وُجُوْهِهِمْ ؕ ذُوْقُوْا
جنهن ڏينهن گهليا ويندا باهه ۾ منهن ڀر (چيو ويندن) چکو

مَسَّ سَقَرَ (٤٨) اِنَّا كُلَّ شَيْءٍ خَلَقْنٰهُ بِقَدَرٍ (٤٩) وَ
چاٽ عذاب جي. بيشڪ اسان هر شيءِ پيدا ڪئي سون پوري انداز سان. ۽

مَآ اَمْرُنَآ اِلَّا وَاحِدَةٌ كَلَمْحٍ بِالْبَصَرِ (٥٠) وَلَقَدْ
اسان جو امر هڪ آهي جهڙي اک ڇنڀ . ۽ يقينن

اَهْلَكْنَآ اَشْيَاعَكُمْ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ (٥١) وَكُلُّ
اسان ختم ڪيا ڪيئي تو هان جهڙا پوءِ آهي ڪوئي سمجهڻ وارو. ۽ جو

شَيْءٍ فَعَلُوْهُ فِي الزُّبُرِ (٥٢) وَكُلُّ صَغِيْرٍ وَّكَبِيْرٍ
ڪجهه ڪيو اٿن اهو ڪاغذن ۾ آهي. ۽ هر ننڍو ۽ وڏو

مُّسْتَطَرٌ (٥٣) اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّنَهَرٍ (٥٤)
لکيل آهي. بيشڪ پرهيزگار هوندا باغن ۽ نهرن ۾،

فِيْ مَقْعَدِ صِدْقٍ عِنْدَ مَلِيْكٍ مُّقْتَدِرٍ (٥٥)
جاءِ سچيءَ ۾ بادشاهه قدرت واري وٽ.

سُورَةُ الرَّحْمٰنِ مَكِّيَّةٌ وَهِيَ ثَمَانٌ وَسَبْعُونَ اٰيَةً وَثَلٰثُ رُكُوعَاتٍ

سورت رحمان مڪي آهي ۽ اها اٺهتر آيتون ۽ ٽي رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اَلرَّحْمٰنُ (١) عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ (٢) خَلَقَ الْاِنْسَانَ (٣) عَلَّمَهُ

الله ٻاجهاري، سيکاريو قرآن. پيدا ڪيائين انسان، سيکاريائين ان کي

الْبَيَانَ (٤) اَلشَّمْسُ وَالْقَمَرُ بِحُسْبَانٍ (٥) وَّالنَّجْمُ

بيان. سج ۽ چنڊ هلن ٿا قانون سان، ول

وَّالشَّجَرُ يَسْجُدٰنِ (٦) وَالسَّمَآءَ رَفَعَهَا وَوَضَعَ

۽ وڻ ڪن ٿا سجدو. ۽ آسمان کي بلند ڪيائين ۽ رکيائين

الْمِيْزَانَ (٧) اَلَّا تَطْغَوْا فِي الْمِيْزَانِ (٨) وَاَقِيْمُوا الْوَزْنَ

تارازي (انصاف جي)، ته جيئن نه زيادتي ڪريو تارازيءَ ۾. ۽ پوري رکو تور

بِالْقِسْطِ وَلَا تُخْسِرُوا الْمِيْزَانَ (٩) وَالْاَرْضَ وَضَعَهَا

انصاف سان ۽ نه گهٽ ڪريو تارازي. ۽ ڌرتيءَ کي رکيائين

لِلْاَنَامِ (١٠) فِيْهَا فَاكِهَةٌ وَّالنَّخْلُ ذَاتُ الْاَكْمَامِ (١١)

ماڻهن لاءِ، ان ۾ آهن ميوا ۽ کجيون سڀڙين واريون.

وَالْحَبُّ ذُو الْعَصْفِ وَالرَّيْحَانُ (١٢) فَبِاَيِّ اٰلَآءِ

۽ اناج ٺُهه وارا ۽ گل خوشبودار. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين

رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٣﴾ خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ

نعمتن جو انڪار ڪندؤ. پيدا ڪيائين ماڻهوءَ کي وڄندڙ مٽيءَ مان

كَالْفَخَّارِ ﴿١٤﴾ وَخَلَقَ الْجَآنَّ مِنْ مَّارِجٍ مِّنْ نَّارٍ ﴿١٥﴾

ٺڪر جهڙيءَ. پيدا ڪيائين جن کي باهه جي جڀيءَ مان.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٦﴾ رَبُّ الْمَشْرِقَيْنِ وَ

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. رب آهي ٻن اوڀرن جو

رَبُّ الْمَغْرِبَيْنِ ﴿١٧﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٨﴾

ٻن اولهن جو. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.

مَرَجَ الْبَحْرَيْنِ يَلْتَقِيٰنِ ﴿١٩﴾ بَيْنَهُمَا بَرْزَخٌ لَّا يَبْغِيٰنِ ﴿٢٠﴾

هلايائين ٻن دريائن کي جي ملن ٿا. آهي انهن جي وچ ۾ پردو جو نه ٿا گڏجن.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢١﴾ يَخْرُجُ مِنْهُمَا اللُّؤْلُؤُ

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. نڪرن ٿا انهن مان موتي

وَالْمَرْجَانُ ﴿٢٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٣﴾

۽ مرجان. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.

وَلَهُ الْجَوَارِ الْمُنْشَئٰتُ فِي الْبَحْرِ كَالْاَعْلَامِ ﴿٢٤﴾ فَبِاَيِّ

۽ ان جا آهن هلندڙ ٻيڙا سڙهه چڙهيل سمنڊ ۾ جبلن جهڙا. پوءِ پنهنجي

اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٥﴾ كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ ﴿٢٦﴾

رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. جيڪو انهيءَ (زمين) تي آهي فنا ٿيندو.

ع ٢٥ النصف ١١

منزل ٧

وَّيَبْقٰى وَجْهُ رَبِّكَ ذُو الْجَلٰلِ وَالْاِكْرَامِ ﴿٢٧﴾

۽ رهندو رُخ تنهنجي رب وڏائيءَ ۽ عزت واري جو.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٨﴾ يَسْئَلُهٗ مَنْ فِي

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. گهري ٿو ان کان سڀ ڪو جو ۾

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِيْ شَاْنٍ ﴿٢٩﴾

آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، هر وقت اهو پورت ڪندڙ آهي.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٠﴾ سَنَفْرُغُ لَكُمْ اَيُّهَ

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. اجهو واندا ٿينداسون توهان لاءِ اي

الثَّقَلٰنِ ﴿٣١﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٢﴾ يٰمَعْشَرَ

بار وارؤ! پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. اي جماعت

الْجِنِّ وَالْاِنْسِ اِنِ اسْتَطَعْتُمْ اَنْ تَنْفُذُوْا مِنْ

جنن ۽ ماڻهن جي جيڪڏهن توهان سگهو ٿا پيجي نڪرڻ

اَقْطَارِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ فَانْفُذُوْا ؕ لَا تَنْفُذُوْنَ

طرفن آسمانن ۽ زمين جي کان ته نڪري وڃو، (پر) نه نڪري سگهندؤ

اِلَّا بِسُلْطٰنٍ ﴿٣٣﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٤﴾ يُرْسَلُ

وڏي طاقت کان سواءِ ۔ پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. موڪليو ويندو

عَلَيْكُمَا شُوَاظٌ مِّنْ نَّارٍ ۙ وَّنُحَاسٌ فَلَا تَنْتَصِرٰنِ ﴿٣٥﴾

توهان تي الاٻو باھ جو ۽ دونهاٽ پوءِ توهان نه بدلو وٺندؤ.

فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٦﴾ فَاِذَا انْشَقَّتِ السَّمَآءُ

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. پوءِ جڏهن ڦاٽندو آسمان

فَكَانَتْ وَرْدَةً كَالدِّهَانِ ﴿٣٧﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

ته ٿيندو ڳاڙهو جهڙو رنڱ تيل. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو

تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٨﴾ فَيَوْمَئِذٍ لَّا يُسْـَٔلُ عَنْ ذَنْۢبِهٖٓ اِنْسٌ

انڪار ڪندؤ. پوءِ ان ڏينهن پڇا نه ٿيندي ان جي گناهه جي ڪنهن ماڻهو کان

وَّلَا جَآنٌّ ﴿٣٩﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٠﴾ يُعْرَفُ

۽ نه جن کان. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. سڃاتا

الْمُجْرِمُوْنَ بِسِيْمٰهُمْ فَيُؤْخَذُ بِالنَّوَاصِيْ وَ

ڏوهاري پنهنجن چهرن مان پوءِ پڪڙيا ويندا چوٽن ۽

الْاَقْدَامِ ﴿٤١﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٢﴾ هٰذِهٖ

پيرن کان. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. هي

جَهَنَّمُ الَّتِيْ يُكَذِّبُ بِهَا الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٤٣﴾ يَطُوْفُوْنَ

دوزخ آهي جنهن جو انڪار ڪندا هئا ڏوهاري. ڦيا ڦرندا

بَيْنَهَا وَبَيْنَ حَمِيْمٍ اٰنٍ ﴿٤٤﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

ان جي وچ ۾ ۽ ٽهڪندڙ پاڻيءَ جي وچ ۾. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو

ع ٢ / ٢٠ / ١٢ تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٥﴾ وَلِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ ﴿٤٦﴾

انڪار ڪندؤ. ۽ ان لاءِ جيڪو ڊڄي ٿو پنهنجي رب جي اڳيان بيهڻ کان ٻه باغ آهن

فَبِاَيِّ اٰلَاۤءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٧﴾ ذَوَاتَاۤ اَفْنَانٍ ﴿٤٨﴾

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ٻئي گهاٽين ٽارين وارا.

فَبِاَيِّ اٰلَاۤءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٩﴾ فِيْهِمَا عَيْنٰنِ تَجْرِيٰنِ ﴿٥٠﴾

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. انهن ۾ ٻه چشما وهن ٿا.

فَبِاَيِّ اٰلَاۤءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥١﴾ فِيْهِمَا مِنْ كُلِّ

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ٻنهي ۾ آهن هر

فَاكِهَةٍ زَوْجٰنِ ﴿٥٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَاۤءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٣﴾

ميوي جون ٻه جنسون. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.

مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى فُرُشٍۭ بَطَاۤىِٕنُهَا مِنْ اِسْتَبْرَقٍ ؕ وَجَنَا

ٽيڪ ڏيندڙ هوندا بسترن تي جن جا استر آهن تلهي پٽ جا، ۽ ڦر

الْجَنَّتَيْنِ دَانٍ ﴿٥٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَاۤءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٥﴾

ٻنهي باغن جو ويجهو آهي. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.

فِيْهِنَّ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ ۙ لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ

انهن ۾ آهن اکيون هيٺ ڪندڙ زالون، نه هٿ لاتو ڪين ڪنهن ماڻهوءَ انهن کان اڳ

وَلَا جَاۤنٌّ ﴿٥٦﴾ فَبِاَيِّ اٰلَاۤءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٧﴾

۽ نڪي جن. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.

كَاَنَّهُنَّ الْيَاقُوْتُ وَالْمَرْجَانُ ﴿٥٨﴾ فَبِاَيِّ اٰلَاۤءِ رَبِّكُمَا

ڄڻڪ اهي ياقوت ۽ مرجان آهن. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو

تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٩﴾ هَلۡ جَزَآءُ الۡاِحۡسَانِ اِلَّا الۡاِحۡسَانُ ﴿٦٠﴾

انڪار ڪندؤ. ناهي بدلو چڱائي جو مگر چڱائي آهي.

فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦١﴾ وَمِنۡ دُوۡنِهِمَا

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ۽ انهن ٻن کان سواءِ

جَنَّتٰنِ ﴿٦٢﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٣﴾

ٻيا ٻه باغ آهن. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.

مُدۡهَآمَّتٰنِ ﴿٦٤﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٥﴾

ٻئي ساوا ڇچ. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.

فِیۡهِمَا عَیۡنٰنِ نَضَّاخَتٰنِ ﴿٦٦﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

ٻنهي ۾ ٻه چشما آهن فوهارا هڻندڙ. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو

تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٧﴾ فِیۡهِمَا فَاكِهَةٌ وَّنَخۡلٌ وَّرُمَّانٌ ﴿٦٨﴾

انڪار ڪندؤ. ٻنهي ۾ ميوا ۽ کجيون ۽ ڏاڙهون آهن.

فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٩﴾ فِیۡهِنَّ خَیۡرٰتٌ

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ۽ انهن ۾ سگهوريون

حِسَانٌ ﴿٧٠﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٧١﴾ حُوۡرٌ

سهڻيون آهن. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. حورون

مَّقۡصُوۡرٰتٌ فِی الۡخِیَامِ ﴿٧٢﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

پردي واريون تنبن ۾ هونديون. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو

تُكَذِّبٰنِ ﴿٧٣﴾ لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ وَلَا جَآنٌّ ﴿٧٤﴾

انڪار ڪندؤ. نه هٿ لاتو تن کي ڪنهن ماڻهوءَ انهن کان اڳ ۾ نڪي جن.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٧٥﴾ مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى رَفْرَفٍ

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ٽيڪ ڏيندڙ هوندا وهاڻن

خُضْرٍ وَّعَبْقَرِيٍّ حِسَانٍ ﴿٧٦﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

ساون تي ۽ پٿرڻين سهڻين تي. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو

تُكَذِّبٰنِ ﴿٧٧﴾ تَبٰرَكَ اسْمُ رَبِّكَ ذِى الْجَلٰلِ وَ

انڪار ڪندؤ. برڪت وارو نالو آهي تنهنجي پالڻهار وڏائي ۽

الْاِكْرَامِ ﴿٧٨﴾

عزت ڏيڻ واري جو.

سُوْرَةُ الْوَاقِعَةِ مَكِّيَّةٌ وَّهِىَ سِتٌّ وَّتِسْعُوْنَ اٰيَةً وَّثَلٰثُ رُكُوْعَاتٍ

سورت واقعه مڪي آهي ۽ ان ڇهانوي آيتون ۽ ٽي رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اِذَا وَقَعَتِ الْوَاقِعَةُ ﴿١﴾ لَيْسَ لِوَقْعَتِهَا كَاذِبَةٌ ﴿٢﴾

جڏهن ٿي پوندو واقعو، ناهي ان جي ٿيڻ ۾ ڪو ڪوڙ.

خَافِضَةٌ رَّافِعَةٌ ﴿٣﴾ اِذَا رُجَّتِ الْاَرْضُ رَجًّا ﴿٤﴾

اهو لاهيندڙ چاڙهيندڙ هوندو. جڏهن ڌوڏي ويندي زمين ڏاڍو ڌوڏڻ.

وَّبُسَّتِ الْجِبَالُ بَسًّا ۝٥ فَكَانَتْ هَبَآءً مُّنْۢبَثًّا ۝٦ وَّ

۽ پوريا ويندا جبل پوري پوري ڪري، پوءِ ٿي ويندا دز اڏاريل ، ۽

كُنْتُمْ اَزْوَاجًا ثَلٰثَةً ۝٧ فَاَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ۙ۬ مَآ

توهان هوندؤ قسم ٽي ۔ پوءِ ساڄي طرف وارا ڇا ڇڄن

اَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ۝٨ وَاَصْحٰبُ الْمَشْـَٔمَةِ ۙ۬ مَآ اَصْحٰبُ

ساڄي طرف وارا ۔ ۽ کابي طرف وارا ڪهڙا آهن

الْمَشْـَٔمَةِ ۝٩ وَالسّٰبِقُوْنَ السّٰبِقُوْنَ ۝١٠ اُولٰٓئِكَ

کابي وارا ۔ ۽ اڳرائيءَ ڪندڙ سي اڳرائيءَ وارا ، اهي آهن

الْمُقَرَّبُوْنَ ۝١١ فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ۝١٢ ثُلَّةٌ مِّنَ

ويجها ۔ هوندا باغن نعمت وارن ۾ ۔ گهڻا

الْاَوَّلِيْنَ ۝١٣ وَقَلِيْلٌ مِّنَ الْاٰخِرِيْنَ ۝١٤ عَلٰى سُرُرٍ

اڳين مان ، ۽ ٿورا پوين مان ۔ هوندا پلنگن

مَّوْضُوْنَةٍ ۝١٥ مُّتَّكِـِٕيْنَ عَلَيْهَا مُتَقٰبِلِيْنَ ۝١٦ يَطُوْفُ

سوني واڻ وارن تي ، ٽيڪ ڏيئي ويهندڙ انهن تي هڪٻئي سامهون ۔ ڦيرائيندا

عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُوْنَ ۝١٧ بِاَكْوَابٍ وَّاَبَارِيْقَ ۙ۬

انهن تي خادم سدائين رهيل ، پيالن ۽ صراحين

وَكَاْسٍ مِّنْ مَّعِيْنٍ ۝١٨ لَّا يُصَدَّعُوْنَ عَنْهَا وَ

۽ گلاس کي پربل صاف چشمي مان ۔ نه مٿي ۾ سور پوندن ان کان ۽

لَا يُنْزِفُوْنَ ﴿١٩﴾ وَفَاكِهَةٍ مِّمَّا يَتَخَيَّرُوْنَ ﴿٢٠﴾ وَلَحْمِ

نه نشو ٿيندن ، ۽ ميوو جنهن مان چونڊي ڪڻن ، ۽ گوشت

طَيْرٍ مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٢١﴾ وَحُوْرٌ عِيْنٌ ﴿٢٢﴾ كَاَمْثَالِ

پکيءَ جو جنهن مان چاهين . ۽ حورون سهڻيون جهڙا

اللُّؤْلُؤِ الْمَكْنُوْنِ ﴿٢٣﴾ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٤﴾

موتي لڪايل . اهو بدلو آهي سندن عملن جو .

لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَّلَا تَاْثِيْمًا ﴿٢٥﴾ اِلَّا قِيْلًا

نه ٻڌندا انهي ۾ بڪواس ۽ نه ڏوهه ڏيڻ . مگر چوڻ

سَلٰمًا سَلٰمًا ﴿٢٦﴾ وَاَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ ۙ مَآ اَصْحٰبُ

سلام سلام . ۽ ساڄي پاسي وارا ، ڇا چڱن

الْيَمِيْنِ ﴿٢٧﴾ فِيْ سِدْرٍ مَّخْضُوْدٍ ﴿٢٨﴾ وَّطَلْحٍ مَّنْضُوْدٍ ﴿٢٩﴾

ساڄي وارا . هوندا لاسڙ ٻيرين ۾ ، ۽ ڪيوڙن جي ڇڳن ۾ ،

وَّظِلٍّ مَّمْدُوْدٍ ﴿٣٠﴾ وَّمَآءٍ مَّسْكُوْبٍ ﴿٣١﴾ وَّفَاكِهَةٍ

۽ ڇانون ڊگهن ۾ ، ۽ پاڻي وهايل ۾ ، ۽ ميون

كَثِيْرَةٍ ﴿٣٢﴾ لَّا مَقْطُوْعَةٍ وَّلَا مَمْنُوْعَةٍ ﴿٣٣﴾ وَّفُرُشٍ

گهڻن ۾ ، نه اکلندڙ ۽ نه رڪ ڪيل ، ۽ بسترن

مَّرْفُوْعَةٍ ﴿٣٤﴾ اِنَّآ اَنْشَاْنٰهُنَّ اِنْشَآءً ﴿٣٥﴾ فَجَعَلْنٰهُنَّ

مٿانهن ۾ . بيشڪ اسان پاليون آهن اهي چڱي طرح . پوءِ ڪيون اٿون اهي

أَبْكَارًا ﴿٣٦﴾ عُرُبًا أَتْرَابًا ﴿٣٧﴾ لِّأَصْحٰبِ الْيَمِينِ ﴿٣٨﴾ ع ١ ٢٨ ١٤

كنواريون، پياريون هڪ جيڏيون، ساڄي پاسي وارن لاءِ.

ثُلَّةٌ مِّنَ الْأَوَّلِينَ ﴿٣٩﴾ وَثُلَّةٌ مِّنَ الْاٰخِرِينَ ﴿٤٠﴾

گهڻا آهن اڳين مان، ۽ گهڻا آهن پوين مان.

وَأَصْحٰبُ الشِّمَالِ ۙ مَا أَصْحٰبُ الشِّمَالِ ﴿٤١﴾ فِي سَمُومٍ

۽ کابي وارا کهڙا آهن کابي وارا. هوندا گرم هوا

فَانتَشِرُوا فِي الْأَرْضِ وَابْتَغُوا مِن فَضْلِ اللَّهِ

تہ پکڙجي پئو زمين ۾ ۽ تلاش ڪريو الله جو فضل (رزق)

وَاذْكُرُوا اللَّهَ كَثِيرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ ﴿١٠﴾ وَإِذَا

۽ ياد ڪريو الله کي تمام گھڻو جيئن توهان ڇٽي وڃو. ۽ جڏهن

رَأَوْا تِجَارَةً أَوْ لَهْوًا انفَضُّوا إِلَيْهَا وَتَرَكُوكَ حتى ينفضوا 63:7

ڏسن ٿا واپار کي يا راند کي تہ لهي ٿا پون ان ڏانهن ۽ ڇڏي ٿا وڃن توکي

قَائِمًا ۚ قُلْ مَا عِندَ اللَّهِ خَيْرٌ مِّنَ اللَّهْوِ وَمِنَ

بيهندڙ، چئو تہ جيڪي الله وٽ آهي اهو ڀلو آهي راند کان ۽

التِّجَارَةِ ۚ وَاللَّهُ خَيْرُ الرَّازِقِينَ ﴿١١﴾ ع ٢ ٣ ١٢

واپار کان، ۽ الله ڀلو رزق ڏيندڙ آهي.

سُورَةُ الْمُنٰفِقُوْنَ مَدَنِيَّةٌ وَهِيَ إِحْدَىٰ عَشْرَةَ آيَةً وَفِيهَا رُكُوعَانِ

سورت المنافقون مدني ۾ نازل ٿي ان ۾ يارهن آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع　الله　جي نالي سان　جو مهربان باجهارو

إِذَا جَآءَكَ الْمُنٰفِقُوْنَ قَالُوْا نَشْهَدُ إِنَّكَ لَرَسُوْلُ

جڏهن اچن تا تووٽ　منافق　چون ٿا اسين شاهدي ڏيون ٿا ته تون آهين رسول

اللّٰهِ ۘ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ إِنَّكَ لَرَسُوْلُهٗ ۗ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ إِنَّ

وقف لازم

الله جو، ۽ الله ڄاڻي ٿو ته بيشڪ تون سندس رسول آهين، ۽ الله شاهدي ڏئي ٿو　ته

الْمُنٰفِقِيْنَ لَكٰذِبُوْنَ ۚ ① اِتَّخَذُوْٓا أَيْمَانَهُمْ جُنَّةً

منافق　ڪوڙا آهن.　ورتو اٿن　پنهنجن قسمن کي ڍال ڪري

فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۗ إِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوْا

پوءِ روڪيائون　الله جي رستي کان،　بيشڪ　برو آهي جيڪي　اهي

يَعْمَلُوْنَ ② ذٰلِكَ بِأَنَّهُمْ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا فَطُبِعَ

ڪندا هئا.　اهو هن ڪري جو انهن ايمان آندو پوءِ ڪافر ٿيا پوءِ مهر هنئي وئي

عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَفْقَهُوْنَ ③ وَإِذَا رَأَيْتَهُمْ

انهن جي دلين تي　پوءِ اهي　نه　ٿا سمجهن.　جڏهن تون ڏسندين انهن کي

تُعْجِبُكَ أَجْسَامُهُمْ ۗ وَإِنْ يَّقُوْلُوْا تَسْمَعْ لِقَوْلِهِمْ ۗ

ته وڻندا توکي　جسم انهن جا،　۽ جي　ڳالهائن　ته ٻڌين ويٺو ڳالهائڻ انهن جو

كَأَنَّهُمْ خُشُبٌ مُّسَنَّدَةٌ ۗ يَحْسَبُوْنَ كُلَّ صَيْحَةٍ

آهن ڄڻ ته اسڪايل　ٽيڪ ڏنل،　ڀانئين ٿا　هر　هڪل کي

عَلَيْهِمْ ۚ هُمُ الْعَدُوُّ فَاحْذَرْهُمْ ۚ قَاتَلَهُمُ اللّٰهُ
پاڻ تي، اهي ئي دشمن آهن پوءِ هوشيار ٿيءُ انهن کان، الله شال مارين

اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿٤﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا يَسْتَغْفِرْ
ڪيئن ٿا اُبتا وڃن. ۽ جڏهن چئبي ٿو انهن کي اچو ته بخشش گهري

لَكُمْ رَسُوْلُ اللّٰهِ لَوَّوْا رُءُوْسَهُمْ وَرَاَيْتَهُمْ يَصُدُّوْنَ
توهان لاءِ الله جو رسول ته موڙين ٿا مٿا پنهنجا ۽ ڏسندين انهن کي ته پرکي ٿا وڃن

وَهُمْ مُّسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٥﴾ سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ اَسْتَغْفَرْتَ
۽ اهي وڏائي ڪندڙ آهن. برابر آهي انهن تي جو تون معافي گهرين

لَهُمْ اَمْ لَمْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ ۚ لَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ ۚ اِنَّ
انهن لاءِ يا نه معافي گهرين انهن لاءِ، هرگز نه بخشيندو الله انهن کي، بيشڪ

اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٦﴾ هُمُ الَّذِيْنَ
الله نه ٿو راهه ڏئي ماڻهن نافرمانن کي. هي اهي آهن

يَقُوْلُوْنَ لَا تُنْفِقُوْا عَلٰى مَنْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ
جي چون ٿا ته نه خرچ ڪريو انهن تي جيڪي رسول الله وٽ آهن

حَتّٰى يَنْفَضُّوْا ۗ وَلِلّٰهِ خَزَآئِنُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ
جيئن ڇڏي وڃن، ۽ الله جا خزانا آهن آسمانن ۽ زمين ۾

وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَا يَفْقَهُوْنَ ﴿٧﴾ يَقُوْلُوْنَ لَئِنْ
پر منافق نه ٿا سمجهن. اهي چون ٿا جيڪڏهن

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

رَّجَعْنَآ اِلَى الْمَدِيْنَةِ لَيُخْرِجَنَّ الْاَعَزُّ مِنْهَا الْاَذَلَّ ؕ

موٽياسون مديني ڏانهن ضرور ڪڍي ڇڏيندو طاقتور اتان ڪمزور کي،

وَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ

حالانڪ زور آهي الله کي ۽ ان جي رسول کي ۽ مومنن کي پر منافق

ع ۸ ١٣ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٨﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ

نہ ٿا ڄاڻن. اي ايمان وارو! نہ ويسلوڪن توهانکي

اَمْوَالُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ

مال توهان جا ۽ نہ اولاد توهان جي الله جي ذڪر کان، ۽ جيڪي ڪندا

ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٩﴾ وَاَنْفِقُوْا مِنْ

اهڙين پوءِ اهي ئي نقصان وارا آهن. ۽ ڏيو ان مان ڪجھ

مَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ

جيڪي اسان ڏنو آهي توهانکي هن کان اڳ جو اچي ڪنهن تي توهان مان موت

فَيَقُوْلَ رَبِّ لَوْلَآ اَخَّرْتَنِيْٓ اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ۙ

پوءِ چوي اي منهنجا رب ڇو نہ دير ڏني مون کي ٿوري وقت تائين

فَاَصَّدَّقَ وَاَكُنْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٠﴾ وَلَنْ يُّؤَخِّرَ

پوءِ جيڪر خيرات ڏيان ها ۽ ٿيان ها يلن ماڻهن مان. ۽ هرگز نہ دير ڏيندو

ع ٢ ١٤ اللّٰهُ نَفْسًا اِذَا جَآءَ اَجَلُهَا ؕ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١١﴾

الله ڪنهن جان کي جڏهن اچي ان جو وقت ۽ الله خبر رکندڙ آهي توهانجي عملن جي.

سُوْرَةُ التَّغَابُنِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ ثَمَانَ عَشْرَةَ اٰيَةً وَّفِيْهَا رُكُوْعَانِ

سورة التغابن مدينيءَ نازل ٿي ۽ ان ۾ ارڙهن آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۚ لَهُ

پاڪائي بيان ڪري ٿو الله جي جيڪي به آسمانن ۾ ۽ جيڪي ڌرتيءَ ۾ آهي، ان جي

الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ ۫ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ (١)

بادشاهي آهي ۽ ان جي ساراهه آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي.

هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ فَمِنْكُمْ كَافِرٌ وَّمِنْكُمْ مُّؤْمِنٌ ۭ

اهوئي آهي جنهن پيدا ڪيو توهان کي پوءِ ڪو توهان مان منڪر ٿيو ۽ ڪو توهان مان مڃيندڙ،

وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ (٢) خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ

۽ الله توهان جي ڪمن کي ڏسندڙ آهي. پيدا ڪيائين آسمان ۽

الْاَرْضَ بِالْحَقِّ وَصَوَّرَكُمْ فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ ۚ وَ

زمين برحق سان ۽ صورت ڏنائين توهان کي پوءِ چڱيون ڪيائين صورتون توهان جون ۽

اِلَيْهِ الْمَصِيْرُ (٣) يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ

ان ڏي ئي موٽڻ آهي. ڄاڻي ٿو جو ڪجهه آسمانن ۾ آهي ۽ ڌرتيءَ ۾ آهي

وَيَعْلَمُ مَا تُسِرُّوْنَ وَمَا تُعْلِنُوْنَ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ

۽ ڄاڻي ٿو جو لڪايو ٿا ۽ جيڪي پڌرو ٿا ڪريو، ۽ الله ڄاڻندڙ آهي

Al - Qura'n Al-Kareen By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۴﴾ اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
راز دلين جي ڄاڻي ٿو. ڇا نه آيئي توهان وٽ خبر انهن جي جن ڪفر ڪيو

مِنْ قَبْلُ فَذَاقُوْا وَبَالَ اَمْرِهِمْ وَلَهُمْ عَذَابٌ
هن کان اڳ، پوءِ انهن چکي سزا پنهنجي ڪئي جي ۽ انهن لاءِ عذاب

اَلِيْمٌ ﴿۵﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهٗ كَانَتْ تَّاْتِيْهِمْ رُسُلُهُمْ
دردناڪ آهي. اهو هن ڪري ته آئيندا هئا انهن وٽ سندن رسول

بِالْبَيِّنٰتِ فَقَالُوْٓا اَبَشَرٌ يَّهْدُوْنَنَا فَكَفَرُوْا وَتَوَلَّوْا
معجزا، پوءِ چيائون ڇا آدمي ڪو اسانکي هدايت ڪندا؟ پوءِ منڪر ٿيا ۽ منهن موڙيائون

وَّاسْتَغْنَى اللّٰهُ ۭ وَاللّٰهُ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ﴿۶﴾ زَعَمَ
۽ بي پرواهي ڪئي الله، ۽ الله بي پرواه آهي سارا هيل آهي. چيو

الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنْ لَّنْ يُّبْعَثُوْا ۭ قُلْ بَلٰى وَرَبِّيْ
انهن جي ڪافر ٿيا ته هرگز نه اٿاريو ويندن، چئو هائو قسم منهنجي رب جو

لَتُبْعَثُنَّ ثُمَّ لَتُنَبَّؤُنَّ بِمَا عَمِلْتُمْ ۭ وَذٰلِكَ عَلَى
ضرور اٿاريا ويندؤ پوءِ اوهان کي خبر ڏني ويندي پنهنجي ڪئي جي، ۽ اهو

اللّٰهِ يَسِيْرٌ ﴿۷﴾ فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَالنُّوْرِ الَّذِيْٓ
الله تي آسان آهي. پوءِ ايمان آڻيو الله ۽ سندس رسول تي ۽ انهيءَ نور (قرآن) تي

اَنْزَلْنَا ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۸﴾ يَوْمَ يَجْمَعُكُمْ لِيَوْمِ
جيڪو لاٿوسون، ۽ الله کي توهان جي ڪمن جي خبر آهي. جنهن وقت گڏ ڪندا وهانکي ڏينهن

الْجَمْعِ ذٰلِكَ يَوْمُ التَّغَابُنِ ۭ وَمَنْ يُّؤْمِنْ بِاللّٰهِ وَ

گڏ ٿيڻ تي اهو آهي ڏينهن ڪٽڻ هارائڻ جو، ۽ جيڪو يقين رکندو الله تي ۽

يَعْمَلْ صَالِحًا يُّكَفِّرْ عَنْهُ سَيِّاٰتِهٖ وَيُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ

ڪندو ڀلا ڪم ته ميٽيندو الله ان کان برايون ان جون ۽ داخل ڪندو انکي اهڙن باغن ۾

تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ۭ

وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون رهندا ان ۾ سدائين،

ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ۝٩ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا

اها ڪاميابي وڏي آهي. ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ ڪوڙ ڪيو

بِاٰيٰتِنَآ اُولٰۗىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ وَ

اسان جي آيتن کي اهي جهنم وارا آهن هميشه رهندا ان ۾، ۽

بِئْسَ الْمَصِيْرُ ۝١٠ مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ اِلَّا ع ۱۰ ۱۵

بڇڙي جڳهه آهي موٽڻ جي. نه ٿي پهچي ڪا مصيبت بنا

بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ وَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ يَهْدِ قَلْبَهٗ ۭ وَاللّٰهُ

حڪم الله جي، ۽ جيڪو يقين ڪندو الله تي ته هدايت ڪندو انجي دل کي، ۽ الله

بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ۝١١ وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا

سڀ شيء کي ڄاڻندڙ آهي. ۽ حڪم مڃيو الله جو ۽ حڪم مڃيو

الرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاِنَّمَا عَلٰي رَسُوْلِنَا الْبَلٰغُ

رسول جو، پوء جيڪڏهن ڦرندؤ ته رڳو رسول اسان جي تي آهي پهچائڻ

الْمُبِينُ ﴿١٢﴾ اللَّهُ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۚ وَعَلَى اللَّهِ فَلْيَتَوَكَّلِ

پڌرو . الله، ناهي ڪوئي حاڪم ان کان سواءِ، ۽ الله تي ڀلي تہ ڀروسو ڪن

الْمُؤْمِنُونَ ﴿١٣﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا إِنَّ مِنْ

ايمان وارا . اي ايمان وارؤ بيشڪ

أَزْوَاجِكُمْ وَأَوْلَادِكُمْ عَدُوًّا لَّكُمْ فَاحْذَرُوهُمْ ۚ وَ

اوهان جي زالن ۽ اوهان جي اولاد مان ڪي دشمن آهن توهان جا پوءِ هوشيار رهجو انهن کان ، ۽

إِن تَعْفُوا وَتَصْفَحُوا وَتَغْفِرُوا فَإِنَّ اللَّهَ غَفُورٌ

جيڪڏهن معاف ڪندؤ ۽ ٽاريندؤ ۽ بخشيندؤ تہ يقينن الله بخشڻهار

رَّحِيمٌ ﴿١٤﴾ إِنَّمَا أَمْوَالُكُمْ وَأَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ۚ وَاللَّهُ

مهربان آهي . رڳو ملڪيت اوهان جي ۽ اولاد اوهان جي آزمائش آهي، ۽ الله

عِندَهُ أَجْرٌ عَظِيمٌ ﴿١٥﴾ فَاتَّقُوا اللَّهَ مَا اسْتَطَعْتُمْ

وٽ اجر وڏو آهي. پوءِ ڊڄو الله کان جيترو ٿي سگهيو

وَاسْمَعُوا وَأَطِيعُوا وَأَنفِقُوا خَيْرًا لِّأَنفُسِكُمْ ۗ

۽ ٻڌو ۽ حڪم مڃيو ۽ خيرات ڪريو پنهنجي ڀلائي لاءِ،

وَمَن يُوقَ شُحَّ نَفْسِهِ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ ﴿١٦﴾

۽ جيڪي بچايا ويندا پنهنجي نفس جي حرص کان اهي ئي ڪامياب آهن.

إِن تُقْرِضُوا اللَّهَ قَرْضًا حَسَنًا يُضَاعِفْهُ لَكُمْ وَ

جيڪڏهن قرض ڏيندؤ الله کي قرض چڱو تہ ٻيڻا ڪري ڏيندو اوهان کي ۽

يَغْفِرْ لَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ شَكُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿١٧﴾ عٰلِمُ الْغَيْبِ

گناھ بخشيندو توھانکي ۽ الله قدردان سھپ وارو آھي. ڄاڻندڙ ڳجھ

وَالشَّهَادَةِ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١٨﴾ ع ٢ ٨ ١٦

۽ ظاهر کي آھي زبردست پڪي ڪم وارو آھي.

سُوْرَةُ الطَّلَاقِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ اثْنَتَا عَشْرَةَ اٰيَةً وَّفِيْهَا رُكُوْعَانِ

سورة الطلاق مديني ۾ نازل ٿي ۽ ان ۾ ٻارھن آيتون ۽ ٻه رڪوع آھي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجھاري مھربان جي نالي سان.

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَطَلِّقُوْهُنَّ

اي نبي (ٻڌاءِ) جڏھن طلاق ڏيو زالن کي ته طلاق ڏيو انھن کي

لِعِدَّتِهِنَّ وَاَحْصُوا الْعِدَّةَ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ رَبَّكُمْ ۚ

سندن عدت تي ۽ ڳڻيو عدت ۽ ڊڄو الله رب پنھنجي کان

لَا تُخْرِجُوْهُنَّ مِنْۢ بُيُوْتِهِنَّ وَلَا يَخْرُجْنَ اِلَّآ

نه ڪيو انھن کي سندن گھرن مان ۽ نڪي پاڻ نڪرن جيسين

اَنْ يَّاْتِيْنَ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ ۭ وَتِلْكَ حُدُوْدُ

نه آڻين ڪا بي حيائي پڌري، ۽ اھي حدون

اللّٰهِ ۭ وَمَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ ۭ

الله جون آھن، ۽ جيڪو ٽپندو حدون الله جون ته ظلم ڪيائين پاڻ تي،

Al - Qura'n Al-Kareen By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

لَا تَدْرِيْ لَعَلَّ اللّٰهَ يُحْدِثُ بَعْدَ ذٰلِكَ اَمْرًا ﴿۱﴾

ڇا خبر توکي متان الله پيدا ڪري ان کان پوءِ ڪا ٻئين ڳالهه.

فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمْسِكُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ

پوءِ جڏهن پهچن پنهنجي عدت کي ته جهليونِ شرعي طور يا

فَارِقُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ وَّاَشْهِدُوْا ذَوَيْ عَدْلٍ

ڇڏيونِ شرعي طور، ۽ شاهد ڪريو ٻه چڱا ماڻهو

مِّنْكُمْ وَاَقِيْمُوا الشَّهَادَةَ لِلّٰهِ ۭ ذٰلِكُمْ يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ

پنهنجا ۽ سڌي ڏيو شاهدي الله خاطر، اهو سکيا ڏنو وڃي ٿو هن (حڪم) سان اهو

كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ڛ وَمَنْ يَّتَّقِ

جيڪو مڃيندو آهي الله کي ۽ ڏينهن قيامت کي، ۽ جيڪو ڊڄندو

اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا ﴿۲﴾ وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا

الله کان ته ڪندو انهيءَ لاءِ ڪا واهه ۽ روزي ڏيندس اتان جو

يَحْتَسِبُ ۭ وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ۭ

گمان به نه هوندس، ۽ جيڪو ڀروسو ڪندو الله تي پوءِ اهو ان لاءِ ڪافي آهي.

اِنَّ اللّٰهَ بَالِغُ اَمْرِهٖ ۭ قَدْ جَعَلَ اللّٰهُ لِكُلِّ شَيْءٍ

بيشڪ الله پورو ڪندڙ آهي پنهنجو ڪم، ڪري ڇڏيو آهي الله هر شيءِ جو

قَدْرًا ﴿۳﴾ وَالّٰۗـِٔيْ يَىِٕسْنَ مِنَ الْمَحِيْضِ مِنْ نِّسَاۗىِٕكُمْ

اندازو. ۽ جيڪي نااميد هجن حيض کان توهان جون زالون

اِنِ ارْتَبْتُمْ فَعِدَّتُهُنَّ ثَلٰثَةُ اَشْهُرٍ وَّالّٰٓـِٔيْ لَمْ

جيڪڏهن شڪ ۾ پيا آهيو ته انهن جي عدت ٽي مهينا آهي ۽ انهن جي به جن کي نه

يَحِضْنَ ؕ وَاُولَاتُ الْاَحْمَالِ اَجَلُهُنَّ اَنْ يَّضَعْنَ

حيض آيو آهي، ۽ پيٽ واريون عدت انهن جي آهي ته جڻن

حَمْلَهُنَّ ؕ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مِنْ اَمْرِهٖ

پنهنجا ٻار، ۽ جيڪو ڊڄندو الله کان ته ڪندو ان لاءِ سندس ڪم ۾

يُسْرًا ④ ذٰلِكَ اَمْرُ اللّٰهِ اَنْزَلَهٗۤ اِلَيْكُمْ ؕ وَمَنْ يَّتَّقِ

آساني. اهو حڪم الله جو آهي جيڪو نازل ڪيائين توهان ڏانهن، ۽ جيڪو ڊڄندو

اللّٰهَ يُكَفِّرْ عَنْهُ سَيِّاٰتِهٖ وَيُعْظِمْ لَهٗۤ اَجْرًا ⑤

الله کان ميٽيندو ان کان ان جون مدايون ۽ وڌائيندو ان لاءِ اجر کي.

اَسْكِنُوْهُنَّ مِنْ حَيْثُ سَكَنْتُمْ مِّنْ وُّجْدِكُمْ

رهايو انهن کي اتي جتي پاڻ رهندا آهيو پنهنجي وس آهر

وَلَا تُضَآرُّوْهُنَّ لِتُضَيِّقُوْا عَلَيْهِنَّ ؕ وَاِنْ كُنَّ

۽ نه ايذائجو انهن کي جيئن تنگ ڪريو، ۽ جيڪڏهن آهن

اُولَاتِ حَمْلٍ فَاَنْفِقُوْا عَلَيْهِنَّ حَتّٰى يَضَعْنَ

پيٽ واريون ته خرچ ڪريو انهن تي جيستائين جڻين

حَمْلَهُنَّ ۚ فَاِنْ اَرْضَعْنَ لَكُمْ فَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ ۚ

ٻار، پوءِ جيڪڏهن کير پيارن توهان جي جوٽ ڪري ته ڏيو انهن کي سندن اجورو،

منزل ٧

وَأْتَمِرُوا بَيْنَكُم بِمَعْرُوفٍ ۖ وَإِن تَعَاسَرْتُمْ فَسَتُرْضِعُ

۽ چيو ونو هڪ ٻئي جو پاڻ ۾ رواج موجب، ۽ جيڪڏهن پاڻ ۾ شدت ڪريو ته پوءِ ڪير ٻيازي

لَهُ أُخْرَىٰ ﴿٦﴾ لِيُنفِقْ ذُو سَعَةٍ مِّن سَعَتِهِ ۖ وَمَن

ان (ٻار) کي ڪا ٻي عورت. پل خرچ ڪري دنيادار پنهنجي وسعت آهر، ۽ جنهن تي

قُدِرَ عَلَيْهِ رِزْقُهُ فَلْيُنفِقْ مِمَّا آتَاهُ اللَّهُ ۚ لَا

روزي تنگ ڪئي آهي انکي خرچ ڪرڻ جڳائي الله جي ڏني آهر، نه

يُكَلِّفُ اللَّهُ نَفْسًا إِلَّا مَا آتَاهَا ۚ سَيَجْعَلُ اللَّهُ بَعْدَ

تو ڏوري ٿو الله ڪنهن کي پر او ترو جيترو ڪيس ڏنو اٿس، سگهوئي ڪندو الله پويان

عُسْرٍ يُسْرًا ﴿٧﴾ وَكَأَيِّن مِّن قَرْيَةٍ عَتَتْ عَنْ

ڏک جي سک کي. ۽ ڪيترائي ڳوٺ هئا جن ٻي ڇپائي ڪئي پنهنجي

أَمْرِ رَبِّهَا وَرُسُلِهِ فَحَاسَبْنَاهَا حِسَابًا شَدِيدًا

پالڻهار جي حڪم جي ۽ ان جي رسولن جي پوءِ پڪڙيوسون انهن کي حساب سخت سان

وَعَذَّبْنَاهَا عَذَابًا نُّكْرًا ﴿٨﴾ فَذَاقَتْ وَبَالَ أَمْرِهَا

۽ عذاب ڪيوسون انهن کي عذاب اوپرو. پوءِ چکيائون سزا پنهنجي ڪئي جي

وَكَانَ عَاقِبَةُ أَمْرِهَا خُسْرًا ﴿٩﴾ أَعَدَّ اللَّهُ لَهُمْ

۽ ٿي پڇاڙي سندن ڪم جي خراب. تيار ڪيو الله انهن لاءِ

عَذَابًا شَدِيدًا ۖ فَاتَّقُوا اللَّهَ يَا أُولِي الْأَلْبَابِ

عذاب سخت، پوءِ ڊڄو الله کان اي عقل وارو!

ع عند المتقدمين ١٢

القرآن الڪريم ترجمو حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي (بير شريف)

الَّذِينَ آمَنُوا ۚ قَدْ أَنزَلَ اللَّهُ إِلَيْكُمْ ذِكْرًا ﴿١٠﴾
جن ايمان آندو، بيشڪ نازل ڪيو الله اوهان ڏانهن قرآن کي.
رَّسُولًا يَتْلُو عَلَيْكُمْ آيَاتِ اللَّهِ مُبَيِّنَاتٍ لِّيُخْرِجَ
موڪليائين رسول کي جيڪو پڙهي ٿو توهان تي آيتون الله جون چٽيون جيئن ڪڍي
الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ مِنَ الظُّلُمَاتِ إِلَى
انهن کي جن ايمان آندو ۽ ڪيا عمل صالح انڌيرن مان طرف
النُّورِ ۚ وَمَن يُؤْمِن بِاللَّهِ وَيَعْمَلْ صَالِحًا يُدْخِلْهُ
روشني جي، ۽ جيڪو يقين ڪري الله تي ۽ ڪم ڪري چڱا ته داخل ڪندو تنهن کي
جَنَّاتٍ تَجْرِي مِن تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ خَالِدِينَ فِيهَا
اهڙن باغن ۾ وهن ٿيون جن هيٺان واهيون رهندا اتي
أَبَدًا ۖ قَدْ أَحْسَنَ اللَّهُ لَهُ رِزْقًا ﴿١١﴾ اللَّهُ الَّذِي
سدائين، بيشڪ سٺي ڏني الله ان کي روزي. الله اهو آهي جنهن
خَلَقَ سَبْعَ سَمَاوَاتٍ وَمِنَ الْأَرْضِ مِثْلَهُنَّ
خلقيا ست آسمان ۽ زمينون اوترڀون،
يَتَنَزَّلُ الْأَمْرُ بَيْنَهُنَّ لِتَعْلَمُوا أَنَّ اللَّهَ عَلَىٰ كُلِّ
لهندو آهي حڪم انهن جي اندر جيئن ڄاڻو ته بيشڪ الله هر
شَيْءٍ قَدِيرٌ وَأَنَّ اللَّهَ قَدْ أَحَاطَ بِكُلِّ شَيْءٍ عِلْمًا ﴿١٢﴾
شيءِ تي قدرت وارو آهي ۽ بيشڪ الله گهيرو ڪيو آهي هر شيءِ تي علم سان.

منزل ٧

سُوْرَةُ التَّحْرِيْمِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ اثْنَتَا عَشْرَةَ اٰيَةً وَّفِيْهَا رُكُوْعَانِ

سورة التحريم مدني آهي ۽ ان ۾ ٻارهن آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ لِمَ تُحَرِّمُ مَآ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكَ ۚ تَبْتَغِيْ

اي نبي! تون ڇو حرام ڪرين ٿو جنهن کي حلال ڪيو الله تو لاءِ، تون چاهين ٿو

مَرْضَاتَ اَزْوَاجِكَ ۗ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ① قَدْ

راضپو زالين پنهنجين جو، ۽ الله بخشيندڙ مهربان آهي. بيشڪ

فَرَضَ اللّٰهُ لَكُمْ تَحِلَّةَ اَيْمَانِكُمْ ۚ وَاللّٰهُ مَوْلٰىكُمْ ۚ

مقرر ڪيو الله توهان لاءِ کولڻ قسمن پنهنجن جو، ۽ الله حامي اوهان جو آهي

وَهُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ② وَاِذْ اَسَرَّ النَّبِيُّ اِلٰى

۽ اهو زياده ڄاڻندڙ آهي ڏاهپ وارو آهي. ۽ جڏهن لڪائي ڪئي نبي ﷺ (سڳوري)

بَعْضِ اَزْوَاجِهٖ حَدِيْثًا ۚ فَلَمَّا نَبَّاَتْ بِهٖ وَاَظْهَرَهُ

ڪنهن بيبي ۾ پنهنجي سان ڪا ڳالهه، پوءِ جڏهن ان ڪئي اها ڳالهه ۽ ظاهر ڪيو ان کي

اللّٰهُ عَلَيْهِ عَرَّفَ بَعْضَهٗ وَاَعْرَضَ عَنْ بَعْضٍ ۚ

الله نبي ﷺ تي ته ٻڌايائين ڪجهه ان مان ۽ منهن موڙيائين ڪجهه کان،

فَلَمَّا نَبَّاَهَا بِهٖ قَالَتْ مَنْ اَنْۢبَاَكَ هٰذَا ۗ قَالَ

پوءِ جڏهن ٻڌايائين بيبي ﷺ کي اهو ان چيو ڪنهن خبر ڏني توکي اها، فرمايائين

نَبَّاَنِيَ الْعَلِيْمُ الْخَبِيْرُ ③ اِنْ تَتُوْبَآ اِلَى اللّٰهِ فَقَدْ

خبر ڏني مونکي علم واري خبر رکندڙ ۔ جي اوهان ٻئي توبه ڪنديون الله وٽ ته هوند

صَغَتْ قُلُوْبُكُمَا ۚ وَاِنْ تَظٰهَرَا عَلَيْهِ فَاِنَّ اللّٰهَ

لڙي پيون آهن دليون توهانجون، ۽ جيڪڏهن اوهين پٺڀرائي ڪنديون پاڻ ۾ انهي تي پوءِ الله

هُوَ مَوْلٰىهُ وَجِبْرِيْلُ وَصَالِحُ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ وَ

آهي ساٿي ان جو ۽ جبريل ۽ ڀلارا مومن، ۽

الْمَلٰٓئِكَةُ بَعْدَ ذٰلِكَ ظَهِيْرٌ ④ عَسٰى رَبُّهٗٓ اِنْ

ملائڪ ان کان پوءِ آهن پٺڀرائي ڪندڙ ۔ سگهو ئي سندس رب جيڪڏهن

طَلَّقَكُنَّ اَنْ يُّبْدِلَهٗٓ اَزْوَاجًا خَيْرًا مِّنْكُنَّ مُسْلِمٰتٍ

ڇڏي نبي توهانکي بدلائي ڏيندو انکي زالون وڌيڪ ڀليون اوهان کان فرمانبردار

مُّؤْمِنٰتٍ قٰنِتٰتٍ تٰٓئِبٰتٍ عٰبِدٰتٍ سٰٓئِحٰتٍ ثَيِّبٰتٍ

يقين واريون نماز پڙهندڙ توبه ڪندڙ پانهپ واريون روزا رکندڙ رنڙ

وَّاَبْكَارًا ⑤ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْٓا اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِيْكُمْ

۽ ڪنواريون. اي مسلمانو! بچايو پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر ڀاتين کي

نَارًا وَّقُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ عَلَيْهَا مَلٰٓئِكَةٌ

باهه کان ٻارڻ جنهنجو ماڻهو ۽ پٿر آهن ان تي آهن ملائڪ

غِلَاظٌ شِدَادٌ لَّا يَعْصُوْنَ اللّٰهَ مَآ اَمَرَهُمْ وَ

شوخ ڏاڍ وارا نه ٿا بي فرماني ڪن الله جي جيڪي اهو چوين ۽

يَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ ۝٦ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَا

ڪن ٿا اهو ڪم جو کين حڪم ٿئي ٿو. اي ڪافرو! نه

تَعْتَذِرُوا الْيَوْمَ ۭ اِنَّمَا تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۝٧ ع

بهانا ڪريو اڄ، ڇو سزا ڏجي ٿي توهان کي انهي جي جيڪي توهان ڪندا هئا.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا تُوْبُوْٓا اِلَى اللّٰهِ تَوْبَةً نَّصُوْحًا ۭ

اي ايمان وارؤ! توبه ڪريو الله وٽ توبه سچي،

عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يُّكَفِّرَ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَيُدْخِلَكُمْ

سگهو ٿئي رب اوهان جو لاهيندو اوهان کان گناه اوهان جا ۽ داخل ڪندو

جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ يَوْمَ لَا يُخْزِي

باغن ۾ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون ان ڏينهن نه خوار ڪندو

اللّٰهُ النَّبِيَّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ ۚ نُوْرُهُمْ يَسْعٰى

الله نبي کي ۽ انهن کي جن ايمان آندو گڏ انهي سان، نور انهن جو ڊوڙندو

بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَبِاَيْمَانِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اَتْمِمْ

سندن اڳيان ۽ سندن ساڄي پاسي کان، چوندا اي رب اسان جا پورو ڪر

لَنَا نُوْرَنَا وَاغْفِرْ لَنَا ۚ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝٨

اسان لاءِ نور اسان جو ۽ بخش اسان کي، بيشڪ تون هر شيءِ تي سگهه رکندڙ آهين.

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَاغْلُظْ

اي نبي! جنگ ڪر ڪافرن سان ۽ منافقن سان ۽ سختي ڪر

عَلَيْهِمْ ۚ وَمَأْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۖ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿٩﴾ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا

انهن تي، ۽ جاءِ انهن جي جهنم آهي، ۽ اها بڇڙي جاءِ آهي. بيان ڪيو الله مثال

لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوا امْرَاَتَ نُوْحٍ وَّامْرَاَتَ لُوْطٍ ۖ كَانَتَا تَحْتَ

انهن لاءِ جن ڪفر ڪيو، نوح جي ڌال جو ۽ لوط جي ڌال جو، اهي هيون ڏالون

عَبْدَيْنِ مِنْ عِبَادِنَا صَالِحَيْنِ فَخَانَتٰهُمَا فَلَمْ يُغْنِيَا عَنْهُمَا

ٻن ٻانهن جون اسان جي ٻانهن صالحن مان پوءِ انهن ڪوت ڪيو ٻنهي سان پوءِ اهي ٻئي نه ٽاري سگهيا انهن کان

مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا وَّقِيْلَ ادْخُلَا النَّارَ مَعَ الدّٰخِلِيْنَ ﴿١٠﴾

الله جو ڪو عذاب ۽ چيو ويو ته داخل ٿيو ٻئي جهنم ۾ گڏ داخل ٿيندڙن سان.

وَضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا امْرَاَتَ فِرْعَوْنَ ۘ

۽ بيان ڪيو الله مثال انهن لاءِ جن ايمان آندو فرعون جي ڌال جو،

اِذْ قَالَتْ رَبِّ ابْنِ لِيْ عِنْدَكَ بَيْتًا فِي الْجَنَّةِ وَنَجِّنِيْ مِنْ

جڏهن چيائين اي رب منهنجا جوڙ مون لاءِ پاڻ وٽ گهر جنت ۾ ۽ ڇڏاءِ مون کي

فِرْعَوْنَ وَعَمَلِهٖ وَنَجِّنِيْ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١١﴾ لا وَمَرْيَمَ

فرعون ۽ سندس ڪرتوتن کان ۽ ڇڏاءِ مون کي قوم ظالمن جي کان، ۽ مثال مريم

ابْنَتَ عِمْرٰنَ الَّتِيْٓ اَحْصَنَتْ فَرْجَهَا فَنَفَخْنَا فِيْهِ مِنْ رُّوْحِنَا

ڌيءُ عمران جو جنهن بچايو پنهنجي اگهڙ کي پوءِ ڦوڪيوسون ان ڏانهن پنهنجو امر

وَصَدَّقَتْ بِكَلِمٰتِ رَبِّهَا وَكُتُبِهٖ وَكَانَتْ مِنَ الْقٰنِتِيْنَ ﴿١٢﴾

۽ اها مڃيندي هئي احڪام پنهنجي رب جا ۽ سندس ڪتاب ۽ اها هئي نماز پڙهندڙن مان.

سُورَةُ الْمُلْكِ مَكِّيَّةٌ وَهِيَ ثَلٰثُونَ اٰيَةً وَفِيهَا رُكُوعَانِ

سورة الملک مکي آهي ۽ ان ۾ ٽيهه آيتون ۽ ٻه رکوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

تَبٰرَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ وَهُوَ

وڏي برڪت وارو آهي اهو جنهن جي هٿ ۾ آهي بادشاهي ۽ اهو

عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرُ ۨ ① الَّذِيْ خَلَقَ

هر شيءِ تي قادر آهي. اهو جنهن خلقيو

الْمَوْتَ وَالْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ

موت کي ۽ زندگي کي جيئن پرکي توهان کي ته توهان مان ڪير وڌيڪ چڱو آهي

عَمَلًا ۭ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْغَفُوْرُ ۙ ② الَّذِيْ

عمل ۾، ۽ اهو زبردست آهي بخشيندڙ آهي. جنهن

خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا ۭ مَا تَرٰى

خلقيا ست آسمان هڪٻئي مٿان، نه ڏسندين تون

فِيْ خَلْقِ الرَّحْمٰنِ مِنْ تَفٰوُتٍ ۭ فَارْجِعِ

مهربان جي پيدا ڪرڻ ۾ ڪو فرق، پوءِ موٽاءِ

الْبَصَرَ ۙ هَلْ تَرٰى مِنْ فُطُوْرٍ ③ ثُمَّ ارْجِعِ

نگاهه کي ڇا ڏسين ٿو ڪا ڏار. پوءِ وري موٽاءِ

الْبَصَرَ كَرَّتَيْنِ يَنْقَلِبْ إِلَيْكَ الْبَصَرُ خَاسِئًا

ڏسڻ کي ٻه دفعا ته ڦري ايندي تو ڏانهن نظر ساڻي ٿي

وَّهُوَ حَسِيرٌ ④ وَلَقَدْ زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا

۽ اها ٿڪل هوندي. ۽ بيشڪ اسان سينگاريو آهي آسمان ويجهي کي

بِمَصَابِيحَ وَجَعَلْنٰهَا رُجُومًا لِّلشَّيٰطِينِ وَأَعْتَدْنَا

ٻتين سان ۽ ڪيو سون انهن کي اوماڙيون شيطانن لاءِ ۽ تيار ڪيو سون

لَهُمْ عَذَابَ السَّعِيرِ ⑤ وَلِلَّذِينَ كَفَرُوا

انهن لاءِ عذاب باهه جو. ۽ انهن لاءِ جن ڪفر ڪيو

بِرَبِّهِمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيرُ ⑥

پنهنجي رب جو عذاب دوزخ جو آهي، ۽ اها بڇڙي جاءِ آهي.

إِذَآ أُلْقُوا فِيهَا سَمِعُوا لَهَا شَهِيقًا وَّهِيَ تَفُورُ ⑦

جڏهن اڇليا ويندا ان ۾ ٻڌندا ان جون رڙيون ۽ اهو پيو اُيا مندو هوندو

تَكَادُ تَمَيَّزُ مِنَ الْغَيْظِ ؕ كُلَّمَآ أُلْقِيَ فِيهَا

جو اڄهو تو ڦاٽي جوش کان، جڏهن به اڇلي ويندي ان ۾

فَوْجٌ سَأَلَهُمْ خَزَنَتُهَآ أَلَمْ يَأْتِكُمْ نَذِيرٌ ⑧

ڪائي ٽولي تہ پڇندن ڪوال ان جا ڇانہ آيو توهان وٽ ڪو ڊيڄاريندڙ؟

قَالُوا بَلٰى قَدْ جَآءَنَا نَذِيرٌ ۙ

چوندا هائو برابر آيو اسان وٽ ڊيڄاريندڙ،

فَكَذَّبْنَا وَقُلْنَا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ ۚ إِنْ أَنْتُمْ

پوءِ اسان ڪوڙو ڪيو سون ۽ چيو سون ته نه ناهي نازل ڪيو الله ڪجهه به، نه آهيو توهان

إِلَّا فِي ضَلَالٍ كَبِيرٍ ⑨ وَقَالُوا لَوْ كُنَّا نَسْمَعُ أَوْ

مگر گمراهيءَ وڏيءَ ۾. ۽ چوندا جيڪر ٻڌون ها يا

نَعْقِلُ مَا كُنَّا فِي أَصْحَابِ السَّعِيرِ ⑩ فَاعْتَرَفُوا

سمجهون ها ته نه هجون ها جهنم وارن ۾. پوءِ پاسيا ڻون

بِذَنْبِهِمْ ۚ فَسُحْقًا لِأَصْحَابِ السَّعِيرِ ⑪ إِنَّ الَّذِينَ

ڏوهه پنهنجا پوءِ پري ٿين رحمت کان جهنم وارا. بيشڪ جيڪي

يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ لَهُمْ مَغْفِرَةٌ وَأَجْرٌ

ڊڄن ٿا پنهنجي رب کان پرپٺ تن لاءِ آهي معافي ۽ اجر

كَبِيرٌ ⑫ وَأَسِرُّوا قَوْلَكُمْ أَوِ اجْهَرُوا بِهِ ۖ إِنَّهُ

وڏو ۽ لڪائي ڳالهه ڪريو توهان يا ڏاڍيان چئو ان کي، بلاشڪ اهو

عَلِيمٌ بِذَاتِ الصُّدُورِ ⑬ أَلَا يَعْلَمُ مَنْ خَلَقَ ۖ

ڄاڻندڙ آهي راز دلين جي کي. ڇا نه ٿو ڄاڻي اهو جنهن پيدا ڪيو؟

وَهُوَ اللَّطِيفُ الْخَبِيرُ ⑭ هُوَ الَّذِي جَعَلَ لَكُمُ

۽ اهو اونهون ڏسندڙ خبر رکندڙ آهي. (۽) اهو آهي جنهن پيدا ڪئي توهان لاءِ

الْأَرْضَ ذَلُولًا فَامْشُوا فِي مَنَاكِبِهَا وَكُلُوا مِنْ

ڌرتي سوني ڪري ته هلو ان جي رستن ۾ ۽ کائو

القرآن الكريم ترجمو حضرت مولانا عبدالكريم قريشي (بير شريف)

رِزْقِهٖ ۗ وَاِلَيْهِ النُّشُوْرُ ﴿١٥﴾ ءَاَمِنْتُمْ مَّنْ فِى السَّمَآءِ

ان جي پيدائش مان ۽ انهيءَ ڏانهن جيئرو ٿي اُٿڻو آهي. ڇا توهان بي ڊپا ٿيا آهيو ان آسمان واري کان

اَنْ يَّخْسِفَ بِكُمُ الْاَرْضَ فَاِذَا هِىَ تَمُوْرُ ﴿١٦﴾ اَمْ

جو (گُنوائي) توهان کي ڌرتي ۾ پوءِ اها پيئي ڏڏي. يا

اَمِنْتُمْ مَّنْ فِى السَّمَآءِ اَنْ يُّرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ۗ

ته ڇا ڊپ ڇو ان آسمان واري کان جو وسائي توهان تي پاهڻ،

فَسَتَعْلَمُوْنَ كَيْفَ نَذِيْرِ ﴿١٧﴾ وَلَقَدْ كَذَّبَ

پوءِ اجهو ڄاڻندؤ ته ڪيئن آهي ڊيڄارڻ منهنجو ۽ پڪ ڪوڙو ڀانيو هو

الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿١٨﴾ اَوَلَمْ

انهن کان اڳين به پوءِ ڪيئن هئي ڪاوڙ منهنجي. ڇا نه

يَرَوْا اِلَى الطَّيْرِ فَوْقَهُمْ صٰٓفّٰتٍ وَّيَقْبِضْنَ ؕ مَا

ٿا ڏسن اُڏامندڙ پکين کي پنهنجي مٿان پَرَ کنڊيريندڙ ۽ (وري) اهي بند ڪن ٿا، نه

يُمْسِكُهُنَّ اِلَّا الرَّحْمٰنُ ۗ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَىْءٍۢ بَصِيْرٌ ﴿١٩﴾

ٿو جهلي سگهين ڪوئي سواءِ الله جي، بيشڪ اهو هر شيءِ کي ڏسندڙ آهي.

اَمَّنْ هٰذَا الَّذِىْ هُوَ جُنْدٌ لَّكُمْ يَنْصُرُكُمْ مِّنْ

ڇا ڪهڙو آهي اهو جو هجي لشڪر توهان جو مدد ڪري ٿو توهان جي

دُوْنِ الرَّحْمٰنِ ۗ اِنِ الْكٰفِرُوْنَ اِلَّا فِىْ غُرُوْرٍ ﴿٢٠﴾

الله مهربان کان سواءِ، رڳو ڪافر آهن دوکي ۾.

أَمَّنْ هَٰذَا الَّذِي يَرْزُقُكُمْ إِنْ أَمْسَكَ رِزْقَهُ ۚ
ڇا ڪير اهو آهي جيڪو رزق ڏئي توهان کي جيڪڏهن روڪي ڇڏي رزق پنهنجو

بَل لَّجُّوا فِي عُتُوٍّ وَنُفُورٍ ﴿٢١﴾ أَفَمَن يَمْشِي مُكِبًّا
بلڪ انهن زور ڀريو آهي سرڪشي ۾ ۽ نفرت ۾. ڇا پوءِ جيڪو هلندو اونڌو،

عَلَىٰ وَجْهِهِ أَهْدَىٰ أَمَّن يَمْشِي سَوِيًّا عَلَىٰ
منهن ڀر اهو وڌيڪ هدايت وارو آهي يا اهو جيڪو هلي ٿو سڌو

صِرَاطٍ مُّسْتَقِيمٍ ﴿٢٢﴾ قُلْ هُوَ الَّذِي أَنشَأَكُمْ
وات سنئين تي؟ چؤ ته هي اهو آهي جنهن پيدا ڪيو اوهان کي

وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْأَبْصَارَ وَالْأَفْئِدَةَ ۖ
۽ جوڙيائين اوهان جا ڪَن ۽ اکيون ۽ دليون،

قَلِيلًا مَّا تَشْكُرُونَ ﴿٢٣﴾ قُلْ هُوَ الَّذِي ذَرَأَكُمْ
تور ٿورو ئي توهان شڪر ٿا ڪريو. چؤ ته هي اهو آهي جنهن پکيڙيو اوهان کي

فِي الْأَرْضِ وَإِلَيْهِ تُحْشَرُونَ ﴿٢٤﴾ وَيَقُولُونَ مَتَىٰ
زمين ۾ ۽ ان ذات ڏانهن ئي گڏ ڪيا ويندؤ. ۽ چون ٿا ڪڏهن آهي

هَٰذَا الْوَعْدُ إِن كُنتُمْ صَادِقِينَ ﴿٢٥﴾ قُلْ إِنَّمَا
اهو وقت جيڪڏهن توهان آهيو سچا. چؤ ته رڳو

الْعِلْمُ عِندَ اللَّهِ وَإِنَّمَا أَنَا نَذِيرٌ مُّبِينٌ ﴿٢٦﴾
اها خبر الله کي آهي، ۽ رڳو مان آهيان ڏيڇارڻ ڏيندڙ پڌرو.

فَلَمَّا رَأَوْهُ زُلْفَةً سِيٓـَٔتْ وُجُوهُ الَّذِينَ كَفَرُوا
پوءِ جڏهن ڏسندا انکي ويجهو ته بڇڙا ٿيندا پوت انهن جا جن انڪار ڪيو
وَقِيلَ هَٰذَا الَّذِي كُنتُم بِهِ تَدَّعُونَ ﴿٢٧﴾ قُلْ
۽ چيو ويندو هي اهو (عذاب) آهي جنهنکي توهان گهرندا هئا. چئو
أَرَأَيْتُمْ إِنْ أَهْلَكَنِيَ اللَّهُ وَمَن مَّعِيَ أَوْ رَحِمَنَا
خبر ڏيو ڇا جيڪڏهن پڪڙي موکي الله ۽ منهنجي ساٿين کي يا ٻاجهه ڪري اسان تي
فَمَن يُجِيرُ الْكَافِرِينَ مِنْ عَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿٢٨﴾
پوءِ ڪير بچائيندو ڪافرن کي عذاب ڏکوئيندڙکان.
قُلْ هُوَ الرَّحْمَٰنُ آمَنَّا بِهِ وَعَلَيْهِ تَوَكَّلْنَا
ٻڌاءِ اهو ٻاجهارو (الله) آهي جنهن تي ايمان آندوسون ۽ انهيءَ تي ئي ڀروسو آهي.
فَسَتَعْلَمُونَ مَنْ هُوَ فِي ضَلَالٍ مُّبِينٍ ﴿٢٩﴾ قُلْ
پوءِ توهان جلدي ڄاڻندؤ ته ڪير آهي گمراهي پڌري ۾. اي پيغمبر چئو
أَرَأَيْتُمْ إِنْ أَصْبَحَ مَاؤُكُمْ غَوْرًا فَمَن يَأْتِيكُم
خبر ڏيو ڇا جيڪڏهن ٿي وڃي پاڻي اوهانجو هيٺ ته ڪير آڻيندو اوهان وٽ
بِمَاءٍ مَّعِينٍ ﴿٣٠﴾
پاڻي وهندڙ؟

سُورَةُ الْقَلَمِ مَكِّيَّةٌ وَهِيَ اثْنَتَانِ وَخَمْسُونَ آيَةً وَفِيهَا رُكُوعَانِ

سورة القلم مڪي ۾ نازل ٿي ان ۾ ٻاونجاهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

نٓ وَالۡقَلَمِ وَمَا يَسۡطُرُوۡنَ ﴿١﴾ مَآ اَنۡتَ بِنِعۡمَةِ

نٓ قسم آهي قلم جو ۽ ان جو جيڪي لکندا آهن، تہ ناهين تون مهرباني

رَبِّكَ بِمَجۡنُوۡنٍ ﴿٢﴾ وَاِنَّ لَكَ لَاَجۡرًا غَيۡرَ مَمۡنُوۡنٍ ﴿٣﴾

الله جي سان مجنون. ۽ بيشڪ تو لاءِ اجر آهي اڻ کٽ.

وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيۡمٍ ﴿٤﴾ فَسَتُبۡصِرُ وَ

۽ بيشڪ تون آهين خُلق عظيم تي. پوءِ سگهو تون ڏسندين ۽

يُبۡصِرُوۡنَ ﴿٥﴾ بِاَيِّكُمُ الۡمَفۡتُوۡنُ ﴿٦﴾ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ

اهي بہ ڏسندا، تہ ڪير آهي توهان مان چريو. بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي

اَعۡلَمُ بِمَنۡ ضَلَّ عَنۡ سَبِيۡلِهٖ ۖ وَهُوَ اَعۡلَمُ

گهڻو ڄاڻي ٿو ان کي جو گمراهہ ٿيو سندس واٽ کان ۽ اهو گهڻو ڄاڻي ٿو

بِالۡمُهۡتَدِيۡنَ ﴿٧﴾ فَلَا تُطِعِ الۡمُكَذِّبِيۡنَ ﴿٨﴾ وَدُّوۡا

هدايت وارن کي. پوءِ تہ چيو نہ مڃ ڪوڙي ڪندڙن جو. اهي چاهين ٿا

لَوۡ تُدۡهِنُ فَيُدۡهِنُوۡنَ ﴿٩﴾ وَلَا تُطِعۡ كُلَّ حَلَّافٍ

جي تون ڍرو ٿئين تہ اهي بہ ڍرا ٿين. ۽ نہ چيو مڃ هر قسمي ۽

مَّهِيۡنٍ ﴿١٠﴾ هَمَّازٍ مَّشَّآءٍۢ بِنَمِيۡمٍ ﴿١١﴾ مَّنَّاعٍ لِّلۡخَيۡرِ

ذليل جو، طعنا هڻندڙ ڪٽي هلندڙ چغلي، روڪيندڙ خير کان

مُعۡتَدٍ اَثِيۡمٍ ﴿١٢﴾ عُتُلٍّۭ بَعۡدَ ذٰلِكَ زَنِيۡمٍ ﴿١٣﴾ اَنۡ

حد لنگهندڙ ڏوهاري، بدطبع ان کان پوءِ بدنسل، جو

كَانَ ذَا مَالٍ وَّبَنِيۡنَ ﴿١٤﴾ اِذَا تُتۡلٰى عَلَيۡهِ اٰيٰتُنَا

آهو آهي آسودو ۽ پٽن وارو. جڏهن پڙهجن ٿيون انکي آيتون اسان جون

قَالَ اَسَاطِيۡرُ الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿١٥﴾ سَنَسِمُهٗ عَلَى الۡخُرۡطُوۡمِ ﴿١٦﴾

چئي ٿو هي آکاڻيون آهن اڳين جون. اجهو ڏنب ڏينداسون انکي سونڍ تي.

اِنَّا بَلَوۡنٰهُمۡ كَمَا بَلَوۡنَاۤ اَصۡحٰبَ الۡجَـنَّةِ ۚ اِذۡ اَقۡسَمُوۡا

اسان آزمايو آهي انهنکي جيئن آزمايوسون باغ وارن کي، جڏهن قسم کنيا ٿون

لَيَصۡرِمُنَّهَا مُصۡبِحِيۡنَ ﴿١٧﴾ وَلَا يَسۡتَثۡنُوۡنَ ﴿١٨﴾

ته ضرور واڍي ڪنداانجي صبح سان ئي. ۽ نه ڪياٿون انشاء الله.

فَطَافَ عَلَيۡهَا طَآئِفٌ مِّنۡ رَّبِّكَ وَهُمۡ نَآئِمُوۡنَ ﴿١٩﴾

پوءِ ڦري آئي ان تي ڪا آفت رب تنهنجي کان ۽ اهي سُتا پيا هئا.

فَاَصۡبَحَتۡ كَالصَّرِيۡمِ ﴿٢٠﴾ فَتَنَادَوۡا مُصۡبِحِيۡنَ ﴿٢١﴾

پوءِ ٿيجي ويو اهو جهڙو ويلايل (باغ)، پوءِ سڏيائون هڪٻئي کي ڏيکڻ مهل،

اَنِ اغۡدُوۡا عَلٰى حَرۡثِكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰرِمِيۡنَ ﴿٢٢﴾

ته جلدي هلو پنهنجي زمين تي جيڪڏهن اٿو لُڻ ڪاٽڻو.

فَانۡطَلَقُوۡا وَهُمۡ يَتَخَافَتُوۡنَ ﴿٢٣﴾ اَنۡ لَّا يَدۡخُلَنَّهَا

پوءِ هليا ۽ اهي ڳالهائن پيا هڪٻئي سان هوريان، ته هرگز نه لنگهي باغ ۾

الْيَوْمَ عَلَيْكُمْ مِّسْكِيْنٌ ﴿٢٤﴾ وَّغَدَوْا عَلٰى حَرْدٍ

اڄ توهان تي ڪو فقير، ۽ هليا سوير ڪنجوسيءَ تي

قٰدِرِيْنَ ﴿٢٥﴾ فَلَمَّا رَاَوْهَا قَالُوْٓا اِنَّا لَضَآلُّوْنَ ﴿٢٦﴾ بَلْ

قادر ٿي. پوءِ جڏهن ڏٺائون انکي چيائون ته ڏِڳ ڀُلجي وياسون، نه پر

نَحْنُ مَحْرُوْمُوْنَ ﴿٢٧﴾ قَالَ اَوْسَطُهُمْ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ

اسان بي نصيب ٿيا آهيون. ڳالهايو سندن وچين چانڪي چيو هيم توهان کي

لَوْلَا تُسَبِّحُوْنَ ﴿٢٨﴾ قَالُوْا سُبْحٰنَ رَبِّنَآ اِنَّا كُنَّا

ڇو نه ٿا تسبيح پڙهو الله جي. چيائون پاڪ آهي اسانجو رب بيشڪ اسان آهيون

ظٰلِمِيْنَ ﴿٢٩﴾ فَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَلَاوَمُوْنَ ﴿٣٠﴾

ظالم. پوءِ هڪٻئي ڏانهن منهن ڪري پاڻ ۾ ملامت ڪن پيا.

قَالُوْا يٰوَيْلَنَآ اِنَّا كُنَّا طٰغِيْنَ ﴿٣١﴾ عَسٰى رَبُّنَآ اَنْ

چون پيا ويل ٿي ويو اسان تي آهيون ليڪو لنگهندڙ. من رب اسان جو

يُّبْدِلَنَا خَيْرًا مِّنْهَآ اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا رٰغِبُوْنَ ﴿٣٢﴾

بدلي ڏئي اسانکي ڀلو انهيءَ کان بيشڪ اسان پنهنجي پالڻهار ڏانهن اميد رکندڙ آهيون.

كَذٰلِكَ الْعَذَابُ ۭ وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ ۘ لَوْ

اهڙي طرح ٿيندو عذاب، ۽ يقينن عذاب آخرت جو تمام وڏو آهي، جيڪر

كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٣﴾ اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ

اهي ڄاڻن ها. بيشڪ پرهيزگارن لاءِ سندن رب وٽ آهن

وقف لازم

ع ٢

جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٣٤﴾ اَفَنَجْعَلُ الْمُسْلِمِيْنَ كَالْمُجْرِمِيْنَ ﴿٣٥﴾

باغ نعمت وارا. ڇا پوءِ ڪنداسون فرمانبردارن کي بي فرمانن جهڙو ؟

مَا لَكُمْ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿٣٦﴾ اَمْ لَكُمْ كِتٰبٌ فِيْهِ

ڇا ٿيو اٿو ؟ ڪيئن ٿا فيصلو ڪريو؟ ڇا توهان وٽ ڪو ڪتاب آهي جنهن ۾

تَدْرُسُوْنَ ﴿٣٧﴾ اِنَّ لَكُمْ فِيْهِ لَمَا تَخَيَّرُوْنَ ﴿٣٨﴾ اَمْ

پڙهو ٿا، ته توهان لاءِ ان ۾ آهي جيڪي چاهيو ٿا. يا

لَكُمْ اَيْمَانٌ عَلَيْنَا بَالِغَةٌ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۙ اِنَّ

توهان لاءِ ڪي قسم آهن اسان جا پڪا ڏينهن قيامت تائين ته

لَكُمْ لَمَا تَحْكُمُوْنَ ﴿٣٩﴾ سَلْهُمْ اَيُّهُمْ بِذٰلِكَ زَعِيْمٌ ﴿٤٠﴾

توهان کي ملندو جيڪي حڪم ڪندؤ. اي نبي پڇا ڪرين ته انهن مان ڪير انجو ذميوار آهي؟

اَمْ لَهُمْ شُرَكَآءُ ۚ فَلْيَاْتُوْا بِشُرَكَآئِهِمْ اِنْ كَانُوْا

يا انهن کي شريڪ آهن، پوءِ پيل آڻين پنهنجا شريڪ جيڪڏهن آهن

صٰدِقِيْنَ ﴿٤١﴾ يَوْمَ يُكْشَفُ عَنْ سَاقٍ وَّيُدْعَوْنَ

سچا. (ياد ڪر) جنهن ڏينهن کولي ويندي پني ۽ سڏيا ويندا

اِلَى السُّجُوْدِ فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ﴿٤٢﴾ خَاشِعَةً اَبْصَارُهُمْ

سجدي لاءِ پوءِ ڪري نه سگهندا، جهڪندڙ اکيون انهن جون

تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ۗ وَقَدْ كَانُوْا يُدْعَوْنَ اِلَى السُّجُوْدِ

وڌهي ويندي انهن کي خواري، حالانڪ سڏيا ويندا هئا سجدي ڏانهن

وَهُمْ سَالِمُوْنَ ﴿٤٣﴾ فَذَرْنِيْ وَمَنْ يُّكَذِّبُ بِهٰذَا

۽ هئا اهي چڱا ڀلا. پوءِ ڇڏ مونکي ۽ انکي جيڪو ڪوڙو ڪري ٿو هن

الْحَدِيْثِ سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٤﴾

ڳالهه کي، اجهو ڌيري ڌيري پڪڙينداسون انکي اهڙي طرح جو خبر نه پوندن.

وَاُمْلِيْ لَهُمْ اِنَّ كَيْدِيْ مَتِيْنٌ ﴿٤٥﴾ اَمْ تَسْئَلُهُمْ

۽ ڍر ڏيان ٿو انهن کي، بيشڪ منهنجي رٿ پڪي آهي. ڇا تون گهرين ٿو انهن کان

اَجْرًا فَهُمْ مِّنْ مَّغْرَمٍ مُّثْقَلُوْنَ ﴿٤٦﴾ اَمْ عِنْدَهُمُ

اجورو پوءِ اهي چٽيءَ کان بارهيٺ آهن. يا انهن وٽ

الْغَيْبُ فَهُمْ يَكْتُبُوْنَ ﴿٤٧﴾ فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ وَلَا

ڪو ڳجهه آهي جو اهي لکن ٿا. پوءِ (اي نبي) سهپ ڪر پنهنجي پالڻهار جي حڪم تائين ۽ نه

تَكُنْ كَصَاحِبِ الْحُوْتِ اِذْ نَادٰى وَهُوَ مَكْظُوْمٌ ﴿٤٨﴾

ٿيءُ مڇيءَ جي صاحب وانگر، جڏهن پڪاريائين ۽ هئو ڏکارو.

لَوْلَآ اَنْ تَدٰرَكَهٗ نِعْمَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ لَنُبِذَ بِالْعَرَآءِ

جيڪڏهن نه پهچي ها انکي مهرباني سندس رب جي ته جيڪر اڇلايو وڃي ها پڌري پٽ

وَهُوَ مَذْمُوْمٌ ﴿٤٩﴾ فَاجْتَبٰهُ رَبُّهٗ فَجَعَلَهٗ مِنَ

۽ هجي ها گلارو. پوءِ چونڊيو ان کي سندس رب ۽ ڪيائين ان کي

الصّٰلِحِيْنَ ﴿٥٠﴾ وَاِنْ يَّكَادُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَيُزْلِقُوْنَكَ

ڀلن ماڻهن مان. ۽ بيشڪ ويجها ٿيا آهن ڪافر جو ترڪيائين توکي

بِأَبْصَارِهِمْ لَمَّا سَمِعُوا الذِّكْرَ وَيَقُولُونَ إِنَّهُ

پنهنجين نظرن سان جڏهن ٻڌندا آهن قرآن ۽ چون ٿا ته اهو

لَمَجْنُونٌ ﴿٥١﴾ وَمَا هُوَ إِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعَالَمِينَ ﴿٥٢﴾

مجنون آهي. هو ڏانهن اهو رڳو نصيحت آهي جهان وارن لاءِ.

سُوْرَةُ الْحَاقَّةِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ اثْنَتَانِ وَخَمْسُوْنَ اٰيَةً وَّفِيْهَا رُكُوْعَانِ

سورة الحاقة مڪي ۾ نازل ٿي ۽ ان ۾ ٻاونجاهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الْحَاقَّةُ ﴿١﴾ مَا الْحَاقَّةُ ﴿٢﴾ وَمَا أَدْرَاكَ مَا الْحَاقَّةُ ﴿٣﴾

ثابت ٿيندڙ، ڇا آهي ثابت ٿيندڙ. ۽ توکي ڇا خبر ته ڇا آهي ثابت ٿيندڙ.

كَذَّبَتْ ثَمُودُ وَعَادٌ بِالْقَارِعَةِ ﴿٤﴾ فَأَمَّا ثَمُودُ

ڪوڙو ڪيو هو ثمود ۽ عاد انهيءَ ٺوڪيندڙ کي. پوءِ اهي ثمود وارا

فَأُهْلِكُوا بِالطَّاغِيَةِ ﴿٥﴾ وَأَمَّا عَادٌ فَأُهْلِكُوا بِرِيحٍ

تباهه ڪيا ويا زلزلي سان. ۽ پر عاد وارا هلاڪ ڪيا ويا هوا

صَرْصَرٍ عَاتِيَةٍ ﴿٦﴾ سَخَّرَهَا عَلَيْهِمْ سَبْعَ لَيَالٍ وَّ

تڏي تکيءَ سان، جا هلايائين انهن تي ست راتيون ۽

ثَمَانِيَةَ أَيَّامٍ حُسُومًا فَتَرَى الْقَوْمَ فِيهَا صَرْعَىٰ

اٺ ڏينهن لڳو لڳ پوءِ ڏسندين اهي ماڻهو ان ۾ ڍٿيل

كَأَنَّهُمْ أَعْجَازُ نَخْلٍ خَاوِيَةٍ ﴿٧﴾ فَهَلْ تَرَىٰ لَهُم

ڄڻ اهي ٻنڊ کجين جا پورا آهن. ڇا تون ڏسين ٿو انهن جو

مِّن بَاقِيَةٍ ﴿٨﴾ وَجَاءَ فِرْعَوْنُ وَمَن قَبْلَهُ وَ

ڪو پونير ۔ ۽ آيو فرعون ۽ ان کان اڳيان ڪافر ۽

الْمُؤْتَفِكَاتُ بِالْخَاطِئَةِ ﴿٩﴾ فَعَصَوْا رَسُولَ رَبِّهِمْ

اونڌن ڳوٺن وارا ڏوهاري پڻ آيا. پوءِ اهي بي فرمان ٿيا پنهنجي پالڻهار جي رسول جا

فَأَخَذَهُمْ أَخْذَةً رَّابِيَةً ﴿١٠﴾ إِنَّا لَمَّا طَغَى الْمَاءُ

پوءِ ورتائين انهن کي وٺڻ ڏاڍو سخت. بيشڪ اسان جڏهن وڌي ويو پاڻي

حَمَلْنَاكُمْ فِي الْجَارِيَةِ ﴿١١﴾ لِنَجْعَلَهَا لَكُمْ تَذْكِرَةً

کڻيو سون توهان کي ٻيڙي ۾. جيئن ڪريون انکي توهان لاءِ يادگار

وَتَعِيَهَا أُذُنٌ وَاعِيَةٌ ﴿١٢﴾ فَإِذَا نُفِخَ فِي الصُّورِ

۽ ٻڌي ان کي ڪن سانڍيندڙ. پوءِ جڏهن ڦوڪ ڏني ويندي صور ۾

نَفْخَةٌ وَاحِدَةٌ ﴿١٣﴾ وَحُمِلَتِ الْأَرْضُ وَالْجِبَالُ

ڦوڪ هڪڙي ۽ کنيو ويندو زمين ۽ جبلن کي

فَدُكَّتَا دَكَّةً وَاحِدَةً ﴿١٤﴾ فَيَوْمَئِذٍ وَقَعَتِ

پوءِ ٻئي ڊاٿا ويندا ڊاهڻ هڪ دفعي. تنهن ڏينهن قائم ٿيندي

الْوَاقِعَةُ ﴿١٥﴾ وَانشَقَّتِ السَّمَاءُ فَهِيَ يَوْمَئِذٍ وَاهِيَةٌ ﴿١٦﴾

قيامت. ۽ ڏري پوندو آسمان پوءِ اهو ان ڏينهن ڍلو ٿيندو.

وَّالْمَلَكُ عَلٰٓى اَرْجَآىِٕهَا ۭ وَيَحْمِلُ عَرْشَ رَبِّكَ فَوْقَهُمْ
۽ ملائڪ هوندا ان جي پاسن تي، ۽ کڻندا عرش تنهنجي رب جو پنهنجي مٿان
يَوْمَىِٕذٍ ثَمٰنِيَةٌ ⑰ يَوْمَىِٕذٍ تُعْرَضُوْنَ لَا تَخْفٰى
ان ڏينهن اٺ ڄڻا. ان ڏينهن اوهان حاضر ڪيا ويندؤ. ڪجهي نہ رهندي
مِنْكُمْ خَافِيَةٌ ⑱ فَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ ۙ
توهان جي ڪا لڪل ڳالهہ. پوءِ جنهنکي ڏنو ويو سندس ڪتاب ان جي سڄي هٿ ۾
فَيَقُوْلُ هَاۗؤُمُ اقْرَءُوْا كِتٰبِيَهْ ⑲ۚ اِنِّىْ ظَنَنْتُ
پوءِ اهو چوندو وٺو پڙهو عملنامو منهنجو. مون يقين ڪيو هو
اَنِّىْ مُلٰقٍ حِسَابِيَهْ ⑳ۚ فَهُوَ فِيْ عِيْشَةٍ رَّاضِيَةٍ ㉑ۙ
تہ بيشڪ آءٌ ملڻ وارو آهيان حساب پنهنجو پوءِ اهو هوندو حياتي ۾ وڻندڙ ۾
فِيْ جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ㉒ۙ قُطُوْفُهَا دَانِيَةٌ ㉓ كُلُوْا وَ
بهشت مٿاهين ۾، ميوا ان جا ويجها هوندا. کائو ۽
اشْرَبُوْا هَنِيْۗـــًٔا بِمَآ اَسْلَفْتُمْ فِي الْاَيَّامِ الْخَالِيَةِ ㉔
پيئو مزو ڪري ان ڪري جو اڳي ڪيو اٿوَ زماني گذريل ۾.
وَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِشِمَالِهٖ ۙ فَيَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ
پر جنهنکي ڏنو ويو سندس دفتر کٻي هٿ ۾، پوءِ چوندو هاءِ جيڪر
لَمْ اُوْتَ كِتٰبِيَهْ ㉕ۚ وَلَمْ اَدْرِ مَا حِسَابِيَهْ ㉖ۚ يٰلَيْتَهَا
نہ مليم ها منهنجو عملنامو. ۽ نہ ڄاڻان ها تہ ڪهڙو آهي حساب منهنجو. هاءِ جيڪر

كَانَتِ الْقَاضِيَةَ ﴿٢٧﴾ مَآ اَغْنٰى عَنِّىْ مَالِيَهْ ﴿٢٨﴾

موت هجي ها پورو ڪندڙ. نه بچايو مون کي منهنجي مال.

هَلَكَ عَنِّىْ سُلْطٰنِيَهْ ﴿٢٩﴾ خُذُوْهُ فَغُلُّوْهُ ﴿٣٠﴾ ثُمَّ

هلي ويئي مون کان منهنجي ڏاڍ مڙسي. وٺوس ۽ ڳٽ وجهوس، پوءِ

الْجَحِيْمَ صَلُّوْهُ ﴿٣١﴾ ثُمَّ فِىْ سِلْسِلَةٍ ذَرْعُهَا سَبْعُوْنَ

دوزخ ۾ هڻوس، پوءِ هڪ زنجير جنهن جي ڊيگهه آهي ستر

ذِرَاعًا فَاسْلُكُوْهُ ﴿٣٢﴾ اِنَّهٗ كَانَ لَا يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ

هٿ پوءِ ان ۾ جڪڙيوس. بيشڪ اهو نه مڃيندو هو الله

الْعَظِيْمِ ﴿٣٣﴾ وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ﴿٣٤﴾

ايذي وڏي کي، ۽ نه اڀاريندو هو غريبن جي کاڌي تي.

فَلَيْسَ لَهُ الْيَوْمَ هٰهُنَا حَمِيْمٌ ﴿٣٥﴾ وَّلَا طَعَامٌ اِلَّا

پوءِ ناهي ان جو اڄ هتي ڪو حمايتي، ۽ نه اٽس کاڌو سواءِ

مِنْ غِسْلِيْنٍ ﴿٣٦﴾ لَّا يَاْكُلُهٗٓ اِلَّا الْخَاطِـُٔوْنَ ﴿٣٧﴾ ع ۳۷ ۵

پونءِ جي، نه کائيندا اهو مگر ڏوهاري.

فَلَآ اُقْسِمُ بِمَا تُبْصِرُوْنَ ﴿٣٨﴾ وَمَا لَا تُبْصِرُوْنَ ﴿٣٩﴾

پوءِ قسم ٿو کڻان ان جو جيڪي ڏسو ٿا، ۽ جيڪي نه ٿا ڏسو،

اِنَّهٗ لَقَوْلُ رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ ﴿٤٠﴾ وَّمَا هُوَ بِقَوْلِ شَاعِرٍ

بيشڪ اهو ڪلام رسول سڳوري جو آهي، ۽ ناهي اهو ڪلام شاعر جو،

قَلِيْلًا مَّا تُؤْمِنُوْنَ ﴿٤١﴾ وَلَا بِقَوْلِ كَاهِنٍ ؕ
توهان ٿورو ئي يقين ٿا ڪريو. ۽ نه ڪي اها ڳالهه ڪاهن جي آهي،
قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٢﴾ تَنْزِيْلٌ مِّنْ رَّبِّ
توهان ٿوري ئي نصيحت ٿا وٺو. اهو (قرآن) نازل ٿيل آهي پالڻهار
الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٣﴾ وَلَوْ تَقَوَّلَ عَلَيْنَا بَعْضَ الْاَقَاوِيْلِ ﴿٤٤﴾
جهانن جي ڪان. ۽ جيڪڏهن (رسول) ٺاهي ها اسان تي ڪي ڳالهيون.
لَاَخَذْنَا مِنْهُ بِالْيَمِيْنِ ﴿٤٥﴾ ثُمَّ لَقَطَعْنَا مِنْهُ
ته اسان پڪڙيون ها ان جو ساڄو هٿ، پوءِ وڍي ڇڏيون ها ان جي
الْوَتِيْنَ ﴿٤٦﴾ فَمَا مِنْكُمْ مِّنْ اَحَدٍ عَنْهُ حٰجِزِيْنَ ﴿٤٧﴾
شهه رڳ کي. پوءِ نه هجي ها توهان مان ڪو به ان کان روڪڻ وارو.
وَاِنَّهٗ لَتَذْكِرَةٌ لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٤٨﴾ وَاِنَّا لَنَعْلَمُ اَنَّ مِنْكُمْ
۽ بيشڪ قرآن نصيحت آهي خدا کان ڊڄڻ وارن لاءِ. ۽ بيشڪ اسان ڄاڻون ٿا ته توهان مان
مُّكَذِّبِيْنَ ﴿٤٩﴾ وَاِنَّهٗ لَحَسْرَةٌ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٥٠﴾ وَ
ڪوڙو ڪندڙ آهن. ۽ بيشڪ اهو ارمان آهي ڪافرن تي. ۽
اِنَّهٗ لَحَقُّ الْيَقِيْنِ ﴿٥١﴾ فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿٥٢﴾
بيشڪ اهو (قرآن) پورو يقين آهي. تنهنڪري تون پاڪائي بيان ڪر پنهنجي رب جي نالي جي جو وڏائي وارو آهي.

سُوْرَةُ الْمَعَارِجِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ اَرْبَعٌ وَّاَرْبَعُوْنَ اٰيَةً وَّفِيْهَا رُكُوْعَانِ

سورة المعارج مڪي ۾ نازل ٿي ان ۾ چوٽيتاليهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجھاري مھربان جي نالي سان.

سَاَلَ سَآىِٕلٌۢ بِعَذَابٍ وَّاقِعٍۙ ① لِّلْكٰفِرِيْنَ لَيْسَ

گھريو ھڪ سائل عذاب پوندڙ، ڪافرن تي نہ آھي

لَهٗ دَافِعٌۙ ② مِّنَ اللّٰهِ ذِى الْمَعَارِجِؕ ③ تَعْرُجُ

انکي ڪو ٽارڻ وارو، الله جي طرفان مالڪ درجن جو. چڙھندا

الْمَلٰٓىِٕكَةُ وَالرُّوْحُ اِلَيْهِ فِىْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗ

ملائڪ ۽ روح انھيءَ ڏانھن ان ڏينھن ۾ جنھن جو اندازو

خَمْسِيْنَ اَلْفَ سَنَةٍۚ ④ فَاصْبِرْ صَبْرًا جَمِيْلًا ⑤

آھي پنجاھ ھزار ورھيہ. پوءِ تون ماٺ ڪر سٺي ماٺ.

اِنَّهُمْ يَرَوْنَهٗ بَعِيْدًاۙ ⑥ وَّنَرٰىهُ قَرِيْبًاؕ ⑦ يَوْمَ

اھي ڀانئين ٿا ان کي ڏور، ۽ اسان ڏسون ٿا ان کي ويجھڙو. جنھن ڏينھن

تَكُوْنُ السَّمَآءُ كَالْمُهْلِۙ ⑧ وَتَكُوْنُ الْجِبَالُ

ٿيندو آسمان رڳايل ٽامي وانگر، ۽ ٿيندا جبل

كَالْعِهْنِۙ ⑨ وَلَا يَسْـَٔلُ حَمِيْمٌ حَمِيْمًاۚۖ ⑩ يُّبَصَّرُوْنَهُمْؕ

رنگين اُن جھڙا، ۽ نہ پڇا ڪندو ڪو گھرو گھري دوست جي، اھي ڏيکاريا ويندا انھن کي.

يَوَدُّ الْمُجْرِمُ لَوْ يَفْتَدِيْ مِنْ عَذَابِ يَوْمِىِٕذٍۭ

چاھيندو ڏوھاري جيڪر بدلي ۾ ڏئي عذاب ان ڏينھن جي کان

بِبَنِيهِ ﴿١١﴾ وَصَاحِبَتِهِ وَأَخِيهِ ﴿١٢﴾ وَفَصِيلَتِهِ الَّتِي
پٽ پنهنجا ، ۽ ٻيبي پنهنجي ۽ ڀاءُ پنهنجو ، ۽ سندس مائٽ جيڪي

تُؤْوِيهِ ﴿١٣﴾ وَمَنْ فِي الْأَرْضِ جَمِيعًا ثُمَّ يُنْجِيهِ ﴿١٤﴾
ڪوٺي ٿي ڪن انکي، ۽ جيڪي به ملڪ ۾ آهن سمورا پوءِ پاڻ ڇڏائي ،

كَلَّا إِنَّهَا لَظَىٰ ﴿١٥﴾ نَزَّاعَةً لِلشَّوَىٰ ﴿١٦﴾ تَدْعُو مَنْ
خبردار، بيشڪ اها ٻرندڙ باهه آهي، ڇڪيندڙ سرجي کل کي ، سڏ ڪيندي ان کي

أَدْبَرَ وَتَوَلَّىٰ ﴿١٧﴾ وَجَمَعَ فَأَوْعَىٰ ﴿١٨﴾ إِنَّ الْإِنْسَانَ
جنهن پُٺي ڏني ۽ منهن موڙيو ، ۽ مال گڏ ڪيو پوءِ سانڍي رکيو . بيشڪ آدمي

خُلِقَ هَلُوعًا ﴿١٩﴾ إِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ جَزُوعًا ﴿٢٠﴾ وَإِذَا
پيدا ٿيل ڪروڌي آهي جڏهن پهچيس تنگي ته روئي پٽي ، ۽ جڏهن

مَسَّهُ الْخَيْرُ مَنُوعًا ﴿٢١﴾ إِلَّا الْمُصَلِّينَ ﴿٢٢﴾ الَّذِينَ
پهچيس مال ته روڪي رکي ، مگر نماز پڙهندڙ ، جيڪي

هُمْ عَلَىٰ صَلَاتِهِمْ دَائِمُونَ ﴿٢٣﴾ وَالَّذِينَ فِي أَمْوَالِهِمْ
اهي پنهنجي نماز تي پابند آهن . ۽ جن جي ملڪيت ۾

حَقٌّ مَعْلُومٌ ﴿٢٤﴾ لِلسَّائِلِ وَالْمَحْرُومِ ﴿٢٥﴾ وَالَّذِينَ
حصو جاتل آهي ، سوالي ۽ محتاج لاءِ ، ۽ جيڪي

يُصَدِّقُونَ بِيَوْمِ الدِّينِ ﴿٢٦﴾ وَالَّذِينَ هُمْ مِنْ
سچو ڄاڻن ٿا ڏينهن قيامت کي ، ۽ جيڪي اهي

عَذَابِ رَبِّهِم مُّشْفِقُونَ ﴿٢٧﴾ إِنَّ عَذَابَ رَبِّهِمْ

عذاب پروردگار جي کان ڊڄندڙ آهن. بيشڪ سندن رب جو عذاب

غَيْرُ مَأْمُونٍ ﴿٢٨﴾ وَالَّذِينَ هُمْ لِفُرُوجِهِمْ حَافِظُونَ ﴿٢٩﴾

انڌ نڙ آهي، ۽ جيڪي اهي پنهنجي اگهڙن کي بچائيندڙ آهن،

إِلَّا عَلَىٰ أَزْوَاجِهِمْ أَوْ مَا مَلَكَتْ أَيْمَانُهُمْ فَإِنَّهُمْ

سواءِ پنهنجي ڌارين ۽ ٻانهين کان پوءِ اهي

غَيْرُ مَلُومِينَ ﴿٣٠﴾ فَمَنِ ابْتَغَىٰ وَرَاءَ ذَٰلِكَ فَأُولَٰئِكَ

ناهن ڇينڀ ڪيل. پر جيڪي ڪرڻ گهرن هيو ڪجهه پوءِ اهي

هُمُ الْعَادُونَ ﴿٣١﴾ وَالَّذِينَ هُمْ لِأَمَانَاتِهِمْ وَعَهْدِهِمْ

حد ٽپيندڙ آهن. ۽ جيڪي پنهنجي ڏاڙون ۽ انجام جو

رَاعُونَ ﴿٣٢﴾ وَالَّذِينَ هُم بِشَهَادَاتِهِمْ قَائِمُونَ ﴿٣٣﴾ وَ

خيال ڪندڙ آهن، ۽ جيڪي پنهنجي شاهدين تي بيهندڙ آهن، ۽

الَّذِينَ هُمْ عَلَىٰ صَلَاتِهِمْ يُحَافِظُونَ ﴿٣٤﴾ أُولَٰئِكَ

جيڪي پنهنجي نماز تي سنڀال ڪن ٿا، اهي

فِي جَنَّاتٍ مُّكْرَمُونَ ﴿٣٥﴾ فَمَالِ الَّذِينَ كَفَرُوا

باغن ۾ عزت وارا ٿيندا. (اي نبي) ڇا ٿيو آهي انهن کي جن ڪفر ڪيو

قِبَلَكَ مُهْطِعِينَ ﴿٣٦﴾ عَنِ الْيَمِينِ وَعَنِ الشِّمَالِ

جو تو ڏي ڀڄندا ٿا اچن، ساڄي طرف کان ۽ کاٻي طرف کان

عِزِيْنَ ﴿٣٧﴾ اَيَطْمَعُ كُلُّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ اَنْ يُّدْخَلَ
توليون ڪري. ڇا لالچ رکي ٿو هر انسان انهن مان ته داخل ڪيو وڃي
جَنَّةَ نَعِيْمٍ ﴿٣٨﴾ كَلَّا ؕ اِنَّا خَلَقْنٰهُمْ مِّمَّا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٩﴾
بهشت نعمت واري ۾. ائين ناهي، بيشڪ پيدا ڪيو سون انهن کي ان مان جنهن کي ڄاڻن ٿا.
فَلَاۤ اُقْسِمُ بِرَبِّ الْمَشٰرِقِ وَالْمَغٰرِبِ اِنَّا
پوءِ قسم ٿو کڻان اوڀر ۽ اولهه جي پروردگار جو ته اسين
لَقٰدِرُوْنَ ﴿٤٠﴾ عَلٰۤى اَنْ نُّبَدِّلَ خَيْرًا مِّنْهُمْ ۙ وَ
سگهه رکون ٿا، ان تي جو مٽائي آڻيون (ٻيا) چڱا انهن کان
مَا نَحْنُ بِمَسْبُوْقِيْنَ ﴿٤١﴾ فَذَرْهُمْ يَخُوْضُوْا وَ
ناهيون اسان عاجز ڪيل. پوءِ ڇڏي ڏي ته پيا بڪ ڪن
يَلْعَبُوْا حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ ﴿٤٢﴾
راند ڪندا تيستائين جو ڏسن پهنچي ڏينهن کي جنهن جو انجام ڪيل اٿن.
يَوْمَ يَخْرُجُوْنَ مِنَ الْاَجْدَاثِ سِرَاعًا كَاَنَّهُمْ اِلٰى
اهو ڏينهن جو نڪرندا قبرن مان ڊوڙندي ڄڻ اهي طرف
نُصُبٍ يُّوْفِضُوْنَ ﴿٤٣﴾ خَاشِعَةً اَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ
ڪنهن نشان جي پيا تا وڃن، جهڪندڙ اکيون انهن جون ويڙهي ويندن
ذِلَّةٌ ؕ ذٰلِكَ الْيَوْمُ الَّذِيْ كَانُوْا يُوْعَدُوْنَ ﴿٤٤﴾ ع ٢ ٨
خواري، اهو آهي اهو ڏينهن جنهن جو انجام ڏنل هئن.

Al - Qura'n Al-Kareen By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

سُوْرَةُ نُوْحٍ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ ثَمَانٍ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً وَّفِيْهَا رُكُوْعَانِ

سورة نوح مڪي ۾ نازل ٿي ان ۾ اٺاويهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اِنَّآ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖٓ اَنْ اَنْذِرْ قَوْمَكَ مِنْ

بيشڪ اسان موڪليو نوح کي سندس قوم ڏانهن ته ڊيڄار پنهنجي قوم کي

قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ① قَالَ يٰقَوْمِ اِنِّيْ

اڳي ان کان جو اچي انهن وٽ عذاب ڏکوئيندڙ. چيائين اي منهنجي قوم بيشڪ آءٌ

لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ② اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَاتَّقُوْهُ وَ

اوهان لاءِ آهيان ڊيڄاريندڙ پڌرو. جيئن عبادت ڪريو الله جي ۽ ڊڄو انهي کان ۽

اَطِيْعُوْنِ ③ يَغْفِرْ لَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَيُؤَخِّرْكُمْ

چوڻ وٺو منهنجو، ته بخشي توهان کي ڏوهه توهان جا ۽ رهائي توهان کي

اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ۭ اِنَّ اَجَلَ اللّٰهِ اِذَا جَاۗءَ لَا

وقت مقرر تائين، بيشڪ وقت الله جو جڏهن ايندو ته نه

يُؤَخَّرُ ۘ لَوْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ④ قَالَ رَبِّ اِنِّيْ دَعَوْتُ

پوئتي ڪيو ويندو. جيڪڏهن ڄاڻندا آهيو. چيو (نوح) رب منهنجا بيشڪ مون سڏيو

قَوْمِيْ لَيْلًا وَّنَهَارًا ⑤ فَلَمْ يَزِدْهُمْ دُعَاۗءِيْٓ اِلَّا

پنهنجي قوم کي رات ۽ ڏينهن، پوءِ نه وڌايو انهن لاءِ سڏ منهنجي مگر

فِرَارًا ﴿٦﴾ وَإِنِّي كُلَّمَا دَعَوْتُهُمْ لِتَغْفِرَ لَهُمْ جَعَلُوٓا

ڀڄڻ کي. ۽ يقين مان جڏهن به سڏيو ٿي انهنکي جيئن تون بخشين انهن کي ته ڪيائون ٿي

أَصَابِعَهُمْ فِيٓ ءَاذَانِهِمْ وَاسْتَغْشَوْا ثِيَابَهُمْ وَ

پنهنجون آڱريون پنهنجن ڪنن ۾ ۽ ويڙهيائون ٿي پاڻ تي ڪپڙا ۽

أَصَرُّوا وَاسْتَكْبَرُوا اسْتِكْبَارًا ﴿٧﴾ ثُمَّ إِنِّي دَعَوْتُهُمْ

ضد ڪيائون ۽ تڪبر ڪيائون تڪبر گهڻو. وري مان سڏيو انهن کي

جِهَارًا ﴿٨﴾ ثُمَّ إِنِّيٓ أَعْلَنتُ لَهُمْ وَأَسْرَرْتُ لَهُمْ

وڏي واڪي، پوءِ مان چتو پڌرو چيم انهنکي ۽ لڪائي چيم انهنکي

إِسْرَارًا ﴿٩﴾ فَقُلْتُ اسْتَغْفِرُوا رَبَّكُمْ إِنَّهُۥ كَانَ

ڳجهي طرح، پوءِ مون چيو معافي گهرو پنهنجي رب کان، بيشڪ اهو آهي

غَفَّارًا ﴿١٠﴾ يُرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَيْكُم مِّدْرَارًا ﴿١١﴾

بخشڻهار، ته موڪلي مينهن توهان تي وڏ ڦڙو،

وَيُمْدِدْكُم بِأَمْوَالٍ وَبَنِينَ وَيَجْعَل لَّكُمْ

۽ وڌائي توهان کي مال ۽ اولادسان ۽ بڻائي توهان لاءِ

جَنَّاتٍ وَيَجْعَل لَّكُمْ أَنْهَارًا ﴿١٢﴾ مَّا لَكُمْ لَا تَرْجُونَ

باغ ۽ ڪري توهان لاءِ واهه. ڇا ٿيو اٿوَ جو نه ٿا خيال ڪريو

لِلَّهِ وَقَارًا ﴿١٣﴾ وَقَدْ خَلَقَكُمْ أَطْوَارًا ﴿١٤﴾ أَلَمْ تَرَوْا

الله جي عظمت جو. ۽ هن پيدا ڪيو توهان کي ڪيترن نمونن ۾. ڇا نه ڏٺو اٿوَ

كَيْفَ خَلَقَ اللّٰهُ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا ﴿١٥﴾ وَّجَعَلَ
ڪيئن جوڙيا الله ست آسمان هڪٻئي مٿان ، ۽ ڪيائين
الْقَمَرَ فِيْهِنَّ نُوْرًا وَّجَعَلَ الشَّمْسَ سِرَاجًا ﴿١٦﴾
چنڊ کي انهن ۾ روشن ۽ بڻايائين سج کي ڏيئو ۔
وَاللّٰهُ اَنْۢبَتَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ نَبَاتًا ﴿١٧﴾ ثُمَّ يُعِيْدُكُمْ
۽ الله پيدا ڪيو توهان کي زمين مان ڪنهن طرح ، وري واپس ڪندو توهان کي
فِيْهَا وَيُخْرِجُكُمْ اِخْرَاجًا ﴿١٨﴾ وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمُ
ان ۾ ۽ پوءِ ٻاهر ڪيندو اوهان کي پوري طرح ۔ ۽ الله بڻائي توهان لاءِ
الْاَرْضَ بِسَاطًا ﴿١٩﴾ لِّتَسْلُكُوْا مِنْهَا سُبُلًا
زمين پکڙيل ، جيئن وٺي هلو ان مان رستا
فِجَاجًا ﴿٢٠﴾ ع قَالَ نُوْحٌ رَّبِّ اِنَّهُمْ عَصَوْنِيْ وَاتَّبَعُوْا
ويڪرا ۔ چيو نوح اي منهنجا رب انهن چيو نه مڃيو منهنجو ۽ پٺيان لڳا
مَنْ لَّمْ يَزِدْهُ مَالُهٗ وَوَلَدُهٗۤ اِلَّا خَسَارًا ﴿٢١﴾ وَ
انهيءَ جي نه وڌايو جنهن کي سندس مال ۽ سندس اولاد سواءِ ڇيهي جي ۔ ۽
مَكَرُوْا مَكْرًا كُبَّارًا ﴿٢٢﴾ وَقَالُوْا لَا تَذَرُنَّ اٰلِهَتَكُمْ
انهن ملايو مڪر وڏو ۔ ۽ چيائون هرگز نه ڇڏجو پنهنجي خدائن کي
وَلَا تَذَرُنَّ وَدًّا وَّلَا سُوَاعًا ۙ وَّلَا يَغُوْثَ وَيَعُوْقَ
۽ نه ڇڏجو ود ۽ نه سواع کي ، ۽ نه ڪي يغوث ۽ يعوق

ع ٢٠ ٩

القرآن الكريم ترجمو حضرت مولانا عبدالكريم قريشي (بير شريف)

وَنَسْرًا ﴿٢٣﴾ وَقَدْ أَضَلُّوا كَثِيرًا ۚ وَلَا تَزِدِ الظَّالِمِينَ

۽ نسر کي. ۽ انهن ڪي ڀلايا ٿون گهڻن کي، ۽ (اي الله) نه وڌاءِ تون ظالمن کي

إِلَّا ضَلَالًا ﴿٢٤﴾ مِمَّا خَطِيئَاتِهِمْ أُغْرِقُوا فَأُدْخِلُوا

مگر گمراهيءَ ۾. پنهنجي گناهن جي ڪري ٻوڙيا ويا پوءِ وڌا ويا

نَارًا فَلَمْ يَجِدُوا لَهُمْ مِنْ دُونِ اللَّهِ أَنْصَارًا ﴿٢٥﴾

باهه ۾ پوءِ نه لڌائون پنهنجي لاءِ الله کان سواءِ ڀيا مددگار.

وَقَالَ نُوحٌ رَبِّ لَا تَذَرْ عَلَى الْأَرْضِ مِنَ

۽ چيو نوح اي منهنجا پالڻهار نه ڇڏ زمين تي

الْكَافِرِينَ دَيَّارًا ﴿٢٦﴾ إِنَّكَ إِنْ تَذَرْهُمْ يُضِلُّوا

ڪافرن جو ڪوئي جهڳو. يقينن تون جيڪڏهن ڇڏيندين ته گمراهه ڪندا

عِبَادَكَ وَلَا يَلِدُوا إِلَّا فَاجِرًا كَفَّارًا ﴿٢٧﴾

تنهنجي ٻانهن کي ۽ نه ڄڻيندا مگر بدڪار منڪر.

رَبِّ اغْفِرْ لِي وَلِوَالِدَيَّ وَلِمَنْ دَخَلَ

اي رب بخش مون کي ۽ منهنجي ڀيءُ ماءُ کي ۽ جيڪي آيا

بَيْتِيَ مُؤْمِنًا وَلِلْمُؤْمِنِينَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَلَا

منهنجي گهر ۾ مومن ٿي ۽ سڀني مومنن ۽ مؤمنياڻين کي ، ۽ هرگز

تَزِدِ الظَّالِمِينَ إِلَّا تَبَارًا ﴿٢٨﴾ ع

وڌاءِ ظالمن کي تباهي ۾.

سُوۡرَةُ الۡجِنِّ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ ثَمَانٌ وَّعِشۡرُوۡنَ اٰيَةً وَّفِيۡهَا رُكُوۡعَانِ

سورة الجن مڪي آهي ان ۾ اٺاويهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

قُلۡ اُوۡحِيَ اِلَيَّ اَنَّهُ اسۡتَمَعَ نَفَرٌ مِّنَ الۡجِنِّ فَقَالُوۡۤا

(اي نبي) چؤ وحي ڪيو ويو مون ڏانهن ته ٻڌي ويو هڪ ٽولو جنن جو پوءِ چيائون

اِنَّا سَمِعۡنَا قُرۡاٰنًا عَجَبًا ۙ ﴿۱﴾ يَّهۡدِيۡۤ اِلَى الرُّشۡدِ

بيشڪ اسان ٻڌو سون قرآن عجيب، جو ڏيکاري ٿو رستو سڌو

فَاٰمَنَّا بِهٖ ؕ وَلَنۡ نُّشۡرِكَ بِرَبِّنَاۤ اَحَدًا ۙ ﴿۲﴾ وَّاَنَّهٗ

پوءِ اسان ايمان آندو انهي تي، ۽ هرگز نه شريڪ ڪندا سون پنهنجي رب سان ڪنهن کي، ۽ بيشڪ

تَعٰلٰى جَدُّ رَبِّنَا مَا اتَّخَذَ صَاحِبَةً وَّلَا وَلَدًا ۙ ﴿۳﴾

وڏو آهي شان اسان جي پالڻهار جو نه ڪيائين ڪا زال ۽ نڪي اولاد،

وَّاَنَّهٗ كَانَ يَقُوۡلُ سَفِيۡهُنَا عَلَى اللّٰهِ شَطَطًا ۙ ﴿۴﴾ وَّ

۽ هيءُ ته مڙهيندو آهي بي عقل اسان جو الله تي اجايون ڳالهيون، ۽

اَنَّا ظَنَنَّاۤ اَنۡ لَّنۡ تَقُوۡلَ الۡاِنۡسُ وَالۡجِنُّ عَلَى

اسان ڀائيندا هئاسون ته ڪڏهن نه چوندو ڪو ماڻهو يا جن

اللّٰهِ كَذِبًا ۙ ﴿۵﴾ وَّاَنَّهٗ كَانَ رِجَالٌ مِّنَ الۡاِنۡسِ

الله تي ڪوڙ، ۽ هي ته ڪيترائي مرد انسانن مان

يَعُوذُونَ بِرِجَالٍ مِّنَ الْجِنِّ فَزَادُوهُمْ رَهَقًا ⑥

پناه وٺندا هئا مردن جنن جي پوءِ وڌايا ٿون انهن جي زيادتي کي،

وَأَنَّهُمْ ظَنُّوا كَمَا ظَنَنتُمْ أَن لَّن يَبْعَثَ اللَّهُ

۽ هي ته انهن ماڻهن ڀانيو هو جيئن ڀانيو توهان ته هرگز نه اٿاريندو الله

أَحَدًا ⑦ وَأَنَّا لَمَسْنَا السَّمَاءَ فَوَجَدْنَاهَا مُلِئَتْ

ڪنهن کي، ۽ هي ته اسان ڇاچيوسون آسمان کي پوءِ ڏٺوسون انکي ته ڀريو پيو هو

حَرَسًا شَدِيدًا وَشُهُبًا ⑧ وَأَنَّا كُنَّا نَقْعُدُ مِنْهَا

چوڪيدارن ڏاڍن سان ۽ اماڙين سان، ۽ هي ته اسان ويهندا هئاسون ان جي

مَقَاعِدَ لِلسَّمْعِ فَمَن يَسْتَمِعِ الْآنَ يَجِدْ لَهُ

جاين تي ٻڌڻ لاءِ، پوءِ جيڪو ڪن ڏئي ٿو هيتر لهي ٿو پاڻ لاءِ

شِهَابًا رَّصَدًا ⑨ وَأَنَّا لَا نَدْرِي أَشَرٌّ أُرِيدَ

اماڙي تيار ٿيل، ۽ هي ته اسان نه پيا ڄاڻون ته برائي ٿي وڃي آهي

بِمَن فِي الْأَرْضِ أَمْ أَرَادَ بِهِمْ رَبُّهُمْ رَشَدًا ⑩

زمين وارن سان يا گهريو آهي انهن لاءِ سندن پالڻهار ڀلائي کي.

وَأَنَّا مِنَّا الصَّالِحُونَ وَمِنَّا دُونَ ذَٰلِكَ كُنَّا

۽ هي ته ڪي اسان مان ڀلارا آهن ۽ ڪي اسان مان ٻي طرح، هئاسون

طَرَائِقَ قِدَدًا ⑪ وَأَنَّا ظَنَنَّا أَن لَّن نُّعْجِزَ

ٽولا جدا خيالن وارا، ۽ اسان سمجهيوسون ته هرگز ٿڪائي سگهنداسون

اللّٰهَ فِي الْأَرْضِ وَلَنْ نُّعْجِزَهٗ هَرَبًا ﴿۱۲﴾ وَّأَنَّا لَمَّا

الله کي زمين ۾ ۽ نکي ٿکائيندا سون اُنکي ڀڄي ڪري، ۽ اسان جڏهن

سَمِعْنَا الْهُدٰىٓ اٰمَنَّا بِهٖ ۖ فَمَنْ يُّؤْمِنْ بِرَبِّهٖ فَلَا

ٻڌوسون قرآن تہ ايمان آندوسون ان تي، پوءِ جيڪو ڀروسو ڪندو پنهنجي رب تي سو نہ

يَخَافُ بَخْسًا وَّلَا رَهَقًا ﴿۱۳﴾ وَّأَنَّا مِنَّا الْمُسْلِمُوْنَ

ڊڄندو ڪنهن نقصان کان ۽ نکي زيادتي کان، ۽ اسان مان ڪجھ فرمانبردار آهن

وَمِنَّا الْقَاسِطُوْنَ ۖ فَمَنْ أَسْلَمَ فَأُولٰٓئِكَ تَحَرَّوْا

۽ ڪجھ بي انصاف، پوءِ جن اسلام آندو تہ انهن ڳولي ورتو

رَشَدًا ﴿۱۴﴾ وَأَمَّا الْقَاسِطُوْنَ فَكَانُوْا لِجَهَنَّمَ

سڌو رستو، ۽ باقي بي انصاف سي ٿيندا دوزخ لاءِ

حَطَبًا ﴿۱۵﴾ وَّأَنْ لَّوِ اسْتَقَامُوْا عَلَى الطَّرِيْقَةِ

ڪاٺيون، ۽ هي تہ جيڪڏهن سڌا هلن ها راهہ تي

لَأَسْقَيْنٰهُمْ مَّآءً غَدَقًا ﴿۱۶﴾ لِّنَفْتِنَهُمْ فِيْهِ ۚ وَ

تہ پياريون ها انهنکي پاڻي جام، جيئن آزمايون انهنکي ان ۾ ۽

مَنْ يُّعْرِضْ عَنْ ذِكْرِ رَبِّهٖ يَسْلُكْهُ عَذَابًا

جيڪو منهن موڙيندو رب جي قرآن کان تہ موڪليندو ان کي عذاب

صَعَدًا ﴿۱۷﴾ وَّأَنَّ الْمَسٰجِدَ لِلّٰهِ فَلَا تَدْعُوْا مَعَ

چڙهندڙ ۾، ۽ هي تہ بيشڪ سجدي جون جايون الله لاءِ آهن پوءِ نہ سڏيو گڏ

اللّٰهِ اَحَدًا ﴿١٨﴾ وَّ اَنَّهٗ لَمَّا قَامَ عَبْدُ اللّٰهِ يَدْعُوْهُ

الله سان ڪنهن کي، ۽ هي تہ جڏهن بيهي ٻانهو الله جو سڏيندو ان کي

كَادُوْا يَكُوْنُوْنَ عَلَيْهِ لِبَدًا ﴿١٩﴾ قُلْ اِنَّمَآ اَدْعُوْا

تہ اهي (ڪافر) هئا مٿس انبوهہ ڪرڻ وارا. (اي رسول) چئو آءٌ رڳو سڏيان ٿو

رَبِّيْ وَلَآ اُشْرِكُ بِهٖٓ اَحَدًا ﴿٢٠﴾ قُلْ اِنِّيْ لَآ

پنهنجي پروردگار کي ۽ نہ شريڪ ڪندس ان سان ڪنهن کي. چئو (اي رسول) بيشڪ آءٌ نہ ٿو

اَمْلِكُ لَكُمْ ضَرًّا وَّلَا رَشَدًا ﴿٢١﴾ قُلْ اِنِّيْ لَنْ

اختيار رکان اوهان لاءِ گمراهي جو ۽ نڪي هدايت جو. چئو هرگز نہ

يُّجِيْرَنِيْ مِنَ اللّٰهِ اَحَدٌ ۙ وَّلَنْ اَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ

بچائيندو مون کي الله کان ڪوئي، ۽ نہ ٿو لهان ان کان سواءِ

مُلْتَحَدًا ﴿٢٢﴾ اِلَّا بَلٰغًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِسٰلٰتِهٖ ۭ وَ

ڪوئي بچاءُ، مگر خبر پهچائڻ الله جي طرفان ۽ پيغام ان جا، ۽

مَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاِنَّ لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ

جيڪو بي فرماني ڪندو الله جي ۽ سندس رسول جي پوءِ بلاشڪ ان لاءِ آهي باهہ دوزخ جي

خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ﴿٢٣﴾ حَتّٰٓى اِذَا رَاَوْا مَا يُوْعَدُوْنَ

رهندا ان ۾ سدائين. تيستائين جڏهن ڏسندا انکي جيڪو سائن وعدو ڪجي ٿو

فَسَيَعْلَمُوْنَ مَنْ اَضْعَفُ نَاصِرًا وَّاَقَلُّ عَدَدًا ﴿٢٤﴾

تڏهن سگهو ڄاڻندا تہ ڪنهن جا زياده ڪمزور آهن مددگار ۽ تمام گهٽ ڳاڻاٽي ۾.

قُلْ اِنْ اَدْرِيْٓ اَقَرِيْبٌ مَّا تُوْعَدُوْنَ اَمْ يَجْعَلُ

چؤ مان نه ٿو ڄاڻان ته ڇا ويجهو آهي توهان سان ڪيل وعدو يا ڪري ٿو

لَهٗ رَبِّيْٓ اَمَدًا ﴿٢٥﴾ عٰلِمُ الْغَيْبِ فَلَا يُظْهِرُ عَلٰى

ان لاءِ منهنجو رب ڪا دير. اهو ڳجهه ڄاڻندڙ آهي پوءِ نه ٿو واقف ڪري

غَيْبِهٖٓ اَحَدًا ﴿٢٦﴾ اِلَّا مَنِ ارْتَضٰى مِنْ رَّسُوْلٍ

پنهنجي غيب تي ڪنهن کي، مگر چونڊي جنهن رسول کي

فَاِنَّهٗ يَسْلُكُ مِنْ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖ

پوءِ اهو هلائي ٿو ان جي اڳيان ۽ ان جي پويان

رَصَدًا ﴿٢٧﴾ لِّيَعْلَمَ اَنْ قَدْ اَبْلَغُوْا رِسٰلٰتِ رَبِّهِمْ

پهري کي، جيئن ظاهر ڪري ته انهن پهچايا پيغام پنهنجي پروردگار جا

وَاَحَاطَ بِمَا لَدَيْهِمْ وَاَحْصٰى كُلَّ شَيْءٍ عَدَدًا ﴿٢٨﴾ ع

۽ گهيرو ڪيائين ان تي جا انهن وٽ آهي ۽ ڳڻيائين هر شيءِ جو عدد

سُوْرَةُ الْمُزَّمِّلِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ عِشْرُوْنَ اٰيَةً وَّرُكُوْعَانِ

سورة المزمل مڪي آهي ان ۾ ويهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

يٰٓاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ ﴿١﴾ قُمِ الَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٢﴾ نِّصْفَهٗٓ

اي ساٿي ٻڌائيندڙ، بيهه ساري رات مگر ڪجهه گهٽ، اڌ ان جو

اَوِ انْقُصْ مِنْهُ قَلِيْلًا ۙ﴿٣﴾ اَوْ زِدْ عَلَيْهِ وَرَتِّلِ

يا گهٽاءِ ان مان ٿورو، يا وڌاءِ انهيءَ تي ۽ تمام ناهي پڙهه

الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا ؕ﴿٤﴾ اِنَّا سَنُلْقِيْ عَلَيْكَ قَوْلًا

قرآن سمجهڻ لاءِ. بيشڪ اسان ترت ڪنداسون تو تي ڪلام

ثَقِيْلًا ﴿٥﴾ اِنَّ نَاشِئَةَ الَّيْلِ هِيَ اَشَدُّ وَطْاً وَّ

ڳرو. بيشڪ اٿڻ رات جو اهو آهي سخت لتاڙڻ ۾ ۽

اَقْوَمُ قِيْلًا ؕ﴿٦﴾ اِنَّ لَكَ فِي النَّهَارِ سَبْحًا طَوِيْلًا ؕ﴿٧﴾

تمام پڪو آهي پڙهڻ لاءِ. يقينن تو لاءِ آهي ڏينهن ۾ ڌنڌو گهڻو.

وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا ؕ﴿٨﴾

۽ ياد ڪر نالو پنهنجي رب جو ۽ ٿيءُ پوءِ انهيءَ جو ٻين کي ڪاٽي.

رَبُّ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَاتَّخِذْهُ

اهو آهي پالڻهار اوڀر ۽ اولهه جو، ناهي ڪو مالڪ ان کانسواءِ پوءِ وٺ ان کي

وَكِيْلًا ﴿٩﴾ وَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَاهْجُرْهُمْ هَجْرًا

ڪارساز ڪري. ۽ صبر ڪر ان تي جيڪي چون ٿا (ڪافر) ۽ ڦيري ڇڏ انهن کان پري ٿيڻ

جَمِيْلًا ﴿١٠﴾ وَذَرْنِيْ وَالْمُكَذِّبِيْنَ اُولِي النَّعْمَةِ

چڱي طرح. ۽ ڇڏ مون کي ۽ ڪوڙي ڪندڙن دولت وارن کي

وَمَهِّلْهُمْ قَلِيْلًا ﴿١١﴾ اِنَّ لَدَيْنَآ اَنْكَالًا وَّ

۽ ڍر ڏي انهن کي ٿورڙي. يقينن اسان وٽ آهن هٿڪڙيون ۽

جَحِيمًا ﴿۱۲﴾ وَّطَعَامًا ذَا غُصَّةٍ وَّعَذَابًا أَلِيمًا ﴿۱۳﴾
پڙڪندڙ باهه، ۽ ڪاڏو نڙي ۾ اٽڪڻ وارو ۽ عذاب دردناڪ.
يَوْمَ تَرْجُفُ الْأَرْضُ وَالْجِبَالُ وَكَانَتِ الْجِبَالُ
جنهن ڏينهن ڏڪندي زمين ۽ (ڏڪندا) جبل ۽ ٿي پوندا پهاڙ
كَثِيبًا مَّهِيلًا ﴿۱۴﴾ إِنَّا أَرْسَلْنَا إِلَيْكُمْ رَسُولًا
واريءَ جا ڍڳا ڍڳل. بيشڪ اسان موڪليوسون توهان ڏي رسول کي،
شَاهِدًا عَلَيْكُمْ كَمَا أَرْسَلْنَا إِلَىٰ فِرْعَوْنَ رَسُولًا ﴿۱۵﴾
رهبر ڪري توهان تي جيئن موڪليوسون فرعون ڏانهن رسول کي.
فَعَصَىٰ فِرْعَوْنُ الرَّسُولَ فَأَخَذْنَاهُ أَخْذًا وَّبِيلًا ﴿۱۶﴾
پوءِ نافرماني ڪئي فرعون رسول جي پوءِ پڪڙيوسون انکي پڪڙڻ سخت.
فَكَيْفَ تَتَّقُونَ إِن كَفَرْتُمْ يَوْمًا يَّجْعَلُ الْوِلْدَانَ
پوءِ ڪيئن بچندؤ جي نه مڃيندؤ تهن ڏينهن کان جو ڪندو ٻارڙن کي
شِيبًا ﴿۱۷﴾ السَّمَاءُ مُنفَطِرٌ بِهِ ۚ كَانَ وَعْدُهُ مَفْعُولًا ﴿۱۸﴾
پوڙها. آسمان ڦاٽندو آهي ان ۾، آهي وعدو ان جو پورو ٿيڻو.
إِنَّ هَٰذِهِ تَذْكِرَةٌ ۚ فَمَن شَاءَ اتَّخَذَ إِلَىٰ رَبِّهِ
بيشڪ هيءَ نصيحت آهي، پوءِ جيڪو گهري ته وٺي پنهنجي رب ڏانهن
سَبِيلًا ﴿۱۹﴾ إِنَّ رَبَّكَ يَعْلَمُ أَنَّكَ تَقُومُ أَدْنَىٰ مِن
رستو. برابر تنهنجو پالڻهار ڄاڻي ٿو ته تون بيهندو آهين قريب

ثُلُثَيِ الَّيْلِ وَنِصْفَهٗ وَثُلُثَهٗ وَطَآئِفَةٌ مِّنَ

۽ ٽهايون رات جون ۽ اڌ ان جو ۽ ٽهائي ان جي ۽ هڪ جماعت انهن مان

الَّذِيْنَ مَعَكَ ؕ وَاللّٰهُ يُقَدِّرُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ؕ

جيڪي ساٿ ڏيندڙ آهن توسان، ۽ الله ماپي ٿو رات کي ۽ ڏينهن کي،

عَلِمَ اَنْ لَّنْ تُحْصُوْهُ فَتَابَ عَلَيْكُمْ فَاقْرَءُوْا

ان ڄاتو آهي ته اوهان هرگز نه پوري ڪندؤ انکي پوءِ معاف ڪيائين توهان کي پوءِ پڙهو

مَا تَيَسَّرَ مِنَ الْقُرْاٰنِ ؕ عَلِمَ اَنْ سَيَكُوْنُ مِنْكُمْ

جيڪي ٿي سگهي قرآن مان، ان ڄاتو ته اجهو ٿيندا توهان مان ڪي

مَّرْضٰى ۙ وَاٰخَرُوْنَ يَضْرِبُوْنَ فِي الْاَرْضِ يَبْتَغُوْنَ

بيمار ۽ ڪي ٻيا سفر ڪندا ملڪ ۾ تلاش ڪندا

مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ ۙ وَاٰخَرُوْنَ يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ

الله جو فضل ۽ ٻيا لڙائي ڪندا راهه

اللّٰهِ ۖ فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنْهُ ۙ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ

الله جي ۾ پوءِ پڙهو جيڪي ٿي سگهي انهي ۾ مان ۽ پڙهندا رهو نماز

وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَاَقْرِضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا ؕ وَمَا

۽ ڏيو زڪوات ۽ قرض ڏيو الله کي قرض چڱو ۽ جيڪو

تُقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ

اڳتي موڪليندؤ پنهنجي لاءِ ڪو چڱو ڪم ته لهندؤ ان کي

اللّٰهِ هُوَ خَيْرًا وَّأَعْظَمَ أَجْرًا ۚ وَاسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ ۖ

الله وٽ وڌيڪ ڀلو ۽ وڏي اجر وارو، ۽ معافي گهرو الله کان،

إِنَّ اللّٰهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٢٠﴾

بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي.

سُورَةُ الْمُدَّثِّرِ مَكِّيَّةٌ وَهِيَ سِتٌّ وَخَمْسُونَ آيَةً وَفِيهَا رُكُوعَانِ

سورة المدثر مڪي آهي ۽ اها ڇاونجاهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

يَا أَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ ﴿١﴾ قُمْ فَأَنْذِرْ ﴿٢﴾ وَرَبَّكَ فَكَبِّرْ ﴿٣﴾

اي چادر ويڙهيندڙ، اُٿ پوءِ ڊيڄار، ۽ پنهنجي پالڻهار جي پوءِ وڏائي بيان ڪر،

وَثِيَابَكَ فَطَهِّرْ ﴿٤﴾ وَالرُّجْزَ فَاهْجُرْ ﴿٥﴾ وَلَا تَمْنُنْ

۽ ڪپڙا پنهنجا پاڪ رک، ۽ نجاست کي پوءِ پري ڪر، ۽ نه ڪر احسان وڌيڪ

تَسْتَكْثِرُ ﴿٦﴾ وَلِرَبِّكَ فَاصْبِرْ ﴿٧﴾ فَإِذَا نُقِرَ فِي

جو گهڻو ڪري وٺين، ۽ پنهنجي رب لاءِ پوءِ صبر ڪر. پوءِ جڏهن ڦوڪيو ويندو

النَّاقُورِ ﴿٨﴾ فَذٰلِكَ يَوْمَئِذٍ يَوْمٌ عَسِيرٌ ﴿٩﴾

نفير ۾، پوءِ اهو ان ڏينهن وقت ڏکيو ٿيندو،

عَلَى الْكَافِرِينَ غَيْرُ يَسِيرٍ ﴿١٠﴾ ذَرْنِي وَمَنْ خَلَقْتُ

ڪافرن تي نه سولو. (اي نبي) ڇڏ مونکي ۽ جنهنکي پيدا ڪيم

القرآن الكريم ترجمو حضرت مولانا عبدالكريم قريشي (بير شريف)

وَحِيدًا ⑪ وَجَعَلْتُ لَهُ مَالًا مَّمْدُودًا ⑫ وَبَنِينَ
اڪيلو، ۽ ڪيم ان لاءِ مال گھڻو. ۽ پُٽ

شُهُودًا ⑬ وَمَهَّدتُّ لَهُ تَمْهِيدًا ⑭ ثُمَّ يَطْمَعُ
ڪچهريدار، ۽ وڏائيم ان کي پوري طرح، وري اھو لالچ ٿو ڪري

أَنْ أَزِيدَ ⑮ كَلَّا إِنَّهُ كَانَ لِآيَاتِنَا عَنِيدًا ⑯
ته اڃا ڏيانس، ائين نه ٿيندو، بلاشڪ اھو آھي اسان جي آيتن سان ضد ڪندڙ.

سَأُرْهِقُهُ صَعُودًا ⑰ إِنَّهُ فَكَّرَ وَقَدَّرَ ⑱ فَقُتِلَ
اجھو چاڙھيندس انکي اڀي جبل تي. انھيءَ سوچ ڪئي ۽ ڳالھ ٺاھي، پوءِ مار پئي پيس

كَيْفَ قَدَّرَ ⑲ ثُمَّ قُتِلَ كَيْفَ قَدَّرَ ⑳ ثُمَّ
ڪيئن ڳالھ ٺاھيائين، پوءِ مار پوييس ڪيئن ڳالھ ٺاھيائين، وري

نَظَرَ ㉑ ثُمَّ عَبَسَ وَبَسَرَ ㉒ ثُمَّ أَدْبَرَ وَاسْتَكْبَرَ ㉓
ڏٺائين، پوءِ گھنڊ وڌائين ۽ برت بچڙو ڪيائين، پوءِ پٺيرو ٿيو ۽ آڪڙ ڪيائين،

فَقَالَ إِنْ هَٰذَا إِلَّا سِحْرٌ يُؤْثَرُ ㉔ إِنْ هَٰذَا إِلَّا
پوءِ چيائين ھي (قرآن) ٻيو ڪجھ ناھي پر جادو آھي جو ھليو ٿو اچي، ناھي اھو (قرآن) مگر

قَوْلُ الْبَشَرِ ㉕ سَأُصْلِيهِ سَقَرَ ㉖ وَمَا أَدْرَاكَ
ٻول ماڻھو جو. اجھو آڻي وجھندس انکي دوزخ ۾. ۽ ڇا خبر تو کي

مَا سَقَرُ ㉗ لَا تُبْقِي وَلَا تَذَرُ ㉘ لَوَّاحَةٌ لِّلْبَشَرِ ㉙
ڇا ھي دوزخ. اھو نه ٿو بچائي ۽ نه ڪي ڇڏي ٿو. لوساڙيندڙ آھي ماڻھو کي.

عَلَيْهَا تِسْعَةَ عَشَرَ ﴿۳۰﴾ وَمَا جَعَلْنَا أَصْحٰبَ النَّارِ

ان تي اُڻويھ ڄڻا آھن. ۽ ڄُڳو مقرر ڪياسون سنڀاليندڙ باھ جا

إِلَّا مَلٰٓئِكَةً ۙ وَّمَا جَعَلْنَا عِدَّتَهُمْ إِلَّا فِتْنَةً

ملائڪ ۽ نه ڪيو اسان ڳاڻاٽو انھن جو مگر پرکا

لِّلَّذِينَ كَفَرُوا ۙ لِيَسْتَيْقِنَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتٰبَ

منڪرن لاءِ جيئن پڪ ڪن اھي جن کي مليو ڪتاب

وَيَزْدَادَ الَّذِينَ اٰمَنُوٓا إِيمَانًا ۙ وَّلَا يَرْتَابَ الَّذِينَ

۽ جيئن وڌي ايمان وارن جو ايمان ۽ نه شڪ ۾ پون اھي

أُوتُوا الْكِتٰبَ وَالْمُؤْمِنُونَ ۙ وَلِيَقُولَ الَّذِينَ فِي

جنکي ڏنو ويو ڪتاب ۽ مسلمان ۽ جيئن چون اھي جن جي

قُلُوبِهِمْ مَّرَضٌ وَّالْكٰفِرُونَ مَاذَآ أَرَادَ اللَّهُ

دلين ۾ مرض آھي ۽ ڪافر ته ڇا ارادو ڪيو الله

بِهٰذَا مَثَلًا ۚ كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللَّهُ مَنْ يَّشَآءُ وَ

انھيءَ بيان مان، اھڙي طرح گمراھ ڪري ٿو الله جنھن کي چاھي ۽

يَهْدِي مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَمَا يَعْلَمُ جُنُودَ رَبِّكَ إِلَّا

ھدايت ڪري ٿو جنھن کي چاھي، ۽ نه ٿو ڄاڻي ڪوبه لشڪر تنھنجي رب جا مگر

هُوَ ۚ وَمَا هِيَ إِلَّا ذِكْرٰى لِلْبَشَرِ ﴿۳۱﴾ كَلَّا وَالْقَمَرِ ﴿۳۲﴾ ۙ ع ۱ / ۳۱ / ۱۵

اھو پاڻ ۽ ناھي اھا مگر نصيحت انسانن لاءِ. خبردار! قسم چنڊ جو،

وَالَّيْلِ إِذْ أَدْبَرَ ﴿٣٣﴾ وَالصُّبْحِ إِذَآ أَسْفَرَ ﴿٣٤﴾ إِنَّهَا

قسم رات جو جڏهن پٺيري ٿئي، قسم صُبح جو جڏهن چٽو ٿئي، بيشڪ اها

لَإِحْدَى الْكُبَرِ ﴿٣٥﴾ نَذِيرًا لِّلْبَشَرِ ﴿٣٦﴾ لِمَن شَآءَ مِنكُمْ

هڪ وڏي ڳالهه آهي، ڊيڄاريندڙ آهي ماڻهوءَ کي، جيڪو گهري توهان مان

أَن يَتَقَدَّمَ أَوْ يَتَأَخَّرَ ﴿٣٧﴾ كُلُّ نَفْسٍ بِمَا كَسَبَتْ

ته اڳتي وڌي يا پوئتي رهي. هر نفس پنهنجي ڪردار ۾

رَهِينَةٌ ﴿٣٨﴾ إِلَّآ أَصْحَٰبَ الْيَمِينِ ﴿٣٩﴾ فِى جَنَّٰتٍ

ڦاٿل آهي مگر ساڄي پاسي وارا. باغن ۾ هوندا،

يَتَسَآءَلُونَ ﴿٤٠﴾ عَنِ الْمُجْرِمِينَ ﴿٤١﴾ مَا سَلَكَكُمْ

سوال پڇندا، ڏوهارين کان، ڪهڙي شيءِ وڌو توهان کي

فِى سَقَرَ ﴿٤٢﴾ قَالُوا لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّينَ ﴿٤٣﴾ وَ

دوزخ ۾. چوندا نه هئاسون نماز پڙهندڙ، ۽

لَمْ نَكُ نُطْعِمُ الْمِسْكِينَ ﴿٤٤﴾ وَكُنَّا نَخُوضُ مَعَ

نڪي کاڌو ڏيندا هئاسون فقيرن کي، ۽ بڪ ڪندا هئاسون گڏ

الْخَآئِضِينَ ﴿٤٥﴾ وَكُنَّا نُكَذِّبُ بِيَوْمِ الدِّينِ ﴿٤٦﴾

بکواس ڪندڙن سان، ۽ ڪوڙو ڀانئيندا هئاسون قيامت جي ڏينهن کي،

حَتَّىٰٓ أَتَىٰنَا الْيَقِينُ ﴿٤٧﴾ فَمَا تَنفَعُهُمْ شَفَٰعَةُ

جيسين آيو اسان وٽ موت، پوءِ نه نفعو ڏيندي انهن کي پارت

الشّٰفِعِيْنَ ﴿٤٨﴾ فَمَا لَهُمْ عَنِ التَّذْكِرَةِ مُعْرِضِيْنَ ﴿٤٩﴾

سفارش ڪندڙن جي. پوءِ ڇا ٿيو اٿن جو نصيحت کان منهن ٿا موڙين،

كَاَنَّهُمْ حُمُرٌ مُّسْتَنْفِرَةٌ ﴿٥٠﴾ فَرَّتْ مِنْ قَسْوَرَةٍ ﴿٥١﴾

جڻ ته اهي گڏهه نهندڙ آهن. جو ڀڳا شينهن کان.

بَلْ يُرِيْدُ كُلُّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ اَنْ يُّؤْتٰى صُحُفًا

بلڪ گهري ٿو هر شخص انهن مان ته کيس ڏنو وڃي ڪتاب

مُّنَشَّرَةً ﴿٥٢﴾ كَلَّا ۭ بَلْ لَّا يَخَافُوْنَ الْاٰخِرَةَ ﴿٥٣﴾ كَلَّآ

کليل، ائين نه ٿيندو، پر اهي نه ٿا ڊڄن آخرت کان. خبردار

اِنَّهٗ تَذْكِرَةٌ ﴿٥٤﴾ فَمَنْ شَآءَ ذَكَرَهٗ ﴿٥٥﴾ وَمَا يَذْكُرُوْنَ

اهو قرآن نصيحت آهي. پوءِ جيڪو گهري ياد ڪري انکي. ۽ نه ياد ڪندا

اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ۭ هُوَ اَهْلُ التَّقْوٰى وَاَهْلُ الْمَغْفِرَةِ ﴿٥٦﴾

ع ٢٥ ١٦ ٢

مگر جي گهري الله، اهوئي آهي جنهن کان ڊڄڻ کپي ۽ اهوئي بخشڻ وارو آهي.

سُوْرَةُ الْقِيٰمَةِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ اَرْبَعُوْنَ اٰيَةً وَّفِيْهَا رُكُوْعَانِ

سورت قيامت مڪي آهي ۽ اها چاليهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

لَآ اُقْسِمُ بِيَوْمِ الْقِيٰمَةِ ﴿١﴾ وَلَآ اُقْسِمُ بِالنَّفْسِ

قسم ٿو کڻان ڏينهن قيامت جو، ۽ قسم ٿو کڻان نفس

القرآن الڪريم ترجمو حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي (بير شريف)

اللَّوَّامَةِ ﴿٢﴾ اَيَحْسَبُ الْاِنْسَانُ اَلَّنْ نَّجْمَعَ

ملامت ڪندڙ جو. ڇا ڀانئي ٿو انسان تہ هرگز نہ گڏ ڪندا سون

عِظَامَهٗ ﴿٣﴾ بَلٰى قٰدِرِيْنَ عَلٰٓى اَنْ نُّسَوِّيَ بَنَانَهٗ ﴿٤﴾

هڏا ان جا . هائو سگهہ رکندڙ آهيون هن تي جو ٺاهيون ڏوڏڙيون ان جون.

بَلْ يُرِيْدُ الْاِنْسَانُ لِيَفْجُرَ اَمَامَهٗ ﴿٥﴾ يَسْـَٔلُ اَيَّانَ

پر ارادو ڪري ٿو انسان تہ گناهہ ڪندو رهي اڳتي. پڇا ٿو ڪري تہ ڪڏهن

يَوْمُ الْقِيٰمَةِ ﴿٦﴾ فَاِذَا بَرِقَ الْبَصَرُ ﴿٧﴾ وَخَسَفَ الْقَمَرُ ﴿٨﴾

ٿيندي قيامت. پوءِ جڏهن اکيون ٽڙي ويندي ون، ۽ وڃي ٿو چنڊ.

وَجُمِعَ الشَّمْسُ وَالْقَمَرُ ﴿٩﴾ يَقُوْلُ الْاِنْسَانُ

۽ گڏ ٿيو سج ۽ چنڊ، چوندو ماڻهو

يَوْمَىِٕذٍ اَيْنَ الْمَفَرُّ ﴿١٠﴾ كَلَّا لَا وَزَرَ ﴿١١﴾ اِلٰى رَبِّكَ

تنهن ڏينهن ڪيڏانهن ڀڄجي!! خبردار ڪانهي جاءِ پناهہ جي. تنهنجي رب ڏانهن

يَوْمَىِٕذِ ِۨالْمُسْتَقَرُّ ﴿١٢﴾ يُنَبَّؤُا الْاِنْسَانُ يَوْمَىِٕذٍۢ

ان ڏينهن آهي جاءِ قرار جي . ٻڌايو ويندو ماڻهوءَ کي ان ڏينهن

بِمَا قَدَّمَ وَاَخَّرَ ﴿١٣﴾ بَلِ الْاِنْسَانُ عَلٰى نَفْسِهٖ

جيڪي اڳي موڪليائين ۽ ڍر هائي آيو. بلڪ هوندو انسان پاڻ تي

بَصِيْرَةٌ ﴿١٤﴾ وَّلَوْ اَلْقٰى مَعَاذِيْرَهٗ ﴿١٥﴾ لَا تُحَرِّكْ بِهٖ

شاهد، توڙي جو ٻڌائي پنهنجا لاچار . نہ چور انهي سان

لِسَانَكَ لِتَعْجَلَ بِهٖ ﴿١٦﴾ اِنَّ عَلَيْنَا جَمْعَهٗ وَ
زبان پنهنجي جيئن تڪڙو وٺين انکي. بيشڪ اسان تي آهي گڏ ڪرڻ ان جو ۽
قُرْاٰنَهٗ ﴿١٧﴾ فَاِذَا قَرَاْنٰهُ فَاتَّبِعْ قُرْاٰنَهٗ ﴿١٨﴾ ثُمَّ اِنَّ
پڙهڻ انجو. پوءِ جڏهن اسان پڙهون انکي ته هل ان جي پڙهڻ تي. پوءِ بيشڪ
عَلَيْنَا بَيَانَهٗ ﴿١٩﴾ كَلَّا بَلْ تُحِبُّوْنَ الْعَاجِلَةَ ﴿٢٠﴾
اسان تي آهي ٻڌائڻ ان جو. خبردار پر چاهيو ٿا توهان تڪڙي شيءِ کي،
وَتَذَرُوْنَ الْاٰخِرَةَ ﴿٢١﴾ وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ نَّاضِرَةٌ ﴿٢٢﴾
۽ ڇڏيو ٿا ديراڇڻ واري کي. ڪي منهن ان ڏينهن تازا هوندا،
اِلٰى رَبِّهَا نَاظِرَةٌ ﴿٢٣﴾ وَوُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍۢ بَاسِرَةٌ ﴿٢٤﴾
پنهنجي پالڻهار ڏي ڏسندڙ هوندا. ۽ ڪي منهن ان ڏينهن بڇڙا هوندا،
تَظُنُّ اَنْ يُّفْعَلَ بِهَا فَاقِرَةٌ ﴿٢٥﴾ كَلَّآ اِذَا بَلَغَتِ
ڀائيندا ته ڪئي ويندي ساڻن ڪمر ڀڃندڙ حالت. خبردار جڏهن پهچندو ساهه
التَّرَاقِيَ ﴿٢٦﴾ وَقِيْلَ مَنْ ٚ رَاقٍ ﴿٢٧﴾ وَّظَنَّ اَنَّهُ
نڙي ۾ تي، ۽ پڇيو ويندو ڪو آهي ڦهاڙ وارو، ۽ ڀائيندو اها
الْفِرَاقُ ﴿٢٨﴾ وَالْتَفَّتِ السَّاقُ بِالسَّاقِ ﴿٢٩﴾ اِلٰى
جدائي آهي، ۽ ملي ويندي پني پني سان. طرف
ع ١٠ ١٧ رَبِّكَ يَوْمَئِذِ الْمَسَاقُ ﴿٣٠﴾ فَلَا صَدَّقَ وَلَا
پالڻهار جي ان ڏينهن هلڻو آهي. پوءِ نه مڃيائين ۽ نه ڪي

صَلّٰى ﴿٣١﴾ وَلٰكِنْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ﴿٣٢﴾ ثُمَّ ذَهَبَ

نماز پڙهيائين پر ڪوڙو ڪيائين ۽ منهن موڙيائين، پوءِ هليو

اِلٰٓى اَهْلِهٖ يَتَمَطّٰى ﴿٣٣﴾ اَوْلٰى لَكَ فَاَوْلٰى ﴿٣٤﴾ ثُمَّ اَوْلٰى

پنهنجي گهر سينتجي. تباهي تو لاءِ پوءِ تباهي، وري تباهي

لَكَ فَاَوْلٰى ﴿٣٥﴾ اَيَحْسَبُ الْاِنْسَانُ اَنْ يُّتْرَكَ سُدًى ﴿٣٦﴾

تو لاءِ پوءِ تباهي. ڇا ڀانئي ٿو انسان ته ڇڏيو ويندو ڇڙو اَگ.

اَلَمْ يَكُ نُطْفَةً مِّنْ مَّنِيٍّ يُّمْنٰى ﴿٣٧﴾ ثُمَّ كَانَ

ڇا نه هو قطرو جوين جو اُڇليو ويو هو، وري ٿيو

عَلَقَةً فَخَلَقَ فَسَوّٰى ﴿٣٨﴾ فَجَعَلَ مِنْهُ الزَّوْجَيْنِ

رت جو ڍڳ پوءِ اُن کي خلقيائين پوءِ سنئين لڳين ٺاهيائين، پوءِ ڪيائين اُن مان ٻه جنسون

الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰى ﴿٣٩﴾ اَلَيْسَ ذٰلِكَ بِقٰدِرٍ عَلٰٓى

نر ۽ مادي. ڇا ناهي اهو سگهه رکندڙ هن تي

سورة الدهر مكية | اَنْ يُّحْيِيَ الْمَوْتٰى ﴿٤٠﴾ | آياتها ٣١ ركوعاتها ٢ ع ٢ ١٨

سورة دهر مڪي آهي ۽ اُها | جو جيئرو ڪري مُئلن کي. | ايڪٽيهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

هَلْ اَتٰى عَلَى الْاِنْسَانِ حِيْنٌ مِّنَ الدَّهْرِ لَمْ

بيشڪ گذريو انسان تي اهڙو دور زماني جو نه

يَكُنْ شَيْـًٔا مَّذْكُوْرًا ۝١ اِنَّا خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ

هئو ڪا شيءِ پچار ڪيل. اسان ئي پيدا ڪيو انسان کي

نُّطْفَةٍ اَمْشَاجٍ ۖ نَّبْتَلِيْهِ فَجَعَلْنٰهُ سَمِيْعًا

ٽيپي گڏايل مان ته آزمايون ان کي پوءِ ڪيوسون ان کي ٻڌندڙ

بَصِيْرًا ۝٢ اِنَّا هَدَيْنٰهُ السَّبِيْلَ اِمَّا شَاكِرًا

ڏسندڙ. بيشڪ اسان ڏيکاريو اُن کي رستو پوءِ اهو شڪر ڪندڙ هجي

وَّاِمَّا كَفُوْرًا ۝٣ اِنَّآ اَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ سَلٰسِلَا۟

يا ڪفر ڪندڙ. بيشڪ اسان تيار ڪيا آهن ڪافرن لاءِ زنجير

وَاَغْلٰلًا وَّسَعِيْرًا ۝٤ اِنَّ الْاَبْرَارَ يَشْرَبُوْنَ مِنْ

۽ ڳٽ ۽ ٻرندڙ باهه. يقينن ڀلا ماڻهو پيئندا اهڙي

كَاْسٍ كَانَ مِزَاجُهَا كَافُوْرًا ۝٥ عَيْنًا يَّشْرَبُ

پيالي مان آهي ملايل جنهن ۾ ڪافور. اهو چشمو جو پيئندا

بِهَا عِبَادُ اللّٰهِ يُفَجِّرُوْنَهَا تَفْجِيْرًا ۝٦ يُوْفُوْنَ بِالنَّذْرِ

اُتان الله جا ٻانها وهائيندا ان مان واهيون جيڪي پوري ڪندا آهن باس

وَيَخَافُوْنَ يَوْمًا كَانَ شَرُّهٗ مُسْتَطِيْرًا ۝٧ وَ

۽ ڊڄندا آهن ان ڏينهن کان جنهن جو شر پکڙجي ويندو. ۽

يُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِيْنًا وَّيَتِيْمًا

کارائن ٿا کاڌو ان جي محبت ۾ فقير ۽ ڇوري ٻار

وَّ اَسِيۡرًا ﴿٨﴾ اِنَّمَا نُطۡعِمُكُمۡ لِوَجۡهِ اللّٰهِ لَا نُرِيۡدُ
۽ قيدي کي. رڳو کارايون ٿا توهان کي الله خاطر نه ٿا گهرون
مِنۡكُمۡ جَزَآءً وَّ لَا شُكُوۡرًا ﴿٩﴾ اِنَّا نَخَافُ مِنۡ رَّبِّنَا
توهان کان عوض ۽ نکي شڪريو. بيشڪ اسان خوف ٿا ڪريون پنهنجي رب جو
يَوۡمًا عَبُوۡسًا قَمۡطَرِيۡرًا ﴿١٠﴾ فَوَقٰهُمُ اللّٰهُ شَرَّ ذٰلِكَ
ڏينهن تيوڙي ۽ سختيءَ واري کان. پوءِ بچايو انهن کي الله برائيءَ ان
الۡيَوۡمِ وَلَقّٰهُمۡ نَضۡرَةً وَّسُرُوۡرًا ﴿١١﴾ وَجَزٰهُمۡ بِمَا
ڏينهن جي کان ۽ رسايائين انهن کي تازگي ۽ خوشي. ۽ عوض ۾ ڏنائين انهن کي جو
صَبَرُوۡا جَنَّةً وَّحَرِيۡرًا ﴿١٢﴾ مُّتَّكِـِٕيۡنَ فِيۡهَا عَلَى
سنائون ۾ باغ ۽ ريشم، ٽيڪ ڏيئي ويهندا ان ۾
الۡاَرَآئِكِ لَا يَرَوۡنَ فِيۡهَا شَمۡسًا وَّلَا زَمۡهَرِيۡرًا ﴿١٣﴾
پلنگن تي، نه ڏسندا اتي گرمي ۽ نکي سردي.
وَدَانِيَةً عَلَيۡهِمۡ ظِلٰلُهَا وَذُلِّلَتۡ قُطُوۡفُهَا
۽ ويجهيون هونديون مٿن ڇانئون ان جون ۽ جهڪايا ويندا ميوا ان جا
تَذۡلِيۡلًا ﴿١٤﴾ وَيُطَافُ عَلَيۡهِمۡ بِاٰنِيَةٍ مِّنۡ فِضَّةٍ
تمام هيٺ. ۽ ڦيرايا ويندا انهن تي ٿانوَ چانديءَ جا
وَّاَكۡوَابٍ كَانَتۡ قَوَارِيۡرَا۠ ﴿١٥﴾ قَوَارِيۡرَا۠ مِنۡ فِضَّةٍ
۽ گلاس جيڪي هوندا شيشي جا، شيشا چانديءَ جا

قوارير: حفص بغير الالف في الوصل فيهما و وقف على الاول بالالف و على الثاني بغير الالف ١٢

قَدَّرُوْهَا تَقْدِيْرًا ﴿١٦﴾ وَيُسْقَوْنَ فِيْهَا كَاْسًا كَانَ

ناھيو اٿن جنهن کي ماپ ڪري. ۽ کين پيارينديو اٿي پيالو هوندي

مِزَاجُهَا زَنْجَبِيْلًا ﴿١٧﴾ عَيْنًا فِيْهَا تُسَمّٰى سَلْسَبِيْلًا ﴿١٨﴾

ملاوٽ ان ۾ سُنڍ جي. اهو چشمو اٿي ڪوٺجي ٿو سلسبيل.

وَيَطُوْفُ عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُوْنَ ۚ اِذَا

۽ ايندا ويندا انهن وٽ نوڪر هميشه حاضر. جڏهن

رَاَيْتَهُمْ حَسِبْتَهُمْ لُؤْلُؤًا مَّنْثُوْرًا ﴿١٩﴾ وَاِذَا رَاَيْتَ

ڏسندين انهن کي ته ڀائيندين انهن کي موتي ڪنڊ ريل. ۽ جڏهن ڏسندين

ثَمَّ رَاَيْتَ نَعِيْمًا وَّمُلْكًا كَبِيْرًا ﴿٢٠﴾ عٰلِيَهُمْ ثِيَابُ

ته اتي ڏسندين گهڻي نعمت ۽ بادشاهي وڏي. هوندا مٿن ڪپڙا

سُنْدُسٍ خُضْرٌ وَّاِسْتَبْرَقٌ وَّحُلُّوْٓا اَسَاوِرَ

سنهي پٽ جا ساوا ۽ ٿلها ريشمي ۽ پارايا ويندن پنا

مِنْ فِضَّةٍ ۚ وَسَقٰىهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُوْرًا ﴿٢١﴾

چانديءَ جا. ۽ پياريندو انهن کي سندن پروردگار مشروب پاڪ.

اِنَّ هٰذَا كَانَ لَكُمْ جَزَآءً وَّكَانَ سَعْيُكُمْ

بيشڪ اهو آهي توهان جو بدلو ۽ آهي ڪمائي توهان جي

مَّشْكُوْرًا ﴿٢٢﴾ اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ

قبول. بيشڪ اسان ئي لاٿو. توتي قرآن

تَنْزِيْلًا ﴿٢٣﴾ فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ وَلَا تُطِعْ مِنْهُمْ

توروتوروکري ۔ پوءِ تون صبرکر پنهنجي پالڻهار جي فيصلي تائين ۽ نه چيو مڃ انهن مان

اٰثِمًا اَوْ كَفُوْرًا ﴿٢٤﴾ وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ بُكْرَةً وَّ

ڪنهن مجرم ۽ منڪر جو ۔ ۽ ياد ڪر نالو پنهنجي رب جو صبح ۽

اَصِيْلًا ﴿٢٥﴾ وَمِنَ الَّيْلِ فَاسْجُدْ لَهٗ وَسَبِّحْهُ لَيْلًا

شام ۔ ۽ رات جو ۔ پوءِ سجدو ڪر انکي ۽ تسبيح پڙهه انجي رات

طَوِيْلًا ﴿٢٦﴾ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ يُحِبُّوْنَ الْعَاجِلَةَ وَ

گهڻي ۔ بيشڪ اهي چاهين ٿا تڪڙي ايندڙ وقت کي ۽

يَذَرُوْنَ وَرَآءَهُمْ يَوْمًا ثَقِيْلًا ﴿٢٧﴾ نَحْنُ خَلَقْنٰهُمْ

ڇڏين ٿا ڪن پُٺيان پنهنجي ڏينهن ڳري کي ۔ اسان پيدا ڪيو انهن کي

وَشَدَدْنَآ اَسْرَهُمْ ۚ وَاِذَا شِئْنَا بَدَّلْنَآ اَمْثَالَهُمْ

۽ مضبوط ڪيوسون انهن جي سنڌن کي ۽ جڏهن گهرندا سون ته مٽائي آڻيندا سون ٻيا انهن

تَبْدِيْلًا ﴿٢٨﴾ اِنَّ هٰذِهٖ تَذْكِرَةٌ ۚ فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ

جهڙا ۔ بيشڪ هي نصيحت آهي ، پوءِ جيڪو چاهي وٺي

اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ﴿٢٩﴾ وَمَا تَشَآءُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ

پنهنجي رب ڏانهن رستو ۔ ۽ نه ٿا گهرو اوهان مگر جيڪي گهري

اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿٣٠﴾ يُّدْخِلُ

الله ۔ بيشڪ الله آهي گهڻو ڄاڻندڙ ڏاڍو دانا ۔ داخل ڪري ٿو

مَنْ يَّشَآءُ فِيْ رَحْمَتِهٖ ؕ وَالظّٰلِمِيْنَ اَعَدَّ

جنهنکي گهري پنهنجي رحمت ۾، ۽ ظالمن لاءِ تيار ڪيو

لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿٣١﴾

اٿس عذاب دردناڪ.

ع ٢ ٩ ٢٠

سُوْرَةُ الْمُرْسَلٰتِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ خَمْسُوْنَ اٰيَةً وَّفِيْهَا رُكُوْعَانِ

سورت مرسلات مڪي آهي ۽ اها پنجاهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَالْمُرْسَلٰتِ عُرْفًا ﴿١﴾ لا فَالْعٰصِفٰتِ عَصْفًا ﴿٢﴾ لا وَّ

قسم آهي موڪليل نرم هوائن جو، پوءِ زورسان گهلڻ وارين جو، ۽ قسم آهي

النّٰشِرٰتِ نَشْرًا ﴿٣﴾ لا فَالْفٰرِقٰتِ فَرْقًا ﴿٤﴾ لا فَالْمُلْقِيٰتِ

ڪڪرن کي پکيڙيندڙ هوائن جو. پوءِ انهن کي ڌار ڌار ڪرڻ وارين جو، پوءِ قسم آهي ملائڪن پهچائيندڙن

ذِكْرًا ﴿٥﴾ لا عُذْرًا اَوْ نُذْرًا ﴿٦﴾ لا اِنَّمَا تُوْعَدُوْنَ لَوَاقِعٌ ﴿٧﴾ ط

قرآن جو. ڀهاني پڄڻ لاءِ يا ڊيڄارڻ لاءِ، بيشڪ جنهنجو توهان سان وعدو ڪجي ٿو اهو ٿيندڙ آهي.

فَاِذَا النُّجُوْمُ طُمِسَتْ ﴿٨﴾ لا وَاِذَا السَّمَآءُ فُرِجَتْ ﴿٩﴾ لا

پوءِ جڏهن تارا بي نور ٿيندا، ۽ جڏهن آسمان کوليو ويندو،

وَاِذَا الْجِبَالُ نُسِفَتْ ﴿١٠﴾ لا وَاِذَا الرُّسُلُ اُقِّتَتْ ﴿١١﴾ ط

۽ جڏهن جبل ذرا ڪيا ويندا، ۽ جڏهن رسولن کي حاضري ملندي.

لِاَیِّ یَوۡمٍ اُجِّلَتۡ ﴿۱۲﴾ لِیَوۡمِ الۡفَصۡلِ ﴿۱۳﴾ وَمَاۤ

اُهي ڪهڙي ڏينهن لاءِ رهايا ويا آهن. فيصلي جي ڏينهن لاءِ. ۽ ڇا

اَدۡرٰىكَ مَا یَوۡمُ الۡفَصۡلِ ﴿۱۴﴾ وَیۡلٌ یَّوۡمَئِذٍ

خبر توکي ته ڇا آهي فيصلي جو ڏينهن. تباهي آهي تنهن ڏينهن

لِّلۡمُكَذِّبِیۡنَ ﴿۱۵﴾ اَلَمۡ نُهۡلِكِ الۡاَوَّلِیۡنَ ﴿۱۶﴾ ثُمَّ

ڪوڙي ڪندڙن لاءِ. ڇا نه هلاڪ ڪيوسون پهرين کي. وري

نُتۡبِعُهُمُ الۡاٰخِرِیۡنَ ﴿۱۷﴾ كَذٰلِكَ نَفۡعَلُ بِالۡمُجۡرِمِیۡنَ ﴿۱۸﴾

انهن جي ڪڍ لاتوسون پوين کي. اهڙيءَ ڪار ڪريون ٿا ڏوهارين سان.

وَیۡلٌ یَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِیۡنَ ﴿۱۹﴾ اَلَمۡ نَخۡلُقۡكُّمۡ

تباهي آهي تنهن ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ. ڇا نه خلقيوسون توهان کي

مِّنۡ مَّآءٍ مَّهِیۡنٍ ﴿۲۰﴾ فَجَعَلۡنٰهُ فِیۡ قَرَارٍ مَّكِیۡنٍ ﴿۲۱﴾

پاڻيءَ خسيس مان، پوءِ رکيوسون انکي محفوظ جاءِ ۾،

اِلٰى قَدَرٍ مَّعۡلُوۡمٍ ﴿۲۲﴾ فَقَدَرۡنَا ۖ فَنِعۡمَ الۡقٰدِرُوۡنَ ﴿۲۳﴾

وقت مقرر تائين، پوءِ تيار ڪيوسون پوءِ واهجو قدرت وارا آهيون.

وَیۡلٌ یَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِیۡنَ ﴿۲۴﴾ اَلَمۡ نَجۡعَلِ

تباهي آهي تنهن ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ. ڇا نه ڪئي سون

الۡاَرۡضَ كِفَاتًا ﴿۲۵﴾ اَحۡیَآءً وَّاَمۡوَاتًا ﴿۲۶﴾ وَّجَعَلۡنَا

ڌرتي ميڙي وٺندڙ، جيئرن ۽ مُئلن کي، ۽ ڪيا سون

Al - Qura'n Al-Kareen By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

وَّ جَعَلْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ شٰمِخٰتٍ وَّ اَسْقَيْنٰكُمْ مَّآءً فُرَاتًا ﴿٢٧﴾
منجهس گرا پهاڙ بلند ۽ پياريوسون اوهان کي پاڻي وڻندڙ.

وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٢٨﴾ اِنْطَلِقُوْۤا اِلٰى مَا (ع)
تباهي آهي تنهن ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ. هلو ان (دوزخ) ڏانهن

كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ﴿٢٩﴾ اِنْطَلِقُوْۤا اِلٰى ظِلٍّ ذِيْ
جنهنکي توهان ڪوڙو ڀائيندا هئا. هلو ان ڇانوَ ڏانهن جا

ثَلٰثِ شُعَبٍ ﴿٣٠﴾ لَّا ظَلِيْلٍ وَّ لَا يُغْنِيْ مِنَ
ٽن شاخن واري آهي، نه ٿڌي آهي ۽ نه بچائيندي

اللَّهَبِ ﴿٣١﴾ اِنَّهَا تَرْمِيْ بِشَرَرٍ كَالْقَصْرِ ﴿٣٢﴾ كَاَنَّهٗ
اُلا کان. اها اُڇلي ٿي چڻنگون ماڙيءَ جيڏيون. ڄڻ ته اهي

جِمٰلَتٌ صُفْرٌ ﴿٣٣﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٣٤﴾ (ع)
اُٺ هيڊا آهن. تباهي آهي تنهن ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ.

هٰذَا يَوْمُ لَا يَنْطِقُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَ لَا يُؤْذَنُ لَهُمْ
هي اهو ڏينهن آهي نه ڳالهائيندا، ۽ نه موڪل ملندي انهن کي

فَيَعْتَذِرُوْنَ ﴿٣٦﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٣٧﴾ (ع)
جو عذر پيش ڪن. تباهي آهي تنهن ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ.

هٰذَا يَوْمُ الْفَصْلِ جَمَعْنٰكُمْ وَ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣٨﴾
هي ڏينهن فيصلي جو آهي، گڏ ڪيوسون اوهان کي ۽ اڳين کي.

فَإِنْ كَانَ لَكُمْ كَيْدٌ فَكِيدُونِ ﴿٣٩﴾ وَيْلٌ يَوْمَئِذٍ

پوءِ جيڪڏهن آهي اوهان کي ڪو وارڪرڻو پوءِ ڪريو مون تي. تباهي آهي تنهن ڏينهن

لِلْمُكَذِّبِينَ ﴿٤٠﴾ إِنَّ الْمُتَّقِينَ فِي ظِلَالٍ وَ

ڪوڙي ڪندڙن لاءِ. بيشڪ پرهيزگار هوندا ڇانوَن ۾

عُيُونٍ ﴿٤١﴾ وَفَوَاكِهَ مِمَّا يَشْتَهُونَ ﴿٤٢﴾ كُلُوا

چشمن ۾ ۽ ميون ۾ جهڙا چاهين. کائو

وَاشْرَبُوا هَنِيئًا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُونَ ﴿٤٣﴾ إِنَّا كَذَٰلِكَ

۽ پيئو مزي سان جو اوهين چڱا ڪم ڪندا هئا. بيشڪ اسان اهڙو ئي

نَجْزِي الْمُحْسِنِينَ ﴿٤٤﴾ وَيْلٌ يَوْمَئِذٍ لِلْمُكَذِّبِينَ ﴿٤٥﴾

بدلو ڏيندا آهيون ڀلارن کي. تباهي آهي تنهن ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ.

كُلُوا وَتَمَتَّعُوا قَلِيلًا إِنَّكُمْ مُجْرِمُونَ ﴿٤٦﴾ وَيْلٌ

کائو ۽ مزا ماڻيو ٿوري وقت بلاشڪ اوهين ڏوهاري آهيو. تباهي آهي

يَوْمَئِذٍ لِلْمُكَذِّبِينَ ﴿٤٧﴾ وَإِذَا قِيلَ لَهُمُ ارْكَعُوا

تنهن ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ. ۽ جڏهن چئجي ٿو انهن کي نماز پڙهو

لَا يَرْكَعُونَ ﴿٤٨﴾ وَيْلٌ يَوْمَئِذٍ لِلْمُكَذِّبِينَ ﴿٤٩﴾

ته نماز نه پڙهندا آهن. تباهي آهي تنهن ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ.

فَبِأَيِّ حَدِيثٍ بَعْدَهُ يُؤْمِنُونَ ﴿٥٠﴾

پوءِ ڪهڙي ڳالهه تي قرآن کانپوءِ ايمان آڻيندا.

سُوْرَةُ النَّبَاِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ اَرْبَعُوْنَ اٰيَةً وَّفِيْهَا رُكُوْعَانِ

سورة نبأ مڪي آهي ۽ اها چاليهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

عَمَّ يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿١﴾ عَنِ النَّبَاِ الْعَظِيْمِ ﴿٢﴾

ڇا جي هڪ ٻئي کان پڇا ڳاڇا ڪن. (پڇا ڳاڇا ڪن) خبر وڏيءَ جي

الَّذِيْ هُمْ فِيْهِ مُخْتَلِفُوْنَ ﴿٣﴾ كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ ﴿٤﴾

اها جنهن ۾ اهي اختلاف ڪندڙ آهن. خبردار اجهو ڄاڻندا،

ثُمَّ كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ ﴿٥﴾ اَلَمْ نَجْعَلِ الْاَرْضَ مِهٰدًا ﴿٦﴾

وري خبردار سگهو ڄاڻندا. ڇا نه ڪيوسون زمين کي وڇائڻو،

وَّالْجِبَالَ اَوْتَادًا ﴿٧﴾ وَّخَلَقْنٰكُمْ اَزْوَاجًا ﴿٨﴾ وَّجَعَلْنَا

۽ جبلن کي ميخون، ۽ خلقيوسون اوهان کي نر ماد، ۽ بڻايوسون

نَوْمَكُمْ سُبَاتًا ﴿٩﴾ وَّجَعَلْنَا الَّيْلَ لِبَاسًا ﴿١٠﴾ وَّجَعَلْنَا

ننڊ توهان جي کي آرام، ۽ ڪيوسون رات کي پڙدو، ۽ ڪيوسون

النَّهَارَ مَعَاشًا ﴿١١﴾ وَبَنَيْنَا فَوْقَكُمْ سَبْعًا شِدَادًا ﴿١٢﴾

ڏينهن کي گذران لاءِ. ۽ اڏياسون توهان تي ست (آسمان) مضبوط،

وَّجَعَلْنَا سِرَاجًا وَّهَّاجًا ﴿١٣﴾ وَّاَنْزَلْنَا مِنَ الْمُعْصِرٰتِ

۽ بڻايوسون ڏيئو چمڪندڙ، ۽ وسايوسون ڪڪرن کان

مَآءً ثَجَّاجًا ﴿١٤﴾ لِّنُخْرِجَ بِهٖ حَبًّا وَّنَبَاتًا ﴿١٥﴾ وَّجَنّٰتٍ
پاڻي هارجي پوندڙ، جيئن ڪيدون انهيءَ سان اَنَ ۽ اوبڙ، ۽ باغ
اَلْفَافًا ﴿١٦﴾ اِنَّ يَوْمَ الْفَصْلِ كَانَ مِيْقَاتًا ﴿١٧﴾ يَّوْمَ
گهاٽا. بيشڪ ڏينهن فيصلي جو آهي مقرر، جنهن ڏينهن
يُنْفَخُ فِي الصُّوْرِ فَتَاْتُوْنَ اَفْوَاجًا ﴿١٨﴾ وَّ فُتِحَتِ
ڦوڪيو ويندو صور ۾ پوءِ اوهين ايندا ٽولا ٽولا ٿي. ۽ کوليو ويندو
السَّمَآءُ فَكَانَتْ اَبْوَابًا ﴿١٩﴾ وَّسُيِّرَتِ الْجِبَالُ فَكَانَتْ
آسمان پوءِ ٿي پوندو دروازا، ۽ هلايا ويندا جبل پوءِ ٿي پوندا
سَرَابًا ﴿٢٠﴾ اِنَّ جَهَنَّمَ كَانَتْ مِرْصَادًا ﴿٢١﴾ لِّلطّٰغِيْنَ
رڃ. بيشڪ جهنم هوندو گهات، هٺيلن جي لاءِ
مَاٰبًا ﴿٢٢﴾ لّٰبِثِيْنَ فِيْهَآ اَحْقَابًا ﴿٢٣﴾ لَا يَذُوْقُوْنَ
جڳهه، رهندا ان ۾ زمانا. نه چکندا
فِيْهَا بَرْدًا وَّلَا شَرَابًا ﴿٢٤﴾ اِلَّا حَمِيْمًا وَّ غَسَّاقًا ﴿٢٥﴾
ان ۾ ٿڌاڻ ۽ نڪو پاڻي، مگر ڪوسو پاڻي ۽ پُونءِ،
جَزَآءً وِّفَاقًا ﴿٢٦﴾ اِنَّهُمْ كَانُوْا لَا يَرْجُوْنَ حِسَابًا ﴿٢٧﴾
(عملن جو) بدلو پورو. بيشڪ اهي نه ڊڄندا هئا حساب ڏيڻ کان،
وَّكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا كِذَّابًا ﴿٢٨﴾ وَ كُلَّ شَيْءٍ اَحْصَيْنٰهُ
۽ ڪوڙ ڪيائون اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڪري. ۽ هر شيءِ ڳڻيو سون ان کي

كِتٰبًا ﴿٢٩﴾ فَذُوْقُوْا فَلَنْ نَّزِيْدَكُمْ اِلَّا عَذَابًا ﴿٣٠﴾ اِنَّ
لکي ڪري، پوءِ چکو جو نہ وڌائينداسون اوهان تي مگر عذاب. بيشڪ

لِلْمُتَّقِيْنَ مَفَازًا ﴿٣١﴾ حَدَآئِقَ وَاَعْنَابًا ﴿٣٢﴾ وَّكَوَاعِبَ
پرهيزگارن لاءِ آهي مراد حاصل، باغ ۽ انگور، ۽ نوجوان عورتون

اَتْرَابًا ﴿٣٣﴾ وَّكَاْسًا دِهَاقًا ﴿٣٤﴾ لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا
هڪ جيڏيون، ۽ پيالا پريل. نہ ٻڌندا اتي بڪواس

وَّلَا كِذّٰبًا ﴿٣٥﴾ جَزَآءً مِّنْ رَّبِّكَ عَطَآءً حِسَابًا ﴿٣٦﴾
۽ نڪي ڪوڙو چوڻ. اهو بدلو تنهنجي پالڻهار کان ملندو پورو،

رَّبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا الرَّحْمٰنِ
جو پالڻهار آهي آسمانن ۽ زمين جو ۽ ان جو جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي اهو ٻاجهارو آهي

لَا يَمْلِكُوْنَ مِنْهُ خِطَابًا ﴿٣٧﴾ يَوْمَ يَقُوْمُ الرُّوْحُ
نہ ٿا سگهن ڪن ان سان ڳالهائڻ جي. جنهن ڏينهن بيهندو روح

وَالْمَلٰٓئِكَةُ صَفًّا ۙ لَّا يَتَكَلَّمُوْنَ اِلَّا مَنْ اَذِنَ لَهُ
۽ ملائڪ قطار ڪري، نہ ڳالهائي سگهندا مگر اجازت ڏني جنهن کي

الرَّحْمٰنُ وَقَالَ صَوَابًا ﴿٣٨﴾ ذٰلِكَ الْيَوْمُ الْحَقُّ
مالڪ مهربان ۽ ڳالهائي سڌو. اهو ڏينهن حق آهي،

فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ مَاٰبًا ﴿٣٩﴾ اِنَّآ اَنْذَرْنٰكُمْ
پوءِ جيڪو چاهي ته وٺي پنهنجي پالڻهار ڏي موٽڻ جاءِ. بيشڪ اسان ڊيڄاريو توهان کي

عَذَابًا قَرِيبًا ۚ يَوْمَ يَنظُرُ الْمَرْءُ مَا قَدَّمَتْ يَدَاهُ
عذاب ويجهي کان، جنهن ڏينهن ڏسندو ماڻهو جيڪي موڪليو ان جي هٿن
وَيَقُولُ الْكَافِرُ يَا لَيْتَنِي كُنتُ تُرَابًا ﴿٤٠﴾
۽ چوندو ڪافر هاءِ افسوس جيڪر هجان ها مٽي.

سُورَةُ النّٰزِعٰتِ مَكِّيَّةٌ وَهِيَ سِتٌّ وَّاَرْبَعُوْنَ اٰيَةً وَّفِيْهَا رُكُوْعَانِ
سورة نازعات مڪي آهي ۽ ڇاهٺ ۽ ڇائيتاليهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهي.

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ
شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَالنَّازِعَاتِ غَرْقًا ﴿١﴾ وَالنَّاشِطَاتِ نَشْطًا ﴿٢﴾ وَالسَّابِحَاتِ
قسم آهي ڇڪي ڪيندڙن جو ٻڏي هٽي، ۽ سولي سان ڪيندڙن جو نرم ٿي، ۽ ترندڙ ملائڪن جو
سَبْحًا ﴿٣﴾ فَالسَّابِقَاتِ سَبْقًا ﴿٤﴾ فَالْمُدَبِّرَاتِ أَمْرًا ﴿٥﴾
جلدي ترڻ، پوءِ اڳرائي ڪندڙن جو اڳڀٽي وڃي، پوءِ انتظام ڪندڙن جو هر ڪم ڪي.
يَوْمَ تَرْجُفُ الرَّاجِفَةُ ﴿٦﴾ تَتْبَعُهَا الرَّادِفَةُ ﴿٧﴾
جنهن ڏينهن ڏڏندي ڏڏڻ واري، پٺيان ايندس پٺ اچڻ واري.
قُلُوبٌ يَوْمَئِذٍ وَاجِفَةٌ ﴿٨﴾ أَبْصَارُهَا خَاشِعَةٌ ﴿٩﴾
دليون تنهن ڏينهن ڏڪندڙ هونديون، اکيون انهن جون هيٺ هونديون.
يَقُولُونَ أَإِنَّا لَمَرْدُودُونَ فِي الْحَافِرَةِ ﴿١٠﴾ أَإِذَا
اهي ٿا چون ڇا اسين موٽايا وينداسون سا ڳيءَ حالت ۾. ڇا جڏهن

كُنَّا عِظَامًا نَّخِرَةً ﴿١١﴾ قَالُوْا تِلْكَ إِذًا كَرَّةٌ خَاسِرَةٌ ﴿١٢﴾ وقف لازم

ڳَريل هڏا ٿينداسون ته به اسان جيئرا ٿينداسون؟ چيائون ته اهو تنهن وقت موٽڻ نقصان وارو آهي.

ٿينداسون اسان هڏا پراڻا؟ چيائون اهو تنهن وقت موٽڻ نقصان وارو آهي.

فَإِنَّمَا هِيَ زَجْرَةٌ وَّاحِدَةٌ ﴿١٣﴾ فَإِذَا هُمْ بِالسَّاهِرَةِ ﴿١٤﴾

پوءِ ڳالهه اها هڪل هڪڙي ٿيندي، ته اوچتو اهي ميدان ۾ هوندا.

هَلْ أَتٰىكَ حَدِيْثُ مُوْسٰى ﴿١٥﴾ إِذْ نَادٰىهُ رَبُّهٗ وقف لازم

ڇا آيئي تو وٽ خبر موسىٰ جي. جڏهن سڏيس سندس پالڻهار

بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًى ﴿١٦﴾ اِذْهَبْ إِلٰى فِرْعَوْنَ

پاڪ ميدان طوىٰ ۾. ته وڃ فرعون ڏانهن

إِنَّهٗ طَغٰى ﴿١٧﴾ فَقُلْ هَلْ لَّكَ إِلٰٓى أَنْ تَزَكّٰى ﴿١٨﴾

اهو حد لنگهي ويو آهي، پوءِ چوينس ڇا توکي آهي ارادو سڌرڻ جو؟

وَأَهْدِيَكَ إِلٰى رَبِّكَ فَتَخْشٰى ﴿١٩﴾ فَأَرٰىهُ الْاٰيَةَ

۽ آءُ رستو ڏيکاريان توکي تنهنجي رب جو پوءِ تون ڊڄين؟ پوءِ ڏيکاريائين ان کي نشاني

الْكُبْرٰى ﴿٢٠﴾ فَكَذَّبَ وَعَصٰى ﴿٢١﴾ ثُمَّ أَدْبَرَ يَسْعٰى ﴿٢٢﴾

وڏي. پوءِ ڪوڙو ڀانيائين ۽ چيو نه ورتائين. پوءِ پٺيرو ٿي تڪڙو هليو.

فَحَشَرَ فَنَادٰى ﴿٢٣﴾ فَقَالَ أَنَا رَبُّكُمُ الْأَعْلٰى ﴿٢٤﴾

پوءِ ماڻهو گڏ ڪيائين پوءِ پڪاريائين، ۽ چيائين. آءٌ آهيان رب توهان جو مٿاهون.

فَأَخَذَهُ اللّٰهُ نَكَالَ الْاٰخِرَةِ وَالْأُوْلٰى ﴿٢٥﴾ إِنَّ فِيْ

پوءِ پڪڙيو ان کي الله سزا آخرت ۽ دنيا جي سان. بيشڪ

ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّمَنْ يَّخْشٰى ﴿٢٦﴾ ءَاَنْتُمْ اَشَدُّ خَلْقًا ع ٦ ٢
ان ۾ عبرت آهي انهيءَ لاءِ جيڪو خوف رکي. ڇا اوهان ڏکيا آهيو پيدا ڪرڻ ۾
اَمِ السَّمَآءُ ۚ بَنٰهَا ﴿٢٧﴾ رَفَعَ سَمْكَهَا فَسَوّٰىهَا ﴿٢٨﴾ وَاَغْطَشَ
يا آسمان جنهن کي ٺاهيائين؟ مٿي ڪيائين ڇت انجي پوءِ سنئو ڪيائين، ۽ انڌيري ڪيائين
لَيْلَهَا وَاَخْرَجَ ضُحٰىهَا ﴿٢٩﴾ وَالْاَرْضَ بَعْدَ ذٰلِكَ
رات انجي ۽ ڪڍيائين اس انجي ۽ زمين کي ان کان پوءِ
دَحٰىهَا ﴿٣٠﴾ اَخْرَجَ مِنْهَا مَآءَهَا وَمَرْعٰىهَا ﴿٣١﴾ وَالْجِبَالَ
وڇايائين. ڪڍيائين ان مان پاڻي ۽ گاهه انجو، ۽ جبلن کي
اَرْسٰىهَا ﴿٣٢﴾ مَتَاعًا لَّكُمْ وَلِاَنْعَامِكُمْ ﴿٣٣﴾ فَاِذَا جَآءَتِ
کوڙيائين، ته گذران ٿئي توهان جو ۽ توهان جي جانورن جو. وري جڏهن ايندو
الطَّآمَّةُ الْكُبْرٰى ﴿٣٤﴾ يَوْمَ يَتَذَكَّرُ الْاِنْسَانُ مَا سَعٰى ﴿٣٥﴾
هنگامو وڏو، تنهن ڏينهن سار ڪندو انسان پنهنجي ڪمائي،
وَبُرِّزَتِ الْجَحِيْمُ لِمَنْ يَّرٰى ﴿٣٦﴾ فَاَمَّا مَنْ طَغٰى ﴿٣٧﴾
۽ ظاهر ڪيو ويندو دوزخ ڏسڻ واري لاءِ. پوءِ جيڪو حد لنگهيو.
وَاٰثَرَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿٣٨﴾ فَاِنَّ الْجَحِيْمَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿٣٩﴾
۽ پلو ڄاتائين حياتي دنيا جي کي، پوءِ بيشڪ دوزخ ئي رهڻ جي جاءِ آهي.
وَاَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ
۽ جيڪو ڊنو پنهنجي رب جي اڳيان بيهڻ کان ۽ جهليائين نفس کي

Al - Qura'n Al-Kareem By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

الهوى ﴿٤٠﴾ فان الجنة هى الماوى ﴿٤١﴾ يسـٔلونك

سَدَ کان ، پوءِ بيشڪ جنت ئي رهڻ جي جاءِ آهي. (اي نبي) توکان پڇن ٿا

عن الساعة ايان مرسها ﴿٤٢﴾ فيم انت من

قيامت جو ته ڪڏهن بيهندي ؟ ڇا ڪاڻ آهين تون

ذكرها ﴿٤٣﴾ الى ربك منتهها ﴿٤٤﴾ انما انت

ان جي ڳالهه ۾ . تنهنجي رب وٽ آهي آخري ڇاڻ انهي جي . رڳو تون

منذر من يخشها ﴿٤٥﴾ كانهم يوم يرونها

ڊيڄاريندڙ آهين ان کي جو ڊڄي انهيءَ کان . ڄڻ آهي جنهن ڏينهن ڏسندا ان کي

لم يلبثوا الا عشية او ضحها ﴿٤٦﴾ ع

نه رهيا هئا مگر ڪا شام يا ان جو صبح .

سورة عبس مكية وهى ثنتان واربعون اية وفيها ركوع واحد

سورة عبس مڪي آهي ۽ ان ۾ ٻائيتاليهه آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي ۽ اٺين ٻجاري ۾ نازل ٿي.

بسم الله الرحمن الرحيم

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

عبس وتولى ﴿١﴾ ان جاءه الاعمى ﴿٢﴾ وما يدريك

گهنڊ وڌائين ۽ منهن موڙيائين ، جو آيو وٽس انڌو. ۽ ڇا خبر توکي

لعله يزكى ﴿٣﴾ او يذكر فتنفعه الذكرى ﴿٤﴾

شايد اهو سڌري پوي، يا ڌيان ڪري ته پوءِ نفعو ڏي انهيءَ کي نصيحت .

(عبدالله ابن ام مكتوم)

أَمَّا مَنِ اسْتَغْنَىٰ ﴿٥﴾ فَأَنتَ لَهُ تَصَدَّىٰ ﴿٦﴾ وَمَا

پر جنهن بي پرواهي ڪئي. پوءِ تون ان جي پويان آهين. ۽ ناهي

عَلَيْكَ أَلَّا يَزَّكَّىٰ ﴿٧﴾ وَأَمَّا مَن جَاءَكَ يَسْعَىٰ ﴿٨﴾

(بار) تو تي جي اهو نه سڌري. ۽ پر جيڪو آيو تو وٽ ڊوڙندو،

وَهُوَ يَخْشَىٰ ﴿٩﴾ فَأَنتَ عَنْهُ تَلَهَّىٰ ﴿١٠﴾ كَلَّا

۽ اهو ڊڄي پيو، پوءِ تون ان کان لهرائين ٿو. ائين نه ڪجي

إِنَّهَا تَذْكِرَةٌ ﴿١١﴾ فَمَن شَاءَ ذَكَرَهُ ﴿١٢﴾ فِي صُحُفٍ

اهي (آيتون) نصيحت آهن. پوءِ جيڪو گهري ته ياد ڪري ان کي آهن ورقن

مُّكَرَّمَةٍ ﴿١٣﴾ مَّرْفُوعَةٍ مُّطَهَّرَةٍ ﴿١٤﴾ بِأَيْدِي سَفَرَةٍ ﴿١٥﴾

عزت وارن ۾، وڏي شان واريون پاڪ آهن، اهڙن لکندڙن جي هٿن ۾،

كِرَامٍ بَرَرَةٍ ﴿١٦﴾ قُتِلَ الْإِنسَانُ مَا أَكْفَرَهُ ﴿١٧﴾ مِنْ

جو ڀلائين وارا ۽ تابعدار آهن. مار پوي انسان کي ڪيڏو بي شڪر آهي.

أَيِّ شَيْءٍ خَلَقَهُ ﴿١٨﴾ مِن نُّطْفَةٍ خَلَقَهُ فَقَدَّرَهُ ﴿١٩﴾

ڪهڙي شيءِ مان خلقيائين انکي. مني جي قطري مان، انکي پيدا ڪيائين پوءِ ماپي ٺاهيائين،

ثُمَّ السَّبِيلَ يَسَّرَهُ ﴿٢٠﴾ ثُمَّ أَمَاتَهُ فَأَقْبَرَهُ ﴿٢١﴾ ثُمَّ

پوءِ (اچڻ جو) دڳ سولو ڪيائينس، پوءِ ماريائين ان کي پوءِ قبر ڪيائين ان جي، پوءِ

إِذَا شَاءَ أَنشَرَهُ ﴿٢٢﴾ كَلَّا لَمَّا يَقْضِ مَا أَمَرَهُ ﴿٢٣﴾ فَلْيَنظُرِ

جڏهن گهرندو ته انکي اٿاريندو. خبردار نه پورو ڪيائين جيڪي چيائينس. پوءِ پيل نهاري

الْإِنسَانُ إِلَىٰ طَعَامِهِ ﴿٢٤﴾ أَنَّا صَبَبْنَا الْمَاءَ صَبًّا ﴿٢٥﴾

ماڻهو پنهنجي کاڌي ڏانهن، بيشڪ اسان پرڻيوسون پاڻي آسمان مان،

ثُمَّ شَقَقْنَا الْأَرْضَ شَقًّا ﴿٢٦﴾ فَأَنبَتْنَا فِيهَا حَبًّا ﴿٢٧﴾

پوءِ چيريوسون زمين کي ڏاري، پوءِ ڦٽاياسون ان مان اَن،

وَعِنَبًا وَقَضْبًا ﴿٢٨﴾ وَزَيْتُونًا وَنَخْلًا ﴿٢٩﴾ وَحَدَائِقَ

۽ انگور ۽ سبزيون، ۽ زيتون ۽ کجيون، ۽ باغ

غُلْبًا ﴿٣٠﴾ وَفَاكِهَةً وَأَبًّا ﴿٣١﴾ مَّتَاعًا لَّكُمْ وَلِأَنْعَامِكُمْ ﴿٣٢﴾

گهاٽا، ۽ ميوا ۽ ويءُ، توهان جي نفعي لاءِ ۽ اوهان جي ڍورن لاءِ.

فَإِذَا جَاءَتِ الصَّاخَّةُ ﴿٣٣﴾ يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ أَخِيهِ ﴿٣٤﴾

پوءِ جڏهن ايندي هڪل، انهيءَ ڏينهن ڀڄندو ماڻهو پنهنجي ڀاءُ کان،

وَأُمِّهِ وَأَبِيهِ ﴿٣٥﴾ وَصَاحِبَتِهِ وَبَنِيهِ ﴿٣٦﴾ لِكُلِّ امْرِئٍ

۽ پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ کان، ۽ پنهنجي زال ۽ پُٽ کان. هر ڪنهن ماڻهوءَ جو

مِّنْهُمْ يَوْمَئِذٍ شَأْنٌ يُغْنِيهِ ﴿٣٧﴾ وُجُوهٌ يَوْمَئِذٍ

انهن مان تنهن ڏينهن اهڙو حال ٿيندو جو رڌائيندو انکي، ڪيترا چهرا تنهن ڏينهن

مُّسْفِرَةٌ ﴿٣٨﴾ ضَاحِكَةٌ مُّسْتَبْشِرَةٌ ﴿٣٩﴾ وَوُجُوهٌ

چمڪندڙ، کِلندڙ خوش ٿيندڙ هوندا. ۽ ڪي منهن هوندا

يَوْمَئِذٍ عَلَيْهَا غَبَرَةٌ ﴿٤٠﴾ تَرْهَقُهَا قَتَرَةٌ ﴿٤١﴾ أُولَٰئِكَ

ان ڏينهن جن تي ڇانئي هوندي، ويڙهي ويندي انهنکي ڪارنهن، اُهي

سورة التكوير مكية | هُمُ الْكَفَرَةُ الْفَجَرَةُ ﴿۴۲﴾

سورة تکوير مکي آهي ئي منڪر بدڪار آهن. ۽ اها اڻويهه آيتون آهي.

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله باجهاري مهربان جي نالي سان.

إِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ ﴿۱﴾ وَإِذَا النُّجُومُ انكَدَرَتْ ﴿۲﴾

جڏهن سج بي نور ٿيندو، ۽ جڏهن ستارا ميرا ٿيندا،

وَإِذَا الْجِبَالُ سُيِّرَتْ ﴿۳﴾ وَإِذَا الْعِشَارُ عُطِّلَتْ ﴿۴﴾

۽ جڏهن جبل هلايا ويندا، ۽ جڏهن ڏاچيون ڏکيون ويم ۾ ڇڙواڳ ڇڏبيون،

وَإِذَا الْوُحُوشُ حُشِرَتْ ﴿۵﴾ وَإِذَا الْبِحَارُ سُجِّرَتْ ﴿۶﴾

۽ جڏهن جناور گڏ ڪيا ويندا، ۽ جڏهن درياءَ ٻڙڪايا ويندا

وَإِذَا النُّفُوسُ زُوِّجَتْ ﴿۷﴾ وَإِذَا الْمَوْءُودَةُ سُئِلَتْ ﴿۸﴾

۽ جڏهن ساهه بدن سان جوڙبا، ۽ جڏهن جيئري پوريل ڌيءُ کان پڇا ٿيندي،

بِأَيِّ ذَنبٍ قُتِلَتْ ﴿۹﴾ وَإِذَا الصُّحُفُ نُشِرَتْ ﴿۱۰﴾

ته ڪهڙي ڏوهه ڪري ماري وئي؟ ۽ جڏهن عملناما پکيڙيا ويندا،

وَإِذَا السَّمَاءُ كُشِطَتْ ﴿۱۱﴾ وَإِذَا الْجَحِيمُ سُعِّرَتْ ﴿۱۲﴾

۽ جڏهن آسمان ڇليو ويندو، ۽ جڏهن دوزخ ٻاريو ويندو.

وَإِذَا الْجَنَّةُ أُزْلِفَتْ ﴿۱۳﴾ عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّا أَحْضَرَتْ ﴿۱۴﴾

۽ جڏهن بهشت ويجهو ڪيو ويندو، تڏهن ڄاڻندو هر ماڻهو جيڪي عمل آندائين.

Undomesticated beasts will be brought together under man's control This is happening now in zoos

فَلَآ أُقْسِمُ بِالْخُنَّسِ ﴿١٥﴾ الْجَوَارِ الْكُنَّسِ ﴿١٦﴾ وَالَّيْلِ

پوءِ قسم آهي پُٺتي هٽندڙن ، سڌو هلندڙن لڪندڙ تارن جو، قسم آهي رات جو

إِذَا عَسْعَسَ ﴿١٧﴾ وَالصُّبْحِ إِذَا تَنَفَّسَ ﴿١٨﴾ إِنَّهُ لَقَوْلُ

جڏهن اوندهه ٿي ڪري، ۽ صبح جو جڏهن پڌرو ٿئي ، تہ بيشڪ اهو ڪلام آهي

رَسُولٍ كَرِيمٍ ﴿١٩﴾ ذِي قُوَّةٍ عِنْدَ ذِي الْعَرْشِ

قاصد ڀلي جو ، جو طاقتور آهي عرش جي مالڪ (الله) وٽ

مَكِينٍ ﴿٢٠﴾ مُطَاعٍ ثَمَّ أَمِينٍ ﴿١١﴾ وَمَا صَاحِبُكُمْ

وڏي عزت وارو، مڃيو وارو آهي اتي امانت وارو آهي. ۽ نہ آهي صاحب اوهانجو (محمد صلي الله عليه وسلم)

بِمَجْنُونٍ ﴿٢٢﴾ وَلَقَدْ رَاٰهُ بِالْأُفُقِ الْمُبِينِ ﴿٢٣﴾ وَمَا هُوَ

ديوانو. ۽ البت ڏٺائين انکي اڀ جي ڪناري چٽي تي. ۽ نہ آهي اهو

عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِينٍ ﴿٢٤﴾ وَمَا هُوَ بِقَوْلِ شَيْطٰنٍ

ڳجهي خبر تي بخيلي ڪندڙ. ۽ نہ آهي اهو ڪلام ڪنهن شيطان

رَجِيمٍ ﴿٢٥﴾ فَأَيْنَ تَذْهَبُونَ ﴿٢٦﴾ إِنْ هُوَ إِلَّا ذِكْرٌ

تڙيل جو ، پوءِ ڪيڏانهن ٿا وڃو. نہ آهي مگر اها سمجهاڻي آهي

لِّلْعٰلَمِينَ ﴿٢٧﴾ لِمَنْ شَآءَ مِنْكُمْ أَنْ يَّسْتَقِيمَ ﴿٢٨﴾ وَمَا

جهان وارن لاءِ، انهيءَ لاءِ جيڪو گهري توهان مان تہ سڌو هلي. ۽ نہ

تَشَآءُونَ إِلَّآ أَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِينَ ﴿٢٩﴾ ع ١ ٢٩ ٢

ٿا گهرو، مگر جيڪي گهري الله پالڻهار جهانن جو.

سُوۡرَةُ الۡاِنۡفِطَارِ مَكِّيَّةٌ | بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ | وَهِيَ تِسۡعَ عَشۡرَةَ اٰيَةً

سورة انفطار مڪي آهي | شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان | ۽ اها اُڻيهه آيتون آهي.

إِذَا السَّمَآءُ انۡفَطَرَتۡ ۝١ وَإِذَا الۡكَوَاكِبُ انۡتَثَرَتۡ ۝٢

جڏهن آسمان ڦاٽندو، ۽ جڏهن تارا ڇڻي پوندا،

وَإِذَا الۡبِحَارُ فُجِّرَتۡ ۝٣ وَإِذَا الۡقُبُوۡرُ بُعۡثِرَتۡ ۝٤ عَلِمَتۡ

۽ جڏهن سمنڊ اُٿل ڪائيندو، ۽ جڏهن قبرون اکيڙيون وينديون، تڏهن جاڻي وٺندو

نَفۡسٌ مَّا قَدَّمَتۡ وَأَخَّرَتۡ ۝٥ يٰۤأَيُّهَا الۡاِنۡسَانُ مَا

سڀ ڪو جيڪي اڳتي موڪليائين يا رهائي آيو، اي انسان ڪنهن

غَرَّكَ بِرَبِّكَ الۡكَرِيۡمِ ۝٦ الَّذِيۡ خَلَقَكَ فَسَوّٰىكَ

ٺڳيو توکي پنهنجي رب ڪريم کان؟ جنهن پيدا ڪيو توکي پوءِ سنئون ڪيائين توکي

فَعَدَلَكَ ۝٧ فِيۡۤ أَيِّ صُوۡرَةٍ مَّا شَآءَ رَكَّبَكَ ۝٨ كَلَّا

پوءِ برابر ڪيائين توکي، جهڙي شڪل ۾ چاهيائين جوڙيائين توکي. خبردار

بَلۡ تُكَذِّبُوۡنَ بِالدِّيۡنِ ۝٩ وَإِنَّ عَلَيۡكُمۡ لَحٰفِظِيۡنَ ۝١٠

پر توهان ڪوڙو ٿا ڀانيو حساب ڏيڻ کي، ۽ بيشڪ توهان تي سنڀاليندڙ آهن،

كِرَامًا كَاتِبِيۡنَ ۝١١ يَعۡلَمُوۡنَ مَا تَفۡعَلُوۡنَ ۝١٢ إِنَّ الۡأَبۡرَارَ

ڀلارا عملن لکڻ وارا، اهي ڄاڻن ٿا جيڪي ڪريو ٿا. بيشڪ نيڪوڪار

لَفِيۡ نَعِيۡمٍ ۝١٣ وَإِنَّ الۡفُجَّارَ لَفِيۡ جَحِيۡمٍ ۝١٤ يَصۡلَوۡنَهَا

جنت ۾ هوندا، ۽ بدڪار دوزخ ۾ هوندا، گهڙندا ان ۾

ع ١ ١٩ ٧ الربع

يَوْمَ الدِّيْنِ ﴿١٥﴾ وَمَا هُمْ عَنْهَا بِغَآئِبِيْنَ ﴿١٦﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ

حساب جي ڏينهن. ۽ نه هوندا ان کان لڪي ويندڙ. (اي نبي) ۽ ڇا خبر توکي

مَا يَوْمُ الدِّيْنِ ﴿١٧﴾ ثُمَّ مَآ اَدْرٰىكَ مَا يَوْمُ الدِّيْنِ ﴿١٨﴾

ته ڇا آهي حساب جو ڏينهن، وري (ٻڌ) ڇا خبر توکي ڇا آهي حساب جو ڏينهن.

يَوْمَ لَا تَمْلِكُ نَفْسٌ لِّنَفْسٍ شَيْئًا ؕ وَالْاَمْرُ

جنهن ڏينهن نه ڪري سگهندو ڪوئي ڪنهن لاءِ ڪجهه به، ۽ حڪم

سُوْرَةُ الْمُطَفِّفِيْنَ مَكِّيَّةٌ يَوْمَئِذٍ لِّلّٰهِ ﴿١٩﴾ وَهِيَ سِتٌّ وَّثَلٰثُوْنَ اٰيَةً

سورة تطفيف مڪي آهي ان ڏينهن الله جو هوندو. ۽ اها ڇٽيهه آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَيْلٌ لِّلْمُطَفِّفِيْنَ ﴿١﴾ الَّذِيْنَ اِذَا اكْتَالُوْا عَلَى

تباهي آهي تور ماپ ۾ کوٽ ڪندڙن لاءِ، اهي جڏهن مَئي وٺن ٿا

النَّاسِ يَسْتَوْفُوْنَ ﴿٢﴾ وَاِذَا كَالُوْهُمْ اَوْ وَّزَنُوْهُمْ

ماڻهن کان ته پورو ٿا وٺن، ۽ جڏهن ماپي ٿا ڏين انهن کي يا تور ڪري

يُخْسِرُوْنَ ﴿٣﴾ اَلَا يَظُنُّ اُولٰٓئِكَ اَنَّهُمْ مَّبْعُوْثُوْنَ ﴿٤﴾

ته گهٽ ٿا ڏين. ڇا نه ٿا خيال ڪن اهي ته ضرور کين اُٿاريو ويندو.

لِيَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿٥﴾ يَوْمَ يَقُوْمُ النَّاسُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦﴾

ڏينهن وڏي ۾، جنهن ڏينهن بيهندا ماڻهو رب العالمين جي آڏو.

كَلَّآ إِنَّ كِتٰبَ الْفُجَّارِ لَفِيْ سِجِّيْنٍ ۝٧ وَمَآ أَدْرٰىكَ

خبردار بيشڪ بندي بدڪارن جي سجين ۾ آهي. ۽ ڇا خبر توکي

مَا سِجِّيْنٌ ۝٨ كِتٰبٌ مَّرْقُوْمٌ ۝٩ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ

ته ڇا آهي سجين. اهو آهي دفتر لکيل. تباهي آهي تنهن ڏينهن

لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ۝١٠ الَّذِيْنَ يُكَذِّبُوْنَ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ۝١١

ڪوڙي ڪندڙن لاءِ، اهي ڪوڙو ٿا ڪن ڏينهن انصاف جي کي.

وَمَا يُكَذِّبُ بِهٖٓ إِلَّا كُلُّ مُعْتَدٍ أَثِيْمٍ ۝١٢ إِذَا تُتْلٰى

۽ نه ٿو ڪوڙو ڪري ان کي مگر هر حد لتاڙيندڙ ڏوهاري، جڏهن پڙهي ٻڌائجن ٿيون

عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا قَالَ أَسَاطِيْرُ الْأَوَّلِيْنَ ۝١٣ كَلَّا بَلْ

ان کي آيتون اسانجون چئي ٿو اهي آهن آکاڻيون اڳين جون. ائين نه آهي پر

رَانَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ۝١٤ كَلَّآ إِنَّهُمْ

ڪٽ ڪئي آهي انهن جي دلين تي سندن ڪرتوتن. خبردار بيشڪ اهي

عَنْ رَّبِّهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّمَحْجُوْبُوْنَ ۝١٥ ثُمَّ إِنَّهُمْ لَصَالُوا

پنهنجي پاليندڙ کان تنهن ڏينهن روڪيل هوندا. پوءِ اهي داخل ٿيندا

الْجَحِيْمِ ۝١٦ ثُمَّ يُقَالُ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ۝١٧

دوزخ ۾. پوءِ چيو ويندو هي اهو آهي جنهن کي توهان ڪوڙو ڀانئيندا هئا.

كَلَّآ إِنَّ كِتٰبَ الْأَبْرَارِ لَفِيْ عِلِّيِّيْنَ ۝١٨ وَمَآ أَدْرٰىكَ

خبردار بيشڪ عملنامو ڀلن ماڻهن جو عليين ۾ آهي. (اي نبي) ۽ ڇا خبر توکي

مَا عِلِّيُّوْنَ ﴿۱۹﴾ كِتٰبٌ مَّرْقُوْمٌ ﴿۲۰﴾ يَّشْهَدُهُ الْمُقَرَّبُوْنَ ﴿۲۱﴾

ته ڇا آهي عليون. اهو آهي دفتر لکيل، جو ڏسن ٿا ان کي ويجها فرشتا.

اِنَّ الْاَبْرَارَ لَفِيْ نَعِيْمٍ ﴿۲۲﴾ عَلَى الْاَرَآئِكِ

بيشڪ فرمانبردار هوندا جنت ۾، پلنگن تي ويٺا

يَنْظُرُوْنَ ﴿۲۳﴾ تَعْرِفُ فِيْ وُجُوْهِهِمْ نَضْرَةَ النَّعِيْمِ ﴿۲۴﴾

ڏسندا، تون سمجهي وٺندين انهن جي چهرن تي تازگي آرام جي.

يُسْقَوْنَ مِنْ رَّحِيْقٍ مَّخْتُوْمٍ ﴿۲۵﴾ خِتٰمُهٗ مِسْكٌ ۚ وَ

انهن کي پيارو ويندو مشروب مهر لڳل، جنهن تي مهر هوندي مشڪ جي، ۽

فِيْ ذٰلِكَ فَلْيَتَنَافَسِ الْمُتَنَافِسُوْنَ ﴿۲۶﴾ وَمِزَاجُهٗ مِنْ

ان ۾ پيل ته چاهه ڪن چاهيندڙ. ۽ ان ۾ ملاوٽ آهي

تَسْنِيْمٍ ﴿۲۷﴾ عَيْنًا يَّشْرَبُ بِهَا الْمُقَرَّبُوْنَ ﴿۲۸﴾ اِنَّ

تسنيم، اهو چشمو آهي جو پيئندا ان مان قرب وارا. بيشڪ

الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا كَانُوْا مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يَضْحَكُوْنَ ﴿۲۹﴾

ڏوهاري (دنيا ۾) ايمان وارن تي کلون ڪندا هئا.

وَاِذَا مَرُّوْا بِهِمْ يَتَغَامَزُوْنَ ﴿۳۰﴾ وَاِذَا انْقَلَبُوْٓا اِلٰٓى

۽ جڏهن لنگهندا هئا انهن وٽان پاڻ ۾ اکيون هڻندا هئا. ۽ جڏهن موٽندا هئا

اَهْلِهِمُ انْقَلَبُوْا فَكِهِيْنَ ﴿۳۱﴾ وَاِذَا رَاَوْهُمْ قَالُوْٓا اِنَّ

پنهنجي گهر ته ايندا هئا ٽڙندا، ۽ جڏهن ڏسندا هئا انهن کي چوندا هئا ته

هٰٓؤُلَآءِ لَضَآلُّوْنَ ﴿٣٢﴾ وَمَآ اُرْسِلُوْا عَلَيْهِمْ حٰفِظِيْنَ ﴿٣٣﴾

اهي پڪ ڀٽڪندڙ آهن، حالانڪ نه موڪليا ويا هئا انهن تي نگهبان ڪري.

فَالْيَوْمَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنَ الْكُفَّارِ يَضْحَكُوْنَ ﴿٣٤﴾

سو اڄ اهي مومن انهن منڪرن تي کلن ٿا،

عَلَى الْاَرَآئِكِ يَنْظُرُوْنَ ﴿٣٥﴾ هَلْ ثُوِّبَ الْكُفَّارُ

پلنگن تي ويٺا ڏسن ٿا. اڄهو بدلو ڏنو ويو ڪافرن کي

سُوْرَةُ الْانْشِقَاقِ مَكِّيَّةٌ | مَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿٣٦﴾ | وَهِيَ خَمْسٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً

سورة انشقاق مڪي آهي | ان جو جيڪي ڪندا هئا. | ۽ اها پنجويهه آيتون آهي.

ع ١ ٣٦ ٨

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اِذَا السَّمَآءُ انْشَقَّتْ ﴿١﴾ وَاَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَحُقَّتْ ﴿٢﴾

جڏهن آسمان چيريو ويندو ۽ ڪن ڏيندو پنهنجي رب ڏي ۽ اهو حق اٿس،

وَاِذَا الْاَرْضُ مُدَّتْ ﴿٣﴾ وَاَلْقَتْ مَا فِيْهَا وَتَخَلَّتْ ﴿٤﴾

۽ جڏهن زمين پکيڙي ويندي. ۽ اڇليندي جيڪي ان ۾ آهي ۽ خالي ٿيندي.

وَاَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَحُقَّتْ ﴿٥﴾ يٰٓاَيُّهَا الْاِنْسَانُ اِنَّكَ

۽ ڪن ڏيندي پنهنجي رب ڏي ۽ اهو حق اٿس. اي انسان بيشڪ تون

كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ كَدْحًا فَمُلٰقِيْهِ ﴿٦﴾ فَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ

جاکوڙ ڪندڙ آهين پنهنجي رب ڏانهن گهڻي پورهئي سان ملندين. پوءِ جنهن کي ڏنو ويو

Al - Qura'n Al-Kareen By: Hazarat Moulana Abdul Kareem Qureshi (Beer-Sharif) .

كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ ۙ﴿۷﴾ فَسَوْفَ يُحَاسَبُ حِسَابًا يَّسِيْرًا ۙ﴿۸﴾

سندس عملنامو ساڄي هٿ ۾، پوءِ جلد کيو ويندو ان سان حساب سولو.

وَّيَنْقَلِبُ اِلٰٓى اَهْلِهٖ مَسْرُوْرًا ؕ﴿۹﴾ وَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ

۽ موٽندو پنهنجي گهر ڏانهن خوش ٿي. وري جنهنکي ڏنو ويو

كِتٰبَهٗ وَرَآءَ ظَهْرِهٖ ۙ﴿۱۰﴾ فَسَوْفَ يَدْعُوْا ثُبُوْرًا ۙ﴿۱۱﴾ وَّ

سندس عملنامو پٺيءَ پويان، اهو تڪڙو پڪاريندو موت کي، ۽

يَصْلٰى سَعِيْرًا ؕ﴿۱۲﴾ اِنَّهٗ كَانَ فِىْٓ اَهْلِهٖ مَسْرُوْرًا ؕ﴿۱۳﴾ اِنَّهٗ

داخل ٿيندو دوزخ ۾. بيشڪ اهو هئو پنهنجي گهر ۾ خوش. انهيءَ

ظَنَّ اَنْ لَّنْ يَّحُوْرَ ﴿۱۴﴾ بَلٰٓى ۛۚ اِنَّ رَبَّهٗ كَانَ بِهٖ بَصِيْرًا ؕ﴿۱۵﴾

ڀانيو ٿي ته هرگز نه موٽندو، هائو، بيشڪ سندس رب ان کي ڏسندڙ آهي.

ع عند المتأخرين ۱۲

فَلَآ اُقْسِمُ بِالشَّفَقِ ۙ﴿۱۶﴾ وَالَّيْلِ وَمَا وَسَقَ ۙ﴿۱۷﴾

پوءِ قسم آهي شفق جو، قسم رات جو ۽ جنهن تي ڇانئجي ٿي،

وَالْقَمَرِ اِذَا اتَّسَقَ ۙ﴿۱۸﴾ لَتَرْكَبُنَّ طَبَقًا عَنْ طَبَقٍ ؕ﴿۱۹﴾

قسم چنڊ جو جڏهن ڪامل ٿئي، ته اوهان ضرور چڙهندؤ هڪ حال کان ٻئي حال تي.

فَمَا لَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۙ﴿۲۰﴾ وَاِذَا قُرِئَ عَلَيْهِمُ الْقُرْاٰنُ

پوءِ ڇا ٿيو آهي انهنکي جو ايمان نٿا آڻين، ۽ جڏهن پڙهجي ٿو مٿن قرآن

السجدة ۱۳

لَا يَسْجُدُوْنَ ۩﴿۲۱﴾ بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُكَذِّبُوْنَ ۫ۖ﴿۲۲﴾

ته نه سجدو ٿا ڪن. هندو ڪافر ڪوڙو ٿا ڄاڻن.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا يُوْعُوْنَ ﴿٢٣﴾ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ

۽ الله گھڻو ڄاڻي ٿو جيڪي دل ۾ ٿا سانڍين. پوءِ خبر ڏي انھن کي عذاب

اَلِيْمٍ ﴿٢٤﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ

ڏکوئيندڙ جي، پر جن شخصن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا تن لاءِ

سُوْرَةُ الْبُرُوْجِ مَكِّيَّةٌ | اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ﴿٢٥﴾ | هِيَ اِثْنَتَانِ وَعِشْرُوْنَ اٰيَةً ع ١ ٢٥ ٩

